# هُو ڏوٿِي هُو ڏينهَن

سيد حسام الدين راشدي

نيو فيلڊس پبلڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
2002ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبلڪيشن جو ڪتاب نمبر ٻه سئو پنجيتاليهه

چپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.

ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو

پهريون ايڊيشن: آڪٽوبر 1977ع

ٻيو ايڊيشن: مارچ 2002ع

قيمت: [redacted]/- روپيا

500



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


---


"HOO DOTHI HOO DEEHN" (MEN AND MATTERS) Autobiographical Notes in Sindhi. Written By: SAYYED HUSSAMAUDDIN RASHDI. Published By New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition October 1977. Second Edition March 2002.
Price Per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 245

---

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن آڪٽوبر 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان شايع ڪيو ويو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انتساب

سونهاريءَ سنڌ جي قدمن ۾

سچــل کــي ســيني ۾ سدا آهہ صنم
ڪونهيس پيو ڪم، پٽر جي پوڄا ٻنا.
ـ سچل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

... گهڻي عرصي کان سيد حسام الدين راشدي جو ڪتاب 'هو ڏوتي هو ڏينهن' آئوٽ آف پرنٽ هو. اسان ان کي ٻيهر ڇپائڻ لاءِ سائين پير حسين شاهه راشدي کي پنهنجي خواهش ڏيکاري ۽ زور پريو ته پاڻ ان کي ڇپڻ جي اسان کي اجازت ڏين. (جيئن سائينءَ جن پير علي محمد راشدي صاحب جا ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' نئي جلد ڇپڻ جي اجازت ڏني هئي) سائينءَ جن اسان کي خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ ڪتاب کي ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. سندن خواهش جو احترام ڪيو ويو آهي. اميد ته پڑهندڙن کي ڪتاب جي ڇپائي، گيٽ اپ ۽ ٽائيٽل وغيره پسند ايندو.

**ادارو**

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سيد حسام الدين راشدي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست


ـ مهاڳ ...... ...... ..... ..... ..... صفحو 35

(1)

ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خط ـ منيلا ۾ ”نياز“ مرحوم جي لاڏاڻي جو اطلاع ـ اديب مشترڪ ملڪيت ٿين ٿا ـ ”نياز“ هڪ عهد جي نشاني هو، جيڪو عهد سنڌ جي جوڀن جو آئينه دار هو. ص 47

ـ لاڙڪاڻو ساهه سباڻو ـ زميندارن ۽ وڏيرن جو معاشرو ـ عروج ۽ اقبال منديءَ جي انتها ـ انهي بلنديءَ جي پستي ـ لاڙڪاڻي ضلعي جا برک زميندار، جن تي لٽو اُپريو ٿي . ص 48

ـ اميرن وٽ غريبن ۽ مجبورن جا ميڙا ـ فيصلا ـ خان صاحب حيدربخش جتوئي ـ ڪامريڊ عبدالقادر ـ غربت، ذلت، پستيءَ جو شعور ۽ احساس پيدا ڪونه ٿيو هو. ص 49

ـ زميندارن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي ـ ڪچهريون ـ نواب حاجي امير علي خان لاهوري ـ سر شاهنواز ڀٽو ـ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر ـ لوڪل بورڊ ـ شوداساڻي ـ ديوان پرتاب راءِ ـ تولاڻي پائر ـ ديوان ڪندن سنگهه لاهوري ـ سولا هئٽ ـ لٽ ـ سر پٽي جي دلچسپ رهاڻ. ص 50

ـ خانبهادر کهڙو ـ امير غريب جي آمدرفت ـ ڪم ڪرڻ ۽ ڪتب اچڻ ـ سفارشي خط ۽ آرٽي موڙهئي جي مدد ـ قاضي نور محمد ـ زمينداري بئنڪ ـ حڪيم محمد عالم ـ نظر علي خان ـ محمد حنيف صديقي ـ راشدي صاحب ـ مسلمان ڪامورن جو لِڪي اچڻ ـ قومي مسئلا ـ قاضي فضل الله ـ خدا داد سرهيو ـ سيد نور محمد شاهه بقاپوري ـ امام بخش ماهوٽو ـ شير محمد خان ابڙو ـ خانبهادر علي حسن هڪڙو . ص 51

ـ خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ ـ راڄوٽي فيصلا ـ لاڙڪاڻي جو شهر ـ شاهي بازار ـ سيئو بازار ـ نواب واحد بخش ڀٽو ـ ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جا حوالدار ۽ خانساما ـ دوارڪاداس ۽ نانڪرام بندوقن وارا ـ چانڊومل جو دڪان ـ سيئو بازار ڪان جيلس بازار جو صورتحال ـ دوستن يارن جا ڪٽڪ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چاشنيون، زردا، ڪوفتا ۽ شبينا، پلاوَ ۽ پونا ـ پيڻ جا ڪٽڪ ـ نوابي ڏيک ويک ـ ننڍي ضلعي جي زمين ـ گهوڙن مصرن جا پاڻي پيتا. ص 53

ـ دوستيون ـ ننگ ڍنگ ـ دوستن جو آڌر ڀاءُ ـ ريجهہ رهاڻ ـ دوستن جا دوست ـ پڳ مٽ ياري ـ سياست اهي اقدار ختم ڪيا ـ وعدا، ڌوڪا، ٺڳيون، ڪوڙ ۽ ڪپت ـ خانبهادر الهہ بخش جي شهادت ـ غلام حسين پٺي جو ۽ کهڙو غلام حسين جو مدمقابل ـ قاضي ۽ کهڙي جي رقابت ـ وير وڌ، دوستيءَ جي جاءِ تي دشمني، دوکا ۽ دولاب ـ مردود قوم ـ شاندار ماضي ۽ روايتن جو خاتمو. ص 56

ـ قومي ليڊر ڪوبہ ڪونہ ٿيو ـ قوم ۽ قومي يا ملڪي تعمير جو مفهوم ـ چند مفروضا ـ هندن جو هاٿُو ـ ڪامورا ـ نوڪريون ـ لکين ايڪڙ زمين ـ لکن جون آمدنيون شخصي عياشيءَ تي صرف ڪرڻ ـ قومي ڪمن يا تحريڪن تي هڪ پائي بہ زميندارن خرچ ڪانہ ڪئي ـ آفيسرن جي شڪارن، منزلن ۽ رسائين تي اصراف ـ خطابن حاصل ڪرڻ لاءِ هرج خرچ پرڻ ـ مسلمان زميندارن جي مقابلي ۾ هندو سرمايہ دارن جو قومي تعمير تي خرچ ڪرڻ ـ تعليم ـ اسڪول ـ ڪاليج ـ عام فائدي جا ڪم ـ خيراتي اسپتالون ـ سنڌ جي اڏاوت مسلمان زميندارن نہ ڪئي، سنڌ کي هندن ناهيو، اڏيو ۽ سنواريو- حسن علي آفندي، نور محمد وڪيل، مير غلام محمد، عبدالرحيم شاهہ، حاجي سر عبدالله هارون ۽ تعليمي ڪوششون ـ زميندارن چاٽي واٽي مسلمانن جي پڙهائڻ کان گريز ڪيو، جيئن وچولو طبقو پيدا ٿي سندن لاءِ خطرو پيدا نہ ڪري ـ غريب پل غريب رهن ـ زميندارن جي عياشيءَ جا اڏا ۽ محل ماڙيون ڇاڻ پٽ پيا ـ سندن نالي ڪٿڻ وارو بہ ڪونہ ليندو. ص 58

ـ لاڙڪاڻي جا وڪيل ـ ديوان گوبندرام سيوهاڻي ـ ديوان لالچند نولراءِ ـ ديوان پيسو مل ـ صوبراج ـ جوتو مل پنجوديرائي وغيره وغيره ـ ديوان گوبندرام جو ڪردار ـ ڪتو منشي ـ اصيلن جي چنچري لاهڻ ـ فقير محمد جعفري ـ محمد حنيف صديقي ـ غلام محمد عباسي ـ ڪامريڊ علي محمد عباسي ـ خير محمد سولنگي ـ پير الاهي بخش ـ قاضي فضل الله ـ علي گوهر خان پنو بئريسٽر ـ جان محمد جوڻيجو بئريسٽر ـ خانبهادر يار محمد جوڻيجو ـ مسٽر رحيم بخش ابڙو ـ ڪورٽون ـ مسلمان جوابدار ـ وڏيرا ۽ قرض ـ سول ڪورٽون ـ هندن جون بنديون. ص 62

ـ حنيف صديقي ـ مائي ڇتي ـ وسايو ڪنجر ـ مهرو خان جوڻيجو ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الهه وسايو ـ الهه وسايو خان ـ ڏڦيڙي ـ ”مسٽر حنيف خان! ’ اخ ٿو!!‘“ ـ رت ۾ رات . ص 63
ـ هندو ليڊر ۽ قومي شيواداري ـ ديوان پرتاب راءِ ـ رام بي. موتوائي ـ ريجهو مل لاهوري ـ ڊاڪٽر پوهو مل ـ نهچلداس همتسنگاڻي ـ زمينداري بئنڪ ـ زميندارن تي قرض ـ منهنجي نوڪري. ص 66
ـ مسلمان ڪامورا ـ شڪارپور ـ ڪاٽ پاٽ ـ مرحوم نواز علي ’نياز‘ ـ غلام علي جعفري ـ ’خادم‘ لاڙڪاڻوي ـ غلام علي ’مسرور‘ ـ چيف آفيسر محمد سومار. ص 66
ـ لاڙڪاڻي شهر جي رونق ـ هوٽلون ـ سوڊا لمليٽ ـ ليمن ـ راسبري ـ ڪيوڙو ـ موتيو ـ ڦڪڙ جي هوٽل ـ خالص ڪاڏو ـ خدا رسول جو خوف ـ مرحوم حاجي چٽل جو دڪان ـ حاجي محمد درزي ـ ڪمن درزي ـ سوٽ ڪوٽ جو رواج ـ فيلٽ هٽ ـ سولاهٽ. ص 67
ـ مسلمان ڏندان سازن جا دڪان ـ ٻہر جي ڏندڻ جون ويڙهيون ـ گل محمد ۽ محمد اسلم ـ جهنگ جو خيال. لوٽو هٽ ۾ ـ ڪارتوسن ۽ بندوقن جا دڪان ـ نانڪرام ۽ دوارڪاداس ـ زميندارن جي خريداري ـ سياري جي موسم ۽ شڪار ـ آفيسرن جون منزلون ـ ماڻهن تي مارو ـ چيڙ ـ ٻاريون ضبط ـ ڪڙمين سان عقوبتون. ص 69
ـ ادبي ماحول ـ شعر ۾ لاڙڪاڻي جي مرڪزيت ـ حيدرآباد کان پوءِ لاڙڪاڻو ـ مشاعرا ـ ڦليچ ـ سانگي ـ گدا ۽ عبدالمجيد صديقي ـ خلافت تحريڪ ـ جان محمد جوڻيجو ـ هجرت تحريڪ ـ تراب علي شاهه ـ مهاتما گانڌي ـ مولانا شوڪت علي ـ مولانا محمد علي ـ ڊاڪٽر ڪچلو ـ ابوالڪلام آزاد ـ جلسا جلوس، نعرا ـ فقير علي محمد قادري ـ ”الحقيقت“ اخبار ـ خادم لاڙڪاڻوي ـ غلام سرور فقير ـ نواز علي ’نياز‘ ـ منهنجي شاعري ۽ شاگردي. ص 70
ـ بي گوند رائي، بي فڪري ـ هوائي جهاز ـ خانبهادر کهڙي جي سواري ـ هوائي جهاز جو پهريون آواز. ص 73
ـ ”الوحيد“ هفتيوار اخبارون ـ ”الحقيقت“ ـ نواب امير علي لاهوري ـ ”لاڙڪاڻہ گزيٽ“ ـ تهلرام تلريجا ـ اڳٺ هٽ ۾ سيٺو بازار جو سير ـ پريس کان حاجي محمد جي دڪان تائين ـ ڪمن درزي ـ ”عالمگير“ اخبار ـ قاضي غلام نبي ـ قسمت چڳاڻي ـ ”ايڪتا“ اخبار ـ محمد حنيف سان دوستي ـ پير

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الاهي بخش جي وزارت ـ ديوان قسمت راءِ چڳاڻي ـ ڪامورن جا ڪتڪ دروازي تي ـ پير الاهي بخش جي اخبار "شمشير اسلام". ص 74

ـ لاڙڪاڻي جو مشاعرو. علي محمد قادريءَ جي اوطاق ـ انجمن ترقي اردو ـ مير مقبول خان ـ مير ايوب خان ـ غلام محمد نظاماڻي ـ لفظي صنعت گري ۽ رعايت لفظي ـ غزل گوئيءَ جي صورتحال ـ اردوءَ تان چوري ـ ٽالپر حڪمران ـ واجد علي شاهه ـ مٽيا برج ـ عبدالحليم شرر. اردو غزل جي سنڌ ۾ آمد ـ عبدالحسين سانگي ـ گدا شاهه ـ آتش ـ ناسخ ـ مخدوم خليل ٺٽوي ـ مصرح طرح ـ سنڌي غزل گوشاعرن جو ذهني افلاس ـ لکنو جا طوائف خانا يا ايران جا ميخانا. سنڌي ذهن غزل قبول نه ڪيو. ص 75

ـ ڏوهيڙو ـ شاهه جو رسالو، گربخشاڻي مرحوم ـ ڪامورن جي ذريعي رسالي جو نيڪال ـ شاهه جو ميلو. غريبن جي تفريح ـ وڏن ماڻهن جو دخل ـ اميرن ۽ وزيرن جي آمد ـ سرڪاري ميلو ـ عملدارن جون ڪيمپان ـ حاڪمن جا گفتا ـ جي ايم سيد ـ دريا خان دولهه ـ جتوئي ـ عبدالمجيد ـ دل جا چاڪ چڪيا ـ مهرامات تي ويا. ص 77

ـ قليچ بيگ ـ ڊاڪٽر دائودپوٽو ـ "شاهه جو رسالو". "شاهه ڪريم جو رسالو" ـ دين محمد وفائي ـ شاهه کي سمجهڻ وارا ـ ڪاڪو چيتمل پرسرام ـ "شاهه جون آڪاڻيون" ـ پروفيسر شاهاڻي ـ "بلو کوکر". "نورجهان" ـ "لنواريءَ جا لال" ـ پيرومل مهر چند ـ لالچند امر ڏنو مل ـ نثر نويسيءَ جو ڪمال ـ هندن کي شعر چوڻ ڏانءُ نه آيو ـ ڪشنچند "عزيز" ـ سنڌيءَ جا نيٺ شاعر ـ مولوي ٺٽائي ـ غلام رسول جتوئي ـ علي نواز علوي ـ ٻيڙو فقير. مولانا همايوني ـ غمدل فقير ـ ڪي ڪافيون ـ هڪڙي جو تتبع ـ صالح شاهه ـ معشوق شاهه ـ مولانا همايونيءَ جي ڪافي. ص 80

ـ پيرل فقير، حاجي خاڻ، اميد علي شاهه، خوش خير محمد، مصري شاهه. "خوش ٿو گذارين منهنجا مٺا" ـ "مٺا ماڻهو اسان ڪان چو مٺي منهڙو رهيا ويهي!" ـ "الهه آئينديءِ اڱڻ اسان جي، حال جا محرم سوڊل سياڻا!" ـ ڏاڏو مرحوم ڪافي چئي پاڻ به روئندو هو، اسان کي به روئاريندو هو. "حاجي خاڻ حب جي پيتم ڪيف ڪڙي" ـ "جن جي هٿئون ويڙا پرين، تن ڪئون" پڇو سڌ سور جي" ـ " خواب لذم ته اباڻي آهيان، عمر اجوڪڙي رات!" آيو عيب اباڻن تي، چام عمر مون نه چائي..." ص 83

ـ سچل سائينءَ جو ڪلام ـ هزارين هندو درازن جي درگاهه جا مريد ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صوفي فقيرن جا جٿا چيڙيون جهلي، چيريون وجهي... نچندا، ڳائيندا هئا ـ لونءِ ڪاندراجي ويندي هئي ـ "ڳليءَ ڳليءَ تي ڳوليان، جهاتيون پايان"ـ "واٽ وندر جي ڪو ڏسي..." ـ "پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذاتي سڏايان!" ـ" ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله"ـ "ڪيچئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون! منهنجو جيئڙو جهڄي ٿو"ـ "او، ڇو تيون مون کي جهليو، پرين ڏنهن ڙي جيڏيون!" ـ "نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون! ڪاڏي وڃان!"ـ اهي زمانا ويا، اُهي ڳائيندڙ ... اُهي ٻڌندڙ بہ وڃائي ويران ڪري ويا.

ص 86

ـ سئنيمائون ڪونہ نڪتيون هيون ـ پارسين جون ٿئٽريڪل ڪمپنيون ـ زنده ايڪٽر ۽ ڊراما ـ ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ڪئپيٽل هال ـ ٻهرين خاموش ۽ پوءِ ٽاڪي فلمون 30-1931ع کان پوءِ آيون ـ رڪارڊن ذريعي گانا، جن ذوق جي صحت کي ختم ڪيو ـ ٽين جي توتاري وارا هز ماسٽرس وائس فونا۔'ڪنگٽيءَ وانگر گول رڪارڊ، ٿالهي قسم جا رڪارڊ ـ ڪنگٽي رڪارڊ تان اصلوڪو گانو لاهي، اُتي جو اُتي پنهنجو گانو پاڻ ڳائي چاڙهڻ ـ محمد حسن نگيني واري جا پڪا گانا۔ گوهر جان آگري واريءَ جا غزل ـ ڀائي فيض امرتسري ـ ڀائي چيلو پٽيالي والو ـ ماسٽر لبُو ـ سنڌين فونا عام طرح ان وقت خريد ڪيا، جڏهن ڀائي ڪنور رام جا رڪارڊ بازار ۾ آيا۔ مائي جيوٽيءَ جو آلاپ :"او! ... ڪنهن نہ جهليا، ڪنهن نہ پليا، هتئون ويم هاڻ... ويراڳي وطن لئي!"پنهنجا راڳ، پنهنجا سُر، اسان جي روح جي راحت ـ پنهنجي زبان جي خوبي ـ هر ڳالهہ، هر شيءِ لاءِ پنهنجو لفظ، پنهنجو نالو ـ "پيچ پنيءَ" جي وقت جي اهميت ـ سهرا ـ چوڏهينءَ جي چانڊوڪي ـ سچيءَ زندگيءَ جا عهد ۽ پيمان ـ ٻاڪ، پرهہ ڦٽي ـ پکي پرنپ واهيرو ڇڏيندو، وڻن ۾ جهرڪين ۽ چيهن جي چون چرڙا، ملان مسجد جو پاسو وٺندو. ڏنار مال چوڙيندا، ڪڙمي هَرُ ڪلهي ڪندا۔ "اغثني يا سيدا، رس يارسول الله تون!"

ص 89

ـ دهقاني دنيا ۾ ڪانوَ جي اهميت ـ سنڌي ادب جو مکيہ ڪردار ـ گهر ـ مائيءَ جو ساٿي: "جيءُ جيءُ ڪيانءِ ڪيانتا! منهنجو ادل اچي ٿو؟" ـ "ڪنڍن سندا ڪير پياريندي سانءِ! منهنجو ابل اچي ٿو!" ـ"سچ ٻڌاءِ ڪير اچي ٿو! منهنجي جيجل امڙ اچي ٿي؟ آيل ماءُ اچي ٿي!" ـ "سوڊا سنديئہ ساءِ، آءُ ويني ڪانگ اُڏائيان!"ـ "آءُ ڪانگا! ڪر ڳالهہ، منن ماروئڙن جي!" ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قاصد، پانڌي، ڪيانتو، ڏاهو، رازن جو رکپال، لاڪيٽو، پاپيهل - سچل جو ڪانگل : ”چهنب سان چٽي ڪا جا ڪانگل ڳالهڙي - پورن منجهہ پٽي، سيڪنهن ائٽ ٿٽو ڪيو!“ ص 92

- پاهراڙيءَ جون ادب پرور محفلون ۽ مجلسون - وٽن جون ٿڏيون چانوان، راتين جون چانڊوڪيون، اوطاقن جا اڱڻ، ڳوٺن جا ڪشادا ميدان - ملهون، ونجهوٽي، اٽي ڏڪر، اک پوٽ، ڪوڏيون ۽ ڇدا، ڪوڏي ڪوڏي - لوهر، ڪنيار، ڊڪڻ - ڳالهيون، قصا ۽ داستان، ڏوهيڙا، ڪافين جا ٽلهہ - ويڙها، اوطاقتون، وستيون - محفلون ۽ شغل - ساوڻ، سرءُ، سيارو - مڇ پيو برندو، ڪانيان ڪديون مڙس وينا هوندا - سگهڙ، ڳالهر - داستان پورو ٿيو تہ خيرات، لنگيون پوتيون - ڪل چرچو - پوڳ ٽڪاءُ - پيرائو پنيرو، ملا لٽر، وتايو فقير. طبيعتن تان سڀ غبار لهي ويندا. ص 102

- مائون پينرون - گهر ڏياٽيون - مٽي ڪنهڻ جي واند نہ - لاڙوين منجهند ڪانپوءِ وچي ساهہ پٽينديون - چار چونڪ ڳالهين جا، وارن کي ويريون ڏينديون، برٽ پريندیون، ان ڇڙينديون، رليون سبنديون - سج لهڻ تي هوندو تہ دلا مٽن تي، کوهہ جي پڳ تي پهچنديون - رازن جون ڳالهيون، دلين جا معاملا، اوڙاپا ۽ سهاپا، ڏکن سورن جا قصا، ڪهاڻيون ۽ پلاٽ . ص 107

- ڪافيون، بيت - مرد معشوق، عورت عاشق - عشق اخلاقي اقدارن کان ٻاهر نہ نڪري - محبت جو مرڪز مڙس، پاءُ، اولاد، پيڪا، اباڻا - پيار جي سچي زبان عورت جي زبان - ”مکڻ ماکي مصري، تنهن کٿون محب مٺو! الا، آرياڻي اوهان نہ ڏٺو!“. وڏي جڳ جون مايون - انهن جون مداحون ۽ معجزا، آکاڻيون ۽ قصا، لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ داستان. ص 108

- نئون تمدن، نئون دور، نئون فيشن - ائٽ ۽ آتڻ ويا، تير تُڪلا بند ٿيا. سُر ۽ ساز نوان - شل نياڻين جي سِر ۽ سَت سلامت رهي. ص 110

- ميندي - عاشق جو رت - غزل گو شاعرن جو معشوق جفاڪار ۽ خوني، عاشق جي خون مان هٿ رنگيندو - غالب جي معشوق جا نُنهن - نظر علي خان مرحوم جو رمارڪ - ٺهڪڙو. ص 113

- عورتن جو گهريلو تمدن - ڳهہ ڳٽا - محبوب جي حسن لاءِ تشبيهون - ”ڏند لاڏل جا ماڻڪ موتي، ڪجل جوڙ بنايو!“ - سهاڳ جي نشاني نٿ - سهرا، مناٽي - نڪ ٽوپڻ، ميندي لائڻ، مڱڻي جو جوڙو- عورت جي چوٽي، ان جو ننگ ۽ احترام - سيند ڏيڻ - جان ويندي، پر سيند جو قسم نہ ٽٽندو-

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سون جي پرکا، سچ ۽ مٺ جو تفاوت. ص 115

- سنڌي عورت ۽ شعر - سهرن جون ڪاريگر مايون: مائي حليمان ۽ مائي ايمنان - هر موقعي، هر مرتبي آهر سهرا ۽ انهن جا سُر- جهمر - چرچا پوڳ ۽ ٺهڪڙا - هائي شاديون، شاديون نہ رهيون - سهرن جي جاءِ تي ناٽڪي رڪارڊ - سهرن جو چا ٿيندو! ص 118

- اسان جو ادب، ڀهراڙيءَ جي پيداوار - ان جي سادگي، سچائي، سونهن، پيار ۽ خود اعتمادي - انسان ۽ قدرت سان هم آهنگي - شهري فضا، ٻناڪ، سفلہ مزاجي ۽ بزدلي - مصنوعي خيال، رڍ چڙهيل ٻولي - غزل گوئيءَ جي شروعات - نور وچايل نيڻ - ڏٺل ۽ اڻ ڏٺل ڳالهہ جو فرق. ص 120

- ”سانگي“ ۽ ”گدا“ - هڪ تي ٻهراڙيءَ جو، فطرت جو ۽ ”شاهہ“ جو اثر، ۽ ٻئي تي درباري ۽ ڏاريو رعب غالب - ”گدا“ جي ٻولي غير مانوس ۽ اڻسونهن لفظن جو انبار - سماجهي سنڌيءَ جو ڪچومر - خسيس خيال، هلڪا جذبا، ٺلهو زبان جو چشڪو، بازاري ڳالهيون - انهن جا مثال - گهڻن ”گونزل گوين“ جا حال هڪجهڙا، سواءِ چند استادن جي، جن غزل گوئيءَ ۾ ”سانگيءَ“ جي روايت قائم رکي ۽ وڌائي - اڄوڪي دور جا ”مسافر“، ”ملاح“، ”گدائي“، ”طالب المولىٰ“، ”اياز“ ۽ ”نياز“ جهڙا - مرحوم ”نياز“ لاڙڪاڻوي انهيءَ سٽ جو ساکي - سنڌي ادب جي اثاثي ۽ ورثي جا شناسا ۽ آئينہ دار. ص 123

- سنڌي غزل جو سنڌي روپ - ”گدا“ جو هڪ ساٿياري، ميان غلام علي سبز پوش ٺٽوي، ”علي“ تخلص ڪندو هو- ”مرتضائي“ ٺٽوي، مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ ٺٽوي، ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي ۽ ٻين جي فارسي ۽ سنڌي غزلن جي تضمين طور سندس سنڌي غزل . ص 130

- لاڙڪاڻي جو مشاعرو - مرحوم علي محمد قادري - اوطاق جو اڱڻ، چٽڪار، موڙا، ڪرسيون، سامهون مرڪزي جاءِ تي ’ڪونچ‘- ”سامعين ڪرام!“ - مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي - ”مڪرر! مڪرر!“، ”ارشاد! ارشاد!“ - ميان پير بخش ”واهہ ! واهہ!“ - نواز علي ”نياز“ سان ڏيٺ ويٺ ”خادم“ لاڙڪاڻوي - غلام علي ”مسرور“ - ميان غلام سرور قادري - ڊاڪٽر حاجي - ميان امام الدين ٽپالي، تخلص ”ضامن“. ص 137

- طنز ۽ مزاح - رئيس شمس الدين ”بلبل“ - محمد هاشم ”مخلص“ - مولوي نظاماڻي - رئيس نجم الدين، ”النجم“ هفتيوار جو ايڊيٽر،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جو نثر از خود مذاق بڻجي پوندو هو ـ هر معاملي تي ”ڏيان طلب“.
جيڪب آباد جو چاچو ”نالي منو“. ص 142

ـ لاڙڪاڻي جا ماڻهو، مشاعري جا شائق ـ موهن جي دڙي جو سپرنٽينڊنٽ بٽ صاحب، غلام محمد وڪيل، پير الاهي بخش، ڪامريڊ علي محمد عباسي، حاجي محمد ٽيلر ماسٽر، محمد چٽل، حڪيم محمد عالم، مريد احمد خان سي. آءِ. ڊي، جيڪو ماڻهن کان وڌيڪ دلين تي جاسوسي ڪندو هو.”واهه ميڏي سائين، واهه! واهه جو آڪيائي!“ ص 144

ـ شهر جي وڏن ماڻهن مان ڪو مشاعري ۾ ڪونہ ايندو هو ـ ڪلهوڪلهي ۾ ڪيئن ڏيئي ويهن! پيو مورثون مجهول ـ هنن جو مشاعرو ڪلٽر، ڪماني ۽ ڪمشنر جي وصف ـ گورنر جي واکاڻ ـ جارج پنجم لاءِ درازيءِ عمر جي دعا ـ باهراريءَ جي وڏيرا شاهيءَ جا مشغلا ـ سُريتان رکڻ، ڪاٺڪو پالڻ، پوليس سان ميل، پستول جي پرواني ۽ ڪرسي نشينيءَ جي تمنا ـ لاڙڪاڻي جي لال بزار ـ قنبر جي ’هاج‘ ڪسبياڻيءَ جو ناچ گانو، جيڪا سنڌي غزل گو شاعرن جي محبوب جي هوبهو تصوير ۽ جنسي مجسمو هئي ـ اُن تصوير جو ذري پرزي ايراني انداز بيان، سنڌن استاد شاعر ”گدا“ جي فارسي گاڏڙ زبان ۾. ص 145

ـ ”هاج“ جي هٿان وڏيرن جي هاج ـ فصل گروي ۽ هارين نارين جي چوسيل رت پوڻءِ جي هار وير ـ سجاده نشين ۽ مريد سڳورا بہ اتي ـ ڪاڏنهن هلندي تہ نظر بازن کان وڌ وڏيرن جون قطارون ڪيء ـ ريل جتي اچي بيئي وڏيرا انهيءَ جاءِ تي پهچي، ”گل محمد“ بڻجي ويندا هئا، هڪ هٽ مچن ۾ ۽ پيو سٽڻ ۾ ـ هڪ لطيف ـ 1934ع ۾ هاج جو هالاڻو. ص 163

ـ مطلب جي ڳالهہ ڏانهن موٽ ـ مرحوم ”نياز“ جا مشاعري ۾ استادانہ آداب ۽ شعر پڙهڻ جا انداز ـ دل جون حڪايتون ۽ حقيقت حال جا بيان. سنئين سڌي زبان ۾ ـ باڪمال شاعر، آواز ۾ خاص قسم جي تنوار، تحت اللفظ پڙهندو، اکر اکر ۾ ساهہ وجهي ڇڏيندو ـ ”نياز“ کان پوءِ”خادم“، ”خادم“ کانپوءِ صدر صاحب ”سبحان الله! ارشاد!“ ـ مرحوم علي محمد ”قادري“ ـ غلام سرور، تخلص ”فقير“، سيرت ۽ صورت جو فقير، نماڻو، نهٺو، نيڪ، سباجهو، منو ۽ مهربان ـ کنگهڪر ڪري، چوندو: ”جناب اعليٰ! عرض ٿو ڪريان!“ سچو غزل ادب ۽ خاموشيءَ سان ٻڌو ويندو. هر ماهہ پوئين آچر جي رات جو بہ ادائي وجهي ويندا. صبح جو اونو هر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن جو لٽل، هرڪو پاڻ کي پيو واندومل پائيندو ـ مشاعرو منتشر. گرمي هوندي تہ هر ڪنهن جي هٿ ۾ پکو، هير هوندي تہ ”هاءِ ! هاءِ!“ ڪندا، ڪلندا، خوش ٿيندا، وچي گهرين پيڙا ٿيندا. ص 166

ـ لاڙڪاڻي جو گيان باغ، ديوان گيانچند جو نهرايل ـ وڏا وڏا لان، ڪشادا چمن، سوين بينچان رکيل، ديس پرديس جا گل، ٻوٽا ۽ وليون ـ دروازي کان سڄي هٿ تي رهڻ جي جاءِ، بمبئي چڏي، عمر جا پويان پساهہ اُتي پورا ڪندو. منشيءَ مان ترقي ڪندو ڪروڙ پتي بنيو، اورچ، ايماندار، نهايت محنتي ـ باغ نهي راس ٿيو تہ هر ڪو شامر جو اتي. ص 172

ـ گهاڙ واهہ ـ اوپر کان پيو ايندو ۽ اولهہ ڏانهن پيو ويندو ـ اوپاريون لهواريون ٻيڙيون ۽ ٻوڙنديون ننڍا ٻتيلا ڏار. سکر مان مال هلندو، قنبر کان هيٺ پيو پهچندو ـ انب، گدرا، هنداڻا، آن، ڪارڪان ۽ ٻيو مال اسباب ـ ٻوڪون ۽ انهن جا نار ۽ هرلا ـ اسر مهل پاڻيو چڻ دنيا جهان جا ساز ۽ سرندا اچي ڪٺا ٿيا آهن ـ جهار هڪلڻ لاءِ پيها، ڪانپاٽيون ـ ”هور ڙي ! ڳيرا هور!“ ـ لکين لقاءَ ۽ سوين مزا. ص 172

ـ شڪارپور جو سنڌ واهہ ـ گرمين جا ميلا ـ هندو خواهہ مسلمان، اتي سيئي پائر ـ ڪيڏندا، گهتان هٽندا، شرطان رکندا ـ انبن جا ٽوڪرا ڪنڌيءَ تي ـ کل چرچو، پوڳ نڪاءَ ـ وڻن جا چانوهرا ـ پهريون راڳ پوءِ ڪاچ ـ مانيءَ مان هٿ ڪڍي، ڪي چوپڙ ڪندا تہ ڪي تاس ـ وڏيءَ جمار جا حقو پاڻي بہ پيا ڪندا ۽ ڪٿن تي چيلهہ سڌي ڪيون هلڪا هلڪا ڪونگهرا بہ پيا هٽندا ـ چار وڄندا، ٻاٽليون ايندين، پڪوڙا، سگر، مٺائي ـ هر ڪنهن جو هاضمو درست، ڦارون جو شربت، خسخس ۽ بادامر جي ٿاڌل، ۽ ست مغزيءَ سان گهوٽيل سُکو الڳ ـ نيرڙيءَ ٽپهريءَ جو هر ڪو پيو اتان اٿندو. ص 174

ـ 1931ع ۾ سکر براج مڪمل ٿي ـ گهاڙ سڪايوسي، سنڌ واهہ ويران ڪيوسي... براج حاصل ڪئيسي ـ براج تي ’شهر آشوب‘ . ص ص .

ـ منهنجي شاعري ـ ”ثنائي“ ۽ ”وفائي“ سان همر رديف ”فدائي“ ـ پوءِ محسوس ٿيو تہ واقعي ڪنهن آزار ۾ ڦاٿل هيس، جنهن مان خدا جند ڇڏائي، ڪو ڏنو آڏو آيو. ص 176

ـ اهي ڏينهن ويا ـ ”هنڌ اهي ئي ماڳ، جت نہ رهيا جوءِ ۾“ ـ 29 اپريل 1960ع تي ”مهراڻ“ جي هڪ سال (1959ع ) جا پرچا اچي پهتا ـ ”ڪو جو وربو واءُ، اچ پڻ ملڪ ملير ڏنهن...“ جلدي جلدي ورق ورايم تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنسي ڪيس ۽ ڪلور هو. ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ آغا شمس الدين تہ اڳي ئي ساٿ ڇڏيو هو - هاڻي "نياز" بہ رحلت ڪئي - الهبچايو سمو، خواجا سلطان علي، امام الدين"ضامن"، "عاجز" ساڪرائي، سردار بهادر محمد بخش"ڪوجهي" ، شيخ عبدالعزيز قنڌاري، آغا تاج محمد، پير محمد "سائل"، خليفو محمد عمر"اختر" هالائي، استاد مرحوم حاجي محمود"خادم" بہ ويا - سڀئي اسان جي اکين جو نور ۽ دل جو سرور، سنڌن وڃڻ سان سنڌي ادب جي عمارت جا ڪيئي شهتير اچي پٽ پيا: "پهَو ڪتيندي پٽ پيس چوهٺون تند ڇڻياس..." ص 178

(2)

- سکر - "سنڌ زميندار" اخبار - نظر علي خان جي صحبت ۽ سنگت - دنيا جي تجربن ۽ ڏکن سکن جي ابتدا - سنڌ ۾ مسلمانن جي پهرين اخبار "الحق"- شيخ محمد سليمان، سر علي محمد دهلوي، رئيس شمس الدين بلبل، ميان عبدالحڪيم، شيخ عبدالعزيز، شيخ عبدالباقي - "الوحيد" - شيخ عبدالمجيد سنڌي - ان جي مقابلي لاءِ انگريزن جي چرچ تي نڪتل"سنڌ زميندار" - ماستر عبدالوهاب، پهريون ايڊيٽر - ميان احمد علي خان بي . اي (عليگ) - خانبهادر کهڙي جي اختيار هيٺ سرڪار پرستيءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لٿو - پير علي محمد جي ايڊيٽري - هو"سنڌ جدا واريءَ تحريڪ" ۾ وڃي کهڙي صاحب سان گڏيو، تڏهن اُن جي ايڊيٽري پنج سال منهنجي ذمي رهي. اخبار جي ايڊيٽري اڪثر آغا نظر علي خان جي "تدبر ۽ دانشمنديءَ"هيٺ "ڏيان طلب" جي نذر ٿي ويندي هئي - ان دور جا اُهي "نوڙت ۽ نرمائيءَ" ۽ "مٺي زبان ۽ سهٽي لهجي" جا احتياط ياد پون ٿا تہ ڪل نڪريو ٿي وڃي - ڪاڏي ويو اهو انگريز، ڪاڏي ويا اهي "ڏيان طلب" جا مسئلا ۽ معاملا! ص 185

- گاندي - ارون پٺڪت کان اڳ اوچتو انگريزن خلاف طوفان - هڪ باهہ هئي، جا سڄي ملڪ کي وڪوڙي وئي: گول ميز ڪانفرنس، وائيٽ پيپر، هندو - مسلم نفاق، مسلم ليگ، سائمن ڪميشن، ڪٺت انڊيا، پاڪستان، سڀ اُن پهرينءَ باهہ جا پڙڪا ۽ اولانبا - پشاور جي قصہ خواني جو ڪوس - خان عبدالغفار خان جي آکهہ جيل ۾، ملڪيت ضبط، ڳوٺ اتمان زئي سڃو رک - لاهور جون اخبارون: "زميندار" ، "پرتاب"، "ميلاپ" ۽ "سياست" - "سنڌ زميندار" - آب تاب سان خبرون - آغا نظر علي خان جون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪيون لال، چپ خشڪ: ”او ميان صاحب!... ميان حسام الدين شاهه خان!... او ظالم اظلم!...“ جوش ـ حقيقت حال ـ ”دفتر دار ڪان هي دفعو جان ڇڏائي آيو آهيان، پيو دفعو تو اهڙو قومي جذبو ڏيکاريو تہ جناب مئنيجنگ ڊاريڪٽر جي عزت ختم، نوٽيس بہ بند، تون ۽ مان بہ ڪاٺ ۾!“ نوٽيس بند ۽ بلئڪ لسٽ هر اخبار جي نڪ تي بہ دواليون هيون، جي بطور ناڪيليءَ جي لڳيون رهنديون هيون.

ص 188

ـ 1928ع ڌاري امان الله خان جي تخت تان دستبرداري ـ ان ڪان اڳ دنيا جو دورو، هندستان ۾ استقبال ۽ مقبوليت ـ موٽڻ تي بغاوت ـ بچي سقي جي بادشاهي ـ نادر خان جو وارد ٿيڻ ـ لاهور اسٽيشن تي مولانا ظفر علي خان بنا ٽڪيٽ هلنديءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي پشاور پهتو ـ ”قنڌار چلو! قنڌار چلو“ ـ ”فاتح ٿل فاتح ڪابل هئا!“ ـ ”حق بحقدار رسيد!“ ـ امان الله بادشاهہ نہ، پر هز مئجسٽي ڪنگ نادر شاهہ غازي خلدالله ملڪہ تخت ۽ تاج جو مختار ڪل! سڄيءَ خلق جي جوش تي پاڻي ـ لاهور جي ”زميندار“ ۾ امان الله جو دردناڪ خط، نظر علي خان ڪي موجود نہ ڏسندي جذبي وچان مون اهو خط ”سنڌ زميندار“ ۾ شايع ڪري ڇڏيو ـ لاهور جي ”زميندار“ جو اهو پرچو ضبط ۽ 50 هزار ڏنڊ ـ نظر علي خان جي حالت دگرگون: ”الله هو! ... ميان صاحب ! مُڙئين ڪ نہ... ڪڻ دونالي، هڻ منهنجي سيني ۾... ٺس ! ٺس!“

ص 191

ميرٺ جي سازش وارو مقدمو (29-1933) ديناناٿ سهگل ـ وائسراءِ جي گاڏي ـ ريلوي لائين تي ٽائيم بم (1928ع) ـ اسيمبليءَ ۾ ڀڳت سنگهہ وارن جا بم (1929ع) ـ بنگال ۽ ٻين جاين تي گورنرن ۽ گورن تي گوليون ـ جتندراناٿ جو جيل ۾ مرن برت ـ 72 ڏينهن ڪان پوءِ سندس انتقال ـ مهاتما گانڌيءَ جو ڊانڊيءَ وارو مارچ (1930ع) ـ ولڀ ڀائي پٽيل ـ ڀڳت سنگهہ جي ڦاسي ـ ڀڳت سنگهہ جو لاش منهن اونداهيءَ ڪيرائي، راويءَ تي ساڙائي ڇڏيائون ـ جواهر لال جي صدارت ۾ ڪانگريس پنهنجو اجلاس (1931ع) عين انهيءَ جاءِ تي ڪيو ۽ انهيءَ ۾ ئي ”آزاديءَ جو نهراءُ“ پاس ٿيو ـ جواهر لال لاهور مان موهن جي دڙي تي ـ سکر اسٽيشن تي آءُ ساڪس مليس ـ ڀڳت سنگهہ جي باري ۾ سوال جواب، جيڪي ”سنڌ زميندار“ ۾ شايع ٿيا ـ آغا نظر عليءَ هن پيري بہ ڪم ڪيا: ابوبڪر ڪمپازيٽر ۽ گيلا رام مشين مين تي ڏهہ ڏهہ رپيا ڏنڊ ۽ مون تي ديناناٿ سهگل جو نالو ـ ان ڪان پوءِ مرحوم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي چوندو هو: ”او دينانات سهگل، ميان هي کهڙو کلور کيو اٿئي...!“ ص 196

- سنڌ جون اخبارون، انگريزي ۽ سنڌي - سنڌ ۾ پاهران ايندڙ اخبارون، اردو ۽ انگريزي - اخبارن جا ايڊيٽر - ولايت جون انگريزي اخبارون ”لنڊن ٽائيمز“ ۽ ”مئنچيسٽر گارڊين“ ، جن جي راين تي گاهي گاهي هنگامو مچي ويندو هو - ”سنڌ زميندار“ اخبار جي پنجاهه روپيا درماهي پگهار تي ايڊيٽري. ص 198

- سر پٽو ”فخر قوم“ - خانبهادر کهڙو ”محترم قوم“ - لاڙڪاڻي جا فساد - منزل گاهه وارو معاملو - آغا نظر علي خان جيل ۾ - مولانا نظر علي خان جو منزل گاهه تي نظم - سنڌ ۾ هندو - مسلم مسئلو جي. ايم. سيد - مسلمان جٿ ۽ هندو يهودي - انسانيت لاءِ آپگهات جو سبب.. ص 200

- هڪ ذاتي واقعو، لاهور کان ڪراچيءَ ڏانهن ريل جي سفر دوران - ٻن دلين ۾ هندو - مسلم جي ويڇي ۽ دوئيءَ جي منشا تي هڪڙو وڏيڪ گهڪو. ص 206

- هندن جو اباڻو وطن ۽ ست پشتو ماڳ ۽ مڪان ڇڏڻ - سنڌن سڄو ارڪو ترڪو جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جو رت ۽ پونءِ ۽ اکين جا لڙڪ ۽ اندر جون آهون ۽ پورهئي جو پسينو شامل هو، ٻنهي مان ڪنهن کي ڪم ڪ نہ آيو . ذميدار ڪير؟. ص 209

- نظر علي خان جي وفات - بي قدريءَ جي حد، قومي ۽ انفرادي طور - لغت ۾ ”فرق مراتب“ جو لفظ، ۽ سماج ۾ ان جو اظهار. ص 214

- سکر جو مارواڙي محلو - انهيءَ جاءِ سان وابستہ ڪي لطيفا - ”سنڌ زميندار“ جي آفيس - ”الحق“ پريس - اخبار جي تنگدستي - پيسن تي معرڪا - ڪمپازيٽرن کي وقت تي پيسو نہ ملندو هو - خانيو ڪمپازيٽر، مهينو - اڌ دم دلاسي تي، ٻئي مهيني گارگند، ڳالهہ اتان تپي تہ لڙائي جهڳڙو، نظر علي خان ڪمري ۾ بند، ٻاهران در تي خانيو ڪمپازيٽر معہ راجسي چاقوءَ جي: ”.. اچ چڙو ٻاهر، چرو هٽي پيٽ ڦاڙيندوسانءِ!“ چنل ڪٽ جو نئين سر واٺائڻ - واڻ جي عيوض آغا نظر علي نئين ڪٽ وٺيون آيو، ۽ سا وري ڪيئن؟ پر ڪٽ بہ ڪهڙي؟ منهنجي سائيز کان گهٽي گهٽ - ”آغا هي ڇا؟“ - ”آغا! فڪر نہ آهي. اصل نازڪ جاءِ انسان جي چيلهہ آهي، پير لڙڪيا تہ پرواهہ ناهي... ها! ها ! ها!“ ص 215

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- انهن ڏينهن جي اخباري دنيا جا ٻه ڪثرت سان استعمال ٿيندڙ اکر: "برسبيل تذڪره!" ۽ "ارتجالا!" - انهن جو شان نزول - مولانا شوڪت عليءَ ۽ مولانا محمد عليءَ جو دور - جذبات ۽ هيجان - تقريرون ۽ تحريرون - جلسا جلوس - پنجاب ۾ مولانا ظفر علي خان جي ڌاڪ - گول ميزڪانفرنس لاءِ نامزد ٿيڻ واسطي مولانا جا جتن ۽ ان ۾ سندس ناڪامي - تلهن اکرن ۾ "مقاله خصوصي" يا "مقاله افتتاحيه" - پنهنجي نامزد نه ٿيڻ جو مذڪور"برسبيل تذڪره". پهرئين پيج جي پوريءَ تختيءَ تي روزانو هڪڙو معرڪي جو نظم ڇپبو هو، مٿان اڪثر هي نوٽ هوندو هو: "اج صبح جو حضرت ظفرالملت والدين ناشتي کان پوءِ حقو ڇڪيندي هيٺيون نظم ارتجالا چيو، ناظرين ڪرام جي ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجي ٿو" - گول ميز ڪانفرنس تي پاڻ نه چونڊيو، جيڪي چونڊجي ويا، تن تي مولانا فقرو چست ڪيو: "ٽوڊي بچه هاءِ! هاءِ!" قاديانين سان وڙهيو، ته فقرو هنيائين: "مرزا ٽيچي ٽيچي!" - مولانا جون تقريرون زبان اهڙن ٺهيل ٺڪيل لفظن ۽ فقرن تي هريل، جو ٻئي موضوع تي ڳالهائيندي، ٿڙڪي، وجي انهن ساڳين فقرن تي بيهندو هو. اختر علي خان جو نهرو - لياقت پيڪٽ کان پوءِ اخبار نويسن جي خير سلهي وفد سان دهليءَ وڃڻ - اتي سکن پنهنجي وڏي گردواري ۾ وفد جي مان ۾ جلسو گهرايو - اختر علي خان کي تقرير لاءِ چيو ويو - تقرير ڪندي ڪندي، جوش ۾ ڪانئس وسري ويو ته ڪا خير سلهه جي ڳالهه هئي - مولانا جي زبان مان دهرايل فقرا نڪرڻ لڳا: "ڪون هوتا هے سک اور هندو - گودا نڪال ڪے باهر رکدون گا" - غلطي محسوس ٿيڻ تي، کلي: "مون کي معاف ڪجو، سالن جا سال هڪبئي کي گاريون ڏيندي، زبان هري وئي آهي...!" مولانا ظفر علي خان ڪانگريس ۽ ليگ جي پليٽفارم تان - مولانا جا پويان ڏينهن.

ص 218

- پنجاب جون اخبارون: "زميندار" ، "سياست" ، انقلاب"، "ميلاپ"، "پرتاب" - هندو ويا، انگريزن به ملڪ ڇڏيو، جن تي جهت ڪاوڙ وننديون هئي - هاڻي نه مِني به ماٺ، مُني به ماٺ.

ص 228

- علامه اقبال جو "بانگ درا" مستري محمدالدين وٽ ڏمڻ جي پيڪ ۾، تڏي تي، حقي سان گڏ - بندوق جي مرمت جو ماهر - سنڌ جو ذات وڏيرو، شڪار جو شوقين، سندس سلامي.

ص 229

- شاهه شڪاري - سوين هٿيار - سيڪڙا بندوقن جا - سردار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عبدالرحيم خان کوسو- خانبهادر شاهنواز ڀُٽو - خانبهادر محمد پناهه ڀُٽو - خانبهادر سردار الهه بخش خان ڪاڪيپوٽو - پراڻا ۽ بنيائتا شوقين. پير پير شاهه ۽ پير حامد شاهه - وڏيرو رسول بخش خان پٽو - نه ڪڏهن تتر ويو، نه چرو گٽو. ص 230

- نواب سرغيبي خان - چار لک ايڪڙ جاگير. ناتال جي موسم - ڪٽڪ صاحبلوڪن جا - هر موسم ۽ منزل جو سامان نئون - ڪراچيءَ جي سيٺ ڏوسل جي ڇاپ - هر 'سيزن' ۾ ملازمن جي به 'سيزن' ٿيندي.

ص 230

- 'سيزن' تي گري گنجي انگريز جي زميندار وٽ منزل - انگريزن کان پوءِ پاڪستان ۾ ان مرض جو زور - گورنر جنرل خواجه نظام الدين - ميجر جنرل اسڪندر مرزا، پريزيڊنٽ مملڪت اسلاميه پاڪستان - اڄ شڪار ڪٿي؟ سجاول ۾. اڄ ڪٿي؟ مير سائنڻ وٽ... "حالي ته وهه واهه تي وئي..." ص 233

- واحد بخش خان پٽو، شاهه توپچي، شڪار جو خفتي - تترن جي ٻچ، آڙين جو شڪار - جانورن جو اوسر - ساندهه ڇهه ڏينهن، صبح شام ۽ اسر - چيڙا نيٺ چيڙا ڪنهن نه جهڙا - رعيت ۽ راڄُ، جو ٿيو! ص 234

- خيرپور جي والي هز هائنس مير علي نواز خان ٽالپر جي شڪار جو مهتمم حسو خان جمعدار - باليءَ واري بگي خان جي خيرپور شهر ۾ رات - حسو خان جو ٻاهرئين ملڪ تي ڌاڪو - مئو ته سندس سئوٽ ڏنوءَ شيخ سندس جاءِ ورتي، پر حسو خان جي جتيءَ ۾ پير ڪير وجهي سگهي! - ماڻهو ته ماڻهو پر لئي لاٽون به ڪانئس ڪَوَ ڪائيندو هو. ص 239

- مستري محمد الدين، جهڙو فوج جو جمعدار - ڪم ڪندي، ساهي کڻندو ته حقي جو نڙ وات ۾ وجهي، "بانگ درا" جو مطالعو ڪندو - "شڪوهه جواب شڪوهه" سڄو ياد هيس - 'بالِ جبريل' محمد اسحاق سٽي ماجسٽريٽ - قومي شاعر - مولي شبير احمد عثمانيءَ جي "شيخ الاسامي".

ص 240

- سکر جي گرم گودي، براج ۽ ريلوي هيڊ ڪوارٽر - چنيوٽ جا چرم فروش - مسلمانن جو مڊل ڪلاس - خانبهادر در محمد خان - خانبهادر جان محمد خان - "مابخير، شما بسلامت!" ص 242

- خانبهادر محمد پناهه ڀُٽو - وچولو زميندار - ڌاڪو سڄيءَ سنڌ تي

- شان، دوستي ۽ مهمانداري - فوت ٿيو تہ دشمن ڪان بہ دانهن نڪري وئي -
”خوش داشت خويش را ... “ ص 243

- خان شمس الدين خان، ڪيس ”خان وڏو“ سڏيندا هئاسين -
مجلس جو مور - راڳ رنگ جو شائق - اهل دل - مولانا عبدالغفور همايوني ۽
حاجي خانڻ شاعر سان سنگت ۽ پائيءَ جو رستو - سندس دل جي بهاريءَ جو
هڪ واقعو. ص 245

- غلام صدي خان عيساني - جيد عالم، وڏو مفڪر، درويش،
سير چشم، تنهائي پسند - هندستان جي تاريخ جو وڏو چاٽو - ”شاهہ پرست
قوم جا جهڙا مؤرخ باشاهہ تهڙا شاعر باشاهہ، سيئي شاهہ پرست“ - سنڌ ۾
ڪن خاص شخصن ۽ خاندانن سان سندس دلبري هئي: محمد پناهہ ڏڪڻ،
خان وڏو، خانبهادر در محمد خان ۽ اسان جو گهر - هن جي املهہ صحبت جا
نقش ۽ اڻ مٽ يادگيريون - 1957ع ۾ وفات - سنڌ جو بلبل هزار داستان
هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو. ص 248

- عيساني خاندان - عجيب وغريب ۽ بلڪل نرالو - اصل سومرا، ملا
عثمان جا فرزند - سيئي صالح، سيئي قابل، سيئي فطرت جا نيڪ ۽ دل جا
پاڪ ۽ سيئي سيرت خواهہ صورت ۾ بي داغ، موچارا، جنسي مور - غلام
مصطفيٰ خان، غلام صديق خان، غلام مرتضيٰ خان، غلام مجتبيٰ خان، چار
يائر، چار ئي مائڪ ۽ موتي. ص 260

- ”خان وڏو“ - سڀاجهو، دلنواز، دلدار، روح پرور ۽ راحت رسان -
مون سان خاص دل جو پرچو - مٺيون ڳالهيون، دائمي دل تي رهڻ وارا واقعا -
ڳالهہ ڳالهہ تي مثال طور ڏوهيڙو ڏيندو، ڪنهن ڪافيءَ جي مصرع پڙهندو -
اڪر اڪر ۾ ساهہ وجهي ڇڏيندو - ڪافين جا سُر ياد، ڏوهيڙن جا مقام ۽ موقعا
ياد. مصرعي مصرعي پٺيان ڪندو هلندو: ”هاءِ ! هاءِ! ميان حسام الدين
شاهہ سائين!. .. اڪر چوندبا آهن، نڪتا ڳولبا آهن! منهنجا منا!....“ - خان
وڏي جون پڌايل ڪافيون. ص 264

- خان وڏي جا لطيفا، ٽوٽڪا ۽ قول - خان وڏي جي ننڍي فرزند
صدرالدين خان جي شادي، ۽ سندس دل جي پر بهار ڪيفيت. ص 281

- ڪراچيءَ جو راڻي باغ ۽ خان وڏي جا صحبتي - هڪ هڪ
پنهنجي دنيا، هڪ هڪ پنهنجو داستان - خان وڏي جا دلي ذوق ۽ ڳڻن پريون
ڳالهيون - پرين مڙسن جي سائٿ ڪچهري - ”مجلس محققين“. ص 283

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ـ خان وڏي جي پنهنجن ۽ پٽن، بدرالدين خان ۽ صدر الدين خان، سان ساهہ جهڙي سنگت ـ سنڌ جي زميندار کي اهڙا نيڪ، صالح ۽ فرمانبردار، پٽ ٿين! ـ اها برڪت هئي انهيءَ تربيت جي، جيڪا خان وڏي ڏني هئي ـ ”جيءُ آيئو، ڀلي آيئو، ويهو سائين منهنجا ويهو“. ص 296

ـ سنڌ ۾ زميندارن جو سمورو ماحول تاريڪ، مردود، ۽ سڄو سماج گناهہ آلود ـ اجايا خرچ ۽ بريون عادتون ـ اکين ڏٺو هڪ شرم انگيز واقعو: زميندار جو محل نما بنگلو، نوڪرن چاڪرن جا ڪٽڪ، دهل ۽ شرناءِ، زميندار بيڊ روم ۾ طوائف سان ”خلاصو“ ۽ سندس نينگر ٻئي بيڊ روم ۾ پنهنجيءَ آشنا سان همڪلام“!. ص 297

ـ انسان جي تذليل جي حد، انسان جي مظلوميءَ ۽ محڪوميءَ جي انتها، ڏاڍي ۽ هيٺي جي وچ ۾ ڪهڙو فرق مراتب ٿئي ٿو، ان جي ننگ ڏڙنگ تصوير ـ جيڪب آباد ويندي، ريل گاڏي ۾ ڊرامو. ص 298

ـ غريب ـ ليڙان ليڙان پٽڪو، ڪاري صدري، نيرو پوتڙو سٿرن تائين، چُپ، ڪنڌ هيٺ، ڪانيءَ سان زمين کوٽڻ لڳو ـ ”اي قادر، مڙئي تنهنجا ڪيڏ آهن!“ گارين جي انبوهہ ۾ اهو پٽڪو بہ گم. ص 300

ـ اهو ماحول هو انهيءَ طبقي جو، جنهن جو خان وڏو هڪ فرد هو ـ پر خان وڏو عظيم ماڻهو هو ـ هن پنهنجي ماحول سان بغاوت ڪئي هي.
ص 304

(3)

ـ سکر جي جواني ـ ماڻهو خوشباش ۽ خوشدل ـ سائين ڪرم علي شاهہ ـ ميان عبدالله شيخ شينهن وارو ـ خانبهادر ميان پير بخش ڊپٽي ـ ميان عبدالغفار پيرزادو ـ ميان عبدالرحمان پيرزادو. خان عبدالمجيد خان ـ ميان يار محمد پٺو ـ ميان اسماعيل پٺو ـ محمد ابراهيم سيلاٽو ـ قاضي محمد سومر ـ ميان احمد علي خان عليگ ـ ڊاڪٽر محمد يامين ـ سيٺ اسماعيل ـ ماستر محمد بخش ـ ميان غلام نبي بروهي ـ حاجي شير محمد گارڊ ـ علي بخش گارڊ ـ سردار محمد طاهر خان ـ سردار محمد علي خان ـ ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽجن! ـ آغا حسن علي خان ـ حڪيم عبدالحق ـ ابو شوڪت حمزو ـ مولوي عبدالرزاق ـ حڪيم عطا محمد مريڙي. ص 307

ـ هندو معززن جو اوج ـ ڪيٽي لکيٽان لال، وڏي مانَ مرجات وارا ـ ديوان پوچسنگ پهلا جراءِ ـ ديوان بهادر ايسرسنگ ـ ديوان صاحب سنگ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آڏواڻي ـ ديوان بسنت رام ـ راءِ بهادر ڪندن داس ـ مکي هيرانند ـ اهي بزرگ ۽ انهن ڪانسواءِ ڪيترا جوان خواهہ پوڙها، سندن ڳالهيون ۽ سندن ڳڻ.
ص 314

ـ سچي سکر ۾ زندگي ۽ چرپر ـ شادن جون براتان شهر جي چئن ئي ڪنڊن تي ـ شڪارپوري روڊ ـ سيروءَ جو چونڪ ـ آزاد ميدان ـ معصوم شاهہ جو منارو ـ ليڪس پارڪ ـ نم جي چاڙهي ـ ستي ڪورٽ جي لاهي ـ شاهي بزار ـ والس گنج ـ مارڪيٽ وارو ميدان ـ روهڙيءَ جي پل ـ براج جي پل ـ ڪهڙو هنڌ هو جتي ماڻهن جا ميلا نہ هوندا هئا! ص 316

ـ سکر ۾ لاڙڪاڻي جي جوانيءَ سان گڏ "نياز" جي شعر تي بہ ڦوهہ جواني هئي ـ "نياز" جي سوانح ، معمولي ۽ سنئين سڌي ـ شاعري نہ ڪري ها تہ ڌانهس ڪير توجهہ ڪري ها! ص 317

ـ سکر ۾ وڏي مشاعري جي رٿا ـ نظر علي خان ٽبيءَ ۾ ـ ماني ڪارائڻ ۽ خدمت چاڪريءَ جو معاملو ـ جڏهن بار ٻين جي ڪلهن تي پيو تڏهن آغا صاحب ٿهڪ ڏنو: "آغا منهنجا ! واهہ جو ليءِ ٿيندي!" ـ مشاعري جي تحريڪ مجازي ۽ حقيقت سبب ـ تصوف جي تاريخ ـ "لسان الغيب" جو "ترڪ شيرازي" ـ خوجن جي پاڙي جو هڪ حسين ۽ جميل ڇوڪرو، جنهن جي وڃڻ نظر علي خان مرحوم جي نماز قضا ٿيندي هئي. ص 319

ـ "لسان الغيب" جي نالي ايندي، پيو هڪ اهڙو قصو ـ چنديرام، جنهن کي پيار مان "چندو" سڏيندا هئاسي ـ نظر علي خان جي هن جي ٻيءُ سان سنگت رکڻ ـ ڇوڪري کي فارسي پڙهڻ ڪيي ـ هڪ دوستي ۽ ٻيو پاڙي جو لحاظ، نظر علي خان چندوءَ کي فارسي ضرور پاڙهيندو ـ "همدستان" ، "خاطر مجموع" ۽ "زلف پريشان" جي اصطلاحن جي معنائن تي زور ـ ڇوڪر جو مجازي مڪتب مان جلد اٿي وڃڻ .. ص 320

ـ خوجن جي پاڙي واري غلمان جو شعر چوڻ ۽ ليءِ سان پڙهڻ ـ سکر ۾ مشاعري سڏائڻ جو حقيقي سبب اُهو قيامت جو سامان هو، حسن صورت ۽ حسن ڪلام جو مظاهرو درڪار هو ـ نظر علي خان جو آرام ڪرسيءَ تي ڪري پوڻ ـ لاڙڪاڻي مان ايندڙ شاعرن جي ٿهل ٽڪور ۽ کاڌ خوراڪ ڪير ڪري؟ روز واري دال جي "دعوت شيراز". ص 322

ـ دارالهديٰ نيڙهيءَ جو هڪ پڳل خطابي ـ سنڌ جا مدرسا ۽ مڪتب ـ انهيءَ دور جا استاد ـ علم جا اڪابر ۽ عرفان ۽ طريقت جا صاحب ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گوشائتي ۽ بدقسمت ملڪ جا رهاڪو - ”گهر جو پير چلهه جو مارنگ“ - تن پلارن جي فهرست - اهڙن 125 بزرگن جا مبارڪ نالا ۽ سنڌن پاڪ ڪردار جي جهلڪ - ”هاري حقدار“ تحريڪ ۾ مولانا نذير حسين جتوئي ”جلاليءَ“ جي سي حرفي - دارالهديٰ ٺيڙهيءَ ۽ سنڌ جي ٻين مدرسن ۾ ديني خدمت - همايون، سلطان ڪوٽ، سجاول، ملاڪاتيار، شهدادڪوٽ، ڳڙهي ياسين، رڪ وغيره جا مدرسا، جيڪي ديوبند، ندوي ۽ جامع ازهر جي ڪڙيءَ جا علمي مرڪز هئا ۽ جن جا شاگرد پنهنجي پنهنجي فن ۾ يگانا ۽ يڪتاءِ روزگار هوندا هئا. ص 325

- مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهيءَ جو ٻڳل شاگرد، اسان جو بورچي - شڪل شباهت، رهت سهت ۽ ڪارڪردگي - لوڻ گهٽ، مرچ وڌيڪ، ڪڏهن چڙو پاڻي، ڪڏهن ترو لڳل - ”شڪر ڪري کائو! روزي نور آهي! وڏ ڪڍڻ گناهه!“ نالوئي ”مولوي شڪر الله“ پٽجي ويس - ليلي جو گوشت، سجي جنگهه سوڪڙي تي ملي - شوروي وارو هوڙ جدا ۽ پلاءُ جدا -”هائو آغا ! شوروو پلاءُ سان ملائي کائبو!“ - ”لاحول ولا قوت ! هي ڇا ؟“ - ”سائين شڪر ڪري کائجي... !“ - ”... اڙي منحوس ...“ - ”جيڪو مسلمان ڪي منحوس ڪوٺي، سو شريعت محمديءَ موجب پاڻ منحوس ...“ پٽڪي مٿي تي رکي، ٻاهر نڪتو ويو... ص 336

- مولوي ’شڪر الله‘ ڪان پوءِ ’امير جان‘ - جوانيءَ جي عشق جو سٽيل - جوجڪيءَ ۾ ديگڙو ديوار تي نڪاءُ - مسٽر ميمڻ جي خاص دعوت - ’امير جان‘ تي حال طاري - ديگڙيءَ چلهه چڙي وڃي پٽ تي نڪاءُ ڪيو - ”اجهو هان... آغا ٻٽي آ !“ -”کهڙن بہ زمينداري ڪئي!“ - ”زميندار تہ پٽا!“ - سنڌ جي ’هل اسٽيشن‘ - ڪٽن جي ’سيزن‘ ’امير جان‘ لاءِ روزانو وظيفو بہ آنا پنگ لاءِ، تڪو نظر علي خان جو ۽ ڇهه پيسا منهنجي کاتي! - ’حساب دوستان در دل !‘ ص 339

-”سنڌ زميندار“ ۾ پنج ورهيہ - ڪڏهن 50 روپيا پگهار جا گڏ نہ مليا - راضي، تہ ”آغا منهنجا !“ - ناراض، تہ ”.. ٻس، ٻس، دونالي اچي سيني ۾ هٽو...!“ مٿان تي ڪري پئبو، ۽ بائيڪاٽ ... ڪلاڪ اڌ ڪان پوءِ فارسيءَ جي بيت جي جهونگار ... بائيڪاٽ ختم - پنج روپيا هٿ تي رکي، وڏو ٽهڪ ڏئي، ”آغا منهنجا ! اڄ تہ وڃي ڳوٺان نئون سئون ٿي آءَ!“- رمون مڪراني، تاس جا پتا - پنج روپيا چٽ ! ص 341

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- سکر جي عوامي مشاهيرن مان، رمون مڪراني - سچي شهر تي رعب - ايڏو خراب ۽ ايڏو عظيم! - اسان جا وزير 'رمون مڪراني' تي پون ها، تہ ڪير هو جو اسان ڏي اک کڻي نهاري بہ سگهي ها! ص 342

- سکر جي شري ساڌ ٻيلي جو ڪٿاهہ پرشاد - مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪو نہ - دال، حلوو، پُوري ۽ ڪچٽي، صاف ۽ سوادي - پاپڙ ۽ ڪڻا ذرو بہ مٿانس - 'امير جان' جو انڪشاف - "آغا منهنجا، ڪيئن تو ڀانئين؟" - "واهہ ڙي امير جان واهہ!" - مينوءَ ۾ 'دعوت شيراز' بہ شريڪ يعني دال سڳوري ڪارن مرچن جي ٻُرڪي سان - پر معاملو مخفي - "سنڌ زميندار" ڪانپوءِ "ستاره سنڌ" ۽ "امير جان" جو نسخو تيربهدف - محمد امين کوسو عجب ۾ ... 'آهي تہ پڪ ڪا غيب جي ڳالهہ!' ص 343

(4)

- 'رعايت لفظي' - مشاعري جي تاريخ اچي وئي - سکر جي تاريخ جو پهريون مشاعرو - ٽپال رستي غزل پهتا - جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جا شاعر پنهنجي سر - خادم، فقير، نياز، سرور، ضامن، جوش ۽ ٻيا ڪيترا نوان پراڻا - سکر جا بزرگ، اچين سونهارين سان - "انجمن اسلام" مان "انجمني اسلام" - سکر جي معززين لاءِ ڳالهہ نئين - ريلوي گوديءَ جا چند ملازم، سکر براج جا عملدار ۽ لاڙڪاڻي وارا اسان جا دوست ڪجهہ مشاعري جي آداب کان واقف - سچو تڪساءَ نئون - داد ۽ دانهن سڀ اڙدوءَ ۾: "سبحان الله! اجي سبحان الله!" - "ارشاد، حضور ارشاد!" - "اجي ڪيا ڪهنا!" - "غضب!.. غضب!" - سچيءَ هڙبونگ ۾ ڪڏهن "واهہ واهہ" - نہ تہ رڳو "مڪرر! مڪرر!". ص 347

- معزز مهمان، انهن جو وقار ۽ عظمت - سائين ڪرم علي شاهہ - عبدالغفار پيرزادو - خان عبالحميد خان - محمد ابراهيم سيلاٽو - سيٺ محمد اسماعيل - احمد علي خان عليگ - غلام نبي خان بروهي. ص 348

- رحيمداد خان مولائي شيدائي - سردار محمد علي خان جو ڪوٽ - حاجي شير محمد خان گارڊ - علي بخش گارڊ - مولائي شيدائيءَ جا لطيفا - 'ما بخير شما بسلام' - "طبقات الامم" جو ترجمو - "تاريخ بلوچستان" - مولائي شيدائيءَ جا منيلا ۾ خط. ص 351

- ڊاڪٽر محمد يامين - دندان ساز ۽ سندس هفتہ وار "دعوت اسلام" - عبدالرحيم ڪرل - عبدالحميد مرزا - محمد يعقوب صديقي - قاضي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

محمد سومرو ـ ميان عبدالله شيخ ـ ’شينهن وارو‘ ـ ص 356
ـ چانڊين ۽ مگسين جو تڪرار ـ نواب قيصر خان مگسي ۽ سردار غيبي خان چانڊيو ـ لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر ”هي“ ـ دفتردار شيخ غلام محمد شڪارپوري ـ مشير: نواب سردار بهرام خان مزاري ۽ نواب مير اعظم خان ـ ” ... پڻ چانڊيي ـ مگسيءَ جو تڪرار“ ـ شاعر محمد عالم جي پَڌٽي ـ سنڌي ادب کي چوٽي ملي ويئي. ص 357

(5)

ـ مشاعري جو وڌيڪ احوال ـ پيغام ـ ٽپال ۾ پهتل غزل ـ ٻيا شاعر ـ حضرت ” نياز“ جو وارو ـ لفظ لفظ ۽ اکر اکر ۾ ساهه ـ لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويئي ـ هيجان ـ خود شاعريءَ جو هڪ نشو، پنهنجي وجود کان ٻاهر ڪابه شيءِ موجود ڪانه ـ ”نعرهء تڪبير!“ ـ ”الله اڪبر؟“ ـ ص 359
ـ ”زنده باد“ جو اجا نالو نشان ڪونه ـ ”الله اڪبر“ جو نعرو ۽ ’خلافت‘ ـ قومي جلسا ـ معزز اسٽيج تي، عوام هيٺ ـ ليڊر اٿيو ته هڪ پاسي کان ” نعرهء تڪبير!“، ٻين پاسن کان ويهاريل ورڪر : ”الله اڪبر“ ـ لانڊ ۾ لئي ـ جلسي ۾ گرمي ـ ”زنده باد“ ۽ پائنده باد“ ـ ص 367
ـ اسلامي جلسا ـ جوش ۽ جذبي جا نوان نسخا ـ واعظ کي فل اسٽاپ ۽ واڪو ـ مولانا روم جو سُر سان شعر ـ اوچنگارون ـ توبهون ـ سزائن جو خوف ـ ثوابن جي سستائي ـ لطيفا ۽ ٽوٽڪا ـ ”پڙهو صلواة سڳوري!“ ـ واعظ پورو. ص 371
ـ وڏو واعظي اُهو، جو روئاري ـ ”حڪايت الصالحين“ ۽ ”قصص الانبيا“ ـ ”رجبيءَ“ جي مهيني جون رقمون عرف ”فتوحات“ ـ ”ڳالهه ئي نه پڇ، اصل پُنج ...“ ”چار سئو نقد، هڪ...“ ـ ”واعظ الاسلام“ ـ مولانا محمد هاشم جا ”بلبلان سنڌ“ ـ مولانا عبدالڪريم چشتي، شڪارپوري ـ ”سحبان السنڌ“ ۽ سندس هفته وار ”پيغام“ ـ مولانا جو آخري خط ـ مولانا عبدالڪريم ”ڪهاڙو“ـ ” جي اگهئي ته پاءُ، نه ته مٿن ئي موٽ ثئي!“ ص 376
ـ اڻ پڙهيا واعظ ـ اصل نالو تِلو، پوءِ ملان محمد رمضان ۽ پوءِ مولانا مولوي عبدالڪريم جيهو اٻڙو ـ ”واڌ ۾ اوٺر“ ـ ”جمان مسجد “ لاءِ چندو ـ ”ير پُٽا زور آهن!“ ـ مُلان تلوءَ تي پاڻس دادوءَ جي چڙهت ـ ”وتي ماريو ڪوڙا بُستان ناهيندو!“ ـ ص 382
ـ ٻه ڏريون پيون ـ ٿلهو متارو ڪرڙ وڍ پناڻ، دراني شهزادو، هڪ هٿ ۾ وجٽو، ٻئي هٿ ۾ شجرو ـ پيو جوڙو سيد عبدالغني شاهه ۽ سيد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صدرالدين شاهہ جو - چندو گوري پهوڙ جي مدستہ الاسلام لاءِ. ص 386
- مولانا قمرالدين " واعظم الاسلام" جي دعا - "ادا پائو، هٿ مٿي کڻو!... محمد پناهہ کي الله وڏي حياتي ڏئي!... اڄ رات هن بندي کي ٻوڙ پُلاءَ کارائيندو!". ص 388
- مسجد جي درئيءَ مان گهت - سچي رات ڪنڍيءَ جي چوٽيءَ تي - "علماء ڪرام جي جتيءَ کي بہ جتڙي نہ سڏجي ..." - واعظم الاسلام جو الوداع! ص 389

## (6)

- قصي مان قصو - سنڌ اندر مذهبي تحريڪون - حديث جي سَنَد جا سلسلا ۽ سنڌ - ابوالحسن ڪبير، ابوالحسن صغير، مولانا محمد حيات ۽ ٻيا علماء ڪرام - سنڌ ۾ مذهبي جهڳڙو ڪونہ هو - مذهبي گروه بنديون هندستان کان آيون - خود شناسيءَ وارو جذبو ختم - غدر کان پوءِ مذهب سان راند - سني ۽ وهابي، مقلد غير مقلد - شيعہ سني، تبرا ۽ مدح صحابہ، ديوبندي ۽ بريلوي، اهل قرآن ۽ اهل حديث، علماءِ ڪرام ۽ علماءِ سوءِ - شهر شهر ۾، صوبي صوبي ۾ مناظرا ۽ مناقشا - مولوي احمد رضا خان - مولانا محمد قاسم نانوتوي - مولانا اشرف علي ٿانوي - مولوي ثناءُ الله، مولانا دائود غزنوي ۽ مولوي اسماعيل غزنوي - "ڪفرسازيءَ جو ڪارخانو" - اخبار "الحديث -" مناظرا ۽ مجادلا - مذهب معاش جو ذريعو - سنڌ ۾ نہ سُني شيعن جو تنازعو، نہ ڪا ڪفر بازي نہ ڪفر سازي - ٿورو گهڻو سنين ۽ وهابين جو چلتو - هرڪو ٺري ويهي رهيو. ص 395
- ٻہ واقعا - "تم ڪافر هو!" " تم ڪافر ابن ڪافر هو!" مولوي عبدالله پنجابي، پيش امام مسجد ڳام حاطو، ۽ حضرت الحاج مولانا مولوي حبيب الله فارغ التحصيل جامع ازهر دارالاسلام مصر - سچا دليل قرآن مان، سمورو بار اسلام تي - سکر جا درزي پنهي 'عالمن' سڳورن جا معتقد پشتيبان - مناظرو - "تم جاهل هو!" " تم اجهل هو!" " تم ڪفر بڪتے هو!" " تم ملحد ڪے بچے، زنديق اور ڪافر هو!" -" تم بے ايمان هو!" " تمهاري سزا موت هے!" - بيئي 'عالم' اسٽيج تي، پنهي جا هٿ... ص 399
- جندي ڳوٺ ۾ مُلان ۽ سندس پٽ جو تڪرار - پنهي جي پاسي 'عالم' سڳورا - جهڳڙو سنيءَ وهابيءَ جو - مناظرو بہ ڏينهن هلندو - هڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاسي پير پرچنديءَ وارو، ٻئي پاسي پير جهنڊي وارو - پر معرڪو ڪونہ ٿيو - "ادا ڏيو خبر؟" " يَر، پوليس اچي وچ ۾ پئي، نہ تہ ..." آخر خير ٿيو - ڪفن دفن جي آمد بيءُ جِي، شهر جون ٽِڪيون پٽ جي حوالي، لاپو لائي اڌو اڌ. ص 404

- ٽيون واقعو - ابتدا 'سيريس' - حرمين جو حاڪم شريف حسين ۽ نجد علائقي جو ابن سعود - هندستان ۾ مسلمان بہ هڪڙا شريفي ٻيا سعودي بڻجي ويا - اهل حديث - تقريرون، تحريرون، جلسا جلوس - گار گند ۽ ڪفر جون فتوائون - سنڌ تي ان جو اثر - انگريزي اقتدار جي حڪمت عملي - ننڍين ننڍين عرب سلطنتن جو قيام - ابن سعود جي سرڪار کان هندستان ۾ سعودي ۽ شريفي ٻنهي ڌرين کي حج جون دعوتون - ٻنهي ڌرين جي منهن تي خوشنودي ۽ مُرڪ - سڄو معاملو لطيفو بڻجي ويو. ص 407

(7)

- سنڌ ۾ وهابيت - پير، سادات، سجاده ۽ خانقاه نشين - ابوجهہ ۽ خوش اعتقاد عوام - پيريءَ مريديءَ جون ڪوڙڪيون - "ٽِڱڙيال پير" - سُڪائون - "حساب" ۽ "هدو" - جتي ڪٿي سوا لک اولياءَ سنل - پير جي "مئيزل" - پير جو ٻالڪو. ص 413

- ڪاني ڪرامت جا دعويدار - سنڌ جو آدم سڳي ڌاڳي ۾ - نہ خدا جو گذر نہ رسول جو نالو. ص 416

- ڪمائيءَ جو وڏو حصو ڪُنين ۽ قبرن جي حوالي - ناڙي، لاٻارو، ٻتئي، ننگر لاءِ وچ وچ ۾ انِ کان علاوه - مرشد جا وهٽ وڙا ۽ خليفا ڪڙا - عرس - موت پُهت - ڪٽڪ پيرن جا - هڪ هٿ ۾ عصا، ٻئي هٿ ۾ تسبيح - مرشد سڳورا ساليانی "سفر" تي. ص 417

- هيءُ ڪير ؟ چي، پنهل سائينءَ جو پوٽو - پاڻ اُٺ تي، گهوڙي سوار اڳ ۾ - وڏي لٺ اُبي، اُن ۾ گهڙيال - پنيان ويهارو کن وهٽن جو - شهر ۾ قدم رکندو تہ سواريءَ تان لهي، ٿيندو مولودن جي وچ ۾ - سڏو ڪنهن دل گهرئي مريد جي گهر - "رک سائينءَ جي کٽ تي هٿ!" ص 421

- اقتدار، مجتا، آمدني، واندڪائي! - شيطنيت جو آستانو - سائين علي شاهہ جي 'پاڪَن' جو قصو - صحيح مشغلو ڪوبہ نہ - ڀنگ، چرس، شراب، جوا، شڪار ۽ ڪتا - جاهل اَجهل - ذهن مائوف - مذهبي آڙ - خودشناسي خواه خدا شناسي ٻئي ختم. ص 424

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- سياسي جواري - مرشدن جي بازار گرم - اميدوارن جي بنگلن تي لامارا - هڪ ڪان وني، ٻئي ڪي جَهٽ - روضي شريف جي مرمت - پُٽن جو مرشد - پير سائين جن وَرڪ تي - ٻاليشاهين جو مرشد - قبلو سائين غسلخاني ۾ - مڪر ۽ بي حيائي. ص 428

- مولانا دين محمد وفائي - رسالو "توحيد" - رياڪارن جو ٽڳڙيون - مولانا چشتي، مولانا محمد هاشم، واعظ الاسلام ۽ ٻيا مجاهد علما - "صحيح بخاريءَ" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو - "الوحيد" اخبار - هندستان ۾ مولانا شبلي، سنڌ ۾ مولانا وفائي - علمي، تاريخي ۽ سوانحي مضمون - سنڌي مشاهيرن جو تعارف - ميان مير، مولانا محمد حيات سنڌي، مخدوم عبدالله ۽ رحمت الله سنڌي، ابوالحسن صغير ۽ ڪبير سنڌي، ابو عطا سنڌي، ابو رجا سنڌي، وغيره - دلڪش ۽ دلنشين سنڌي تحرير - مولانا مرحوم سڀ صلاحيتون خدا جي رستي ۾ ڪتب آنديون. ص 432

(8)

- حضرت مولانا عبيدالله سنڌي - مولوي عبدالله لغاري - ريل گاڏيءَ جو سفر ۽ يو پيءَ جو ٽِي. ٽِي - مولانا سنڌي جلال ۾ - باگڙجي اسٽيشن تي ٽِي. ٽِي ٽپو ڏئي. ص 434

- مسلم ليگ - اليڪشن ۽ ڪاميابي - ڪانگريسي وزارتون - سنڌ ۾ الله بخش وزارت - هندو دشمني بمقابل انگريز دشمني - مولانا ابولڪلام، مولانا حسين احمد مدني، مولانا ڪفايت الله، مولانا احمد سعيد، ڊاڪٽر ڪچلو، رفيع احمد قدوائي، وغيره - مولانا سنڌيءَ جو گشت - سنڌ جو عالم طبقو - مولانا جو دارلعلوم - "نربدا سنڌو ساگر جمنا پارٽي" - پير جهنڊي جو ڳوٺ - ڪڏي جو مدرسو - نہ ماٺهو نہ پئسو - مولانا جي آخري زيارت - نہ ست هزار جمع ٿيا نہ مرڪز ٺهي سگهيو - پروفيسر سرور - سنڌ جا ٻہ نوجوان مولوي - شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مولانا جو نيم ديوانو پاٺيجو - مولانا دين محمد وفائيءَ جي تحريڪ بند - مولانا سنڌي پڪن گهڙن کي ڪنان نہ وجهي سگهيو. ص 439

(9)

- تباهيءَ جو جائزو - مرشدن جو طبقو - هندو واپاري طبقو - مسلمان زميندار ۽ جاگيردار طبقو - ڪامورو (هندو ۽ مسلمان) طبقو - پوليس ۽ اُن جا پشتيبان ۽ چاڙتا - ڏوهن جي جاچ ۽ پوليس جي ظلمن جا نمونا - نام ڪنيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوليس جا عملدار، نارائڻ داس، تيجومل، ٺهلرام، مولانا ضياءُ الدين احمد، غلام اڪبر خان، ديوان ساجن سنگ، حافظ محمد سليمان، واليءَ ڏنو خان، عبدالستار خان، محمد بخش خان لغاري، الهہ بخش خان ڪوسو، مير الهہ ڏنو خان، محمدصالح ڏهراج، قادر بخش خان ڪلوڙ، نياز محمد خان، تاج الدين، خان محمد بروهي، دلاور حسين - ٻيلي ڪاتي وارا ۽ اُنهن جا آزار - ٻيلي جي جمعدار جي منزل - ٻيلي جا پٽيوال، جهٽيوال ۽ سٽيوال - انجنيري ڪاتو ۽ روينيو ڪاتو - ماٺهن مٿان جنسي ڪاري قيام - مغلن جي جبري حڪومت - سنڌ جو عوام ۽ چار چڪيون. ص 449

- رشوت، رسائي، لاپو ۽ چيڙ - "انگ اسباب" - اُنهن جا رنگ ڍنگ، ايذاءَ ۽ عذاب - انگريز شاهيءَ جي آڌار تي ڪامورا شاهي ۽ وڏيرا شاهي.

ص 458

- منظم احتجاج ڪجهہ ڪونہ - جذبو ۽ دلين ۾ تحرڪ موجود - لاڙڪاڻي ضلعي جي عوامي شاعر حسين ديدڙ جو " شهر آشوب" - ملان ۽ پير تي جُلهہ جا بيت - هاري ڪميٽي - ڪامريڊ عبدالقادر، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مولوي نذير حسين جتوئي - صوفي شاعر ۽ رياڪار ملن ۽ پيرن جي خلاف اُنهن جي شاعري. ص 461

- رشوت، رسائي، لاپي ۽ چيڙ خلاف پيچا ڳاڇا جي ڪميٽي - رئيس شمس الدين "بلبل" جو بيان - ميهڙ جي تعلقي ۾ آفيسرن جون منزلون - ڪهڙا آفيسر منزلون ڪندا هئا. رسائيءَ جا تفصيل - ساليانو شرح - وچ خرچ - 'دربار' ڪرسي نشين - خطاب ۽ پروانا - آفيسرن جا ٻتڙيل ۽ خانساما - خان صاحب محمد الدين خان - 'ڏالي' - "مصري' - لاپي ۽ چيڙ جا تفصيل - ٻڪين ٻڪرين جو ڏڻ - طوائف الملوڪي . ص 465

(10)

- ' آمديم برسر مطلب' سکر جي مشاعري ۾ 'نياز' مرحوم جي شعر خواني - پنهنجي دور جو عڪاس - آرٽسٽ جي وڏي ۾ وڏي پرڪا - آغا نظر علي خان ۽ جناب راشدي صاحب جو نوجوان شاعر غائب - اصل مقصود ڦري فروع بنجي ويو - "نياز" مرحوم جي مخمس جي ڇپائي ۽ تقسيم - ڇپائيءَ جا پئسا ۽ "سنڌ زميندار" پريس جا ملازم. ص 479

- غزل ۽ نظم جو بادشاهہ - نيٺ سنڌي ڪافيءَ تي ڪمال - براج جي ڀر - گلزاري ۽ شادابي - سکر جا شوقين - ڀليون ٻگيون - ميان غلام نبي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زين ساز - سکر جا "بگي استان" - لٽو ڪپڙو سستو ۽ پيڪيدار - سنڌي پوشاڪ - ميان فضل محمد خان سومرو، ڪُنڀ جو شاهه ڪاريگر - رابيل، موتئي ۽ ٽانگر جون ڪَنديون - شام جو سڀ شوقين براج جي پُل تي - هر ڪنڊ ڪان هوڪن جا هوڪرا - "شوقين! هلي اچو!" - "دلير! هلي اچو!" - "ياٺو! هليا اچو!" - " جوانڙا ... يارڙا ...!". ص 480

- مستورات - برقعا - پلويڙا - ڪجائو - حياءُ ۽ حجاب - سينڌ جي لڄ - گهَرُ بهشت، اطمينان ۽ عافيت جي جاءِ . ص 490

- منهن اگهاڙي ماڙيچاٿيون ۽ طوائفون - رستن تي حسن جا هئنڊ بل - براج جي پُل تي تجلا - 'برادران اسلام' جي 'حسن پسند نظر' - ڊپٽي پير بخش پنشن تي . ص 493

- ڏينهن دوزخ، راتيون بهشت - کير تڏا، قسم قسم جا انب مٺا - عبدالرحمان جي هوٽل تان 'پڳيلا' جي 'هاف پليٽ'. ص 494

- درياءَ شاهه جي نريل ڪنار - مهمانن جو نئون پرٽيل جو جوڙو - سانتيڪو سمو - چوڏهينءَ رات - مائيءَ جي ياڻ هُرتي جهونگار - آلاپ ...

دل منهنجي دوست ڏٺاري ڙي اديون...
چو ٿيون منهنجو جيڏيون جگر جيلايو!
ڏيندس عجز 'نياز' سان،
سورن جي هيءَ سُڌ ساري، ڙي اديون!...

26 ورهيه اڳ جو پڌل آلاپ ... مرحوم "نياز" جي ڪافي -

دل منهنجي دوست ڏٺاري ڙي اديون !
دل منهنجي ...

ص 496

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ساقي ! قدحي، ڪه دور گلزار گذشت
مطرب ! غزلي، ڪه وقت گفتار گذشت
اي هم نفس ! از بهرِ دلِ زار بگو
افسانهء آن شبي، ڪه با يار گذشت

---

1958 جي آخر ۾ مون کي دل جو عارضو ٿيو. ٽي مهينا لاڳيتو کٽ تي پئي رهڻ بعد جيئڻ جي اميد ته ٿي، پر اعصاب صفا جواب ڏئي بيٺا ۽ آءٌ شديد ”نروس بريڪ ڊائون“ جو شڪار ٿي پيس. انهيءَ زماني ۾ منهنجو برادر بزرگوار پير علي محمد راشدي منيلا ۾ پاڪستان جي ملازمت ڪري رهيو هو. ڊاڪٽرن صلاح ڏني ته آءٌ ڪجهه وقت لاءِ ملڪي ماحول مان نڪري اوڏانهين هليو وڃان. ڊسمبر جي آخر ۾ مون پنهنجي وطن کي خيرباد چيو.

* تقريباً ٻه سال مون اتنهن ڏاڍو سخت گذاريا. منهنجي پاءُ هڙان ۽ وڙان ڪسر ڪانه ڇڏي. ڪوبه اهڙو علاج، ڪابه اهڙي دوا ۽ ڏس پتو ڪونه هو، جيڪو مون تي نه آزمايو ويو. ليڪن جيسين اوڏانهون فضل جو ڦيرو نه ٿئي، تيسين ڪٿي ٿيون سُٽيون ۽ سبب فرق ڪن.

خوف، هراس، خواه مخواه جو ذهني خلجان ۽ خلفشار، غرض نيم ديوانگيءَ جي ڪيفيت 24 ڪلاڪ طاري هئي. حالت اها اچي ٿي، جو علي محمد کي خطرو ٿيو ته آءٌ ممڪن آهي خودڪشي ڪري ويهان، سو اڪ وٺي هتيار لڪائي ڇڏيائين. سال ڏيڍ جي جدوجهد بعد هڪ شام اهڙي به آئي، جو ڊاڪٽر وٽان موٽندي نااميدي محسوس ٿي، اسان ٻنهي پاڻرن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو، ٻنهي جي اکين مان بيوسيءَ مان لڙڪ وهي نڪتا.

* وڏن جو چوڻ آهي ته انسان جڏهن سڀ وسيلا وڃائي ويهي ٿو، سمورو ٽر ٽيلي بيهي ٿو، ۽ سڀيئي واهون ۽ واٽون بند ٿي وڃن ٿيون، انهيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت شافي مطلق ڏانهن رجوع ٿئي ٿو. دعا ۽ دوا جي اجابت جو اهو ئي وقت آهي. انهيءَ سمي ڦڪيون به فرق ڪن ٿيون ته دوا به اثر ڪري ٿي.

* انهيءَ مايوسيءَ جي حالت ۾ رات جو اوچتو مون کي ننڍي جي هڪ قديم بزرگ جو قول دل تي تري آيو - درود شريف هر مرض جو علاج آهي ۽ انهيءَ ورد وظيفي لاءِ ڪنهن به اهتمام ۽ احتياط جو احتياج ڪونه آهي! انهيءَ خيال ايندي منهنجي دل تان سمورو بار لهي ويو، ۽ طبيعت ۾ ائين مائائي اچي وئي، جيئن سمونڊ خوفناڪ ڇولين بعد مانيٽو ٿي ويندو آهي. پوين ٻن سالن ۾ اها پهرين رات هئي جو مون کي ننڊ آئي ۽ اطمينان سان سمهي رهيس.

ٻئي ڏينهن کان مون درود شريف پڙهڻ شروع ڪيو، خاص طرح شام جي وقت جڏهن آءٌ ڊاڪٽرن جي حڪم موجب ٻاهر پنڌ ڪرڻ ويندو هيس.

* ٻن ڏينهن بعد هڪ ٻئي متخصص ڊاڪٽر جو اوچتو ڏس مليو. جيڪا ڳالهه پوين ٻن سالن جي هڻ هٿان ۾ معلوم ڪانه ٿي سگهي هئي، سا هاڻي ٻن ڏينهن بعد معلوم ٿي وئي - اوڏانهن جو سولائيءَ ۽ سٺائيءَ جو مقرر ٿيل رقت اچي ويو هو.

* ڊاڪٽر سيسان (A.B. M. Seson) جي صورت شڪل اها هئي جيڪا ديون جي ڪهاڻيءَ ۾ 'ماما زي! ماما !!' واري ديو جي بيان ڪئي ويندي آهي. پوڙهو، ٿلهو، قداور، ٻت ڪاٺ وارو، اڇا وار، پور اڇيون پروان، اکيون پرون ۽ پنبڻين جي هينان لڪل. جيڪڏهن ڇئجي ته ٻياني سان ڇپر جڏهن ڪٽجن تڏهن ڏسي سگهي ته ٻيجا نه ٿيندو. خود سندس دل تي ٻتي دفعا 'هارٽ اٽئڪ' جا حملا ٿيل، 70-75 کان مٿي ٽپيل، انهي هوندي به منيلا جي گرميءَ ۾ ٽاڪ منجهد جو روزانو ٽينس کيڏندو هو. سول اسپتال جو انچارج، وڏي دٻدٻي ۽ ڏاڪي وارو مڙس محسوس ٿيو ٿي.

احوال ٻڌي گورن جي شيشي هٿ ۾ ڏئي، پنتي موتائي ڇڏيائين. اهو پنجن منٽن جو کيل وڏي اعتماد ۽ حتمي فيصلي سان عمل ۾ آيو، گويا منهنجي صحتمنديءَ جي پرواني جو اجرا هو، جيڪو ٿي چڪو.

دوا شروع ٿي. ڇئن پنجن ڏينهن بعد منهنجي دماغ، ذهن، مزاج ۽ طبيعت جي فضا تان ڪارا ڪڪر ڇڃڻ شروع ٿيا، انڌيرا آهستي آهستي روشنائيءَ ۾ بدلجڻ لڳا، محسوس ڪيم ته آءٌ وري پنهنجي دنيا ڏانهن موٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو آهيان. يا تہ سنڌي عبارت بہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي آئي يا هاٿي پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ روح سٽان ڏيڻ لڳو. اهو 1959 جو اختتام هو.

* اهو هو منهنجو حال منيلا ۾ . پنهنجي وطن ۾ رهندڙن دوستن يارن کي ڪاب سڌ ڪانہ هئي، اخباري دوستن ۽ رسالن جي مالڪن جا خطن مٿان خط، ڏوراپن ۽ اوڙاپن جا پيغام ايندا ٿي رهيا. ڪنهن ساليانی پرچي لاءِ مضمون ٿي گهريو، ڪنهن کي خاص نمبر لاءِ مقالو درڪار هو، ڪنهن يار کي شڪايت هئي تہ منيلا ۾ مزا ڪري رهيو آهيان . سال گذري ويا آهن جو سندس پرچي لاءِ ڪجهہ ڪونہ لکيو اٿم. حقيقت حال جي ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏانهن لکان بہ ها تہ باوَرُ ڪونہ ڪري ها. منيلا ۾ سال سوا رهڻ بعد بہ فائدو نہ ٿئي؟ اهو پلا ڪيئن ٿي سگهيو ٿي؟ راتيون ۽ ڏينهن ڪهڙيءَ ريت ٿي گذريا؟ مون تي ڇا وهيو ۽ واهيو؟ اها خبر تہ مون کي يا منهنجي خدا کي هئي. چوندا آهن: "هنڌ اهو سڙي، جتي باهہ ٻري؟". هزارن ميلن جي مفاصلي تان لکڻ ۽ پڙهڻ سان ڪنهن جي سمجهہ ۾ ٿورو ئي اچي ها؟

* آءٌ ڪراچيءَ ۾ اچا بستري داخل هيس، جو ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم هي جهان ڇڏيو. منهنجي لاءِ اهڙن خبرن ٻڌڻ جي سخت منع هئي، ليڪن ڪن ڪُڪ پئجي وئي، جنهن اوسان خطا ڪري ڇڏيا. مون کي اچا ڪالهہ ڪالهوٽي بستري ۾ ڏسي دعائون ڪري دلجاءِ ڏئي ويو هو. اندر جوسور اندر ۾ پِي ويس. اعصابن کي انهيءَ صدمي ويتر نهوڙي وڌو.

منيلا ۾ وطن کان دوريءَ، دوستن يارن کان پري، پنهنجي ماحول کان جدا. اها سڌ خبر ڪانہ تہ صحت جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟ وطن جا وڻ ڏسڻ نصيب ٿيندا يا مرڳوئي منيلا ۾ مڙهہ رُلندو؟ انهيءَ ڪشمڪش جي حالت ۾ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خط آيو، جنهن ۾ اطلاع هو تہ نواز علي 'نياز' بہ هن دنيا مان موڪلائي هليو ويو.

* هيءَ سڄي رام ڪهاڻي ۽ سموري ڪٿا ان ڪري لکان ٿو، جيئن پڙهندڙن جي ڪن تي هجي تہ ايندڙ صفحن ۾ جيڪي ڪجهہ پڙهندا، اُهو ڪهڙي عالم ۽ ڪهڙي صورتحال ۾ لکيو اٿم. دل تي ڪيئن چوٽون لڳيون، ڪيئن زخم کائي قلم هٿ ۾ کنيم.

ڊاڪٽر بلوچ تہ قرب ڪري پئي حال احوال سان گڏ اها خبر بہ لکي ڇڏي، اها ڪيس ڪهڙي سڌ هئي تہ مان ڪهڙي عالم ۾ آهيان، منهنجو نياز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان ڪهڙو تعلق هو، ۽ انهيءَ اطلاع جو مون تي ڪهڙو اثر ٿيندو.

ڊاڪٽر صاحب اهو خط 30 جنوري 1960ع جو ڍاڪا مان لکيو هو، جيڪو 5 فيبروريءَ جو مون کي منيلا ۾ مليو.

* مٿي ذڪر ڪيل دوا جو اثر مون تي تمام سٺو ٿيو هو، هاڻي آءٌ گهڻيءَ حد تائين بهتر ٿي چڪو هيس. مٺن پيارن کان دوري ۽ دوستن جون هميشه لاءِ جدايون اجا اندر ۾ چيهه ڏئي رهيون هيون، پر هاڻي سورن سهي وڃڻ جو ست ڪي قدر پيدا ٿي چڪو هو. نياز جو سور به سهسائي ويس. يارن جون فرمائشون ته سر تي هيون، پر دل به گهريو ٿي ته لکڻ پڙهڻ شروع ڪيان، سو ٻن ڏينهن سوچڻ بعد ارادو ڪيم ته نياز تي هڪ مضمون لکجي. ڪونه ڪو يار به سرچائي وجهندس، فرض به پورو ٿيندو ۽ ان کان وڌ ته اندر ۾ لڳل آگ تي ٿورو ڪي گهٽو ڇنڊو به پئجي ويندو.

* پنجين تاريخ خط مليو هو، ڇهين ۽ ستين سوچيندو رهيس. اٺين تاريخ صبح جو ٻن ادائي ورهين جي وٿيءَ کان پوءِ قلم هٿ ۾ کڻي الا تهار ڪيم.

ارادو ته هو مضمون لکڻ جو، ليڪن ٻن ادائي سالن ۾ مهميزان سخت لڳي چڪيون هيون، ازان سواءِ فراغت، ۽ اڪيلائيءَ جو اهو سمورو وقت سوچڻ ۽ "پاڻ سان ملاقات" ڪرڻ جو وقت مليو هو، تنهن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو، حياتيءَ ۾ جيڪي وهي واپري چڪو هو، تنهن تي تنقيد ڪرڻ ۽ جائزي وٺڻ جو موقعو ڏنو هو. انسان لاءِ اڪيلائي هميشه اڪسير آهي، تڏهن ته صوفين سڳورن تنهائي ۽ گوشه نشينيءَ کي زندگيءَ جي هَلُ هَلان مٿان ترجيح ڏني آهي ۽ اڪيلائيءَ کي افضل سمجهيو اٿن. انسان اڪيلو ٿي پاڻ سان ملي ٿو، پاڻ سان رهاڻ ڪري ٿو، پنهنجي اندر واري سان اوري ٿو، پنهنجن ۽ پراون جي عملن جا دفتر سامهون اچن ٿا، جن جي چڱائيءَ مڻائيءَ تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. دنيا جي هنگامن ۾ رهي پاڻ کان بيگانو ٿي وڃڻ، انسانيت لاءِ خواهه پنهنجو پاڻ لاءِ هاڃيڪار آهي.

آءٌ به سالن پڄاڻان مهميز لڳڻ سبب پاڻ سان ملاقي ٿيو هيس. ارادو ته هو مضمون لکڻ جو، ليڪن قلم بي اختيار، بسواءِ ڪنهن ارادي ۽ فيصلي جي، ڪنهن اڻ ڄاتل قوت جي زور تي، هلندو رهيو! هلندو رهيو!

* صبح جو ويهي لکندو هيس، شام جو ڊاڪٽرن جي هدايت مطابق پنڌ ڪندو هيس. هٿ ۾ تسبيح، زبان تي دورد شريف ۽ ذهن ۾ صبح

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو لکيل جي بقايا. يعني: دل بيار دست بڪار! انهيءَ دوران ۾ نوان نوان داستان، وسري ويل واقعا، ڳالهيون ۽ عنوان ياد ٿي ٿي ويا. جن کي هٿي صبح تي قلمبند ڪندو رهيس. منجهند تائين جيڪي لکيم ٿي، تنهن کي رات جو منهنجو فرزند حسين (خدا کيس صالح ڪري ۽ حياتي ڏي) صاف ڪندو هو.

مضمون ڪان مسئلو مٿي ٿپي هليو. منهنجو عقيدو آهي ته صحت، شفا ۽ جيڪي ڪجهه ٿيو يا ٿي رهيو، سو سڀ انهيءَ مالڪ جي مرضيءَ ۽ منشا مطابق هو.

* تسبيح هٿ ۾، درود شريف زبان تي، اڄ تائين انهيءَ دور جو يادگار هليو اچي ٿو. ظاهر بين دوست کلندا آهن، ٺٺوليون ڪندا آهن. ”عربن جي تسبيح“ سان تشبيهه ڏئي خبر نه آهي دل ۾ ”بديءَ“ جا ڪهڙا ڪهڙا بهتان ۽ ڪهڙا ڪهڙا عنوان سوچيندا آهن، ليڪن ڪين ڪهڙي سڌ ته انهيءَ مالڪ جا مون تي ڪيترا ڪرم، احسان ۽ عنايتون ٿيون ۽ اجا پيون ٿين.

* لکڻ جو اهو سلسلو برابر ڇهه مهينا هليو. 8 فيبروريءَ ڪان شروع ٿيو هو ۽ 28 آگسٽ 1960ع جو ڏيڍ بجي منجهند جو ختم ٿيو. جنهن ڪانپوءِ آءٌ سنت ڪراچيءَ هليو آيس.

ڪن ڳالهين متعلق هتي ملڪ ۾ رهي لکٿو هو، چاڪاڻ ته اتنهن معلومات فراهم ٿي ڪانه ٿي سگهي، پر ارمان آهي جو سترهن ارڙهن ورهين ۾ نه وقت مليو ۽ نه وري اها ڪيفيت ۽ واردات ئي طبيعت تي طاري ٿي. جيڪي ڪجهه رهجي ويو، سو رهجي ويو.

* هن لکت کي هڪ شخص جي ذاتي احساس ۽ تاثر جو آئينو سمجهڻ گهرجي. منيءَ صديءَ ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺم يا ٻڌم، جيڪي منهنجي آسپاس وهيو واپريو، انهيءَ ذهن تي، ماحول تي، ماڻهن تي نتيجي طور جا تاثر ڇڏيو، انهيءَ کي هو بهو قلمبند ڪيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ساڳين مسئلن تي ڪن معاصر دوستن جو تاثر مختلف هجي جنهن جو امڪان هر معاملي ۾ ٿي سگهي ٿو. ليڪن پنهنجي طرفان پڙهندڙن کي آءٌ يقين ڏيان ٿو ته هنن ورقن ۾ ڪوبه واقعو تصوراتي يا فرضي آندو نه ويو آهي. شخصي تعصب يا عقيدي کي ڪوبه دخل نه ڏنو ويو آهي. ماحول جي تاثر ۽ عمل جي رد عمل ۽ احساس کي شخصي راءِ مٿان بهرنوع بالادستي ڏني وئي آهي.

* هيءَ تاريخ نه آهي، ليڪن سنڌ جي هڪ دور جي معاشرتي تاريخ جو هن کي مقدمو سمجهي سگهجي ٿو. هن ۾ گهٽيءَ حد تائين انهن سيني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناسورن جو مذڪور ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تنزل ۽ سنڌين جي شڪسته دليءَ جو سبب بڻيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪو ’گهر ڪان رُسي ٿو‘ سو سنڌين تي سستيءَ، ڪاهليءَ، بيڪاريءَ ۽ نااهليت جا طرحين طرحين طعنا رکي، ڪين جيئڻ ۽ جيئدان ڏيڻ جو مستحق نٿو سمجهي.

هن صفحن ۾ ڄاڻي واڻي ڪنهن شخص يا طبقي جي دل آزاري منهنجو مقصد يا منهنجي پيش نظر نہ رهي آهي. مثالن ڏيندي يا واقعن چيٽيندي، جيڪڏهن ڪا ڳالهه اچي وئي آهي، جنهن مان ڪنهن فرد جي دل کي ڏک پهچي ٿو تہ آءٌ شخصي طرح معافي ٿو وٺان، ليڪن اهو ڌيان ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ سڄي ملڪ جي دل آزاري جي مقابلي ۾ ڪنهن فرد واحد جو ڏک يا ڏوراپو ڪابہ حقيقت، حيثيت يا اهميت نٿو رکي. منهنجي پيش نظر ملڪ ۽ ملڪ جا ماڻهو ۽ انهن جو ڏک سک رهيو آهي، ڪو طبقو يا ڪو فرد جيڪڏهن قومي ضرر جو سبب بڻيي رهيو آهي تہ انهيءَ تي چشم پوشي ڪرڻ مون قومي جرم سمجهيو آهي.

* اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هن ڪتاب ۾ معاشري جي پوري تاريخ يا ان جي سڀني پهلوئن کي بحث هيٺ آندو نہ ويو آهي. سرسري طرح جيڪي ذهن ۾ آيو، جيڪا ڳالهه دل تي تري آئي، تنهن کي قلم برداشتہ لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري پڙهندڙن کي شايد ڪن جاين تي تشنگي محسوس ٿئي. ميدان وسيع آهي، خدا گهربو تہ ڪيترا دل وارا ۽ اهل نظر اهڙا اڳتي ايندا، جيڪي انهن ڪوتاهين جي تڪميل ڪري جَسُ ڪٽندا.

* ٻن علمي مسئلن جي وضاحت ڪرڻ هتي ضروري ٿو سمجهان. ڪتاب ۾ صفحي 462 تي حسين فقير ديدڙ جو ’شهر آشوب‘ ڏنو ويو آهي، جيڪو 1923ع ۾ منهنجي ڪنَين پيو.

حسين فقير ديدڙ ميرن جو ڪاردار هو، سندس وفات سٺر ورهين جي ڄمار ۾ 1873ع (1290 هه) ۾ ٿي. ظاهر آهي تہ حسين فقير اهو ’شهر آشوب‘ انگريزن جي اچڻ وقت چيو، جنهن جو اشارو هُن -

”حاڪم سخت فرنگي آيا“

جي ذريعي ڏنو آهي. ’شهر آشوب‘ مشهور ۽ زبان زد عام تہ اڳ ئي هوندو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ بعد جيڪو بحران هندستان اندر پيدا ٿيو ۽ حڪومت پيرن، سيدن، آفيسرن ۽ وڏيرن جي ذريعي ”امن سپائون“ ناهي، قومي جاڳرتا کي ختم ڪرڻ گهريو، انهيءَ وقت هي ’شهر آشوب‘ هڪ دفعو وري غصي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اظهار طور سنڌ اندر 1923ع کان اڳ مشهور ٿيو ۽ 1923ع ڌاري منهنجي ڪن پيو.

صفحي 368 تي 'قدسيءَ' جي فارسي نعت ڏني وئي آهي، جيڪا قدسي مشهديءَ جي نہ آهي: انهيءَ جو مصنف ، بقول عارف بقائي صاحب "مجمع الفضلا". سال 993هہ ۾ فوت ٿيو، جڏهن تہ قدسي مشهدي 1056هہ ۾ وفات ڪئي.

* هي ڪتاب تقريباً ارڙهن سال پيو رهيو، انهيءَ انتظار ۾ تہ آءٌ رهيل خال پريان، ليڪن انهيءَ جي في الحال اميد نہ ڏسي منهنجي دوست محمد ابراهيم جويي ۽ غلام ربانيءَ ڇپائيءَ لاءِ زور پريو. بلڪ محمد ابراهيم جويي تہ پڇاڙيءَ تائين هڪ هڪ اکر نظر مان ڪڍيو، ڪتاب جو نالو بہ پاڻ رکيائين، پروف ڏنائين، سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو سڄو بار بہ پاڻ کنيائين. جيڪڏهن ڀاءُ محمد ابراهيم همت نہ ڪري ها تہ ڪتاب مرڻ بعد منهنجي اثاثي مان نڪري ها ۽ مٽي جي مال وانگر هن جو بہ اهو ئي حشر ٿئي ها، جيڪو هزارن مسودن جو ٿيندو رهيو آهي.

* آءٌ حسين راشديءَ جو شڪر گذار آهيان، جنهن مسودي کي صاف ڪيو ۽ الف کان ي تائين سليقي سان ترتيب ڏني.

گهربو هو تہ باب ناهجن ها، هر باب تي عنوان قائم ڪجي ها، ۽ ڪيترين تصويرن جي بہ ضرورت هئي، ليڪن آءٌ اهي ڪوتاهيون پوريون ڪري ڪونہ سگهيس. فهرست البت اهڙي ريت ناهي وئي آهي، جيڪا عنوانن سان گڏ هڪ نموني انڊڪس جو ڪم بہ ڏئي ويندي.

پريس جي لائق مئنيجر ميان الهہ بچائي يوسف زئي صاحب جو آءٌ بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن شخصي دلچسپي وٺي، هي ڪتاب ڇپيو ۽ هر شيءِ تي پورو پورو ڌيان ڏنو ـ انهيءَ حد تائين ڌيان ۽ توجهہ ڏنو، جو آءٌ سمجهان ٿو شايد ئي هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب لاءِ ايڏي جاکوڙ ڪئي هجي.

خدا پاڪ سڀني مددگارن ۽ دوستن کي خوش رکي. سنڌي ادبي بورڊ پنهنجو منصبي فرض پورو ڪيو آهي، جنهن ۾ جس لهڻو.

* هي ڪتاب 18 ورهيہ اڳ لکيو هيم، جڏهن اڃا وارن ۾ اڇا ڪونہ پيا. اڄ 67 ورهين ۾ پير آهي. عمر جي ايامڪاريءَ جو سڄ لڙي چڪو آهي، نازڪ ۽ خطرناڪ دور ٽپي، خدا جي فضل سان پار پيو آهيان. حياتيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جا باقي ڏينهن بہ پنهنجي پروردگار ۾ اميد اٿم تہ عزت ۽ بنان ڪنهن محتاجي جي گذاري ويندس ـ انشاءَ الله!

يــارب! در خلــق تــڪــيــہ گــاهــم نــڪــنــي
مــحــتــاَج گــدا و پــادشــاهــم نــڪــنــي
مــوي ســيــهــم ســفــيــد ڪــردي بــڪــرم
يــا مــوي ســفــيــد، روســيــاهــم نــڪــنــي!

.. حسام الدين راشدي

6 سپٽمبر، 1977ع
60 الحمرا سوسائٽي،
ڪراچي ـ 0816

# هُو ڏوٿِي هُو ڏينهَن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوُ ڏوٿي هُو ڏينهَن، هو ڏونگر هو لَڪيون،
ڪنهِن جنهن لڌا نينهن، جيئن پيا لهسن لُڪ ۾.
ـ شاهه

# 1

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪانارئا ڪُٽڪَن، جنين لوچَ لڳن ۾،
پاڻهي ٻڌن پَٽيون، پاڻهي چڱان ڪَن.
- شاهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ هت منيلا ۾، پياريءَ سنڌ کان ٽي هزار ميل ڏور، برادرم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خط پهتو. شروع ۾ ته سڀ خير سَلهه جي خبر هئي. پر پڇاڙيءَ ۾ چڻ تير وهائي ڪڍيائين. لکيل هو: "نواز علي 'نياز' لاڙڪاڻي وارو گذاري ويو" - نبي بخش کي شايد اهو پتو ڪونه پيو ته 'نياز' لاڙڪاڻي وارو نه، بلڪ سڄيءَ سنڌ وارو. اديب، اهل علم ۽ فنڪار ڪنهن هڪ شهر يا هڪ خطي جي ملڪيت ٿيندا آهن ڇا؟ اهي اگرچ سڏائين لاڙڪاڻوي يا شڪارپوري، پر هوندا ملڪ سڄي مُلڪ جي آهن، ۽ اهي ٿيندا ورثو سڄيءَ قوم جو آهن - جيتوڻيڪ پائر ڪنهن جا به هجن، ۽ مٿي ڪنهن سان به لڳين، ڇاوا ڪٿي به هجن، ۽ رهن ڪٿي به. بهرحال خط اها خبر آندي، جنهن هن دوريءَ تي دل کي ڏاڍو ڏک ڏنو ۽ رنج رسايو.

* * *

'نياز' انسان هو، فاني ۽ بي بقا. نيٺ هنئون هلڻو هئس، آخر رهي به ڪيترو رهي ها. موت سندس مَرڪ هو، هن فاني جسم جو معاملو آخر ته مٿيءَ سندو مامرو آهي. 'نياز' جي موت ڪري سنڌي ادب کي نقصان پهتو، 'نياز' جي وڃڻ سبب شاعريءَ جو ايوان ويران ٿي ويو، زبان کي نقصان پهتو جو 'نياز' هي جهان ڇڏيو - اهي سڀئي ڳالهيون برابر ، صحيح ۽ سچ، پر منهنجي ته دل انڪري به ڏکي ويئي، جڏهن ڏٺم ته 'نياز' هڪ دور جو نمائندو هو، جيڪو دور سندس موت تي ختم ٿيو: 'نياز' هڪ عهد جي نشاني هو ۽ اهو عهد اڄ پورو ٿيو: 'نياز' هڪ خاص زماني جو عڪس ۽ آئينه دار هو، جيڪو زمانو هاڻي اڄي پڄاڻيءَ کي پهتو. سندس تعلق انهيءَ وڻندڙ ماضيءَ سان هو، جيڪو باغ ۽ بهار هو، جيڪو امن ۽ آسائش هو، جيڪو سُڪون ۽ راحت هو. سڄي سنڌ جوان هئي، سندس نڪ مان نت ڪانه لٿي هئي، بولو ۽ بئنسر اڃا سندس نڪ ۾ هئي، ڪن جي والين ۽ نسين تائين اڃا ڪنهن ظالم جو هٿ اُتس ڪونه پهتو هو. نه سندس وار ٿي ڇُڙيا هئا ۽ نه اڃو جوڙو ٿي ڍڪيو هئائين. نه ڇڙو 'نياز' جي لاڙڪاڻي تي جوڀن ۽ جواني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي، پر سنڌ جو هر شهر، ڏهِ خواهہ دهقان، سکيو ۽ ستابو هو، ٻهڪيو ۽ ڇهڪيو ٿي.

خيال ڪيم، 'نياز' جي دور، زماني ۽ عهد جي هڪ هڪ شيءِ اکين اڳيان اچي ويئي. لاڙڪاڻو، لاڙڪاڻي جي مشاعرا، اُتنهن جا مشاهير، وڏا وڏا زميندار، نواب ۽ سردار، انهن جو اوج ۽ اقبال، وضع ۽ قطع، ڪچهريون ۽ ڪارناما، سکر، سکر جون ادبي محفلون اُتنهن جا مشاعرا، اتنهن جا دلبر دوست ۽ موچارا ماڻهو، نہ فقط جن جن واقعن سان 'نياز' جو واسطو هو، اهي ياد آيا، بلڪ انهيءَ سڄي ماضيءَ جون اهي سيئي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون، جيڪي هِن گنهگار اکين ڏٺيون، هڪ هڪ ٿي ذهن ۾ ايندِيون ويون، دل تي ترنديون ويون، ۽ يادن جا نقش اُڀرندا ويا.

وسعتي پيدا کن اي صحرا کہ امشب در غمش،
لشکر، آه من از دل، خيمہ بيرون ميکشد.

* * *

جنهن عهد جو 'نياز' نمائندو هو، انهيءَ دور ۾ لاڙڪاڻو سڄيءَ سنڌ ۾ برک هو، اهو ئي زمانو هو جڏهن لاڙڪاڻي کي ''لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو'' چيو ويو، ۽ اهو بہ مشهور هو تہ ''هجئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو!'' زميندارن جي جنهن تمدن جو هن مهل اچي موت ٿيو، وڏيرن جي جنهن معاشري جو ڏيو هاڻي اچي اُجهاڻو، نوابن، خانَ بهادرن، اميرن ۽ سردارن جي جنهن ٽولي جي اڄ اچي پڄاڻي ٿي، ان جو عروج ۽ اقبال ڏسڻ وٽان هو. ڪهڙي مجال، جو عامي ماڻهو اک کڻي ڏانهن ڏسي سگهي! ڪاراون ڪمدارن، ڪامن ۽ ڪاردارن جي ذريعي پيغام موڪلي ووٽ ورتا ويندا هئا، ڪنهن کي طاقت هئي، جو انڪار ڪري پنهنجو پٽڪو لهرائي! گويا اهو وقت انهيءَ مخلوق جي قوهہ جوانيءَ جو هو، جنهن کانپوءِ هن اکين آهستي آهستي انهيءَ بلنديءَ ۾ پستي ايندي ڏٺي، اُنهيءَ اقبال جي انتها تيندي ڏٺي، ۽ اُنهيءَ شمع جي لاٽ مان دونهون اُڀرندو ڏٺو.

سر شاهنواز خان ڀُٽو ... خانبهادر نواب حاجي امير علي خان لاهوري ... خانبهادر علي حسن خان هڪڙو ... خانبهادر حاجي غلام محمد خان اِسراڻ .... نواب سر غيبي خان چانديو .... خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو ... قمبر وارا شيخ ... باقراڻن وارا اُنڙ ... ڏوڪريءَ وارا ڀُگهيا ... ۽ ميهڙ وارا جتوئي - مطلب تہ جاڏي ڪٿي نگاهہ ڪر، تہ زميندارن جي آلو آلان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوندي هئي! بنگلا، محل، ماڙيون ۽ ايوان، انهن ۾ رنگ ۽ رونقون، هُل ۽ هنگاما، ڪاڌا ۽ پيتا ـ مطلب تہ ڏينهن عيدن جا ٿيندا هئا ۽ راتيون چڻ شب برات جون راتيون هيون.

ڪمرن ۽ ڪوٺن ۾ پاڻ تشريف فرما، ٻاهر ايوانن ۽ اڱڻن ۾، رستن تي ۽ پيٽين جي پاڇن هيٺان، نتهڻ اُس ۾ يا ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾، ويهڪ هيٺان سر رکيون يا پوتڙا وڇايون، فيصلن وارا، ڪمن ڪارن وارا، محتاج ۽ سوالي، مجبور ۽ محڪوم، هاري ۽ ناري ـ غرض اميرن جي ايوانن اڳيان غريبن جا انبوهن جي انداز ۾ ڪٽڪ هوندا هئا، نہ فقط صبح کان سانجهي تائين، پر ٻٽي ٻٽي ڏينهن انتظار ۾ ... جڏهن وڏيرن کي واندڪائي ٿئي، جڏهن اميرن کي فرصت ملي ۽ جڏهن سردارن کي غريبن لاءِ غور ڪرڻ جو وقت بچي!

انسانن ۾ ايترو شعور پيدا ڪونہ ٿيو هو. حيدر بخش نئون نئون مختيارڪار ٿيو هو، پٽيوالي کان سواءِ خود سندس والد يعني چاچو الهداد بہ کيس "خان صاحب" سڏيندو هو. ڪامريڊ عبدالقادر بہ ان وقت تائين ڏامراهن کان ٻاهر ڪونہ نڪتو هو. غريبن کي اميرن جي بلنديءَ جو تہ احساس هو، ليڪن پنهنجي پستي جي ڪين خبر ڪانہ هئي. اميرن جي عزت جو تہ مٿن رعب هو، پر پنهنجي ذلت جو سڌ سماءُ ڪونہ هين. الغرض انسان اڳيان انسان جي خواريءَ، محتاجيءَ ۽ بي بسيءَ جو هڪ اندوهناڪ نظارو ڏسندڙ اکيون پيون پسنديون هيون. غريب جڏهن اميرن جي ايوانن اڳيان پنهنجي هم جنس جا ڪٽڪ ڏسندا هئا، تڏهن چوندا هئا: "بَلي يَر! فلاڻي جي در تي اڄ ميلا لڳا پيا هئا!" گويا اهي محتاجي، اها مظلوميت، اها دربدري، صبح کان شام تائينءَ جي خواري خرابي ۽ خستگي، هڪ ماڻهوءَ اڳيان ايڏيءَ خلق خدا جي ذلت ۽ رذالت اجا غور جي قابل ڪانہ هئي، بلڪ اهو گويا شانُ ليکيو ويندو هو، مانُ سمجهيو ويندو هو، ۽ غريب ان کي ميلي سان تشبيهہ ڏيندا هئا! تڪن ماندن ماڻهن کي، وڏيرن وٽ وڃڻ ۽ ميلن تي گڏ ٿيڻ ۾ جيڪو فرق آهي، ان جو اطلاع اجا ڪنهن ڪونہ ڏنو هو، اجا اِها سمجهہ منجهن ڪانہ آئي هئي تہ اميرن وٽ غريبن جي وڃڻ جو مسئلو آسمان جي بلنديءَ ۽ زمين جي پستيءَ جو معاملو آهي.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻو ضلعو ان وقت گويا وڏن زميندارن، سردارن ۽ اميرن جو مکيو مرڪز هوندو هو. چڱا مٺا هر طبقي ۾ ٿين ٿا. بُرا ڀلا هر طبقي ۾ آهن، ڪنڊن جي ڪُنڊ ۾ گلابن جا گل به هوندا آهن. سڀئي امير يا مڙئي زميندار هرو ڀرو ڪو ماڻهپي کان نڪتل يا انسانيت کان عاري به ڪونه هئا. ڪي ته سچ پچ ڏسڻا وائسڻا ۽ خوبين خصوصيتن وارا به هئا. انهن مان ڪن جو قصو، جي هت ڪبو، ته هرو ڀرو هرج نه ٿيندو - آخر اهي به ته ڪردار هئا، جن جو وسارڻ اسان کي ڪنهين پر ڪونه جڳائي.

شهر ۾ ٽن زميندارن جون ڪچهريون روزانو لڳنديون هيون. باقي زميندارن جا بنگلا اگرچ موجود هئا، ليڪن رهندا ٻاهراڙيءَ ۾ هئا - ڪڏهن ڪڏهن ڪمن ڪارين لاءِ شهر ۾ سندن اچڻ ٿيندو هو.

هڪ هوندي هئي ڪچهري شهر جي اصلوڪي ۽ بنيادي زميندار، نواب حاجي امير علي خان لاهوريءَ جي، جيڪا سياري ۾ بنگلي جي اڱڻ ۾ تڙڪي تي، ۽ ساوڻ جو وڏيءَ نِم جي ٿڌيءَ ڇانوَ هيٺان ٻاهرئين دروازي جي آمُهن سامُهن لڳندي هئي. پاڙن جا چڱا مڙس، شهر جا مُک ماڻهو، ميونسپل جا ميمبر، سرڪاري ڪامورا ۽ ٻهراڙيءَ جا ننڍا ننڍا وڏيرا - صبح ٿيندو اچڻ شروع ڪندا، لڙيءَ ته - ٻپهريءَ تائين هڪ ايندو ٻيو ٻيو ويندو. ميونسپل جا معاملا، اوسي پاسي جا شرا شمار، اوپارا لهوارا قصا، ڪليڪٽر صاحب ۽ ڊپٽي صاحب جي ملاقاتن جون ڳالهيون - مطلب ته صبح کان شام تائين پيا قصا ڪُٽبا. اڄ جهڙي اداسي نه، بلڪ ان زماني ۾ اتي زندگي پئي محسوس ٿيندي هئي ۽ ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو. پاڻ به مڙس اڃا جوان تي لڳو. روزانو صبح جو گهوڙي تي چڙهي، شهر جو سير ڪندو هو. جتان لنگهندو هو، اتي اتي هندو خواه مسلمان، پئنچ خواه سر پئنچ، سندس سلامي ٿيندا هئا.

ٻي هوندي هئي ڪچهري نه بلڪ دربار يا ڪٿي چئجي اجلاس، مرحوم سر شاهنواز خان ڀٽي جو، جنهن ۾ نواب امير علي خان پڻ پاڻ هلي ايندو هو. ڊپٽي ڪليڪٽر يا ڪليڪٽر کان گهٽ حيثيت واري کي قسمت سان رسائي ٿيندي هئي. پاڻ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ هو. لاڙڪاڻي لوڪل بورڊ تي ان کان پوءِ به پريزيڊنٽ ٿيندا رهيا، ليڪن صدارت جو اهڙو اوج لوڪل بورڊ وري ڪونه ڏٺو. صحيح معنيٰ ۾ صدارت سر صاحب ڪئي، باقي ٻين ته پوءِ چڙو پاڻ کي ۽ بورڊ کي ڏٺو ڪيو. بهرحال، شوداسائي چيف آفيسر گهٽو ايندو ويندو هو، تولاٽي ڀائرن ۽ ديوان پرتاب راءِ پنجواڻيءَ جي به

اڄ ـ وڃ هوندي هئي: ديوان ڪندن سنگ لاهوري ـ ڏکهو، پوڙهو، رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر ـ ڇٽيءَ جيڏي ’سولا هئٽ‘ مٿي ۾ وجهي، وڏي لٺ هٿ ۾ کڻي، جيئن صبح جو ساجهر سير تي نڪرندو، تيئن سر صاحب وٽان به ليئون پايون ويندو. دلچسپ ماڻهو ۽ ڳالهين جو ڳهير هو. اهو هڪ ماڻهو هو، جيڪو سر صاحب کي کلائيندو رهندو هو. سر صاحب، خدا بخشيس، هونءَ پاڻ به مجلس جو مور هو، جڏهن ڪنهن وقت موج ايندي هيس پاڻ جيڏن ۽ پاڻ جهڙن ۾ ويهندو هو، ان وقت ڳالهين مٿئون ڳالهيون، واقعن مٿان واقعا، دلچسپ لطيفا ۽ پنهنجا پراوا تجربا ۽ قصا پيا هلندا، ايڏا وندرائيندڙ ۽ وڻندڙ جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنگت کي اٿڻ تي روح ڪونه ٿيندو. پر اهڙا موقعا روز ڪونه ٿيندا هئا. ديوان ڪندن سنگ واري ٽوپلي جو به وري مثال ڪٿي نظر ڪونه آيو! شايد پنهنجي لاءِ خاص ٺهرائيندو هو. اهو ٽوپلو نه ڇڙو سندس بت تي پاڇو ڪيون ايندو هو، بلڪ جيستائين ڪندن سنگ جي وک يا سندس لٺ پهچندي هئي، اوستائين ڇانوَ ڪيون هلندو هو!

صبح جو سر صاحب جي دربار اهڙيءَ طرح لڳندي هئي، ليڪن شام جو دروازا بند، ان وقت ضلعي جو ڪليڪٽر صاحب، حد جو ڊپٽي صاحب، لاڙڪاڻي جو سيشن جج صاحب ۽ ضلعي جو ڪماني صاحب وٽس ايندا هئا. مختيارڪار ۽ صوبيدار ڪڏهن سر صاحب کي رستي ويندي ڪٿي ڏٺو هجي ته نهيو، باقي ويجهي اچڻ جي انهن کي ڪٿي مجال هئي! انهيءَ ايوان ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هلنديون هيون، ڪچهري جو رنگ ڇا هوندو هو، گفتا ۽ قصا ڪهڙا ٿيندا هئا، ان جي عام کي ته خبر ڪا نه هوندي هئي پر ڪيترا خواص به ان اسرار کان بيخبر هوندا هئا.

ٽين مجلس لڳندي هئي ڪهڙي صاحب جي نئين نئين نهيل به ـ ماڙ بنگلي تي. پهريون هينئين طبقي جي ورانڊي ۾، ۽ پوءِ جيئن اقبال بلند ٿيندو ويو تيئن هيٺين مجلس وچي مٿين ماڙ جي ورانڊي ۾ پهتي. ليڪن جڏهن مجلس هيٺ لڳندي هئي يا جنهن وقت مجلس مٿي وچي ٿي، ملڻ جلڻ ۽ اچڻ وڃڻ وارن ۾ طبقاتي فرق ڪڏهن ڪو نه ٿيو. جنهن همت سان وڏيرو ايندو هو، انهيءَ جرات سان غريب به اچي پنهنجو ڪم ڪدي ويندو هو. ان زماني ۾ ڪهڙو صاحب مستقل طرح لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. ڪراچي ڪا نه وسائي هئائين، ديس ڇڏي پرديس ڪو نه وڃي رهيو هو، پنهنجا ڇڏي پراون ۾ وڃي ڪو نه وسيو هو. تنهن ڪري هر ڪو ڏکيو ۽ آزاريون، منجهيل ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موڙهو وٽس وقت سر پهچي سگهندو هو. ڪليڪٽر، ڊپٽي خواهہ ايس. پيءَ تائين هر ڪنهن کي سفارشي خط ڏيندو هو، يا پاڻ هلي وڃي ڪم لهرائي ڏيندو هو. ڪهڙو نوجوان هو، مسلمانن ۾ مقبول هو، قومي ڪمن ۾ رات ڏينهن مشغول هوندو هو، تنهن ڪري مسلمان ڪامورن ۾ سندس ميتا ۽ عزت هوندي هئي. گهٽو ڪري سندس خط يا سفارش ڪو موٽائيندو ڪو نہ هو.

خدا جنت نصيب ڪريس، قاضي نور محمد مرحوم، پگهار تہ ڪائيندو هو زميداري بئنڪ مان. ليڪن هوندو سڄو ڏينهن ڪهڙي وٽ هو. ڪاغذ کيسي ۾ ۽ پينسل ڪن تي، عينڪ اکين ڪان هيٺ نڪ جي وچ تي جي لکندو هو تہ ان کي مٿي سُرڪائيندو ورنہ هميشه انهيءَ منزل تي رکي رهندي هئي! ڪنهن ڏي ڏسندو هو تہ اکيون ڪاپار ڪري، ڪنڌ کي ٿورو هيٺ جهم ڏيئي، عينڪ جي مٿان نگاهن کي ٽپائي، پوءِ نظر کي ڏسندڙ تائين پهچائيندو هو. ڪهڙي "قاضي!" ڪيو... تہ "قاضي" جهٽ اچي پهچندو. خطن جا نوٽ وٺندو ، ٽائيپ ڪري، صحيح وٺي، هر هڪ جي هٿ ۾ ڏيندو. نهايت نيڪ، شريف النفس، رلٽو ملٽو هوندو هو، قداور، ڏاڙهي گهاٽي، ليڪن آگر ڪَن جيتري، خضاب لڳل، مٿي تي ترڪي ٽوپي، قميص ۽ ان تي انگريزي شارٽ ڪوٽ، سٿڻ تہ تختي، پير ۾ سليپر. پهريون خيرپور ۾ مختيارڪار هو، اتان رٽائر ڪري بئنڪ ۾ اچي ملازم ٿيو. ڪهڙو صاحب چيئرمن هو، تنهن ڪري صبح سانجهيءَ کيس صحبت فقط ڪهڙي جي نصيب ۾ هئي. پهرين تاريخ وڃي البت زميداري بئنڪ جو منهن ڏسندو هو.

ڪهڙي وٽ صبح جو عام ڪچهري هوندي هئي، ليڪن شام جو بنگلي جي "پورٽيڪو" واري ڇت تي مانيءَ جي مهل کان اڳ تائين خاص دوستن جي صحبت ٿيندي هئي. محمد عالم حڪيم، مطب ختم ڪري، اچي پهچندو؛ جي نظر علي خان سکر کان آيل هوندو، تہ اهو بہ هوندو؛ محمد حنيف صبح جو ڪورٽن ۽ اصيلن جا منهن ڏسي، شام جو سنا انگريزي لٽا پائي اچي پهچندو؛ جي سنڌ جو ڪو قومي ورڪر آيل هوندو، تہ اهو بہ، راشدي صاحب بہ هوندو، جنهن مسلم ڪاموري کي هندن جي نظر بچائي ملڻو هوندو، تہ اهو بہ ان وقت ايندو. اُنهيءَ قسم جي دوستن ۽ هم مشرب ماڻهن جون ڳالهيون ٻولهيون هلنديون رهنديون. .. ان ۾ قومي مسئلا بہ زير بحث ايندا، مسلمانن جي ملازمتن ۽ ٻين حقن جا معاملا بہ غور هيٺ ايندا، سنڌ جي سياست جا ڪيترا نقشا بہ اتي ئي ٺهيا، لاڙڪاڻي جا هندو مسلم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فساد، سکر جا هندو مسلم دنگا -- مطلب تہ سنڌ جي مسلمانن جو جن معاملن ۾ واسطو هوندو، انهن جو محور کهڙي جو اهو ٻاڙهو بہ طبقو بنگلو هوندو هو. قاضي فضل الله جڏهن لاڙڪاڻي ۾ حنيف سان گڏ اچي وڪالت شروع ڪئي، تڏهن اهو بہ کهڙي جي سنگت جو رڪن رڪين بڻيو. شهر جي معززن مان حاجي ڇتل ۽ مرحوم خدا داد سرهيو گهڻو ايندا هئا. سيد نور محمد شاهہ بقاپوري، مرحوم امام بخش ماهوتو ۽ شير محمد خان ابڙو ٺيٺي لاڙڪاڻي کان ڪوهہ ڏيڍ پنڌ ٻاهر رهندا هئا، ليڪن ايندا وٽس روز هئا.

* * *

خانبهادر علي حسن خان هڪڙو کهڙي جو دلي سنگتي هو. بنگلي جي هيٺئين طبقي ۾ هڪ ڪمرو هميشه سندس لاءِ مخصوص هو - جڏهن قمبر کان ايندو تہ ان ۾ اچي رهندو. اهڙو رعب وارو، وضعدار، شريف، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت، سنجيدو، متين ۽ باوقار مڙس مان پنهنجي جمار ۾ ڪو نہ ڏٺو، مڇان تنديون ڪينچيءَ سان ڪٽيل، سنهاري خسخسي، جن اکين مان حياءُ، حجاب ۽ شرافت پيئي بکندي هئي، انهن تي چشمو چڙهيل، سٽڻ قميص ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو، ڪڏهن سيل جي سگريٽ (۱) ٻن آڱرين جي وچ ۾، ڪڏهن حقي جو نڙ چپ تي، ڪچهريءَ ۾ سنجيدگي، متانت ۽ وقار جو مجسمو بڻيو ويٺو هوندو. آهستي آهستي، مزي مزي سان، منهن مان ٻيو ٻه ٽي دونهين جون لاٽان ڪيندو. ٿورو ڳالهائيندو، ليڪن جيڪو اکر ڪيندو، سو ڄڻ سچ جو سڪو ۽ سون جي مهر هوندو. اٿيءَ ويهيءَ، عادتن اطوارن مان تہ نهيو، پر سندس لٽي ڪپڙي، پهر ۽ پوشاڪ مان بہ هڪ شان ۽ وضعداري پيئي بکندي. هاڻي وارن ماڻهن کي سندس فرزند ارجمند کي ڏسي، مرحوم لاءِ راءِ قائم ڪرڻ نہ کپي. هو ماڻهو ئي اور هو. اُهي سوڪڙيون آهن، جيڪي خالق پاران مخلوق ۾ اچن ٿيون.

خانبهادر حاجي غلام محمد خان اسراڻ، شل رب ڪريم کيس جنت ۾ جايون ڏئي، اتفاق سان امير ۽ زميندار ٿي پيو هو، ورنہ هو ملائڪ يا

(۱) ڪينچي ڇاپ سگريٽان انهيءَ زماني جون پهريون نمبر سگريٽان هيون. انهن کي 'سيل' چئبو هو. اڌائي آني پاڪيٽ ملندو هو. وڏا ماڻهو ڇڪيندا هئا. غريب غربو ٻن جي ٻيڙي ۽ حُقو ڇڪيندو هو - هو عيد براد يا وڏي نندي ڏينهن بتي ڇاپ سگريٽان وٺي ڇڪيندا هئا، جن جو پئسي ۾ پاڪيٽ ملندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

درويش. رهندو پنهنجي ڳوٺ هو، ليڪن جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ايندو هو، تہ هشام ماڻهن جا ۽ ڪتڪ انسانن جا ڪِيڏ لڳندا هئس. انهيءَ زماني ۾ سندس فيصلا ضرب المثل هوندا هئا، تنهن ڪري هر ڪو ڪُڏَڪيون سندس ڪچهريءَ ۾ پيو ايندو هو. هر ڪنهن کي پڪ هئي تہ حق ڏيندو ۽ انصاف پلئہ پوندو.

رونق ۽ آلوآلان شهر ۾، شاهي بزار ۾، سيئو بزار ۾، ڊپٽيءَ ۽ ڪليڪٽر جي پٽيوالن ۽ خانسامن ۾، تڏهن ٿي ويندي هئي، جڏهن نواب واحد بخش خان ڀٽي جي سواري اچي لاڙڪاڻي ۾ لهندي هئي. سيئو بزار جا دڪان سينگارجي ويندا، ميون وارا چنڊ ڦوڪ ڪري ڪوئٽي کان آيل انگور ۽ انار ٻاهر ڪڍي رکندا، دوارڪاداس ۽ نانڪرام بندوقن وارا نوان نوان ولايتي مال نمايان ڪري رکندا، ۽ شاهي بازار واري چانڊومل جو مڪو مڇي پوندو -- مطلب تہ سيئو بزار کان وٺي جيلس بزار جي پڇاڙيءَ تائين هڪ هنگامون ۽ هل پئجي ويندو هو، ڄڻ سيني جون عيدان ٿي ويون، گويا سمورن جو لايو سجايو ٿي ويو!

مرحوم جاڏي هلندو، دوستن يارن جو، سنگتن ساٿن جو، نوڪرن ۽ چاڪرن جو هڪ وڏو ڪتڪ ساڻ ڪندو. پهچڻ سان طرحين طرحين طعام چڙهي ويندا. چاشنين ۽ زردن، ڪوفتن ۽ قورمن، دمپختن ۽ شبين، پلاون ۽ پونن جون ٻُويون ۽ هُڳاوَ درن دروازن کان ٻاهر نڪري، سڙڪ تائين ايندي ويندي جي اشتها کي پيا اٿاريندا. مڙس سخي هو بي انتها. جڏهن ايندو تہ يتيم ٻارن، رنن زالن، مفلسن، محتاجن، اکين جي حافظن ۽ قرآن جي محافظن، يعني سرمائيندارن جي اصطلاح مطابق "پينن" جي لسٽ ۾ جيڪي انساني جنسون اچي وڃن ٿيون، انهن جا ڪتڪ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ڪن کي لٽا ملندا، ڪن کي خيرات ملندي، ڪن کي اَنُ ملندو، ڪن کي ماني ملندي ۽ ڪن کي قرآن مجيد جا نسخا ملندا. مطلب تہ واحد بخش جي دروازي تان خالي موٽڻ يا موٽائڻ ڏاڍو عار ۽ عيب شمار ٿيندو هو.

سخي تہ برابر ججهو هو، ليڪن نوابي شان بہ ڪيس واهہ جو رکڻ ايندو هو. ناهوڪو چڙڪ ٻت، قد سروَ جهڙو سڌو، نڪ، اکيون، منهن جي تختي خواهہ پيشاني ڏاڍي وٽندڙ ۽ جنسار جهڙي؛ مٿي تي جوڌ پوري پٽڪو ٻڌي، ڳلي بند ڪوٽ پائي، ۽ برجيس وجهي، جڏهن شهرن کي وٽ ڏيئي هلندو هو، تڏهن ماڻهن جون مٿس اکيون کپي وينديون هيون. نظر بہ اها ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳيس، جو اجا جواني ڦوهہ ڏيئي مس نڪتي هئي، جو اوچتو اجل جي سٽ ڪائي وينو.

ٺٽي ضلعي ۾ نئين زمين خريد ڪري پهريون پهريون اوڏانهن وڃڻ جي سنبت ڪيائين، وڏي لاوَ ۽ لشڪر، تنبو ۽ تولان سان. نوڪرن چاڪرن، ڪامِن ۽ ڪمدارن جي قطار سميت، دوستن يارن، سنگتِن ۽ ساٿين جي وچ ۾، جڏهن وڃي اتي لٿو، تہ جڻ بر ۾ بازاريون لڳي ويون. نالو تہ اڳ ئي وڃڻو هيس، شهرت بہ سندس عام هئي، پري پري کان ڪي آڌر ڀاءُ لاءِ تہ ڪي محض سندس ديدار سانگي، وڏيرا، نيڪ مرد، ۽ ڀاڙن جا پريا مڙس، ڪٽڪ ڪري اچي پهتا. خوش خير عافيت، ڪچهريءَ ۽ مجلس کان پوءِ، مانيون ٽڪيون تہ اُهي اُهي کاڌائون جيڪي ڪين خواب ۾ بہ نصيب ڪو نہ هيون، ليڪن ٻي ڳالهہ جا عجيب ٿي ۽ جنهن جهنگ جهر، بر ۽ بحر ۾ الوالان ڪري ڇڏي، سا اها، جو واحد بخش خان مزمانن جي وهٽن کي بہ مصرين ۽ کنڊن جا شربت پياري ڇڏيا. حڪم ڪيائين تہ گهوڙن کي پاڻيءَ جي بجاءِ منو پاڻي پياريو وڃي! بس وات مان نڪرڻ جي دير هئي، ٻاٽلن ۾ ڳوٽيون پرٽجي ويون، صبح کان سانجهيءَ تائين گهوڙن هٽڪارون ڪيو مصرين سندا پاڻي تي پيتا! مناڻ ان زماني ۾ اڄ جهڙو مهانگو ڪو نہ هو. شايد ڏهين ربئي مڻ ملندو هو. بہ ٿي سو خرچ ٿيا هوندا. ليڪن نالو ڪيڏو ٿيو! قصا ۽ داستان ٺهي ويا، ضرب المثل ۽ چوٽيون جڙي ويون، ٺٽي کان وٺي ويندي لاڙ تائين سالن جا سال "واه ڙي پٽا واه!" پئي پئي!

مانَ ۽ سومانَ رکڻ جا اجهو اهڙا نُڪتا ۽ نمونا مرحوم کي ايندا هئا: دلين کي دام وجهڻ جا، خدا بخشيس، اهڙا سبق سکيل هُو، تڏهن تہ هميشه دوستن ۽ احباب ڪٽان ڪتان جا، ڏينهن سندا ڏينهن وٽس گهاري ۽ گذاري ڇڏيندا هئا ! جيڪو واحد بخش جي سنگت ۾ آيو، تنهن کان گهر گهاٽ وسريو.

* * *

انهي دور ۾ دوستين جا انگ ۽ ننگ بہ هوندا هئا: ماٺهو پڳان متائي ياري رکندا هئا؛ هڪٻئي لاءِ سڪ ۽ سواد هوندو هو. هاسيڪار دوستن کي ڏسڻ ۽ انهن سان حال اورڻ لاءِ پاند ڏينهن اچي رهبو هو. غرض ۽ مطلب خاطر نہ بلڪ چڙو منهن ڏسڻ لاءِ هڪٻئي ڏي ڪيچ ڪهي اچبو هو. دوست آيو تہ هيانءُ ٺري پوندو، ۽ منهن ٽڙي ويندو، خوشيءَ مان پيو ڪلبو، ور ور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيون ڳراٽيون ڏيون، سينن سان پيا سينا مَلبا. اها جاءِ نہ ليندي جتي ڪٿي دوست ويهارجي.دلبريءَ ۽ دلداريءَ ۾ ڪُٿو نہ پڇبو، هر هر پيون خوش خيرافتان ٿينديون. خبر پوندي تہ اڄ دوست اچي ٿو تہ جڻ سڄيون ماندڪايون لهي پيون، تڪ ٽتي پوندا، زماني جا ڏک سور في الحال وسري ويندا. آندي نيندي جي ڳڻتي هلي ويندي، راتيون چرچن پوڳن ۾، ڏينهن ريجهہ ۽ رهاڻ ۾ لنگهي ويندا. يار هڪ دفعو هٿ آيو، تہ ڇڏڻ تي روح نہ ٿيندو، وڃڻ جو وقت ايندو تہ ٽڪائڻ لاءِ بهانا پيا ڳولبا. رٺائون پيون رٺبيون، منٿان ميڙيون ڪري پيو چئبو ـ ”ادا اڄوڪو ڏينهن! ير ڇڙو اڄوڪو ڏينهن تڪ! پلا ڇڙي رات رهہ، سياٽي ڪري وڃجانءِ! ڇڱو ڏيهرو ڪري شام جو الاتهار ڪر!“ ـ اڄ ٽڪيو تہ سياٽي رهائڻ لاءِ وري پيا ڪيڏ ڪيڏبا. دوست جڏهن رخصت ٿيندو، ائين پيو لڳندو ڄڻ گهر ويران ٿي ويون، در ۽ ديواريون پيون ڪائينديون ـ بڻي ڏينهن ڪل خوشيءَ جا جو گذريا. ڪي چند گهڙيون وندر ۽ رهاڻ ۾ جو بسر ٿيون!

دوستن يارن جا ننگ ۽ حق هوندا هئا. دوست تہ ٺهيو پر دوست جي دوستن جي بہ غلامي ڪبي هئي، دوست جي اولاد تي اهو ئي حق هوندو هو، جيڪو بيءُ کي پنهنجي پٽن تي ٽئي ٿو. پيڙهين تائين پيا اهي سلسلا هلندا هئا. ڪهڙي مجال جو وچ ۾ ڪو قط پوي. يار ياران پيغام پهتو، ڪنهن نياپو آندو، يا ڪا نشاني ملي تہ ان تي سر ڏبو. آٽيندڙ جا سوين آڌر ڀاءَ ڪبا. ڏينهن پوندا تہ سيڙائي خبر رکڻ لاءِ خابرو موڪلبو. اڪيون انهيءَ پار ڏي اٽڪيل هونديون. جڏهن سک سلامتيءَ جي سڌ پوندي، تڏهن وڃي خير جو ڪلمون پڙهبو. ايترو دوستيءَ جو حق سمجهيو ويندو هو. نسبتن جا ايڏا ننگ هوندا هئا. دلين منجهہ اهڙا دام پيل هوندا هئا! يارانيون ملڪين مشهور ٿي ويندي ون هيون. ماٺهو مثال پيا ڏيندا هئا ـ ”ير! فلاڻو فلاڻي جو دل گهريو دوست آهي!“ ”هن جي هن سان واهہ جو سنگت آهي!“ ـ ”ادا، هنن جي پريت جو ڇا چئجي ـ بلي! پڳ مٽو يار ٽا ڏسجن!“

دوستين جو مفهوم انهيءَ زماني ۾ تجارت ڪو نہ هو، يارين کي مطلب براريءَ جو ذريعو ڪو نہ سمجهبو هو.ڪنهن سان ڪُڏ ڏئي دوستي هن لاءِ ڪا نہ رکبي هئي تہ هن مان ڪو ڪم نڪرندو، يا هي ڪڏهن ڪتب ايندو. دوستي ڇڙو دوستيءَ خاطر رکبي هئي، بنان ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي، سواءِ ڪنهن سبب ۽ اسباب جي. پلا دلين اٽڪائڻ لاءِ ڪي سبب بہ هوندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن ڇا؟ ڪي جواز بہ ڳولبا آهن ڇا؟ دل لڳي جند ڇُٽي، گويا قيامت تائين جا سونا سر تي ڪجي ويا.

اهڙين دوستين جا انگ ۽ اکر اسان وٽان تڏهن ويا، جڏهن اسان جا اخلاقي اقدار مَٽيا، اسان جا ڪردار مِٽيا، ۽ اهي تڏهن مَٽيا ۽ مِٽيا، جڏهن اسان ”سياست“ ۾ پير پاتو، شخصي اقتدار کي ترجيح ڏيندي، جڏهن اسان قومي عزت ۽ ناموس کي تيج سمجهيو، ۽ جڏهن هر ايري غيري جي دل ۾ ليڊر ٿيڻ، يعني ٻين لفظن ۾ سنڌي قوم کي استعمال ڪرڻ جي آرزو پيدا ٿي، جڏهن اسيمبليءَ ۾ اُٿڻ لاءِ ماڻهن زمينون نيڪال ڪيون، جڏهن چونڊون آيون ۽ هڪٻئي جا مقابلا ٿيا، منسٽريون نهيون ۽ پارٽيون ڊٺيون، جڏهن سنڌ جي سربراهن هڪٻئي جا کيسا ڪترڻ شروع ڪيا، جڏهن باهمي واعدا ڪري هنن هڪٻئي کي ڌوڪا ڏنا، جڏهن هنن جي وچ ۾ مصحف آيو، ۽ ان مٿان قسم کڻڻ بعد بہ هنن هڪٻئي جي پٺڪن ۾ هٿ وڌا، غرض ۽ مطلب جڏهن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون ۽ نظر خواهہ نگاهہ مان اهو نور نڪري ويو جيڪو شرم، حياءَ ۽ حجاب جو حامل هوندو هو - جڏهن الهہ بخش شهادت جو شربت پيتو، جڏهن غلام حسين پٺي جو، ۽ کهڙو غلام حسين جو مد مقابل ٿيو، ۽ قاضي دوست مان ڦري کهڙي جو رقيب ٿيو، جڏهن ماڻهو ٽوم مان ڦري جعفران ٿيا، ڏاون ڏاءُ نہ جهلي سگهيو، ۽ هر ڪنهن وزارتن جي ڪرسين تي ويهڻ لاءِ پاڻ کي موزون ۽ مناسب ڄاتو - يعني جڏهن سنڌ جو هرڪو اهل ۽ نااهل، ڪاهل ۽ جاهل قومي تورزن(١) جي ڏک ڏيڻ لڳو. ان وقت ڏينهن جو انڌير ۽ راتين جو انڌير ننگري مچي وئي، سڄي ملڪ ۾ ٽڪي سير ڪاڄا ۽ ٽڪي سير ڀاڄي ٿي وئي، سنڌ سموري هڪٻئي جي دشمن بڻجي وئي، هڪ جا هٿ ٻئي جي ڳچ ۾ پئجي ويا، ۽ اهڙي طرح هر ڪو هڪٻئي سان دست بگريبان ٿي ويو، ۽ هڪڙو ٻئي جو، ٻيو ٽئين جو ويري ٿي ويو ۽ وچ ۾ ايڏا وڍ پئجي ويا، جڻ قصابن ڪان پاڻ ۾ خوني دشمنيون هيون.

ان ڪان پوءِ جتي دوستيون ٿينديون هيون، اتي دشمنيون ٿيڻ لڳيون، جتي سنگت تي سر ڏبا هئا، اتي ساٿين جا ڪنڌ ڪپجڻ لڳا، جتي واعدا ٿيندا هئا، اتي دوکا ۽ دولاب ٿيڻ لڳا، جتي هڪٻئي جي عزت ۽ آبروءَ کي

(١) 'تورزن' سنڌ جو تمام پراڻو لفظ آهي، بهادر بلڪ رستم دستان جي ڪردار جو مفهوم رکي ٿو. آمريڪا وارو 'ٽارزن' بہ انهيءَ لفظ جو مترادف پائنجي ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻچائڻ جون رٿان رٿيون هيون، اتي مانَ وڃائڻ ۽ مرتبي گهٽائڻ جا پهه پچڻ لڳا.. مطلب تہ گفتار ۽ ڪردار، اعمال ۽ افعال اهڙيءَ طرح غرق ۽ غائب ٿيا، جو ملڪ ڄڻ ڌاڙيلن جي بستي بڻجي ويو، چورن ۽ ڪاتڪن جي وستي ٿي ويو، جانورن ۽ درندن جو گويا آهيرو ٿي پيو. اسان اهڙي مردود ۽ ملعون قوم ٿي وياسي جو ڄڻ اسان کي ڪو شاندار ماضي ئي ڪو نہ هو، ملڪ جي تاريخ ئي ڪا نہ هئي، پنيان ڪا راويت ۽ ڪو ورثو ئي ڪو نہ هو، ڪو داستان ۽ ڪو پس منظر ئي ڪو نہ هو! ڏهن ويهن سالن جي ڇچوريپڻ صدين جي اخلاق ۽ ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ آيل ايامن جي ڪردار کي نهوڙي صفا ناس ڪري ڇڏيو. قومي اقتدار ۽ سياسي انگ ۽ ننگ تہ نسنگ ويا، پر ذاتي دوستين تي بہ هميشه لاءِ حرف اچي ويو. اڄ اها سڌ ئي ڪانہ ٿي پوي تہ ڪو ساٿ سنگت جي آڌار ۽ آسري تي، دوستن جي دلاسي تي ۽ ساٿين جي سهاري سان زندگيءَ جو هيءُ بامشقت قيد ڪاٽي سگهبو، هن دور ۽ دنيا جي زندگيءَ جا ڏکيا ڏينهن گذاري سگهبا، حياتيءَ جو هيءُ گانگهو، جيڪو ڳچيءَ ۾ اچي پيو آهي، تنهن جي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿبو، ۽ فقط اهڙيءَ آڌار تي ئي هي اڙانگو سفر خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪري وٺبو، ۽ ڇڙو انهيءَ ئي صورت ۾ خير سان منزل تائين رسي سگهبو -- سِڪ، ساءَ، سک ۽ سواد کان سواءِ پلا هن دنيا ۾ پيو رکيو ڇا آهي؟ اها حياتي ئي شل گهوري، جنهن جي هڪ گهڙي بہ ڪروڙ، ڏک، ڏوس، ڏوجهري ۽ ڏولاوي ۾ گذري!

"ماڻهو اڪيلو نہ آيو چڱو، نہ ويو چڱو!"

"دشمن بہ شل دوستن کان ڌار نہ هجي!"

آخر سنڌيءَ جون اهي چوڻيون اسان جي ئي ورثي ۾ آيل آهن! پوءِ ڇو اسان انهن کان روگرداني ڪئي؟ ڇو پاسو ڪيوسي؟

* * *

لاڙڪاڻي جا اهي چند زميندار، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، ذاتي طرح نيڪ ۽ رَڄُ چڱا مڙس هئا، خلق خداءِ جي لاءِ ٻين زميندارن جيان جڻي يا وڏيرن وانگر هرويرو عذاب الاهي ڪونہ هئا. منجهان ڪيترا ڪونسلن جا ميمبر، اسيمبلين جا رڪن ۽ ميونسپالٽين ۽ لوڪلبورڊن جا صدر ۽ سربراهہ بہ هئا، انهن مان ڪيترن کي ليڊر هجڻ جي بہ دعويٰ هئي. اهو سڀ ڪجهہ درست ۽ صحيح! ليڪن افسوس اهو آهي تہ مجموعي طرح انهيءَ طبقي اندر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صحيح معنيٰ ۾ قومي رهبر ۽ رهنما هڪ بہ ڪو نہ هو، ۽ نہ وري منجهن ڪو اهو شعور ئي هو تہ قوم جو مفهوم ڇا آهي، يا قوم جي تعمير ڪيئن ٿيندي آهي، ۽ رهبر ۽ رهنما جون خصلتون ۽ فضيلتون ڪهڙيون ٿين ٿيون. سندن ليڊريءَ جا اجزاءِ ترڪيبي، مول متا، يا ڪٺي ڇنجي تہ ساز ۽ سامان، فقط هي هئا:

(1) چند خانہ ساز حقن جا مفروضا رٽي، مسلمانن جي نالي ۾ انهن جي بار بار پڙرائي ڪرڻ،

(2) جڏهن ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سنڌ (١) يا معليٰ القاب جناب گورنر صاحب بمبئي، ضلعي ۾ سير سفر ۽ شيل شڪار سانگي اچن، تہ انهن جي حضور ۾ ايڊريس پڙهڻ ۽ ان ۾ مٿين مفروضن جي مڃائڻ لاءِ ڪين عرض معروض ڪرڻ،

(3) ملازم پيشي مسلمانن ۾ مقبول ٿيڻ خاطر سرڪاري محڪمن ۾ نوڪرين جي حصي مقرر ڪرائڻ لاءِ ريزوليشن پاس ڪرڻ،

(4) جاءِ بيجاءِ هندن جو هائُو بچائي، عام مسلمانن جي همدردي حاصل ڪري، پنهنجا سياسي ڪارج سِڌ ڪرڻ.

لاڙڪاڻي جي زميندارن ۽ جاگيردارن وٽ لکين ايڪڙ مزروعہ زمين هئي، جن مان ڪين ڪروڙين روپيا ساليانا ايندا هئا. انهيءَ آمدنيءَ کي هنن ڪڏهن قومي امانت ڪو نہ سمجهيو، ان مان قوم جي تعمير تي هنن ڪڏهن هڪ ڪوڏي بہ خرچ ڪا نہ ڪئي، ڪنهن قومي تحريڪ ۾ هنن جي هٿان هڪ روپيو بہ ڪونہ نڪتو. مسلمانن جي نوڪرين لاءِ تہ نهراءَ ناهيندا رهيا، ليڪن هنن انهن جي پڙهائڻ تي هڪ پئسو خرچ ڪرڻ بہ هميشه اصراف سمجهيو. البت ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ کي ڪنهن چندي چُوريءَ جي ضرورت پوندي هئي، تہ هڪ اک جي اشاري تي ۽ هڪ معمولي پيغام تي واسرن جا منهن کلي پوندا هئا. جنگ ٿيندي تہ برٽش سرڪار جي قدمن تي هزارن جا هزار وجهي ڇڏيندا. حاڪم شڪارن لاءِ اچي منزلون ڪندا، تہ ڪوتوار ڪان وٺي صاحب جي بٽلر ۽ ميم صاحب جي آيائن تائين نوٽن جا نوٽ وهائي ڇڏيندا. خطابن خاطر هنن الائي ڇا جو ڇا ڪري ڇڏيو. عزت نفس جي پاس خاطر تہ ڪا نہ ڪيائون، الٽو هنن پنهنجي آمدنيءَ کان بہ اڳتي ٽپي هڪبئي تي چڙهتون ڪيون، چندا ڏنا ۽ ذاتي خوديءَ خواهہ قومي خودداريءَ کي

(١) ڪمشنر صاحب کي اهڙيءَ طرح خطاب ڪيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرڪار سگوريءَ جي راهہ ۽ رند تي وڇائي ڇڏيائون.

زميندار لاڙڪاڻي جا هجن يا ميرپورخاص جا، افعالن ۽ اعمالن ۾ سڀ هڪجهڙا هئا. ۽ وڙ سيئن جا ساڳيا هئا. ڪٿر ڪنهن پنتي ڪانہ ڇڏي، پنهنجي وسئون ڪنهن ڪونہ گهٽايو.

اسان جي انهن سردارن ۽ جاگيردارن جي مقابلي ۾ هندو هم قوم جي سربراهن خواهہ شاهوڪارن پنهنجي ڪمائيءَ کي هميشه قومي ورثو ۽ اثاثو سمجهيو، امانت ۽ آذوقو سمجهيو. هنن پنهنجي تعليم لاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ بورڊنگ تعمير ڪيا، عام خلق خداءِ جي فائدي ۽ بهبوديءَ لاءِ اسپتالون نهرايون ۽ سينيٽوريم قائم ڪيا، يتيم گهر، هنري اسڪول ۽ بيوهہ خانا جوڙايا، عام خلق جي آرام ۽ آسائش لاءِ پارڪ، باغ ۽ تفريح خانا تعمير ڪيا. حتاڪ باغن ۾ بينچون بہ هنن ئي خريد ڪري وڌيون، تاڪ هندو - مسلمان پل اچي پهر پاڇو ساهي پٽي سڌير ٿين. جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ هوديون بہ جاءِ بجاءِ هنن جي خيراتي فنڊن مان ٺهيون، جن مان هميشه مسلمانن جي ئي ڳڏهن گهوڙن پاڻي پيتو. اهڙيءَ طرح نہ ڇڙو اهي قومي ۽ انساني ڪارج هنن جي هٿان سڌ ٿيا، بلڪ سچ ۽ ڪوڙ ۾ جيڪڏهن تميز ڪبي، دوڌ ۽ دانڌل کي ڇڏي ڏبو، تہ معلوم اهو ئي ٿيندو تہ حقيقت ۾ سنڌ کي هندن اڏيو، ملڪ کي انهن سينگاريو ۽ سنواريو. اهي سکر ۽ بکر، ڪراچيون ۽ حيدرآباديون هنن ئي جوڙيون. برادران اسلام تہ ڇڙو هندن جي ملڪ بدر ٿيڻ بعد، سِران ڪڍي وڪيون، بنيادن کي کوٽي نيڪال ڪيو، ڇتيون ۽ پٽيون ڊانيون، شهتير ۽ پٽيون، در ۽ دريون بازار ۾ آنديون. شڪارپور ڪجهہ سيڪ ۽ سيلاب ڇٽ ڪئي باقي پاڻرن جي ساٽس پلائي ٿي، بنگلديرو، خيروديرو، اسان ئي تباهہ ڪيو، ۽ طيب خواهہ پنجو ديرو بہ اسان جي هٿن سان ڊهي اچي ڊير ٿيو. الغرض هندن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خزانا ڪٺي اچي جيڪي ڪُڏن مٿان ڪُڏ اڏيا هئا، خدا جي فضل سان اسان انهن جي اج سر نہ ڇڏي سر کي!

حسن علي آفندي، نور محمد وڪيل، مير غلام محمد ٽنڊي باگي وارو، مخدوم غلام حيدر هالن وارو، عبدالرحيم شاهہ سجاول وارو ۽ حاجي سر عبدالله هارون ڪراچي وارو - رب شال سڀن کي جنت ۾ جايون ڏئي - جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪجهہ نشانيون ڇڏي نہ وڃن ها، تہ هوند ايترو مثال بہ اسان پيش ڪري ڪونہ سگهون ها.

اج هڪ بہ وڏو ماڻهو يا سنڌ جو زميندار خواهہ جاگيردار اهو ڪونہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيکاري سگهندو تہ اِجها هيءَ قومي تعمير يا اجهو هيءُ تعليمي ادارو سندس
کيسي مان ڪڙو ٿيو آهي. يا هي پائدار قومي يادگار سندن منجهان ڪنهن هڪ
جي نشاني يا سندين لاءِ سوکڙي آهي. خود واحد بخش خان پٽي جهڙي
سخي مرد انڌن جي عارضي امداد تہ هميشه ڪئي، ليڪن سچن جي سلسلي
۾ هن ڪان بہ ڪا پائيدار نشاني ڇڏي ڪا نہ پڳي. لاڙڪاڻي جي پراڻيءَ سول
اسپتال ۾ هندن جڏهن غير مسلمانن لاءِ خلاصو وارڊ نهرايو. تڏهن ڪراچيءَ
جي سر عبدالله هارون تہ ان جي مقابلي ۾ مسلمانن لاءِ هڪ وارڊ نهرائي
ڇڏيو. ليڪن لاڙڪاڻي جي ڪنهن بہ وڏ وڏيري کي توفيق ڪانہ ٿي، جو ڪٿي
اهڙو خير جو ڪم ڪري. زميندارن مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ کان ڄاڻي
واڻي اجتناب ڪيو، هنن دانستہ اسڪول، ڪاليج يا بورڊنگ ڪونہ نهرايا. هنن
جي دلي مراد ۽ مقصد اهو هو تہ سنڌ جو مسلمان نہ پڙهي، متان وچولو طبقو
پيدا ٿي پوي، غريبن جا پار پيا مزوري ڪن، ۽ پل پيا ڍور چارين! پڙهندا تہ
سندن سامهون اچي ڪرسين تي ويهندا! تنهن ڪري سنڌ اندر پل امير امير
رهي ۽ غريب غريب رهي، امير بلند ۽ بالا، غريب ماتحت، محڪوم، مجبور
۽ معذور!

اڄ انهيءَ طبقي جي جان ڪَنيءَ جو وقت اچي پهتو آهي. سندن
وسيع ۽ بيجا ملڪيتون ڪسجي اچي ايڪڙن جي انگن تي پهتيون آهن. قومي
تعمير، بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ جي مقابلي ۾ هنن پنهنجي آرام ۽ آسائش، عيشن ۽
موجن لاءِ جيڪي ماڙيون ۽ محل اڏيا، ۽ جن کي هنن پنهنجو پائيدار نشان
سمجهيو ٿي، تن مان ڪيترا تہ ماضيءَ ۾ ئي ڊهي وڃي ڍير ٿيا. جيڪي حال
۾ موجود آهن، سي بہ مرمت جي محتاجيءَ سبب مستقبل ۾ اچي پٽ پوندا.
۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ انهيءَ طبقي جو هر نشان ۽ ذاتي آثار ائين نيست ۽
نابود ٿي ويندو، جو ڄڻ هن خدا جي زمين تي ڪُرمين ۽ ڪام جي پگهر مان
پيدا ڪيل پئسي جي ذريعي پٿر جي بنيادن تي پڪين سرن جون پٽيون چوني
گچ سان اڏيون ئي ڪو نہ هئائون، ڇتين ۾ لوها گرڊر ۽ فولادي ٽِير وڌائي
ڪين هئائون، قيمتي ڪاٺ ۽ برما جي ٽيڪ ووڊ مان در ۽ دريون وجهرايون
ئي ڪين هئائون! افراسياب جي گنبذ تي ڇبري تہ نوبت هئين ٿي، هنن
همراهن جي خاڪ تي جاءِ ضرور نهرائيندي بہ هر ڪنهن کي پيو ڄڻ عار
ٿيندو.....!

اڄ مان سندن ٽالو ڪنيو آهي، سندن ذڪر آندو آهي، ليڪن سَنجهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڌي ناسودي ٿي ويا هئا. واڪا ڪندو، گاريون گند ڏيندو، ليڪن هو اصيل لاءِ چڻ آئت. اصيل مٿن هيئان چڻ وهاٺو ڪري وجي سمهيو. ڪورٽ ۾ پهچڻ شرط مئجسٽريٽ جا اوسان خطا، فرياديءَ جا حواس چٽ، ۽ ڪورٽ جي ڇت مٿي تي. ٻاهر ميدان تائين آڏيءَ پڇا جا ڪڙڪا پيا ٻڌبا. اهو ئي سبب هو، جو ٻهراڙيءَ جو هر مسلمان، فريادي هجي خواهہ جوابدار، ”ديوان گوبندرام، ديوان گوبندرام“ ڪندو ايندو. سال گذري ويا انهن ڳالهين کي، مرحوم هندستان پهچي فوت بہ ٿي ويو، پر اڄ بہ جڏهن ياد اچي ٿو تہ چڻ ڪن پيا وڃن - ”نہ ڇڏ پيٽسان کي، او ڪتو!“

مسلمان وڪيل اڃا هاڻي هاڻي امتحان پاس ڪري اچي پهتا هئا. مرحوم نواز علي ”نياز“ جي وڏي ڀاءُ مرحوم غلام عليءَ جو فرزند، فقير محمد جعفري، نئون آيو هو: حنيف پڻ نئون نئون لاڙڪاڻي ۾ آيو هو- سُک پل وٽ جاءِ هوندي هيس، گوبندرام وٽ وڪالت سکندو هو، نوجوان سنگت جو وٽس مرڪز هوندو هو: وليدن واري ڪامريڊ علي محمد عباسيءَ جو ننڍو ڀاءُ، غلام محمد، بہ ٿي سال پوءِ آيو، ليڪن سنت ئي مرحوم گذاري ويو. اهڙيءَ طرح، خدا بخشيس خير محمد سولنگي، غالباً غريب کي سلهہ هئي، زندگيءَ جناءُ ڪونہ ڪيس. پير الاهي بخش سيني کان عمر ۾ وڏو هو، پر آيو سيني کان پوءِ. علي ڳڙهہ مان امتحان پاس ڪري ٻهرين اچي نواب غيبي خان جي بنگلي جي ڀڪ ۾ رهيو، يعني حنيف جي جاءِ جي سامهون. قاضي فضل الله 1934ع ڌاري اچي پهتو. بهرحال اهي سڀ اڃا سيڪڙائو هئا.

دراصل زور هندو وڪيلن جو هو. انهيءَ دور کان اڳ سر پٽي جو ڀاءُ علي گوهر خان پٽو باريسٽري پاس ڪري آيو هو، ليڪن زميندارڪو ٻار، ڪورٽن اڳيان ۽ ماجسٽريٽن جي سامهون بيهي نہ سگهيو ۽ چپ ڪري وڃي ڳوٺ وينو.مرحوم جان محمد جوڻيجي باريسٽري پاس ڪئي،ليڪن پنهنجي مختصر زندگيءَ کي سياست ۽ هجرت ۾ گذاري ڇڏيائين. خانبهادر يار محمد جوڻيجو البت انهيءَ دور مان رهيو هو. جيڪو خدا جي فضل سان اڃا هليو اچي ٿو. مسٽر رحيم بخش ابڙو شڪارپوري بہ حنيف جن کان اڳ آيو، پر سنت خيرپور ۾ نوڪري وٺي هليو ويو.

* * *

ٽن ڪورٽن ۾ مسلمان جوابدارن جا ڪيس اچي ڪنا ٿيندا هئا:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ريزيڊنٽ جي ڪورٽ (جنهن کي عرف عام ۾ ”ريزيءَ جي ڪورٽ“ سڏيو ويندو هو) ، سيشن ڪورٽ ۽ ان جي پهلوءَ ۾ سول ڪورٽ. سِول ۾ هندو عام جام ايندا هئا. ليڪن مدعيءَ جي حيثيت ۾. سندن ڪڇ ۾ ڳاڙهي بندي، جنهن کي وَهِي بہ چيو ويندو هو. هميشه انگوچي ۾ ويڙهيل هوندي هئي. ان ۾ مسلمان مدعا عليہ جي ستن پيڙهين جو قرض درج هوندو هُو۔ مُور، مور تي وياج ۽ وياج تي وياج، اهڙيءَ طرح رقمَن تي رقمون چڙهندي جڏهن ڏسندا تہ هاڻي مسلمان لاءِ زمين ڇُڪائي ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ڪو نہ آهي، ان وقت اچي سول ڪورٽ جو در وٺندا.

چڱا چڱا، ڏسٽا وائسٽا وڏيرا وڪوڙيا پيا هوندا هئا. خير، ڪو نسورو ئي ناحق ڪونہ هو. قرض کڻڻ جي عادت انهن کي بہ عام هئي. ڏِل کُٽي، شادي آئي، غمي تي، ڪامور ڪڙو آيو، ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جي منزل تي، يڪدم موديءَ ڏي منهن ڪندا. ڪن شوقينن جي ساهيڙين ۽ سُرين جا خرچ پڪا ۽ ڪنڌا پاڌا بہ پيا اتهن هلندا هئا. زمين جي آبادي ۽ آمدني ڪيتري تي ۽ ڪاڏي وئي، ان جو لکيو انهن ئي مودين جي حوالي هوندو هو. تنهن ڪري زميندارن کي نہ ان جي سُڌ هئي ۽ نہ ان لاءِ ڪو اونو. جيڪي گهربو، سو پيو مودي ميسر ڪندو، پوءِ ڳڻتي ڇو ۽ ڇا جي؟

* * *

حنيف سان پهرين چار چشمي ديوان گوبندرام وٽ ٿي. ڪتابن جو شوقين، پاڻ کي بہ اهو مرض، دوستي ٿي وئي. گهڻو ڪري گڏ هوندا هئاسي. گوبندرام کان جڏهن جدا ٿيو، تڏهن پهريون اصيل وٽس وسايو ڪجر آيو.

ماڻهن کي ياد هوندو، جائلس پارڪ جي آمهون سامهون سڙڪ ڏي منهن ڪيو. پنهنجي جاءِ جي در اڳيان، مائي ڇُٽي کٽوليءَ تي پلٽي ڪڍيو، ويٺي حُقو ڇڪيندي هئي. ٿلهي متاري، پوڙهي، ڳاڙهي مٽي سان. جوانيءَ ۾ قمبر واري وڏيري مهري خان جوڻيجي جي ويهاريل هئي. اها جاءِ بہ ڪيس انهي نهرائي ڏني هئي.

کٽوليءَ جي پڪ ۾ ڪپڙي جي آرام ڪرسيءَ تي اڌيڪ عمر جو هڪ ماڻهو ويٺو مچان وٺيندو هو. اهو هو وسايو ڪجر - مائيءَ ڇُٽي جو خداداد فرزند. ماڻس نالو الهہ وسايو رکيو هئس، پر حنيف جو منشي ڪيس الهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وسايو خان چوندو هو. ماڻهن ۾ مشهور وسايو ڪجر هو.
وڏو فسادي ۽ ڏڦيڙو، هڪ اڌ ڪيس هميشه مٿس هوندو هو.
حنيف نئون وڪيل، ٿوري في ـ وسايو اچي سندس اصيل ٿيو. هڪ دفعي ڪنهن ماجسٽريٽ وٽ ڪيس هئس، جيڪو مخالف هو. وسايو خان ”ٽرانسفر“ کي چوندو هو ”ٽرانس“ ـ حنيف جون هُڪيون ڪڍي ڇڏيائين. صبح جو بہ ايندو ۽ شام جو بہ. ڇٽڪار ڪري، موڙا پاهر ڪڍي، اسان اڃا ويهنداسين مس، تہ اچي نازل ٿيندو. موڙي تي پاڻ بہ ويهندو ۽ ٻئي ڄنگهان بہ رکندو. ڪانپ ڪڍي، مُڇ کي وٽ ڏئي، پهرين کنگهڪر ڪندو، پوءِ ڪندو ”آخ ٿو!“ ـ جيڏي وٽندس ڪانگهارو ڪڍي، حنيف کي چوندو، ”مسٽر حنيف خان! ـ آخ ٿو... ڪيس يار! جلد ٽرانس ڪراءِ! ـ آخ ٿو... جي ٽرانس نہ ٿيو تہ دوست ٿيپ اچي ويندي! ـ آخ ٿو....“
اسان تالو رکيو هئس ”آخ ٿو“. ڏاڙهي وچ مان چيريل، شهپر وڏا، جن کي هر وقت پيو وٽيندو، وار وڏا چيلهہ تائين، ڪنن جي پاپڙين ۾ سونيون واليون، لٽا هميشه رنگارنگي پائيندو هو ـ پٽڪو سلڪ جو يا سنهيءَ ململ جو رنگدار، ڍگهو پيراهن گهٽو ڪري اچو، ڪائنچ (١) آسماني، ڪلف لڳل، ۽ ان تي چمڪندڙ بوند، وَر وڏي اهتمام سان ڇٽيل؛ ڪوٽ ڪاريءَ ساٽين جو، جنهن تي سوين سپ جا بٽڻ اڳيان پويان لڳل، سيم جي جُتي پير ۾، جيڪا هلڻ وقت چيڪٽ ڪندي هلندي.
اها هئي هاني ۽ اهي هئا اهڃاڻ وسائي ڪجر جا. هيءَ نہ هيءَ مهل، پري ڪان ”آخ ٿو“ ٿي، اسان جي لونءَ ڪاندارجي ويندي. جيسين ڪيس ٽرانسفر نہ ٿيو، تيسين حنيف لاءِ جنسي ڪاري قيام هئي. وسايو ڪجر سندس لاءِ جڻ عزرائيل هو. زندگي زهر ۽ رت ۾ رات ڪري ڇڏيائينس. ڇئي بہ غريب ڪونہ سگهندو هئس. پلا وڪالت جي زندگيءَ جي، اهو ڪجر پهرين بسم الله هو. گوبندرام ڪان جدا ٿيڻ ڪان پوءِ اها سندس پهرين پوهٽي هئي.!

* * *

هندن جي نہ ڇڙو وڪيلن کي زور هو، بلڪ انهن جا ليڊر بہ برک

(١) سٿڻ پنجن والن جي اندر ٿيندي هئي ۽ ڪائنچ ويهن والن تائين ٿيندي هئي. شوقين هميشه ڪائنچ پائيندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. تولاڻي پائر ـ هڪ ميونسپل ڪونسلر، ٻيو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ـ پئسو جام، واپار هڪ طرف، زمينداري ٻئي طرف. رام پنجواڻيءَ جو والد ديوان پرتاب راءِ، ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ پر چڻ سڄي لاڙڪاڻي جو مالڪ پاڻ هو، رام ٻي. موتواڻي، ريجهومل لاهوري، ڊاڪٽر پوهومل ۽ نهچلداس همتسنگاڻي. سڄي شهر جي سَئين اُبتي انهن جي هٿ ۾ هوندي هئي. رام ٻي. موتواڻي اگرچ کهڙي وٽ ايندو ويندو هو. چاڪاڻ تہ زميندار ي بئنڪ جو پاڻ مئنيجر ۽ کهڙو چيئرمين هو، پر ڪيس کهڙي جي مسلم دوستي اصل ڪانہ وڻندي هئي. علم دوست هو. ڪلڪتي وارو "ماڊرن رويُو" سڀ کان پهرين مون وٽس ڏٺو. پهرين نوڪري بہ مون وٽس زميندار ي بئنڪ ۾ سؤ روپئي ماهوار تي ڪئي. قرض وصول ڪرڻ لاءِ انسپيڪٽر هوندو هئس. انهيءَ زماني ۾ ڏٺم تہ لاڙڪاڻي جو ڪو بہ زميندار زميندار ي بئنڪ جي قرض کان آجو ڪونہ هو. سالن مٿي سال لنگهي ويندا، ليڪن مُور تہ نهيو، پر وياج بہ ادا ڪري ڪو نہ سگهندا هئا. چڙو اجاين خرچن، اڍنگيءَ ۽ اٻتيءَ چال چلت ڪين زير باد ڪري ڇڏيو ـ نہ راهہ رسول نہ راهہ خدا.

* * *

مسلمان ڪامورن جي سلسلي ۾ هڪ تہ شڪاربور مشهور هئي، ٻيو ڪات پات. سنڌ ۾ مسلمان ڪامورا گهٽو ڪري انهن ٻن شهرن جا هئا. لاڙڪاڻي جو ڪو وڏو ڪامورو ڪونہ هو. اسان جو مرحوم دوست"نياز" سب جيل جو جيلر هو. سندس وڏو ڀاءُ، غلام علي خان جعفري، غالباً مختيارڪار هو. هڪ اڌ ڪامورو تعليم کاتي ۾، ۽ ڪي بہ ـ چار براج آفيس ۾، جتي حضرت "خادم" لاڙڪاڻوي ۽ مرحوم غلام علي "مسرور" بہ هوندا هئا. قمبر جي ميونسپل جو چيف آفيسر محمد سومار بہ لاڙڪاڻي جي مشهور مسلمان ڪامورن مان هو. هڪ اڌ ڪو ٻيو ڪلارڪ ڪڙو يا منشي مڙو هوندو، ورنہ ٻيو ٿيو پلو.

* * *

ماڻهو اُهي هئا، اُتي ويٺي انهن سان ٿيندي هئي. شهر سڄو ٻيو ٻهڪندو هو، بازارن تي جوڀن، دڪانن تي جواني، ۽ هوٽلن ۾ جنسي بهاري لڳي پئي هوندي هئي. ڏينهن جو شاهي بازار ۾ پير رکڻ جي جاءِ نہ ملندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هٿي ۽ شام جو سيٺو بازار ۾ لئي لڳي ويندي هئي. ٻه ـ ٽي سوڊا لمليٽ جا سانچا هوندا هئا. هڪ هوٽل تي ڳوٺين جا پڪا مشينن جي معرفت پيا هلندا هئا. هر ڪو گهمي ڦري اتي اچي پگهر سڪائيندو هو. چانهه جو رواج تمام ٿورو هو، لمليٽ سوڊا جو زياده. هرڪو "ٻاٽلي" پيو پيو فرحت ڪندو هو. ليمن، راسبري، آرينج، ڪيوڙو، موتئو، لاڙڪاڻي جي سيٺو بازار جو، سکر جي ٺلهي جو، ۽ شڪارپور جي هاٿي در جو مشهور هوندو هو. "ومٽو" گهٽو پوءِ ميدان ۾ آيو، ڪوڪاڪولا ته اجها ڪالهه جي ڳالهه آهي، اجا چند سال به ڪونه ٿيا اٿس. آمريڪا جو اثر آيو، ته ڪوڪا ڪولا به آيو.

مسلمانن جا ٻه چار دڪان سيٺو بازار ۾ هوندا هئا. هڪڙو ڦڪڙ جو هوٽل، جتي ڪورٽن مان موٽيل فريادي ۽ جوابدار، خواهه ٻيا ڪمين ڪارين آيل مسلمان، ٻي آني ۾ ٻه دٻگڙ (١) ۽ پليٽ ٻوڙ جي کائي ڍؤ ڪندا هئا. گوشت سنيءَ آنٺ جو، ڪٽڪ جو اٿو صاف هوندو هو، ۽ گيهه خالص ڳائو يا ماهيو. ويجيٽيبل گيهه بازار ۾ تازو تازو آيل هو. خالص ڳائو گيهه ٻارهين آني يا ريٽي سير ملندو هو. هر ڪو چينيءَ جي ٿانون، سنڌ ۾ نهيل ڪاشيءَ جي پليٽن ۽ ڪُٽ جي برتنن ۾ کائيندو هو. نه اينامل جون پليٽان نڪتيون هيون ۽ نه اينامل جي ديگڙن جو رواج پيو هو، جنهن ٻوڙ ڀاڄيءَ جو ذائقو ئي ورهين کان وڃائي ڇڏيو آهي. ايامن کان ڪاٺي مان اها لذت ئي نڪري وئي آهي، جيڪا ڪنياڪيءَ ڪنيءَ ۾ رڌل ٻوڙ يا ٽامي جي قلعي ڪيل ديگڙي جي چانورن مان ايندي هئي.

گهٽ گهرجون، ٿورا خرچ ۽ برڪت ڀريا زمانا هئا. انسانن جي چوڌاري تمنائن جا ايڏا ڪوٽ ڪونه نڪتا هئا. ماڻهو حرص ۽ هوس جو بندو ڪونه بڻيو هو، ۽ نه گهرجن ۽ ضرورتن جي اٿاهه عالم ۾ ڪو سرگردان ۽ پريشان ڦريا ٿي. اخلاق جو ڏيوالو ڪونه نڪتو هو. خدا ۽ رسول جو ماڻهن کي خوف هو، انگريزن جي خلاف برابر هئا. ليڪن حڪومت جو رعب ڪونه ويو هو، قاعدي ۽ قانون جي آبرو ريزي ڪانه ٿي هئي، ماڻهن کي وڏي ننڍي جي عزت ۽ شهري ضابطي جو وڏو پاس ۽ لحاظ هوندو هو. اٽي ۾ ڪاٺ جو ٻورو ملائڻ هائي ٻڌوسين، ڪارن مرچن سان پپيتي جا ٻج گڏڻ، گيهه ۾ گريس جي ملاوت، ڳاڙهن مرچن سان پڪين سرن جي پائوڊر جو ميل ڪرڻ، اگ ڪنهن

---

(١) دٻگڙ ٿلهو وڏو ۽ اڻ مکيل، دٻگڙي اڻ مکيل، ليڪن دٻگڙ کان وزن ۽ سائيز ۾ ننڍي؛ اوڦراٺو، سنبون ۽ ٿلهو ننڍو خواهه وڏو. ليڪن گيهه يا مکڻ ۾ جهبيل.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تصور ۾ به ڪونه هو. رزق سان اها راند هاڻي ٿيندي ڏنيسين. مالٽن کي رنگ جا انجيڪشن هڻي، ”ربڊ بلڊ“ مالٽا ڪري وڪڻڻ، ۽ ٻلين جا پڪل پلاءَ مسلمانن کي کارائي ڇڏڻ ـ غضب خدا جو. اخلاق جي ايڏي انتها ۽ ڪردار جي ايتري ڪوتاهي انهيءَ زماني ۾ ڪٿي هئي!

ٻيو دڪان هوندو هو مرحوم حاجي ڇٽل جو. نئون نئون لٽن جو ڪڍيو هئائين. فرقائي خيالن جا مسلمان گهڻو ڪري اتان وٺندا هئا. انهيءَ سان لڳ هوندو هو دڪان حاجي محمد درزيءَ جو، جنهن وٽان هر وڏو خواهه ننڍو زميندار پنهنجا لٽا سبرائيندو هو. خانبهادر کهڙو ابتدا ۾ پنهنجا سوٽ اتان ٺهرائيندو هو. نوجوان وڪيل به ڊڪ جون پتلونون خواهه ڪوٽ يا قميصون اتان ئي ٺهرائيندا هئا. خود هندو وڪيل يا ڪامورا جيڪي شوقين هئا، سي حاجي محمد درزيءَ يا ڪمن درزيءَ جو سبيل لٽو پائيندا هئا ـ ڪمن مرهيات (١) جو دڪان شاهي بزار ۾ هوندو هو، جتان پٺا صاحب پنهنجا لٽا ٺهرائيندا هئا. ڪمن کي دڪان تي گوڏو کوڙي ويهڻ ڪونه ايندو هو. ڪپڙي کي هڪ ڪٽ ڏئي، يا مشين جو هڪ ڌاڳو هڻي، سئي قميص ۾ ٽنبي، دڪان کان ٻاهر نڪرندو. جهٽ هن دڪان تي، منٽ هن ماڻهوءَ سان، ٻه چونڪ ڳالهين جا هتي ٻه ٻول هُتي، اهڙيءَ طرح چار چڪر ڏئي وري اچي ڪم تي ويهندو. سڄو ڏينهن اها ڪار هوندي هيس.

بهرحال اهي ٻئي دڪان لاڙڪاڻي جون گويا هور ڪمپني يا آرمي اينڊ نيوي لميٽيڊ اسٽور هئا. انگريزي لٽي جو مسلمانن ۾ اڃا ايترو رواج ڪو نه هو. وڏن ماڻهن ۾ سَر پٽو سوٽ پائيندو هو، خانبهادر کهڙو پائيندو هو، نواب واحد بخش يا خانبهادر احمد خان پٽو ـ بس ٻيو ٽيو پلو. مسلمان ڪامورا پتلون ۽ ڪوٽ ان وقت پائيندا هئا، جڏهن آفيس ۾ ويهندا هئا، ورنه گهر ۾ يا شهر ۾ سٿڻ ۽ قميص، مٿي تي ترڪي ٽوپي، ترڪي ٽوپي گويا مسلمان سرڪاري ڪاموري جو ٽريڊ مارڪ هئي. پتلون تي لاڙڪاڻي جي ڪيترن هندو وڪيلن کي ڏسندو هوس ته پراڻي ٽاءِ ٻڌندا هئا. گويا پٽو خريد ڪرڻ ڪين چٽي معلوم ٿيندو هو. سوٽ پائي ڪين ڪورٽ جو ڪم ڪڍڻو هوندو هو، ورنه اها ڪا شريفانه پوشاڪ يا خانداني پوش ڪانه سمجهي ويندي هئي. لاڙڪاڻي ۾ ديوان لالچند نولراءِ کي البت ڏسبو هو ته خانگي وقت ۾ به سوٽ پايو، مٿي تي فيلٽ هئٽ رکيو، سيئو بازار ۾ پيو گهمندو هو. فيلٽ هئٽ ته خود نه سر

---

(١) مرهيات = خدا جي رحمت هيٺ آيل ـ مرحوم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٽي وٽ هئي ۽ نہ اجا کهڙي خريد ڪئي هئي. سوَلا هٿث ڪان اڳتي انهيءَ زماني ۾ اهي بہ ڪونہ وڌيا هئا.

سيئو بازار ۾ بہ مسلمان دندان ساز بہ هئا. ليڪن ٻئي پنجاپي. انگريزي ٽٿ پيسٽ جو نہ ايترو رواج هو ۽ نہ انگريزي ٽٿ برش ڪو هٿندو هو. هندن جي گهرن ۾ ٻبر ۽ ٽٽم جي 'ڏندرن' جون 'ويرهيون' پيل هونديون هيون. هر ڪو صبح جو ساجهر لوٽي ڪڻڻ وقت ڏندڻ بہ وات ۾ وجهي چڏيندو هو. هوڏانهن جهنگ جو خيال پورو ٿيو، هيڏانهن ڏند بہ صفا ٿي ويا. مسلمان بہ ڪبڙ، نم، يا ٻبر جو ڏندڻ ڏيندا هئا. تنهن ڪري نہ مهاران پچنديون هيون ۽ نہ پايوريا ٿيندي هئي. ڪو اُڙيو ٽُڙيو ماڻهو گل محمد جي دڪان يا محمد اسلم وٽ ڏند ڪڍائڻ ايندو هو، ورنہ ويچارا سجو ڏينهن دروازن وٽ ڪرسي رکيو پيا بازار ۾ ايندي ويندي کي تڪيندا هئا. ٻئي نيڪ، ٻئي شريف هئا. ٻنهي پنهنجي ٻولي وساري ڇڏي هئي. نہ منجهن سنڌيءَ ۽ پنجابيءَ جو ڪو فرق ئي هو.

اهو نقشو هوندو هو سيئو بزار جو. نانڪرام ۽ دوارڪاداس جون شاپون گڏ هونديون هيون. بندوقان، ڪارتوس ۽ ٻيو ولايتي هر قسم جو سامان وٽن موجود رهندو هو. اسان ٻنجن رپين ۾ ايليءَ جي ڪارتوسن جو سيڪڙو بہ وٺانئس ورتو. اج تہ سئو رپئين بہ سيڪڙو ڪونہ ٿو ملي. خير انهن ٻنهي دڪانن تي مسلمان زميندارن جي اچ وڃ تمام گهڻي هوندي هئي، خاص طرح سياري جي موسم ۾ وٺانئن هزارن جو سودو نڪرندو هو. زميندارن وٽ ڪليڪٽر، ڪمانيءَ ۽ ڪمشنر جون منزلان ٿينديون هيون. ڪڪڙ، ڇيلا، آنا گهڻو ڪري ماري (١) تي مهيا ڪندا هئا. ڪير ۽ گهہ بہ راج تي هوندو هو. غريبان مار انهن موقعن تي ڏاڍي ٿيندي هئي، سجو وقت هاري ناري ڇيڙ پيا وهندا هئا. صبح جو ساجهر ڏڪائيندڙ پاري ۾ گهران نڪرندا. شام تائين جهنگ هڪلرائي، ٻَچ ڪرائي، شڪار ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪين ائين ڇڏي ڏيندا هئا. جيئن هرَ مان ڊگو ڇوڙي ڇڏيو آهي. سجي ڏينهن جي ٻک ۽ اُج هر ڪو وڃي گهر لاهي. لاچاري سبب ڪري جيڪڏهن ڪو ڪڙمي حاضر ٿي نہ سگهندو هو، تہ ديري ۾ سندس سجي ٻارِ ضبط ڪئي ويندي هئي. دانهن ڪوڪ ٻڌڻ وارو، داد ۽ فرياد وارو ڪير هو؟ مُني بہ ماٺ تہ مِني بہ ماٺ.

---

(١) "مارو" چئبو هو راج ڪان منت شيءِ حاصل ڪرڻ کي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر جي سچ پڇو ته اهڙي دکي دور ۾ به هرڪو خوش پيو لڳندو هو. منهن سڀ ڪنهن جو ڇڻ سَرهو ۽ سُرهو پيو معلوم ٿيندو هو. اڄ جهڙي من جي مونجهه ۽ دل جي اداسي ڪانه هوندي هئي. ڪل، چرچي ۽ پوڳ واريون ڳالهيون ته ويون پر ڇڙو هاٺي مرڪ به منهن تي ڪانه ٿي اچي.

* * *

لاڙڪاڻي ۾ سنڌي زبان جي ادب ۽ شعر و سخن جو به ڏاڍو چرچو هوندو هو. گويا ان وقت، جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي، لاڙڪاڻي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. 'سانگي' ، 'گدا' ۽ 'قليچ' جي دور ۾ اهو شرف حيدرآباد کي هو، اتي اهو ڇهڇٽو هوندو هو. جڏهن اتي مجلسان منتشر ٿيون ۽ جڏهن اها راند ڦٽي، تڏهن لاڙڪاڻي جو وارو وريو. حيدرآباد تي جنهن وقت خزان آئي، ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ادبي بهار جي آمد ٿي. سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ادبي تحريڪن جو سمورو معاملو ۽ مرڪز لاڙڪاڻي منتقل ٿي ويو.

"سانگيءَ" کي خدا جنت ۾ جايون ڏئي، هميشه پاڻ وٽ شعر و سخن جي مجلس ڪندو هو، شاعرن کي گڏ ڪري ڪانئن همطرح غزل پڙهائيندو هو. انهيءَ مجلس کي "شعر بازي" چئبو هو. مشاعري جي نالي مان اجا ڪوبه واقف ڪو نه هو. لاڙڪاڻو ئي سنڌ ۾ پهريون شهر آهي، جتي انهيءَ طرحي شعربازيءَ جي ميڙ يا محفل کي، هندستاني طرز تي، "مشاعرو" سڏيو ويو ۽ پهريون پيرو مشاعري جا گهڻو ڪري سڀئي آداب.. سواءِ پان ۽ تڪدان جي، انهن مشاعرن ۾ استعمال ڪيا ويا.

لاڙڪاڻي ۾ جڏهن اهي مشاعرا شروع ٿيا تڏهن مون کي هوش به ڪونه هو. مان ته گهڻو پوءِ 27-1928ع ڌاري اچي اهو رنگ ڏٺو. حقيقت ۾ انهن جي ابتدا مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ (۱) ڪئي هئي. 1919ع ۾ جيئن لاڙڪاڻي جي وٽرنري اسپتال جو ڊاڪٽر ٿي آيو، تيئن اچي مشاعري جو بنياد وڌائين. مرحوم هو پنجابي، ليڪن سنڌين جهڙو سباجهو ۽ چڱو مڙس، دوستيءَ جو پڪو ۽ پختو، نيڪدل ۽ ايماندار، خود غرض اصل نه، پنهنجي هموطنِن وانگر دوستيءَ کي تجارت نه سمجهندو هو، ۽ نه ان کي ڪم ڪڍڻ جو هڪ ذريعو خيال ڪندو هو. دوستي محض دوستيءَ خاطر رکندو هو. اردوءَ جو سٺو شاعر ۽ اڪبر الهه آباديءَ جو شاگرد هو. سنڌي سنڌين

(۱) هيءُ بزرگ وڏيءَ عمر جو ٿي، آڪٽوبر 1958ع ۾ ڪراچيءَ ۾ فوت ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهڙي ڳالهائيندو هو. لاڙڪاڻي ۾ ٿي هو، جو خلافت تحريڪ جي ابتدا ٿي، ۽ مرحوم جان محمد جوڻيجي هجرت جو سلسلو شروع ڪيو. سنڌي مسلمانن جي سياسي زندگيءَ ۾ هيجان آيو. شاهه سائين تراب علي شاهه قمبر وارو ۽ مرحوم جان محمد انهن تحريڪن جا علمبردار هئا. مهاتما گانڌي، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، ڊاڪٽر ڪچلو، ابوالڪلام آزاد وغيره سڀ لاڙڪاڻي ۾ آيا. باهه ٻري وئي، جلسا جلوس ۽ نعرا شروع ٿي ويا. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر صديقي مرحوم، قومي جوش پيدا ڪرڻ لاءِ ، انگريزن جي خلاف سخت نظمون لکي شاهه سائين مرحوم کي ڏنيون، جن سياسي مجلسن يا جلسن ۾ سخت هيجان برپا ڪري ڇڏيو. انگريزن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته نظمن جي مصنف جو پتو لهن، پر ڪين آخر تائين خبر ڪا نه پئي ته ڪو سندن ئي ملازم باغي آهي. اهي نظمون نه ڪٿي ڇپيون ۽ نه اڄ ڪنهن کي ياد آهن. سالن پڄاڻان جڏهن اهي تحريڪون ختم ٿي ويون، ماٺهو ٺڏا ٿي ويا، هندو ۽ مسلمانن جو قومي نقطي نگاهه ئي ڦري ويو، ان وقت اهي نظمون شاهه سائين مرحوم وٽ مان هڪ نوٽبڪ ۾ خوشخط لکيل ڏنيون ۽ ٻاڻ ئي مٿيون قصو مون کي ٻڌايائون. بهرحال ڊاڪٽر صاحب مرحوم لاڙڪاڻي جي شاعرن کي گڏ ڪري اهي مشاعرا شروع ڪرايا. فقير علي محمد قادري مرحوم و مغفور ان دور جو پختو مشق شاعر هو. "الحقيقت" (١) اخبار سندس ملڪيت ۽ سندس ئي جاري ڪيل هئي. انهن مشاعرن جو انتخاب انهيءَ اخبار ۾ ڇپيو هو. منهنجو استاد حضرت 'خادم' لاڙڪاڻوي، پيارو ۽ منو دوست ميان غلام سرور قادري ۽ اسان جو مرحوم نواز علي خان 'نياز' به انهيءَ ابتدائي دور جا قادر الڪلام شاعر هئا. قادرين جو خاندان ۽ جعفرين جو گهراڻو ان زماني ۾ گويا علمي ۽ ادبي تحريڪ جو روح ۽ جان هو. جناب حاجي محمود 'خادم' نوجوان ۽ ڊاڪٽر صديقيءَ جو خاص شاگرد هو. اهو ئي مشاعري جي ڪاروبار جو سيڪريٽري ٿيو. جڏهن مون کي شعر شاعريءَ جو چسڪو لڳو، تڏهن سندس نالو ڏاڍو مشهور هو. شعر وشاعريءَ جي فن تي سنڌيءَ ۾ سندس لکيل هڪ ڪتاب چلڪڻي پني(آرٽ پيپر) تي نهايت سهڻو ڇپيل پڻ منهنجي هٿ لڳو، تنهن ڪري فورن خط وڪتابت جي ذريعي شاگردي اختيار ڪري ڪانئس اصلاح وٺڻ لڳس، ۽ سندس ئي حڪم تي

(١) 'الحقيقت' جي جاري ٿيڻ تي ميرزا قليچ بيگ مرحوم تاريخ قطعه م چئي آهي، جنهن جي لفظ "مرغوب طبايع" (1340هه) مان سال نڪري ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي جي مشاعرن ۾ اچي شريڪ ٿيس. ان وقت اجا مشاعري جو ڦوهه هو. گهڻا شاعر پاڻ اچي شريڪ ٿيندا هئا، ۽ ڪيترا ٽپال رستي پنهنجا غزل موڪلي ڏيندا هئا.

* * *

مون کي هڪ هڪ شيءِ چٽيءَ طرح ياد آهي. ڇا ڏينهن هئا! الغرضائي، بي فڪري، نه ڪاڏي جو غم نه روزگار جي ڳڻتي، سڀ شيءِ سستي ۽ سهانگي، ڪمي ڪنهن شيءِ جي ڪانه - ڇهه آنا مزور جي محنت ۽ هڪ روپيو ڪاريگر جي ڪمائي هوندي هئي.

آمدنيون اگرچ ٿوريون ليڪن برڪت گهڻي. تنهن ڪري ڪنهن کي ڳڻتي ۽ ڳاراٽو ڪونه هو. اڄ وارا مسئلا ملڪ ۾ هئا ئي ڪونه، جن جسم، جان، ذهن ۽ صحت کي چٽ ڪري، جيءَ کي صفا جهوري رکيو آهي. انگلنڊ جو نالو ٻڌبو هو، لنڊن جو رعب دلين تي هو، باقي نه آمريڪا هئي ۽ نه روس جو نشان هو. اسلامي ملڪن مان فقط بادشاهه دستگير يعني يارهين واري پير جي ڪري بغداد ۽ خليفته المسلمين سبب ترڪيءَ جو نالو مسلمان کي معلوم هوندو هو. عيد ۽ جمعي جي خطبن ۾ هميشه ترڪيءَ جي سلطان جو نالو بطور بادشاهه اسلام جي ورتو ويندو هو. توڙي خليفي کان خلافت کسجي وئي ۽ مرحوم کي جنت ۾ به جايون ملي ويون، پر اها سڌ سنڌ جي مسلمان کي پنجي ڪانه سگهي. سالن تائين هر جمعي ۽ هر عيد تي سندس درازيءَ عمر لاءِ دعائون گهريون ويندڀون هيون. ريڊيا ۽ هوائي جهاز ڪونه هئا، جن اڄ سڄيءَ دنيا کي هڪٻئي جي ايترو قريب ڪري ڇڏيو آهي، جو جيڪڏهن آمريڪا ۾ ڪو حادثو ٿئي ٿو نه ان جو درد هتي اسان محسوس ڪيون ٿا، اتي ڪنهنجي دل تتي ٿي ته "ڪارونري" (Coronory Thrombosis) جو حملو اسان تي هتي ٿئي ٿو. ڪنهن کي ڪنهن جي ايڏي خبر ڪانه هوندي هئي ۽ ڪنهن جو ڪنهن سان واسطو ڪو نه هو. ٿوريون گهرجون، ننڍا مسئلا ۽ معمولي معاملا دربيش هوندا هئا، ذهن خواهه جسم جن کان ڪڏهن متاثر ڪونه ٿيو.

سنڌ جو پهريون ماڻهو خانبهادر کهڙو هو، جيڪو سڀ کان اول سنڌ جدائيءَ جي سلسلي ۾ هندن جي مقابلي لاءِ لنڊن هوائي جهاز ۾ ويو، ورنه هوائي جهاز جي سواريءَ جو ڪنهن کي تصور به ڪونه ٿيو هو. مون کي ياد آهي. مان پنهنجي واهڻ جي مسجد ۾ ان ڏينهن گلستان جو اهو سبق ياد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري رهيو هوس، جنهن ۾ هي شعر آهي.:

**پسر نوح بابدان بنشست**
**خاندان نبوتش گم شد**

نيرن مهل هئي، جو اوچتو آسمان ۾ گهوگهٽ ٿي ويو. سڄو ڳوٺ گهرن مان نڪري آيو، ڄڻ صور اسرافيل ٿي ويو ۽ قيامت اچي وئي! ايترو خوف ۽ ايڏو هراس هو. سرڻ وانگر آسمان ۾ ڪا شيءِ اڏامندي نظر آئي. ڪيترا ڏينهن اچرج ۽ ويسورو هو. ڏينهن پڇاڻان معلوم ٿيو ته هوائي جهاز هو. اِهو اُهو زمانو هو، جڏهن پهرين جنگ اجا مس ختم ٿي هئي.

* * *

مطلب اهو آهي ته هرڪو فڪرن کان خالي ۽ ذهني اذيتن کان آجو رهيو هو. "الوحيد" نيون تازيون خبرون آڻيندي هئي، ورنه ٻاهراريءَ ۾ گهڻو ڪري هفتيوار اخبارون ايندون هيون، ۽ خبرن تي جڏهن هفتا گذري ويندا هئا، تڏهن ماڻهن کي حقيقت حال معلوم ٿيندي هئي.

لاڙڪاڻي جي "الحقيقت" اخبار مسلمانن جي اخبار هوندي هئي، جنهن جي پهرئين صفحي تي گهڻو ڪري نواب امير علي خان جي اُٿيءَ ويٺيءَ جون خبران يا سندس شان ۾ قصيدو ڇپيل هوندو هو. ان جي مقابلي ۾ "لاڙڪاڻه گزٽ" هندن ڪڍي، جنهن جو ايڊيٽر ديوان ٿهلرام تلريجا هو. انهيءَ پَوَ کان ته متان پيٽ تان پتلون ترڪي پيرن ۾ نه وڃي پوي، سڄو وقت ابدائي ۽ اڳٺ ۾ هٿ وجهيو پيئو سيئو بازار ۾ گهمندو هو. سندس پريس حاجي محمد درزيءَ جي پڪ ۾ هوندي هئي. ڪمن درزيءَ وانگر ديوان ٿهلرام به هڪ ساهي آفيس ۾ ويهي ڪو نه سگهندو هو. هوڏانهن شاهي بازار مان ڪينچي هٿ ۾ ڪٽي ڪمن مرحوم نڪرندو ۽ هيڏانهن ابدائي ۾ هٿ وجهي ديوان ٿهلرام آفيس کان ٻاهر ايندو. ڇهل قدمي ڪندي ڪندي ٻيئي اچي تلاءَ تي ملندا ۽ اتان وري هرڪو پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن موٽ ڪائيندو. اهي به اخبارون شهر ۾ مکيه هيون. "عالمگير" اخبار قاضي غلام نبي مرحوم گهڻو پوءِ ڪڍي، جيڪا هلي نه سگهي. ديوان قسمتراءِ ڇڳاڻيءَ جي "ايڪتا" اخبار به ڪالهه ڪلهوڻي ڳالهه آهي. - جنهن زماني جو مان ذڪر ٿو ڪيان، ان وقت قسمت اجا "ترڪ شيرازي" هوندو هو. خير، اها اصطلاح نه ايران جي آهي، اسان جي پنهنجي ٻوليءَ موجب اجا هو بلڪل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لساڻ هو، ۽ حنيف وٽ تمام گهڻي اڇ وڃ هيس. حنيف تہ قدردان نہ هو، پر سچ پچ جڏهن مجلس ۾ ايندو هو، تہ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جي جسم ۾ جڻ جان اچي ويندي هئي، ۽ جڏهن ويندو هو تڏهن ائين پيو محسوس ڪبو هو گويا دل ٻڏي ٿي. خبر نہ آهي اها ڪيفيت ڇو ٿيندي هئي. گهڻن سالن بعد هن "ايڪتا" پهريائين هفتيوار ڪڍي. جڏهن پير الاهي بخش پهريون پهريون روينيو منسٽر ٿيو، ان وقت نہ ڇڙو "ايڪتا" اخبار ڊيلي ٿي وئي، بلڪ خود قسمت جي قسمت بہ کلي پيئي. سنگت ۾ جيڪو پهرين ڇڙو قسمت سڏبو هو ۽ هفتيوار"ايڪتا" وقت مسٽر قسمت سڏجڻ لڳو، سو يڪدم ديوان قسمت راءِ ڇڳاڻي ٿي، سنڌ جي ٻڍيءَ ڇُڙيءَ جو مالڪ بڻجي ويو. تلاءَ مٿان زميندارِي بئنڪ جي پڪ ۾ جيڪو سندس حجرو هو، سو هن ڇڏي ڏنو ۽ پوسٽ آفيس جي پٺيان هڪ وڏي جاءِ وٺي ان ۾ رهڻ لڳو، جنهن جي دروازي اڳيان سنڌ جي هندو مسلم روينيو ڪامورن جا ڪٽڪ نظر ايندا هئا. اهي بہ ڪي ڏينهن هئا اڄ تہ اها بہ سڌ ڪا نہ اٿئون تہ پنهنجو اهو سنگتي رهي ڪٿي ٿو حال حيات بہ آهي يا ٿيو رب ڏي راهي. انهيءَ پهرئين زماني ۾ نياز مرحوم سان بہ دوستي هيس. هڪ نياز ۽ هڪ حنيف ڇا! ڇاڪاڻ تہ ٻاڻ هندو مسلم ايڪتا جو قائل ۽ صوفي مت جو ماڻهو هو، تنهن ڪري دوستن جو هڪ وسيع حلقو پيدا ڪيو هئائين.

پير الاهي بخش جي پنهنجي اخبار، جنهن جو نالو "شمشير اسلام" هو. سا ليٿوءَ ۾ ڇپجي، غالباً دادوءَ مان نڪرندي هئي. نالي جي ٻن پاسن کان بہ ترارِيون ڏيکاريون ويندِيون هيون، جيڪي ڪاتبن جي ڪرامت سبب ڪڏهن لِٺيون ٿي پونديون هيون ۽ ڪڏهن لڪڻ وانگر ڏيکاربيون هيون ۽ ڪڏهن تہ سچو عنوان اهڙي طرح گول مال ٿي ويندو هو، جو نہ اخبار جي نالي جو پتو پوندو هو ۽ نہ اسلام جي انهن تلوارن جو. اهو پير صاحب جو نوخيزيءَ جو قصو آهي. ان کان پوءِ پير صاحب عليگڙهہ تعليم حاصل ڪرڻ ويو.

* * *

قصو شاعريءَ جو ٿي ڪيم، وچ ۾ ڳالهين تان ڳالهہ نڪري آئي ۽ قصو ٿي وچ ۾ اور اچي ويو. پر اهي ڳالهيون بہ تہ آخر انهيءَ زماني جون آهن، جنهن زماني جو تعلق مرحوم نياز سان آهي ۽ اورڻ جهڙيون بہ آهن.

خير، جڏهن مان اچي سائس شريڪ ٿيس، ان وقت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مشاعرو "الحقيقت" آفيس جي پرسان: مرحوم علي محمد قادري جي اوطاق تي ٿيندو هو. مشاعري جي 'طرح' ڪنهن اردو بيت جو ترجمو ڪري ڏني ويندي هئي. "الحقيقت" ۾ به اُن جو اعلان ٿيندو هو ۽ ڪن خاص شاعرن ڏانهن ٽپال ۾ به خبر موڪلي ويندي هئي. ٻاهرين شاعرن مان، مون کي ياد آهي، ڪراچي وارو مرحوم غلامُ محمد "نظامي" هر مشاعري ۾ پنهنجو غزل موڪليندو هو. اتي ڪراچيءَ ۾ "انجمن ترقي اردو" نئين نئين نڪتي هئي. ڪيترا هندستاني شاعر اتي موجود هئا. ڪراچيءَ جي خاص رهاڪن مان فقط مير ايوب خان ۽ سندس پاءُ مير مقبول خان اردوءَ جا حامي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪندا هئا. "انجمن" جي جاءِ اها ٿي هئي جتي اها اڄ آهي، يعني پاڪستان چوڪ وٽ، جنهن کي ان زماني ۾ لامبٽ مارڪيٽ ڪري سڏيندا هئا. پارسين جي پوتر آتشڪده جي پنيان. اتي ٿي اردوءَ جا مشاعرا ٿيندا هئا. نظامي مرحوم سنڌيءَ جو اڪيلو شاعر اُتي هو، تنهن ڪري هُن پنهنجو واسطو لاڙڪائي جي مشاعري سان رکيو.

اهو ئي دور هو، جڏهن سنڌي شاعريءَ جي معنيٰ فقط غزل سمجهيو ويندو هو. ڪافي ۽ ڏوهيڙو چوڻ نه ڇڙو ڪسر شان بلڪ علمي درجي ۽ ادبي عظمت جي خلاف ليکيو هو. غزل ۾ لکنوي شاعرن جي طرز اختيار ڪئي ٿي وئي، رعايت لفظيءَ ۽ غير مانوس تشبيهن تي زور ڏبو هو، ۽ ان کي ئي فني ڪمال سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن هڪ مصرع ۾ اک جو ذڪر ايندو، ته ٻيءَ مصرع ۾ "آهوءَ" جو لفظ ضرور ايندو. "ابروءَ" جو استعمال ٿيندو ته ٻيءَ ۾ 'ڪمان' ايندي. معشوق جي پنبڻ جي ڳالهه نڪتي ته 'پيڪان' يعني 'تير' جو قصو لازماً ڪيو ويندو. قنداري ڏاڙهن جو نالو ورتو ويو، ته يڪدم 'پستانن' تائين وجي خيال پهچندو. سيب سمرقند جو هوندو، پر ان جو ذڪر لاڙڪائي جا شاعر جڏهن ڪنهن بيت ۾ ڪندا، ته اتي معشوق جي ڳلن جو معاملو مقصود هوندو. 'چاه' (کوه) ايندو ته "زنخدان" (ڪاڏي) جو اچڻ لازمي هو - غرض اهڙيءَ طرح غزل چيو ويندو هو، جو ان مان مزو فقط انهن کي ايندو يا سمجهندا ڇڙو اهي هئا، جن "ناسخ" ۽ "آتش" جا ديوان پڙهيا هوندا يا ايراني شاعرن جي ديوانن کي اٿلايو هوندو. سنڌ جا ماڻهو سمجهن يا نه سمجهن، سنڌن شاعري پنهنجي ماحول جي آئينه دار هجي يا نه هجي، انهيءَ سان اسان جي شاعرن جو واسطو وجهه ڪونه هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اردوءَ جي ڪتابن جو سنڌ مٿان ايترو مارو ڪو نہ هو؛ ڪن ڪن عالمن وٽ ڪي مذهبي ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا هئا يا شاعرن جي اوطاقن ۾ هندستاني شاعرن جا چند ديوان ڏسبا هئا، جيڪي نولڪشور جا ڇاپيل ۽ ٽين چئين آني ۾ گهر ويٺي گهرائيندا هئا. حقيقت ۾ انهن ئي ديوانن جي ذريعي سنڌ ۾ سنڌي غزل جو آغاز ٿيو، جنهن جي ابتدا ٽالپرن ڪئي.

اسان جا ٽالپر حڪمران جڏهن قيدي ٿي ڪلڪتي ويا، ان وقت "مٽيا برج" ۾ واجد علي شاهہ بہ باندي هو. آوڌ جي انهيءَ بدنام ٿيل بادشاهہ جو اتي بہ مشغلو اهو ئي ساڳيو هو، يعني اردوءَ ۾ نهايت پست شعر چوڻ، يا پنهنجي چڏي آيل پنهنجي لاتعداد سريتن ڏانهن هجر ۽ فراق جا قصا نهايت فحش ۽ بازاري زبان ۾ لکڻ (١). مٽيا برج ۾ اردوءَ جا ڪيترا شاعر رهندا هئا، خود اردوءَ جي مشهور ناول نويس عبدالحليم "شرر" بہ مٽيا برج ۾ پرورش حاصل ڪئي. مٽيا برج جا اهي شاعر ٽالپرن وٽ بہ ايندا هئا، ۽ انهيءَ آمدورفت ٽالپرن ۾ اردو شاعري جو چسڪو پيدا ڪيو. ابتدا ۾ هنن اردو غزل ناهيا ۽ رفتي رفتي انهيءَ اردو غزل سنڌ ۾ اچي سنڌي غزل جو روپ اختيار ڪيو.

عبدالحسين "سانگي" ۽ گدا شاهہ وٽ اردوءَ جا ڪيئي ديوان هئا، گدا شاهہ جو تہ انهن سان ايترو شغف هو، جو سفر ۾ بہ پاڻ کان ڌار نہ ڪندو هين. چنانچہ جڏهن نتي ويو، تہ پاڻ سان "آباد"، آتش" ۽ "ناسخ" جا ديوان بہ کنيو ويو، جن جي مطالعي کان پوءِ 'تڪملي' جي مؤلف، مخدوم خليل،نمونتاً اردوءَ جا چند غزل جوڙيا.

اهڙي طرح سنڌ جي غزل گو شاعرن وٽ اردو ديوانن جو مڙيو ئي ٿورو گهڻو ذخيرو هوندو هو. لاڙڪاڻي جي مشاعري جي طرح بہ اردوءَ جي ڪنهن بيت جو سنڌي ترجمو ڪري، تجويز ڪئي ويندي هئي. گويا "غزل گو" شاعرن جي دماغي افلاس ۽ تخيل جي فقدان جي انهيءَ حد تائين افسوسناڪ حالت هئي، جو هو هڪ مصرعو بہ پنهنجو تخليق ڪري ڪو نہ سگهندا هئا. انهن ئي ديوانن مان خيال، ترڪيبون، اشارا، ڪنايا، تشبيهون ۽ رعايت لفظيءَ جا نمونا هٿ ڪندا هئا. مونکي يقين آهي تہ قافيا ۽ رديف بہ انهن منجهان ئي مهيا ڪيائون ٿي. پلا 'نخچير' ، 'تحرير' ۽ تزوير' جو قافيو سنڌيءَ ۾ ڪٿان آيو! خود مان پاڻ بہ جڏهن شاعريءَ جو شوق ڪيو، تہ

(١) انهن خطن جا ڪيترا مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترا اڃا خطي آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي شاعرن جو اهو ئي صدري نسخو استعمال ڪندو هيس.

سنڌيءَ جي انهيءَ قسم جي شاعريءَ جو سمورو سرمايو ديوانن ۽ بياضن جي اندر دفن ٿي ويو ـ قبول عام جي خلعت سنڌ اندر ڪڏهن حاصل ڪري نہ سگهيو. ڀلا تشبيهان ۽ محاورا، خيال ۽ استعارا، سڀئي هوندا لکنو جي طوائف خانن جا، يا ايران جي ميخانن جا ـ سي ٿر ۾ رهندڙ ۽ ڦوڳ تي گذارو ڪندڙ ويچارا سنڌي ڪٿان سمجهي سگهندا؟

بمبئي سرڪار جو ڇاپيل شاهہ جو رسالو نہ ڪنهن سنڌي شاعر پڙهيو هو، ۽ نہ ڪنهن شاعر کي اها شاعري پسند هئي. ان کي 'ڳوٺاڻي شاعري' سمجهيو ويندو هو. ڪافي ۽ بيت جوڙيندڙ کي شاعر ڪونہ سمجهندا هئا، بلڪ چوندا هئا تہ فلاڻو تڪبند آهي. انهيءَ شاعري کي 'دهقاني شاعري' سڏيندا هئا، گويا شهرن يا شهر ۾ رهندڙ انهن اعليٰ دماغن سان سنڌيءَ جي پنهنجي شاعريءَ جي ڪا بہ مناسبت ڪا نہ هئي!

* * *

سنڌ جو ڪافي ۽ ڏوهيڙو سڄيءَ سنڌ ۽ ان جي عوام تي حاوي هو. شاهہ جا بيت ۽ ڪافيون ٻاهراڙيءَ جي ڪچهرين ۾، دهقانن جي اوطاقن ۾، ۽ چانڊوڪيءَ جي نوراني راتين جو، ڏڪڻ جي ٿڌيءَ ٿنوار ڪلڻ بعد ڳوٺڙن جي ڪشادن ايوانن ۽ اڱڻن ۾ چيون ويندِيون هيون، سمجهيون وينديون هيون، ۽ ڳايون وينديون هيون.خدا بخشي گربخشاڻي مرحيات کي، جنهن حقيقت ۾ شاهہ جو رسالو، جديد طرز تي انگريزي نموني جي تحقيق سان ۽ سهڻي نموني، ڇاپرائي، ڪامورن جي ذريعي زوري مسلمانن تائين پهچايو. ليڪن ان ڪان پوءِ بہ بطور فيشن جي جيئڻ هاڻي هرڪو شاهہ جو ماهر نظر پيو اچي، يا هر اهل نااهل جي زبان تي شاهہ جو بيت آهي، اهڙي شهرت شاهہ جو ڪلام حاصل ڪري نہ سگهيو. خود شاهہ جي ميلي جي ڪنهن شهري مسلمان کي خبر ڪا نہ هوندي هئي. ويچارا غريب غربا گڏ ٿيندا هئا. سڄي سال جا تڪ ۽ ماندگيون ٿي چار ڏينهن ميلي ۾ رهي لاهيندا هئا. شاهہ جون زيارتيون ڪري، درگاهہ تان دعائون گهري، وايون ۽ بيت ٻڌي، جليبيون ۽ ڪارڪان ۽ ڪرما ڪائي، ڳُبتُ ۽ ڪنڊيڳڙا، ڀڪي منائي ۽ ريوڙيون پنهنجي ٻارن لاءِ وٺي، ڀڪن وارن جي ڀڪن ۾ ٻيهي، پنٽي ٻيا موٽندا هئا. شاهہ جو ميلو غريبن جي ملڪيت هو، غريب ئي اتي وڃڻ فرض سمجهندا هئا. وڏن ماڻهن يا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جن کي معزز سمجهيو وڃي ٿو، يا قوم جي جنهن مخصوص طبقي جو نالو ’ليڊر‘ آهي، انهن جو انهيءَ طرف نڪو اير هو نڪو پير.

ليڊرن، حاڪمن ۽ وڏن ماڻهن کي ميلي منجهہ آڻڻ جي بدعت تہ اسان جي جي. ايم. سيد سائينءَ هاڻي پيدا ڪئي، جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ شاهہ کي بہ سنڌ جي سياسي ضرورتن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ميران محمد شاهہ سائين بہ پوءِ ڪُڏي اچي تڏهن وچ ۾ وينو، جڏهن سياست ۽ ليڊريءَ مان کيس هر طرح فراغت ۽ فارغ البالي نصيب ٿي ۽ اهو بہ کيس خيال آيو تہ شاهہ بہ متعلوي سيد هو ۽ پاڻ بہ مٽيارين مان آهي ۽ شاهہ جي رديف ۾ ان ڪري سندس قافيو پوريءَ طرح فٽ ٿيندو: ـــ

فـي الجمـلہ نـسـبـتـي بـتـو ڪـافـي بـود مـرا،
بلـبـل همين کہ قـافـيـهء گـل شـود، بس است!

سڀ کان پهريون جي. ايم. سيد سائين پاڻ ميلي ۾ منزل انداز ٿيو، پوءِ پيرزادي عبدالستار کي معہ بيگم صاحبہ جي آندائين، ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ جو چيف منسٽر هو. چيف منسٽر جو نزول ٿيو، تہ ان جي اعزاز ۾ ڪامورن بہ اچي ڪيمپان هنيون، ۽ پوليس جي عملدارن بہ اچي خيما کوڙيا. اهڙيءَ طرح رفتي رفتي غريب غربي جي انهيءَ تفريح گاهہ کي بہ سرڪاري مال يعني ’آن هز مئجسٽيز سروس‘ بڻايو ويو. پوءِ جڏهن خود سنڌ ھِن جي ور چڙهي وئي، تڏهن انهيءَ ساڳئي شاهہ جي مزار اڳيان اهي کيل کيليا ويا، جنهن جي سڄي زندگي ’عمر جي ڪوٽ‘ ڪيرائڻ لاءِ آهون ۽ دانهون ڪندي گذري، جنهن چيو تہ:

منهنجي آهہ اها! ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي!

حاڪم اتي آيا، عملدار انهيءَ جاءِ سان آشنا ٿيا، ۽ خسيس، چاپلوس ۽ سگ دروازه صفت ڪامورن ڪڙن کي اڳيان ۽ پوئتان ڪري، انهيءَ عوامي ميلي ۾ ڌارياڻپ ۽ طبقاتي فرق جو هڪ درد انگيز نظارو پيدا ڪيو ويو. ورنہ سٽ ڌارين حاڪمن جو ڪهڙو ڪم، جو انهيءَ قسم جي غريب نوازي فرمائين. ڪنهن دور دراز سرڪار سگوريءَ کي ڪو اهو جڳائي، جو پاڻ هلي اچي ميلي ملاکڙي کي شرف بخشي، آمرن ۽ اميرن جو اهو شان نہ، جو راهڪن ۽ رعيتين ۾ اچي، انهن جي گوشهء ڪلاه کي آسمان تائين رسائين ۽ انهن جي تڏن تونئرن ۽ رلين لٽڙن تي اچي رونق افروز ٿين، سمي چام کي اهو مور نہ جڳائي، جو ڪينجهر جي ڪنڌين تي اچي تنبو تولان هٽي، ۽ سوئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وري اُنهن وٽ جن جو سچو ساٿ ئي لٽجي ويو هجي ۽ جن جو سمورو قافلو ئي ڪيچي ڪاهي ويا هجن!

مطلب تہ شاهہ جي ميلي تي صاحبن جا گفتا، حاڪمن جا حڪم ۽ فرمان، ۽ آمرن جا خطاب ۽ خطبا نيٺ اچي جي. ايمر. سيد سائينءَ جي سنڌ جي ”سجاڳيءَ“ لاءِ مچايل مارڪن ۾ نافذ ٿيڻ ۽ نشر ٿيڻ شروع ٿيا.

ز گلفروش ننالم کز اهل بازار است

تپاک گرمي ۽ رفتار باغبانم سوخت

پر ڇا ڪجي جي. ايمر. سيد وري بہ تہ اسان جو پنهنجو سائين آهي ـ ڏاڍو مٺو ۽ پيارو. سندس هر حرڪت ڪيڏو بہ زخم رسائي ۽ سندس فيصلي جي غلطي ڪيترو بہ نقصان پهچائي، ليڪن ان تي دانهن ڪرڻ ۽ ان تي فرياد ڪرڻ ڪو اسان کي جڳائي؟ دريا خان دولهہ (١) ڪانپوءِ سيد ۽ جتوئي ۽ عبدالمجيد جهڙا سپاهي ڪي سنڌ کي ملندا! اهي سنڌي مائون ئي مري ويون، جيڪي مهراڻ جي ماتريءَ کي اهڙا پٽ ڄڻي ڏينديون هيون.

* * *

ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليو ويس. لاڙڪاڻي جو ذڪر هو، پٽ ڏٺيءَ وٽ وڃي پهتس! پر اهي ڳالهيون بہ تہ آخر ڪرڻ جهڙيون آهن، اهي سور بہ تہ نيٺ سلڻ وٽان آهن ـ دل جو چاڪ چڪي چڪي جڏهن ناسور ٿي پوي، تڏهن شڪايت ڪٿي نہ ڪجي پر ان جي حڪايت جو تہ حق هجڻ گهرجي. آخر اسان بہ تہ گوشت پوست جا ٺهيل آهيون ـ نہ پٿر آهيون، نہ اهڙا ناسودي ۽ بي غيرت. هر هاٿي جا ٿيندو، جڏهن مُهرائي مات ڪائي ويا!

گفتني نيست کہ برغالب ناکام چہ رفت

ميتوان گفت کہ بيچاره خداوند نداشت

جنهن عهد جي ڳالهہ هتي ٿي رهي آهي، اهو عهد هو جڏهن قليچ بيگ جي وصال ڪرڻ بعد مسلمانن ۾ ڪوبہ مشهور نثر نويس (علمي نثر نويس) ڪونہ هو. ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم ڏٺي شل جنت ۾ ڪيس جايون ڏئي، گهٽو پوءِ ميدان ۾ آيو. شاهہ جي رسالي نڪرڻ ڪان پوءِ، هن شاهہ

---

(١) خان المعظم حضرت دريا خان سنڌ جو محب وطن وزير اعظم ۽ سنڌي فوجن جو جان نثار سپهہ سالار سنڌ جي آزاديءَ جو پهريو شهيد آهي. تازي دؤر ۾، سڀ کان اول ڌارين جي تسلط جو مقابلو ڪندي انهيءَ بزرگ 927هہ ۾ شهادت حاصل ڪئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪريم جو رسالو ۽ ٻيو هڪ به سنڌي ڪتاب نئين طرز تي شايع ڪيا. فقط هڪ مولانا دين محمد وفائي ٻيو پڌبو هو، جيڪو اڪيلي سر وتندو هو سنڌ جي سرزمين ۾ سنڌ جي تاريخ کي ڳوليندو ۽ لهندو. هندن ۾ البت اعليٰ اديب ۽ نثر نويسيءَ جا استاد موجود هئا. منجهن نه فقط شاهه جو چرچو هو، بلڪ شاهه کي سچا پچا سمجهڻ وارا به انهن جي ئي پڙهيل طبقي ۾ ليندا هئا.

هاءِ ! هاءِ ! مرحوم ڪاڪي جيٺمل پرسرام جو نالو چئي ڪٽي بس ڪر. سنهي سنهي سفيد سونهاري، هميشه پيو ڪلندو. ڏسندو، ته ڏکي اچي پاڪر پائيندو. ويهندو، ته پيو بهار بهار ٿيندو. شاهه جا ڏوهيڙا به پيو ڏيندو، ۽ انهن جا راز ۽ رمزون به پيو سمجهائيندو. جڏهن 'شاهه جون آڪاٽيون' سنڌي نثر ۾ لکي پيش ڪيائين، تڏهن اسان جي ادب ۾ جنسي انقلاب اچي ويو. ساڳي اها شاهه واري زبان - مصريءَ ۽ ماکيءَ جهڙي مٺي، اهڙي نازڪ جهڙيون اسان جي مسڪين مارُن جي معصوم نياڻين جون دليون، ايڏي نرم جهڙو ڪنهن ڳوٺاڻيءَ بختاور جي هٿن جو ڪڍيل مکڻ، ۽ ايتري سپاجهي جهڙيون پائرن لاءِ اسان جي ملڪ جون پينرون ۽ وڏور ڏيئرن لاءِ اسان جي ملڪ جون مائرون. پڙهندي ائين پئي روح کي راحت رسندي، جيئن جڻ سانوڻ جي چاندوڪين راتين ۾ ڏکڻ کُهلي هيٺئون پيو ٺاري.

پروفيسر شاهاڻي قداور مڙس، ڏاڙهي ميڇان ڪوڙيل، رنگ جو گورو، سوٽ بوٽ پاتي ڪان پوءِ جنسي صاحب لوڪ پيو لڳندو هو. هڪ دفعو مرحوم کي مان به ڏنو: ڪنهن ڪونسل جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيٺو هو، ڏاڏي ۽ والد مرحوم ڪان ووٽ وٺڻ اسان جي ٽنڊڙي ڳوٺڙي ۽ شهر جي واءُ ساءُ ڪان اوٺاٺي واهڻ ۾ پاڻ هلي آيو. سندس "بلو کوکر" پوءِ ڇپيو ۽ پڙهيم.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، خدا بخشيس، پهريون سنڌي آهي، جنهن انگريزي وضع قطع تي اسان کي ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ ۽ ان جي تصحيح ڪرڻ جو نمونو ڏيکاريو ۽ راز سمجهايو. برٽش ميوزم جو نالو، يا ان ۾ به ڪي سنڌي ڪتاب ٿيندا آهن، اها خبر به ڪانئس ئي اسان کي پئي. "نورجهان" ۽ "لنواريءَ جا لال" به سندس ئي سوکڙيون آهن. مطلب ته ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽجن - پيرومل مهرچند خواهه لالچند امر ڏنو مل گهٽ هئا؟ هر هڪ زبان جو عالم ۽ نثر نويسيءَ جو استاد هو. البت شعر چوڻ سو هندن کي ڏاڍءِ ڪونه ايندو هو. پهريون شاعر، جيڪو مان پڌو، سو ڪشنچند"عزيز" هو، جنهن پنهنجي شعر جا ڪتاب انهيءَ دور ۾ ڇپايا، ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جي شاعريءَ ۾. فارسي اکرن جي ڪثرت هوندي ٻه، اوريجنل خيال هئا ۽ پنهنجي ماحول سان تعلق رکندڙ ڳالهين کي بيان ڪيو ويو هو.

* * *

اصل ڳالهه هئي تہ ان زماني ۾ اسان جي شاعرن جو غزل تي زور هو، ۽ اهو غزل بہ نيٺ سنڌيءَ ۾ نہ، ۽ جيڪي خيال سي بہ ماحول متعلق ڪونہ. فارسيءَ جا اُهي اُهي غير مانوس اکر آڻيندا هئا. جن جو صُحيح استعمال فقط فارسي زبان ۾ ئي ٿي سگهيو ٿي. سنڌيءَ منجهه انهن کي آٽڻ ائين هو، جيئن ريشم جي ڪپڙي ۾ بافتي جي چِتي هڻڻ.

اهو ئي سبب هو، جو سنڌن غزل ۽ گفتا عوام جي زبان تي اچي ڪو نہ سگهيا. ماڻهن ۾ اهي ئي پنهنجن شاعرن جون ڪافيون مشهور هيون، ۽ سنڌن مجلسن جو سينگار ۽ سنڌن روح جي ريجهہ اهائي شاعري رهي، جيڪا هو سمجهي سگهيا ٿي، ۽ جنهن ۾ سنڌن پنهنجا جذبات ۽ ڪيفيتون بيان ٿيل هيون.

زنده شاعرن مان مولوي ثنائيءَ جو ڪلام مقبول هو. مولانا غلام رسول جتوئيءَ جا مولود ۽ ڪافيون بہ جهنگ جهر ۾ ماڻهو ڳائيندا وتندا هئا. اهي ٻئي شاعر باقراڻن جي طرف جا هئا. شڪارپور جي پاسي جا مشهور شاعر هوا: مرحوم علي نواز علوي، ٻيڙو فقير، مولانا همايوني مرحوم، ۽ "غمدل" تخلص جو هڪ شاعر، جنهن جي هڪ ڪافي نہ چڙو هر هڪ جي وات تي هئي بلڪ ماڻهو ان تي وجد ڪندا هئا. نالي واري هڪ ٽُڪ ياد پوي ٿي:

غمدل گولي آهيان، برهُ وسيلو پانيان،
ڪيچ ڏٽين ڏي ڪاهيان، واهر وير وري.

خبر نہ آهي ڪافي ڪنهن چئي، ليڪن هينئن ڪافي بہ جڏهن ڪو سُر سان ڳائيندو هو، تڏهن جڻ دل مٺ ۾ اچي ويندي هئي:

ويا ٿم رات پنهون مون کان ڏير ڦري،
جن ريءَ ساعت منهنجي ڪا نہ سري
ويا ٿم رات.....
هئي ڏاهي ڏنل ڪا ڏاگهن کي،
آيا آڌيءَ رات اوطاقن تي،
ويا ڏوٻڻ سان ڪيڏو ڪيس ڪري،
ويا ٿم رات.....

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن عوامي شاعرن جون ڪافيون فوراً عوام جي زبان تي اچي وينديون هيون، هوڏنهن ڪافي نهي هيڏنهون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿي، ماڻهن ڪن تي هٿ رکيو ۽ "الوميان" ٿي وئي، نه ڪافيون اخبارن ۾ ڇپيون، نه مشاعرا ٿيا، ۽ نه انهن جو انتخاب ڪنهن اخبار ۾ آيو ـ فقط خداداد مقبوليت ۽ محض قبول عام جو شرف سندن ڪلام ۽ گفتن کي حاصل هو.

اهي عوامي شاعر عوام جي زبان مان ئي ڪافيون ٻڌي هڪٻئي جو تتبع ڪندا هئا. مثلاً، هڪڙي شاعر ٻئي جي ڪافي ڪنهن ڪان ٻڌي، کيس پسند آئي، فوراً هن ان جو تتبع ڪيو، ۽ اهو به ساڳيءَ طرح مشهور ٿيو، ان تي ٽئين شاعر جواب ڏنو، ۽ اهو پڻ زبان زد عام ٿي ويو. اهڙي طرح هڪٻئي پنيان عوام جي ذريعي سان ڪيترا شاعر هڪٻئي جو تتبع ڪندا هئا. اهو ئي سندن مشاعرو هو، ۽ اها ئي سندن اخبار هئي. انهي زماني ۾ حضرت مولانا همايوني عليه الرحمة جي هڪ ڪافي ڏاڍي مقبول ٿي.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا!
زندان هزارين، مان نه رڳو!

ڪافيءَ جو تخليق ٿيڻ هو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ باهه ٻري وئي، نئون خيال ۽ نئين طرز، سُر سنو، لفظ چيدا ۽ تڪن مٿان تڪان اهڙيءَ طرح ٻينل، جڻ هيرن ۽ موتين جو جڙاءُ ٿيل آهي. فورن ميان علي نواز علويءَ جواب ڏنو:

تنهنجي حسن سڄڻ حيران ڪيا،
انسان هزارين مان نه رڳو!

سائين صالح شاهه راڻيپور وارو انهيءَ دور ۾ وڏي پيري مريديءَ وارو بزرگ، ۽ ساڳئي وقت، دستور جي خلاف، ذوق جو صاحب ۽ شعر و سخن جو به شوقين هو. هن به انهيءَ جي تتبع تي ڪلام ناهيو. اسان جو مائٽ، قمبر جي پرسان گهنهڙ ۾ رهندو هو، سائين معشوق شاهه نالو، جهڙو صورت جو معشوق، تهڙو سيرت جو معشوق، ۽ تخلص به "معشوق" هيس. مان کيس سٺ پنجهٺ ۾ ڏٺو. انهيءَ ڪافيءَ جي جواب ۾ هن به ڪافي ناهي جيڪا پڻ ساڳيءَ طرح مشهور ٿي وئي. مطلب ته سڄي سنڌ ۾ هڪ عجب ڇهڇٽو لڳي ويو. انهيءَ ڪافي لاءِ نه شاعر ڪٺي پاڻ ۾ گڏيا ۽ مشاعرو ڪيائون، نه 'الحقيقت' اخبار ۾ سندن انتخاب شايع ٿيو، نه سامعين ڪرام موجود هئا ۽ نه "واهه ـ واهه" ٿي نه "مڪرر ـ مڪرر" جي ڏماچوڪڙي متي. ڪافيون هيون عوامي زبان ۾، عوامي جذبن سان ڀريل ۽ ماحول جون آئينه دار. ماڻهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ھٿئون ھٿ انھن ڪي جھٽي ورتو ۽ فورن مشھور ٿي ويون.

پيرل فقير، حاجي خانڻ، اميد علي شاھ، خوش خير محمد ۽ مصري شاھ - ھائي تہ ڪنھن کي ياد بہ نہ آھن - ليڪن انھيءَ دور ۾ سندن ڪلام کي ڏاڍو ڳايو ويندو ھو. ھر شوقين ۽ ھر ذوق واري ماڻھوءَ کي انھن جون ڪافيون برزبان ھيون، فرصت جي وقت ۾ ۽ رھاڻ جي مھل انھن جون مصراعون جھونگاري پيا روح ريجھائيندا ھئا. پيرل فقير جي ھيءَ ڪافي ھر ڪنھن جي زبان تي ھوندي ھئي:

خوش ٿو گذرين منھنجا منا، عاشق تنھنجو آ عذاب ۾....
او خوش ٿو گذارين.
ٻن پيو جدائيءَ جو جئڻ، آ جڻ زھر جو پيالو پيڻ،
پنھنجي يار ڪئون دم ڌار ٿيڻ، لکيو کھڙي آ ڪتاب ۾!
او خوش ٿو گذارين —
ليڙو پاتوءَ لوڪئون لڪي، عمر گذاريم ساري سڪي،
تقصير رب ڏنھن جا لڪي، ٻٽي بنديءَ جي تہ باب ۾،
او خوش ٿو گذارين —
جن کي لڳي جيءَ ۾ جڙي، سڪ سوز ۾ ويڙا سڙي،
جئري ڪڏھن ملنديِن وري، نہ تہ منھڙو ڏيکارج خواب ۾،
او خوش ٿو گذارين —
”پيرل“ چوي پڪ چاڻ تون، ڏک جا گذاريم ڏينھن مون،
سرڪار رب جي روبرو، ھر ڪو ايندو تہ حساب ۾،
او خوش ٿو گذارين —

پيرل جي ھيءَ بہ ڪافي ڏاڍو سوز پيدا ڪندي ھئي:

منا ماٺھو اسان ڪان چو، متي منھڙو رھيا ويھي،
منا ماٺھو —
لوئي ھيءَ لال تيم ليڙان، جھجي جيئڙو تيم جھيڙان،
سوين تان سور ڏين پيڙان، تنھن جي ڪل ٿا پڇو ڪيھي،
منا ماٺھو —
قضا ھن قيد قسمت ڪيس، منن مارن ڪان وسري ويس،
پڇايان روز ڏوٿن ڏس، ڪڏھن ايندا پڪي پيھي،
منا ماٺھو —

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قضا جي قلم جون ڳالهيون، سڙيءَ قسمت سيئي پاڙيون،
جدا ٿا ڏينهڙا جاليون، ايندا شل، جيءَ گهريا جيئي،
منا ماٺهو ـــــ
چوي ”پيرل“ اسان پربن، وسارڻ هنئين نہ واجب هن،
اسان کي سڪ سدا سندين، انهن جي رمز دل ربهي،
منا ماٺهو ـــــ

ڏاڏي مرحوم جي وفات کانپوءِ سندس هڪ سنگتي، هميشه جڏهن
کيس ياد ڪندو هو تہ گهڻي  تائين ڳڻ ڳائي ڳائي آخر ۾ پيرل فقير جي هيءَ
ڪافي ڏاڍي درد پريءَ لئي منجهان جهونگاريندو هو:

الهہ آئيندوءِ اڱڻ اسان جي، حال جا محرم سوڍل سياڻا،
الهہ آئيندوءِ ـــــ
جهونيون ڏنيم تنهنجون جانب جايون، جيڪي هتن سان تو ٿي ناهيون،
اڇي تہ ڏنم تنهنجا پلنگ پراڻا،
حال جا محرم ـــــ
ڪانہ جو ڪَيَوَ مون سان الله ٻيلي، جندڙي ڇڏي ويا منهنجي اڪيلي،
انهن ڏکن مان آءُ ڇا ڇاڻان،
حال جا محرم ـــــ
سون طبيبن ستيون سنبرايون، حال مئيءَ جو ڏسي وڃن ورايون،
دونهان درد جا ڪين اجهاڻان،
حال جا محرم ـــــ
پربن ”پيرل“ کي ويهہ نہ وساري، جنري جانب وڃ منهڙو ڏيکاري،
تولاءِ روئن ٿا منهنجا نيڻ نماڻا،
حال جا محرم ـ

ڪافي چئي پاڻ بہ روئندو هو ۽ جيسين پاڻ، خدا جنت نصيب
ڪريس، جيئرو هو تيسين اسان کي بہ روئاريندو رهيو. حاجي خانڻ جون بہ
ڪيتريون ڪافيون مشهور هيون. سال لنگهي ويا، اهي ذوق ئي ماڻهن منجهان
ڇڏي ويا، هاڻي تہ انهن جي ڪا مصرع بہ ياد ڪا نہ ٿي پوي. هڪ ڪافيءَ
جي پڄاڻي هيءَ هئي.

حاجي خانڻ حُبَّ جي، پيتم ڪيف ڪڙي.

ياد نٿو پوي، الائي هيءَ ڪهڙي بزرگ جي ڪافي آهي. فقط تلهہ ياد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيو عيب اباڻن تي،

چام عمر مون نہ چائي، سانگيئڙا مون ساماڻي

آيو عيب ــــ

اهو آلاپ ٻڌي، اکين جي ننڊ ڪيئن نہ اڏامندي! اهي ٺڪل ٺٺل مايون آخر تہ مارئيءَ جو هم جنس هيون.

راڳي اها ڪافي پوري ڪندو ئي مس، تہ مجلس مان آواز ايندو ـ ”واهہ سائين، واه ! جوڙو ٿي وڃي!“ ڪن تان هٿ لٿو نہ لٿي جهڙو، وري هيءَ ڪافي شروع ڪندا هئا:

مان ڏي مارن موڪليا پَرَ سوين سنيها چائي،

سانگين مان ڏي موڪليا ڏک ڏوراپا چائي ــــ

اهي کهڙآ ڏوراپا هئا!

منڙو ريڏ ئي مارئي، نہ تہ بند نہ ٻئي ڪنهن پائي!

الا! مان ڏي ــــ

”پنهنجو من ريڏئي، اي مارئي!نہ تہ پيو تہ ڪو عمر جي ڪوٽ ۾ قيد ٿي سگهي!

غريب مارئي مارن لاءِ ڪيڏي نہ اذيت ۽ ڪشاڪش ۾ مبتلا هئي، ۽ هميشه ماندي، ۽ هر وقت پئي وڃڻ لاءِ واجهہ وجهي. هڪ طرف اها هوري ۽ جهوري، ٻئي طرف مارو پيا اوڙاپا ۽ ڏوراپا ڏينس:

منڙو ريڏئي مارئي نہ تہ بند نہ ٻئي ڪنهن پائي! الا ــــ

ڏسو ٿا، بعض دفعا صحيح خبر نہ پوڻ ڪري حقيقت جي خلاف ڪيڏي نہ غلط فهمي پيدا ٿي پوي ٿي!

سچل سائينءَ جو ڪلام، شاهہ کان پوءِ ٻئي نمبر تي.ماڻهن کي ياد هوندو هو. اهي بہ وڏا عوامي شاعر هئا، جن کي هرڪو ماڻهو سيني سان لائيون وتندو هو، ۽ اهي ئي بہ شاعر هئا، جن کي زندهہ دل هندن بہ چمي اکين تي رکيو. هزارين هندو درازن جي درگاهہ جا مريد هئا، تنهن ڪري سچل جي پوڄا ٿيندي هئي. افسوس فقط هيءُ آهي، جو سچل کي شاهہ وانگر ڪو گربخشاڻي نصيب ٿي ڪونہ سگهيو. صوفي فقيرن جا جٿا هوندا هئا، جيڪي سچل جو ڪلام سڄيءَ سنڌ ۾ ڳائيندا وتندا هئا. گيڙو لٽا پيل هوندا هئن، پيرن تائين چولو ۽ هيٺ تي گوڏ. مٿو اگهاڙو، ٻانهن ۽ ڳچيءَ ۾ مڻين جون مالهائون ـ ڪشتو بہ هوندو هين ۽ يڪتارو بہ. يڪتارو ڪٽي؛ هٿ ۾ چيڙيون جهلي، پيرن ۾ چيريون وجهي، جڏهن ڪن تي هٿ رکي ”الوميان“ ڪندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. تڏهن لئي لڳي ويندي هئي. نچندا بہ هئا ۽ ڳائيندا بہ هئا. ڏاڍي ترنم ۽ طرز سان ٻڌنڌڙن جي لون ۽ ڪاندارجي ويندي هئي:

ڳليءَ ڳليءَ تي ڳوليان، ڄهاتيون پايان...

---

واٽ وندر جي ڪو ڏسي، واٽ وندر جي ڪو ڏسي...

---

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان....

---

ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناھ، هر ڪنهن صورت آپ الله...

يا هي ڪافيون:

ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون! منهنجو جنڙو جهجي ٿو.
پريان سندي پار ڏنهن، الله اوني آڻ،
چڏي شهر ڀنڀور کي، هاڙهي ويندس هاڻ،
سڳهو ايندو سپرين، پينر منهنجي پاڻ...

---

او چو ٿيون مون کي جهليو، پرين ڏنهن ڙي جيڏيون!
ويهان ڪيئن ڀنڀور ۾، جو روح انهن سان رليو.
ساڻن ٿينديس سنگتي، جو هوت هاڙي ڏي هليو.
پريان سندي پار ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو.
سچڻ سارو پانهنجو، سر "سچوءَ" کي سليو.

---

نينهن نهوڙي آهيان، هاٿي جيڏيون! ڪاڏي وڃان!
پنڌ پري ٿيو پرينءَ جو، عشق اُلارو اجان.
ڪتڻ وتڻ نا ٿئي، چرخو ڦيرائي پيجان.
پرين نايون پيٽ ۾، عشق سنديون سي اُجان.
موٽڻ واري ڪڏهين، "سچُو" نہ مصلحت مڃان.

* * *

اهي زمانا ويا، اهي ڏينهن لنگهي ويا، اهي ڳائيندڙ ۽ سچ پڇو تہ اهي ٻڌندڙ بہ وڻاڻ ويران ڪري ويا. ڳوٺڙن جي اوطاقي مڙسن وٽ رات ڏينهن لئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هونديَ هئي. ساوڻ جون نور پريون ٽڏيون ۽ چٽيون چانڊوڪيون، هئي! هئي!! ڏکڻ گهلي پوندا، وڻ ٽڻ ۾ جڻ ساهہ پئجي ويو، سرنهن ۽ ٽارن جون ٽاميون مستي وانگر پيون نچنديون، ائين پيو معلوم ٿيندو جڻ دهقانن جون ننڍڙيون نينگريون پينگهن ۾ پيون جهوٽا کائن، پڻ هڪٻئي سان ٺهڪي، ٽالهيون ۽ طبل وڄائي، ڳوٺڙي جي سڄيءَ ڪائنات کي مٿي تي کڻي ڏيندا، انهيءَ سمي ۾ نہ فقط غريب غربو راڳن جون رهاڻيون پيو ڪندو، پر خود ڪيترن زميندارن الغرض جون مثل دليون بہ اڌما کائي اٿنديون هيون، ۽ وٽن بہ ڪچهريون لڳي ويندیون هيون.

شام ٿيندي، اڱڻ تي چٽڪار کٽ، گلم وڇائجي ويا، آرام ڪرسيون زميندار ۽ ان جي مٽن مائٽن لاءِ، ۽ چڳن مڙسن لاءِ موڙا پوندا. باقي راڄ چوڌاري گلمن تي ويهجي ويندو. ماني ٽڪي کائي، "الوميان!" ٿيندي، راڳي يڪتارو کڻي وچ ۾ ويهندو، پاسي ۾ گهڙي وارو، ۽ سرندائي هوندو تہ بئي پاسي کان پر اچي وٺندو. اهڙيءَ طرح ڪافي شروع ٿيندي. هر مصرع پنيان ساڳئي مطلب جو ڏوهيڙو پيو ايندو، راڳي وَرَ وَرَ ڪيو پيو مصرع ۽ ڏوهيڙي کي دهرائيندو. هيڏانهن ڪچهري پئي ڪندي - "واهہ ميان! واهہ!" " واهہ فقير، واهہ!" " لک آفرين!" " جس ٿئي يار، جس!" " بلي سائين، بلي!" " واهہ جو لڳي دوست! واہ جو لڳي!" داد جا بہ اهڙا دل گهريا نمونا هوندا هئا - هيانءَ جي هينان نڪتل ملمي (١) ۽ تصنع کان بلڪل عاري ۽ خالي. مارئي، سهڻي، سارنگ، پيروي سُر ڳائبا. انهيءَ وچ ۾ جوڳ کي بہ جوٽبو، اڌ رات ٿيندي ۽ راٿو لڳندو ... ۽ "واہ واہ!" تي ويندي. پيچ پئي پچندي ۽ سورٺ تي تار ايندي. اهڙيءَ طرح سيني سُرن جو مزو ماڻي، ڪتيون ڪر موڙبنديون ۽ ڪڪڙ پيا پويان دس هڻندا. ان وقت محفل منتشر ٿيندي. هر ڪو ڪر پيچي، اوباسيون ڏئي، ائين پيو اٿڻ جي ڪندو، جڻ مست ميخاني ۾ سڄي رات گذاري هاڻي هوش ۾ ايندا وڃن ٿا.

* * *

انهيءَ زماني ۾ اڃا سئنيمائون ڪونہ نڪتيون هيون، پارسين جون ٿئٽريڪل ڪمپنيون زنده ايڪٽرن جي ذريعي ڊراما اسٽيج ڪرائينديون هيون، ليڪن اهي ڊراما بہ انهن چند ماڻهن کي نصيب ٿيندا هئا، جيڪي ڪراچيءَ يا

(١) ڳوناٽي زبان ۾ "ملمع" جو هم معنيٰ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بمبئي پهچي سگهيا ٿي. ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ڪئپيٽل نالي جيڪو هائي سئنيما هال آهي، سو ابتدا ۾ ٿيٽريڪل هال هو. مان پهريون ڊرامو 1925ع ۾ اُتي ڏٺو. سالن بعد مووي فلمون شروع ٿيون. پهريون خاموش ۽ گهٽي گهٽي ڪانپوءِ ٽاڪي. غالباً ٽاڪي 30-1931ع ڪانپوءِ آيون، ۽ انهيءَ بعد ئي آهستي آهستي اهي گانا ريڪارڊن جي ذريعي مشهور ٿيا، جن مذاق کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ ذوق جي صحت کي ختم ڪري، خود ڪردار ۽ گفتار کي بہ پست ڪري ڇڏيو.

پهريون ٽين جي ٽوٽاري وارا ڪاٺ جا هز ماسٽرس وائس فونا، ڪن ڪن اميرن جي اوطاقن ۾ ڏسبا هئا. بنان ٽوٽاري جي گراموفون گهٽو پوءِ پيا، جيڪي پڻ پيسي وارن ورتا. مان اهو بہ ايڊيسن جو ناهيل فونو ڏٺو، جنهن تي ٿالهي قسم جي رڪارڊن جي بجاءِ ڪنگڻيءَ وانگر گول رڪارڊ چڙهندا هئا، ۽ انهن تان هڪ گانو لاهي بيو پنهنجو ڳائل گانو چاڙهي سگهبو هو. چنانچ جڏهن اسان نندا هئاسين، تڏهن وڏن جي غير حاضريءَ ۾ اسان جو اهو مشغلو هوندو هو - يعني هڪ گانو لاهي بيو پاڻ ڳائي چاڙهڻ. هڪ دفعي هڪ خاص ڪافيءَ کي لاهي اسان پنهنجو گانو چاڙهيو، جڏهن والد مرحوم ان ڪافيءَ جي تلاش ڪئي ۽ رڪارڊ تي اسان جو آزاد ڀڏائين تڏهن ڏاڍي تنبيهہ ٿي ۽ فونو هميشہ لاءِ اسان جي دسترس کان نڪري، مقفل ٿي ويو.

محمد حسين نگيني واري جا پڪا گانا ۽ گوهر جان آگري واريءَ جا غزل ٽوٽاري واري فوني جي دور ۾، ۽ گرامو فون جي ابتدائي عهد ۾ ڀائي فيض امرتسري، ڀائي چيلي پٽيالي والا، ۽ ماسٽر ليوءَ جا رڪارڊ رائج هئا، ليڪن اهي سڀئي گانا هر چند شريفانہ ۽ ڪلاسيڪل سر ۽ تال ۾ هئا، پر سنڌين فونا عام طرح ان وقت خريد ڪيا، جڏهن ڀائي ڪنور رام جا رڪارڊ بازار ۾ آيا، ۽ مائي جيوٽيءَ آلاپ ڪري چيو تہ :

او!...

ڪنهن نہ جهليا، ڪنهن نہ پليا، هتئون ويم هاڻ...

ويراڳي وطن لئي!

انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ بنيادي طرح سنڌين کي پرائو راڳ پسند ڪونہ هو. وٽن پنهنجا راڳ، پنهنجا سُر، پنهنجا ساز، پنهنجا خيال، پنهنجون تشبيهون ۽ استعارا، محاورا ۽ مثال، جن سان سينگاريل پنهنجون ڪافيون ۽ ڪلام، ڏوهيڙا ۽ بيت هئا. يڪتاري جي تار وڳي، گهڙي کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏڪ لڳو، ڪاٺ جي چپڙين هٿ ۾ واڄٽ ڪيو، ۽ پيرن جي ڇير ڇمڪو ڪيو ـ هوڏانهن ڪن تي هٿ ويندو، ۽ هوڏانهن ’ الو الان‘ ٿي ويندي. بس پوءِ تہ هر ڪو مست ۽ مدهوش، چوڏاري ” واهہ ميان! واهہ“ پئي پوندي. حقيقت ۾ اسان سنڌين ۽ اسان مارن ماڻهن جي روح جي راحت اِهيءَ راڳ هئا. اسان جي زندگي پنهنجن انهن ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ هئي. ليڪن هاڻي ڇا ڪجي! هٿئون جو هاڃ وئي، واءُ جو اهڙو وربو، سر مٿان جو بار ۽ بوجهہ اهڙا اچي پيا تہ انهن کي سَهڻو تہ آهي.

* * *

”ڪَتين ڪر موڙيا“ جي ترڪيب مٿي ڪٿي اچي وئي آهي. اتفاق نڪري آيو آهي تہ ڪجهہ پنهنجي زبان جي خوبي ۽ خصوصيت بہ لکي وٺان: سنڌي زبان جي اُستادن رات جي پوئين حصي کي جدا جدا ٽڪرن ۾ ورهائي هر هڪ کي علحدو نالو ڏنو آهي. مثلاً اڌ رات ٿيندي تہ ان کي چئبو ” پيچ پني“، پوءِ ”ڪڪڙن دس هنيو“، ان کانپوءِ ”ڪتين ڪر موڙيا“ ، ۽ هاڻي اچڻ واري ٿيندي ” پرڀات“، آخري ڏيڍ ـ ٻن ڪلاڪن کي بہ ڏسو ڪيئن ورهايو اٿن ـ پهريون ” پنيراڪو“ ٿيندو، پوءِ ڦٽندي ” باڪ“ ، ان کانپوءِ ”پرهہ“ ڦٽي، جنهن بعد ”سورج شاخون ڪيندو“. اهي سڀ منزلان طئي ڪري پوءِ ٿيندو صبح ۽ اڀرندو سج. آهي ايڏي وسعت ڪنهن زبان ۾؟ آهي ڪنهن ٻوليءَ ۾ لفظن جو ايترو ذخيرو؟

* * *

جنهن زماني جو ذڪر ٿي رهيو آهي، انهيءَ زماني ۾ ’پيچ پنيءَ‘ جي وقت کي ڏاڍي اهميت هوندي هئي. انهيءَ مهل گهوٽ ـ ڪنوار لانوان لهندا هئا. ان کي ’پيرَنِ جو وقتَ‘ سڏبو هو، يعني برڪت پريو. سهاڳ لاءِ بہ سهڻو تہ سهاڳڻ لاءِ بہ سنو. ڏٽيءَ جي در بہ دعائون انهيءَ وقت اگهنديون هيون. اڄ تہ خير، دعائن گهرڻ جي ضرورت ئي باقي نہ رهي، تہ انهن جي اگهڻ جو سوال ڪٿان پيدا ٿيندو. بهرحال پيچ پنيءَ تي سهرا پڻ ڏاڍا سهڻا نهيل هوندا هئا. هوڏانهن پيو ٻن نين زندگين ۾ باهمي پيچ پوندو، گهوٽ ـ ڪنوار جي مائن جون پيون مرادان پوريون ٿينديون، ۽ هيڏانهن پيچ پنيءَ جا سهرا شروع ٿيندا. بجليون تہ هونديون ڪونہ هيون. تنهن ڪري شاديون گهڻو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهر ڏياٽيون ڏڏن جون ڇاڏيون اڳيان ڪنديون، ڪن کي جنڊ جو هٿيو هٿ ۾ هوندو، وڏيءَ عمر جون مايون ونديون تسبيح کي، ۽ ڪي پڙهنديون ڏاڍيءَ لئي ۽ سوز واري سر سان هن مداح کي:

**اغثني يا سيدا، رس يا رسول الله تون!**

* * *

جن پکين جو مٿي ذڪر ڪيو ويو، انهن سڀني مان دهقاني دنيا ۾ ڪانوَ کي وڏي اهميت آهي. هو نہ فقط سنڌي ادب جو هڪ مکيو ڪردار آهي بلڪ اسان جو فيملي ميمبر بہ آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ هوندو، پيو لڇايون ڪندو، ڪڏهن ڪُڏ ڏئي ٻارن کان ٽڪر کسيندو، ڪڏهن مائيءَ جي اک وٺي اٽي جي پاٽ ۾ ڇهنب هڻي ڪڍندو، جي وس پڄندس تہ ڇاڏيءَ مان ڏُڪ بہ پي ويندو. نيرن پاٽي انهيءَ نموني ڪري، پوءِ ٿهي نڪي ويهندو سانگين جا سنيها سڻائڻ، ۽ نينهن جا نياپا ڏيڻ. هو پيو "ڪان ڪان" ڪندو ۽ مايون پيون ڪنديون:

جيءُ جيءُ ڪيانءِ ڪيانتا! منهنجو ادل اچي ٿو؟

—

ڪنڊن سنڌا کير پياربندي سانءِ ! منهنجو آبلُ اچي ٿو؟

—

سچ ٻڌاءِ کير اچي ٿو! منهنجي جيجل امڙ اچي ٿي!

آيل ماءُ اچي ٿي؟

جي ورسهاڳڻ جو سهاڳ ڪنهن سير سفر تي ويل هوندو، ۽ ڪي ڏينهن وجي لائيندو ، تہ مائي پئي چوندي:

ادا ڪيانتل ! منيون لاتون لنوين ٿو، فلاڻي جو پيءُ (١) اچي ٿو؟

---

(١) مايون پنهنجي مڙس جو نالو ڪونہ وٺنديون هيون. پُٽَ جو نالو وٺي چونديون هيون: 'فلاڻي جا پيءُ!' 'فلاڻي جو پيءُ!' مرد ڪڏهن پيار مان زال کي ان جي نالي کي ننڍو ڪري سڏ ڪندو هو، يا پٽ جي نالي تي 'فلاڻي جي ماءُ' ڪري سڏيندو هو؛ ڪڏهن هو زال کي "ڳوري" يا "ڳئوري" بہ چوندو هو، خاص طرح جڏهن مائي پيرين پاري هوندي هئي - سچل جي بيت ۾ آهي تہ:

ڏاهـــو چڙهـــي ڏار تـــي، تـــو ڏنـــي ڏوراپـــا،
پـڌرا ڪري نـہ پريـنءَ جا، اهـو نـازڪ نـيـاپـا،
آتـيـــو اوراپـــا، ڳالـهـيـــون 'ڳوريءَ' کـي چوي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُڏر ڪانگل! مصرين سندا منا لولا پچائي ڏينديسانءِ!
وجي نياپا ڏين، شل خير هجين، ايڏا ڏينهن ڇو لاتئون؟

---

شل تون وڏين ۽ وسين، ڪا خير جي خبر آڻي ڏي!
منهنجا منا ڪانگا، منهنجا سڄڻ ڪياڻتا!

انهيءَ ڪي سنڌيءَ ۾ ڇٻبو آهي ڪانگ اُڏائڻ - جيئن هيٺئين بيت ۾ آهي:

آءُ راڻا رنگ لاءِ، موتي ڪاڪ ڪنڌن تي،
ناميا نانءِ خداءِ جي، پير وري هت پاءِ،
سوڍا سنديئہ ساءِ، آءُ وينـي ڪانگ اڏائيان.

عمر جي ڪوٽ ۾ بہ تہ مارئيءَ سان اهو ئي ويچارو پيو وَڙَ ڪندو هو، ماروئڙن جا نياپا سنيها، انهن جا حال ۽ احوال اهو ئي تہ ڪيس آڻي ڏيندو هو، تڏهن تہ پائي ڪنور رام درد منجهان دانهن ڪري ٿي چيو:

آءُ ڪانگا! ڪر ڳالهہ، مٺن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي،
سانگيئڙن جي، ماروئڙن جي -
آءُ ڪانگا ! ڪر ڳالهہ، مٺن ماروئڙن جي،
آءُ ڪانگا !.......

مٺن مائٽن، مارن ۽ سانگيڙين، پيڪن ۽ ساهرن ۾ اَچ وڃ ڪان سواءِ انهيءَ قربائتي ڪانگل جي، عاشق ۽ معشوق جي گهرن ۾ بہ وڏيءَ حجت سان اچ وڃ هوندي آهي - جڻ هو پنهنجن ۾ وڃي پهتو. راز ۽ نياز جا سيئي سنيها هر ڪو سندس ذريعي هڪ ٻئي وٽ پهچائيندو. ايڏو معتمد ۽ ايترو اونهو آهي، جو ڪنهن ڪي مجال ڪانہ ٿيندي، جو سندس مَنجهہُ ڪڍي سگهي. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ جيڪا بہ وهي واپري ٿيندي، ان جو اڪيلو رازدان فقط اهو ئي سنڌ جو سانورو ۽ ڪاڙو ڪانءُ هوندو. سوَن جا راز ۽ ڪيترن جا داستان دل ۾ هوندس - سال گذري ويندا، ايام ٿي ويندا، ساه سان لايو سيني ۾ سانديو وتندو، ليڪن ٻاهر ٻاڦ نہ ڪيندو. ڪيترو وضعدار ۽ ڪيڏو نہ رازن جو رکپال آهي، جي هڪ اکر ڪڏهن ڪڍي وجهي، تہ هوند ڪيترا خون ٿي پون، ۽ ڪيئي ڪاري ۽ ڪاريءَ (١) جا معاملا ٿي وڃن، ڪيترن جا ڪنڌ لهن ۽ ڪيترا وينل وياوَ ۽ گهربتيون مايون

(١)سنڌ ۾ ڪن قبيلن ۾جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم ٿئي (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سو وري معشوق بہ ظالم ۽ جفاڪار، ستمر ڪيش ۽ خونخوار، يعني نهايت خطرناڪ ۽ ازحد خوفناڪ. هن جو واهپو واهٽن سان ۽ تر وارين ترڇاٽين ۽ تاريلين سان، جن وٽ هڪ دفعو جيءَ ۾ جڙي پئي، تہ مرندي تائين جو سونو سر تي آيو ۽ قيامت تائين جو پيچ پئجي ويو. اهو پڪي حقيقت ۾ نهي بہ انهن جي وچ ۾ ٿو، جيڪي نياڻين آڻ شرط مٿس عطر اوتن، ماڻڪن سنديون گهورون گهورن موتن جون ڳانيون ڳچيءَ ۾ وجهن، ۽ جن ڪنين تي هو پرينءَ جي پار ڏنهن ٿر بر لتاڙي، جهنگ ۽ جبل جهاڳي آيو، انهن تي جواهرن جو جڙاءُ ڪن ۽ ڪتورين سندا واس ڏئي، پوءِ ويهي ڪيس پنهنجي جهوليءَ ۾ جهولن، يعني:

پڪيڙا پوبانءِ، لڙهان موتين سنديون،
آءُ اڏامي اوڏڙو، تان جهوليءَ ۾ جهوليانءِ،
سيئي ڪنپ ڪتوريءَ ۾، لاڪيڻان لوبانءِ،

---

(آندل) "پانڌي" (پند ايندڙ) چوندا هئا. جيئن سچل چوي ٿو:

پانڌي پهچائي، ورُ عريضو عجيب ڏي:
قاصد ڪونچائي، متان سورَ وجهين ساهہ ڪي.

---

ليلائيندو آئيو، پانڌي اڄ پراءِ:
ورتس درد ڏُراءِ، جو مت وجائي آئيو.

---

وڃي ڏيهہ ڏنو، ڪي تو سندو سڄڻين!
ڇگي طرح چنو، پانڌي ڏنئہ پرينءَ ڪي؟

اهو پانڌي عاشق جو ايترو همدرد ۽ قربائتو ٿيندو هو، جو خط ۾ لکيل مذڪور تي خود پاڻ بہ روئي ويهندو هو، جهڙي طرح هن بيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

وني هليو خط، پانڌي پار پرينءَ جي،
روئي روئي رتُ، تنهن هلندي حال وجائيو.

---

ڪانگل جيتوڻيڪ نياڻن سنيهن، ڳجهہ اندر جي ڳالهين، راز ۽ رمز وارن پيغامن لاءِ مخصوص هو، تاهمر ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس نامہ بريءَ جو بہ ڪمر ورتو ويو آهي:

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي،
' آندو اٿمر پاڻ سان، نينهن پريو نامو،
توُڏي ساريو سڄڻان، ڪيمر راتيان روانو،
پڙهي پروانو، مون ڪي جلد جواب ڏي!'

اتي ڪيس 'ڏاهو' سڏيو ويو آهي، يعني ايڏو عقلمند ۽ سياڻو، جو جيڪو نامو آڻي ٿو، ان کي بہ نياڻن ۽ زباني سنيهن وانگر لڪائي ۽ ڇپائي ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ سارو سمهوُبانءِ، هڪ هڪ ڪري هٽن سان.

---

سگهو اڏامي آءُ، تون پکيڙا پريڻ جا،
سڀ ڪنب ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ،
عطر ڪٿوري اوتيان، پيا ماڻڪ تو مٿانءُ
ساري سنيهاءُ، ڪي آٿي ڏيج عجيب جا.

جتي اهڙا قُرب لهي، جن وٽ سندس ايڏو مان ۽ مرتبو هجي، انهن جي وچ ۾ ڇو نہ ويهي، انهن وٽ ڇو نہ رهي، ۽ انهن سان ڇو نہ پنهنجا ڏينهن گذاري ۽ گهاري.

الغرض اهو مسڪين باک ۽ پره ڦٽيءَ جي وچ ۾ ڪانگيري ڪان نڪرندو، ڪنهن تي بار ڪونہ، پنهنجي ڇهنب سان چُڳي، سو بہ ڪنهن هڪ گهر مان ڪونہ بلڪ سڄي ويڙهي وٽان جيئن ڪوبہ بوجهہ ۽ بار محسوس نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ سندس اصول ئي آهي تہ :

يار شاطر بايد نہ ڪہ بار خاطر!

سڄو ڏينهن رهائيون ڪري، پارن سان ڪيڏي، مائين کي ريجهائي، انهن کي نياپا سنيها ڏئي، منجهند جو هر ڪو وڃي گهرن سمهندو، تہ بہ هي ٻاهران ويٺو نگهباني ڪندو، پري ڪان ڪو اوپرو ڏسندو تہ ”ڪان! ڪان!“ ڪري مالڪن کي خبردار ڪندو، جڏهن سج لڙڻ تي هوندو، ان وقت سلاماليڪي ڪري، وڃي پنهنجن وٽاڻن منجهہ واهيرو ڪندو.

اصل ۾ تہ سندس قومي نالو آهي يا هو ”ڪانءُ“ پر عاشق معشوقن، وريتين مائين، پيڪن جي پياسن ۽ سائيهہ جي سڪايلن، ڪيس سڪ ۽ قرب منجهان ڪي ئي نالا ڏئي ڇڏيا. هاڻي جڏهن ويڙهي جي وچ ۾ ڇگو مڙس ٻڌجي اچي ويهي ٿو، تہ ڪو بہ ڪيس سندس اصل واري قومي نالي سان سڏي ئي ڪونہ. سيئي پيا قرب منجها رئون ڪيس سڏ ڪيون نِتُ نوان نالا ڏين: او! ڏاها! او، ادا ڪانگا! او، منا ڪيانتا! اي، پاپيهل ادا! اي، ادا ڪانگل! اهڙيءَ طرح جيئن جيئن پيو تينهن سندا نياپا ۽ خير سنديون خبرون آڻيندو، تيئن تيئن مٿس ور ور ڪيو پيا نوان نالا رکبا، ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پيون گهورون گهوربيون. هان البت جڏهن ڪيچل ڪندو، جڏهن سري اچي گجرين پيهندو(١)، يا ڪا شرارت ڪندو، يا مرڳوئي لڄايون ڪري مائين کي

---

(١) سنڌ جو هڪ محاورو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاوڙائي وجهندو، تڏهن لاچار هو بہ ڪجهہ ڪاوڙ مان ۽ ڪجهہ حُجت پارئون، ڪانيءَ جون سنهيون چانيُرُ اولاري، ڪيس سندس اصولي نالي سان سڏي چونديون: " اُڏرُ ماريا ڪارا ڪانوَ، ڪٿي ڪِنُ ڪيو اٿئي!" ڪيس چانير هٿنديون ڪونہ، چڙو ڏيجارڻ لاءِ پري ڪان پيون اولاربنديون، جيئن پنهنجن پارڙن تي بہ ڪڏهن ڪڏهن اولاربنديون آهن.

اڳتي هلي جڏهن ڪافيون ۽ ڪلام، بيت ۽ ڏوهيڙا چيا ويا ۽ انهن ۾ ڪانگل پنهنجو پارٽ پلي ڪيو، تڏهن ڪيس اهي ۽ ٻيا ڪيترا نوان نالا ڏنا ويا، مثلاً: 'لاڪيٽان'، 'ڏاها' وغيره، وغيره. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب، ڪيانتل جي پرخلوص خدمتن جو قدر ڪندي، نہ فقط سندس سيني خطابن ۽ القابن کي تسليم ڪيو، بلڪ سندس پنهنجي ذاتي ڪردار کي بہ تاقيامَ قائم ڪري ڇڏيو. شاعرن سندس عادتن، خصلتن ۽ خوبين جو اهڙي طرح اجار ڪيو ۽ سندس ڪردار جي هر پهلوءَ کي ايترن مختلف نمون سان ۽ جدا جدا طريقي ۽ طرز سان نمايان ڪيو، جو اهو سادو سودو سانورو، ۽ شڪل صورت جو اهو موچارو (١) پکي اسان کي ڏسڻ وائسڻ ۽ بظاهر سهڻن ۽ سٺن انسانن کان اخلاق ۽ عادتن، وفاداريءَ ۽ نيبهہ جي نقطي نظر سان هر طرح ارفع ۽ اعليٰ نظر پيو اچي، بلڪ سندس مقام ايترو بالا ۽ بلند پيو معلوم ٿئي جتي اچوڪي انسان جي رسائي ئي ناممڪن آهي.

اسان جي سنڌي شعر و سخن جو وڏو ذخيرو سندس وصف ۽ واکاڻ سان پريل آهي ۽ ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونہ آهي جنهن انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي هجي. هڪ سچل کي ئي ڏسو تہ چا پيو فرمائي:

گهٽا ڏينهن لڳاءِ، چاهون ڪانگ قريب جا؟
ڪي دم آڏو دوست جي پلي ڪري پڳاءِ،
هاڻ ڪِي تاتَن تُڳاءِ، مٿان جهوريءَ منجهہ جهجي مران.

---

وات ڪري وائي، اَڄُ پڻ ڪانگ قريب جو،
ڪي جو چيائين چهنب سان، تنهن لُڄ ڏاڍي لائي،

---

(١) سنڌيءَ ۾ "موچارو" ٻنهي معنائن ۾ ڪتب اچي ٿو، سهڻي لاءِ بہ ۽ ساديءَ شڪل واري لاءِ بہ اهو ئي هڪ لفظ ڪتب آئي سگهجي ٿو. استعمال مان ان جي مطلب ۽ معنيٰ کي پروڙيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اندر ڪي آئي، جڻ جَرڙ جيري سندڙي.

---

روبرو روبرو رت، تي پڪيءَ پارانيا ڏٺي،
تہ ’پيرين وجهانءِ گهنگهرو، سي چمڪائيندو وَتُ،
’ڪيئن، ونئي خط، سهڳڙو ساٿيئڙو وربن!‘

---

ترُ نہ هڪ توڙي، اچ لامبين لاڪيٽو لئي،
وينو آه وڳوڙجي، ڪنيين ڪي ڪوڙي،
ڳالهہ ڪرڻ ڪان ڪاڪيون، منهن گهٽو موڙي،
پَر پنهنجا توڙي، چَڪيون ڏئي تو چهنب سان.

---

سٽيجو سوئي، جيڪي چوي ڪانگڙو،
هئين سان هندائجو، سرتيون سيوئي،
ڪنڊيون ڪُندن سان وجهان، پڪيءَ ڪي پوئي،
جانب ڏانهن جوئي، آئي نيناپا نينهن جا.

---

آءُ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان،
اَچڻ ٻاجهون تانهنجي، آهيان اباٽڪ آئين،
ڏاهيا گهٽا ڏينهڙا، متان تون لائين،
پير اگڻ پائين، تہ منهنجو ساهہ سڌير ٿئي.

---

ڪانگل آيم ڪالهہ، ونئي سنيها سَجَڻان،
محبت ريءَ مقالَ، ڪانہ ڪيائين ڪڏهين.

---

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهہ اوڏانهون آئيو،
پيُس هنياءُ ڦسي، ڳالهيون ڪندي سجڻين.

---

مالهان موتين جون وجهان، پڪيءَ ڪي پوئي،
پيربن سونا گهنگهرو،تا ٿئي سوايو سوئي،
سَينڌو سيڪوئي، مَرُ تنهين جو نہ ٿئي.

پکيءَ سندا پر، ڪريان مرُصع موتيين،
جو آٿي عجيب ڏنهن، ڏئي خوب خبر،
پينر ڙِي مون پَر، شال وِينو ڪري وائيون.

ڏار چڙهي ڏاهي، ڪي جو چيو ڇهنب سان،
اِهو مون آهي، آڏر ڙي ارواح ڪي.

ڇهنب ساڻ چوي، ڪي پيو ڪانگل ڪاڪيون،
پورن منجهه پوي، تو سُٺي ساهه سنيهڙو.

ڪهيو هيئن ڪانگي، آئون چيائين ڇهنب سان،
تہ 'سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندءِ اُتهين' .

ڇهنب ساڻ چئي، ڪا جا ڪانگل ڳالهڙي،
ساري آتڻ سان اُنهيءَ، ڪهڙي ڏسُ ڪئي!
پورن منجهه پئي، سپڪنهن ائت ڦَتو ڪيو.

سٺو سنيها سرتيون، تو چڙهيو ڏارَ ڏئي،
سارو ساهه نئي، تو نازڪ نياپن سان.

ڏاهو ڏار متي چڙهيو، تو ڪري بره بيانُ،
آتڻ تي احسان، ڪري ڪلامن ساڻ تو.

آٿي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي،
پَهو ڪتيندي پٽ پيس، چوهون تند چٽياس،
پيچون پيچ تياس، روئندي چولي چڪ ۾.

هلي ڪانگي هڪَ، ڪا جا ڪيَس ڳالهڙي،
تنهن مامر بِڏڻ سان روئندي، چولي ڪيائين چڪ،
سنيهي مون سڪ، پاڻهي ڪيائين پڌري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارون ڪيئن نہ ڪربانس، جو تو ڏئي سنيها سڄڻان،
پُئي پَر پڪيءَ جا، ساڻ جواهر جڙبانس،
موتين ۽ لعلن سان، پينر ڪنپ پربانس،
پيربن دست ڏربانس، جو آه نياپا ڏيندڙ نينهن جا.

---

پکي سوئي پَر، تو اڏري پار پريَنءَ جي،
خوشيءَ جي بہ خبر، ماں وٺي اچي ڪا اوڏنهون!

---

چڙهيو لنئي لامَ، تو پوليون پاجهاريون ڪري،
ڏئي سنيها سڄڻان، ٽُريو متي تام،
ماريون ماري مام، جي تو ڏئي لِڪائي لوڪ کون.

---

پريان جا پيغامَ، تو ڏني مڙيئي مام ۾،
سوين مُنجَن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي.

---

آٽي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو،
پينر سَيِ پنوس، ڳاريندي ڳوڙهن سان.

---

ڪانگا ڪتابَت، ساري سارج ساهہ سان،
اهِا اَمانَت، ٻئي ڪنهن عام نہ آڇئين.

---

زاغَ نہ تيءُ زبون، ونءُ اُڏامي اوڏنهين،
نہ تہ خاصو منهنجو خون، پوندو ڳچيءَ تانهنجي.

---

لڪو ۾ لامين، تو لاڪيٽو لاتيون ڪري،
ٿَهڪندو تامين، ڏئي سنيهو سڄَڻان.

---

اڄ ڪانگا چئہ ڪيئن، سَرها ڏنئي سُپرين؟
حال اسان هت ههڙا، ڪِي هُت يي هُئا هيئن!
جهامر ڏئي جهڙ جيئن، تيئن تي اوت اکين جي.

ڏاھا ٿيءُ نہ ڏور، ويھہ مون کي ٿي ويجھڙو،
ڪر ڪالھوڪي ڳالھڙي، جان ھُئين رات حضور،
دوست اڳين دستور، ڪي تعظيمان توکي ڏنيون.

---

زاغ زبانَون ڪڍي، اھا ئي وائي:
’پريان سندي پار جي، آ توکي وڌائي،
’پڇي حقيقت حال جي‘ ھُت ساجن سيائي،
’ تہ ڪيِ عاشق خوش اسان جو، ڪَل ڏئين ڪائي!‘
مون سان بيحد پلائي، ڪئي پرينءَ پارؤن تانھنجي.

---

ڏار چڙھيو ڏاھو، تو ڏئيمر دلاسا دل کي،
تہ صبُح سانباھو، ھو اچڻ جو عجيب کي.

---

الله لڳ اُڏامر، تون موتي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرينءَ کي، اھو پاڇيءَ جو پيغامر،
ڪري قدمن تي پئي، سوَ لَک ڏيج سلامر،
آھي اوھان ريءَ سپرين، ھت مڙيوئي ماتامر،
’اچڻ جو انجامر، ڪَر سگھو طرف ”سچوءَ“ جي.

---

’نا تہ مري وبندو ھيءُ‘ الله لڳ اچيج تون،
’تو تونَ آھي ھن جو، جاني صدقي جيءُ،
’لاہ فراق فقير کون، والي ويجھو ٿيءُ،
’تون پڻ ان جو ٿيءُ،‘ جو نوڪر تنھنجي نانوَ جو.

---

پَکي سوئي پَرَ، اج اُڏاٿو اوڏنھين،
رسيو وڃي اتھين، سو پانڌي منجھہ پَھرَ،
آڏو عجيبن جي، ڪيائين سڀ خبر:
’ھت عاشق کي اوھان بنان، ھينئڙي منجھہ حَشرَ،
”تو اوتي اکڙين مون“ ، باراني بَحر،
’ھاٿي ڏيو دلاسو دلبر، متان عاشق اُت مري وڃي.‘

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيچ پنيءَ جو مذڪور ۽ ڪانگل جو قصو تہ وچ ۾ اچي ويو، دراصل تہ ڳالهہ هئي ٻاهرازيءَ جي ادب پرور محفلن ۽ مجلسن جي. بهرحال حاصل مطلب اهو آهي تہ غريب دهقانن کي پنهنجي سادي سودي زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪرڻي پوندي هئي، جنهن بعد کين آرام، آسائش، تفريح ۽ ڪنهن شغل جي سخت ضرورت محسوس ٿيندي هئي. آخر تہ هو بہ انسان هئا. اگرچہ مسڪين ۽ غريب هئا. محل ماڙيون ڪونہ هُين، ليڪن ڪکاوان جهوپا ۽ ڪنڊاين پيهرن جي پناهہ ۾، ڪنڊن ڏنل وٿاڻ تہ هين، انهن ۾ بہ تہ آخر زندگيون هيون، ۽ ڪي اپرنڊڙ جوانيون رهيون ٿي. ۽ جيتوڻيڪ ناز ۽ نخري ۾ پليل نہ ، تڏهن بہ خدا جون تہ ڏنل هيون. ساهہ جهڙو امير کي آهي، اهڙو ئي غريب کي بہ تہ آهي.

دهقانن وٽ ريسٽارنٽ ۽ ڪيفي ڪونہ هئا. ڪافي هائوس ۽ ڪلب، ٽينس ڪورٽ ۽ اسٽيڊيم ڪونہ هئا، جتي وڃي دل وندرائن، ٿڪ ۽ ماندگيون لاهن، روحُ ٻيءَ وجهن، غمن ۽ اندوهن کي پلڪ پاڇي لاءِ پري ڪن، وٽن ڇڙو وڻن جون ٿڌيون ڇانوان هيون، فقط راتن جون چانڊوڪيون هيون، ۽ سندن قبضي ۾ محض پنهنجي اوطاقن جا وڏا اگڻ ۽ ڳوٺ جا ڪشادا ميدان هئا. تنهن ڪري هنن پنهنجيءَ انهي ننڍڙيءَ ۽ محدود دنيا ۾ ئي پنهنجي وندر ۽ روح جي پرچاءَ لاءِ ڪيئي طريقا ايجاد ڪيا هئا. مثلاً:

جوڏا جوان انهن اگڻن ۾ يا ڪشادن ميدانن ۾ اچي پهچندا، سچو شهر مڙي اچي ٻيهندو، بدن تان پيراهن پري ڪري، سندرا چيلهہ سان ڪشي، سٿڻ جا ور ڪُنجي، هڪ ٻئي سان جنبي ويندا. گهريتيون مايون، وينل وياوَ، ۽ نيون نويليون ونيون گهرن جي ڪَنڌن کي اوٽ ڪيون پيون لياڪا پائينديون. مائٽ ميدان ماربو تہ ٻَهہ ٻَهہ ڪنديون ۽ ٺهڪڙا پيون ڏينديون، سندن معصوم چهرا ائين ڪُلي پوندا، جڻ گلاب جا گل هائي ٽڙيا آهن. جي ڪو عزيز خويش ميدان ۾ مارجي پيو، تہ ويچارن جا منهن ئي لهي ويندا. اهڙيءَ طرح نوراني پيشانين تي پگهر جا قطرا نمودار ٿيندن، جڻ گلن جي نون شگوفن مٿان ماڪ جا موتي پيا جرڪن. ٻار ۽ ننڍڙا جوانڙا، جدا جدا، ڪي پيا ونجهوتي ڪندا، ڪي اِتي ڏڪر، اک ٻوٽ ۽ گورين راند پيا ڪيڏندا، ڪن جي هٿن ۾ ڪوڏيون هونديون تہ ڪي وري پيا چدا چُٽيندا. ڪي پيا ڪوڏي ڪوڏي ڪندا، ۽ ڪي وري وڏن جون ملهان ڏسي پاڻ بہ پيا هڪ ٻئي کي ٻک وجهو جانئا هٿندا ۽ اندرين هٿڻ جا پيا وجهہ وٺندا. ڇاءِ

ويچارا معصوم! حال ۾ مشغول، آئيندي کان بيخبر، کين خبر ٻه ڪهڙي ته مستقبل جون واڳون سندن هٿن ۾ رهنديون ٻه يا نه!

اهي سندن شغل ٻن ٻهرن کان وٺي سانجهيءَ تائين جا آهن. صبح جو جي ڪم ڪار نه هوندو، گهر ۾ ڏاندن لاءِ گاهه ٻه هوندو، ڪاٺ لاءِ مانيءَ اٽو ۽ لسيءَ وٽو ٻه هوندو، ته پوءِ اونو ڇو؟ ۽ ڳڻتي ڇاجي؟ نيرن تي مکيل ماني مکڻ ڦٽيءَ سان کائي، مٿان ڏڌن جا وٽا چاڙهي، ڪو اچي لوهر جي دُڪڻ (١) تي ويهندو، ڪو وڃي ڪنڀارڪي آئيءَ جي پر وٺندو، ۽ ڪو وري ڊڪڻ جي وڃي پيڙو ٿيندو. انهن ٺنهي مرڪزن تي وزم لاءِ چلم هوندي، ٻاٽيءَ جو مَٽ نِڪرَ جي ڪُپيءَ يا آبخوري سميت رکيو هوندو، هيٺ تڏو ٻه پيل هوندو، ۽ کاٽ جون تنڊيون صندليون، ڪتوليون، منجيون ۽ پلال جا پيڙها ٻه پيا هوندا. هر ڪو "سلاماليڪي" ڪري اهڙي حجت ۽ پنهنجائيءَ سان ڪانپ ڪدي اچي ويهندو، ڄڻ پنهنجي وٿاڻ ۾ وڃي ويٺو. وزم ٻه پيو هلندو ۽ زماني جون ڳالهيون، ڏاندن جي گوءِ جا قصا، مڙسن جي مردانگيءَ جا داستان، مال، رزق، ۽ پوک پَلاه خواه گاهه پني، يا ٻتِئن ٻَڙنِ جا گفتا ٻه پيا هلندا. وچ ۾ مناسب موقعن تي ڏوهيڙا ٻه پيا ايندا ۽ ڪافِن جا تلهه ٻه پيا هڪ ٻئي کي ٻڌائبا. ڪو واٽهڙو يا مسافر مڙو لڙي آيو ، ته " جي آئين! ڀلي آئين!" پئجي ويندي، هر ڪو پيو ڪيڪاريندو، ۽ سندس آجيان ڪندو. چڱيءَ جاءِ تي ويهاريندس، ٻاٽي پياريندس، ۽ حقو سيري اڳيان رکندس، پوءِ ڪندس " جيءُ ادا!" يعني پڇندس حال احوال. جي ويلو پڇڻ گهرندو ته ڪونه ڪو پنهنجي گهر وٺي وڃي اوطاقي ڪندس، هٿ ڌوئاريندس، ۽ جائي جواري جيڪا هوندي سا آٽي اڳيان رکندس. جي تڪڙو هوندو ۽ ويلو وڃي اڳتي ڪندو ته جهٽ کن ساهه پٽي، ٽڪ پيجي، سڀ کي "سلاماليڪي" ڪري، پوءِ پوهڙو ڪلهي تي رکي، رستو ڏئي، راهي ٿيندو.

شال سندن ويڙها وڏن، سندن اوطاقتون آباد هجن، سندن وسنيون وسن، ۽ شل منجهائن ڪيچ ٿين! اڄ ٻه وٽن اهي ئي ساڳا دستور ۽ مذڪور هوندا. پر ڪراچيءَ ۾ رهندي سال ٿي ويا، اهي محفلون ۽ مجلسون ڏٺي ورهيه وهاڻا. سچ پڇو ته انهن انسانن کي ڏسڻ لاءِ اڄ اکيون پيون سڪن، ۽

(١) دڪَڻ بمعنيٰ دڪان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل پئي اڏما ڪائي. خير، سائين! هي محفلون ۽ شغل تہ هئا صبح ۽ شام جا، ليڪن راتيون انهيءَ کان بہ اور گذاريندا هئا.

سارين جا رونبا ڪڍي واندا ٿيندا، ساوڻ موٽ ڪائيندو، چاليهو بہ تتندو، پيريون پور ڦلاريندیون ۽ انهن تي ماڪيءَ جي مکين جا پُٽڪات ٿيندا. اهو ئي وقت هوندو جڏهن ڪِرڙ بہ رنگا رنگي گُلَ ڪڍي پُسيون ڪندو ۽ ڏيلها ڏيندو، ڳوٺ جي سِرينهن ۾ ڦِڪا، وار وار، ريشم جهڙا گُلِ پڻ نڪرندا ۽ سڄا سِرينهہ جهڄي پوندا. راتيون ٺري پونديون، ۽ مٿان پوندي ماڪ. انهيءَ کي چٽبو هو تہ هاٺي 'مني مُند' اچي وئي. سومهياٽي ٿيندي، ڏکڻ جي هير سِرينهہ جي گلن جا واس جهوليءَ منجهہ جهليون اچي هيڏانهن اوطاقن جي اڱڻ مٿان گهوران گهوريندي، ۽ هوڏانهن هرڪو ماني کائي، کيرن جا ٽڏا وٽا پي، اچي اوطاقن ۾ پهچندو. اهڙي طرح جهٽ کن ۾ محفل مچي ويندي، ۽ ٽڏڪار تي هر ڪنهن جا روح اٿي ڪڙا ٿيندا. جي ڪو راڳي آيل هوندو تہ واه، ورنہ پنهنجا پاڻ ۾ پيا ڳالهيون ڪندا ۽ هڪ ٻئي کي پيا ٽوٽڪا ۽ ٽوٽڻان ڏيندا، ڏوهيڙا چوندا ۽ ڪافيون پيا جهونگاريندا ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي رات گذاري صبح جو وري نوبنا ۽ نوان سوان ٿي ڪم ڪار کي لڳندا.

ڪانهن ۽ سَرُ نِسريو، تہ اُترَ بہ وائيندا. هاٺي منيون مندان ويون ۽ سرءُ بہ ختم ٿي. گويا سياري اچي منهن ڪڍيو. لابارا لٿا ۽ ديرن ۾ ڦيڙا پڌي، گاهہ تي جوٽ ڪندا. پنهنجو ڏينهن ائين گذاري، رات جو اوکا پوکا لاهي، هر ڪو ڪائي پي، اچي اوطاق پيڙو ٿيندو، وچ ۾ مچ پيو ٻرندو، چوڌاري ڪَرُ کيون ۽ ڪانيان (١) ڪڍيون مڙس ائين وينا هوندا، چڻ ٻبر شينهن وينا آهن. اکين مان پيا اُلا نڪرندن. انهن اکين کي ڏسي تہ ٻاهراريءَ جي ماين سهرو ٺاهيو تہ:

اکـــيـــون ادل جون ٻـــرن مـــشـــالا (٢)،

او! ڳانـــي جوڙ ٻـــنـــايـــو!!

ان وقت ٿيندا ڏور جا بيت شروع، يا ڏيندا هڪ ٻئي کي ڳجهارتون. "اچي، اچي" پئي پوندي، سڄي ڪچهري چڪر ۾ هوندي، هر ڪو پيو

(١) "ڪانبَ ڪڍڻ" چٽبو آهي هيٺ ويهي، ٻئي گوڏا مٿي ڪري، چيلهہ ۽ ڄنگهين جي چوڌاري چادر ويڙهي ويهڻ کي.

(٢) "مشعل" جي سنڌي صورت.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهٽو ئي ذخيرو هو. مثلاً مورڙي مانگر جي ڳالهہ، عمر مارئيءَ جو قصو، سهڻي ميهار جي ڪهاڻي، مومل مينڌرو، سسئي پنهون، نوري ۽ ڄام تماچي، منگتو ۽ راءِ ڏياچ، ابڙي ۽ دودي جو داستان، چنيسر ۽ دودو، چنيسر ۽ ليلا، دودي ۽ علاديءَ (١) جو قصو. الغرض ڪهڙن قصن جا نالا وٺجن ـ سوين قصا ۽ ڪهاڻيون آهن. قومي جنگين جا بيان، قومن جا نسب ناما، قبيلن جي بهادرين جون ڪهاڻيون. بهادر سنڌين جي جوانمرديءَ جا داستان مٿين قصن کان سواءِ هئا، جيڪي خاص خيال ۽ وڏي غور سان ٻڌا ويندا هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن بيانن تي ئي سنڌن پنهنجي تاريخ جو انحصار هو. انهن سيني قصن مان ڪيترن کي سنڌي شاعرن ڏوهيڙن ۾ بہ آندو آهي ۽ ڪي نثر ۾ ئي ڪنيا ويندا هئا ـ ليڪن بيتن جي چاٽ، قصہ گو وچ وچ ۾ ڏيندا ويندا هئا، جيئن ٻڌندڙ تڪجي نہ پون.

ڪافين، ڪلامن ، ڳجهارتن، ڏوهيڙن، ڏور جي بيتن، آکاڻين، داستانن، قصن، ڳالهين، ٽوٽڪن ۽ ٽوٽڻ کانسواءِ سنڌي ادب جي مذاقيہ ذخيري بہ انهن ئي مجلسن ۽ محفلن ۾ جنم لڌو ۽ پرورش پاتيءِ. جڏهن سنڌن طبيعتون ڪل چرچي ۽ يوڳ نڪاءَ ڏي مائل ٿينديون هيون، تڏهن پيراڻي ڀنيري جا لطيفا، ملا لتر جا چرچا ۽ وتائي فقير جا ڇهچٽا (٢) هڪ ٻئي کي ٻڌائي، پنهنجي طبيعتن تان اهي سيئي ڪسايون ۽ زردايون، اوتار ۽ غبار لاهي ڇڏيندا هئا، جيڪي زندگيءَ جي ڪشاڪش ۾ ڏينهن جو سنڌن دلين ۽ دماغن تي چڙهندا هئا.

* * *

اهي تہ مذڪور ٿيا مردن جا. اسان جون مائون ۽ ڀينرون ـ خدا شال سنڌن پردو رکي، شال اوکو واءُ ڪين نہ لڳي ـ انهن جون ڦالان مقالان ئي اور هيون. صبح کان ويندي لڙيءَ منجهند تائين تِرَ جي واندڪائي ڪانہ ملندي هين، گهر ڏياٽيون جو ٿيون، پنهنجن وٿاڻ جون راٺيون ۽ وارثاٽيون جو هيون، بيگمون تہ هيون ڪونہ، جو صبح سان گهر ٻين جي حوالي ڪري، ٻار آياڻ

(١) يعني علاءُالدين خلجي.

(٢) هتي جن بہ قصن ۽ داستانن جوذڪر ڪيو ويو آهي، اهي سيئي سکر واري ماستر هريسنگ، ۽ شڪاربور واري ماستر پوڪرداس ڇپايا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي هَنج ۾ هٽي، پاڻ وتن روا گڇهيءَ ۾ وجهيون، شهر جاکوڙبنديون ۽ شاپنگ جي ذريعي ايلفيءَ ۾ وتن دام وجهنديون. هُنَ جو گهَرُ هو ۽ هِتَ جو گهر محض مسافرخانو، جنهن کي رات گذاريءَ کان سواءِ بي ڪابہ اهميت ڪانہ هئي.

اسان جِن مائن کي تہ اسر ڏئي اٿڻو پوندو هو، ڪلمون پڙهي، خدا رسول جو نالو ڳنهي، ڪٺنديون هٿ ۾ پهاري، يا ويهي هلائينديون جنڊ. ڏڏ جي چاڏي ولوڙي، مينهنَ پٽارين جو کير ڏهي، ان ۾ سَباڻُ وجهنديون. اهي اوکا پوکا لاهي چلهہ تي ويهنديون، نيرن پچائينديون، ٻارن کي کارائينديون، ان کان پوءِ ڪٺنديون مکڻ سان مکيل ٿلهيون مانيون مٿي تي، ۽ ڏڏ جو ڪينگرُ، جنهن ۾ مکڻ ڦُٽي (۱) بہ پيل هوندي، ۽ لٽي جي پَلوَ ۾ منائي ذرو بہ ٻڌل هوندو، ميل ـ سوا پنڌ هٽي، وڃي پوکن ۾ مڙسن کي کارائينديون، جيسين مڙس ماني کائي وٺي، تيسين پَلو سان مکيون بہ پيون هڪلينديون، ۽ مڙس سان گهرَو معاملن متعلق، آندي ٽِئي جي سلسلي ۾، ۽ سودي سود لاءِ پيون صلاحان ۽ مشورا بہ ڪنديون. نيرن پاڻي ڪرائي وري ويچاريون گهر اينديون، تہ منجهند جي مانيءَ تائين مٿي کنهڻ جي واند ڪانہ ملندين. مرد موٽندا، ماني کائي گهڙي کن آجهاپ ڪندا، ٻارن جا اوکا پوکا لاهي، ٽانوَ ٿڦا ڌوئي، لاڙوين منجهند کان پوءِ وڃي انهيءَ قمار ۽ ڪاروبار مان واندڙيون ٿينديون. اهو ئي وقت ويندي لاڙوين ٽپهريءَ تائين ملندو هون، جڏهن هو پاڙي پنبي يا ساهيڙين ۽ سهيلين جي گهرن جو چڪر هڻنديون هيون، ۽ گهڙي ساعت ويهي ساهہ بہ پٽينديون، پاڻ ۾ چار چونڪ ڳالهين جا ڪنديون، ۽ هڪ ٻئي جي وارن کي ويريون بہ ڏينديون. انهيءَ ئي وقت هڪ طرف جيڪڏهن اهو شغل هوندو تہ ٻئي طرف ڪي مايون رات لاءِ چانور پيون سوئينديون، ڪن جي اڳيان اُکريءَ ۾ ڪٽڪ يا ساريون پيل هونديون جن کي پيون مُهريءَ سان چڙهنديون، يا ڇڄڻ ۾ وجهيو پيون ڇنڊينديون. ڪن جا اوکا پوکا لٽل هوندا، تہ اهي پيون برٽ پرينديون يا وينيون رليون توپينديون. سنڌ ۾ سئيءَ يا ڪنڊيءَ جو برٽ يا قالين نما رلين جو فن انهيءَ بہ ـ پهريءَ کان وٺي لاڙوين ٽپهريءَ تائين جي وقت جو ايجاد آهي. سج لهڻ ۾ اجا ڪلاڪ ـ ڏيڍ جي دير هوندي، جو هرڪا سهيلين ۽ ساهيڙين کي ساڻ ڪري، دلا مٿن تي کڻي،اڇي کوهہ جي پڳ تي پهچندي. انهيءَ وقت پاڻ ۾ سندن چڱي ساعت مجلس ٿيندي. رازن جون ڳالهيون، ۽ دلين جا معاملا ان وقت هڪ ٻئي سانُ رمز ۽ اوزاپي ۾ تہ. بلڪ

(۱) مکڻ جي ننڍي چاٽي کي 'ڦُٽي' چئبو آهي ۽ خود مکڻ کي بہ چئبو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

برملا ويهي ڪنديون ۽ پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا اهم مسئلا ڪوهه جي نيسر وٽ يا پکڳ جي پاسي ۾ ويهي طيءَ ڪنديون. انهي ڪوهه جي ميڙاڪي ته سنڌ ۾ عمر مارئيءَ جي قصي کي جنم ڏنو، ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترين محبتي آکاڻين جا آغاز اتاهون ئي ته ٿيا! نه فقط اهو بلڪ عشق ۽ محبت جا مخصوص الفاظ، اوڙاڻ ۽ سهاڻپ جا اکر، فطري جذباتن کي اظهار ڪندڙ نازڪ ۽ نرم محاورا ۽ تلميحان، ڏکن سورن، هجر ۽ فراق، يا محبت ۽ عشق جي سڄي ڪاروبار جي لغت جو ذخيرو اتهين جڙيو، ۽ سوَن قصن ۽ ڪهاڻين جا پلاٽ انهيءَ جاءِ تي ئي ٺهيا.

* * *

سنڌ جي ڪافين خواه بيتن ۾ مرد هميشه معشوق ٿئي ٿو ۽ عورت کي عاشق ڪيو ويو آهي. ان جو مکيه سبب اهو آهي، جو هتان جو عشق اخلاقي اقدارن کان ٻاهر ڪونه ٿو نڪري. مايون پنهنجي ئي مڙسن سان محبت ڪن ٿيون، ڀينرون پنهنجن ئي ڀائرن لاءِ سڪن ٿيون، مائون پنهنجي ئي اولاد تي آرو رکن ٿيون، ۽ ڌيئر ابائڻ ۽ پيڪن لاءِ پيون ڪانگ اڏائن ٿيون - مثلاً:

شال نه رهن ڏور، هُئنَ اباڻا اوڏڙا،
ميان تن ريءَ مور، مون هت جالڻ نه ٿئي.

---

پردي منجهه پناه، موکي رب رکيج،
اُڪند هِن ارواح، آهي اباڻن جي.

---

پاڙو پاڙي ساڻ، شل هئان اباڻن جي،
پکن تَن جي پاڻ، آءُ تا سُکيو پائيان.

اهڙيءَ طرح عشق ۽ محبت جو مرڪز جيئن ته مڙس ٿئي ٿو، ڀاءُ ٿئي ٿو، اولاد ٿئي ٿو، يا پيڪا ۽ اباڻا ٿين ٿا، تنهن ڪري عورت کي محبت ڪندڙ، پيار ڪندڙ ۽ عشق ڪندڙ ڏيکاريو ويو آهي. اسان وٽ جيڪي عشقيه آکاڻيون آهن، تن ۾ پڻ نتيجي طور آخر ۾ زال ۽ مڙس ڏيکاريا ويا آهن. زال جي مڙس سان محبت ٿئي ٿي، عشق ٿئي ٿو، ۽ هڪ قسم جي عقيدت ٿئي ٿي. اسان جي عورت وٽ وَرُ وڏي اهميت رکي ٿو. عورت جي سموري زندگيءَ جو مرڪز محض مڙس ٿئي ٿو. زال جي سموري حياتيءَ جو محور سندس سهاڳ ٿئي ٿو. ان جي ئي گرد سندس فڪر ۽ خيال گهمي ٿو. سنڌ جي تصور جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عشق بدڪرداريءَ ۽ نفساني خواهشات جو مظهر ڪونہ ٿو ٿئي، گهرن جي تخريب ڪانہ ٿو ڪري، پر تعمير ڪري ٿو، رسوائيءَ ۽ بداخلاقيءَ جو سبق ڪونہ ٿو سيکاري بلڪ ٻن زندگين جي باهمي ربط ۽ ضبط جي مضبوطيءَ ۽ پائداريءَ ۽ پاڪائيءَ کي پيش ڪري ٿو. انهن سڀني اسبابن سبب سنڌ جي شاعرن عاشق جو ڪردار زناني زبان جي ذريعي پيش ڪرايو آهي (۱). تنهن ڪري عشق ۽ محبت جي مختلف ڪيفيتن ۽ سموري روئداد جي سلسلي ۾ تخيل، محاورن، تلميحن، ۽ الفاظن جو سمورو ذخيرو گويا عورت جو پيدا ڪيل آهي ۽ اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي عورت جي صبح کان سانجهي تائين جي زندگيءَ، سنڌي شعر ۽ سخن کي سچن خيالن، ماحول جي محاورن ۽ گردو پيش جي تلميحن ۽ تشبيهن سان مالا مال ڪري ڇڏيو ـ مينهن ڏُهڻ مان "کنڊون وجهي کير پيارڻ" جو استعمال عمل ۾ آيو، ڏنڊن کي "اڇو جهڙو کير" چوڻ بہ اتهون ئي هٿن سکيو، ڏڌ ولوڙڻ مان محبوبن کي "مکڻ، ماکي ۽ مصريءَ کان وڌ منو" بيان ڪرڻ جا تصور پيدا ٿين ـ جهڙيءَ طرح هڪ ڪافيءَ جي هن مصرع ۾ چيو ويو آهي: .

مکڻ ماکي مصري، تنهن کنئون محب منو!
الا! آرياڻي اوهان نہ ڏٺو!

مکڻ ڏُڌ مان ڪڍن ٿيون، مصري ۽ کنڊون گهر ۾ رکن ٿيون، ۽ جهنگن جهرن مان مرد ماکيون لاهي، اهي بہ آڻي کين ڏين ٿا. جڏهن عاشق کي پنهنجي محبوب لاءِ راءِ ڏيڻ جي ضرورت پيش آئي ، تہ هُنَ پنهنجي ئي ماحول مان تشبيهون ورتي، پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو. اهڙيءَ طرح جڏهن پنهنجي پيرينءَ کان پري رهيون، تڏهن سنڌن مَن ۾ جيڪا پيڙا ٿي، ان لاءِ هٿن جنڊ جي ٻن پُڙن ۾ جنهن نموني ڪڻڪ پيڙجي پاهُ ٿي ويندي آهي، ان جو مثال پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح مرد تہ منهن اونداهيءَ پوکن پلاهن تي هليا ويندا هئا. پنيان فقط عورتون رهنديون هيون. ڪانگل جڏهن اڱڻ ۽ آڳرن ۾ پرهہ ڦٽيءَ اچي لنا. تڏهن هٿ ئي تہ "ڪانگ اڏائڻ" جو سمورو تصور ۽ ان جا هزارين متعلقات اسان جي ادب ۾ پيدا ڪيا. غرض ڪهڙا مثال ڏئي ڪهڙا ڏجن! شل سنڌن وَرَ ۽ گهر، پيڪا ۽ اباڻا. ابل ۽ ادل وسن ۽ جيئن! سنڌن صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين جي زندگيءَ سنڌن هڪ هڪ پَهر ۽ پلڪ. سنڌن هر هڪ وک ۽ قدم اسان جي ادب کي لازوال خزانا بخش ڪيا ـ ڏينهن تہ نهيو،

(۱) هندي ۽ پوربي شاعريءَ ۾ پڻ عورت کي ئي عاشق بڻايو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر رات جي مانيءَ ٽڪيءَ ڪاڏي ۽ ڪارائي ڪان پوءِ ويندي جيسين ٻارن کي سمهاريندي يون، يا ڪير ٻہ سياڻ وجهي، مينهن جي ڦڙن جا ڪِلا ڏسي، اچي آهلڻ لاءِ ڪٽ تي وهنديون، يا جيسين وڃي هائو مائو ٽرٽي سندن اک لڳندي، انهيءَ وچ ۾ پڻ هنن جي طفيل سنڌي ادب کي ڪيترا انعام عطا ٿيا. مثلاً، وڏي جڳ جون مايون ويهي مداحون، هرٽيءَ جو معجزو، يا حضرت ؑ جن جا بيا معجزا پڙهنديون، ٻارن ورايون ٻارڙن کي ريجهائي سمهارڻ لاءِ ننڍڙيون آکاڻيون ڪٽنديون - جيسين وڃي سهماٽيون ٿين، جيسين وڃي ننڍڙن جي اک لڳي. سوين مداحون ۽ معجزا انهي وقت لاءِ نهيا - انهيءَ ديو جا قصا، جيڪو ڇهہ مهينا ننڊ ڪندو هو ۽ ڇهہ مهينا جاڳندو هو، انهيءَ ديوَ جي ڪهاڻي، جنهن جا هزارين سالن جي عمر هجڻ سبب اکين جا ڇَپر لهي اچي هيٺ پيا هئا ۽ تيسين ڪونہ ڏسي سگهندو هو جسين ڪو سندس ڇپر ڏانداريءَ سان مٿي نہ ڪٽندو هو، يا انهيءَ پريءَ جون ڳالهيون، جنهن جو ساهہ هڪ طوطي ۾ پيل هو ۽ اهو طوطو ستن سمنڊن جي وچ ۾ پيڃري اندر بند هو، يا انهيءَ شهر جو مذڪور، جيڪو سينگاريل تہ هو، ۽ هر قسم جو وکر بہ دڪانن تي رکيو هو، پر منجهس ماڻهن جو نالو نشان ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ ’ آدم بوءِ‘ ’آدم بوءِ‘ ، ڪرڻ واري ديوَ سڄو شهر ڪائي چٽ ڪري ڇڏيو هو - مطلب تہ اهي ۽ اهڙي قسم جا هزارين قصا ۽ ڪهاڻيون، ڳالهيون ۽ آکاڻيون انهيءَ وقت ۾ تراشيون ويون، جن کي اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ داستانن جي عنوانن هيٺ جاءِ ڏني وئي.

* * *

حقيقت اها آهي تہ نئين تمدن، نئين تهذيب، ۽ هن نئين دور، جنهن کي اسان تمام ترقي يافتو بيا سمجهون، سنڌ جي سڄي ڪائنات کي تہ و بالا ڪري ڇڏيو. اها اُٿي وينئي وئي، اها رهڻي ڪهٽي وئي، اهي رسمون ۽ رواج ويا، اهي ڪردار ۽ اهي اخلاقي اقدار ويا، ۽ سڄيءَ سنڌ جا هنر بہ ويا ۽ اهي هنر وارا بہ ويا، يعني نہ فن رهيو نہ فنڪار ٿي رهيا.

مردن جي دنيا بدلي تہ عورتن جي بہ رُت ڦري وئي. مان ٻاڻ پنهنجي هنن گنهگار اکين سان مائن کي قناويزن ۽ گربين ۽ سوسين جون سٿڻان هيٺ تي ڏنيون، پرت پربل گج بُت تي، ۽ مٿي تي سنهيءَ ململ، ۽ بوند يا ڏورئي جا ڪنديءَ پربل ڪنارن سان روا ڏنا، ۽ پيرن منجهہ تہ گليون جُتيون پيل ڏٺم،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تري ۾ سيم لڳل ۽ ڳلن مٿان سچا يا حسب حيثيت ڪوڙا موتي جڙيل.

نئين فيشن سڀ کان پهريون سٿڻ لاءِ چيٽان پيش ڪيون، قناويز، گربين ۽ سوسين جو مانُ ويو، انهن سان گڏ آٽڻ بہ ويا، ۽ جيڪي اٽڻ ۾ ويهي اوران اورينديون هيون، ٻول ٻڌنديون هيون، ۽ قول قرار ڪنديون هيون، سي ڳالهيون بہ ويون، ۽ جڏهن اهي رخصت ٿيون تہ چندن جي چرخي بہ چُرڻ کان نابري واري، انهن ائٽن جڏهن ڪتڻ ڇڏيو، تہ ڪورين بہ پنهنجا تِير ۽ تُڪلا بند ڪيا. جڏهن اهو سيڪجهہ درهم برهم ٿي ويو، تڏهن نہ فقط پهر ۽ پوشاڪ ۾ ڦيرو آيو، بلڪ سنڌي ادب کي پڻ وڏو نقصان پهتو. انهن ئي آٽڻ وارين سنڌي ادب کي سهسين ماڻڪ ۽ موتي ڏنا. چرخن جي سُر ۽ ساز اسان جي شعر و سخن کي ڪيترن نون خيالن جي ڏيب ۽ ڏاجا ڏنا. انهيءَ آٽڻ تي ۽ انهن چرخن کي چورينديءَ تہ ليلا کي چنيسر جو چِٽُ لڳو، ڪيس اتي ئي سهاپو مليو، ۽ اتان ئي تہ سندس عشق جي آڪاٽي نسري ۽ اُسري هلي! ازين قسم ڪورين ڪَتڻ ڇڏيو تہ سندن سياٽپ ۽ ڏاهپ متعلق جيڪي هزارين لطيفا نهيا ۽ جن جي ڪري سنڌيءَ ۾ ظرافت ۽ طنز جو ادب پيدا ٿيو، انهن جو نہ فقط نهڻ ۽ وڌڻ ويو، بلڪ اسان جي لوڪ گُن مان لطيفن ۽ مزيدارن ٽوٽڪن جي سموري اوسر ئي بند ٿي وئي.

سڀ کان پهريون ولايت کان آڳا (١) آيا، جنهن ڪري نہ چڙو ڳچ ويا بلڪ برٿ جي فن ۾ بہ زوال اچي ويو، ۽ جڏهن چِڪنا (٢) گهورڙين ڪٽي گهمايا، تڏهن روَن ۽ چولن جو برٿ بہ بند ٿيو، ڪُنڊن جا منهن رکئي رکئي مانا ٿي ويا، ۽ چُر ۽ پور (٣) پڻ الائي ڪاڏنهن جو ڪاڏي ويا! اهو تہ خير نقصان ٿيو ئي، پر خود رئو بہ متي تان لهي اچي ڳچيءَ ۾ پيو. اڳ ڪنهن عورت جو لٽو لهندو هو، تہ گويا سندس سڄو ننگ ۽ ناموس ويو، سندس ساک پت وئي ۽ سندس عزت آبرو ختم ٿي. عورتون ڪنهن زائفان جي چال چلت کي پسند نہ ڪنديون هيون تہ ان کي "لٽي لٽل" سڏينديون هيون،

---

(١) 'آڳا' انهن زنانن چولن جي لٽن کي چئبو هو، جن جا اڳ مشين تي پريل هوندا هئا.

(٢) 'چِڪنو' سفيد لٽو ٿيندو هو، جنهن جو سڄو ترو مشين جي برٿ سان پريل هوندو هو. شايد اجا بہ اهو بازار ۾ هجي.

(٣) ڪاٺ جي ٺڪرن تي گل بوٽا اُڪريا ويندا هئا. ڪِلڪَ جي ڪاريءَ مس مان بوڙي انهن سان لٽن کي چُريندا هئا ۽ پوءِ انهن تي ڪنديءَ يا سئيءَ سان برٿ پربو هو. انهن لِپن کي چُر ۽ پور سڏيندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اشهد آڱر نڪ تي رکي، هڪ ٻئي کي چونديون هيون ” هَئي هَئي، اڙي ادي! هيءَ ڀاڄ تہ لٽي لٽل ڪا لانگڙ، لاه ٿي ڏسجي، نہ جيجل، نہ! هن جي ويجهو ڪير ويندو، هٿ لاءِ تہ هٿ ڪارو پير لاءِ تہ پير ڪارو. توبهہ ڪر توبهہ!“ پوءِ اها زائفان جڻ هميشه لاءِ زناني سماج مان خارج ٿي وئي. هرڪا شريف زال پٽي ان ڪان موڙو ۽ موشو ڪندي. جنهن زال کي لوڪ لڄا ڪانہ هوندي هئي ۽ شهر جي چوءَ پچوءَ جي پرواهہ نہ هوندي هئي، ان لاءِ چونديون هيون، ” مائي هيءَ تہ ٻي پٽي آهي، لڄ ۽ حياءَ ئي اکين ۾ ڪونہ اٿس!“ لٽو گويا عورت جي عفت، عزت ۽ ستر جي نشاني هو، تنهن ڪري ان جو ايڏو مانُ ۽ مرتبو هو، جو رَئي جو پلؤ پيو ۽ لٽي جي ميڙ آئي، تہ گهرائن جا اختلاف، باهمي دشمنيون ۽ سالن جا قط لحظي ۾ لهي ويندا. خون ٽيندا، تہ ڏوهي، سادات ۽ نياڻيون ميڙ ڪري، در پيهي ويندا هئا ۽ نينگريون پلوَ ۽ پاند(١) ڳچيءَ ۾ وجهي چونديون هيون، ”ادا هيءَ ميڙ اٿي! اسان کي ڏوهہ بخش!“ نہ چڙو ڏوهہ معاف ٿيندو، دلين مان ڪدورت نڪرندي ۽ مٽيون مائٽيون ڳنڍجي وينديون، بلڪ جڏهن نياڻيون پنتي ورنديون، تہ سندن مٿن تي روا پوتيون وجهي، پوءِ ڪين واپس ڪندا هئا. گويا مراد اها هئي تہ شل نياڻين جو سر سدائين سلامت رهي. انهيءَ ئي لٽي جا پاند ڳچيءَ ڳل پائي مايون پنهنجا پنهل پرچائينديون هيون. جهڙي طرح ڪنهن شاعر چيو آهي:

اٿــــــم امــــــيـــــــدون اجا اجا،
مان تہ پاند پائيندس پنهل پرچائيندس —
اٿم اميدون اجا.

الغرض سپاتا ۽ سيندل جڏهن آيا، تہ ڏ - ڳُليءَ جاءِ چڏي، موچڻ بہ ويچارن هٿن مان ڪٽي آر ۽ ڏاڳو رکيو، لپ اسٽڪ لڳي، تہ سُرخيءَ رنگ ڇڏيو، ۽ مساڳ جو مانُ پڻ ويو. بهرحال لبن تي لالي ضرور رهي، ليڪن مساڳ لڳل چپن ۾ جيڪو ميناج هو، ان جي شيريني لپ اسٽڪ ۾ ڪٿي! مساڳ تہ چپن ڪان وني مهارن تائين رنگ رکي بيهندو هو ۽ لپ اسٽڪ چڙو چپن کي چٽي بيهي ٿي، جنهن ڪري مشڪڻ جي مهل مهارن جو مختلف رنگ چپن کان جدا ٿي، ڏاڍو بدزيبو پيو لڳي. اکين مان حجاب موڪلايو، تہ سرمي ۽ ڪجل جي ريڪ ۾ رخصت ٿي، سرمون نيڻن مان نڪري وڃي نچڪٽي سان

(١) رئي جي هڪ پَلوَ کي ڳچيءَ ۾ وجهي، ٻنهي هٿن سان جهلي، پوءِ مٿي بيان ڪيل لفظ ادا ڪيا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نوچيل پِرونِ تي پهتو. اهڙيءَ طرح آهو چشم بہ ويا تہ ابرو بہ چٽ ٿيا. نہ چشمن جا چالا ۽ پنبڻن جا تير رهيا، نہ ابرن جون ئي ڪمانان قائم رهيون، گويا روايتي معشوق جي سموري اسلح خاني ۾ Disarmament جو دور اچي ويو. پيرن ۽ هٿن جي نهن تي آمريڪا مان آيل رنگ غالب پئجي ويو. مينديءَ ۾ اگرچہ رنگ اچا بہ اهو ئي آهي جنهن لاءِ سنڌي سَهرن ۾ مائن چيو آهي:

هـــــٿ ادل جا مـــــيـــــــنــــــديءَ رتــــــڙا!

او!

ڳانــي جوڙ بـــنــايــو... مـــنــهـــنـــجو ادل آيـــو!

پر واهپو ئي جڏهن ويو، تہ رنگ رکڻ مان ڇا ورندو؟ خود مردن جون ڏاڙهيون ۽ مڇان بہ تَري ٿي ويون، تنهن ڪري حنا سفيد سُنهارين تي رنگ رکي بيهڻ واريءَ سنت کان بہ سبڪدوش ٿي وئي، ۽ نيٺ هلي هلي، ميهڙ جي مينديءَ جا کيت بہ هڪ ڏينهن غير آباد ٿي ويا.

* * *

مينديءَ جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هڪ لطيفو ٻڌي وٺو: اوهان کي معلوم آهي تہ غزل گو شاعرن جو محبوب ڪافي گو شاعرن جي پرينءَ وانگر نيڪ، حجاب ۽ حياءَ وارو يا پنهنجي عاشق جو سچو وفادار نٿو ٿئي، بلڪ نهايت ظالم ، ستم ڪش، جفاڪار، بدخو ۽ خوني ٿئي ٿو، سندس زندگيءَ جو مقصد اهو ئي رهي ٿو تہ ڪيئن بہ ڪري مڙيوئي غريب عاشق کي سک سمهڻ نہ ڏجي، کيس هميشه ڏک ۽ ڏجها ڏيو پيو پيڙجي ۽ ستائجي. جي گهٽو گهٽو ڪري تہ کيس هجر ۽ فراق جا صدما سهائي سهائي يا تہ نهڙي ناس ڪري، ايترو ضعيف ۽ ناتوان ڪري ڇڏجي، جو جڏهن حضرت عزرائيل سندس ساهہ ڪڍڻ اچي، تہ کيس عاشق جي بجاءِ کٽ تي ان جا ڪنڊا ۽ هڏا بہ نظر نہ اچن - جهڙيءَ طرح هن فارسي عاشق بيان ڪيو آهي:

تنمر ازضُعف چنان شد کہ، اجل جست نيافت،
نالہ، هر چند نشان داد کہ در پيرهن است.

ٻيو شعر آهي:

از ضـعـف چنـان شـدم کـہ بـر بـالـيـنـم
صـــد بـــار اجل آمـــد و نـــشـــنـــاخت مـــرا

ٻيا بيت:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طبيبا برسرِ بالينِ من آهسته تر بنشين
که ترسم بارِ دامانَت ز بستر دورم اندازد

---

چنان ضعيف شدم از غمت، منِ درويش
که سايه را نتوانم کشيد از پي خويش.

يا وري عاشق جي خون مان پنهنجا هٿ ۽ ننهن هر وقت رنگيندي رنگيندي، کيس ابنيمک (خون جي کمي) کري، آخر ماري ڇڏجي. اهو ئي سبب آهي، جو غزل گوين چيو آهي تہ معشوق جي هٿن کي مينديءَ جي رنگ جي ضرورت کانہ ٿي رهي، سندس لاءِ عاشق جي خون جي لالاڻ ئي کافي ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح غالب چيو آهي:

خون هے دل خاک مين، احوالِ بتان پر، يعني
ان کے ناخن هوئے محتاج، حنا ميرے بعد.

يعني جيسين غالب جيئرو هو، تيسين تہ معشوق جا ننهن هميشه سندس خون مان رڱيا رهيا. ليڪن جڏهن خير سان وفات ڪيائين، ان وقت سندس روح پر فتُوح دانهن ڪري چيو تہ ڪيڏو نہ افسوس ۽ ارمان آهي - مون کان پوءِ ڪيئن نہ منهنجي محبوب جا ننهن مينديءَ جا محتاج ٿي پيا!

نظر علي خان مرحوم کي جڏهن عبدالرحيم ڪرل اهو شعر پڙهايو، تڏهن فوراً هن چئي ڏنو تہ "يار غالب جي معشوق جا ننهن بہ ڄڻ خونخواه جانور جي ننهن وانگر نوڪدار هئا. جن سان غالب جي جسم کي نُهندان ڏئي، سندس رت ڪڍي، پنهنجا ننهن رڱيندو هو!" گهڙيءَ کن انهيءَ معنيٰ تي ٽهڪڙو هليو. ان وقت تہ سمجهي ٿي سگهياسي تہ گولائي تي ڪٽيل ننهن ڪيئن نهندان ڏئي سگهن ٿا. ليڪن اڄ سالن پڇاڻا وڃي ظاهر ٿيو تہ غالب جو چٽيل نقشو بلڪل صحيح هو، ۽ نظر علي خان جي معنيٰ ۽ مفهوم بہ ٺيڪ هو. اڄوڪين عورتن جا ننهن ڏسو. صورت خواهہ سيرت ۾ ڪيڏانهن تہ مڪروه آهن! ائين پيو معلوم ٿئي ڄڻ انساني هٿ نہ بلڪ ڪنهن جانور جا چنبا آهن! نوڪدار ۽ ڊگها ننهن ڄڻ ڏٽا پيا ڏسڻ ۾ اچن، جن جي اندران عفونت آميز غلاظت پڻ پرجي وڃي ٿي، ديني طرح بہ ناجائز ۽ دنيوي طرح بہ ڏسڻ جهڙا ڪين.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عورتن جو جڏهن اُهو گهريلو تمدن ويو، تہ انهيءَ تمدن جي پٽ راڻين جا ڳهہ ڳنا بہ ويا. ڪن مان واليون، نسبيون، پنڙا، جهومڪ ۽ ڏانوٽيون ويون، نڪ مان بولو ، بينسر، ڦُلي، ڪلي، ڪوڪو ۽ لونگ لٿو. انهيءَ بولي يا بينسر تي جيڪي سچا موتي جڙيل هوندا هئا، انهن مان عورتن محبوب جي سهڻن ڏندن لاءِ تشبيهہ ورتي. چونديون هيون: ” ڏند لاڏي جا اهڙا تہ جرڪن تا جهڙا مائڪ موتي، اهڙا سهڻا جهڙا موتي!“ سهرن ۾ بہ چونديون هيون:

ڏنـــــد ادل جا مـــــائـــــڪ مـــــوتـــــي،
ڪجل جوڙ بڻايو،ادل جو ٿيو لايو سجايو!

اها نٿ بہ وئي، جيڪا سهاڳ جي نشاني سمجهي ويندي هئي، پَرڻي رات پوندي تہ وري تڏهن لهندي، جڏهن سهاڳڻ جو سات لٽجي ويندو. نامزدگي تي تہ نٿ لاءِ نڪ ٽوبيو. پهريون منائي ورهائبي، سهرا چئبا، هٿن ۽ پيرن کي مينڌي لائبي، مڱڻي جو جوڙو ڏيکائي پوءِ انهيءَ عورت هٿان نڪ ٽوپائبو. جيڪا پاڻ ورَ سهاڳ واري هوندي. جڏهن نڪ ڇُٽندو، تڏهن ڪارو ڌاڳو ڪري، في الحال لونگ، ڪوڪو، يا ڪلي وجهي ڇڏبي. نڪ ٽوپجڻ شرط مڱينديءَ جي منهن تي حجاب ۽ حياءَ مان سُرخي اچي ويندي، جيڪا حقيقت ۾ انهيءَ خوشيءَ جو مظهر پڻ هوندي هئي، جيڪا گهوٽ جي تصور سبب ڪنوار جي تحت الشعور ۾ پيدا ٿئي ٿي.

اهڙي طرح سهٽيءَ ڪونج جهڙيءَ ڳچيءَ مان هُسُ، هَسي، ڳاني لٿي، ۽ اُهو چندن هار بہ ويو، جنهن جي تشبيهہ ڏيئي محبوب لاءِ چئبو هو تہ ’ائين پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهانس جيئن چندن هار وجهبو آهي‘ اهڙي طرح ست لڙهي دُري (دُهِري) خواهہ دعائون بہ لهي ويون. ٻانهون خالي جهڙيون ڳيڙو چوڪرن جون. ٻانهين ڪُلهي ڪن پئي هئي، اها وئي، تہ ڪنگڻ، بازو بند، چوڙا، چوڙيون، پونچيون ۽ تعويذ بہ غائب ٿيا. عاج جي ٻانهين ٻانهہ مان ان وقت پيچي لاهيندا هئا، جنهن وقت وريتيءَ جو ور هي جهان ڇڏيندو هو. آڱرين مان ڳاڙهن ساون ننگن سان منڊيون لٿيون، ڇيچ مان چلو ويو . ۽ اڄ تہ ويڙهہ ۽ ڪير منڊيءَ جو تصور بہ ڪونہ ٿو اچي، ورنہ اها شيءِ ڪيڏي نہ رومانٽڪ هوندي هئي! گهوٽيتن، ڪنواريتن ۾ پهچي، ويڙهہ ۽ ڪير منڊي چانديءَ يا سون جي وٽيءَ ۾ پيل ڪير مان ڪڍي ڪنوار جي ڇيچ ۾ پارائي، تہ مڱڻي جو اعلان ٿيو. نہ ڇڙو اهو اعلان ٿيندو بلڪ گهوٽ ۽ ڪنوار جي مابين پڻ هڪ تصوراتي دنيا خوشگوار، روح کي تراوت پهچائيندڙ، ڏاڍي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سهڻي ۽ رنگين قائم ٿي وئي. جيسين وچي تِٽ ڀڄجي ۽ ونواه پورو ٿي، وهانوَ رات ايندي، تيستائين دماغ ۽ دلين ۾ نئين زندگيءَ لاءِ محبت جا، پريت جا ۽ پيار جا پروگرام پيا رٿبا. هڪڙيون رٿائون پيون جڙنديون ۽ ٻيون پيون ڊهنديون، نہ راتين جون اهو راحت بخش تصور غائب ٿيندو ، ۽ نہ ڏينهن جو ان جي سلسلي جون تارون ٽٽنديون. گهوٽ کي پنهنجو پاڻُ پيو وڻندو ۽ ڪنوار پنهنجي من ۾ جدا مگن هوندي. توڙي شڪل صورت ۾ ٻَئي سادا هوندا، تہ بہ جڻ پنهنجو پاڻ کي موچارا مور پيا لڳندا. نہ ڇڙو پنهنجا وجود کين انهيءَ عالم ۾ سهڻا لڳن ٿا، بلڪ هيءَ سڄي ڪائنات سندن اکين ۾ حسين ٿي پوي ٿي. جڏهن اهو مقام حاصل ٿئي ٿو، ان وقت گويا عشق ۽ تصور جو معراج ٿئي ٿو. اهو ئي چلو، جيڪو ڇيچ ۾ پوي ٿو، سو عاشق ۽ معشوق جي مابين هڪ ٻئي جي نشانيءَ طور بہ ڪتب ايندو هو، ۽ هڪ ٻئي سان عهد و پيمان جو سبب بہ بڻبو هو. ٻئيَ ڏريون ان جي ڏاڍي حفاظت ڪنديون هيون ۽ ان کي ساه کان بہ وڌ سوگهو رکنديون هيون. ابتدا ۾ چوٽيون ٿينديون هيون، ۽ چوٽين ڪرڻ وقت عورتن ۾ هڪ ٻئي سان ڏاڍي رهاڻ ٿيندي هئي، دنيا جهان جا قصا پيون ڪُٿينديون، وريون ڏٺي جُوان بہ ڪڍنديون، ليڪان بہ مارينديون، لاس يا ميندي وجهي ڪاٺ جي بہ مُهين ڦٽيءَ سان (جنهن تي رنگدار ٽِڪڙن ۽ آئينن جي گلڪاري هوندي) وار پيون ڳُنڍينديون. اهو وقت عورتن جي زندگيءَ ۾ نهايت اهم هو. ان ۾ هڪ ٻئي سان دل جا سيئي ڏک سور اورينديون هيون، ڪي بلڪل راز ۽ ڳجهہ جون ڳالهيون بہ ڪنديون هيون، ۽ اوڙي پاڙي جي اٿي ويٺي ۽ ڳوٺ جي چار پچار بہ پيون ڪنديون هيون. هاڻي اهو وقت بہ ويو ۽ اها ڪچهري بہ وئي، ٻهريون بہ چوٽيون ويون، پوءِ هڪ چوٽي ٿي ۽ هاڻي تہ نہ هڪ نہ ٻہ، وچئون ئي وارن کي اچي اهڙو وار چرو لڳو، جو ڪپجي ، ڪترجي، ڇيلهہ ڇڏي ڪيانڙيءَ کان بہ مٿي ٽپي ويا. زالون حوران نہ بلڪ غلمان پيون لڳن.

جنهن دور جو قصو ٿو ڪيان انهي دور ۾ عورت جي چوٽيءَ جو ڏاڍو احترام هوندو هو. عورت جي چوٽي جو ننگ وڏو ويو تہ سيئي دليون اهڙيون صاف ٿي وينديون جهڙو آئينو. اها سينڌ بہ وئي، جنهن ڏي عورتون اشارو ڪري چونديون هيون تہ " هيءَ سينڌ ٿي ڏيانءِ!..." گويا اهو قسم ڪجي ويو. هاڻي جان هلي ويندي پر سينڌ جو قسم ۽ سينڌ تي ڏنل واعدو ڪونہ ٽٽندو. عورت کي پنهنجن وارن جو ايترو خيال هوندو هو. جو جڏهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوليس کي ڪنهن جو مانُ لاهڻو هوندو هو تہ ڪيس چوٽيءَ ڪپڻ جو ڏڻڪو ڏيندا هئا، ۽ مائي پنهنجي عزت ۽ ناموس بچائڻ لاءِ خونن جهڙيون ڳالهيون بہ ٻڌائي ويهندي هئي. وارن جي ٿوري چڱ ڪپي ڪنهن ماڻهوءَ ڏي موڪليندا هئا، تہ اهو گويا اعلان هوندو تہ اڄ کان پوءِ جان ويندي پر آن نہ ويندي، ۽ عشق جو اظهار بہ چوٽيءَ مان چڱ موڪلي ڪيو ويندو هو. ڪنواريتا پنهنجي نياڻي ڏني، پوءِ هميشہ گهوٽيتن جا ڪاٽيارا رهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ سندن نياڻيءَ جا وار گهوٽ جي ڪَٽ تي وڇايل هوندا هئا. الغرض جڏهن چوٽيون ويون، تہ انهن جو مانُ بہ ويو، سينڌ نہ رهي، تہ عورت جو قول ۽ قرار بہ ڪونہ رهيو. جڏهن اهي سيئي ڳُڻ ۽ ڳالهيون ويون، تہ سينڌ جي سَري وئي، چوٽين جون سڳيون ويون، ۽ سون چانديءَ جا مينا ڪاري چوٽيءَ ڦل بہ ويا، ۽ چوٽين ۾ پيل چانديءَ يا سون جا جهوڙا پڻ ويا.

اهو تہ ٿيو تمدن جو نقصان، ليڪن وارن وڃڻ ڪري ادبي دنيا کي ڪيترو گهاٽو لڳو. اهي زلف ۽ گيسو ويا، جن کي پريشان ڏسي عاشقن جي دلين جي دنيا درهم برهم ٿي ويندي هئي. انهن ڪاريهر نانگن جا، جيڪي واسينگن جان ور وجهندا هئا، بند ۽ ڪمند ويا. نہ انهن ۾ حلقا رهيا، نہ انهن جا دام ۽ پيچ رهيا. ارمان ۽ افسوس اهو آهي تہ غزل گو شاعرن کي ڦاسائڻ لاءِ معشوق وٽ جيڪي زنجير هئا، جن ۾ عاشق ويچارا اچي نخچير ٿيندا هئا، سي سڀ جڏهن 'تن بتقدير' ٿي ويا، تہ هاڻي شهر جي شاعرن جو اهو گروهہ، جيڪو معشوقن جي بنديخاني ۾ بند ٿيڻ لاءِ هر وقت پيو واجهہ وجهندو هو، سو ڪاڏي ويندو؟

بي پردگيءَ سبب عورت جي عصمت ۽ عفت مان جڏهن ڪشش نڪري وئي، تہ اڳِٺ جي عزت ۽ حرمت يا ان جي جيڪا تندي ۽ مضبوطي هئي، اها بہ وئي، ۽ اها وئي تہ اڳِٺ ۾ جيڪي سون ۽ رپي جا جهاٻا پوندا هئا، تن جو بہ رواج نڪري ويو. پيرن جي ترين ۽ آڱرين مٿان مينديءَ جو رنگ، جيڪو رنگ رچائي ويهندو هو، سو جڏهن لالاڻ لاهي پيو، تہ پيرن جي آڱرين مان ميناڪاري ٻندڙا بہ لٿا، ۽ پيرن منجهان نورا، ڪڙيون، پنيون، پايل ۽ پازيب بہ موڪلائي ويا.

ڪيڏي نہ ارمان ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي! اهي سمورا ڳهہ ڳٺا ۽ سينگار سنوار جا اهي سيئي انگ اسباب رواج ڇڏي ويا. عورتون هاڻي سهرن ۾ ڇا چونديون؟ " سونو بازو بند مان ڏي آدل موڪليو... نسبين جوڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڌايو... ۽ ڏُهري گهڙائج نِهري!" ڪٿان ڳائي وڄائي سگهنديون! اهي سونارا ٻہ تہ هليا ويا، جن وٽ سون جي پرکا ٿيندي هئي، سچ ۽ مٺ جو تفاوت ڪڍي ٻاهر ڪندا هئا، ۽ فني مهارت ۽ هٿ جي صفائيءَ جا ڪمال ڪري ڇڏيندا هئا.

* * *

سنڌ ۾ عورت لاءِ عيب هو تہ هوءَ ڪافي يا ڏوهيڙو چوي، تاهم لڪ چوريءَ ڪيترا ڪلام جوڙيا، جن مان انهيءَ زماني ۾ چند مشهور بہ ٿيا. اهو تہ اتفاق هو، ڇو ڪجهہ ٻاڦ ٻاهر نڪري پئي، ورنہ ويچاريون سڀڪجهہ سيني ۾ سانديون، زمانو ٿيو، جو هتان هليو ويون. عورت لاءِ البت سهرا چوڻ ۽ سهرا ڳاهڻ مباح هئا، جنهن ميدان ۾ هُنن واه جي رنگ لائي ڇڏيا. اسان جي ڳوٺ ۾ بہ مايون سهرن جون ڪاريگر هيون: مائي حليمان ٻونيٽ واري، ۽ ايمٺان مرهيات (١) ٻهمڻ واري. سهرا ڳاهينديون بہ هيون ۽ چوڻ چوائڻ جون بہ ڏاڍيون سيبائتيون ۽ سريليون هيون. مڱڻو ٿيو، ونواه ۾ ڪنوار ويٺي، پرڻي رات آئي، خواه سٺاواڙي تان ڪنوار موٽي ـ ڏينهن جا ڏينهن ڪين اڳ اطلاع ڏبو. موقعي ۽ مهل، خواهہ ڏُرين جي درجي ۽ مرتبي آهر سهرا جوڙينديون، انهن جا سُرَ ڳاهينديون، سُرَ جهلڻ واريون مقرر ڪنديون، ۽ آخر جڏهن ونواه ٿيو تہ ان ڪان پوءِ هر روز سومهياٽيءَ جي ماني ٽڪي ڪائي، سڄي شهر جي سيبتين کي ساڻ ڪري اچي گهوٽيتن جي گهر پهچنديون. هر موقعي جا جدا جدا سهرا هوندا: مڱڻي جا، مينديءَ جا، نٿ ٽوپڻ جا، ونواه جا، لانون جا، نڪاح جا، ڪنوار جي رخصتيءَ جا، ۽ سٺاواڙي جا. سهرن هلندي، ٽالهي بہ پئي وڄندي، ۽ جهمر بہ پَئي لڳندي. ناچ اسان وٽ سخت معيوب هو. گهريلو عورتن جو اهو مرڪ نہ هو تہ ڪين نچڻين وانگر نچائجي. نيائين سيائين، يا ويڻل وياون کي ناچ سيکارڻ اسان وٽ تهذيب ۽ شائستگيءَ جي سند ڪونہ سمجهيو ويندو هو، جيئن بنگالين وٽ آهي، يا انهيءَ آڌار تي اسان وٽ سڱابندي ڪانہ ٿيندي هئي تہ ڇوڪر ـ نچڻ ڄاڻي ٿي يا نہ، ڳائي وڄائي سگهي ٿي يا نہ؟ اسان وٽ تہ نجابت ۽ شرافت لاءِ ثبوت اهو هو تہ هنن جي اکين ۾ حياءَ ۽ حجاب هجي، سنڌن لڄ لٽل نہ هجي، ڏارئي ماڻهوءَ تي اوچتو اک پوي تہ نيڻ نيچا ٿي وڃن، گردن جهڪي پوي، ۽ شرم وچان پيشانيءَ تي

(١) مرحومہ ۽ مرحوم جي سنڌي شڪل ـ مرهيات ۽ مرهياتُ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پگهر نڪري اچي. جيڪا زائفان بدخوءِ ۽ جهيڙاڪر هوندي هئي، ان لاءِ عورتون چونديون هيون، ’ڏسو مائي! هيءَ تہ ڪا نچڻي آهي، هڪ نَهن تي پئي ناچ ڪري!‘ - گويا نچڻ وٽن وڏو طعنو ۽ تنڪو هو. اسان وٽ فقط جهمر رائج هئي، جيڪا پڻ پرٽلان عورتون چڙو شادين مرادين جي موقعي تي، سو بہ عام نہ بلڪ عورتن جي ڪنهن خاص مجلس ۾ هٽنديون هيون. بهرحال، سهرن هلندي هلندي، وچ وچ ۾، هڪ ٻئي تي، پرائي پنهنجي تي، گهوٽيتن ڪنواريتن تي ٽوڪ ٺهول بہ پئي هلندي، لاهٽيون بہ پيون لهنديون، ۽ چرچا يوڳ ڪري ٺهڪڙا بہ پيون ڏينديون، جيئن ڪنهن جي اکين ۾ جيڪا اوجهراڪي اچي، تہ اها لاهي تازي تواني ٿئي.

جيسين سچا قصا ختم نہ ٿيندا تيسين سهرن واريون سچو پاڙو مٿي تي کنيون بيٺيون هونديون. اهي شورشغل يڪا ٻہ ٻہ مهينا پيا هلندا. سهرن وارين کي ڪابہ لالچ ڪانہ هوندي هئي. گهوٽيتن طرفان پُنيءَ مراد جو جي کين ڪو جورو پوتو ملي ويو تہ گويا لک ٿي ويا، جڻ سندن لاءِ سيڪجهہ ٿي ويو.

هاڻي تہ شاديون شاديون ئي نہ رهيون، غمين کان بہ وڌ، بي رنگ ۽ خاموش، گويا شادي نہ پر ڪنهن عزيز جو جڻ پٽر (١) آهي. شاديءَ کان اڳ ئي گهوٽ ڪنوار پيا گڏ گهمن، پوءِ اڻ ڏٺي ۾ جيڪا ڪشش ۽ هڪ تصوراتي رنگيني هئي، اها ڪٿي قائم رهندي؟ چاهہ پارٽي ڪري، ٽپهريءَ جو نڪاح، جو پڙهائبا، تہ انهن ۾ پيچ پنيءَ وقت لانون لهڻ واري ڪيفيت ڇو پيدا ٿيندي؟ سهرن ۽ شرنائن جي، دهلن ۽ دمامن جي، سانن ۽ سوٽن جي، سنگتين ۽ ساٿين، جيڏين ۽ سهيلين جي گڏ ٿيڻ ۽ خوشين ڪرڻ جي.

مهينا پاند شاديون شادمانا پيا هلندا هئا. جيسين وڃي لايو سجايو ٿئي تيسين پئي هما همي هلندي، ڏاج ڏيوڻ پيا نهندا. نياڻين لاءِ جورا پوتا پيا ايندا، چلو منڊي پيو گڏ ٿيندو، مٽن مائٽن ۽ اوري پري جي ساٿ سنگت کي پيا سڏ ڏبا. رنل پيا پرچندا، ۽ پرتلن تلئين پيا پيغام پهچندا. مطلب تہ ڪا ڳالهہ هئي ڇا؟ هر ڪو ڪُٺو نہ پيو پڄندو هو. اٿين پيو معلوم ٿيندو تہ جڻ هڪ جو وهانءُ ۽ ونواه نہ آهي، بلڪ سڄي شهر جا شادمانان آهن. هر ڪنهن جي منهن تي مشڪ هوندي ۽ هر ڪو پيو هڪ ٻئي کي هٿ جهلائيندو.

اڄ اهي سڀ ڳالهيون رفت گذشت ٿي ويون. نہ لانوان لهڻ، نہ آئيني

(١) مائٽ جي موت تي ٽي ڏينهن زمين تي ويهبو آهي، ۽ فرش تي سمهبو آهي - ان کي ’پٽر‘ چئبو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ، نه ڪنوار جي چوڌاري ڦيرا ڏيڻ، ۽ نه انهيءَ ڪڙهيل کير مان ڏِک پرائڻ جو رواج رهيو جيڪو شُنهارن (١) ۾ ڪڙهيل هوندو هو ۽ منجهس ڦوٽن جي ڪڻ ۽ سنگ جي مصري وڌي ويندي هئي. ڏِک پِر ته جڻ زبان تي ٿري (٢) ٻَجهي وئي. ڪنوار جي ڪمري ۾ پهچي، گهوٽ هاٿي ونيءَ جي لٽي ڪنڌ تي ٻه رڪعتان نفل ٻه ڪونه ٿو پڙهي، ۽ نه ازدواجي زندگيءَ جي ڪامِيابي لاءِ ٻَئي هٿ مٿي ڪٺي دعائون گهري ٿو، اهو جذبو ۽ اها ڪشش ٻه ڪانه رهي، جيڪا خلاصي ٿيڻ وقت گهوٽ ڪنوار کي هڪ ٻئي لاءِ ٿيندي هئي.... اڳ ۾ ئي جو هڪ ٻئي کي ڏسي وائسي چڏيائون، پهريون ئي پاڻ ۾ جو بي تڪلف ٿي وڃن ٿا!

جڏهن ته هاڻي اهي سيئي رسم ۽ رواج، جيڪي اڳ حقائق هوندا هئا، داستان ٻڻجي ويا، ۽ محض يادگيرون وڃي رهيون، تڏهن سهرن جي جاءِ به اچي ناٽڪي رڪارڊن ورتي، پوءِ اهي سهرن واريون سُريليون مايون، يا سُر جهلائڻ واريون اهي سيبتيون ڪٿان رهنديون. سمجهان ٿو ته سهرن جي اها صنف، جيڪا سنڌ جي زناني ادب ۽ فن جو اهم حصو هئي، سنڌ منجهان گهٽي ياگي ختم ٿي وئي هوندي ـ افسوس.

* * *

انهن مذڪورن مان منهنجو مطلب هي آهي ته آءٌ اوهان کي ڏيکاريان ته جنهن دور ۾ نواز علي "نياز" رهيو، ان دور جي هلي چلي، اُٿي ويٺي، رهڻي ڪهڻي، چال چلت، ۽ قيل قال (٣) جو ڪهڙو حال هو، ۽ پيو هي ڏيکاريان ته اسان جي ادب شهرن جي محدود فضا ۾ نه بلڪ ٻاهراريءَ جي وسيع علائقن ۾ پرورش حاصل ڪئي آهي. شهر ۾ يا ته بلڪ وڏن ماڻهن جي رهائش هئي، جن جو ادب ۽ شعر و سخن سان ڪو واسطو ڪونه هو، ۽ يا ته واپاري ۽ ملازم پيشي ماڻهو رهندا هئا، جيڪي پڻ انهيءَ ذوق شوق کان عاري هئا. شهرن کي انهي دور ۾ ثقافتي خواه تمدني لحاظ سان ڪابه اهميت ڪانه ڏني

(١) شُهنارن (چُنهارن) جي ٻئي قسم جو نالو "ڪتيفيون" هوندو هو.

(٢) کير جي ملائيءَ کي چئبو آهي "تر" يا "تَري".

(٣) هيٺين فارسي ۽ عربي لفظن جو ترجمو هيٺين لفظن سان ڪري سگهجي ٿو:
تمدن = هلي چلي، تهذيب = اٿي ويٺي، معاشرو = رهڻي ڪهڻي، ڪردار (ڪيريڪٽر) = چال چلت، ثقافت = قيل قال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويندي هئي. بلڪ ٻاهراري جا ماڻهو شهرن کي گنهگاريءَ جو مرڪز ۽ اوباشيءَ جو اڏو سمجهندا هئا. ۽ شهرن کي تمام حقارت سان ڏسندا هئا. چوندا هئا تہ "ميان، هي تہ ڪو شهري پڪوڙي خور آهي!" شهر جي نوجوانن وانگر سينڌ ڪڍي، مٿو اگهاڙو ڪري هلڻ، شُهدپڻ سمجهيو ويندو هو. شهر جي بود و باش ، رهائش ۽ اُٺي ويٺي کين اصل ڪانہ وڻندي هئي. ٻاهراريءَ وارا هميشه پاڻ کي هر لحاظ کان ڪردار خواهہ گفتار ۾ سچو ۽ سورهيہ سمجهندا هئا. شهر وارن کي ٻٽاڪي،سفلہ مزاج، ۽ بزدل پائيندا هئا. شهرن ۾ رهي، جن ادبي خدمتون ڪيون، يا جن غزل گويون ڪيون، سي بہ اصل تہ پنجهتر فيصد ٻاهراريءَ جا هئا. ۽ ڪنهن سهنج سانگي سان اچي شهر جا رهواسي ٿيا هئا. پر جيئن دير پئي، تيئن مٿن شهري فضا جو اثر پختو ٿيندو ويو، تان جو هو پنهنجون اصلوڪيون عادتون ۽ خصلتون وڃائي ويهي رهيا. سندن زبان صاف نہ رهي، بلڪ ان تي ڌارين ٻولين جو رَنُ چڙهي ويو، سندن خيالن ۾ اها فطري رنگيني ڪانہ رهي، نہ انهن ۾ پرواز رهيو، ۽ نہ پرواز ۾ بلندي رهي، مصنوعي خيال، غير فطري تشبيهون ، ۽ عاريتاً ورتل الفاظ سندن ذهن ۽ عقل تي غالب پئجي ويا. هنن جڏهن شهري رنگ ۾ رنگجي غزل گوئي شروع ڪئي، تڏهن سندن حال بہ اهو ئي ٿيو، جيڪو انهيءَ ڪانوَ جو ٿيو هو جنهن هنس جي چال هلي، پنهنجي رفتار بہ وڃائي ڇڏي هئي.

درحقيقت سنڌ جي حقيقي شاعريءَ يا اسان جي مادري ٻوليءَ دهقانين جي وستين خواہ وسنون ۾، ڳوٺن خواهہ ڳوناٺن اوطاقن ۾، انهن جي ڪشادن اڱڻن ۽ وسيع ميدانن ۾، ڳوٺ جي وڻن هيٺ، انهن جي ٺڏين چانون منجهہ راتين جي اونداهين خواهہ چاندوڪين ۾، سانوڻ جي لُوهُنِ خواہ لُڪن ۽ سياري جي ڄرن ۽ ڄاڙُو پارن ۾، چيٽ جي موسم خواہ سرءُ جي مِئين مندن ۾، ٻاهراريءَ جي ٻيلن خواہ بيابانن ۾، ٿرن خواہ برن ۾، جنڊ جي پاسي ۾، ڏڌ جي ڇاڏيءَ وٽ، ڪوهہ جي نيسر وٽ، جوئر جي پوکن ۾ پيهي تي چڙهي ڪانياٺيءَ سان جهار هڪلڻ وقت، نوَ ورنين جي سينڌ سرمي ڪرڻ وقت، يا اورُن اورڻ مهل، شادين ۽ سڪائن (١) ۾، سهرن ۽ لاڏن ڳائڻ وقت جنم ورتو ۽ پرورش پاتي.

شهرن جون مجلسون ۽ محفلون، ادبي هجن خواهہ غير ادبي، مشاعرا هجن يا مناظرا ـ انهن سنڌ جي سچي پچي، مستحڪم ۽ پائدار ادب

(١) ڪو عزيز بيمار ٿيندو يا ڪو ڪم ٿاسندو، پوءِ عورتون ڪنهن پير جي نالي (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي پيدا ڪونہ ڪيو. شهر وارن جون سڀئي ڳالهيون راند هيون. سنڌن مشاعرا ۽ مجلسون محض بازيگري هئي ـ گويا غير سنڌي شاعريءَ ۾ فقط غير سنڌي لفظن، محاورن، تشبيهن ۽ استعارن جي پرمار! ادب ۾ انهن جيڪا ڪوڙر هئين، سا اجها اها جو اسان جي زبان جو حسب نسب وڃائي، ان ۾ ڪيئي قط وجهي ڇڏيائون. پر ان ۾ جيڪڏهن ڏسبو تہ هنن جو بہ قصور ڪونہ نظر ايندو. خدا جون سڀئي نازل ڪيل نعمتون ۽ عطا ڪيل عنايتون ڳوناڻن کي نصيب هيون. خدا جي قدرت ۽ ڪائنات تي دهقانين جو قبضو هو. چٽين چاندوڪين تي، چوڏهينءَ جي چنڊ تي، آسمان تي، ستارن جي باغ ۽ بستان تي، ڪتين ۽ ٽيڙن جي محفل تي، باک ڦٽيءَ جي مٺيءَ تنوار تي، ۽ ڏکڻ جي ٿڌيءَ هير تي، اتر جي تند ۽ تيز هوا تي، اوپر جي وائوندي ۽ اولهہ جي واءُ تي، چاليهي جي لُڪن تي، ۽ برسات جي بهاريءَ ۽ بارش جي بوندن تي، ڪڪرن جي ڪاروڻيار تي ۽ وڄن جي وڄڪار تي، سرنهن جي ڦڪي ڦولار تي، ۽ ان جي گلزاريءَ تي، نينگ ٽيا ڏيندڙ سهڻن نادر ۽ نفيس پوپٽن تي، پنيورين ۽ پونئرن تي، رس چوسيندڙ ماکيءَ جي مکين ۽ مکڻ تي، جهنگ جهر، جبل ۽ ٿر تي، قدرتي بهاريءَ ۽ گلزاريءَ تي، صحتمند غذائن تي، ۽ صاف شفاف درياهن مان ڌوتل هوا تي ـ الغرض سموريءَ ڪائنات تي، ۽ ڪائنات جي هر لطيف ۽ حقيقي حُسن تي، حڪومت هر ڪاهيندڙ ڪڙمين ۽ ڪامن جي هئي. تنهن ڪري شهر جي محدود حلقي ۾ رهي غفونت آميز ۽ غلاظت ۾ پريل آب و هوا ۾ جيئندڙ ۽ ساهہ کڻندڙ اديبن ۽ شاعرن کي ڇا خبر تہ سنڌ تي سنڌ جي پرور دگار جون کهڙيون کهڙيون نعمتون نازل آهن، جن مان هو بہ پنهنجي نثر لاءِ ۽ پنهنجي شاعريءَ لاءِ هر قسم جو مواد کڻو ڪري سگهن ٿا. هير تنوار ۽ هوا، ڏکڻ ۽ اُتر، اولهہ ۽ اوپر اسان وٽ بہ آهي ـ پوءِ بين جي ديوانن مان بادصبا جو نالو ڇو پيا چورائن؟ ايراني ذهن جي خلقيل بادصبا کي سنڌ ۾ ڪير سمجهي سگهندو! ڪانوَ غريب تي شهرن جي هما هميءَ ۾ رهندڙ غزل گوين جي ڪٿي نظر پوندي، جو هو ڪيس نياپا ڏيڻ ۽ پيغام پهچائڻ ۾ ڪانئس مدد وٺن! هنن تہ فارسيءَ ۾ يا اردوءَ ۾ قاصد کي محبوب ڏي ويندو ڏٺو، جهٽ ڪٽي ان جي دامن پڪڙيائون. ڪتين ۽ ٽيڙن تائين سنڌن

---

(آنڊل) تي باس باسينديون هيون؛ جڏهن ڪم پورو ٿيندو، تہ انهيءَ پير جي قبر تي وڃي سهرا ڳائينديون ۽ خيرات ڪنديون هيون ـ ان کي چئبو هو "سُکا" ـ سک واري، "سک" يعني خير خوشيءَ واري خيرات.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تخيل ڇو وڃي، جڏهن ته بجلين جي روشنيءَ ۾ هنن جي نور وڄايل نيڻن انهن جي ڪڏهن زيارت ئي ڪانه ڪئي. ڊالڊا گيهه ڪائيندڙن کي مکڻ ڪٿي ملي، جو هو معشوق کي ان سان تشبيهه ڏيئي سگهن. ڪير هنن ڪاڏو ئي ڪونه، ته هو ڏندن جي سفيديءَ جو ان سان مقابلو ڪيئن ڪندا!

اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن شهر جي شاعرن شعر چوڻ شروع ڪيو، ته هنن ڪافيءَ ۽ ڪافيءَ جي زبان تي قدرت ۽ قبضو ڪونه ڏٺو - تنهن ڪري يڪدم ڪٿي غزل جي دامن جهلياڻون، ۽ شاعري ڪندي اردو ديوانن منجهان فارسيءَ جون غير معروف ۽ عجيب و غريب ترڪيبون ۽ تشبيون ڪٽي، پنهنجي ريشم ۾ بافتي جي ڇتي تنبي وينا. جن ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ٺاهيا، انهن جي اڳيان قدرت جي وسيع ڪائنات حد نظر ڪان به اڳتي تائين کلي پئي هئي، جنهن جي ذري پرزي مان هنن نتيجا ڪڍيا، ۽ انهن مان فائدو ورتائون، پنهنجي ڪلام کي هنن انهن تشبيهن سان سنواريون، جيڪي هر هڪ جون ڏٺل واٺل هيون ۽ انهن جي نزاڪت ۽ سهڻائيءَ جو سيڪو چاٺو هو. تنهن ڪري هر ڪنهن کي ڪلام ٻڌندي لذت پئي آئي، روح جي ريجهه پئي ٿي، ۽ دل کي راحت ٿي رسي - سڀ شيءِ سندن ڏٺل جو هئي، پاڻ هر تلميح، استعاري ۽ لفظ مان واقفڪار جو هئا! جيڪو ڏٺل ڳالهه مزو ڏيندي، اها ڇَس ان شيءِ مان ڪٿي ايندي، جيڪا هنن اکين ڪڏهن ڏٺي ئي ڪانه هوندي؟.

مير عبدالحسين سانگيءَ ۽ گدا شاهه اردو ديوانن کي پڙهي، سنڌ ۾ غزل گوئي جي جيڪا بدعت وڌي، ان ۾ مير صاحب ته وري به گهٽي حد تائين نباهي وڃي متي چڙهيو، ليڪن گدا شاهه وچ ۾ گپي بيهي رهيو. مير صاحب هڪ ته شڪار جو شوقين هو. گهڻو وقت ٻاهراريءَ، جهنگ جبل، ٽر ۽ بر ۾ گذاريندو هو. ٽر جي گاهن جون گلزاريون، ملير تي ، مينهن پوڻ جا نظارا، ماروئڙن جا ڏُٿ ۽ ڏٿونرا، پيرون ۽ پُسيون ، جهوپا ۽ پڪا، سڀ سندس نظر مان گذريا هئا. ٻاهراريءَ جي خالص زبان، ان جا محاورا ۽ مثال، چوٽيون ۽ تشبيهون کيس معلوم هيون. شاهه لطيف جو، هو مرحوم سخت معتقد هو، سندس سوانح نگار به هو ۽ سندس رسالي جو گهرو مطالعو به ڪيو هئائين، تنهن ڪري شاهه جي زبان ۽ شاهه جي ترڪيبن ، لفظن ۽ خيالن مان واقف هو۔ اهو ئي سبب آهي، جو هن نه ڇڙو ڪافيون جيون بلڪ خود غزل کي به سنڌ جي زندگيءَ سان هم آهنگ ڪري، هن ان کي خالص سنڌي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. سندس غزل ۾ اهي سڀئي نزاڪتون، نفاستون، خوبيون ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خصوصيتون موجود آهن، جيڪي ڪافيءَ يا ڏوهيڙي ۾ ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر گربخشانيءَ ۽ ڪاڪي مرحوم چيتمل پرسرام تي به شاهه جو ئي تہ اثر پيل هو! هنن شاهه جي ئي تہ زبان ۾ ويهي سيو ڪجهہ لکيو. انهيءَ ڪري سندن نثر ۾ هڪ آهنگ ۽ نغمو موجود آهي، ڇڻ هنن نثر ۾ ويهي شاعري ڪئي آهي، اسان کي تڏهن تہ سندن هر ڪا شيءِ پٺي ماکيءَ جهڙي مٺي لڳي !.

* * *

مير "سانگيءَ" جي مقابلي ۾ غلام محمد شاهه "گدا" جو گذر فقط شهر سان هو. ڪڏهن هن جي اکين سنڌ جي وسيع مملڪت جي سونهن ۽ سوڀيا ڪانہ ڏٺي هئي، سنڌ جون نہ هن مارئيون ڏٺيون، نہ انهن جو ملير ڏٺو هئائين، تنهن ڪري جڏهن هو معشوق جي سراپا بيان ڪرڻ ويٺو، تڏهن سندس اکين ۾ ايراني معشوق يا اردو لونڊي جو تصور تري آيو، ۽ هن سيئي وصفان ان جون ويهي بيان ڪيون. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي زبان تي قدرت نہ هجڻ سبب وٽس لفظن، تشبيهن ۽ استعارن جو ايترو ذخيرو ڪونہ هو، تنهن ڪري انهن اوصافن بيان ڪندي هن فارسيءَ جي غير مانوس ۽ اڻسونهن لفظن کي وچ ۾ آڻي، اسان جي سپاجهيءَ سنڌيءَ جو ڪچومر ڪري ڇڏيو آهي. چوي ٿو:

عشوو ۽ ڪرشمو ۽ تبسم ۽ تختر،
هي حسن جي سرڪار جو سامان نہ چوان ڇو!

عشوو، ڪرشمو، تبسم تہ خير اسان کي شايد هضم بہ ٿي وڃي، ليڪن اهو "تختر" ڪهڙي بلا آهي، جنهن کي خود فارسيءَ وارن بہ غزل ۾ استعمال ڪرڻ کان هميشه پرهيز ڪئي هوندي؟ انهي ئي غزل ۾ قد کي سروخرامان، وارن کي ڪاڪل ۽ سنبل پيچان، زلف ۽ شام غريبان، ڳلن کي عارض ۽ صبح درخشان، رخسار ۽ خط ريحان، غمزي کي رهزنِ ايمان. اکين کي چشم آهو ۽ نرگس، ڳوڙهن کي قطرهء اشڪ، لؤ لوءِ لالا ۽ غيرت نيسان چيو ويو آهي. هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

خط خضربش عيسي عہ دوران نہ چوان ڇو!
دلبر جو دهن چشمئہ حيوان نہ چوان ڇو!.

انهي 'خط خضربش' جي معنيٰ ممڪن آهي. بورڊ وارا سمجهندا هجن، جن سندس ديوان ڇپايو آهي، باقي اسان ٻارن عامن جي سمجهہ کان تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بلڪل بالا آهي. انهي ساڳئي غزل ۾ رعايت لفظيءَ جو ڀهڙو اگرو مثال بہ موجود آهي:

هڪ پرده نشين يار، لٽي منهنجي ويو دل،
هن راز نهاني کي آءٌ پنهان نہ چوان ڇو؟

سَڪتي سان ڳڏ ان شعر ۾ ڇاڪاڻ تہ پرده نشين جو ذڪر آيل آهي. تنهن ڪري محض رعايت لفظيءَ جي استادي ڏيکارڻ لاءِ گدا شاهہ "راز نهاني" ۽ "پنهان" جا لفظ ٺنبيا. اهو تہ شڪر ڪرڻ گهرجي، جو "اندام" طرف سندس توجهہ نہ ويو، ورنہ رعايت لفظيءَ جي شوق ۾ خدا ڄاڻي ڇا جو ڇا چئي ويهي ها، سواءِ لفظي بازيگريءَ جي ان بيت جي ٻي ڪهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي؟ هيٺئين بيت ۾ بہ رعايت لفظيءَ جو نهايت آگرو نمونو آيل آهي:

راز مخفيءَ کي ٿو ڪريان، پڌرو ـــ
يار اغيار کان نهان آيو.

"نهان" ۽ "مخفيءَ" جي رعايت سبب ڪيس "پڌرو" جو، غير مناسب قبيلي ۾ سنڌي اکر آڻڻو پيو.

هڪ ٻئي غزل جي سنڌي ڏسڻ وٽان آهي:

آتشين رخسار جنهن دم دوست دلبر ٿو ڏسان،
مرغ دل کي رشڪ افزاي سمندر ٿو ڏسان.

آتشين رخسار، مرغ دل، رشڪ افزاي سمندِ ـ قسم ڪٿايو سنڌين ڪان، جي انهن اکرن جو مفهوم سمجهي سگهن! انهيءَ غزل ۾ هي ترڪيبون ۽ لفظ بہ آهن: لعل لب، ياقوت، احمر، شرمگين، هماي دل، سروقمري، قصرو ڪاخ اجلاف، شاهباز اوج عرفان، بو ترابي، ازگوگرد احمر، آفتاب عالم آرا.

انهيءَ ئي غزل جو هڪ شعر آهي:

هڪڙي هنڌ باهم ڏسان تڏ ڪٿن نہ آءٌ شام و سحر،
عارضِ جانان تي جڏ زلف معنبر ٿو ڏسان

"تڏِ" کي تَڏَ ڏئي، جنهن نموني "جَڏِ" کي آندو ويو آهي، ان تي ڪٿي چشم پوشي بہ ڪجي، تاهم شعر ۾ بيان ڪيل خيال يا نقشو ڪٿي وساري سگهجي ٿو! فارسيءَ وارن جي اها دور ازقياس تشبيهہ، جيڪا پوءِ اردوءَ وارن ورتي، سا سنڌي غريب ڪٿان سمجهي سگهندا؟ زلف معنبر جڏهن عارض جانان تي پيا، تڏهن جڻ شام ۽ سحر باهم ٿي ويا! مختلف زبانن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ساڳيو اهو خيال آندو ويو آهي. ۽ پائمال مضمون تي چڪو آهي(١)

سرخروئي رنج ڏاران ڪين تي حاصل ٿئي،
درميان، خارها آءُ ورد احمر ٿو ڏسان.

انهيءَ زير اضافت واري ”درميان خارها“ ۾ ”ورد احمر“ جو هجڻ ايندو سنڌين جي سمجهه ۾؟ جيڪڏهن سچ پڇ هيءَ شاعري سنڌين جي سمجهه ۽ سياءَ کان اوپري ۽ اڪرڙيل شاعري آهي، تہ پوءِ گدا شاهہ اها تڪليف ڪنهن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪئي آهي؟ هن شعر جي چوڻ جي ڪيس ڪهڙي ضرورت هئي!

جڏ شڪر ٿو پُر ٿئي، پانيان ٿو جنت تي نصيب
جي لڳي اج بک، تہ ان دم روز محشر ٿو ڏسان

ڪربلا ۾ ڪسنڌڙ بکئي ۽ پياسي حسين جي هن چشم و چراغ مريدن جي مانين تي اهڙو تہ پاڻ کي البيلو ڪيو هو، جو ”جي پيٽ ۾ لُلُ تہ ڳوٺ ۾ هل“ ۽ جي گهڙي کن ماني نہ ملي تہ واءِ ويلا. جنسي محشر مچي ويو، جڻ گدا شاهہ لاءِ ڪاري قيامر اچي ويئي! اهو سنڌ جي ڪنهن پينو سيد جو ئي شان آهي، جنهن جي سڄيءَ زندگيءَ جو گذر بسر مفت جي مانيءَ ۽ حرام جي ٽڪرن تي ٽيندو رهيو هجي. هي بيت بہ انهي سلسلي جو آهي.

اي مهوس پاڻ کي ڪشتہ ڪري اڪسير ڪر،
شڪل گل صد چاڪ ٿيندو، طالب زر ٿو ڏسان.

(١) انهيءَ خيال کي فارسي، اردو ۽ هندي شاعريءَ ۾ هيٺين نمونن سان ادا ڪيو ويو آهي.

امير خسرو چوي ٿو:

گوري سووے سيج پر، مُکهہ پر ڈارے کيس،
”خسرو“ چل گهر اپنے، سانج بهئي پرديس.

فارسيءَ ۾ ڪنهن چيو آهي:

عارض چہ عارض، گيسو چہ گيسو! صبحي چہ صبحي شامي چہ شامي!
روئي مبينش صبح تجلي، زلف درازش شامي تمامي.

مولانا جامي فرمائي ٿو:

از روي و زلفت دارم هميشه، صبحي همايون شامي مبارک!

ڪنهن اردوءَ واري جو چوڻ آهي:

دامن زلف مين رخ روشن، کيسي شب هے کہ آفتاب بهي هے!

ميرزا شوق (لکنوي) مثنوي ”زهر عشق“ ۾ هڪ شعر آندو آهي:

رخ پہ گيسو هوا سے هلتے هين،
چلئے اب دونون وقت ملتے هين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سواءِ هن جي تہ ان ۾ چند فارسي اکر آندل آهن، نہ تہ هونءَ شعر ۾ ڪهڙي شعريت يا معني ۽ مطلب آهي؟

رعايت لفظيءَ جو هي هڪ ٻيو بہ فضول نمونو ڏسو:

**ٻيون ڇا ڪندس هزار هجن جي، ڪي چاشنيون،**
**شيرين لبن جي لب جون گهران هر گهڙيءَ چميون.**

پاڻيان ٿو شاعر اهو شعر ڪنهن مريد جي گهر ۾ چاشني ڪائي ۽ مريدياڻيءَ جي تصور ۾ چيو آهي، ورنہ جن اسان جي شاعرن ڪڏهن چاشني ڪانہ ڏٺي آهي، تن جي اخلاق ۽ اطوارن جي قاعدن هيٺ معشوق جي چميءَ جو برملا ذڪر ڪرڻ "ڪاري ڪاريءَ" جي خطا ڪاريءَ جيترو ڏوهہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ئي غزل ۾ هي لفظ ۽ تشبيهون پڻ آهن - ماهِ لقا هم ڪنار، پستان انار ۽ نارنگيون، روي يار ۽ حلبَ ڪان ايندڙ آرسيون، خبط الحواس، آئينہ رو، وغيره وغيره. سنڌي شاعرن نہ پنهنجي معشوق جي پستانن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نہ محبوبن جي چپن تي چمين ڏيڻ جو وٽن مذڪور آيو آهي. سنڌ جا عاشق تہ فقط عشق ڪي چمي سر تي چاڙهيندا آهن. ازان سواءِ ڪهڙي سنڌيءَ آئينن جو واپار حلب سان ڪيو، جو ڪيس مٿئين مثال جي پروڙ پوندي.

هڪ ٻيو بيت آهي:

گوشِ گل، چشم نرگس، شهلا،
رنگِ رخسار، رشڪ برگ سمن.

اهو فارسي غزل جو شعر نہ آهي، بلڪہ گدا شاهہ جي سنڌي ڪلام ۾ هڪ بيت آهي!

هي ٻہ بيت بہ ڏسندا:

قلب شت اقبال جو چاڙهن نتا،
فخر ڪن فخار تا املاڪ تي.

—

زال دنيا مرد ممسڪ جي مطيع،
قرب قحبہ تي ڪري امساڪ تي.

اها بہ گدا شاهہ جي نازڪ خيالي ۽ تخيل جي بلند پروازي آهي.

خير، گدا شاهہ سائين تہ پاڻ سموري ماهري جو مالڪ هو، پر سنڌي ادبي بورڊ، جنهن سندس ديوان ڪي مرتب ڏنو آهي، سو بہ اهڙو افلاطون آهي، جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خود مالڪ کان بہ بہ وکان وڌيڪ پيو وجهي ـ ڏاچي ڏهہ تہ توڏي پٺي تيرنهہ هٿي. "ممسڪ" جي معنيٰ "امساڪ" ۽ "امساڪ" جو مطلب لکي ٿو: "مڙساڻي طاقت جون گوليون (١) استعمال ڪندڙ". ساڳئي ئي هنڌ"امساڪ" جي بي معني ڪري ٿو: "مڙساڻي طاقت جون گوليون". خبر نہ آهي ڪيس انهن گورين جي خبر ڪٿان پئي؟

گدا شاهہ نہ فقط لفظ اُڌارا ورتا آهن، بلڪ پنهنجي شاعري لاءِ سمورا تصورات بہ ڌُريان ئي ڌارين وٽان آندا آهن، موروثِ ئي اغيارن منجهان گڏ ڪيا آهن. چوي ٿو:

خواهہ مخواه مون سان ٿا ڪربل ڪونسن،
ڪينءَ ڪريان آءُ رُلين رقيبن ڪي.

---

دلربا مون سان هم بغل آهي،
اڄ تہ اغيار جو اجل آهي.

رقيب ۽ اغيار فارسي ۽ اردو شاعريءَ جا قبيح ڪردار آهن. ٻنهي زبانن جي شاعرن وٽ معشوق جو جيڪو تصور آهي، سو پيشہ ور طوائفن جو، يا انهيءَ بازاري محبوب جو، جيڪو ڇڪهن جا ولر ڪڍ لايون، وتندو آهي گهٽ ۽ گهير گهمندو. فارسيءَ جي انهيءَ روايتي معشوق جي تصور کان خود امير خسرو جهڙو برگزيدو ۽ باخدا شاعر بہ ڇٽي ڪونہ سگهيو آهي. پنهنجي هرجائي معشوق تي طنز ڪندي چوي ٿو:

تو شبينہ مي نمائي، بہ بري کہ بودي امشب؟
کہ هنوز چشم، مستت اثري خمار دارد!

'ڪهڙي رقيب جي پاکر ۾ ويهي سڄي رات شراب پيتو اٿئي؟ هن وقت تائين پيو اوجاڳيل نظر اچين ۽ اکيون اجا تائين خمار ۾ ڳاڙهيون جنسي رت پيون لڳنئي؟'

سنڌي شاعرن وٽ معشوق جو تصور نهايت ارفع ۽ اعليٰ هو، رقيب، اغيار، خواهہ ڌارئي ماڻهوءَ جو خالي گمان رکڻ بہ ڪردار ۽ سيرت تي ايڏو داغ هو، جو سنڌ ۾ ان جي سزا فقط موت هئي. سنڌ جو محبوب يا تہ مڙس هو، يا زال يا مڱيندي، يا اها عورت اهو مرد جن جي مابين شادي ٿيڻ لازمي هئي. سنڌ جي عاشق جا ڪي رقيب هئا تہ فقط اهي ڌير، جن پنهونءَ کي ڪٽي وڃي

(١) گوريون: "گوليون" بندوق جون ڇئيبيون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيچ پهچايو، يا اهي ڪارو ڪپڙ، جيڪي چڙو نسهائپ ڪري فطري تنگدليءَ سبب ٻن جو گڏجڻ پسند نہ ڪندا هئا، پيا سوسڙيون دڪائيندا هئا، ۽ ڪَنَ ڳالهيون ڪري پيا عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ڪوڙن جا ڪوٽ ڪيندا هئا. انهيءَ ڪان سواءِ هنن جو ٻيو ڪوبہ غرض ۽ غايت ڪونہ هو تہ ٻئي ڏريون جيئن هڪٻئي ڪان ڏار ٿي وڃن، ۽ انهيءَ کي چئبو هو"ڏيهہ جي ڏنگائي". جيئن هڪ ڪافيءَ جي مصرعي ۾ عاشق نهايت لطيف پهلو ڪيدي، ان کي بيان ڪيو آهي.

پريـن هـجن پـاڻ سـنـوان، سـچ ٿـي چوان،
چا ڪـنـديـون ڏيـهـہ جون تـہ ڏنـگـايـون!

پرين هجن....

ڏنگاين ڪندڙ ڏيهہ جو تفصيل "سچوءَ" هن ريت ڏنو آهي:

ريـجهـي روح رانـجهـي سـان، ڪـيـڙو ڪـپـڙتـالُ،
وڌيـون وجهـي وچ ۾ ، چوچڪ ڏس چنـدالُ،
مـادر مـهـٽـا ڏئي جهجها، جهـيڙي جهـنـگ سـيـالُ،
مـنـو مـون مـهـوال، مـون ڪـان مـور نـہ وسـري.

اغيار جو تصور جنهن صورت ۾ اسان وٽ ڪونہ هو، تنهن ڪري جڏهن محبوب اچڻ لاءِ انجامي هوندو هو، تہ عاشق کي ان تي پورو پورو يقين ٿيندو هو، ۽ غالب وانگر:

تيـرے وعدے پـہ جئيے هـم، ميـرے جان جـوٹ جانـا،
ڪـہ خوشي سـے مـر نـہ جاتـے، اگـر اعتـبار هـوتـا!

سنڌ جي عاشق وٽ محبوب جي واعدي تي بي اعتباري ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو هو، ۽ نہ اچڻ جي يقين ٿيڻ تي عاشق کي مرڻ جو ئي خطرو هوندو هو. سنڌ جي سهڻيءَ جو مثال اسان جي سامهون آهي، نہ ڪڪرن جي ڪارونڀار کيس روڪيو، نہ بادلن جي برسڻ ۽ کنوڻن جي کجڻ سندس دڳ جهليو، نہ ڪاري رات جي دهشت ۽ اوندهہ انڌوڪار کيس پليو، نہ ندين ۽ نالن جي واهوندي ۽ وهڪري سندس راهہ روڪي، ۽ نہ درياهہ جا ڏڏڪا ۽ لهرن جا لڙ هن جي عزم، ارادي، پيمان ۽ واعدي جي آڏو اچي سگهيا. اوستائين هوءَ برابر ميهار سان ملندي ۽ ملاقات ڪندي رهي، جيسين وچي ڏيهہ سانس ڏنگائي ڪئي، ۽ سَچُ ڪدي ڪَچُ رکيائون، جنهن بعد بہ ٻنهي موٽڻ ۽ واعدي تان هٽڻ هن مانائتيءَ پنهنجو مَرڪ نہ سمجهيو. دوست

تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي نيٺ هن پاڻ لهرن ۾ لوڙهي، عشق ۽ محبت جي دنيا ۾ واعدي ڪي، عهد ۽ پيمان کي ازسرنو معنيٰ ۽ مفهوم عطا ڪيو، ۽ انهن کي پاڪيزگي ۽ بلندي ڏئي ڇڏي ـ حالانڪ اردو ۽ فارسيءَ جي معشوق اغيارن جي آذار تي صدين کان انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي غارت ڪري ڇڏيو آهي.

مٿيون مثال تہ اسان نموني لاءِ فقط هڪ غزل گو جو ڏنو آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ جي شايد تهمت ۽ الزام لڳل آهي. ليڪن سنڌ جي ٻين گونزل گوين (١) (غزل گوين) جي بياضن ۽ ديوانن کي جيڪڏهن اٿلائبو، تہ گهڻن جا حال هڪجهڙا نظر ايندا ـ سواءِ انهن چند استادن جي، جن سنڌي زبان ۽ ان جي مزاج ۽ متعلقات جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو آهي، ۽ جن کي سنڌي اکرن جي مفهوم ۽ محل استعمال جي پوري پروڙ آهي، ۽ کين پنهنجي زبان تي هر طرح قدرت ۽ قبضو حاصل آهي. مثلا موجوده دور ۾ مسافر، ملاح، گدائي، طالب موليٰ، اياز ۽ نياز جهڙا شاعر، يا خود اسان جو مرحوم ”نياز“ لاڙڪاڻوي، جنهن سنڌي ادب جي سموري اثاثي ۽ ورثي جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو هو، ۽ ڪافيءَ مٿان قدرت هجڻ سان گڏ، هن جو غزل بہ گهڻو ڪري انهن خيالن، اشارن ۽ ڪناين جو آئينہ دار آهي، جيڪي هو ڪافين ۾ آڻيندو هو.

* * *

مٿئين بيان مان هرويرو ائين سمجهڻ نہ کپي تہ ڪو آءٌ ذاتي طرح غزل خواهہ نظم جي صنف جو منڪر آهيان. منهنجو اعتراض تہ محض انهن ”گونزل گو“ شاعرن تي آهي، جيڪي پنهنجي ماحول، پنهنجي ڪائنات ۽ پنهنجي زبان جي سموري وسعت ۽ گيرائيءَ کان بي خبر ۽ بي بهرو ٿي، فقط فارسي ۽ اردو شاعرن جا وينا ويچارا ڪدين. جيڪڏهن هو غزل کي بہ سنڌي پوشاڪون پهرائن، ۽ سنڌي ماحول منجهان ان کي ڏيب ۽ ڏيوڻ ڏين، تہ نہ ڇڙو سنڌن اهي ادبي خدمتون مستحڪم ۽ پائيدار ٿي پون، بلڪ هو پنهنجن ۾ سرخرو ٿين ۽ سندن سمورن محنتن ۽ مشقتن جو بہ هوند لايو سجايو ٿي وڃي.

غزل گو شاعرن کي ڏاريا لفظ اهي ڪتب آڻڻ کپن، جيڪي يا تہ سنڌي زبان ۾ پيهي ويا آهن، يا اهي جيڪي غير معروف ۽ غريب نہ هجن.

(١) سنڌ جي ٻاهراريءَ وارا ”گوُنزل گو“ سڏيندا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي مثال، سنڌي استعارا، ۽ سنڌي تشبيهون سندن غزل ۽ نظم جو سينگار هجڻ گهرجن. پنهنجن قصن ۽ ڪهائين، پنهنجن باغن ۽ بهارن، پنهنجن گلن ۽ ٻوٽن، پنهنجن واٽوندن ۽ وائن، پنهنجن پٽن ۽ پونگن، ٽرن ۽ مليرن مان ڪين مواد ۽ مثال ڪٺا ڪرڻ جڳائن. پرائي پٽ تي سڌ ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو، ٻين جي ٻوڙ تي اتي ٻڌڻ ۾ ڪهڙي عزت. ڪهڙو شان يا مانُ آهي؟ جيڪڏهن هرو ڀرو فارسي ۽ اردوءَ جي تتبع تي اک ۽ مک مارٽي آهي، تہ ڀوءِ ماڻهو نقل ڇڏي اصل ڇو نہ پڙهن، جسم ڇڏي پاڇي ڏي ڇو ڀڄن؟ جڏهن عاج ملي ٿو، تہ ڪافور ڪي ڇو ڪتب آڻن؟ جڏهن اسان ڪي ساڳئي ئي دور ۾ ٽتي جي ميان غلام علي (١) سبز پوش جهڙا شاعر ملن تہ پوءِ "گدا" اڳيان گداگري ڇو ڪيون؟ آخر هي بہ تہ انهيءَ ئي زماني جي غزلن ۽ نظمن جا اشعار آهن:

وري اج دوست دلبر ياد آيم، وري اج روز محشر ياد آيم.
وري اج سڀ وساريم دين و ايمان، وري اج شوخ ڪافر ياد آيم.
ڏسي چشمن سان هن چشمن جو اسباب، ترار ۽ تير و خنجر ياد آيم.

---

هلي اي دل! وڃي دلدار کي ڏس، هيئين سين هن هيئين جي هار کي ڏس.
ڪري پنڌ پلڪ سين، اڪڙيون اداسي، ڪٺي ان نور نيڻن ٺار کي ڏس.
سدائين مثل بلبل جي اڏامي، مٺي محبوب گل رخسار کي ڏس.
عرب تابع، عجم محڪوم جنهنجو، انهيءَ سرور مٺي سردار کي ڏس.

- فارسيءَ جا اهي اکر ڪتب آندا ويا آهن، جيڪي يا تہ سنڌيءَ ۾ مشهور ۽ معروف آهن، يا تہ خود اسان جي زبان جو جزو بڻجي چڪا آهن.

هيٺيون غزل بہ جيتوڻيڪ فارسيءَ جي زمين ۾ چيو ويو آهي، تڏهن بہ ان ۾ سنڌي چوٽيءَ ۽ زبان پنهنجو نہ ميناج وڃايو آهي ۽ نہ اثر زائل ڪيو آهي:

تنهنجي منهن کان گلستان ياد آيم، تنهنجي لب کان بدخشان ياد آيم.
تنهنجي هن نوڪ نيڻن جي ڏسڻ کان، بدل چشم غزالان ياد آيم.
ڏنم چمڪات سج جهڙن ڳلن جو، تجلي ماهہ تابان ياد آيم.
شراب شوق مان پيتم جڏهن جام، تہ مجنون ۽ بيابان ياد آيم.
برهہ جو بحر بيحد بيڪناري ڏنم، ۽ نوح طوفان ياد آيم.

---

(١) 1299 هہ کان هڪ اڌ سال پوءِ فوت ٿيو. "گدا" جي وصال جو سال آهي. 1322 هہ (تڪملہ 528). 'ڪليات گدا' جي فاضل مرتب کان گدا شاهہ جي شاعريءَ جي خوبين کي طوالت ڏيندي، هُن جي وفات جي تاريخ لکڻ ئي وسري وئي آهي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جدائيءَ ۾ تڏهن نت رت رنو مون، جو وقت وصل ياران ياد آيم.

"نيڻن جي نوڪ" ۽ "جدائيءَ ۾ نت رت روئڻ" نج سنڌي تصورات آهن. هينئين غزلن جو، ڪجهه لفظن ۽ ڪن قافين کان سواءِ، باقي سڄو ساز سامان سنڌي آهي:

بهار آيو، ويو سپ وقت دي(١) جو، اچي ساقي پري ڏي جام مئي جو.
جگر جيرا جليا، ۽ جيءَ ڪيا جوش، سڻين آواز اچ جان سوزِ نئي جو.
گدا تنهنجو نه آئي تا قيامت، نظر ۾ تخت هن ڪائوس وڪئي جو.
غرض، ڪهڙو ڪرڻ احوال دل عرض، تون واقف سپ ۽ مالڪ ڪل شيءِ جو.
سگهو مون ڏانهن موڪل "مرتضائي"، جواب هن غزل تون، فرخنده پئي جو.
عليءَ ڪي باغ ۾، منجهه فصل گل جي، اچي ساقي پري ڏي جام مئي جو.

---

درد ڪئي منزل متم، بيداد پڻ آندو هجوم،
داد رس داربن جا، ڪر غور هن فرياد جو.
غم سندم غمخوار ٿيو، ۽ درد ٿيو همدم سندم،
شاد ڪر سينو اچي، شاديءَ منجهان ناشاد جو.

---

جيئن جاسين، سدا هل عشق جي راه، ڪنان واديءَ وندر جي، ٿيءُ م گمراه.
نه زاريءَ جي، نه زوريءَ جي، نه زرجي، منهنجي محبوب کي پرواه!(٢)
الاهي! شل اگڻ اچ يار ايندوم، پڌم اغيار کان مون رات افواه.

---

سڻو سيد، سچو سرور سونهارو، سگورو، پرجهلو، بهتر، پلارو؛
سين ۾ سگهيريو، ڪُل کان ڪرارو، ڏٺم هڪ هوت همدم حسن وارو؛
سڪي جنهن جي ڏسڻ لئه ڏيهه سارو.
نٿي جاتم پرين پرڏيهه ويندو، هتي مون کي عذابن ۾ ڇڏيندو؛
وري، يا رب! ڪڏهن سو ڏينهن ٿيندو، اگڻ آساوتيءَ جي شال ايندو؛
سدا سهڻو پرين پارس پيارو.

---

(١) ايراني مهينو.
(٢) فارسيءَ جي هن شعر کي ڪهڙيءَ طرح پنهنجو ڪري ويو آهي:
سبز پوشي بلبِ بام نظر مي آمد
نه بزورو نه بزاري، نه به زرمي آيد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڙڏي مون کي پرين پرڏيهه ۾ ويو، گهڙي تن ريءَ گذارڻ سال مون ٿيو،
ملڻ جو شل، مُنجي مون ڏي دلاسو، اچي من نار مون وٽ شل، ته ان جو،
اسان جا نيڻ ڪن، نت تن نظارو.

"عليءَ" اهو محمد قاسم هالائيءَ جي غزل تي مخمس ناهيو آهي.
زبان جي صفائيءَ ۽ اکرن جي ذريعي آندل جذبي کي محسوس ڪيو.——
مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽي جو، فارسي گو شاعر گدا شاهه
جو دوست ۽ معاصر هئو. سندس وفات سنه 1317هه ۾ ٿي. سنڌيءَ ۾
"اداسي" تخلص هيس. هڪ سنڌي غزل کي عليءَ تضمين ڪندي چيو آهي:

اکيون گل، زلف سنبل، ڳل گلابي، صنوبر قد سندن، منهه ماهتابي،
مٿي پوشاڪ مخمل ڪيمخوابي، سڄي صورت سِپرين خوب خاصي،
انهن جي خلق ۾ آيت خلاصي

سدا حيران آهيان ان عجب ۾، تنهنجا مشتاق هر جا ملڪ سڀ ۾!
نڪو همسر سنڌ، عجم و عرب ۾، عرب عاشق، عجم تنهنجي طلب ۾!
تنهنجو ثاني نه مڪراني نه لاسي!

اصل کان آهيان ڪوجهو ڪماڻون، سدائين درد سورن ۾ سماڻون،
گنهگار ۽ سراپا عيب هاڻون، تو هيٺن جي حمايت، آءُ نماڻون،
تون شافع شاهه محشر آءُ ته عاصي.

جدائي ۾ گهٽو سر تي سنم بار، وري اي يار وارو وصل جو وار،
اچي گڏ ساڻ هن گوليءَ گهڙي گهار، تون پيرل پاتشه، آءُ تنهنجو پينار:
تون مورت مير مرسل، آءُ سنياسي.

---

مِيان محمد سرفراز ڪلهوڙي جو هڪ مسلسل فارسي غزل آهي:

تو اي مرغ چمن دل شاد ميڪن بمر غان قفس هم ياد ميڪن
تو چون باگل نشيني، هم نگاهي بدام افتاده، صياد ميڪن
تو چون برشاخ گل باشي نواسنج بياد ما دمي فرياد ميڪن
تو چون پرواز گيري درگلستان زبالِ بسته، من، ياد ميڪن
تغافل چند، اي سرو، سرفراز، زبندم پا بلطف آزاد ميڪن

انهيءَ کان متاثر ٿي، عليءَ هينيون نظم فارسي طرز تي چيو آهي،
جنهن ۾ سڄو ٺاٺ سنڌي آهي:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پکيئڙا باغ جا وت دل کندو شاد
پکي پڃرن سندا پڻ ڪر ڪڏهن ياد!
تو اِت خوش شاخ گل جيءَ تي تنواربن،
آهون زاري ڪري رويو پڪاربن!
تون اِت طوطيءَ مثل ڪائين شڪرقند،
آءُ هت صياد هٿ، پڃري ۾ پابند.
تون اِت شربت پيو، ٿئين مست مدهوش،
پيالو زهر جو هر دم ڪريان نوش.
ڪريان هڻ حال جي ڇا شرح تحرير!
ڳچيءَ ۾ طوق، ۽ پيرن ۾ زنجير.
اڳي گڏ هوس گلشن ۾ اوان (١) ساڻ،
اوان جي نام تان، تي تيس فدا پاڻ.
اوان سين (٢) هوس هم پرواز و هم راز،
او انسين هوس هم آغاز و انجام.
اوان سين گشت گلشن جا ڪيم ٿي،
بہ همجنسي، اوان سين دَمُ هيم ٿي.
سراسر بند غم کان هوس آزاد،
چمن ۾ جيئن صنوبر و سرو آزاد.

***

قضا ڏس! همصفيرن کان ڪيم ڏور،
وڌس پڃري، ٿيم سورن مٿي سور.
پيس پڃري، ٿيس گلزار کان ڌار،
پڳم پائون، (٣) پٽيم پر ۽ چنم وار.
اڳي هوم آشيانون لامڪان تي،
اڏاٽس تي سدائين آسمان تي،
مٿانهون هوس، هر بِلُک ۽ مَلک جي،
چڙهيس تي ڪُنگري تي، نہ فلڪ جي،

(١) اوان ساڻ - (٢) اوان سين، نئي جو تلفظ آهي. (٣) ساڳيءَ طرح ٻاهون جو 'ٻائون'.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڏامي لامڪان تي ٿي ڪيم رنگ،
جهليم ٿي نه فلڪ هڪ پانهه ۾ تنگ،
فرازِ آسمان جو، عرش هفتم،
هيم پاهن اڳيان ڪر فرش هفتم،
اڏاٿس ٿي سڌو "المنتهيٰ!" تي،
ڪيم ٿي فخر عنقا ۽ هما تي،
هيس جبريل سان گڏ گاهه بيگاهه
هئم روح الامين هر ويل همراهه.

* * *

وڃان ڪاڏي، ڪريان ڪهڙي، ناهه تدبير،
هٽي طعنان مٿي تدبير، تقدير.
مون کي تقدير ڪيو، پائون پڃي لنگ،
مگر هو لامڪان جو عرصه، تنگ،
بلنديءَ کان پنهنجي قسمت ڪيم پست،
جهلي صياد ڪيم پڃري ۾ پابست.
قضا ڏس همصفيرن کان ڪيو ڏور،
پيس پڃري، ٿيم سورن مٿي سور.
پيس پڃري ٿيس گلشن ڪنان ڌار،
پڳم پائون، پٽيم پر، ۽ چنم وار.
گلن تي نغمه خوان هت هوس، هُن وير،
قفس ۾ آه زاري ٿو ڪريان هير (١)
اوان ڌاران ڳران پئو، نت پڪاريان،
هنجون هاريان، اندر جا ڳچ ڳاريان.
گهڙي مهنون ٿيم، مهنون ٿيم سال،
ڪريان ڪنهن ساڻ هيءُ حسرت پريو حال!
نڪو مونس، نڪو همدم، نه غمخوار،
نڪو ساٿي، نڪو پانڌي، نڪو يار.
مگر، باد صبا قاصد ٿئيم شال،
پلن جيئن پال، ايءَ مون سين ڪري پال!

(١) معني هينئر.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبا آ، اي رفيق، درد مندان!
صبا آ، اي انيس، مستمندان!
صبا، اڄ بيوطن جي وچ وطن ۾،
سنيهڙو ڏي پکيڙن کي چمن ۾!
اکين سين پنڌ کري، پلڪئون اُڏامي،
پکيئڙن ڇئو، چمن ۾ تي سلامي،
کري زاري، اکين مان آب واهي،
ادب ۽ عاجزيءَ سان سر نماهي،
نمائي سر، چُمج گلشن سندي خاڪ!
اندر کج، قلب پيشاني گَهي پاڪ!
سٺائج هي سندم حسرت پريو حال،
کري زاري سندم سب عرض احوال،
"اوهين گلشن اندر کائو، کندو کير،
هو هت پڃري اندر، پيرن ۾ زنجير،
"وٽن ۾ ڏيهه جي پيا هت ونو واس،
هو هُت پرڏيهه ۾، پنهنجو کپي ماس،
"وفا ۽ دوستداريءَ جو نه اي شرط،
غمن ۾ غمگساريءَ جو نه اي شرط.
"اوان، هو بند ۾ هت، کيئن وساريو؟
وساريوَ چا، مگر خيرن سين ماريو!
"اوان کي هو سدا ساري، نهاري،
اوان ريءَ جَرَ اکين مان جال هاري،
"نه تنَ ۾ تاب، نيٺن ننڊ نه آهي،
سڄيون راتيون اکين مان آب واهي،
"نه اڄ ۽ کالهه کان ابتر تيس حال،
اوان جي مُونهه کي سِکندي تيس سال،
"الهه لڳ بند غم جي کان ڇڏايوس!
مبارڪ مُونهه جو جلوو پسايوس!
نٿس طاقت جدائيءَ جي سهڻ جي،

رکـي ٿـو حُب اوان جي مـنـهن پـسـڻ جي."

* * *

الاهـي ڪـر اهـا پـوري، سـنـدم آس،
چمـن جو، هـمـصـفـيـرن سـان وٺـان واس!
اڪـين مـان جن ڪـي سـاري، رت رنم سـال،
انـن اڪـين سـين، سـي سـانـگي پسـان شـال !
پـڪـيـئـڙن جو ٿـيـان هـر دم سـلامـي،
چمـن جي چو طـرف ڪـريـان غلامـي!
"عليءَ" جي آس ڪر پوري الاهي!
انن جي وچ ۾.... (١)

* * *

ڪيترائي قصا ڪُٺي ورتاسون، ڪي ٿي سور سلي وڏاسون. هاڻي هلو تہ هلي مشاعري پيڙا ٿيون. قصو جتي ڇڏيوهوسين، اتان کڻون...! درحقيقت لاڙڪاڻي جا شاعر بہ چڙهي غزل گوئي ڪندا هئا. ڪافي ۽ ڏوهيڙو چوڻ يا تہ ڪين ايندو ئي ڪونہ هو يا وري ان کي فيشن جي خلاف سمجهندا هئا. تنهن ڪري لاڙڪاڻي جو مشاعرو گويا غزل گوئيءَ جو اڏو هو (٢) شام ٿيندي، مرحوم علي محمد قادريءَ واريءَ اوطاق جي اڱڻ ۾ ڇٽڪار ڪري، موڙا ۽ ڪِرسيون رکيون وينديون، هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جا ٿڌا گهڙا وراندي مان ڪڍي، ٻاهر گهڙامچيءَ تي رکبا، ڀڪ ۾ ٻہ ٽي گلاس بہ هوندا. جنهن کي گهربو سو پاڻ اٿي پاڻي اوتي پيئندو. نڪا چانهہ، نڪو

(١) هن ۾ ٺٽي شهر جي خاص لهجي جا لفظ آيل آهن، جن پاڻ ميناج وڌائي ڇڏيو آهي، ڏسو "تڪلمہ مقالات الشعرا" ص 430 تا ص 439

(٢) ڪن مشاعرن جا مصرع طرح هي هئا. مثلاً:

جمعو 5 سيپٽمبر 1930ع - مهہ نوبدر بڻجي نير اعظم نہ ٿي سگهندو.

جمعو 19 سيپٽمبر، 1930ع - سوا خون تمنا ناه ڪجهہ زخمن جي دامن ۾ (هيءَ طرح نياز مرحوم جي ڏنل هئي)

جمعو 3 آڪٽوبر، 1930ع - سڀ اهل حشر ان جا طرفدار ٿي ويا.

(هيءَ طرح منهنجي ڏنل هئي)

ڇنڇر 18 آڪٽوبر، 1930ع - ڏوم ڏام سان مشاعرو ٿيو ليڪن طرح معلوم نہ ٿي سگهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شربت ۽ نہ پان، نہ پيڪ نہ پيڪدان. پان جو رواج سنڌ جي شهرن ۾ ڪو نہ هو: ڪراچيءَ ۾ البت مڪرانِن ڪي پوٽيان ڪوپ چانهہ (١) مٿان پان چٻاڙيندي (٢) ڏسبو هو. لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ تهن ڪري ڪنهن جي بہ وات مان پان جي گگ ڪانہ ڳڙندي هئي. هرڪو صاف ۽ پاڪ، نهايت شستگيءَ ۽ شائستگيءَ سان اچي ويهندو هو.

اڄ جنهَن کي صوفاسيٽ چيو وڃي ٿو، ان جي ابتدائي شڪل کي "ڪونچ" سڏيو ويندو هو. اهڙو هڪ ڪونچ سامهون مرڪزي جاءِ تي رکندا هئا، جنهن تي مرحوم علي محمد قادري بطور صدر جي اچي ويهندو هو. مون کي چٽيءَ طرح سندس شباهت ياد آهي. وچ ٿرو مڙس، نهايت مان ۽ شان وارو، سفيد گول سونهاري، نوراني شڪل، مٿي جا وار اڇا جهڙا ڪير، پڳ يا برٽ پريل ٽوپي پائيندو هو، پيراهن ۽ ڪڏهن قميص، هيٺ تي بہ تختي سٿڻ، شرافت ۽ متانت جو مجسم، وقار ۽ سنجيدگيءَ جو پيڪر.

سانجهيءَ جي نماز بعد هرڪو ماني کائي اوطاق جو رخ ڪندو. شاعر، لاڙڪاڻي جا شرفا ۽ ٻيا خوش ذوق سامعين ڪرام ـ اهو "سامعين ڪرام" جو لفظ يا مشاعري جا ٻيا خاص اصطلاح، يعني "مڪرر! مڪرر!" "ارشاد! ارشاد!" مان پهريون دفعو اتي ٻڌا. غالبا مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ جا رائج ڪيل هئا. مطلب تہ ٿوري وقت ۾ سڄو اڱڻ ڀرجي ويندو ۽ مشاعري جو آغا ٿيندو.

سامعين ڪرام ۾ هونئن تہ گهڻا ماڻهو دلچسپ هئا، ليڪن ميان پير بخش "واه! واه !" جو جواب نہ هو. لاڙڪاڻي جي فاريسٽ آفيس جو هيڊ ڪلارڪ. اصل روهڙيءَ جو وينل، ٻيٺ جي ڇهي جهڙو سنهو ۽ سهٽو بت،

---

(١) پاڪستان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ هيٺينءَ طرح چانهہ جا نمونا ۽ نالا مستعمل هئا:
فينسي چانهہ ـ هندن لاءِ خاص.
پوٽيان چانهہ ـ منون ڪوپ چانهہ جو.
ڊبل چانهہ ـ ڀريل ڪوپ چانهہ جو.
آڌيا چانهہ ـ زياده کير واري چانهہ.
منوڙا چانهہ ـ جنهن ۾ ملائيءَ جو ذرو کير سان گڏ وجهندا هئا.
سفيد چانهہ ـ عام مسلمانن لاءِ عام چانهہ.
(٢) پان جو راوج دراصل سنڌ ۾ اسلامي دور کان اڳ هو. راجا ڏاهر جڏهن محمد بن قاسم سان مقابلي لاءِ هاٿيءَ تي چڙهي ميدان ۾ آيو، ان وقت هوديءَ ۾ بہ ٻانهيون هن لاءِ وينل هيون تہ واري سان ڪيس پان ناهي ڏينديون رهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قد جو بندرو، ڏاڙهي صاف، مڇون نديون، يا شايد بلڪل نہ هيون، ۽، خدا نہ پلائي تہ، خضاب بہ ڪندو هو، هميشه وتندو هو ڪلندو ۽ کلائيندو، ترڪي ٽوپي، آفيس ۾ ڪوٽ ۽ ٻڪ جي اڇي پتلون، باقي وقت ۾ سٿڻ، دوستن جو دوست، مجلس جو مور ۽ سڄي لاڙڪاڻي جي سوسائٽيءَ جو جنسار ۽ سينگار هوندو هو. عام دوست تہ خير، پر سر پٽي جهڙا وڏا ماڻهو بہ، ڪنهن ڏينهن اچڻ ۾ ناغو پوندس تہ ماڻهو موڪلي گهرائي وٺندا هيس. اهڙيءَ طرح مشاعري جي جان بہ اهو ئي بزرگ هو. پاڻ شعر ڪونہ چوندو هو. پر شعر کي سمجهندو اهڙو، جو خود شاعر پاڻ بہ پنهنجو گفتو ايترو نہ سمجهيو هوندو. گويا ”سخن سنج“ نہ هو بلڪ ”سخن فهم“ اعليٰ درجي جو هو. هر سٺي شعر تي نہ فقط ويٺي ”واه واه“ ڪندو، بلڪ جي شعر ۾ ڪو خيال نازڪ يا نقطو سهڻو اچي ويو، تہ ڪرسيءَ تان پاڻ کي اڇل ڏئي اٿي بيهندو، ۽ ور ور ڪري پيو ”واه ! واه !“ ڪندو، سڄي مشاعري ۾ جان اچي ويندي، سامعين ۾ چرپر پئجي ويندي، ۽ خود شاعر جو بہ منهن مٿي تي ويندو. آخر سندس ”واه واه“ ايڏي مشهور ٿي، جو سندس نالو ئي ”ميان پير بخش واه واه“ پئجي ويو. هر ڪو ماڻهو کيس انهيءَ ئي نالي سان سڃاڻندو هو. فقط ميان پير بخش چئو تہ ڪنهن کي خبر ڪا نہ پوندي. خدا جنت نصيب ڪريس، سال ٿيا، جو وصال ڪري ويو. دلبر دوست ۽ سٺو سنگتي هو. سالن پڄاڻان اڄ بہ جڏهن سندس خيال اچي ٿو، تہ جڻ دل جا ڳچ ڳريو پون ٿا.

* * *

انهيءَ ئي مشاعري ۾، مان پهريون دفعو نواز علي ”نياز“ کي شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺو. ورنہ هونءَ تہ هر روز حنيف جي جاءِ اڳيان کيس ايندي ويندي ڏسندو هيس. ترڪي ٽوپي، ڪوٽ پتلون، ڪڏهن ڪڏهن سٿڻ قميص. پاڻ اڳ ۾، ڳاڙهي پٽڪي سان پٽيوالو پنيان ـ اِن وقت مرحوم لاڙڪاڻي سب جيل جو جيلر هو، جتي حنيف جا پڻ ڪيترا اصيل واڙيل هوندا هئا. اهو ئي تہ سبب هو، جو حنيف جڏهن کيس ڪلي ڪيڪاريندو هو، تہ ان ۾ جوش جذبو ۽ ڪي قدر نياز ۽ نوڙت هوندي هئي. اها سڌ ڪا نہ هئي تہ سب جيل جو اهو جيلر، جيڪو پٽيوالو پنيان لايون، لڪڻ لوڏيندو، ڪنڌ هيٺ ڪيون، ڪجهہ سوچيندو، قدم ڪڻندو، وڃي ٿو اڳتي وڌندو، سو نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فقط لاڙڪائي بلڪ سڄيءَ سنڌ جي شاعرن ۾ چوٽيءَ جو شاعر آهي.

”خادم“ لاڙڪائوي تہ منهنجو استاد هو، مرحوم غلام علي ”مسرور“ پهريون پهريون اتي ڏٺم، ٿلهو متارو مڙس، خال خال اڇا، انگريزي ڪٽ تي وار، ڏاڙهي مشين تي ورتل، ۽ شهپر وڏا، براج آفيس ۾ حضرت ”خادم“ سان گڏ ڪلارڪ هو. مجاز جي لغار انهن ڏينهن ۾ ئي لڳل هيس، ليڪن رٽائر ڪري جڏهن وڃي شڪارپور رهيو، تڏهن تہ مٿس ايڏو غلبو ٿيو، جو سنڌ سنڌ ونجي ۽ وڪوڙجي ويس، عامي لٽا لاهي ڪٽي گيڙوءَ رتو جامون ڍڪيائين، يڪتارو ۽ راڳ، رات ڏينهن تن ۾ اها ئي تنوار هيس. موت سان ملاقي گهڻو پوءِ ٿيو، پر ان کان ڪيترو اڳ ئي هو هن دورنگي دنيا کان ڌار ٿي، ڪنهن خاص مقام ۾ داخل ٿي چڪو هو. شاعري ڪندي، لؤئين منجهہ لپاٽ اسان انهيءَ شخص کي لڳندي ڏٺي. گهڻو ڪري تہ پنهي جهانن جي بازي ڪٽي ويو.

هئي هئي! ميان غلام سرور قادري مرحوم لکي مڙس ۽ لڏڻ انسان هو. همشه پيو کلندو، اهڙو معصوم جهڙو ننڍڙو ٻار، دنيا جي تيريءَ ميريءَ مان اصل نہ ڄاڻندو، خالص شاعر، هر وقت يا تہ شعر ٺاهڻ ۾ مصروف ملندو يا شعر ٻڌائڻ ۾ مشغول. دوست، واقف، سنگتي ۽ ساٿي – پوءِ اهو شعر سمجهي يا نہ سمجهي . ليڪن جتي ۽ جنهن حالت ۾ هٿ اچي ويندس، ان کي اتي ئي بيني ڪڙي، تازو غزل ٻڌائي ڇڏيندو. خوش خير عافيت ۽ زماني جا حال احوال ـ جي ٻڌندڙ تڪڙو نہ هوندو، تہ ـ ان کان پوءِ ساڻس اوريندو. مرحوم کي انهيءَ عمل تي ڏاڍو دسترس هو. ڪهڙي جهڙي سخت مزاج شخص کي بہ ميان صاحب پنهنجا غزل ٻڌائي ڇڏيا. شايد معاصرن کي معلوم هوندو تہ ڪهڙي صاحب ۾ شعر سمجهڻ جو ذوق خيرڪو آهي.

مرحوم اسڪولن جو انسپيڪٽر هو، ليڪن نوڪري نوڪريءَ خاطر نہ بلڪ واندڪائيءَ جي ورونهن لاءِ ڪئي هئائين، ورنہ هو ڇا ڄاڻي انهن بکيڙن مان. سڄو ڏينهن وتندو هو دوستن جي ڪڏ هلندو. انهيءَ زماني ۾ اسان ٽي ڄڻا خاص سنگتي هوندا هياسي: لاڙڪائي لوڪل بورڊ جو هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر حاجي (١)، ميان صاحب مرحوم، ۽ راقم الحروف. ڊاڪٽر سر پٽي جي انهيءَ بنگلي ۾ رهندو هو، جيڪو لاهورين واريءَ سڙڪ جي سامهون

(١) ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم، ڄم 9 - جولاءِ 1891ع، وفات 15 نومبر 1974ع، عمر 83 ورهيہ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊپٽي ڪليڪٽر جي بنگلي وٽ آهي. اتي گهٽيون ئي يادگار صحبتون ٿيون -
مرحوم ميان صاحب پنھنجا ڏاڍا شعر ٻڌايا. ڊاڪٽر ڪيترن عربي، فارسي ۽
انگريزي ڪتابن جا مون کي ڏس ڏنا. بلڪ انهن جي خريد ڪرڻ جو شوق
جاڳايو. نوا زعلي ”نياز“ڪانسواءِ لاڙڪاڻي جي مشاعري جو ٻيو مکيہ شاعر
ميان صاحب مرحوم هو جنھن کي گهڻي ۾ گهڻو داد ملندو هو، ۽ جيڪو
سچ پچ تہ غزل بہ سھڻو ۽ سنو چوندو هو. واءِ ناڪامي! اجا سنگت رکئي
سال ئي بہ مس ٿيا هئا، جو مرحوم هي جھان ڇڏي ويو. ڊاڪٽر ۽ مان جڏهن
هڪٻئي کي ان ڪان پوءِ ڏٺو، تڏهن ٻنهي جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا. زبان
مان اکر نہ نڪتو. سال لنگهي ويا، اڄ بہ تصور ڪيان ٿو تہ ڄڻ مرحوم
سامنھن بيٺو آهي - کلي ٿو، سباجهي صورت، پورو پنو قد، ٻت جي بيھڪ
سھڻي ۽ سني، سنھاري صاف ۽ شھپر وڏا. منھن جي تختي ۽ اکيون اهڙيون
جهڙيون سندس فرزند اياز قادريءَ جون آهن، ترڪي ٽوپي يا ڪڏهن ڪڏهن
ڪاريءَ پشم جي انور ڪئپ استعمال ڪندو هو، گهڻو ڪري سٿڻ قميص
۽ ڪارو الپاڪي جو ڪوٽ پائيندو هو. اها پوشاڪ سندس جسم تي جوڙ ۽
جنسار بہ ڏاڍو رکي بيھندي هئي.

ميان امام الدين ٽپاليءَ جو تخلص ”ضامن“ هو، لڪيٽون ماٺھو هو. رب
کي خبر تہ هاڻي ڪٿي آهي، جيئرو بہ آهي يا نہ. سالن کان وٺي سندس سڌ
ڪانہ آهي. پڙهيل ٿورو، ليڪن مذاقي شعر ۾ ايڏو ملڪو هيس، جو جڏهن
اُٿي بيھي پنھنجو غزل پڙهندو هو، ان وقت سڄي مشاعري ۾ ٺهڪڙو پئجي
ويندو هو، ڪيترو بہ ڪو چو نہ سنجيدو هجي، ليڪن ان وقت پاڻ جهلڻ
ڏاڍو مشڪل هو. خود مرحوم علي محمد قادريءَ جهڙو باوقار بزرگ بہ رومال
منھن کي ڏئي پيو مشڪندو هو. امام الدين جي ظريفاڻي غزل ۽ انهيءَ دور
جي نئين چال چلت ۽ رنگ ڍنگ تي چوٽان ٽيل هونديون هيون، ۽ معاشري ۾
جيڪا تبديلي اچي رهي هئي، ان مٿان چٽرون هونديون هيون. سندس شعر
پختو ۽ نهايت بامعنىٰ هو، سين کي پيو وٺندو هو. مڙس قد جو لمبو ۽ چڙڪ
هو، ڏاڙهي مشين تي ورتل ۽ مڇان جيتوٽيڪ مڃاڙ نہ هيس، تاهم ڪي قدر
وڏيون. پٽڪو ڏاڍي انوکي انداز ۾ ٻڌندو هو، ۽ سڄي ڪن وٽان ڊگهو ٽُرو
ڇڏيندو هو. پينسل سدائين ڪن تي رکيل هوندي هيس جيئن ٽپالين يا
عريضي نويسن جو دستور آهي. جڏهن کلندو هو، تہ پاڻئبو ڏيکاوَ لاءِ نہ بلڪ
سچ پچ تہ دل سان کلي ٿو.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طنز ۽ مزاح ۾، نثر خواهه نظم لکندڙ اسان وٽ پيا به ان وقت چوٽيءَ جا ماڻهو هئا. سيني ۾ وڏو غالباً ميهڙ وارو رئيس شمس الدين بلبل هو، جنهن جو "نيچرل ڪريما" ۽ ٻيا طنزيه اشعار مشهور آهن. انگريزي تمدن تي جيڪي ٺهولون هن ڪيون، سي ٻئي ڪنهن نه ڪيون.

انهيءَ کان پوءِ سندس ئي هم عصر ۽ شايد هم عمر، سنڌ جو بي پناهه طنزيه نويس ۽ غضب جو هجوگو هو اسان جو مرحوم محمد هاشم "مخلص،" جنهن "مسلمان " اخبار جي ذريعي پنهنجي دور جي غلط ماڻهن ۽ غلط تحريڪن جا چوڏا لاهي، ۽ ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا (١) "مسلمان" اخبار در حقيقت بم گولو هئي، جنهن تي ڪري ان کي ساڙي ٻاري رکيائين. وڏا وڏا مٿير دست بدعا هُوندا هئا ته شل مخلص ڪانئن پاسو ڪري لنگهي. خلافت تحريڪ جي ابتدا ٿي، سائين محبوب شاهه جهنڊائي سنڌ ۾ پيش پيش هو. ڪيس اها سڌ ڪانه هئي ته هي قومي عشق آهي ــ مجازي عشق کان بلڪل نرالو، اوکو ۽ اٽانگو ــ چند ڏينهن بعد جڏهن جيل ۾ پيو، تڏهن سندس اک کلي، "ولي افتاد مشڪلها" وارو معاملو اچي بڻيو. پير ماڻهو، ٿلهو متارو، اچي غريب کي حويلي ياد پئي، ۽ مريدن جو پُور پيس. لک چوريءَ معافي وٺي، اچي درگاهه تي دم پٽيائين. مخلص مرحوم جو وارو وري آيو. هڪ طويل هجويه غزل سندس شان ۾ چيائين. هينئن سٽ ياد اچي ٿي. غالبان انهيءَ مان ئي مرحوم معافيءَ جي تاريخ ڪڍي هئي:

محبوب شاهه ڪانئچ ۾ تورو ڪري رکيو.

محبوب شاهه لاءِ ڪٿي منهن لڪائڻ جي جاءِ نه بچي. ٻيو بزرگ هو مولوي نظاماڻي "طير ابابيل" جو ايڊيٽر، ذرا زود رنج ۽ مولويانه طبيعت جو ماڻهو، قداور، چِڙڪ بت ۽ دم ڪشيءَ جو ٽونڪارو. شمس الدين بلبل، مخلص ۽ مولوي نظاماڻي هجو نويسيءَ جا سنڌ ۾ موجد ۽ بنيادي پٿر هئا. اخبار اندر مزاح نويسيءَ جي ابتدا انهن ئي ڪئي. مطلب ته نظم خواهه نثر ۾ هنن جي طفيل سنڌي ادب جي اها صنف آسمان تي پهتي. مخلص ۽ نظاماڻيءَ جي لکڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تلخي به اچي ويندي هئي، ليڪن بلبل مرحوم جي نظم ۾ نج طنز ۽ مزاح ٿيندو هو. هن جي قلم ڪنهن جي دل ڪانه

(١) مخلص مرحوم اربع 31 - آگسٽ 1932ع جو "سنڌ زميندار" ۾ اچي رهيو، جتان 1 . سيپٽمبر 1932ع خميس ڏينهن اسان جو اچي مهمان ٿيو. غالباً اهو آخري دفعو اسان جي ملاقات ٿي، وري ڪونه ملياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دڪائي. شخصيتن جي چڱائيءَ ۽ مٺائيءَ کي در گذر ڪري، هن عام قومي مسئلن ڏانهن توجهه ڪيو هو.

* * *

ڳالهه نڪتي آهي تہ هڪ ٻئي ايڊيٽر جو قصو بہ ٻڌي وٺو، يعني نوشهري فيروز وارو اسان جو رئيس نجم الدين، هفتہ وار"النجم" جو مدير شهير. مرحوم اگرچہ طبعا مزاح نويس نہ هو، ليڪن سندس نثر ازخود مذاق ٻڌجي پوندو هو، سندس ايڊيٽوريل جيڪو پڙهندو هو، سو پيو کلندو هو. ڀيريون پوليس جو انسپيڪٽر هو، اُتان چڙي اچي "النجم" اخبار ڪڍيائين، تنهن ڪري سندس نثر تي زياده تر پوليسي رنگ غالب هو. "اسان" (۱) جي بجاءِ "فدويءَ " جو لفظ ڪتب آڻيندو هو، ۽ "ڏيان طلب" جي ڏم جيڪا سندس اخبار ۾ هئي، سا جيڪب آباد واري چاچي 'نالي مني' جي "اتحاد" اخبار ۾ بہ ڪانہ ڏٺيسي. هر معاملي تي . 'ڏيان طلب حضور ڊسٽرڪٽ سپريڊنٽ صاحب بهادر ضلعو نوابشاهہ'، 'ڏيان طلب حضور ضلع جناب ڪليڪٽر صاحب بهادر دام اقباله' ـ اهي هئا عام عنوان مرحوم جي اخبار جا. ايڊيٽوريل ائين لکندو هو، ڄڻ پوليس ٿاڻي جي ڊائري آهي يا ڪنهن ڪانسٽيبل فرسٽ رپورٽ لکي آهي. خدا بخشيس، ڏاڍو سٻاجهو، نيڪ سيرت ۽ نيڪ صورت هو. ڊگهو، سنهو، مٿي تي 'ڊبل شير گولو' ترڪي ٽوپي، ڳل ڀنيان جي بجاءِ اڳيان پيو لڙڪندو، وار سفيد. اکين تي سوني فريم سانُ عينڪ ۽ نڪ هيٺان مُڇن جو پيڙو، هٿ مان جڏهن پوليس جو ڏنڊو ڇڏيائين، تڏهن رئيس وانگر نيت جو لڪڻ ڪنيائين، جنهن جي ٽيڪ تي ڀڃاڙي ٽائين پيو هلندو هو. جڏهن "سنڌ زميندار" ستي ڪورٽ جي سامهون آئي، تڏهن هڪ دفعو اچي اسان وٽ ڏينهن ڀڳائين ۽ ڏيهرو ڪيائين. سٻاجهو ۽ سادو، اهڙو ايڊيٽر مون ڪونہ ڏٺو ـ ڪچ اصل ڪونہ، نج سچو سون هو.

* * *

(۱) جڏهن پاڻ ڏانهن اشارو ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن ايڊيٽوريل ۾ ايڊيٽر 'اسان' جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. فدويءَ جو لفظ پوليس جمعدار پنهنجي ڊائرين ۾ ۽ سب انسپيڪٽر بالا عملدارن ڏانهن ويندڙ لکپڙهہ ۾ لکندا آهن. مرحوم کان اها عادت محڪمي ڇڏڻ بعد بہ ڪانہ وئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي جي سيني طبقن جا ماڻهو جڏهن اچي مڙندا هئا، ان وقت مشاعري ۾ لئي لڳي ويندي هئي. وڪيل، شهر جا پريا مڙس، پڙهيل طبقي جا نوجوان، سرڪاري ڪامورا، ڪورٽن جا ڪلارڪ ۽ هر نموني جا ماڻهو. هڪ دفعي ته وسايو ڪيجر به حنيف جو ڏس پڇائيندو، اتي اچي نڪتو هو. موهن جي دڙي جو سپرنٽينڊنٽ بٽ صاحب، غالباً نثار احمد نالو هيس، ڪسوليءَ (شملي) جو ويٺل، زنده دل ۽ بامذاق، بلا ناغي مشاعري ۾ ايندو هو. زبان جي اگرچه پروڙ ڪانه پوندي هيس، ليڪن شعر جو رنگ سمجهي، ڪڙڪائي ۽ وڃائي سين ڪان سرس داد ڏيندو هو. وليدن وارو غلام محمد وڪيل، پير الاهي بخش، ڪامريڊ علي محمد عباسي، حاجي محمد ٽيلر ماسٽر، محمد چٽل، حڪيم محمد عالم - الغرض ڪهڙن جا نالا ڳڻجن، چرندڙ پرندڙ ماڻهو پٺتي ڪونه رهندو هو. مريد احمد خان مرحوم، شل جنت ۾ جايون هجنس، هو ته سي آءِ ڊي. ليڪن جيڪا سي آءِ ڊي ڪيائين، سا سيين کي خبر آهي. سڄي زندگي پردي پوشي ڪندو رهيو، ڪنهن جي اوگهڙ ڪانه ڪيائين. حقيقت ۾ ماڻهن ڪان زياده دلين تي جاسوسي ڪندو هو، ڪا دل اهڙي هٿ اچي ويندس، جنهن ۾ دوستيءَ جي دونهين دکي سگهندي، ته ويرم ڪانه ڪندو - جهٽ پنهنجي پهلوءَ مان چٽنگ هٽي چڏيندو. مريد احمد هڪ دفعو جنهنکي دوستيءَ جي دام ۾ ڦاسايو، سو وري نڪري ڪونه سگهندو. تنيءَ ٿڌيءَ وتندو گهلبو. هيو مڙس دوالي بند، ليڪن دل ايڏي ڪشادي، جو ان جي گهيري ۾ هوند سڄو ملڪ مابي وڃي. اوطاق هر وقت دوستن سان پريل، پوڙ پلاءُ سدائين گهر ۾ تيار، دوستن کي پاڻ گرهه ناهيون پيو وات ۾ وجهندو هو. هڪ هڪ پليٽ سوربون پيو اڳيان رکندن، دوستن جا پيٽ پرجي ويندا، ليڪن سندس دل ڪانه پربي. ربل مان لهندي ڪو واقف، ڪو دوست يا ڪنهن سنگتيءَ جو سنگتي هٿ لڳي ويندس، ته زوريءَ گهر گهلي ايندو، ويلو ڪارائي پوءِ ڇڏيندس. اسان ته اهو ٿي ڏٺو: اسٽيشن تان موٽندي هميشه مهمانن جي هڪ قطار ڪڍ لايون ايندو هو. پڳهار اها سئو سوا، ليڪن ڪيترن وڏ وڏيرن کي به سندس در تي نمڪخوري ڪندي ڏٺوسي. سچ پچ ته سرتاپا محبت ۽ خلوص هو. سڄي جهان جي

حصي ۾ جيڪا وفا، خلوص، دوستي، مهر ۽ محبت اڃٽي هئي، سا خدا هڪ مريد احمد خان جي خمير ناهڻ ۾ ئي خرچ ڪري ڇڏي هئي ـ اهو ئي تہ سبب هو، جڏهن نئين ڳوٺ (١) مان مرحوم جو جنازو اٿيو، تہ اهو گويا مريد احمد جو ڪونہ هو، بلڪ اخلاص ۽ عشق جو جنازو هو، دوستيءَ ۽ دلبريءَ جو جنازو هو، محبت ۽ وفا جو جنازو هو- پيار ۽ پريت جي سِپن ريتن ۽ رسمن جو اهو لاش هو، جنهن کي دوستن اوچگارون ڏئي ڪلهن تي کنيو. انهيءَ کان پوءِ مهر و وفا جي وستي ئي ويران ٿي وئي، نئين ڳوٺ جو اهو رنگ روپ ئي نہ رهيو، دوستن جون قطاران اوڏانهن وينديون وري ڪنهن نہ ڏٺيون ـ جڻ دوستيءَ جا اهي دستور ۽ مهمانداريءَ جا اهي طور ۽ طريقا ئي هليا ويا، جن جون سرخيون مريد احمد خان دل جي رت ڦڙن سان ويهي رتيون هيون.

بُلي شاهہ ۽ فريد جو عاشق هو، دل ۾ سوز هيس، تنهن ڪري مشاعري جي ساز کان ڪونہ مڙندو هو، متان ڪا تُڪَ دل کي آئڙي اچيس، وس پڄندس تہ مهڙ کان ئي اچي ويهندو ورنہ وچ ڌاري تہ سڀ ڪجهہ ڇڏي بہ اچي شريڪ ٿيندو هو. بهاولپور جو رهاڪو هو، پر سڄي زندگي لاڙڪاڻي ۾ گذاري هئائين. سنڌي صاف ڳالهائيندو هو، ليڪن مشاعري ۾ ڪا سٽ وٽي وينديس، تہ جوش ۾ سنڌي صفا وسري ويندي هيس، بي اختيار ٿي سرائيڪيءَ ۾ داد ڏيڻ شروع ڪندو هو ـ ”واهہ ميڏي سائين، واهہ !“

”واهہ جو آکيائي“ ”وڃا چوڙيئي!“ ”ميڏي سرڪار! ڪي ارشاد ڪيتوئي!“

”سبحان الله! ايئن خيال دا ڪوئي ثاني نهي!“ ـ ”وهہ واهہ! وهہ واهہ!“

* * *

مشاعري ۾ ٻيا تہ سيئي اچي شريڪ ٿيندا هئا، ليڪن شهر جي وڏن ماڻهن مان ڪو ايندو ڪڏهن ڪو نہ ڏٺوسي. شايد ان ڪري جو مشاعري ۾ سندن شاني شريڪ ڪونہ هو. سڀ ڪانئن هيٺئين ڪلاس جا هئا. انهن سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏئي ويهڻ کين ڪٿي جڳائيندو هو؟ اهو بہ هڪ ڪارڻ هو. ليڪن دراصل هي بہ تہ هڪ وڏو سبب هو، جو هو هئا ئي مورئون مجهول! کين ڪهڙي سڌ هئي تہ شعر و سخن ڇا ٿيندو آهي يا مشاعرو ڪهڙي جانور جو نالو آهي! هڪ احساس بالاتري ٻيو متان مور

(١) لاڙڪاڻي جو هڪ محلو، جيڪومشهور ئي هن ڪري هو تہ ان ۾ مريد احمد خان رهندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪپٽون! ويچارن جو پوءِ ڪهڙو قصور؟ هنن جو مشاعرو تہ ڪلتر ۽ ڪماني هو، هنن جو شعر و سخن هو ڪمشنر جي وصف ۽ گورنر جي واکاڻ، هنن جو ادب هو جارج پنجم لاءِ درازي عمر جي دعا ۽ ملڪہ معظمہ جي سلسلي ۾ قيامت تائين قائم رهڻ جي تمنا.

اهو هو شهر جي وڏن ماڻهن جو حال. ٻاهراريءَ جي وڏيرا شاهيءَ جا مشغلا ۽ مسئلا تہ هئا ئي اور: سربتان رکڻ، سينڌيون ويهارڻ، ڪنهن هٿ نہ ڏنو تہ ان جي عزيزن کي پوليس کي چُرچ ڏئي ڦاسائڻ، ڪاتڪن کي پالي انهن جي ذريعي جنهن تي ڪاوڙ ايندي انهيءَ جون چوريون ڪرائڻ، خون ٿيو ۽ ڏاڙو لڳو تہ مشير ٿي پوليس سان هلڻ، پيسا جيڪي ملن تن مان ڪجهہ پاڻ کائڻ ڪجهہ پوليس کي چوڱو ڪرائڻ. پوليس وڏيرن کي استعمال ڪندي هئي ۽ وڏيرا پوليس کي هٿ جو هٿيو بڻائيندا هئا. گهڻو ڪري' ان زماني ۾ ننڍين ننڍين وڏيرن جو ، لٽي ڪپڙي ۾، فيشن بہ پوليس جهڙو هوندو هو. ان ۾ ئي هو پنهنجو رعب ۽ مانُ سمجهندا هئا. ڏاڙهي ڪوڙيل يا سنهيءَ مشين تي ورتل، مڇان وڏيون ۽ وٽيل، مٿي تي صوبيدار يا هيڊڪاسٽيبل وانگر پشوري پٽڪو يا بِلو ۽ اڇن پٽن سان لونگي، قميص ۾ بہ کيسا ۽ ان مٿان چٽن کيسن وارو خاڪي ڪوٽ، نيٽ جو سيمہ لڱل "لهڪڻ" (١) هٿ ۾ ـ انهيءَ ساز ۽ سنجت سان پري کان ڏِکَ اهڙي پيا ڏيندا ڄڻ حد جو صوبيدار صاحب پنهنجي سر پيو اچي، يا هيڊ ڪنسٽيبل صاحب پاڻ ڪاڏهن چڙهي پيو آهي. صوبيدار کي خانصاحب ڪوٺيندا هئا ۽ هيڊ ڪنسٽيبل کي رئيس سڏيندا هئا. نالو وٺڻ بي ادبي سمجهيو ويندو هو. بندوقن جا پروانا انهيءَ زماني ۾ عام ڪونہ هئا. پهريون ڪليڪٽر جي ڪرسي ملندي هئي، پوءِ ڪمشنر صاحب جو درباري ٿبو هو. جڏهن اقبال صفا بلند ٿي ويندو، تڏهن وڃي گورنر جي دربار ۾ جاءِ نصيب ٿيندي هئي. اتي بہ وري نمبر هئا: پهريون، ٻيو، ٽيون. رت پونءِ ڏيڻ بعد عمر جي آخري حصي ۾ ڪو خوش بخت وڃي پهرين نمبر تي پهچندو هو، ورنہ گهڻو ڪري اها تمنا دل ۾ ئي ڪنيو ويندا هئا. هٿيارن جا پروانا (٢) بہ اهڙن ئي ڪرسي نشينن کي ملندا هئا (٣). جنهن زماني جو ذڪر آهي، ان وقت جيڪڏهن ڪنهن جو ليسن ضبط ٿيندو هو تہ

(١) جاهل وڏيرا اهو اکر ڪتب آڻيندا هئا.

(٢) "ليسن" کي انهيءَ زماني ۾ "پروانو" چيو ويندو هو.

(٣) درٻارين جو دستور ۽ ڪرسي نشينيءَ جو قاعدو 1938ع ۾ جي. ايم. سيد جي تحريڪ تي الهہ بخش شهيد ڪدي ڇڏيو.

سڃيءَ سنڌ ۾ سُس پُس پئجي ويندي هئي، هٿياربندن جا ڪن ڪڙا تي ويندا هئا. اهو غريب منهن ڪٽڻ جهڙو نہ ٿيندو هو. پرواني جو دوبارو حاصل ڪرڻ بہ ڪاري قيام ڪان ڪم ڪونہ هو، ميڙين منٿن، آزين ۽ نيزارين بعد جڏهن خواريءَ ۽ ذلالت جي حد ٿي ويندي هئي، تڏهن مسين وڃي پهريون چڱيءَ چال چلت لاءِ حد جو صوبيدار رپورٽ ڪيندو، پوءِ انسپيڪٽر صاحب لکپڙهہ لحاظ سان نيڪال ڪندو، ان ڪان پوءِ اها ويندي ڊپٽي سپريٽينڊنٽ وٽ، ۽ اهو جڏهن مهربان ٿيندو تہ ڪاغذ ايندا حضور ڪماني صاحب بهادر وٽ. ڪيئي مهينا ڪاغذ پيا اتي سڙندا. ڪي وڏيرا تہ انهن وچن جهاڪن ۾ ئي هي جهان ڇڏي ويندا هئا. جيڪي سخت جان هوندا هئا. انهن ڪي هٿيار ان وقت واپس ملندا هئا جڏهن حضور ڪمانيءَ جي سفارش سان حضور ضلعو، يعني جناب ڪليڪٽر صاحب بهادر، راضي ٿيندو هو. ليسن مليو تہ مبارڪون پئجي وينديون ۽ منايون ورهائجي وينديون، پاڻ جهڙن ۾ منهن ڪٽي هلڻ جهڙو وڏيرو صاحب گويا ان ڪانپوءِ ٿيندو. ليسنن جا مانَ تہ هاڻي لٿا. جڏهن سنڌ جي "محب وطن" وزيرن پنهنجي پنهنجي پوئلڳن جي ڳچين ۾ پستولن جا پٽا وجهي ڇڏيا. پوءِ وڏيرا نہ ڇڙو ٻاهراريءَ ۾ پسول لوڏڻ لڳا. بلڪ ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ بہ پٽن منجهہ پٽل جا ڪارتوس جرڪائيندا ٿي وتيا. گويا اتي بہ سندن راج رهندو هو جنهن تي هنن رعب ٿي وڌو - ويچارا مجهول! وڏيرن جو پنهنجي اوطاق ڪان پوءِ پيو آستانو پوليس جو ٿاڻو هوندو هو. ٿاڻي ۾ پهچ، هيڊڪانسٽيبل سان سنگت ۽ صوبيدار وٽ رسائي - گويا هن دنيا ۾ سندن عزت ۽ آبروءَ جو معراج هو. ان ڪان وڌيڪ پرواز، ڪن ڪن جي نصيب ۾ هو، ورنہ عام طرح اها آخري منزل هئي. اهي سڀ رنگ ۽ اهي سڀ ڍنگ حقيقت ۾ غريبان مار لاءِ هئا. وڏيري جي ڪاوڙ ٿي، تہ غريب لاءِ لڪڻ جي واهہ نہ لڀندي، هاءِ بہ وئي تہ هوءِ بہ وئي، نہ گهر سلامت نہ در سلامت، نہ وني بچندي نہ ٻني بچندي، يا تہ جيل ۾ هوندو يا پيو رات ڏينهن موچڙا کائيندو، جيسين وڃي وڏيري جو جِنُ لهي تيسين نہ ڪوڪ آسمان وارا ڪنائيندا ۽ نہ زمين تي ڪو ٻڌڻ وارو هوندو. وڏيرن جي وچ ۾ اها بہ ٻڌي هوندي هئي، تہ ڪو غريب هڪ وٽان لڏيو تہ پيو ڪوبہ ڪيس پاڻ وٽ ويهڻ نہ ڏيندو. خدا جي هيءَ وسيع دنيا جڏهن وڏيرن جي وس ۾ هئي، تڏهن غريبن لاءِ ڪيڏي نہ تنگ هئي؟

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن پوڪان پَڇي لهنديون، آن مڙي اچي مودن وٽ پهچندو، اڳيان ليڪا لهي نوان سوان ٿيندا، ۽ بندين جي اتارن مان وياج لهي وڃي مور بچندو، تڏهن وڏيرن کيٰ چار ڏوڪڙ هٿ ۾ ٿيندا هئا. جنهن ڪانپوءِ هلندا لاڙڪاڻي جي لال بازار ۾، يا قمبر وڃي پڌندا هاج (۱) جو ڳانو، اهو ڳويا سندن 'ادبي ذوق' هو. سنڌ جو غريب راهڪ ٻارهن مهينا رت پونءِ هڪ ڪري جيڪو ان وڏيري وٽ پهچائيندو هو، ان جي آمدنيءَ جو مصرف اجهو اهو هو. ڪراچيون گهمڻ 1937ع کان پوءِ شروع ڪيائون، موٽرن تي چڙهڻ اچا ڪالهه سکيا، ورنہ سنڌ جو سڄو پيسو سکر، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد جي ماڙيچي طوائفن وٽ خرچ ٿيندو هو، جتان مڙي سڙي سڌو وڃي سنڌ کان ٻاهر رسندو هو. لاڙڪاڻي جي وڏيرا شاهيءَ جو گهڻُ مارو هاج تي هوندو هو. هر ڪو پيو سندس گهٽيءَ ۾ مچان وٺيندو هو. هاج هئي بہ تہ جنسي مورت! چئي ڪٽي بس ڪيو! لاڙڪاڻي جا غزل ڳو شاعر جنهن محبوب جي تصوير چٽيندا هئا، ان جو هو ٻهو نمونو ۽ ان جو جنسي مجسمو!

مثلاً، سندس رخِ رخشان ائين پيو لڳندو هو، ڄڻ درخشان آهي، يا وري آفتاب آهي يا ماهتاب، ڪن جو قول هو تہ هوءَ انهن کان بہ اور پئي لڳي. سندس پرتوِحسن اڳيان شمع بي حقيقت، ماهہ چوٿيو ۽ مهر عالمتاب سراسر احمق ٿو ڀانئجي (۲). رخ روشن ڪي جڏهن زلفن جي وچ ۾ نهان ڪندي هئي، تہ ويچارن عشاقن اڳيان سڄو جهان سياه (۳) ٿي ويندو هو، ڳويا پنهنجي ئي قسمت جو عالم سندن اکين اڳيان اچي ويندو هو. جن کي هجر جي مهجوريءَ سبب يا جور ۽ جفا ڪري ناتوانيءَ ۽ ضعف قلب جي شڪايت هوندي هئي، انهن غريبن کي اکين اڳيان اوندهہ وري ويندي هئي! اهي عاشق جن جي اڳيان اوندهہ ايندي هئي، اهي ائين ڀائيندا هئا تہ رخ رنگين ۽ زلف پيچان ٻاهر ٿي، ٻيئي اهڙيءَ ريت لڳجي ويا آهن، جو معلوم پيو ٿئي ڄڻ ڳل

(۱) شايد هاجران نالو هيس، جنهن جو مخفف 'هاج' ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ڏوڪريءَ ۾ بہ هڪ مشهور ڪسبياڻي هوندي هئي، جنهن جو نالو وسري ويو آهي ۽ پنهنجي دؤر ۾ هن بہ وڏيرن جون چنچريون لاهي ڇڏيون.

(۲) پرتوِ حسنِ رخِ دلدار سان ڪيئن مٽ ڪريان،
شمع کي، يا ماه کي، يا مهر عالمتاب کي. - ڳدا

(۳) عالم سڄو سياه تڏهن ٿو نظر اچي،
زلفن ۾ رخ کي يار جڏهن ٿو لڪان ڪري. — ڳدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ سنبل جي پاڻ ۾ لامر (١) لڳل آهي. در حقيقت سندس صورت جي سونهن ۽ سوڀيا ڪي هر ڪو پيو پنهنجي پنهنجي مذاق ۽ ميزان آهر پسندو هو. مثال طور، انهيءَ سلسلي ۾ شيخن ۽ مشائخن جو نقطي نگاهه بلڪل ئي مذهبي هو. اهي سندس منهن مبارڪ کي خط ۽ خال جي زير زبر سان تاج ڪمپنيءَ جو هفت رنگو مصحف شريف سمجهي، ان تي سوره، اخلاص (٢) جي قرات پيا ڪندا ها. سندس ڪارا ڪاڪل ائين هئا، ڄڻ مارَ سياهه وانگر پيا ور وڪڙ کائين، عاشقن کي ڏنگڻ لاءِ پيا لامارا ڏين ۽ واجهه وجهن. اهي ئي ڪاڪل جڏهن پر پيچ ٿي پوندا هئا، تڏهن نه ڇڙو سنبل پيچان خجالت کان پژمرده (٣) ٿي پوندو هو، بلڪ انهن جا پيچ ائين پيا معلوم ٿيندا هئا، ڄڻ دامر آهن. ۽ عاشقن جي دل جو ڪُڪڙ عارضن جي اڱڻ ۾ جيئن خال جو داڻو چڳڻ ايندو، تيئن ور ڏئي، ڪيس وڪڙ وجهي ڇڏيندا (۴) ۽ پوءِ گيسوءِ خمدار ۾ عاشقن جو طائر دل قابو ٿي ائين ڪڙجي ويندو جيئن رشته، زنار ۾ برهمڻ (۵). جيڪي عاشق غريب هوندا هئا ۽ زر بيسار نه هجڻ سبب سندن عشق جي ٿهه پهه (٦) ٿيڻ جو امڪان ڪونه هو، انهن جي رسائي انهن زلف دراز تائين ٿيڻ ناممڪن هئي - انهن کي زلفن جي سياهي سراسر پنهنجي سيه بختي پئي معلوم ٿيندي هئي. جڏهن انهن ئي زلفن جون ٻَٽي ڳُتان ٻاهر نڪري، رخسارن تي اچي پونديون هيون، ان وقت ائين پيو ڀائنبو هو، ڄڻ وڏيرن جي صبح

---

(١) رخ تي دلبر جي زلف پاتا پيچ،
گل سان سنبل جي تي لڙائي ڏس! — گدا

(٢) منهن مبارڪ جنهن جو مصحف،
خال و خط زير و زبر! — گدا

(٣) ڏس دلدار جا پرپيچ ڪاڪل،
خجالت کان ٿيو پژ مرده سنبل! — گدا

(۴) دانء خال و دامر زلف دراز،
طائرِ دل جي لئي تيار پئي! — گدا
مرغ دل منهنجي کي ڪيئين پابند،
يار جي زلف جي رسائي ڏس! — گدا

(۵) دل تي قابو گيسوي خمدار ۾
برهمڻ جيئن رشته زنار ۾. — گدا

(٦) زر بسيار ته عشق ٿهه پَهه؛
زر نيست ته عشق پون پون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صادق سان 'هاري حقدارن' جي شام غريبان دست بگريبان ٿي پئي آهي (١). يا وري ائين پيو معلوم ٿيندو هو گويا ڪفر ۽ اسلام جي لڙائي، يعني هندوءَ ۽ مسلمان جو دنگو شروع ٿي ويو. سينڌ ۽ سرمي ڪرڻ کان اڳ هن جي زلفن تي پريشانيءَ (٢) جو عجيب عالم ظاهري هوندو هو، انهن جون ڳتان ڪي پيشانيءَ تي ۽ ڪي عارضن تي اچي، اهڙيءَ ريت پکڙجي پونديون هيون، جو ويچارن عاشقن جو مجموعه خاطر سڄو درهم برهم ٿي ويندو هو. جيسين هٿ منهن ڌوئي، هار سينگار نه ڪندي هئي، اوستائين برابر هڪ طرف سندن سر ۾ سوداءُ رهندو هو ۽ ٻئي طرف ڪين پنهنجي طبيعت جو وايو منڊل ڊانوان ڊول پيو معلوم ٿيندو هو - درحقيقت غور سان ڏسبو ته اهو فقط سنبل سان لالهء احمر جو ٻهم ٿيڻ (٣) هو. جڏهن شام جو پاڻ گهوڙي گاڏيءَ تي سوار ٿي، ڪاڏنهن سير ۽ تفريح لاءِ هلندي هئي، ۽ سندس زلف هوا تي هيڏي هوڏي پکڙجي پوندا هئا، ان وقت عاشق، جيڪي صادق هئا، سي سندس پنهنجيءَ آوراگيءَ جو الزام انهن زلفن تي هٿي چڙهيندا هئا. انهيءَ وقت سندس زلف عنبربار مان اها نگهت نڪرندي هئي، جيڪا تاتار تائين پهچي، اتنهن جي مشڪ کي وچي خجل (٤) ڪندي هئي - قمبر ۾ نه اها نڪهت لخلخي جو ڪم ڏيندي هئي، هر مريض عشق انهيءَ جي ئي چاٽ چکي پيو پنهنجا هوش ۽ حواس جاءِ تي آڻيندو هو! زلفن جي وچ ۾ سينڌ ائين پئي لڳندي هئي جڻ سڌي سنئين عدم جي راه آهي، جيڪا انهن عاشقن کي اجهوڪي اجهو وچي ٻئي جهان پهچائيندي - جن کي سندس جور و جفا ۽ ناز و انداز نيم جان ڪري رکيو آهي، ائين به سمجهڻ ۾ ايندو هو، گويا آب حيوان تائين پهچڻ لاءِ دراصل اها ئي واٽ هئي، جنهن کي سمنڊ منجهه رهڻ سبب

(١) رکيو رخسار تي دلدار اڄ زلف پريشان کي،
ڏنو مون صبح صادق سان ٻهم شام غريبان کي. - گدا

---

زلفن کي سندس شام غريبان نه چوان چو؟ - گدا

(٢) ڪين نه ٿئي منهنجو تڏهن حال پريشان پڌرو،
پرسر جور جڏهن زلف پريشان آيو - گدا

(٣) يار جي زلف ۽ عارض جو تماشو هي عجيب!
آه سنبل مان ٻهم لاله احمر پيدا! - گدا

(٤) نگهت زلف معنبر سان بلاشبهه خجل،
مشڪ تاتار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو. - گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ذوالقرنين جي زماني ۾ حضرت خضر عليه السلام لهي ڪونہ سگهيو هو (١).

اکيون نرگس شهلا جهڙيون، يا آهوءِ تتار جي طرح تي چشم سيه، جن کي سنڌيءَ ۾ 'ڪجليون' ڪوٺبو آهي. نہ ڪجل جي ريک سان رس ۽ ريجهہ، نہ سرمي سرائيءَ جي ڪا ڪاڻ(٢). انهن جو غمزو رهزن ايمان ۽ انهن جو انداز ۽ ناز خطرهء جان! جڏهن عشق ۽ محبت جي مملڪت خداڊ جون واڳون انهن جي هٿن ۾ اچي وينديون هيون، جن مان ڪن کي "علت المشائخ" جي لت تہ ڪن جي ڪڍ "بواءِ فريندڊ" هوندا هئا. ۽ ڪي اهڙا اجهل جو " ڪِڇن" ۽ "ڇِڪِن" جي فرق کي بہ سمجهي ۽ سڃاڻي ڪونہ ٿي سگهيا - هر ڪو تيس مار خان بڻجي پوندو هو - تڏهن پارٽين مٿان پارٽيون پيون ٺهنديون ۽ ڊهنديون هيون، ۽ جيئن مصر جي بازار ۾ حُسن جي قيمت وڃي سٽ جي ڍيري ٿي، تيئن هتي عشق جي قيمت وڃي رشوت جي روڪڙ رهي، هر ايرو غيرو ۽ نٿو خيرو پاڻ کي ملڪ جو والي سمجهڻ تي لڳو، ۽ جڏهن ملڪ جو حال اهڙو ٿي ويندو هو، جهڙو 'ڪبر پٺي ڪان پوءِ پَت' (٣) جو - ان وقت پاڻ فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان ايچ - پي. ايچ - جي (٤) ٿي پوندي هئي، ۽ هڪ طرف ناز، انداز، ادا، ڪرشمي، عشوي ۽ تبسم خواهہ 'تبختر' (٥) جون فوجون فالم تي وينديون هيون، ٻئي طرف اکين جي اسٽاف

---

(١) سينڌ سهٽي سڄڻ جي زلفن جي،
آب جيران جو آهہ سوڙو ڏگ! — گدا

(٢) بي نيازانہ ز آرباب ڪرم ميگذرد،
چون سيه چشم ڪہ از سرمہ فروشان گزرد. طالب آملي

(٣) 'پت ۾ ڪبر' - سنڌي پهاڪو.

(٤) هي ان وقت لکيو ويو آهي، جڏهن پاڪستان ۾ مارشل لا هو ۽ مرحوم محمد ايوب خان ان جو سربراهہ هو.

(٥) اي گدا ان شاهہ خوبان جي ڪريان ڪهڙي صفت؟
غمزه و ناز و ادا، هردم سندس لشڪر ڏٺم!

—

حسن جي سرڪار کي گهرجي ضرور
لشڪر ناز و ڪرشمہ يڪ قلم
عشو و ۽ ڪرشمو ۽ تبسم ۽ تبختر،
هي حسن جي سرڪار جو سامان نہ چوان چو! — گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لائين مان صف مزگان جي پلٽڻ، ابرن جي ڪمان (١) هيٺ اچي پهچندي هئي، سڄيءَ مملڪت ۾ 'اِمرجنسي' جو اعلان ڪري، ملڪ سان مارشل لا هٽي، حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ وٺي ويهي رهندي هئي. جي. ايم. سيد، پاشا خان ۽ پاشانيءَ جهڙن خطرناڪ عاشقن کي تہ فوراً زلفن جي زنجيرن ۾ ڦاسائي ڇڏيندي هئي، ۽ جن جان بچائي وڃي ڪنڌ پاسو ڪيو، اهي تہ خير ڇٽي ويا، البت انهن عاشقن لاءِ ڪاري قيامر ٿي ويندي هئي، جيڪي 'سيلف دفينس' ۾ پنهنجو سينو سپر ڪري بيهندا هئا. نيم باز نگاهن جي آرڊيننس هيٺ ابرن جي ڪمان مان پيڪانن جي ناوڪ (٢) جون نوڪان انهن جي جان و جگر ۾ پيوست ڪيون ويندڙيون هيون، جنهن تي انهن جا اهي ٻئي شاهہ عضوا غربال ٿي پوندا هئا. جنهن بعد ان ۾ هو گهٽو ئي پنهنجي مقدر جي چنڊڇاڻ ڪندا هئا، ليڪن قسمت جو لکيو ڪٿي صاف ٿي سگهيو ٿي! خير، اهي ڳالهيون تہ هيون خاص وقتن جون، ليڪن شونءَ عامر حالتن هيٺ بہ جڏهن شوخ و شنگ نگاهن جا خدنگ دلين جي هدف مٿان هٽندي هئي، تڏهن عاشقن جي هڪ هٿ ۾ جان ۽ جگر اچي پوندو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ دل کي جهلي اهڙي اندر مان آهہ ڪڍندا هئا، جو اها گهٽو ڪري تہ وڃي عرش عظيمر تائين رسندي هئي، ليڪن جڏهن قسمت جي ڪوتاهيءَ سبب اها آهہ نارسا ٿي، پنتي موٽ ڪائيندي هئي، تہ ڪمر از ڪمر گنبد گردان جي هيٺان ابر ٻٽجي بادو باران ضرور ڪندي هئي. انهيءَ آهہ سان جڏهن نالہ و فرياد بہ شامل ۽ شريڪ ٿي پيو ٿي، ان وقت عاشقن کي ضرورت ٿيندي هئي تہ پاڻ سان گڏ ڪو پڳهاردار نوحہ گر بہ رکن، ليڪن مقدور (٣) نہ هجڻ سبب اهو ڪمر بہ پنهنجيءَ ئي نڙيءَ مان وٺڻو پوندو هين. اهي ئي آهو چشم جڏهن 'خطا' ۽ 'خطن' تائين پهچندا هئا، تڏهن اتنهن جو آهو نہ ڇڙوـ رامر ٿي پوندو هو، بلڪ رمِ آهو بہ هميشه لاءِ وسري ويندو هيس. خير وڏيرن جي وحشت جو تہ حال ئي نرالو هوندو هو: ويچارن ڪان سندن سايو بہ

---

(١) صف مزگان کي سنڌءِ چو نہ چوان آءٌ پلٽڻ،
تنهنجي ابروءَ جو اشارو تہ ڪماني جاني! — گدا
(٢) يار ناوڪ فگن، ڪمان ابرو،
قصد مان ڏس ڪٿي ڪمان آيو! — گدا
(٣) حيران هون، دل کو روؤن کہ پيٽون جگر کو مين!
مقدور هو تو ساتهہ رکون نوح گر کو مين! — غالب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گريزان رهيو ٿي (١). جڏهن وائٽ هارس وسڪيءَ جو پيمانو پيئندي هئي تڏهن اهي ئي اکيون چشم ميگون بڻجي پونديون هيون. ان وقت معلوم ٿيندو هو تہ بيني صراحي آهي ۽ ان جي بنهي پاسن کان دخت رز جا پيمانا رکيا آهن، جن ۾ بنت العنب پيل آهي، جنهن سان هوند ڪنهن جي آشنائي ٿي ويندي تہ اهو فوراً پڪاري اٿندو تہ ’ اي برادران اسلام! بلڪ اي برادرم ! مان شادي هرگز ڪونہ ڪندس !‘ (٢) جڏهن پنگ چڪو چاڙهيندي هئي، ان وقت سندس اهي ئي چشم ميگون ڦري چشم بيمار ٿي پوندا هئا. انهن تي جڏهن عاشقن جي نگاهہ پوندي هئي تہ سندن لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي، جڻ ويچارن کي اوچتو فلوءَ جي سٽ اچي وئي! اهڙن عاشقن کي ’مريض عشق‘ سڏيو ويندو هو، ۽ سندن چهري جو رنگ اهڙو زرد ٿي پوندو هو، جو جڏهن سنڌي شاعر ان جو بيان پنهنجي غزل ۾ ڪندا هئا تہ ’ آزاد ڪشمير جي‘ وادين ۾ زعفران رنگ پنهنجو وجائي ويهندي هئي (٣). انهن بنهي حالتن ۾ سندن چشم خماري جڏهن صبح جو ڏسبا هئا، تہ ائين معلوم ٿيندو هو جڻ رات جي پهلوءَ مان صبح انگڙايون ڏئي اٿيو آهي.

سندس اکين مٿان ابرن کي اهڙي گولائي هوندي هئي، جو جڻ ڪمان پيون معلوم ٿينديون هيون. جيڪڏهن صف مزگان جي پلٽڻ ڪاڏهن لام تي ويل هوندي هئي تہ انهن جي اسلحہ خاني مان ناوڪان وني، انهن ئي ڪمانن کي ڪشي عاشقن جي دل و جگر جي نشاني تي چاند ماري ڪندي هئي، ۽ جڏهن ابرن جي ڪمان مان خدنگ (٤) سڌو وڃي انهن جي مرغ دل تي نهڪو ڪندا هئا، تڏهن دل کي جيڪو ڏڙڪو ونندو هو، سو حقيقت ۾ ’پلپيٽيشن‘ نہ هو، بلڪ اهو دل جو ڪُڪُڙ هوندو هو، جيڪو برنگ نيم بسمل پيو تڙپندو هو (٥). ناز جا ناوڪ ۽ انداز جا خدنگ جڏهن ختم ٿي

(١) اهـوي چشـم صـنـم اهڙو ڪـيـو وحـشـي مـون کـي،
جنهن کان ڏس مون کان گريزان ٿيو سايو منهنجو! ـ گدا
(٢) آئــون آهــيــان بــنــت الــعــنــب جو آشــنــا
ڪــانــہ گــهــرجي مــون کــي بــي شــادي ادا ـــ گــدا
(٣) مــــريــــضِ عــــشــــق جي ڏس زرد روئــــي،
نـــہ جهــڙس رنــگ آهــي زعــفــران ۾! ـــ گــدا
(٤) اهــا امــيــد اٿــم تــو ۾ اي ڪــمــان ابــرو!
خدنــگ نــاز جو ســيــنــي ۾ آر پــار اچي. ـــ گــدا
(٥) برنــگ نيم بسمل مرغ، منهنجي دل کي ڪيئين زخمي
ڪمان ابرو ڪشي قصداً هڻين ناوڪ نظر جو! ـ گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويندا هئا. ان وقت ابرن جي ڪمان کي تيغ بُرّان ڪيو ٿي ويو، ۽ پوءِ ترار هوندي هئي سندس هٿ ۾ ۽ ڪنڌ ۽ ڪياڙيون هونديون هيون لاڙڪاڻي جي سجادن ۽ وڏيرن جون! الامان والحفيظ! خير، سندس ابرن جا اهي معاملا هئا امتين سان، ليڪن اوڙي پاڙي جا مرشد سڳورا جڏهن مريدن جي گهرن مان بيعت بازيءَ جو ڪم ڪار لاهي پاهر نڪرندا هئا، تڏهن حوض دهن جي آب ڪوثر مان 'سربُزون' (١) ساري، سڌو اچي ابرن جي انهيءَ محراب ۾ بيهندا هئا، ۽ قيام بعد رڪوع ۽ سجدو شروع ڪري ڏيندا هئا. جي وقت بچندو هئن، ته مصحف رخ جو هڪ پارو به پڙهي ڇڏيندا هئا. عشق حقيقيءَ ۾ جيڪي خدا جا بندا انهيءَ حد تائين وفور هئا، جو ڪين حور کان به نفور (٢) هو، اهي هر جاءِ 'همه اوست' سمجهي رڪوع سجود ته گهر ۾ ئي ڪندا هئا. البته سندس ابرن کان ماهه رمضان جي روزن بعد شوال جي رويت هلال جو ڪم وٺندا هئا. اڄ جيڪڏهن هاڄ شجي ها، ته شوند ڪراچيءَ واري "رويت هلال ڪميٽي" آسمان تي اڏامڻ جي اذيت کان ڇٽي پوي ها! متقي ۽ پرهيزگار جيڪي نينهن ۽ نيش لاءِ نااهل سمجهيا ويندا هئا، نگاهن جون ناوڪان انهن لاءِ ته ڪونه استعمال ڪندي هئي، البته سندن ويسٽ اينڊ واچ ڪمپنيءَ جي انجڻ چاپ گهڙيءَ سان جيڪو قطب نما لڙڪندو هو، ان جي قبله نما کي آشياني اندر تڙپائيندڙيون رهنديون هيون (٣). ڪڏهن ڪڏهن اهڙو حادثو به پڌبو هو، جو پنبڻ جو پيڪان قطب نما تان تڙڪي، سڌو ڪن جي دل ۾ وڃي پيوست ٿيندو هو، جنهن جو نتيجو عام طرح اهو نڪرندو هو، جو اهي مجاز جي رستي تان تڙڪي وڃي 'حقيقت' جي راهه تي پوندا هئا. ليڪن اهڙا واقعا تمام شاذو نادر پڌڻ ۾ ايندا هئا.

سندس بينيءَ جي تعريف ته اڳ ۾ ئي ڪري آيا آهيون ته چڻ دخت رز جي پيمانن جي مابين صراحي يا گويا مينا هئي، جنهن مان سياري جي سرد

---

(١) جاهل پير "وضوءَ" لاءِ اهو اکر ڪتب آڻيندا هئا.

(٢) حور کان ٿيو مون کي نفور اي صنم!
دل ۾ اٿم شوق وفور اي صنم! — گدا

(٣) ناوڪ نے تيرے صيد نہ چھوڑا زمانے ميں،
تڙپي ھے مرغ قبلہ نما آشيانے ميں!

ڪيسي جي واچ جو دستور هو ۽ انهيءَ سان گڏ زنجير ۾ قطب نما به لڙڪندو هو. واچ ويسٽ اينڊ واچ ڪمپنيءَ جي زيادهه مشهور هئي - تلهي، ڳوري ۽ مٿس ريلوي انجڻ جي چاپ هوندي هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راتين ۾ زڪام قلقل ڪيون پاهر پيو نڪرندو هو، ليڪن ڪي ان ڪي غنچهء زنبق سان بہ تشبيهہ ڏيندا هئا (١). سندس عجيب عارضن جو ڇا چئجي، جنسي سيب سمرقندي! ٿوري ٿوري لالاڻ ۽ لالي، باقي انهيءَ خط جو سر سبزو، جنهن کي سنڌي شاعر ”خط ’خضربشي‘ عيسيءَ دوران“ چوندا آهن. متنازعہ فيهہ ڪشمير جي صوف کي تہ قيل مقال يا مقابلي جي مجال ئي ڪانہ ٿيندي هئي. ڪن جو قول هو تہ سندس رخ روشن تي رخسار ائين هئا، جو انهن کي ڏسي گلِ صدبرگ بہ پنهنجو پيراهن پشيمانيءَ کان صد چاڪ ڪري ڇڏيندو هو (٢). نہ ڇڙو گل جي ڪائنات جو صورتحال اهو ٿي ويندو هو، بلڪ سچ پڇو تہ سياري جي صبح جو جڏهن تڙقليل ۽ سينڌيون سرما ڪري تڙڪي تي ويهندي هئي، تڏهن خود خورشيد درخشان بہ شرم کان بيتاب ٿي، منهن ڪٽي سايه ابر ۾ لڪائيندو هو (٣). لاڙڪاڻي جي جن غير تجربيڪار سنڌي شاعرن کي انهيءَ واقعي جي پروڙ ڪانہ هئي، انهن جڏهن سندس رخسار کي خورشيد تابان سان تشبيهہ ڏني، تڏهن سڀ کي خبر آهي تہ انهن جي ديوان جو هر هڪ فرد سندس جهالت سبب شرم وچان زرد ٿي ويو(۴)، ۽ نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترا شاعر پنهنجا ديوان وڃائي ويهي رهيا. جڏهن تڙ کان پوءِ وار اچي پاهر اُس تي سڪائيندي هئي، ان وقت سندس رخسار زلفن جي وچ ۾ اچي اهڙو ظهور ڪندا هئا، جو ڏينهن ڏٺو ڦري ڇڻ شبِ ديجور ٿي پوندو هو ۽ ائين ڏسبو هو، جو ڇڻ ماه منور ايريو بينو آهي (۵). ڪتيءَ لٽي جي پارن ۾ سندس آتشين رخسار هميشه تابش ڪري بيهندا هئا، ۽ عاشق جيڪي صادق سڏائيندا هئا، سي انهن رخسارن جي ئي آتش تي اچي سيءُ - واءُ لاهيندا هئا. اهڙين حالتن هيٺ جيڪڏهن ڪي اغيار اچي پاسو

---

(١) بينيءَ يار غنچه زنبق - ”گدا“ جو سنڌي بيت.

(٢) منهنجي دلدار جا رخسار ڏس، حسرت کان
گل صد برگ جو صد چاڪ گريبان آيو! — گدا

(٣) جلوه عارضِ جانان جو ڏسي، ٿي بيتاب،
سايه ابر ۾ خورشيد درخشان آيو! — گدا

(۴) ڏيان تشبيهہ جي خورشيد سان رخسار جانان کي،
تہ حاصل زرد روئي ٿئي سندم هر فرد ديوان کي! - گدا

(۵) واهہ جو زلفن ۾ ڪيو يار جي رخسار ظهور،
شبِ ديجور ۾ جيئن ماهہ منور پيدا! — گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ونندا هئا، تہ اهي ان ۾ رشڪ ڪان سڙي ’سرتابہ پا اخگر‘ (۱) ٿي پوندا هئا. انهن جا ئي ٿانڊا هئا، جيڪي شيخن واريءَ ڏند تي ” حضور ممالڪ سنڌ“ (۲) جي ڪيمپ ۾ ڪتب ايندا هئا. شيخن جا ڪڙمي ڪاري ۽ هاري ناري هميشه الله کي پيا الاهان ڪندا هئا، تہ شال ڪو اغيار رهڙجي پوي، جيئن سندن جند ڪانڊن بنڊن گڏ ڪرڻ واريءَ چيڙ ۽ وڏيرن جي ڇتڪتائيءَ کان ڇٽي پوي! انهيءَ ئي ڪيفيت ۾ عاشق صادق پاڻ کي هم بغل سمجهي، اغيارن لاءِ سمجهندا هئا تہ ڇڻ اجل آيو (۳). انهن ئي آتشين رخسارن کي ڏسي، ڪيترن وڏيرن جي دل ۾ جڏهن عشق اُلاڏي اٿندو هو، تڏهن انهن ئي اُلن جي آتش منجهان اهو ’سمندر‘ (۴) پيدا ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ ”ديوان گدا“ جي شارح جو چوڻ آهي تہ وڏي ڪُئي جهڙو ٿئي ٿو (۵)!

انهن سندس عارضن يا رخسارن مٿان خال هميشه ائين پيو لڳندو هو، ڄڻ خان بهادر حاجي علي حسن خان هڪڙي جي حياتيءَ ۾ قبر جي اسلامي شهر اندر ديوان شامداس (٦) جهڙي مهاسيائيءَ هندوءَ اڇي ڪيمپ ڪئي آهي - يا وري ائين پيو معلوم ٿيندو هو تہ ڄڻ حسن جي سرڪار ۾ ڪم ڪار لاءِ لوور سنڌ جي ڪنهن بزرگ پنهنجون سيئي ضرورتون پسِ پست وجهي، خاص حاضريءَ وارن شيدين مان ڪنهن مضبوط حبشيءَ کي قمبر ڏياري موڪليو آهي. ليڪن جيڪي عاشق انهيءَ حبشيءَ جي اعمالن ۽ افعالن کان آشنا هوندا هئا، اهي ان کي زنجبار جو زنگي سمجهندا هئا يا وري چوندا هئا تہ حسن جي حڪمران وٽ درباني ڪرڻ لاءِ اديس ابابا مان هيلاسيلاسيءَ غلام موڪلي ڏنو آهي. ڪن جو اهو بہ قول هو تہ اهو انهيءَ آهوي مشڪين جو نافه

---

(۱) مون سان ٿيو هم بزم منهنجو آتشين رخسار يار،
رشڪ کان اغيار کي سرتابہ پا اخگر ڏنم! - گدا

(۲) سنڌ جي ڪمشنر کي انهيءَ لقب سان وڏيرا ياد ڪندا هئا. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٿي ڍنڍيان آهن، جن تي ناتال جي موقعي تي انگريز بدڪن جو شڪار ڪندا هئا.

(۳) دلربا مون سان هم بغل آهي،
اڄ تہ اغيار جو اجل آهي! - گدا

(۴) دل ۾ عاشق جي ائين عشق نمايان ٿو ٿئي،
جنهن طرح سان ٿئي آتش کان سمندر پيدا!

(۵) ’سمندر‘ جي شڪل حاشيه ۾ انهيءَ طرح بيان ڪئي وئي آهي.

(٦) ڊاڪٽر چوئٿرام مرحوم جو پاءُ ديوان شامداس جيڪو ڪٽر مهاسيائي هو ۽ سنڌ ۾ انڪم ٽئڪس آفيسر ٿي رهيو. پاليسي سياسي اِها، ليڪن دوستيءَ ۾ هندو مسلمان هڪ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تتار آهي، جيڪو ملڪ ختن جي بيابانن ۾ چوڪڙيون پريندو وتي ٿو. اهو ئي سندس خال، جڏهن معنبر ٿي ، رخسار تان هٽي، اچي ابروءَ مٿان بيهندو هو، تڏهن اهو ائين پيو معلوم ٿيندو هو گويا تيغ ابروءَ تي جوهر ڪلي بيٺو آهي (١)، يا ائين پيو ڀانئبو هو تہ خالِ سياهہ جڻ زاغ آهي، جنهن ڪمان تي اچي پنهنجو نشيمن ڪيو آهي (٢). جيڪڏهن ڪو پيڪان عاشقن ڪان بچي پوندس تہ اهو ڪمان ۾ وجهي ان کي بہ هٽي ڪڍندي! اهو ئي خال ابروءَ تان لهي، جڏهن اچي چپ مٿان بيهندو هو، تڏهن اوڙي پاڙي جا پير سڳورا ڀائيندا هئا تہ گويا خليفہ چهارم جو زنگي غلام حضرت قمبر پنهنجي سر ڪوزو کڻي حوض ڪوثر تان پاڻي ڀرڻ آيو آهي (٣)! اهي ئي سائين سڳورا انهيءَ خال کي جڏهن خط سان ملائيندا هئا، تہ مصحف رخ جي سوره، اخلاص تي گويا زير ۽ زبر اچي ويندي هئي.

لب لعلين، سندس اهڙا هئا، جو جڏهن بدخشان جي ملڪ ۾ انهن جي لالاڻ جو مذڪور پهچندو هو، تہ اتنهن جو ياقوت بہ شرم وچان ڪنڌ کڻي هيٺ ڪندو هو ۽ سندس پيشاني عرق آلود ٿي پوندي هئي، يعني صاف سنڌيءَ ۾ کٽي چئجي تہ جڻ پگهر اچي ڇٽندو هيس. لبن جي لاليءَ کي ڪي ياقوت سان بہ تشبيهہ ڏيندا هئا. جنهن مان اهو فائدو هو تہ انهن ياقوت لبن جو جنهن کي بِوسو هٿ اچي ويندو هو، ان لاءِ حسن جي سرڪار مان بدخشان جي گورنريءَ جو پروانو (۴) فوراً اِشو ڪيو ويندو هو. لبن جي انهيءَ لاليءَ متعلق ڪيترن کي اختلاف راءِ بہ هو، يعني انهن جو چوڻ هو تہ دراصل ڪن عاشقن جو خون ناحق ڪيو ويو آهي، جن جي رت کي شيشيءَ ۾ بند ڪري ڊريسنگ ٽيبل تي رکي ڇڏيو اٿائين، ۽ جڏهن هار سينگار ڪري ٿي ان وقت ان مان ذرو ڪڍي چپن کي لاهي ڇڏيندي آهي! ڪن جو وري قول هو تہ سندس لبن جي لالي خون ناحق جي سرخي نہ آهي، بلڪ اهي تہ پاڻ ئي اهڙا

(١) ابروي يار تي ٿيو خال معنبر پيدا،
سڀ ڪهين چاتو تہ ٿيو تيغ جو جوهر پيدا! ـ سانگي

(٢) خالِ سياه، يار جي ابروءَ تي بس عجيب،
ڏس زاغ جو نشيمن ڪيئن ٿيو ڪمان تي! ـ گدا

(٣) لب جانان تي ٿيو خال معنبر پيدا،
حوض ڪوثر تي ٿيو حضرت قمبر پيدا! ـ گدا

(۴) رات ياقوت لبِ يار چميم، مون کي چيئين:
تنهنجي قبضي ۾ سڄو ملڪ بدخشان آيو! ـ گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جان بخش آهن، جو نيم بسمل عاشق انهن کي ئي چوسي، ڪلمون پري اٿي ويهي رهندا آهن! انهيءَ ئي قدرت ۽ ڪرامت سبب تہ آب حيوان (۱) کي بہ هميشه خجالت پئي رهي آهي، جنهن ڪري هو خضر کي هٿ اچڻ کان بہ نٽائي ويو. نہ فقط منجهن جان بخشيءَ جي اها قوت هئي، ليڪن چوسڻ وقت اهڙا لب شيرين لڳندا هئا. جو جيڪڏهن انهيءَ دور ۾ قافلہ در قافلہ قطار اندر قطار الغاران ڪندا سنڌ تي مهاجر يلغار ڪن ها، تہ هوند اهي انهن لبن کي يوبيءَ جو 'چوسني ڪا آم' تصور ڪن ها. ليڪن اها شامت چونڪ ان وقت سنڌ مٿان ڪڙڪيل ڪانہ هئي، تنهن ڪري چڙو سنڌي عاشق انهن جي شيرنيءَ ۽ شڪر مٿان نيشڪر، انگبين، شهد، ۽ حلوي کي تصدق پيا ڪندا هئا (۲) انهيءَ ئي مٺاڻ تي تہ شيفته ٿي، ڪيترن وڏيرن زمينن جا قطعي (۳) وڪرا ڪري، پاڻ وچي ڪار قنادي شروع ڪئي هئائون (۴)!

انهن لبن جي وچ ۾" غنچہء دهن" ائين هوندو هو، جڻ هڪ نقطو آهي، ليڪن اهو بہ موهوم (۵). انهيءَ ئي موهوميءَ سبب عاشق جئڙا هن عرصہء عالم ۾ هميشه تنگ گذاريندا هئا(٦). مگر ڪن لاءِ تنگ هو تہ ڪن لاءِ وري اهو ئي دهن چشمہء حيوان (۷) بڻجي پوندو هو، جنهن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي ڪنهن وقت خضر بہ گم ڪردہء راهہ ٿي پيو هو!

دندان مبارڪ سندس اهڙا روشن ۽ تجلي دار هئا. جو جڏهن ڪنهن تي راضي ٿي تبسم فرمائيندي هئي، ان وقت هڪ طرف تبسم سبب قمبر شهر ۾ گل ڦل ٽڙي، باغ ۽ بستان لڳي ويندا هئا. ۽ ٻئي طرف ڏندن جو تاب عدن جي شهر ۾ پهچي ، اتنهن جي دُر جو آب پاڻي ڪري ڇڏيندو هو، جنهن

---

(۱) لب جان بخش جانان کان خجالت آب حيوان کي! ـ گدا

(۲) اي مٺا! تنهنجي مٺي لب تي تصدق نہ تہ ڪريان،
انگبين کي، نيشڪر کي، شهد کي، حلوا کي آءٌ! ـ گدا

(۳) وڏيرا انهن فضول خرچن لاءِ هندن کي زمينان گروي ڏيئي، قرض وٺندا هئا. ليڪن گروي نامي جي دستاويز ۾ زمين جو قطعي وڪرو لکي ڏيندا هئا.

(۴) شيفتہ آهيان يار جي لب تي،
مون کي لازم ٿي ڪار قنادي! ـ گدا

(۵) جينءَ نقطہء موهوم دهن يار جو ٿئي ٿو! ـ گدا

(٦) آءٌ تنگ نہ کيئن عرصہء عالم ۾ گذاريان،
عاشق آهيان آءٌ يار جي موهوم دهن جو. گدا

(۷) دلبر جو دهن چشمہ حيوان نہ چوان ڇو! ـ گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بعد ويچارو در۔ عدن حياءَ ۽ حجاب کان صدف منجهان ٻورو منهن ڪڍي، وري اندر ڪري ڇڏيندو هو. ليڪن تبسم جو اهو تجلو خواهہ دندانن جو اهو تاب تڏهن ظاهر ٿيندو هو، جڏهن اهڙو ڪو نوخيز وڏيرو وٽس اچي نڪرندو هو، جنهن جي ٻيءَ جو اچا ستون جماٽو ٿيل ڪونہ هوندو ـ ورنہ عام طرح تہ اهڙو زهر خند ڪندي وتندي هئي، جو هڪ طرف ان جي برق عاشقن جي مرغ دل جو آشيانو ساڙي ٻاري ڇڏيندي هئي ۽ ٻئي طرف ان جي بجلي سندن صبر و قرار جي خرمن مٿان ڪِري ان کي خاڪ سياهہ ڪنديِ رهندي هئي.

انهن دندانن جي وچ ۾ زبان اٿين هوندي هئي، ڇڻ دهن جي غنچي ۾ ڪو گلبرگ آهي (١) غالباً لاهور واري گلبرگ ڪالوني بہ اهڙي ئي ڪنهن حسين جي زبان جو ذائقو وٺي، ناهي وئي آهي. سندس سخن اهڙو شيرين هوندو هو، جو جڏهن پاڻ ڪنهن خوش قسمت سان تڪلم ڪندي هئي، تہ فوراً ان تي قند مڪرر نثار ڪندو هو (٢). اهو ئي ڪارڻ هو، جو گهڻن وڏيرن جي گهرن ۾ انهيءَ زماني ۾ ”قند مڪرر“ هوندا هئا.

ذقن يا زنخدان جو چاهہ اهڙو اونهو هيس، جو جيڪڏهن ڪنهن شاعر کي ٿابي جي ٺوڪر هجي، ۽ اهو لاڙڪائي جي مشاعري ۾ سندس سراپا بيان ڪندي ڪندي انهيءَ جاءِ تي اچي ٿاٻڙجي ڪري پوي، تہ هوند اوستائين ان مان نڪري ڪونہ سگهي ها، جيسين بابل جي چاهہ مان هاروت ۽ ماروت جو موڪ نہ ٿئي ها. ذقن جي هيٺان جو نظارو ڪولاچيءَ واري ڪُن جي ڏِڪَ ڏيندو هو، يعني اتي گرد آب ڏسڻ ۾ ايندو هو. جنهن ڏانهن مولانا جاميءَ بيبي زليخا جي سراپا بيان ڪندي اشارو فرمايو آهي: .

قـــرارِ دل بـــود نـــايـــاب آنـــجا،
کـــہ هـــم چاهـــســـت و هـــم گـــرداب آنـــجا.

نہ فقط ان جي ڏسڻ سان دل جو قرار ڪافور ٿي ويندو هو، بلڪ گهڻن عاشقن کي تہ اهڙي اچي بيقراري ڪٽندي هئي، جو جيسين ٿتڪندي ٿتڪندي وڃي ڪُن ۾ نہ ڪرندا هئا، تيسين کين قرار ڪونہ ايندو هو.

گردن بلور جهڙو صاف صراحي دار، يعني شراب جي صراحي، يا

---

(١) عـارض جي نـزاڪـت آهـي نـسريـن کـان دهـہ چنـد،
گـلـبـرگ زبـان ان ۾ آهـي، غنـچہ دهـن جي! ـــ گـدا
(٢) شـيـريـن سـخن تـان قـنـد مـڪـرر نـثـار ڪـن،
آئـيـان مـنـي جو نـام ٿـو، جنهـن دم زبـان تـي! ـــ گدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇڻ مٺي جي منا. جڏهن مُل پيئندي هئي، تہ اها پئي ڪندي هئي ’قل قل‘. ڪونج جهڙي سنهي ڳچي، ڪانہ ڇٽبي، ڇاڪاڻ تہ اها غزل جي تشبيهہ ڪانہ آهي.

سندس سينو اهڙو صاف، جهڙو سنڌ جي سيدن ۽ سجادن، وڏيرن ۽ ليڊرن جو نامهء اعمال - ۽ ان تي بہ پستان ائين اپريل گويا بہ وڏيءَ سائيز جا قنڌاري انار، ڪن بيدار بخت عاشقن ڪي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ رکيو تي وتي، يا وري بقول شخصي (۱).

دو دستـنبـوي خوش، پُر مـغز و رنـگـين،
ڪـزو خون شـد دلِ صـد نـار يـاسـين.

مولانا جاميءَ جا هينان بيت تہ مثال طور ڪتب آڻي ڪونہ سگهبا، ڇاڪاڻ تہ اهي محض پيغمبر جي بيبيءَ لاءِ مخصوص آهن:

دو پـسـتـان، هـر يـڪـي چون قـبـهء نـور،
حـبـابـي خانـہء از عـين ڪـافـور.
دو نـارِ تـازه،بـر رسـتـہ زيـڪ شـاخ،
ڪـف امـيـد، شـان نـاسـوده گـسـتـاخ.

يعني، ٻَئي پستان اهڙا، ڇڻ منجهائڻ هر هڪ نور مان ٺهيل قبو آهي، يا گويا ڪافور مٿان بہ حباب آهن، يا وري بہ نوان ڏاڙهون آهن، جيڪي هڪ ئي ٽاميءَ مان ڦٽي نڪتا آهن. مهٽڻ سهٽڻ ۽ مساس ڪرڻ لاءِ جن تائين اڃا ڪنهن جو گستاخ هٿ پهتل ڪونہ هو! بلڪل تازا، تر ۽ شگفته! انهيءَ مثال کي ڪتب نہ آڻڻ لاءِ هڪ ٻيو بہ سبب آهي: هاج جا قبهء نور يا ڪافوري حباب، انار تازه ڪونہ هئا، بلڪ سودن جو صيغو پڙهي، ڪيترا گستاخ هٿ مالش ۽ مهٽ لاءِ انهن تائين پهچي چڪا هئا ايتر بہ انهيءَ دور ۾ ڪو نہ هو، ورنہ ڪي ڪميونسٽي خيالن جا عاشق، ائين چوڻ ڪان ڪونہ ڪيٻائين ها تہ انهن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي خيال سان، سيني جي بيس (Base) آمريڪا کي عيوض ۾ ڏئي، ان ڪان پنهنجي اسلحہ خاني ۾ اهي ايتر بطور ايڊ جي مهيا ڪري رکيا ويا آهن.

ميان البت موءِ جهڙي سنهي يا اهڙي موهوم ڪانہ هئي، جنهن کي تار نظر ڪان بہ باريڪ تر (۲) چئي سگهجي، حالانڪ جي ائين هجي ها تہ عاشقن لاءِ هوند ڏاڍو سک ۽ سهنج تي پوي ها - نہ اڱٽ ٻڌڻ جي جاءِ هجي ها

(۱) عظيم ٺٽوي.
(۲) بـاريـڪ تـر از تـارِ نـظـر مـوءِ ڪـمـر جو. — گـدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ نہ سٺڻ جي ئي ”دخل درمعقولات“ موجود هجي ها (١).

بقول جامي ”زرزيرِ ناف تا بالائي زانو“ يعني ناف کان هيٺ، جنهن کي ڪن شاعرن ’ڪان جواهر‘ (٢) ڪوٺيو آهي، ان جي وصف ۽ واکاڻ تہ خير اهي ئي ڪري سگهندا، جن جي اڳيان بند قبا کليو هوندو، يا جن انهيءَ مرحلي جي عقده ڪشائي ڪئي هوندي. اسان تہ فقط ٻڌ سڌ تي هيترو چئي سگهون ٿا:-

ڪہ گمدم رهزنِ آدم درينجا ست

ـ يعني ڪڻڪ جو اهو داڻو، جنهن جي لست ۽ لذت ڏاڏي آدم جهڙي شريف انسان ۽ ملا ماڻهوءَ کي بہ بهشت منجهان ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪيرائي ڇڏيو هو. مٿئين‌ءَ سٽ جي رعنائيءَ ۽ معنيٰ آفرينيءَ جي پروڙ فقط انهن پڙهندڙن کي پئجي سگهندي، جيڪي مرشدن جي تشبيهہ مبارڪ جو تصور ڪندي، ڪڻڪ جي داڻي جي شڪل صورت جو خيال دل سان هنڊائيندا.

طلائي سرين کان وٺي ساق سيمين تائين جو مذڪور پڻ اسان ڪونہ ڪري سگهنداسين. انهيءَ سلسلي کي سمجهڻ لاءِ يا تہ ناظرين ڪرام کي پنهنجي حسن نظر تي ڀاڙڻو پوندو يا وري ان جو صورتحال اهي ئي سمجهائي سگهن ٿا، جن انهيءَ وچ جي جلون ۽ جمال يا جوڙ ۽ جنسار کي يغما ڪيو هوندو ـ سرين جي سلسلي ۾ البت هيترو ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ :.

بدان نرمي کہ گر افشرديش مشت

برون رفتي خميرآسا، ز انگشت. (٣)

ـ اهڙا نرم، جو جيڪڏهن انهن ۾ مُٺ پئجي وڃي تہ هوند آڱرين جي وچمان انهن جو نرم گوشت ائين ٻاهر نڪري اچي، جيئن اٽي ڳوهڻ وقت

---

(١) سنا هے کہ ان کي کمر هي نهين،
تو پهر وه پجميا کدهر باندهتے هين!

(٢) دلا اين جا ست آن کان جواهر،
کزان پيدا شود جانِ جواهر.
عجائب گوهر آرد اين صدف بار،
کزو حيران بمانند دُرِ شهوار.
دل آنجا فاتحہ خواند باخلاص،
کہ يا رب! کي کشايد عقده خاص. ـ عظيم ٺٽوي

(٣) مولانا جامي ـ بيبي زليخا جي وصف ۾.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خمير نڪري پوندو آهي. 'ساق سيمين' لاءِ مولانا جاميءَ فرمايو آهي تہ :-

بـنـا ئـي حـسـن را سـيـمـين سـتـونـسـت.

اسان بہ ڪٽي ان تي اڪتفا ڪيون ٿا، گويا حسن جي عمارت جا ٿنيا يا پيل پاوا هيون. سرين ۽ ساق جي وچ ۾ سندس زانوءَ جو ذڪر ڪندي ، بلامبالغي چئي سگهجي ٿو تہ جنهن کي همزانو ٿيڻ نصيب ٿيندو هو، ان جي اڳيان گويا دنيا جي دولت جا دروازا واشگاف ٿي ويندا هئا ـ خانقاهہ نشين البت همزانو ٿيڻ جي انهيءَ ڪري ڪوشش ڪندا هئا، جو هميشه ڪين دين سان گڏ دنيا جي دولت لٽڻ جي تانگهہ من ۾ هوندي هئي.

هٿن ۽ پيرن کي لائيندي تہ ميندي هئي، ليڪن ڪن زخم خورده عشاقن جو اهو قول هو تہ هن پنهنجا هٿ پير انهن عاشقن جي خون ناحق مان رڱيا آهن، جن کي هن يا تہ خنجر ابروءَ سان قتل ڪيو آهي، يا جيڪي ناوڪن جا نيش کائي زخمي ٿي پيا آهن. جن عاشقن کي اها بدگماني ڪانہ هئي، انهن کي فوراً سندس پنجہ ع حنائيءَ جي زيارت مان حسن جي دربار تائين سرخروئي (١) جو پروانو ملي ويندو هو. جڏهن اهي اتي رسندا هئا، تڏهن ڪين مرڳو يقين ٿي ويندو هو تہ پاءِ يار کي پنجہ ع حنائيءَ وانگر ميهڙ جي ميندي لڳل آهي.

سندس قد سرو جهڙو سڌو يا شمشاد جهڙو سنئون ڪونہ هو، جنهن کي قامتِ رعنا يا قد دلجوي جانان چئي سگهجي، ۽ پوءِ خواهہ مخواهہ قمري صفت طَوق بندگي اچي گردن ۾ پوي (٢). صنوبر سان بہ ان جي مشابهت ڪري ڪانہ ٿي سگهجي، جنهن تي عاشقن جي دل جي قمري گهڙي ساعت ويهي فراق منجهان ڪو! ڪو! ڪري سگهي، يا جنهن تي صلصل (٣) ويهي، بلبل صفت فرياد ڪري سگهي. اهڙو بہ قد ڪونہ هيس، جو جيڪڏهن ڪاڏنهن گهمڻ گهتڻ نڪري تہ ائين پيو معلوم ٿئي گويا هاج جي بجاءِ قمبر شهر ۾ قيامت جو ڪال اچي ڪتو آهي (۴). درحقيقت قد ۽ قامت

(١) سـرخروئـيءَ جو جي آهـين خواهـان،
يـار جو پـنـجہ ء حـنـائـي ڏس! ـ گـدا

(٢) وڌم گـردن ۾ طـوقِ بـنـدگـي قـمـري صـفـت هـاٿـي،
ڪندس آءٌ سرو کي صدقو، قدِ دلجوي جانان تي. ـ گدا

(٣) ڏسـي جي جلـوه، سـرو قـدِ يـار،
ڪري بـلـبـل صـفـت فـريـاد صَلصَل. ـ گـدا

(۴) درچمـن يـار چو بـا آن قـد و قـامـت بـرخاسـت،
سـرو بـنـشـسـت زدعـويٰ و قـيـامـت بـرخاسـت.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي هوءَ پوري پني هئي، بلڪ ڪي قدر منڊري چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو.

بدن هرويرو گلاب جي ٽاميءَ جهڙو نازڪ ڪونہ هيس - درحقيقت بت جي پريل هئي، ليڪن نهايت سهڻو ۽ سريلو.

هلندي چلندي هميشه ماڻهن وانگر هئي. سندس خرام ۾ ناز ضرور هو، ليڪن محشر پنهان ڪونہ هو. جو هلڻ سان پيو معلوم ٿئي جڻ فتنہ ء محشر سان اچي پالو پيو آهي، اجهوڪي اجهو ٿو نامهء اعمال پيش ٿئي ۽ بهشت ۽ دوزخ جا دڙڪا چاڻ ٿا ثابت ٿين. توڙي جو خلخال پائي هلندي هئي، تڏهن بہ داور محشر جي دربار لڳڻ جو امڪان ڪونہ هوندو هو.

سيم تن ڪانہ هئي، جنهن ڪي ڏسي عاشقن جي دل فقرهء خالص تي پوي (١) . رنگ ڪليل ڪڻڪ ونو، ڏاڍو وڻندڙ ۽ دل کي ڇڪيندڙ - ائين روشن جڻ سچو سون پيو جرڪي.

* * *

الغرض اهڙي آب تاب، جوڙ ۽ جنسار سان هاج جي هٿان وڏيرن جي پٽي هاج لهندي هئي. قمبر جو اهو ڪوچهء جانان، جنهن ۾ پاڻ رهندي هئي، نہ رڳو عاشقن لاءِ رشڪ باغ و بهار هو، بلڪ عاشقن ڪان ان جي بهاريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، لاڙڪاڻي جي ديوان گيانچند کي بہ پنهنجو باغ پيو بي حقيقت معلوم ٿيندو هو. انهيءَ ڪوچي ۾ ڪيترا اپهرا عاشق وڏيرا بيٺل فصل گروي رکي اچي رسندا هئا. ڪي ديري تائين ترسي، پوءِ سهي سنبري اچي ڪُوءِ يار ۾ قيام فرمائيندا هئا. بهرحال هر صورت ۾ ضلعي جي هارين نارين جي رت پونءِ اتي ئي اچي پاٽي وانگر وهندي هئي. نہ رڳو اهو، بلڪ ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ ڪيترا سجاده نشين خواهہ سيد سڳورا بہ سياري جي موسم ۾، گهنڊن ۽ گهڙيالن سان يا ڪلمي شريف جي نعرن هيٺ، خليفن ڪڙن جي حلقي اندر (٢)، انن گهوڙن جون قطاران ڪاهي، مريدن جي گهرن ۾ 'خفي' ۽ جلي ذڪر ڏئي، جيڪو نذرانو اڳاڙي ايندا هئا. اهو پڻ اتي اچي صرف ڪندا هئا.

---

(١) دل صاف سندم نقره خالص نہ ٿئي چو!
الفت آهي مون کي تہ سدا سيم تن مان - گدا

(٢) سنڌ جا پير، سيد ۽ سجاده نشين سياري جي موسم ۾ پنَ تي نڪرندا هئا، انکي 'سفر' چئبو هو. ڪن جي قافلي اڳيان گهنڊ ۽ گهڙيال وڄندا هلندا هئا. ۽ ڪي پنهنجي اڳيان بلند آواز سان ڪلمو شريف پڙهائيندا هلندا هئا. اُٺ، گهوڙا ۽ (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توسان هَلِي هَلِيَ تہ منهنجون اکيون ٺٺيون". وڏيري ويچاري جون وايون ٻتال ٿي ويون، شرمندو ٿي ائين گم ٿيو، جيئن لاحول کان پوءِ شيطان. ماستر چيو تہ ڪوٺڙيءَ کان وٺي سکر تائين انهيءَ لطيفي تي اسان ٺٺي ٺهڪ ڏيندا وياسين. انهيءَ ڪل چرچي ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جو حجاب بہ هڪ حد تائين دور ٿي ويو، ۽ روهڙي اسٽيشن تي صبح جو اٺين ڄڏهن ماستر ٻنهي کي ڏٺو تہ ٻئي پاڻ ۾ راهل مائل ٿي ڏٺا، ڄڻ سالن جا ساٿي آهن.

بهرحال! جيسين هاڻ جي ضلعي لاڙڪاڻي مٿان حڪومت هئي، تيسين گهڻو ڪري سيئي چڱا مڙس عاشقن واري "شش نشانيءَ" ۾ مبتلا هوندا هئا. سمجهان ٿو 1934ع کان پوءِ دلين تي داغ ڏئي هتان هالاڻو ڪري هلي وئي.

* * *

وڏيرن جو مذڪور تہ سندن جهالت سبب وچ ۾ اچي ويو. انهن جي ڳالهہ نڪتي تہ هاڻ جي حڪايت بہ پنهنجو پاڻ نب جي نوڪ تي نروار ٿي آئي. دراصل قصو ڪري رهيا هئاسين غزل ڳو شاعرن جي مشاعري جو، ۽ ان ۾ ذڪر هو ميان امام الدين ٽپاليءَ جو، جنهن جو تلخص "ضامن" هو. تنهن ڪري انهيءَ مشاعري وارّيءَ سنبت سبب، هاڻ جي حسن بيان ڪندي، تشبيهون ۽ محاورا، اکر ۽ استعارا اسان کي اهي ٺي ڪتب آڻا پيا، جيڪي سنڌ جا شاعر پنهنجن غزلن ۾ ڪتب آڻي، ائين سمجهندا رهن ٿا تہ هو سنڌي ادب جي نہ چڙو زبردست خدمت ڪري رهيا آهن بلڪ ان کي لاتعداد خزانا ڏئي مالا مال ڪري رهيا آهن.

بهرحال اهي قصا ۽ ڪهاڻيون تہ ائين اچي ويون جيئن ڪافيءَ جي مصرع پنيان ڏوهيڙو ڏبو آهي، تنهن ڪري "ڳالهہ ٿي ڪيم" چئي، موٽي اچون ٿا مطلب جي ڳالهہ تي.

مرحوم "نياز" جڏهن اٿندو هو، تہ هڪ وڏي ڏيرج ۽ شان سان. علامہ اقبال واري خودي تہ بلند ڪانہ هيس، البت خود اعتمادي منجهس ضروري هئي. پهريون کيسي مان عينڪ ڪڍندو؛ رومال سان ان جي شيشن کي صفا ڪري اکين تي رکندو؛ ان کان پوءِ سامعين ڪرام مٿان هڪ نگاهہ غلط انداز اڇلائي، هٿ وجهندو کيسي ۾. هڪ کيسو، ٻيو، ٽيون، آخر اندرئين کيسي مان هڪ نهايت ٿي خسيس ڪاغذ جو پرزو ڪڍندو. اهو بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ سندس هڪ انداز هو، جنهن کي مشاعري وارن جي زبان ۾ ”تجاهل عارفانہ“ چئبو آهي. بهرحال اهڙي استادانہ طور ۽ طريقي سان پرزي تي نظر وجهندو، جو معلوم پيو ٿيندو، ڄڻ سندس فني ڪمال جو اهو تہ هڪ ادنيٰ مظهر آهي - درحقيقت منجهانس اميد ڪنهن تمام عظيم تخليق جي رکڻ گهرجي. آخر ۾ جناب صدر اڳيان جهڪي، ڪاٺس اجازت وٺي، پوءِ ڪندو هو منهن مجمعي ڏي - جيسين نياز مشاعري جا اهي ابتدائي آداب پورا ڪندو هو، تيسين سامعين، ”باتمڪين“ ٻڌيا وينا هوندا هئا، يعني!دم بخود، نہ چرپر، نہ سس پس. جو جاتي سو ناتي. هتي جاتو ٿي تہ هاڻي نياز پڙهڻ وارو آهي. عقل ۽ دماغ جا داستان هر ڪو ڪري چڪو، هاڻي دل جون حڪايتون هلنديون، محبت جي سوز ۽ ساز جا اونها اسرار، راز ۽ رمزان، سندن علم ۾ ايندا. ڇڙو رعايت لفظيءَ جي دم ۽ دور ازڪار تشبيهن جي دماچوڪڙي ڪانہ هوندي، بلڪ ڪجهہ حقيقت حال بہ ان سنئين سڌيءَ زبان ۾ هوندو، جنهن کي هو آسانيءَ سان سمجهي سگهندا. وڇوڙي ۽ ورهہ جو جيڪڏهن واءُ گهلندو تہ وصال جا ورق بہ ضرور ورندا. هرويرو هجر ۽ فراق ۾ منهن مٿو پٽيل ڪونہ هوندو. فرقت جي دقت انهيءَ حد تائين بيان ٿيل ڪانہ هوندي، جو عاشق ان جي ڪري نہ ڇڙو ’برنگِ برق بيتاب‘ ٿي وڃن (۱)، بلڪ ان جي آتش ڪان سندن ’دل پُر داغ‘ بہ ’سرو چراغان‘ تي سبقت ڪري وڃي (۲) جنهن بعد سامعين جي ’تمڪين‘ تہ رهجي وڃي مشاعري ۾ ۽ منجهان ڪي پڇن گهرن ڏانهن ”غياث اللغات“ کولڻ، ۽ ڪي ڊوڙي وڃن اطلاع ڏيڻ فائر برگيڊ کي. بجاءِ شعر گوئيءَ جي پوءِ باهہ وسائڻ واري انجڻ گهنڊ گهڙيال وڄائيندي، اچي نڪري ميان علي محمد جي اوطاق تي يا فقط انهيءَ ’آه پر سوز‘ جي ڪهاڻي ڪيل ڪانہ هوندي، جيڪا صر صر ڪان بہ وڌيڪ سوسٽ ڪندي(۳)، وچ ۾ برق کي بيتاب (۴) بڻائيندي، فلڪ ڪج رفتار جي سيني ۾ سوراخ ڪري، هفت آسمان جو هفت خوان طيءِ ڪندي سڌو وڃي عرش عظيم

---

(۱) برنگ برق بيتاب آهيان فرقت ۾ جانان جي. — گدا

(۲) سڙي ڪامي پچي تي آتش فرقت ۾ جانان جي،
دل پُر داغ سبقت ٿي رکي سرو چراغان تي. — گدا

(۳) آه پرسوز، آه سا منهنجي،
آه صرصر ڪان وڌ منجهس، سوسٽ. — گدا

(۴) برق ٿئي بيتاب منهنجي آه آتش بار ڪان — گدا)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي پيل پاون کي ساڙي، ۽ جنهن کان پوءِ نہ فقط مشاعري ۾ هراس کان تڏا ويڙهہ جو عالم اچي وڃي بلڪ خود خدا کي بہ خبر پئجي وڃي تہ زمين تي بہ ڪي جوان رهن ٿا. ”نياز“ انهن ٿڌن شوڪارن جو ذڪر ضرور ڪندو، جيڪي راتين جي اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن جي اچڻ جو آسرو پلي، نااميديءَ جي نجهري پَئي، اندر مان ڪڍبا آهن. ”نياز“ جي سامعين کي اها بہ سڌ هئي تہ ڪلام پڙهندي ڪا هڪ اڌ ٽڪ اهڙي بہ ضرور اچي ويندي، جنهن جي پڌڻ سان اکيون آبجي پونديون، ۽ دل ۾ ائين پيو معلوم ٿيندو، ڄڻ ڪنهن ڇهنڊي پاڻي ورتي. ٿلو ’دانهاءِ اشڪ‘ جو داستان ڪيل ڪوتہ هوندو، جنهن تي ڪي شاعر ’گوهر شاهوار‘ کي بہ نثار ڪري ڇڏيندا آهن (١). يا انهن کي ’لولوئي لالا‘ سان مشابهت ڏئي خواهہ مخواهہ اکين کي ’غيرت نيسان‘ (٢) بڻائي ڇڏجي، ۽ ڪجهہ وقت بعد اکين مان اچي موتيا پاڻي لهي، ۽ ماٺهو وتي ڊاڪٽر هاليندڊ جا پتا پار، ڏس ۽ پنڌ پڇائيندو. يا وري اکين جي ’يم‘ (٣) جو بيان ڪري اهڙا واٽر ڪورس وهائجن، جو انهن جي ’آب روان‘ ۾ جڏهن لڙهي (۴) هلجي، تہ واٺهڙو ان کي لاوارث لاش ُپيا سمجهن. اهي ڪم ايراني ۽ اردو اکين جا ـ اسان جون اکيون حجاب ۽ حياءَ جون ماريل، پنهنجو مرم هڪ طرف پيو مارين تہ محبوب تي مامري مچڻ جو بئي طرف اونو ۽ الڪو. ڪنڊ پاسي وڃي، عام کان گوشو ڪري، لڪ چوريءَ ڪٽي ٻُڪ پاڻين جو وهائين، ليڪن عام جي اڳيان لُڙڪن وهائڻ کان پيون لڄ مرنديون، قطرو ڪيرڻ ڪين پيو عيب لڳندو، متان ڪو دل جو پيد نہ پرکي وٺي، متان اندر جي اورا جهورا پڌري نہ ٿي پوي، متان ڪرن ۽ ڪاهوڙن کي ڪُڙڪو نہ پئجي وڃي، ۽ مبادا ڪو طعنو ۽ تنڪو نہ هٽي رکي، ڪو ويڻ نہ ڏئي وٺي - - انهن کي مُهڙيان ئي ”نِهائين کان نينهن“ جي سُتي جا پيل هئي! انهن جو عام اڳيان ڇڙو آبجي پوڻ بہ وڏي ڳالهہ هئي ليڪن چا ڪن، ”نياز“ جي تڪ، جو لاچار ڪري رکندي هين.

درحقيقت ”نياز“ ايڏو باڪمال شاعر هو، ۽ ڪيس زبان ۽ خيال تي

---

(١) گـــوهـــر شـــاهـــوار چا آهـــن،
دانـہ اشـڪ سـانَ ڪـربـانَ ڪـيـئـنءَ مـٺ. ـــ گـدا

(٢) هـــر قـــطـــره اشـــڪ، آه ســـنـــدم لـــولائـــي لالا،
آءٌ پـنـهـنـجـون اکـيـون غـيـرت نـيـسـان نـہ چوان چو. ـــ گـدا

(٣) مـــنـــهـــنـــجي اکـڙن مـــان ســـدائـــين يم وهـــيـــو. ـــ گـدا

(۴) ســـنـــدم نـــيـــڻـــن جون لـــهـــرون نـــت وهـــن جان.
لـــڙهـــان ٿـــو جهـــنـــهـــن جي آءٌ آبِ روان ۾! ـــ گـــدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قادر ايتري قدرت ڏني هئي، جو ڪافيءَ ۽ سنڌي ڪلام جي ٻين نمونن ۾ تہ خير، پر خود غزل ۽ نظم جهڙي ڌاريءَ سرزمين ۾ جڏهن ايندو هو، تہ اتي بہ زبان، ديسي استعارن ۽ مقامي تشبيهن جا باغ ۽ بستان پکيڙي هڪ عجيب لئي ۽ لقاءُ لائي ڇڏيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن هوڏ تي ايندو هو، تہ غزل ۽ نظم ۾، قطعي ۽ رباعيءَ ۾ نہ فقط فارسيءَ جا اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڏٺل اکر آڻي گڏ ڪندو هو، بلڪ عربيءَ جا غير معروف الفاظ ملائي، شعر کي بلڪل 'بهار دانش' بڻائي ڇڏيندو هو. الغرض هر نموني تي کيس قدرت هئي ۽ هر طرح ۽ طريقي تي هو قادر ۽ ڪامل هو.

"نياز" مرحوم جي آواز ۾ خاص قسم جي سنهي، ليڪن نهايت نرم ۽ نازڪ تنوار هوندي هئي. پڙهندو تہ معلوم ٿيندو ڄڻ سندس گلي ۾ تار آهي، جنهن کي لفظ ڇُهندا ۽ ان تي وڄت ڪندا پوءِ ٻاهر نڪرن. شعر تحت اللفظ پڙهندو هو. شعر کي ميراثين وانگر ڳائي پڙهڻ جو رواج ان وقت تائين شروع ڪو نہ ٿيو هو. اهو طريقو گهڻو پوءِ سڀ کان پهريون هڪ طرف حفيظ جالنڌريءَ ڪيو، جڏهن کيس "شاهنامه اسلام" وڪڻڻ جي ضرورت پيش آئي، ۽ هن شهر شهر ڦري، دردر اسٽيج تي چڙهي، ڳائي وڄائي، ان کي خوب وڪيو، ۽ ٻئي طرف جگر مراد آباديءَ پنهنجي مخصوص لئي ۾ غزل پڙهي، ماڻهن جو توجهہ فن جي خوبين ۽ خرابين کان هٽائي، سر ۽ تال طرف ڪري ڇڏيو. انهن ٻنهي شاعرن جي بدعت بعد هر ڪو نوجوان ڳائي پڙهڻ ۾ ست پشتي ميراثين کي شهہ ڏئي ويو. تحت اللفظ سان گڏ لئي انهيءَ کان پوءِ مشاعرن جي روايت بڻجي پئي. لاڙڪاڻي ۾ شعر تحت اللفظ پڙهيو ويندو هو، يعني ٻنان سر جي، سنجيدگيءَ ۽ متانت سان، شريفانہ طور ۽ طريقي تي. "نياز" جي تحت اللفظ پڙهڻ ۾ بہ هڪ سوز ۽ ساز هو، سر ۽ ميناج هو. هڪ هڪ اکر چٽي چٽي بيان ڪندو هو. جتي لفظ تي زور ڏيڻو هوندو، اتي زور ڏيندو، ۽ جتي هلڪي انداز ۾ ڇوڙو پوندو هو، اتي نهايت نرميءَ سان اکر اکر ۾ ساهہ وجهي، اهڙي ريت سڄو غزل پڙهي ويندو هو. جو سامعين جي اکين اڳيان شعر جي مطلب ۽ معنيٰ جو نقشو چٽجي ويندو هو. سامعين خواهہ خود شاعر سڄو وقت ساڪت وينا هوندا هئا، گويا سندن روح سڄي بدن مان نپوڙجي اچي ڪنن ۽ اکين ۾ پيو آهي. اکيون "نياز" ۾ کتل ۽ ڪن ٻيتن تي. جڏهن غزل ختم ٿيندو، تڏهن سڀئي ڪرسين ۽ موڙن تي هلڪا ٿي، پاڻ ڇڏي ڏيندا هئا. اها ڇڪ (Tension) جيڪا غزل ٻڌڻ مهل طاري ٿيندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي، سا لهي پوندي هئي.

* * *

"نياز" ڪان پوءِ، ڪاغذن جو هڪ چڱو دستو ڪٽي، اٿندو حضرت "خادم" لاڙڪاڻوي - رنگ جو ٿورو سانورو، سنهاري صاف، مڇن جا ٻئي سرا ڪپيل، چپن تي هلڪي مُرڪَ، جنهن مان سندس طبيعت جي شگفتگي پئي بکندي. اها ئي ترڪي ٽوپي، هيٺ تي سٿڻ، ۽ قميص مٿان شارٽ ڪوٽ. انگريزي لٽا ڪڏهن ڪونہ پاتائين. لڪڻ هميشه هٿ ۾، "خادم" کي لڪڻ ڪانسواءِ ڪنهن ڪونہ گهمندو ڏٺو. قدم ۾ هڪ پختگي ۽ چمت، آهستي آهستي نهايت سنجيدگيءَ سان پيو لڪڻ جي لوڏ هلندو. طبيعت جو نهايت سادو ۽ نيڪ، دوستيءَ لاءِ آتو ۽ محبت ۾ ثابت قدم، نيبهہ ۾ نهايت پڪو ۽ پختو. هڪ دفعو دوستي ٿي تہ وري ان ۾ وڇور نہ پوندي. ٻيلا غرض ۽ مطلب تي دوستي رکندوئي ڪونہ هو، پوءِ قطع ڇو پوي، وڇور ڇاجي ڪري ٿئي ۽ راه رسم ڇو ڇجي؟ شهر جي ماڻهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ، مشڪل کو سندس ثاني سنڌ ۾ ليندو. عروض جي علم تي سنڌي زبان ۾ ٻهريون ڪتاب پاڻ لکيائين، ڏاڍو سهنجو ۽ سليس. غزل نهايت سنجيدو، پختو ۽ استادانہ هوندو هيس. ڪنهن کي مجال، جو سندس ڪلام تي حرف هڻي سگهي. عشق ۽ حسن جا معاملا بہ آڻيندو هو، ليڪن زياده تر اخلاقي اقدارن ۽ اصلاحي نڪتن تي نظر هوندي هيس. سندس شعر تي سندس پنهنجي استاد، ڊاڪٽر صديقي مرحوم، جو رنگ زياده غالب هو.

"خادم" پهريون پڙهندو ٻاهران آيل غزل، جيڪي ٽپال جي ذريعي وٽس ايندا هئا. ان بعد پنهنجو غزل، نظم، مخمس يا مسدس ، بهرحال جيڪي چيل هوندس سو پڙهي ٻڌائيندو ـ تحت اللفظ ليڪن نهايت مٺي لهجي ۾ ، جڻ ماڻهو لولي ٿو ٻڌي. پنهنجي شعر ۾ هو ڌارين لفظن جي تلفظ، لهجي ۽ وزن کي سنڌن اصلي صورت ۾ قائم رکندو هو. ٻين شاعرن وانگر نہ انهن جي صورت بگاڙيندو هو، ۽ نہ انهن جي آوازن کي درهم برهم ڪري شعر ۾ سڪتو يا تعقيد پيدا ڪندو هو - سنڌيءَ جي چند لفظن کان جيڪڏهن درگذر ڪبو تہ ائين معلوم ٿيندو جڻ ڪنهن ايراني استاد فارسي لفظ شعر ۾ وهاريا آهن.

استاد "خادم" کان پوءِ، سڀن جو توجهہ ٿيندو صدر صاحب ڏانهن ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”سبحان الله! حضرت هاڻي ارشاد ٿئي! بسم الله! ارشاد! ارشاد !“ مرحوم علي محمد قادريءَ جو نه ڇڙو تخلص ”فقير“ هو، بلڪ سيرت ۽ صورت جو به پاڻ فقير هو. نماڻو، نهٺو، نيڪ، سباجهو، مٺو ۽ مهربان. ڪنهن جي تيريءَ ميريءَ مان نه ڄاڻندڙ، بزرگن جهڙا روش ۽ رَوَش، اتيءَ وينيءَ ۾ ڏاڍي وضع داري، ائين پيو معلوم ٿيندو، ڄڻ سيني جو سرپرست ۽ سڄي محفل جو مربي آهي - سڀ ئي ڄڻ سندس اولاد برابر پيا سونهن. بياض پاسي ۾ هوندو هيس، عينڪ پائي انهيءَ جا ورق اٿلائيندو، غزل وارو صفحو جڏهن سامهون ايندس، تڏهن ڪنگهڪر ڪندو، نهي نڪي ويهندو، شاعرن مٿان نگاهه ڦيرائيندو، سامعين تائين پهچائيندو. بي ڪنگهڪر ڪري پوءِ چوندو، ”جناب اعلي! عرض تو ڪريان!“ سڄو مشاعرو يڪ آواز ٿي چوندو، ”ارشاد! حضرت، ارشاد!“ اهي سيئي آداب ۽ اڪر حقيقت ۾ ڏاريا هئا، ليڪن لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ شروع ڪان وٺي رائج هئا. تنهن ڪري ڪنهن کي اوکا ڪو نه لڳا ٿي. سيئي انهن تي ڄڻ هريل هئا. ميان صاحب مرحوم جو سڄو غزل نهايت ادب ۽ خاموشيءَ سان ٻڌ ويندو هو. هڪ اڌ بيت توحيد ۽ نعت ۾، چند سٽان پنجتن پاڪ جي تعريف ۾، ڪجهه نڪتا اخلاق جا ۽ ڪي سبق تصوف جا. ڪڏهن ڪڏهن عشق جي چاٽ به اچي ويندي هئي، ليڪن اها حقيقي! مجاز جو مزو غالباً خود ميان صاحب ئي ڪو نه ماڻيو هو. تنهن ڪري انهيءَ جو اسرار بيان ڪرڻ سندس وضعداريءَ جي بلنديءَ کان گهڻو پست هو.

لاڙڪاڻي جا ماڻهو گهڻو ڪري سج لٿي جي نماز پڙهي، رات جي ماني کائي ڇڏيندا هئا. چانور، انبن جي موسم هوندي ته انب، ورنه ڪا ڀاڄي، ۽ مٿان ٿڌي کير جو وڏو وٽو، جي مانيءَ مٿان نه پيئندا ته گهمي ڦري سمهڻ کان اڳ بي ڇڏيندا هئا. مانيءَ کاڌي بعد، تقريبا 8 بجي ڌاري مشاعرو شروع ٿيندو هو، هڪ ڏيڍ بجي رات جو وڃي مس ختم ٿيندو - هر ماهه پوئين آچر جي رات جو - جي ڏڪڻ گهلي پوندو ۽ مشاعرو رنگ لائي بيهندو، ته رات جا به ادائي به وڃي ويندا هئا. صبح جو اونو ته هر ڪنهن جو لٽل هوندو هو. آچر ڏينهن نه آفيس، نه ڊيوٽي، ڪم نه ڪار، نه ڪورٽ نه ڪاردار. هر ڪو پاڻ کي پيو واندو مل پائيندو.

* * *

مشاعرو منتشر ٿيو. ته هر ڪو اٿي گهرن ڏانهن پيرين پنڌ راهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندو. گرمي هوندي تہ هر ڪنهن جي هٿ ۾ پکو- ڳالهائيندا بہ ويندا ۽ پاڻ کي جهلو بہ هٽندا ويندا. جي هير هوندي تہ"هاءِ! هاءِ!" ڪندا، هيانءَ ٺاريندا، کلندا خوش ٿيندا، شاعرن ۽ شعرن تي راءِ زني ڪندا، وجي گهرين پيڙا ٿيندا. ٻٽ صاحب، حنيف ۽ مان گڏ موٽندا هئاسين. ٻٽ کي گيان باغ ۾ ڇڏي، پوءِ سُک پل موٽبو هو،

گيان باغ انهيءَ زماني ۾ ديوان گيانچند اجا نئون نئون ٺهرايو هو. ڇپر جا وڏا وڏا لان، پاسي سان گلن جون ناليون، ڇهپچا ۽ ٻارا، ڪشادا چمن ۽ موڪرا سنتر، گول چڪرن ۽ چؤٻارن تي سوين بينچان رکيل. پاڻ بمبئيءَ ۾ رهندو هو، تنهن ڪري پوني مان هر قسم جا گل آڻي ڪديا هئائين -- بخمل، گينڊو، زنبق، زعفران، دائودي، سورج مکي، رابيل، ٽانگر، رات جي راڻي، بادشاهہ پسند، تڪمو، ميخڪ(Carnation)، رتن جوت، شبو، هار سنگار، گلاب جا تہ ڪيئي قسم ــ اڇو، خوني، سدا گلاب، شير چاهي، ڦڪو، مرانجهو، - ڪي ٻوٽا تہ ڪي وليون. مطلب تہ در ڪان جو اندر گهڙبو، تہ چوڌاري چانداڻ نظر ايندي، روح کي تراوت ۽ اکين ۾ اوجر اچي ويندو هو. خدا نہ پلائي! پايان، ڏيڍ سئو کن ايڪڙ ۾ باغ هو، چئني ڪنڊن تي عمارتون اڏيل، دروازي کان لنگهندي، سجي هٿ تي ديوان جي پنهنجي رهڻ جي جاءِ هئي. خيال هيس تہ بمبئي ڇڏي عمر جا پويان پساهہ اچي اتي پورا ڪندو. نهايت معمولي منشيءَ مان ترقي ڪري وجي ڪروڙ پتي بڻيو. ريلوي اسٽيشن تي مال گدام جو منشي هو، جتان اٿي وجي بمبئيءَ جي G. E ڪمپنيءَ جو مالڪ ٿيو. اورچ، ايماندار ۽ نهايت محنتي هو. بندرو مڙس، نڪ ٿلهو، ٻت پريل، چپ موٽا. جڏهن مان ڏٺو، تڏهن پنجونجاهہ کي پهچي چڪو هو -- اڇا گهٽا، ڪارا ڳاٽوان. سندس باغ جڏهن نهي راس ٿيو، تڏهن لاڙڪاڻي ۾ رنگ لڳي ويو. هر ڪو شام جو اتي، چاندوڪين ۾ تہ لاڙوين سومهياڻيءَ کان پوءِ پئي موٽ ٿيندي هئي.

* * *

گهاڙ جو بہ تن ڏينهين اوج هو. ٻنهي ڪنارن تي وٽڪار. شهر ۾ ٻُٽَ هوندي تہ بہ گهاڙ پڪ تي پئي هير هلندي وهڪري ۾ سهنجو ۽ سانتيڪو، ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ ۽ متانت سان اوير کان پيو ايندو ۽ اولهہ ڏانهن پيو ويندو. صبح سانجهيءَ، اڌ رات منجهہ رات، هر اوپاريون هر لهواريون، ٻيڙين ۽ ٻوندين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اچ وڃ هوندي -- ننڍن ٻتيلن کان وٺي اٺ خرارين ٻيڙين تائين. سکر کان مال هلندو، قنبر کان ٻه هيٺ پيو پهچندو. ڪارڪن جي موسم هوندي ته انهن جو وڻج واپار هلندو، انبن جي موسم ۾ انب، گدرن ۽ هنداڻن جي موسم هوندي ته اُهي. ورنه اَنَ ۽ ٻئي مال جي آمدرفت ته هميشه رهندي هئي. اڄ لاريون ڊوڙن ٿيون، انهيءَ زماني ۾ گهاڙ اها چاڪري ڏيندو هو. پوڪان ٻه ٻنهي ڪنارن سان پڇائيندو هو.

هاءِ! هاءِ! جوارن جون پوڪان ۽ انهن جا نار، هر ۽ هُرلا، جنسي بهشت هوندو هو. قدم قدم تي آيت: ڪي جُنگ ته ڪي نار، ڏاند پيا وهندا، ٻاڏيءَ تي ويني ڪڏهن گهر ڏياٽيون ڪڏهن ڪڙمي ۽ ڪڏهن انهن جي اولاد پٺي ڏاندن کي هڪليندي. ايتن جو آواز جڏهن ٻنهي پرن کان اَسر مهل اتي ڪڙو ٿيندو هو، ان وقت ائين پيو ڀانئبو ڄڻ دنيا جهان جا ساز ۽ سرندا اچي ڪنا ٿيا آهن! ايتن جي مٺان مَنهن ايڏا تڏا، جو ويني اک لڳي وڃي. جواريون پچنديون ته پيها پئجي ويندا، ڪانياٽيون هٿن ۾، چوڏاري پيا گليلا اچلبا ۽ جهار پٺي هڪلبي. زياده تر ڪاهه چتونءَ، ڪبر، ڪانءَ ۽ ڳيري تي هوندي هئي(١). اهي ئي پکي پوک جا دشمن هئا. وڏي آواز سان هر ڪنهن پيهي تان پيو ٻڌبو -- هور ڙي! ڳيرا، هور !هور ڙي! ڳيرا، هورا! - اچئي تو ڪاري ڪبر! اچئي تو! -- ٺا! - ڪبر کي ته ڪونه لڳندو، ليڪن گليلو سوسات ڪندو مٿان ضرور لنگهي ويندو. ڪبر اڏامي ويندي، وري اچي ڪانءُ وهندو. اهو تڙبو، ته چتونءَ جو وارو ايندو. جهار جو زور هڪ صبح

(١) هيٺيان شعر ڪنهن پاهراريءَ جي شاعر انهيءَ جهار، ان جي هڪل ۽ سنگن جي داٺي تي چيا آهن:

ڪيئنءَ ساماٺين ڪُنڊَ ۾، ٻَهَڳُنَ تون ٻُوڙا،
ڪَڻ ته جَهليئي ڪانه ڪا، مُرڳي جهانءِ ٻَڌئي جُهوڙا.

جواب

ڪَڻ ته مون ۾ ڪيتري، ڏني هٿي ڏاتار،
پيهي ڪان پري ڪَيُئي، مون ياد نه ڪيڙئي يار،
ٻه پُهرن جو ٻوڙيءَ جا، مون جُهنڊن جا چُپڪار،
وچينءَ ويلِ وريو وڃَن، مون تي هيڙهن جا ٻه هزار،
ڪانوَ، ڪبريون ڪوليون، چُهتي ويون چوڌار،
مون تي نهه مِيار،
منهنجي ڪونڌي ڪَڻ ڪٿي ويا!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ٿيندو هو پيو شام جو. پکي صبح جو بکيا ايندا هئا ۽ شام جو گهرندا هئا ته واهيري تي وڃڻ کان اڳي پيٽ پريو وڃن.

غرض اهڙيءَ طرح لکين لقاوَ ۽ سوين مزا هوندا هئا. گهاڙ جي ٻنهي پرن سان ايڏي وسنوَ هوندي هئي، جو پاڻيءَ هو ته شَهَرَ آباد آهن. جوارن جي چٽ کان وٺي ويندي لاباري لٽي تائين ڪڙميءَ جو سڄو ارڪو ترڪو اچي ايت تي ڪٽو ٿيندو هو. سانوڻ ۾ ڪم شروع ٿيندو، سَر ۾ نيسارو ٿيندو ته پوک ۾ ڏاتو پوندو. اهو سڄو وقت اتي ويني، رهٽي کٽي، ڪاڏو پيتو اَيت تي ٿيندو. زال ٽئي وقت ماني اتي پهچائيندي. گاهه پٺو، ڪتر ڪڙي، ڏاند ڍڳو سڀ اتي. البت جمعي رات جو ڪڙمي گهر وڃي ٽڪندو هو. آخر شرا شريعت جا به ته ڪي حق مٿس هئا! جوئر جو ڪانون پڪو ٿيندو هو، ان وقت سڄي پوک ۾ ڄڻ چنگ پيا وڄندا. هلڪي هواءِ هجي خواهه هير، ڪانا هڪبئي سان ٺهڪي اهڙا آواز ڪڍندا هئا سريلا ۽ مٺا، جو ڄڻ چوڌاري پيا چنگ وڄن، گويا موسيقيءَ جا ميخانا متا پيا آهن.

***

شڪارپور جو سنڌ واهه ۽ لاڙڪاڻي جو گهاڙ ڪئنال، ٻنهي جي اوج جي کهڙي ڳالهه ڪجي! جن اُهي عروج اکين سان ڏٺا هوندا، اڄ به ڳالهيون ياد پوندين، ته ڄڻ گهاوَ اچي ويندن. اها بهاري اکرن منجهه ڪا اٿي سگهبي؟

گرمين ۾ سنڌ واهه تي ميلا لڳي ويندا هئا. هر ڪو پيو ترندو، هندو هجي خواهه مسلمان، مذهب ۽ ملت شهر ۾، جڏهن سنڌ واه تي ايندا، ته هندو خواهه مسلمان سيئي پاڻر هوندا. سيئي گڏ ڪيڏندا. گهُتان هڻي، پاڻيءَ منجهه پيهي، يک ساهيءَ فرلانگن پٺيان فرلانگ وڃي ڪڍندا. شرطان رکبيون هيون، هوڏان ٿينديون هيون. انبن جي موسم ٿيندي، ته ٽوڪرا اچي ڪنڌيءَ تي لهندا. پاڻيءَ ۾ ويٺي ويٺي، کائيندا به پيا ۽ هڪبئي کي ڪوڪڙن سان نشانا به پيا ڪندا. کِل چرچو، مسخري، مطلب ته پوڳ نڪاءَ جا هوڪرا، سڄو ڏينهن هوندا هئا. هر ڪو رِيان ڪيان. خدا ڄاڻي ٿو! ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته غم به ڪو ٿيندو آهي، من تي به ڪا مونجهه ايندي آهي. ڪنارن جي وڏن وڻن جي ڇانوهرن ۾ چٽڪار ٿي ويندا هئا. گلم غاليچا وڇائجي ويندا هئا، ڪٽان، ڪٽن مٿان ڪيس ۽ وهاڻا. دعوتون ٿينديون، دوست احباب اچي ڪنا ٿيندا. ڀيريون راڳ ٿيندو پوءِ ڪاچ ڪانبا- سون قسمن جا ته شڪارپور جا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿهيل آچار ۽ ڪٽائيون هونديون هيون. انبن جو آچار، متيرن جي ڪٽ، ڏيلهن جي ڪٽاڻ، ڦارُون جو ساندائو، بصر جو آچار، ليمون لوڻ ۾ پيل، ليمون سرڪي ۾ رسيل، گل گوبيءَ جا ٽُڪر سرڪي ۾ وڌل، گوگڙون ۽ گجران ٻين سان بہ گڏ ۽ جدا بہ انهن جي ڪٽاڻ هوندي هئي. ڪي آچار مٺا، ڪي وچ ٽرا، ۽ ڪي صفا ترش. ڪي مسالي سان، ڪن ۾ مسالو گهٽ ۽ ڪن ۾ اصل ڪونہ. چٽڻيون انهن کان علاوه، انبڙيءَ جي چٽڻي جنهن ۾ سائي ڦودني جي لغار هوندي، سا زياده پسند ڪئي ويندي هئي. ساون مرچن کي ڦودني ۽ ڏاڻن جي ٻن سان گهوٽي جدا چٽڻي ڪبو هو. بصرن جي سنهيءَ ڪاتر تي ساون مرچن جي ريڪا ڏئي مٿان ليمي جو رس وجهندا هئا، اهو بہ چٽڻيءَ جو هڪ اور قسم هو. ڪاڄ بہ سون قسمن جا اچي گڏ ڪندا هئا. ترڪاري جدا تہ پاڇيون جدا. ڪيئي قسم پونن جا، ڪيئي نمونا پاڇين جا، ڪي تريل ڪي پڪل تہ ڪي رڌل، پلاءُ بہ ضرور تہ زردو بہ پڪ سان هوندو هو. موسمي پاڇين کانسواءِ بي منڊائتين پاڇين جون ڪچريون ڪندا هئا. متيرن جون ڪچريون، ڪريلن جون ڪچريون، پيندين جون ڪچريون، گجرن جون ڪچريون. مطلب تہ ڦردار پاڇيءَ جون سڪل ڪچريون ۽ ٻن واريءَ پاڇيءَ جا ٻن سڪل، سال جي هر مهيني ۽ موسم ۾ موجود رهندا هئا.

مانيءَ مان هٿ ڪڍي، ڪي ويهي چوپڙ ڪندا تہ ڪي تاس. جيڪي وڏيءَ جمار جا هوندا سي حقو پاڻي بہ پيا ڪندا ۽ ڪٽن تي چيلهہ سڌي ڪيون هلڪا هلڪا کونگهرا بہ پيا هڻندا. پڪي جي هواءِ جي سڄو ڏينهن حاجت ڪانہ ٿيندي هئي.

چار وڄندا، لڪيدر تان طرحين طرحين ٻاٽليون اچي ويندون. پڪوڙا، سگر، پاپڙ، نختي، جليبيون، پستن جي مشهور مٺائي - ڪا رنگ جي سائي، ڪا ڳاڙهي، ڪا گلابي. رنگ برنگي مال اکين اڳيان ڏسي، هر ڪنهن جو هاضمو درست ٿي ويندو. ڦارُون جي موسم هوندي تہ انهنجو شربت، ورنہ خسخس ۽ بادام جي ٿاڌل جدا، بادامن ۽ ست مغزيءَ سان گهوٽيل سکو الڳ. نيرڙيءَ ٽپهريءَ جو هرڪو اتان پيو اٿندو.

* * *

انهيءَ ئي زماني ۾ (1931) سکر براج مڪمل ٿي، ۽ واهہ اُڙها. لاڙڪاڻي مان گهاڙ ٻنُ ٻڌجي ويو ۽ شڪارپور مان سنڌ سڪو. ٻَرنِ ۽ پڪُنِ تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪي سون سالن جا وڏا وڻ وٽڪار لايون بيٺا هئا. سي ڪجهہ سڪي ۽ سڙي ويا، ڪن کي سرڪار نيلام ڪري ڇڏيو. انهن ئي وڻن جون ڇانوان بي مثل ۽ انهن جي پاڇن جون تنوارون تن کي تازگي ڏئي ڇڏينديون هيون. انهن هينيان ساز ۽ سرود وڄندا هئا، الوميان ٿينديون هئي، دائِرنَ ۽ مڪانن ۾ دونهيون پيون دُکنديون هنيون، پاڻيءَ جا مٽ جن تي سينور جي ساوڪ. تڏا ۽ تنؤريون آئي وئي لاءِ موجود. ڪننا ڳچين ۾ وجهيون، وار ڇوڙيون، اکيون ڳاڙهيون ڪيون، گيڙوءَ رتن جامن ۾، نقير ۽ فقرا، ملنگ ۽ قلندر، هوت هينئين لايون وينا رهندا هئا. نماڻيءَ ٻوٽيءَ کي ڏندو ڪوندو هيون، آبي ڇُڪا پاڻ بہ پيئندا هئا ۽ آئي وئي جي بہ پيا چاڪري ڏيندا هئا. پيالن پيڻ وقت وڏي واڪ پيا ٻول ڪيندا ـ ”ٻيءَ! مولائي ٻيءَ! جيڪو پئي، سو جئي، ٻين جو جيئڻ ڪيتن تي!“ ”مست قلندر“ جا صبح سانجهيءَ دنبها هيون پيا چوندا”قلندر ماست! ـ ـ هُوَ! ـ قلندر ماست! ـ ـ يا الي مدد! ـ مولا آلي مشڪل ڪشا مدد!“

انهن ئي دائرن ۾ سچل جي ڪلام ۽ شاهہ جي ڏوهيڙن ڏاج ڏيوڻ لڌا. انهن ئي مڪانن منجهان ڪفني پوش قلندرن ٻاهر نڪري، هٿ ۾ يڪتارا کڻي، پيرن ۾ ڇيريون وجهي ۽ گنگهرون ٻڌي، جهنگ جهر، شهر ۽ بحر ۾ اسان جي شاعرن کي مشهور ڪيو. تڏهن نہ اجا گريخشائي هو، نہ قليچ بيگ هو، نہ ڪتاب ڇپيا هئا، نہ ڇپائيءَ مان ڪو واقف هو. اجا ادبي بورڊ جو بہ ڪنهن کي خواب خيال ڪو نہ هو. مطلب تہ گهاڙ سڪايوسي، سنڌ واهہ کي ويران ڪيوسي، واهن منجهہ وهنجڻ ۽ ترڻ ڇڏي ڏنوسي، وڻن ۽ انهن جي ڇانون کي قربان ڪيوسي، اهو سڀ ڪجهہ وڃائي بيراج حاصل ڪئيسي، ان لاءِ تہ آبادي وڌي، ملڪ سائو ستابو ٿئي، پاڻي عام جام ٿين، اَنُ ايترو ٿئي، جو نہ ڇڙو اسان ربان ڪيان هجون، پر پاڙي پلاند وارن جي بہ بک پڃي، پل اسان جي خوش قسمتيءَ منجهان اهي بہ فائدو وني، پنهنجو ڏک ۽ ڏڪار لاهن. ليڪن هاءِ بخت جي بازي! اهو ئي ڏڪر، اها ئي بک. اجا اڳ ٿوري هئي، هاڻي ويرئون وڌ پئي ٿيندي وڃي. اڳي زمينان چانديءَ وانگر پيون چمڪنديون هيون، هاڻي سيني ۾ اهڙو اڇي سيڪُ ۽ سمر نڪتو آهي، جو چند سالن کان پوءِ براجون تہ اسان وٽ هونديون، واهہ بہ پيا وهندا، ۽ پاڻي بہ

استاد هو. مشاعري ۾ پڙهڻ کان اڳ ڪيس اصلاح لاءِ موڪليندو هيس. ڪٿ ست کان پوءِ غزل تہ يقيناً وزن ۾ اچي ويندو هو ۽ غلطين کان بہ پاڪ صاف ٿي پوندو هو. ليڪن اصلاح ايتري ٿيندي هئي، جو مان واري تصنيف حضرت "خادم" جي تاليف بڻجي پوندي هئي. انهيءَ هوندي بہ مان ان کي پنهنجو سمجهي پڙهي ويندو هيس. جڏهن پڙهڻ جو وقت ويجهو ايندو هو، ان وقت منهنجي چپن تي خشڪيءَ جو ڪلر چڙهندو هو. زبان سڪڻ شروع ڪندي هئي ۽ تارون ڪنڊا ڪنڊا پيو ٿيندو هو. بدن ۾ سياٽو ۽ هٿ پير ٺري پوندا هئا. سڏ ٿيندو ـ جناب فدائي صاحب! ارشاد ٿئي؟" جناب فدائي صاحب ارشاد ڇا ڪري! دل جي ڌڙڪي کي جهلي، هٿن جي ڏڪٽيءَ کي روڪي يا ساهہ جي سهڪي تي قبضو ڪري، تارونءَ ۾ زبان کي آلو ڪري يا غزل پڙهي! نيٺ سر تي آئي کان پوءِ، وڏي جدوجهد بعد، دهشت جي انهن سيني علامتن تي قبضو ڪري، پڙهڻ شروع ڪندس. ليڪن جنهن هٿ ۾ غزل جو ڪاغذ هوندو هو، ان جو پچاڙيءَ تائين قبضي ۾ اچڻ خير هو. استاد ۽ استاد جا ساٿي وڏي واڪ واه واه پيا ڪندا. ڪجهہ حنيف ۽ بٺ صاحب جي بہ پلائي ٿيندي هئي، باقي دوستيءَ جو ننگ مرحوم غلام سرور پاڙيندو هو، پيو سڄو مشاعرو غير جانبدار ـ نہ آه! نہ واه! بهرحال مقطعو پڙهي، جڏهن وهندو هيس، دل جو ڌڙڪو ان کان پوءِ بہ ڪيتري وقت تائين قائم رهندو هو. ڪجهہ وقت تہ اهڙيءَ ريت هلندو رهيس، خاڪو مان تيار ڪندو هيس، ان کي غزل جو روپ استاد ونرائيندو هو. ليڪن هلي هلي، آخر پاڻ ۾ بي اعتمادي پيد ٿي پَئي. سمجهيم تہ دراصل مون ۾ نہ شعر گوئيءَ جو سليقو آهي ۽ نہ طبيعت ئي موزون يا مناسب آهي، جنهن بعد مرگوئي انهيءَ شغل کان دستبردار ٿي وينس. ڪن ڏينهن پڄاڻان محسوس ٿيو تہ واقعي مان ڪنهن آزار ۾ ڦاٿل هيس، جنهن مان ڪٽي خدا جند ڇڏائي. پايان ڪو ڏنو آڏو اچي ويو.

* * *

اهي ڏينهن ويا؛ اهي زمانا گذريا؛ سنگتي ساٿي ڪي وچڙي ويا، تہ ڪي اهڙيءَ ريت هيڏي هوڏي ٿي ويا، جو وري ڪڏهن هڪ ٿي نہ سگهياسي. حنيف بہ سُڪَ پل واري جاءِ ڇڏي وڃي اسٽيشن وارو بنگلو وسايو، جتي قاضي صاحب امتحان پاس ڪري ساٹس اچي پتو. هائي

پُرسڪون ادبي ڪچهريون ويون، سياسي هُل هنگاما شروع ٿيا. جن موزن تي پڙهيل ڪڙهيل ويهندا هئا، انهن تي جاهل ۽ مجهول وڏيرا اچي ويا. جي اڳ ڪتابن جي اوراقن جي اٿل پٿل ٿيندي هئي، اتي ووٽرن جي لسٽن جو گردان ٿيڻ لڳو. لاڙڪاڻي مان اسان بہ ڪٿي ٽيڙ پڌا. مشاعري جي ارڪانن بہ هڪ هڪ تي موڪلائڻ شروع ڪيو. پهريون غالباً مرحوم علي محمد قادري انهيءَ وَکر مان وچڙيو. پوءِ آيو وارو ميان غلام سرور جو، نہ وهم نہ گمان، اجا جوانيءَ بہ موت ڪانہ ڪاڏي هيس، زندگيءَ جو سچ اجا منجهند تي مس پهتو هو، سڀني دوستن جي دلين کي داغ ڏئي ائين هليو ويو جڻ اسان جي وچ ۾ هيو ئي ڪونہ. جڏهن وڏيءَ سرڪار جو سڏ آيس تڏهن ڪنڌ ورائي بہ ڪونہ ڏٺائين، اسان سڀ تڪيندا رهجي وياسي:

هنڌ اهي ئي ماڳ جت نہ رهيا جوءِ ۾.

سچ پچ تہ ادبي محفلن کي، دوستن جي دلين کي، بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ لاڙڪاڻي جي سڄي شهر کي صفا برباد ۽ ويران ڪري ويو. ان ڪان پوءِ ڏنوسي، ڪيترن ئي ڪوششون ڪيون، ليڪن اهو رنگ رچي ڪونہ سگهيو.

ماٺهو مڙئي سهٽا، پڪي مڙئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماٺهوءَ منج، اچي بوءِ بهار جي.

ميان پير بخش "واه واه" پهريون رٽائر ڪري لاڙڪاڻي مان ويو، پوءِ موت سان ملاقي ٿي روهڙيءَ منجهان رخصت ٿيو. غلام علي "مسرور" جي بہ ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ بدلي ٿي، جنهن ڪانپوءِ جيسين جيئرو هو تيسين منهن ورائي ڪونہ ڏٺائين. الغرض مثل مجلس اهڙيءَ ريت آهستي آهستي هڪ هڪ ٿي درهم برهم ٿيڻ لڳي. هڪبئي کان هر ڪو وڇڙي، اهڙيءَ طرح هليو، جو وري وصال وارو ورق وري نہ سگهيو. انهيءَ ساٿ منجهان بہ ساٿي بچندا ٿي آيا، دل کي دلجاءِ هئي تہ بہ يارنهن آهن، پوڙها ٿي چڪا آهن پر اجا آهن تہ سهي. انهن کي ڏسي کي ڏينهن تہ ياد پون ٿا، ڪن زمانن جي يادگيري تہ اچي ٿي، پاڻ ڪنهن مني ماضيءَ جا تہ نشان آهن، جڏهن کين ڏسجي ٿو تہ روح کي سرور پهچي ٿو، دل کي جڻ آٿت اچي ٿو. شل سدائين سلامت هجن! ليڪن ڇا ڪجي، انهن مان بہ هڪ موڪلايو! "نياز" زندگيءَ جو بوجهو لاهي ڇڏيو، هلڪو ٿي وڃي حورن جي هنج ۾ پيو. باقي رهيو محمود "خادم"، جنهن کي بہ سَون بيمارين اچي سوڙهو ڪيو آهي، وار بہ ڪارن مان قري اڇا ٿي ويا اٿس، اهڙا جهڙا ڪپهہ، جهڙو کير، يا جهڙي برف، منهن سمورو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهُريون جهُريون، اکين مان اها چمڪ وئي، هاٺي ماندگي پٺي معلوم ٿئي، مُرڪَ جيڪا محفل کي موهي رکندي هئي، ان مان اهو ست ۽ ساءُ نڪري ويو، هاٺي کلي ٿو جڻ ٿڪي کل پيو کلي. نہ گرمي، نہ حرارت، نہ دلڪشي نہ ڪشش، ٿڪاوٽ، ماندائي ۽ مجبوري پٺي ان مان ظاهر ٿئي. هلي ٿو پر وک ۾ اها چمت ڪا نہ. قدم ۾ اهو عزم ۽ ارادو ڪونہ، ائين پيو معلوم ٿئي گويا مسافر هلي هلي ڪيرو ٿي پيو آهي، اج ڪي سيان اهو ڏينهن ايندو جڏهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٿڌي ڇانوهري هيٺان اهو مسافر بہ ماندو ٿي حياتيءَ جي هڙ لاهي آجهاپ ۾ اچي ويندو.

* * *

اجا ايستائين آيو هيس تہ ڪراچيءَ مان "مهراڻ" جا پرچا (29 اپريل 1960ع) اچي پهتا. ساڻده هڪ سال (1959ع) جا. جاتم تہ اباڻي پار جو پاڻدي اچي پهتو.

ڪو جو وريو واءُ، اج پڻ ملڪ ملير ڏنهن،
جڻ آيم اباڻاءُ، ماٺهون موٽائڻ جو!

جلدي جلدي جو ڪٽي ورق ورايان تہ جنسي ڪيس ۽ ڪلور ٿيا پيا آهن، مورڳو ئي ماتم لڳو پيو آهي: ڊاڪٽر دائودپوٽي جو داغ تہ دل تي انهيءَ وقت پهتو، جڏهن خود منهنجي پنهنجي حياتيءَ جو سفينو لهرن ۽ لوڏن (١) ۾ هو، تانگهي ۽ تار جو پتو ئي ڪونہ ٿي پيو، ڪڏهن واءُ سنهنجو تہ ڪڏهن اوکو ٿي لڳو، ڪڏهن سڙهہ چڙهيا ٿي ڪڏهن لٿا ٿي، يقين ڪونہ هو تہ سير جي سٽن کان نڪري ڪشتي ڪناري لڳندي.

هتي آيس (منيلا 19 ـ ڊسمبر 1958ع) تہ خبر پئي، آغا شمس الدين خان بہ ساٿ ڇڏيو.

ان کان پوءِ پيغام پهتو تہ 12 ـ نومبر 1959ع جو "نياز" بہ رحلت ڪئي ـ هاٺي وري 'مهراڻ' مان معلوم ٿيو تہ تون هِتي اِنهن ٽن جا روٺا ٿو روئين، هُتي سچو سائيهہ ئي سجُ ٿي ويو آهي!

(١) 17 سيپٽمبر 1958ع جو اڀائي بجي منجهند جو مون تي دل جو حملو ٿيو، ٽي مهينا بستري داخل هيس. 22 نومبر 1958ع تي ڊاڪٽر صاحب دل جي عارضي ۾ فوت ٿيو. مون کان خبر گهٹو لڪائي وئي، ليڪن ڪڙڪ پئجي وئي، پوءِ جيڪو حال ٿيو سو هڪ الله ٿو ڄاڻي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**(1)** مرحوم ماستر الهہ بچايو سمو 9. ڊسمبر 1958ع تي گذاري ويو آهي.

**(2)** خواجا سلطان علي، سنڌي زبان جو خاموش خدمتگار، 9. جنوريءَ 1959ع تي هن دار فانيءَ کي ڇڏي ڇڪو آهي.

**(3)** امام الدين "ضامن" 12. فيبروري 1959ع تي رحلت ڪري ويو.

**(4)** "عاجز" ساڪرائي، سانگيءَ مرحوم جو صحبتي، 25. جولاءِ 1959ع جو فوت ٿيو.

**(5)** سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي" 24. سيپٽمبر 1959ع تي هيءُ جهان ڇڏي ڇڪو.

**(6)** شيخ عبدالعزيز قنڌاري، سنڌيءَ جو اديب ۽ آزاد سنڌجي قديم تحريڪ جو رڪن رڪين، ڇنڇر رات سادي پارهين بجي 26. سيپٽمبر 1959ع تي رب ڏانهن راهي ٿيو.

**(7)** آغا تاج محمد 30. سيپٽمبر 1959ع سادي ٽين بجي ڏاري دوستن کي داغ ڏئي ويو.

**(8)** پيرو محمد "سائل" جو قافلو 19. آڪٽوبر 1959ع تي سومر ڏينهن اسر ويل هالن مان نڪتو.

**(9)** خليفي محمد عمر "اختر" هالائيءَ 12 آڪٽوبر 1959ع تي اربع ڏينهن سفر تي سانباهو ڪيو.

**(10)** منهنجي استاد مرحوم مغفور حاجي محمود "خادم" ڇنڇر ڏينهن 9 جنوريءَ 1960ع تي لاڙڪاڻي جي وٽن کي الوداع چيو (١) ـ مطلب ته:

آئـي ڪـانـگ ڏنـيـاس، ڪـتـابـت قـريـب جي؛
پَهـو ڪـتـيـنـدي پَٽ پَيـس، چوهـئـون تـنـد ڇُنـيـاس؛
پـيـجـئـون پـيـچ ٿـيـاس، روئـنـدي چولـي چڪ ڀر.

---

(١) مرحوم هيٺيون خط مونڏانهن لکيو جنهن وقت آءٌ بيمار ٿيس، غالباً اهو آخري خط آهي، جنهن بعد آءٌ منيلا هليو ويس ۽ سندس وفات ٿائين اتي هيس:

محلا لاهوري لاڙڪاڻو
2-10-1958

بجناب ڪريم النّفس احسن الاخلاقِ حضرت پير سيد حسام الدين شاهہ صاحب راشدي فخر وطن

السّلام عليڪم و رحمة الله:

اڄ معلوم ٿيو آهي تہ اوهان بزرگن جي طبع شريف ذرا ناساز آهي، انهيءَ ڪري سخت پريشاني آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪو خطرو ۽ خيال هو، سو صحيح نڪتو. ڪيچي آخر وڃي ڪيچ وٽين رسيو، سانگي نيٺ وڃي ساٿيهہ پهتو.

مٿيان سيئي بزرگ اسان جي اکين جو نور ۽ اسان جي دل جو سرور هئا؛ سنڌ جو سينگار انهن سان هو؛ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جا اهي نمائندا هئا؛ انهن جي وڃڻ سان سنڌي ادب جي عمارت جا گويا ڪيئي ستون اچي پٽ پيا ـ هاڻي دل ايترو دهلجي وئي آهي، جو ٻين لاءِ ٻئي هٿ ٻيا مٿي ڪجن ـ شال جيئندن جو خير! خدا انهن کي عمر دراز ڏئي، انهن کي لهر لوڏو ڪونہ اچي. شل انهن کي ڪوسو واءُ نہ لڳي:

سدا هئن سُکئا، ماروئڙا تہ ملير ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي!

---

دعا جو در تہ اوهان صاحبن جو آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن گنهگارن جي بہ الله ٻڌندو آهي، انهيءَ ڪري نهايت خشوع و خضوع سان خداوند ڪريم جي در تي دست بہ دعا آهيان تہ شل اوهان بزرگ جلد تندرست ۽ ڪامل صحت وارا ٿيو:

قنت بناز طبيبان نيازمند مباد،
وجود نازکت، آزرده گزند مباد،
سلامت همہ آفاق، در سلامت تست،
بهيچ عارضہ، شخصِ تو درمند مباد.

آمين! دعاگو و دعا جو محتاج،
خادم لاڙڪاڻوي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 2

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وجهيو منهن مٿن ۾، موکي اُڀي روءِ،
مٿارا مري ويا، اڱڻ اچي نہ ڪوءِ،
مٿارن ئون پوءِ، مٿا مٿ مٿي ٿيا.

- شاهہ

اُهو ئي زمانو هو، جڏهن مان ڳوٺ ڇڏي، "سنڌ زميندار" اخبار جو ايڊيٽر ٿي، سکر وچي رهيس، جتي مون کي سنڌي نثر لکڻ جو گهٽي ۾ گهٽو تجربو حاصل ٿيو ۽ جتي نظر علي خان جي صحبت ۽ سنگت منهنجي آئيندي زندگيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي هَٽي ثابت ٿي. گويا انهيءَ ئي ته - واٽي تان دورنگي دنيا جي تجربن ۽ ابتدائي لاهن ۽ چاڙهن جو پتو پيو، ڏکن خواهه سکن سان سابقو ٿيو، ورنه واهڻ واري زندگي ته اهڙي سنئين ۽ سڌي هئي، جو ان ۾ مدو جزر لاءِ نه گوشو هو نه گنجائش.

سنڌ ۾ مسلمانن جي غالباً سڀ کان پهرين قومي اخبار شيخ محمد سليمان واري "الحق" هئي، جيڪا ابتدا ۾ حيدرآباد مان انگريزيءَ ۾، ۽ پوءِ سکر مان سنڌيءَ ۾ نڪرندي هئي. انهيءَ اخبار کي پنهنجي جوانيءَ واري زماني ۾ وڏن وڏن ايڊيٽرن سان واسطو پيو. سر علي محمد دهلوي انهن مان هڪ هو. رئيس شمس الدين بلبل به ڪجهه وقت لاءِ اُن جي سنڌي ايڊيشن جو ايڊيٽر رهي چڪو هو. جڏهن مان سکر پهتس، ان وقت اها اخبار عملي طرح بند ٿي چڪي هئي، فقط چَنيءَ چماهيءَ جڏهن ڪو سرڪاري نوٽيس ايندو هو، ته ان کي ڇپڻ لاءِ معمولي پرچو ڪڍي ڇڏيندا هئا. البت پريس، سا اجا قائم هئي. ٻه - ٽي مشينون ۽ ڪيئي انبار ٽائيپ جا، ٻيو سازو سامان تنهن ڪانسواءِ. شيخ سليمان مرحوم جو ٻيو نمبر پٽ، مرحوم ميان عبدالحڪيم، ان جو مهتمم ۽ مالڪ هو - پنجاهه جي لڳ ڀڳ، نيڪ ۽ نهايت خاموش، نه ڪنهن جي هڪ ۾ نه ٻيءَ ۾، نه ڪنهن جي سڄيءَ ۾ نه ٻڇيءَ ۾، سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي گذاريندو هو، انهيءَ حد تائين گوشه نشين، جو شهر جي اٿي ويني به ڪانه ڪندو هو. مان ڪڏهن ڪڏهن پريس جي ڪم سان وٽس ويندو هوس. اسان جي ذاتي مرحوم جو شيخ صاحب جي والد سان برادرانه رستو هو، تنهن ڪري مون کي ڏاڍو قرب ڏيندو هو. جاءِ جي وڏن ورانڊن ۽ ڪشادن ڪمرن ۾ سانت هوندي هئي، در ۽ ديواريون ڄڻ ڪائڻ ٿي آيون، چپ چپات، ماٺ ميٺ، پراسرار، ڄڻ شام ويلي ڪنهن ويران ۽ اداس قبرستان مان گذر ٿي ٿيو - چاليهن ورهين جي مسلسل جدوجهد بعد

ائين پيو ڀانئبو هو، ڄڻ هر شيءِ ٿڪجي پئي آهي، هر شيءِ پوڙهي ٿي چڪي آهي، ماندي ۽ ملول، نراس ۽ نڍال. مشينن جا چڪا، انجڻن جون ڪلون، ٽائيپ جا اکر، ڪاٺ جا ڪيس، اسٽڪيون، ربڙ جا رولر، ڪمپازيٽرن جي ويهڻ جا اسٽول، ايڊيٽرن جون ميزون ۽ ڪرسيون، لکڻ جا قلم ۽ مس ڪپڙيون، ڪاغذن جون سليپون، مطلب ته سڀ ڪجهه موجود هو، ليڪن هر شيءِ تي ورهين کان وٺي رڃ چڙهي وئي هئي. ڪنهن لٽي پَلوَ سان انهن جي چندِ ڦوڪ به ڪانه ڪئي هئي. شيخ صاحب شيوِ ڪندو هو، مچان ٿلهيون هيس، جن کي قدري ڪينچيءَ سان ڪتري ڇڏيندو هو. وار گهٽا اڇا، ڪي ڪي ڪارا ڏسڻ ۾ ايندا هئس. چهري جي بناوت ڏاڍي وٽندڙ ۽ موچاري هيس(١).

"الحق" جي انهيءَ حالت ڪانپوءِ، سنڌ جي قومي ڪم ڪندڙ مسلمانن، جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ، ڪراچيءَ مان غالباً 1921ع ۾ روزاني "الوحيد" جاري ڪئي. خلافت تحريڪ جي ابتدا هئي، مسلمانن ۾ هڪ جوش ۽ جذبو هو. ترڪن سان لڙايون، علي برادران، تلڪ مهاراج ۽ مهاتما گانڌي، الغرض "الوحيد" ستت ئي ايڏي مقبول ٿي وئي، جو سنڌ اندر قومي سجاڳيءَ جي زبردست لهر اٿاري ڇڏيائين. سڄي نبيري نچيڙي سندس حصي ۾ اچي وئي. "الوحيد" جو لکيو سنڌ جي مسلمانن لاءِ ڄڻ الهام ٿي پيو. ڪنهن کي چون چرا جي مجال ڪانه، هر ڪو پيو ان جي لکٽيءَ ڏانهن تڪيندو هو"الوحيد" جي احاطي ۽ دائري کان ٻاهر جيڪا شيءِ هئي، سا بلڪل باطل ۽ غير مستند، يعني قطعي مجهول ۽ صفا نامعقول. انگريز ششدر ٿي ويا، ۽ سنڌ ۾ انگريز پرستن جون ٽالهيون ابتيون ٿي ويون، ديڳڙا اونڌا ٿي پيا ۽ ڏويون ٽنگجي ويون.

سکر واري "سنڌ زميندار"، جنهن جو مان وچي ايڊيٽر ٿيس، سا درحقيقت "الوحيد" جي مقابلي لاءِ، انگريزن جي ڄُرچ تي، سرڪار پرست

(١) پريس جي جاءِ "سنڌ زميندار" سان لڳ، مارواڙين جي پاڙي ۾، مدرسي بورڊنگ هائوس جي پر ۾ هئي. جاءِ به طبقي هئي، هيٺ پريس ۽ مٿي مالڪ پاڻ رهندا هئا. شيخ سليمان جو وڏو فرزند شيخ عبدالعزيز خلافت تحريڪ جو مکيو ڪارڪن ۽ قومي ورڪر هو. راقم الحروف ڪيس 41-1942ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏٺو. پاڻ کان ڏار، هڪ ننڍي ليٿو پريس تي گذر بسر ڪندو هو. شيخ عبدالباقي، سندس ٽيون نمبر پٽ، حال حيات سنڌ سرڪار جي زرعي محڪمي جو مکيو عملدار آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسلمانن ڪڍي هئي. بظاهر تہ زميندارن جي حقن جي محافظ ليڪن درپردي "الوحيد" جي ڦيلايل 'زهر' لاءِ 'ترياق'. ان جا مالڪ، ان جا خريدار، ۽ جن جو ان سان تعلق هو، سي سيئي انگريزي اقتدار جا پروردا ۽ پيدا ڪيل هئا، جيڪي لوڪ لڄا سبب ظاهر خاني پاڻ کي اعتدال پسند قومي رهنما سڏيندا وتندا هئا. "سنڌ زميندار" نُنهن چوٽيءَ جو زور ڏئي بيٺي، ليڪن "الوحيد" جو لکيو مسلمانن جي دل ۽ دماغ تان مٽائي ڪونہ سگهي. ماستر عبدالوهاب ان جو پهريون ايڊيٽر هو. ان جي فوت ٿيڻ بعد سکر وارو ميان احمد علي خان بي. اي. (عليگ) آيو. ان ڪان پوءِ منهنجو برادر بزرگ پير علي محمد راشدي. جڏهن "سنڌ جدا واريءَ تحريڪ" ۾ هو وڃي کهڙي صاحب سان گڏيو، تڏهن اخبار جي ايڊيٽري تقريباً پنج سال (29 .1933ع ) منهنجي ذمي رهي.

اسان پنهي پاڻرن وارو دور اهو هو، جڏهن خانبهادر کهڙي پين زميندارن کان اخبار جي پچر ڇڏائي، ان کي پنهنجي اختيار ۽ اقتدار هيٺ آندو هُو. گويا "سنڌ زميندار" سرڪار پرستيءَ وارو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي، قوم پرستيءَ واريءَ واٽ تي وکون وجهڻ لڳي هئي. نئين انتظام هيٺ اخبار جو مئنيجر آغا نظر علي خان ٿي آيو هو (١)، جيڪو طبعاً دل جو سست، همت جو ڍرو ۽ حڪومت کان قدري خائف رهندو هو. تنهن ڪري اخبار نويسيءَ لاءِ جيڪو هن اصول مقرر ڪيو هو، سو اجهو هيءُ هو - ڪم اهو ڪجي، جنهن مان لعل بہ لپي ۽ پريت بہ رهجي اچي، نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ نہ ٽٽي، يعني انگريزن کان حق بيشڪ طلب ڪجن، مسلمانن جي مسئلن تي لکجي ضرور، ليڪن "ڏيان طلب" جي سرخيءَ هيٺ. ڏاڍيءَ نوڙت ۽ نرمائيءَ سان، مٺي زبان ۽ سهٽي لهجي ۾، وٽندڙ طريقي ۽ سهندڙ نموني ۾ -- ۽ آخر ۾ چوندو هو تہ "تدبر ۽ دانشمندي درحقيقت انهيءَ طور ۽ طريقي جو نالو آهي." اهي سپ اکر ۽ محاورا، ترڪيبون ۽ لفظ درحقيقت هن پنهنجي فطري هيٺائيءَ جي آٿت لاءِ گهڙيا هئا، ورنہ نہ کهڙي صاحب جي ڪا جهل هئي ۽ نہ اخبار جي نئين دور جي ڪا اها تقاضا هئي. بهرحال منهنجي پاءُ سان تہ خبر نہ آهي آغا صاحب ڪهڙو عمل ڪيو، ليڪن منهنجي تہ هڪ هڪ اکر تي سندس سواري هوندي هئي. پنهنجي دور جا چند واقعا جڏهن اڄ ياد پون ٿا تہ کِلَ بہ نڪريو وڃي ٿي، حيرت ۽ اچرج بہ پئي لڳي. ڪاڏي ويا اهي تدبر ۽

(١) مئي 1928ع ۾ نظر علي خان مقرر ٿيو. ٻن ٽن مهينن اندر احمد علي خان عليگ ۽ سندس وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. احمد علي خان استعفا ڏني ۽ راشدي صاحب ايڊيٽر ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دانشمنديون، ڪاڏي ويو اهو انگريز ۽ ان جو اقتدار، ڪاڏي ويا اُهي "ڏيان طلب" مسئلا ۽ معاملا. ڪاڏي ويا اهي ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر، ڪاڏي ويا گورنر جنرل ۽ گورنر. نہ ڪماني نہ ڪپتان، نہ ڊپٽي نہ ڪاردار. عهدا اگرچہ سڀ موجود، پر انهن جا مالڪ ۽ مختار اهڙا لڏيا، جو چڻ ڪڏهن هئائي ڪين!

گانڌي ـ اِرون پئڪٽ (١) کان اڳ هندستان اندر اوچتو انگريزن جي خلاف هڪ طوفان اٿي کڙو ٿيو. هڪ باهہ هئي، جا سڄي ملڪ کي وڪوڙي وئي، هڪ زلزلو هو، جنهن سڄي 'برٽش ايمپائر آف انڊيا' جا پيل پاوا لوڏي ڇڏيا. ريلان ڪِريون، انگريز مئا، هڙتالون ۽ هٽ تاڙون ٿيون، پرپات ڦيرين سيني ستلن کي سجاڳ ڪري ڇڏيو. انگريزي ڪپڙا سڙيا، دڪانن تي ڌرڻا ۽ آفيسن اڳيان پڪيٽنگ ڪئي وئي. مطلب تہ هڪ طرف انگريز ۽ انهن جا چاڙتا، ٻئي طرف سڄو هندستان. گانڌي ـ اِرون پئڪٽ، گول ميز ڪانفرنس، وائيٽ پيپر، هندو مسلم نفاق، مسلم ليگ تحريڪ: سائمن ڪميشن (٢) ڪِٽ انڊيا، پاڪستان، اهي سڀ انهيءَ ڀڙڪڻ باهہ جا پڙڪا ۽ اولانبا هئا، جن اڳتي هلي نہ ڇڙو انگريزن کي تيڙ ٻڌايا، بلڪ ملڪ جي رنگ روپ کي بہ ساڙي ٻاري ڇڏيو.

انهيءَ طوفان واري زماني ۾ انگريزن بہ وس پڄندي ڪونہ گهٽايو. ڦاسيون ٽنگيون، گوليون لڳيون، جيل ڀريا، گهر ۽ ڳوٺ سڙيا، ملڪيتون ۽ املاڪون ضبط ٿيون، مطلب تہ دٻاءُ، زور ۽ زبردستيءَ جا سڀ ليکا لتاڙي بيهي رهيا، ليڪن وريو ڪجهہ ڪو نہ. ٿيو اهو ئي جيڪو ٿيڻو هو. انهيءَ زماني ۾ صوبو سرحد انگريزن جي ڏاڍاين جو خاص طرح شڪار ٿيو. پشاور جي قصہ خواني بازار ۾ لاشن جا ڍير لڳي ويا. رت سيرون ڪري هليو. سرخ پوش، جو جتي سو اتي معتوب. جيل، ماران، ڇهبڪ، ڦٽڪا، ڏنڊا، متڪا، سينن تي برڇيون ۽ آخر ۾ گوليون بہ مڙسن کاڌيون. هڪ جوان تہ قصہ خوانيءَ ۾ غالباً ست گوليون ٽِري نات ٽريءَ جون سيني تي جهلي، زمين تي ڪريو تڏهن، جڏهن بيٺي ساهہ نڪتس! سرخ پوشن جو جهنڊو جهٽ ڏيئي ڪانئس ٻئي اچي ورتو، جيڪو پڻ شهيد ٿيو، ۽ اهو سلسلو هڪ ٻن کان ٽپي وچي سَوَن تي پهتو. خان عبدالغفار جي سموري آکهہ کي نہ ڇڙو جيل ۾

(١) لارڊ ارون جو زمانو: 1926ع - 1931ع. گانڌي ـ ارون پئڪٽ جو سال: 1931ع.
(٢) سائمن ڪميشن 1928ع ۾ آئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏو ويو ۽ سندن ملڪيت ضبط ڪئي وئي، بلڪ سندن ڳوٺ اتمان زئيءَ کي پڻ ساڙي ۽ ٻاري ڇڏيو ويو (١). اهو واقعو پنهنجي نموني ڀهرئين قسم جو هو، جنهن ڪري هندستان ۾ جيڪا باهه ٻري پئي، تنهن تي گويا تيل پئجي ويو. لاهور جي اخبارن (٢) (زميندار، پرتاب، ميلاپ ۽ سياست) انهيءَ خبر کي ڏاڍي جوش جاڳائيندڙ نموني ۽ عبارت ۾ شايع ڪيو. -- وڏين وڏين سرخين ۽ ڪارن ڪارن عنوانن سان -- جنهن کي پڙهي، هر ڪنهن جي لونءَ ڪاندارجي تي وئي. مون کي بہ نئون نئون جوش هو، رت ۾ حدت ۽ حرارت، تجربن واريءَ سرد مهريءَ جي هوا اجا ڪانہ لڳي هئي. خبر پڙهندي اکين مان پاڻي وهي ويو. خوش قسمتيءَ سبب نظر علي خان لاڙڪاڻي ويل هو، جنهن ڪري سندس غير حاضريءَ جو پورو فائدو ورتي، مان بہ خبر کي جڳائيندڙ آب تاب سان شايع ڪري ڇڏيو. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ دل گهري خبر شايع ڪئي هيم، تنهن ڪري اندر ۾ هڪ سڪون ۽ راحت محسوس ٿي، ڄڻ سر تان هڪ وڏو بار هو، جو لهي پيو.

نظر علي خان جيئن لاڙڪاڻي مان موٽيو، تيئن ڪيس پرنٽر ۽ پبلشر جي حيثيت ۾ ڪليڪٽر جي ڪوٺ پهتي. جڏهن اتان موٽيو تہ سڙان ڪامان ڪندو آيو، چهري تي جلال، طبيعت ۾ طوفان، اکيون لال، چپن تي خشڪي، منهن ڳاڙهو ڳٽول جهڙو قنداري ڏاڙهون! ٽوپي هڪ طرف اڇليائين، ڪوٽ ڪرسيءَ تي ڦٽو ڪيائين، پاڻ ٿهہ ڪري کٽ تي ڪِري پيو. گهڻي گهڻي ڪان پوءِ واڪو ڪيائين - "اي ميان صاحب!... ميان حسام الدين شاهہ

(١) سرحد جي انهيءَ هلچل تي ظفر علي خان پنهنجو هڪ نظم "زميندار" ۾ ڇپيو، جنهن جو عنوان هو "فرزندان سرحد"؛ اُن جا چند شعر هي آهن:

ملڪ الموت کو خاطر مين نہ لانے والے
گوليان، تانے هوئے سينون پہ کهانے والے
قبر تک جبر کو سهتے هوئے جانے والے
صبر کا معجزه دنيا کو دکهانے والے
جانتے بهي هو کہ کس خاک سے اٹهي هے يہ قوم
جس کے گن گاتے هين اور گائين گے گاني والے
فخر هے صوبہ سرحد کو، کہ اس کي ذرے
هين خمير اس کي شجاعت کا اٹهانے والے

(گجرات جيل ۾ چيل - 1930ع)

(٢) "سنڌ زميندار" يا سکر جون ٻيون هندو اخبارون گهڻو ڪري خبرون انهن اخبارن تان نقل ڪنديون هيون. انهيءَ زماني ۾ ٽيلي پرنٽر بہ ڪونہ هئا ۽ سڌين خبرن گهرائڻ جو رواج بہ ڪن خاص اخبارن کان سواءِ ٻين ۾ ڪونہ هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خان!... او ظالم اظلم!... بندوق کنيون آءُ! اچي منهنجي سيني ۾ هڻ!" جڏهن مرحوم ڪاوڙبو هو ـ خدا بخشيس ـ تڏهن اهي خطاب ۽ القاب ڏيندو هو. "ميان! تون تہ جوان آهين، تنهنجو تہ ابو امان بہ جيئرو آهي، ماري مون پوڙهي کي رکيئي! جناب مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي آبروءَ جو بہ لحاظ ڪو نہ ٿيئي، جڻ ڪا پٺاڻن سان تنهنجي عزازت هئي، جو ايڏو هڏ ڪُرڪيئي! ايترو کهڪاءِ آيئي!"مرحوم لاڪيٽون لعل هو، جڏهن ڪاوڙبو تہ چوندو ـــ "ميان!"، "اوخان !" ، "او شاهہ صاحب !" "اي ظالم اظلم !" جڏهن راضي ٿيندو تہ وڏا ٽهڪ ڏئي سڏ ڪندو ـ ـ "او آغا منهنجا !... او آغل سائين !.. هيڏي تہ آءُ!" هاڻي جڏهن لکان ٿو تہ ڪَنَ جڻ اُهي ئي ٽهڪ ٻڌن تا، اُهي ئي سَڏَ سُڻن تا. اکين اڳيان هڪ پراڻي ڪرسي پئي آهي، ان جي اڳيان هڪ مَرُ چڙهيل جهوني ميز، جنهن تي بي ترتيب ڪاغذن جا ڍير لڳا پيا آهن. ڪرسيءَ تي نظر علي خان او ڪڙون وينو آهي ـ ـ ٻئي جنگهان بہ پاڻ سان مٿي رکيون. مٿو ڪوڙيل، رنگ پورو ۽ گلابي، مڇن جي سنت ورتل، ڏاڙهي پور ڪاري ۽ ڏاڍي سُهندڙ ڇاپئين. اکيون، نڪ، پروان ۽ پيشاني سڀ ٺهندڙ ۽ جڙندڙ. وڏا ٽهڪ ڏئي پيو چوي ـ "آغل !... او آغا منهنجا !... ڇا حال آهي؟... اڄ تہ پاڻ وٽ دعوت شيراز آهي!" 'دعوت شيراز' جو مطلب اهو هوندو هو تہ اڄ مٽرن يا ڇڻن جي ڇڊي دال تناول ڪبي. ڪڏهن ڪڏهن جڻ ڪَن لَونَدي اهو بہ آواز پيا ٻڌن: ـ

آل ڪان غئي پزوڙ، ما پزڙڪي الا ! (١)

مطلب تہ ڊولڻ مڙس هو. جڏهن جوش لٿس، تڏهن حقيقت حال ڪيائين تہ "دفتر دار صاحب (٢) ڪان هي دفعو تہ جان ڇڏائي آيو آهيان، جي ٻيو دفعو بہ تو اهڙو قومي جذبو ڏيکاريو تہ جناب مئنيجنگ ڊائريڪٽر صاحب جي عزت کي بہ نقصان پهچندو، نوٽيس بہ بند ۽ تون ۽ اسان بہ ڪاٺ ۾ !"

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو تہ اوڙو هو، سندس ۽ منهنجي جيل وڃڻ وارو مسئلو بہ محض ڳالهہ جو ڳالهوڙو، درحقيقت ڏڙڪو هو. نوٽيس بند ٿيڻ جو ۽ اخبار جي بلئڪ لسٽ تي اچڻ جو. نوٽيس ۽ بلئڪ لسٽ، اِهي بہ اُهي

---

(١) مرحوم اهو بيت ڪڏهن ڪڏهن سر سان ڳائيندو هو. اسان بہ ڳائڻ ۾ سندس همنوائي ڪندا هئاسي. مرحوم ان تي ڏاڍو کلندو هو. گهڻن ڏينهن بعد جڏهن معنيٰ معلوم ٿي، تڏهن مرحوم جي کلڻ جو راز وڃي سمجهہ ۾ آيو.

(٢) مسٽر يار محمد ميمڻ ان وقت دفتر دار هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دواليون هيون، جيڪي هر اُنهي اخبار جي نڪ ۾ بطور ناڪيليءَ جي پونديون هيون، جنهن کي نہ ايترا خريدار هئا، جو ان جي آمدنيءَ تي هلي ، ۽ نہ ايتري ذاتي موڙي هوندي هئي، جو خرچ ڪڍي سگهي. بهرحال حڪومت جا اهي ٻہ ڏڪا هٿين خالي اخبارن لاءِ جنسي ڪال هوندا هئا. گويا سندن پوبون ڏينهن.

* * *

سالن جي ڳالهہ آهي . پوري يادگيري ڪانہ ٿي پوي. پر خدا نہ ڀلائي تہ 1928ع ڌاري جو واقعو آهي. امان الله خان تخت تان دستبردار ٿي اٽليءَ ۾ وڃي پناهہ گزين ٿيو هو. افغانستان تي انگريزن جي هُشيءَ تي ڀهريون بچو سقو قابض ٿيو. ان ڪان پوءِ ڇيو ائين ٿي ويو تہ هُن ئي نادر خان ۽ سندس ڀائرن کي پيرس مان آڻي افغانستان پهچايو آهي.

هندستان جي قوم پرستن جي همدردي امان الله خان سان هئي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس انگريزن جو وڏي ۾ وڏو دشمن سمجهيو ويو ٿي. 1919ع واري جدوجهد سين کي ياد هئي، جنهن ۾ امان الله انگريزن جي اثر ۽ اقتدار کي پنهنجي ملڪ مان هميشہ لاءِ ختم ڪري، آزاد بادشاهت جو اعلان ڪيو هو. افغانستان جي ڪوهسارن جو اهو جوان سال ۽ جوان بخت، قبول سيرت ۽ قبول صورت مالڪ ۽ مختيار، جڏهن1925ع ۾ دنيا جي دوري تي نڪتو، تڏهن هر ڪنهن ملڪ ڪيس هٿون هٿ ڪنيو. شاهاڻي استقبال جي بلڪل نئين ۽ نرالي تاريخ تيار ٿي وئي، دنيا جي اخبارن ڪيس ايڏي شهرت ڏني جو ان جو مثال اڳ ٿيو ئي ڪونہ هو. هندستاني اخبارن بہ وسئون ڪونہ گهٽايو. هُن تہ ان ڪري بہ امان الله جي خبرن کي وڏين وڏين سرخين سان اشاعت تي ڏني، جو ڪين يقين هو تہ ان مان انگريزن کي مرچ لڳندا. امان الله خان جي انهيءَ مقبوليت جو فائدو وٺي، پنجاب جي موقعي شناس ٽوپي سازن جهٽ ڪٽي امان الاهي ٽوپي ناهي. دهليءَ جي ٽوپي سازن وري سندس هڪ ٻيءَ ٽوپيءَ جو نقل ڪيو. الغرض هندستان جي نقال ۽ ساده دل مسلمانن، جيئن ڪنهن زماني ۾ ترڪي خِليفن جي تتبع ۾ ترڪي ٽوپي يا پوءِ انور پاشا جون ٽوپيون پاتيون هيون، تيئن امان الاهي ٽوپين کي بہ ڪٽي مٿي تي رکيو. اصل ۾ ٽوپي سازن جو مڪو مچي ويو، جن سال اڌ ۾ لک ڪمائي ورتا.

انگريزن کي تہ 1919ع کان ئي امان الله خان سان دشمني هئي. ۽يتر جو پنهنجي دوري جي دوران هُن سڄي عالم ۽ خاص طرح هندستانين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جون دليون هٿ ڪري ورتيون، تنهن تہ مرڳوئي انگريزن جي انتقامي جذبي واريءَ دونهينءَ کي دکائي، ان جي باهہ کي صفا پڙڪائي ڇڏيو. پاڻ اجا دوري تي ئي هو، جو پٺيان هُنن افغاني ڪوهسارن اندر پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. پئسا، ايجنٽ، غلط افواهہ ، فرضي تصويرون (١) بي پاڙا بهتان ۽ ڪوڙا الزام افغانستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويا.

امان الله جيئن دوري تان موٽيو، تيئن يورپ جي ترقي کان متاثر ٿيو آيو هو. پنهنجي ملڪ کي بہ يورپ جي ڪڙيءَ تي پهچائڻ لاءِ، اچڻ سان، هن هڪ طويل ترقياتي پروگرام رٿي، ان کي فوري عمل ۾ آڻڻ گهريو. انهيءَ پروگرام ۾ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ملٽري اڪاڊمين، لوهہ جي ڪارخانن، هوائي جهازن ۽ جنگي سامان ٺاهڻ جي رٿن سان گڏ افغانن جي قديم ۽ روايتي معاشري ۾ بہ تبديليون آڻڻ جون ڪي رٿائون هيون. جهڙوڪ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم، انگريزي وضع قطع جا ڪپڙا پائڻ ، گهر ۾ فرنيچر رکڻ ۽ ميز ڪرسيءَ تي کائڻ، صفائي ۽ سنائيءَ سان رهڻ، پردي کي گهٽائڻ، غير شرعي ڏگهن، بي ترتيب ۽ اڻ صفا ٽيندڙ سُنهارين تي پاڪيون ڦيرائڻ ـ انگريزن جيڪي افواهہ ڦهلائي ڇڏيا هئا، انهن مواد تہ اڳ ۾ ئي تيار ڪري ڇڏيو هو، ان ۾ فقط چواتيءَ ۽ چٽنگ جي دير هئي، جيڪا انهن ترقياتي پروگرامن لائي ڇڏي. سيئي ملا ۽ خان اٿي کڙا ٿيا. انگريزن جا پيسا پاڻيءَ وانگر وهي رهيا هئا. ملا شور بازار جو نالو اسان انهي وقت ٻڌو هو. مطلب تہ ڏسندي ڏسندي اهڙو ممڻ متو، جو افغانستان جي تخت تي بچي سقي جهڙو معمولي ماڻهو قابض ٿي ويو ۽ ملڪ جو اصل وارث سڏو وڃي اٽليءَ پهتو.

امان الله جڏهن ملڪ ڇڏيو تہ قنڌار کان نڪري چمن ۾ آيو. اتان ريل ۾ سوار ٿي جيڪب آباد، رڪ، روهڙيءَ، سماسٽا کان دهليءَ ۽ اتان سڌو بمبئيءَ ويو. هنن اکين ڪجهہ ڏينهن اڳ سندس اهو جاهہ ۽ جلال بہ ڏٺو، جڏهن سندس اسپيشل ٽرين مٿان انگريزي هوائيٰ جهاز گل گهوريندا ٿي ويا، ۽ هاڻي واريءَ هن ڪسمپرسيءَ جو حال بہ پسيو، جو بہ فرسٽ ڪلاس معمولي

(١) امان الله ۽ سندس گهر واريءَ جون اعتراض جوڳيون ليڪن فرضي تصويرون افغانستان ۾ تقسيم ڪيون ويون، جن ۾ ڏيکاريل هو تہ امان الله ۽ سندس بيبي شراب پين ٿا، يورپ ۾ غير مردن ۽ عورتن سان ناچ ڪن ٿا، ۽ راڻي ثريا اهڙي پوشاڪ پائي ٿي، جنهن ۾ نيم ننگي پئي لڳي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳاڏا، انهن ۾ پاڻ ۽ سندس آڪهه، در دريون بند، نه سازو سامان، اهي ئي لٽا جيڪي بدن تي، نه پورو جورابو نه سڄي جُتي! بهرحال، سابق شاهه افغانستان، هزمئجسٽي دي ڪنگ امان الله خان، جڏهن بمبئيءَ مان هندستان جو ساحل ڇڏيو، تڏهن مَسين وڃي انگريزن کي ساهه پيٽ ۾ پيو.

هندستان جي همدردي اصل کان امان الله سان هئي؛ هاڻي به هنن اهو ئي ٿي سمجهيو ته افغاني قوم محض انگريزن جي اشاري تي لڳي، پنهنجي قوم پرست ۽ محب وطن بادشاهه سان ظلم ڪيو آهي. جڏهن نادر خان پشاور ۾ وارد ٿيو، تڏهن ڪيس هندستاني قوم جو اهو جذبو معلوم ٿيو. ازانسواءِ هن اهو به محسوس ڪيو ته خود افغانستان اندر ڪي قبيلا پڻ امان الله جي حق ۾ آهن، تنهن ڪري وقت جي تقاضا ۽ مصلحت کي ڏسي، هن اعلان ڪيو ته افغانستان ۾ هو ان ڪري وڃي رهيو آهي ته بچي سقي کي ڪڍي، وري امان الله کي موٽائي تخت تي آڻي. متبرڪ صورت، سفيد سُنهاري، مڙس ڏسڻ وائسڻو، پنج ئي وقت نماز باجماعت ـ سڀن کي اعتبار اچي ويو. سڀن کي خاطري ٿي ته چاڻ حق حقدار کي مليو، انگريزن جي ڪک جو ڪان چاڻ موٽي اچي ڪمان پيڙو ٿيو. مولانا ظفر علي خان حسب دستور اسلامي اخوت واري جذبي جي ماتحت نه ڇڙو لاهور جي اسٽيشن تي نادر خان وارن جو شاندار استقبال ڪيو، بلڪ جوش ۾ اچي بنان ٽڪيٽ هلنديءَ گاڏيءَ ۾ ساڻن چڙهي پشاور تائين وڃي پهتو، جتان انگريزن زبردستيءَ ڪيس موٽائي لاهور آڻي ڇڏيو! مولانا جي ئي تحريڪ تي هندستان جي مسلمانن نادر خان جي امداد لاءِ هڪ ”عظيم جيش اسلامي“ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؛ انهيءَ کي زور وٺرائڻ لاءِ آگري جي مشهور شاعر حضرت ”سيماب“ اڪبر آباديءَ پنهنجي هفتيوار اخبار ”تاج“ ۾ هڪ مترنم نظم شايع ڪيو، جنهن جو آخري بند هو:

قنڌار چلو! قنڌار چلو!!

ـ بهرحال جڏهن شاهه ولي خان ڪابل فتح ڪيو ۽ ان جو اعلان هندستان اندر ٿيو، تڏهن مسلمانن چراغان ڪيا، مٺايون ورهايون ۽ اهڙا خوش ٿيا، ڄڻ سندن پنهنجا ڪاج سڌ ٿيا آهن. مولانا ظفر علي خان فوراً هڪ شاندار نظم ”زميندار“ ۾ ڪٿي شايع ڪيو. مسدس جي آخري سٽ هلندڙ هئي.:

فاتح ٿَل فاتح ڪابُل هئا!

الغرض انهيءَ حد تائين اسان کي دلچسپي هئي ۽ افغانستان جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معاملي سان اسان جو تعلق هو. اڪيون هاڻي نادر خان جي اعلان ڏي هيون. هر مسلمان جي دل ڌڙڪي رهي هئي. سڀن جا ڪن اوڏانهن هئا. انتظار اهو هو ته ڪڏهن ٿي نادر خان جي صدا ڪوهسارن سان ٽڪرائي بلند ٿئي ته -- ”حق بحقدار رسيد!“ ليڪن جڏهن اهو وقت آيو، تڏهن حيرت جي حد نه رهي! اعلان ٿيو ته -- ”لوئي جرگي، خود هز مئجيسٽي ڪنگ نادر شاهه غازي خلدالله ملڪه کي افغانستان جي تخت ۽ تاج جو مالڪ ۽ مختار تسليم ڪيو!“ هندستانين جي جوش ۽ جذبي تي ڄڻ ڪنهن پاڻيءَ جا ٿڌا گهڙا پرتي ڇڏيا. اصل قصي جي ته رب کي ڄاڻ، ليڪن هتان جي مسلمانن جي اڪ ڪلي، ۽ هنن اهو ئي سمجهيو ته افغانستان اندر انگريزن جي سياست کي نيٺ ڪاميابي حاصل ٿي.

انهيءَ واقعي کي ڇهه ست مهينا مس گذريا، ته لاهور جي ”زميندار“ اخبار ۾ امان الله خان جو هڪ طويل ۽ دردناڪ خط شايع ٿيو، جيڪو هن روم مان نادر خان ڏانهن لکيو هو ۽ جنهن ۾ نهايت دل ڏکائيندڙ نموني ۾ هن هڪ هڪ ڪري سندس ڪيل واعدن ۽ بدعهدين جي ڪيس ياد ڏياري هئي(۱).

جڏهن ”زميندار“ جو اهو پرچو مون وٽ پهتو، خوش قسمتيءَ سبب ان وقت نظر علي خان سکر ۾ ڪو نه هو. ميدان خالي ڏسي، مون جوش ۽ جذبي وچان خط جو ترجمو اهڙيءَ ئي حاشيه آرائيءَ سان شايع ڪري ڇڏيو، جهڙيءَ ريت لاهور جي ”زميندار“ ڪيو هو. ٻن ڏينهن بعد معلوم ٿيو ته ”زميندار“ جو اهو پرچو ضبط ڪيو ويو، ۽ 50 هزار جي ضمانت ضبط ڪري، پريس ۽ اخبار کان هڪ لک جي ضمانت گهري وئي آهي! خبر نه آهي ته ظفر علي خان جي ڪهڙي حالت ٿي، ليڪن منهنجا ته تاڪ لڳي ويا، ڇاڪاڻ ته -- اين گناهيست ڪه درد شهر شما تيز ڪنند! نظر علي خان

(۱) انهيءَ خط جي ڪاپي ”زميندار“ کان سواءِ لاهور جي ”انقلاب“ اخبار ڏانهن به آئي هئي، ليڪن مولانا غلام رسول مهر ان سببن ڪري ان کي شايع نه ڪيو - هڪ ته نادر خان سان سندس ذاتي تعلقات هئا، ٻيو ته هن سمجهيو ته افغانستان ۾ خوني انقلابن مان مسين مسين تبي هاڻي پار پيو آهي؛ هنوقت اهو خط ڇپي مائهن جي جذباتن کي وري هيجان ۾ آڻي، تئين انقلاب جو آغاز ڪرائجي - اهو مناسب نه ٿيندو، اها نه عقلمندي آهي ۽ نه مسلم دوستي، مولانا ظفر علي خان مرحوم ته هو ڇڙو جذباتي، نه خيال ۾ رکندو هو مصلحت ۽ نه ڏسندو هو وقت، جيڪي دل ۾ آيس سو ڪري وجي پار پوندو هو، پوءِ نتيجو ڪٿي ڇا به نڪري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيئن لاڙڪاڻي کان موٽي پريس ۾ اچي پهتو، تيئن مون ڏي ڏسي، ٺڏو ساهه کڻي، ڏاڍيان وٺي، ”الله هو!...“ ڪيائين. هن دفعي ٽوپي بہ ڪانہ لاٿائين، ڪوٽ بہ ڪونہ اچليائين، ۽ نہ ڪٿ تي ئي ڪريو. سڌو اچڻ سان ڪرسيءَ تي ويهي، سيني ڪمپازيٽرن کي سڏي حڪم ڏنائين: آئيندي جنهن مضمون تي سندس تصديقي صحيح پيل نہ هجي، اهو ڇپڻ ۾ هرگز نہ اچي! اهو اعلان ڪري، مصلو وڇائي، وڃي نماز ۾ بيٺو. اجا سلام مس ورايو هئائين، تہ ڪليڪٽريءَ جو پٽيوالو حاضر ٿيڻ جو حڪم نامو کڻي اچي وارد ٿيو. سلام ورائي، دعا گهري، آگر جي اشاري سان چوڌاري صلواة سڳوري چوڪاري، مون ڏي منهن ڪري ڏاڍي دردناڪ لهجي ۾ چيائين، ”ميان صاحب! آخر تون مڙئين ڪونہ. انهن ڪرتوتن کان تہ بهتر آهي مون کي سيني ۾ دونالي هڻ... ٻس ! ٻس! هڪ ئي دفعي جند ڇٽي پوئي. هن شريف جو بہ خيال ڪو نہ تو اچئي، جنهن اعتبار رکي، پنهنجي سموري موڙي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي آهي!“ اهو ’شريف‘ جو اشارو کهڙي صاحب ڏي هو. اهڙن موقعن تي مرحوم هميشه شرم ڏيارڻ لاءِ کهڙي صاحب جي شخصيت کي آڏي اڳيان ڪندو هو، ۽ آخر ۾ چوندو هو، ”او ظالم اظلم!... زمن گر نہ ترسي، بترس از خدا!“

اهو ئي دور هو، جڏهن ميرٺ جي سازش وارو مشهور مقدمو هليو ٿي، جنهن ۾ ٻين قومي ڪارڪنن سان گڏ، دينا ناٿ سهگل بہ ڦاٿل هو (١). انهيءَ سازش بعد ٻيون بہ ڪيتريون سازشون ٿيون. هڪ دفعي وائسراءِ جي گاڏيءَ کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ريلوي لائين تي ٽائيم بم رکيو ويو (1928). وائسراءِ جي حياتي هئي، جو اتفاق سان بچي ويو. بم ۾ ٺي سيڪنڊ پوءِ ڦاٽو، جڏهن وائسراءِ جو گاڏو ٽپي اڳتي ٿيو. باقي پويان گاڏا، سو پرزا پرزا ٿي ويا. هلندڙ اسيمبلي ۾ ڀڳت سنگهہ وارن بم اڇليا (٢). بنگال ۽ ٻين جاين تي

(١)دينا ناٿ سهگل کي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ مان ڪراچيءَ ۾ ڏٺو، جڏهن هو ’ٺر بسائو ڪميٽيءَ‘ جي وفد سان گڏ آيو هو. قد جو ننڍو، سٺ ورهيہ کن ڄمار، ڏاڙهي ميڄان ڪوڙيل، بدن تي ڪارا لٽا مان کانئس پڇيو: ”هاڻي تہ آزادي ملي آهي، ڪارن لٽن کي تہ هن وقت لاهڻ گهرجي!“ ڏاڍي ڏکويل لهجي ۾ چيائين ـ ”ليڪن منهنجو ماتم تہ اجا جاري آهي، هي جو هندو مسلمانن جو نفاق هليو اچي!“ هي مقدمو چار سال هليو ـ 29-1933 ـ هن ۾ پيا بہ ڪيترا ملزم هئا، جهڙوڪ ايس ـ اي ـ ڊانگي، ايم ـ آر ـ گهاٽي، ايڇ ـ سي ـ وتسائتا، مظفر احمد، ايم ـ اي ـ مجيد، ۽ ٽي غير ملڪي بہ هئا، جن مان هڪ انگريز هو ـ جملي 40 کن مجاهد گرفتار هئا.

(٢) 1929ع جو اسيمبليءَ ۾ بم هنيو ويو. محمد پناهہ خان ڊکڻ ان وقت بحيثيت (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گورنرن ۽ ٻين گورن کي گوليون لڳيون. ڀڳت سنگهه،جتندراناٿ داس ۽ دت وغيره ٻمن جي سازش ۾ گرفتار ٿيا. جتندراناٿ جيل ۾ مرن برت رکيو. حيلا هلائي ويهي رهيا، 72 ڏينهن بعد هن مري ساهه ڏنو، پر برت نه ڀڳائين! جڏهن مئو، تڏهن مولانا ظفر علي خان معرڪي جو هڪ نظم "زميندار" ۾ شايع ڪيو:

بـن نـهـيـن سـڪـتـا صـلاح الـديـن ايـوبـي اگـر،
هـنـد ڪـي حـرمـت پـه مَر مِٽ اور جتـنـدرداس بـن!

اصل ۾ انهن ڳالهين جي ابتدا انهيءَ لوڻ واري تحريڪ سان ٿي هئي، جنهن کي مهاتما گانڌيءَ "ڏانڊيءَ واري مارچ" (1930ع) سان شروع ڪيو، ۽ "باردولي تحريڪ" ولڀ ڀائي پٽيل کي جنم ڏنو. باقي واقعا انهيءَ سلسلي جون جدا جدا ڪڙيون هيون. ڀڳت سنگهه وارن جون تصويرون هر هڪ گهر ۾ ٽنگجي ويون. هندو توڙي مسلمان، جوان خواهه پوڙها، عورتون خواهه مرد، گهر ڇڏي ٻاهر قومي ميدان تي نڪري آيا. ميرٺ وارن کي سزا آئي. ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين کي ڦاسي آئي (١). ڀڳت سنگهه جو لاش انگريزن لاهور جيل مان منهن اونداهيءَ ڪيرائي راويءَ جي ڪناري تي ساڙائي ڇڏيو. انگريزن جو اهو خيال بلڪل صحيح هو ته جيڪڏهن لاش مالڪن جي حوالي ٿيندو ته ممڻ مچي ويندو، جنهن کي ناڙڻ ۽ ٺارڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. ليڪن انگريزن جي انهيءَ عمل به ڪا گهٽ باهه ڪانه لاتي. سڄي ملڪ ۾ ماتم پئجي ويو ۽ هندستانين جي دلين ۾ گويا انگريزن پنهنجي انهيءَ ڪرتوت سان ٻڙڇيون هڻي ڪڍيون.

ڪانگريس آئينده سال (1931) تي پنهنجو اجلاس لاهور ۾ راويءَ جي ڪناري تي عين انهيءَ جاءِ تي ڪيو، جتي ڀڳت سنگهه جي لاش کي ساڙيو ويو هو (٢). جواهر لال انهيءَ سال پنهنجي والد کان ڪانگريس جي صدارت ورتي هئي ۽ ڪانگريس جو اهو ئي اجلاس هو، جنهن ۾ "آزاديءَ جو نهراءُ" پاس ڪيو ويو. ڀڳت سنگهه جي والده انهيءَ موقعي تي پنهنجي پٽ جا سڙيل هڏا کڻي، اچي اجلاس ۾ نڪتي. جذباتي جوانن جو خيال هو ته ڪانگريس جو جوان سال صدر ڀڳت سنگهه جي انتقام وٺڻ لاءِ ضرور ڪنهن

---

(آنڌل) ميمبر جي موجود هو، جنهن چشم ديد تصو ۽ پيدا ٿيل فضا جو بيان ڪيو.
(١) 23 مارچ 1931ع جي اڌ رات جو ڪين راويءَ جي ڪناري تي ڦاسي ڏني وئي.
(٢) 31 ڊسمبر 1931ع جي ان رات جو پهريون دفعو ڪانگريس مڪمل آزاديءَ جو نهراءُ پاس ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڙاڪو پروگرام جو اعلان ڪندو، ليڪن ڪين ان وقت شديد مايوسي ٿي، جڏهن انتقامي پروگرام تہ بجاءِ خود، پر ڪانگريس انهيءَ سلسلي ۾ نلو ٺهراءُ بہ پاس ڪو نہ ڪيو. خير، ڪانگريس جو تجربيڪار مهندار تہ عظيم مقصدن جي حاصل ڪرڻ واريءَ راهہ ۾ ڀڳت سنگهہ جي شهادت کي بہ هڪ منزل سمجهي، پاڻ اڳتي ٽپي ويو، ليڪن انتها پسندن ۽ پر جوش جوانن جي جذبي ۽ اخلاص کي ڏاڍو صدمو پهتو.

جواهر لال لاهور مان ڪم پورو ڪري، پنهنجي عيال سميت سڌو موهن جي دڙي تي آيو. جڏهن اتان ٿي موٽيو، ان وقت سکر جي اسٽيشن تي مان وجي سائس مليس. سندس گهر واري ۽ شايد سندس نياڻي(مائي اندرا گانڌي) بہ هئي. سين کي پهريون دفعو مان اتي ڏٺو. منهنجي ڪارڊ پهچڻ تي جڏهن جواهر لال گاڏي مان ٻاهر نڪري آيو، ان وقت مان کانئس ڀڳت سنگهہ جي باري ۾ اهو ئي سوال پڇيا، جيڪي هر غير تجربيڪار ۽ جوشيلي جوان جتي ڪٿي کانئس پڇيا ٿي. هن بہ مون کي اهي ئي جواب ڏنا، جيڪي ٻين کي ڏيندو آيو ٿي. موٽي اچي اهي سمورا سوال جواب مان سنڌ زميندار ۾ شايع ڪري ڇڏيا. خير جوش ۽ جذبو تہ هو، ليڪن اخبار ۾ شايع ڪرڻ مان وڏي مراد اها بہ هئي تہ جيئن ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ آءٌ بہ ڪانگريس جي صدر ۽ هندستان جي جوان بخت نوجوان ليڊر سان انٽرويو ڪري چڪو آهيان!

خدا لڳ ڳالهہ ڪبي، خانبهادر کهڙي کي انهن ڳالهين جي رتيءَ پر پرواهہ ڪانہ ٿيندي هئي. بلڪ الٽو هو خوش پيو ٿيندو هو. اصل ۾ ساهہ نڪرندو هو آغا صاحب مرحوم جو، کهڙي صاحب جو تہ ڪندو هو چڙو مُنهن اولو. بهرحال ضبط تہ مان بہ گهٽو ڪندو هيس، ليڪن ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ ربت بي اختيار ڪمان مان تير نڪري ويندو هو، جنهن جي تيزيءَ ۽ تکائيءَ جي ڪل ان وقت پوندي هئي، جڏهن نظر علي خان جون اکيون ڳاڙهيون، چپ سڪل ۽ منهن لال اڳيان نظر ايندو هو. مٿين خبر پڙهڻ بعد نظر علي خان هن دفعي بہ ڪم ڪيا: هڪ تہ ابوبڪر ڪمپازيٽر ۽ گيلارام مشين مين تي ڏهہ ڏهہ ربيا ڏنڊ وڌائين ۽ ٻيو ميرٺ واري ڪيس ۾ ڦاٿل قومي ڪارڪن دينا ناٿ سهگل جو نالو، جنهن کي جنم ٽيپ ۽ ڪاري پاڻيءَ جي سزا اچي چڪي هئي، مستقل طرح مون تي رکي ڇڏيائين. ان کان پوءِ مرحوم هميشه سڏيندو هو ـ ـ اُو دينا ناٿ سهگل! ميان هي کهڙو ڪلور ڪيو اٿئي...!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن مسلسل واقعن منهنجي جوش ۽ جذبي کي ماري ۽ مروٽي ڇڏيو. هيٺيار ٿيڪي ويهي رهيس، جنهن کان پوءِ پنهنجي قومي جذبي جو اظهار جو وري "سنڌزميندار" ۾ ڪڏهن موقعو ڪونه مليو.

* * *

خير، اهي واقعا ته وچ ۾ اچي ويا. دل ۾ درد هو. ڳالهه نڪتي ته اوچتو جڻ آهه نڪري وئي. دراصل ڳالهه هئي سکر جي آغا صاحب جي ۽ "سنڌ زميندار" اخبار جي.

جنهن دور جو ذڪر آهي، ان ۾ چاڪاڻ ته آزاديءَ جي جنگ ڦوهه جوانيءَ تي هئي، تنهن ڪري اخبارن کي به ڏاڍو زور هو. سنڌ جي اخبارن مان انگريزيءَ ۾ به روزانيون نڪرنديون هيون ـ هڪ "ڊيلي گزيٽ"، جيڪا اصل ته انگريز پرست هئي، ليڪن بعد ۾ سندس مزاج اعتدال تي آيو هو؛ ٻي هئي مسٽر پنيا جي "سنڌ آبزرور"، جيڪا ظاهر ۾ ته وطن پرست هئي، ليڪن دراصل ڪٽر مهاسڀائي ذهنيت جي علمبردار هئي. ٽين شام جي انگريزي روزاني اخبار ڊاڪٽر تراچند جي "ڪراچي ڊيلي" هوندي هئي، جنهن جي جاءِ پاڪستان بعد"ايوننگ اسٽار" ورتي. سنڌي روزانين مان مسلمانن جي فقط"الوحيد" هئي، جيڪا ڪڏهن خالص مذهبي ته ڪڏهن نيٺ وطن پرست، ڪڏهن فرقه پرست ته ڪڏهن قوم پرست. بهرحال مسلمانن جا هٿ انهيءَ هڪ اخبار تي ڪپندا هئا. هندو اخبارن مان "هندو ڪانگريسي ۽ "سنسار سماچار" نيٺ مهاسڀائي. اهي هيون ڪراچيءَ مان نڪرندڙ احبارون. باقي سنڌ مان مسلمانن جون گهٽو ڪري هفتيوار اخبارون نڪرنديون هيون. جيئن ته ميرپورخاص مان مخلص جي "مسلمان" ، نوشهري مان رئيس نجم الدين جي "النجم" ، حيدرآباد مان نور محمد نظامانيءَ جي "طيرا ابابيل"، سکر مان "سنڌ زميندار" (هفتي ۾ به دفعا)، لاڙڪاڻي مان "الحقيقت"، جيڪب آباد مان مولوي محمد حسين جي "الحنيف" ۽ چاچي نبي بخش (لالي مٺي) جي "اتحاد". "الوحيد" ۽ "سنڌ زميندار" کان سواءِ باقي ٻين اخبارن کي مقامي حيثيت حاصل هوندي هئي. هندن جون سنڌ مان گهڻيئي هفتيوار ۽ روزانيون اخبارون نڪرنديون هيون، جن مان مشهور هيون ميرپورخاص مان "جوت"، سکر مان ديوان ڀوڄراج جي "ڀارت" آرت مل جي "هندو ليگ گزيٽ" لاڙڪاڻي مان "لاڙڪاڻه گزيٽ" ۽ جيڪب آباد مان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"تيج" ۽ "فرنٽيئر گزٽ" جنهن جو ايڊيٽر هڪ هندو هو. ـ بيحد مٺو ماڻهو ۽ دلبر دوست، يارن جو يار. ٻه روزانيون هندن جون سکر مان پڻ نڪرنديون هيون، جن مان هڪ مقامي هئي ۽ ٻيءَ کي البت سکر کان ٻاهر به اهميت حاصل هئي. پهرين ڀائي امر داس جي "ڏرم وير" ۽ ٻي مهاشيه ويرومل جي "سنڌي". اهي هيون اُهي اخبارون، جيڪي سنڌ اندر هندن ۽ مسلمانن جي معاملن ۽ مسئلن کي ڀيون ڀاهينديون ۽ ٺاهينديون. بلوچستان جي مسئلن تي لکڻ لاءِ مرحوم نسيم تلويءَ جون اخبارون "عصر جديد" ۽ "بلوچستان جديد" هيون.

سنڌ ۾ ٻاهران ايندڙ اخبارن مان لاهور جي اخبارن کي عوام ۾ وڏي اهميت هوندي هئي. مثلاً هندن وٽ "پرتاب" ، "ميلاپ" ۽ نانڪ چند "ناز" جي "وير ڀارت" کي، ۽ مسلمانن ۾ "زميندار"، "انقلاب"، "سياست"، ۽ ٻوءِ "شهباز" ۽ "احسان" کي. "پيسه اخبار" ۽ "انتخاب لاجواب" جو دور ختم ٿي چڪو هو. جهنگ واري هفتيوار "المنير" به پنهنجو وقت پورو ڪري وئي هئي. ايڊيٽرن مان منشي محبوب عالم فوت ٿي ويو هو؛ ظفر علي خان جي حيثيت اخبار نويسيءَ ۾ بابي آدم جي هئي؛ مولانا غلام رسول مهر، مرتضيٰ احمد خان ميڪش، سيد حبيب، مولانا عبدالمجيد سالڪ، چراغ حسن حسرت ۽ حاجي لقلق ڦوهه جوانيءَ ۾ هئا ـ جسم جو به جوڀن ته قلم تي به بهار. هندن مان مهاشيه ڪرشن، خوشحال چند خورسند، نانڪ چند ناز ۽ پارس واري مهاشيه ڪرم چند جي رات هئي.

لاهور مان ٿي انگريزي ڊيلي اخبارون نڪرنديون هيون: مسلمانن جي مولوي نور الحق جي "مسلم آئوٽ لڪ"، (١) غير مسلمانن جي "سول اينڊ ملٽري گزيٽ" ۽ ڪالي ناٿ ري جي "ڊيلي ٽربيون" . بجنور جي "مدينه" اخبار باءِ ويڪلي (هفتي ۾ ٻه ڀيرا نڪرندڙ) هئي، ليڪن ڏاڍي وزندار، سنجيدي ۽ بلڪل قومي خيالن جي. سنڌ ۾ گهڻا مسلمان ان کي گهرائي پڙهندا هئا. دهليءَ مان مولوي مظهرالدين جي روزاني "الامان" ۽ خواجه حسن نظاميءَ جي هفتيوار "منادي" ايندي هئي. مولانا محمد عليءَ جي "ڪامريڊ" بند ٿي چڪي هئي. "همدرد" ڪڏهن بند ته ڪڏهن جاري. "خلافت" اخبار بمبئيءَ مان "الوحيد" جيّ دفتر ۾ شيخ عبدالمجيد وٽ ۽ ڪن ٻين پراڻن خلافتين جي نالي تي ايندي هئي. مولانا شوڪت علي سرپرست ۽ مولانا

(١) ايڊيٽر مجيد ملڪ صاحب.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عرفان ۽ شوڪت عليءَ جو فرزند زاهد علي ان جا ايڊيٽر هوندا هئا. انگريزي اخبارن مان "السٽريٽيڊ ويڪلي" خوب وڪامندي هئي. "ٽائيمس آف انڊيا"، "اسٽيٽسمن"، "پايونيئر" ۽ مهاتما جون "ينگ انڊيا"، ۽ "هريجن"، ۽ بمبئيءَ منجهان "بمبئي ڪرانيڪل"، جنهن جي ايڊيٽر سيد عبدالله بريلويءَ جي ڏاڍي شهرت هوندي هئي. ولايت مان ڪن ڪن انگريزن وٽ "لنڊن ٽائيمز" ۽ مئچيسٽر گارڊن" بہ اينديون هيون ۽ اخبارن ۾ بہ انهن جي راين تي ڳاهي ماهي هنگامو مچي ويندو هو.

اهي هيون اخبارون سنڌ ۾ مشهور ۽ سڄي ملڪ اندر سياهہ سفيد جون مالڪ. جڏهن مان وچي 'سنڌ زميندار' جي چارج ورتي. مون کي ياد آهي، چٽيءَ طرح، مان نصرت (۱) اسٽيشن تي بيٺو هيس؛ خانبهادر کهڙو سکر مان ٿي موٽيو؛ گاڏيءَ مان منهن ڪڍي، ٽپال جي استعمال ٿيل لفافي جو هڪ ٽڪرو ڦاڙي، ان تي منهنجي تقرر جو حڪم لکي، مون کي ڏيئي، تاڪيد ڪيائين تہ سياڻي ضرور وڃي سکر پهچ. ريل چٽي. مان آرڊر پڙهيو: پنجاهہ روپيا درماهو پگهار، "سنڌ زميندار" جو ايڊيٽر، يعني"الوحيد" کان پوءِ سنڌي مسلمانن جي ٻي مکيہ اخبار - ان جو ايڊيٽر، ۽ پگهار جملي پنجاهہ ڪلدار -- وڪٽوريا رائيءَ جا روپيا ختم ٿي چڪا هئا. نوڙهي بادشاهہ وارا روپيا بہ بند ٿي ويا هئا. هاڻي هئا جارج پنجين جا. جن ۾ چانديءَ کان وڌيڪ مٽ گڏيل هوندو هو.

* * *

نظر علي خان سان واقفيت اڳ ئي هئي، واهپو فقط هاڻي پيو، ۽ دوستي ان کان پوءِ شروع ٿي .نيت جو نيڪ، دل جو اهڙو اجرو جهڙو کير، مزاج جو مکڻ جهڙو نرم ۽ مصريءَ جهڙو مٺو، طبيعت جو باغ و بهار؛ مجلس ۾ وينو هوندو، هيءَ ڳالهہ هوءَ ڳالهہ، هندن جا ظلم، مسلمانن جا مسئلا، "فخر قوم" سر پٽو (۲)، "محترم قوم" خانبهادر کهڙو -- مطلب تہ هڪ مان ٻي، ٻيءَ مان ٽين. قصو ڪوتاهہ سج لهي ويندو، پر نظر علي خان جا قصا

(۱) منهنجي ڳوٺ جي ريلوي اسٽيشن.

(۲) "الحقيقت" اخبار سڀ کان پهريون سر پٽي کي "فخر قوم" لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن جي جواب ۾ "سنڌ زميندار" کهڙي لاءِ نظر علي خان مرحوم "محترم قوم" جو خطاب ايجاد ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪونہ ڪٿندا. صبح کان سانجهيءَ تائين هڪجهڙي بهاري ۽ ليءَ هوندي. جڏهن سندس دلپسند ڪا ڳالھ ٿيندي هئي، تہ وڏا ٺهڪ ڏئي کلندو هو. اهڙا اجرا ۽ مائيدار، جو ستي ڪورٽ تہ خير، پر چانڊوڪيءَ جي ٿڌين راتين ۾ هڪ طرف ٽائون هال ۽ ٻئي طرف ليوڪس پارڪ جي هُن چيڙي تي پيا ٻڌبا هئا. کهڙي جو وفادار بلڪ جان نثار -- مان هوند جيڪر سندس يار وفادار بہ لکان، پر غريب ۽ امير جي ياري نڀندي بہ ڪانہ آهي ۽ جڳائي بہ ڪانہ - خدا بخشيس، خود مرحوم ڪي ئي اها دعويٰ ڪونہ هئي. اهڙو جان نثار ۽ ايڏو وفادار پايان کهڙي کي وري ڪونہ مليو هوندو. جيتوڻيڪ زندگيءَ جي مختلف منزلن ۽ جدا جدا مرحلن تي ڪي ئي ماڻهو ساڻس اچي گڏيا، جن دوستيءَ جون دعوائون بہ ڪيون هونديون، جن جان نثاريءَ ۽ وفاداريءَ جون لافان بہ هڻيون هونديون، ليڪن يقين اٿم تہ نظر علي خان جيڪا جاءِ ڇڏي ويو، سا ڪنهن ڪانہ پري سگهي هوندي. مهر و وفا، انس ۽ الفت ڪي جنهن ڪڙيءَ تي هو مرحوم پڄائي ۽ پهچائي ويو، ان تي ٻئي ڪنهن جي مجال، جو آئي سگهي! سندس مسلمانن ۽ مسلمانن جي مسئلن سان ڏاڍو شغف، بلڪ عشق چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو. هوندو هو هندن سان ازلي وير. ڪيس هو بہ چڱا هٿ ڳنڍيون آيا - لاڙڪاڻي جا فساد، جنهن ۾ هن غريب کي ڪِن نہ جن، هندن ڪٿي ڪيس جيل ۾ وجهرايو، ان کان پوءِ سکر جا فساد، جنهن ۾ پڻ ڪوڙيون شاهديون ڏئي مٿس الزام آندو ويو تہ سوئو هٽي هُن فلاڻو هندو سرڳ پهچايو. ان بعد وري ٿيو منزل گاھ وارو معاملو. (١) مطلب تہ ڪو بہ وجھ هندن اهڙو ڪونہ ڇڏيو، جنهن ۾ نظر علي خان کي اندر اماڻڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون.

---

(١) منزل گاھ تي مولانا ظفر علي خان جو هي نظم زميندار ۾ ڇپيو:

غير کے تحويل مين مسجد هے منزل گاھ کي
قبضہء طاغوت مين هے جائداد الله کي
يہ وہ گهر هے جس مين ملتا هے سبق توحيد کا
اور اٹها دي هے تميز اس نے گدا و شاہ کي
يہ وہ گهر هے جس نے پهيلائي هے ايمان کي ضيا
روشني پڑتي هے جس سي مانند، مهر و ماہ کي
يون پڑا هوتا نہ تلا گهر مين رب کعبہ کے
حکمراني سندھ مين هوتي گر آصف جاہ کي
اي مسلمانو!نشان "معصوم" کا مٹنے نہ دو
تاکہ هو آسودہ روح اس مرد حق آگاہ کي
آج سکهر مين هے دنگل کفر اور اسلام کا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ اهي نهايت ئي درد ناڪ واقعا هئا. اڻ سهائيندڙ ۽ ڏکدائڪ. هندو هر لحاظ سان مسلمانن کان ترقي يافته هئا - پيسي ۾، تعليم ۾، ملازمتن ۾ ۽ واپار ۾. سياسي خواهه سماجي طرح سياڻا به ۽ سجاڳ به. هنن کوبه اڳ پوءِ ڪونه ڳڻيو. الهه لڳ ڳالهه ڪبي، مسلمانن جي غير تعليم يافتگيءَ مان ۽ زميندارن جي جهالت ۽ اڏنگن خرچن مان هنن نهايت ئي اجوڳ فائدا ورتا. هنن تي ملڪي هجڻ سبب ۽ وڏيڪ سڌريل ۽ سمجهدار قوم هئڻ ڪري، پائيءَ پائيءَ جا، برادريءَ جا، پاڙيسريءَ جا، ۽ وڏ نندائيءَ جا جيڪي انگ ۽ ننگ هئا، سي هنن پورا ڪونه پاڙيا، بلڪ هلندي هلندي، مسلمانن جون ڪيئي زرعي زمينون به قرضن ۾، ورتل ۽ اڻ ورتل ڪندن ۽ وياجن جي مٿان وياجن ۾، پنهنجي هٿ ڪري ويا.

شهر ته اڳ ئي سندن قبضي ۾ هئا، زمينن وڃڻ سبب ٻاهراڙيون به گهڻي قدر سندن هٿ هيٺ اچي ويون. هنن پوءِ سياسي پڌيون ڪري، هندستاني هندن سان جوڙ توڙ ڪري، مهاسڀا ۽ ڪانگريس جا پلوَ پڪڙي، سياسي طرح به مسلمانن کي اهڙي طرح ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن هو پنهنجي ملڪ اندر به بيوس ۽ ويچارا ٿي رهن. مسلمان پنهنجي زور ۽

---

ديکهه لے هندستان کشتي يه کوه و کاه کي
مرده هو اسلام کو باطل کي شه رگ کٽ گئي
جب لگائي هم نے آکر ضرب الاالله کي
کافرون سے جاکے کهدو نکته چين دين پر نه هون
دين مين گنجائش نهين هے جبر او اکراه کي
اس سمندر کا شناور زاده توحيد هے
لا نهين سکتا خبر کردون بهي جسکي تهاه کي
کهدو گاندهي سے نه الجهے ملت اسلام سے
عرش تک پرواز هے اسکے جهان سوز آه کي
سلسبيل و کوثر و تسنيم کا هے اتصال
سنده کا دريا هے يا رحمت رسول الله کي
ميري نظم گوهرين هے آفرين سي بے نياز
وه سخنور هون نهين پرواه جسکو واه کي
سندهيون کو جاکے دو پيغام مسلم ليگ کا
هے تلاش ان کو گر آزادي کي سيدهي راه کي.

منزل گاهه جي هٿرادو پيدا ڪرايل فساد کان اڳ، جي. ايم. سيد، الهه بخش شهيد جي وزارت کي ڪيرائڻ لاءِ، مسلم ليگ کي دعوت ڏني، جناح صاحب کي سنڌ ۾ گهرائي،1930ع وارو اجلاس سڏائي، پاڪستان وارو ريزوليشن پاس ڪرايو. جنهن بعد سنڌ جي سياست ۽ سموري هندوستان جي هندو - مسلم سياست جو رخ ۽ هواءِ بدلجي وئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طاقتوريءَ جي زماني ۾ پنهنجي سنڌي سلطنت جي دور ۾ سائن مجموعي طرح هميشه سنا پير پريا هئا. سنڌ جي جڏهن پنهنجي حڪومت هئي، تڏهن تہ هتي هندو مسلمانن جي تفريق ۽ ننڍ وڏائيءَ کي تقريباً ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻئي کي برابريءَ جو پاءُ ڪري ڏٺائون، پر سنڌ تي جڏهن ست ڏارين عربن جو قبضو هو، تڏهن بہ هندن جي اصلي حيثيت نہ فقط سنڌ اندر قائم رهي، بلڪ بغداد ۽ دمشق تائين، سنڌن عالمن کي گهرائي ، لک عزتون ڏنيون ويون ۽ مالي محڪمن ۾ ايڪچار هندن کي مقرر ڪيو ويو. هن پوئين زماني ۾ ڪلهوڙن جو سياهہ سفيد گهڻي حد تائين سنڌن هٿ ۾ هو. منجهائنن ڪيترن کي سڄيءَ اولاد وانگر "برخوردار" سمجهيو ويندو هو - موتل مل، مانجهو مل، گدو مل، چيلارام، گهنشامداس، بالڪ رام، شيوڪ رام عطارد، گلراج وڪيل، لالہ امرت راءِ، جسپت راءِ، عزت راءِ، ديوداس، مولراج، ڪرڻ مل، گلاب راءِ، اجومل، تارا چند، هري راءِ سهج رام، مانڪ راءِ، مولچند، دولهہ رام ۽ پائي دولهہ رام - اهي انهن هندو عملدارن مان فقط چند آهن، جن جي هٿن ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جون واڳون هيون ۽ ملڪ جي اُٿي ويٺي، وهي واٽي، نبيري نچيڙي ۽ اندرين ٻاهرين انهن جي هٿ ۾ هئي. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جي ڪاروبار ۾ بہ - سيٺي کي چاڻ آهي تہ - هندن جو گهڻو ئي عمل دخل هوندو هو. سومرن ۽ سمن جي ديسي دور يا مغلن جي ڌارئي دور ۾ بہ اهائي ساڳي حالت هئي. اڪيچار هندن جا نالا ملن ٿا، جن جو ملڪي ڪاروبار ۾ حصو، اثر ۽ رسوخ هوندو هو. اهو تہ جڏهن انگريزي راڄ آيو، جنهن جي آڏ ۾ بہ اندرئون اندر، ٻين وطني غدارن سان گڏ منجهائنن بہ ڪيترن جو هٿ ۽ حصو هو. تڏهن ڪان وني هتن جي اک بدلي. ويهين صديءَ جي شروعات ڪان پوءِ تہ ڪين الائي ڇا تي ويو! گويا ڪين مسلمانن سان گڏ ملڪ ۾ رهڻو ئي ڪونہ هو، ۽ هڪ ٻئي سان سنڌن جڻ ڪڏهن ڪو واسطو ۽ وجهہ ئي ڪونہ هو! جيئن جيئن سياسي شعور وڌندو ويو ۽ هندستاني سياست سنڌ تي حاوي ٿيندي وئي، تيئن تيئن تفريق وڌندي وئي ۽ جنهن کي جڏهن موقعو مليو، تڏهن ٻئي کي تهس نهس ڪرڻ جا ويچار ٿيندا رهيا، حالانڪ اها نيت ۽ اهو طريقو نہ شاناٿتو هو ۽ نہ زيبائتو، نہ مناسب نہ موزون. ملڪي خواهہ برادرانہ قاعدي ۽ قانون جي تحت، ڪنهن کي بہ ائين ڪرڻ لاءِ حق ڪونہ هو.

خانبهادر کهڙو يا ٻيا ڪيترا مسلمان پوئين دور ۾ هندن وٽ ڇڙو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهيءَ تفريقي تاثر هيٺ غير مقبول بلڪ معتوب ٿي پيا، جو هو وقت سر سندن انهيءَ غلط رخ جي آڏو ايندا ٿي رهيا، ورنہ ڀيو ڪوبہ گناهہ ڪانئن سرزد ڪونہ ٿيو هو. نہ انهن ڪو ڌاڙو هنيو هو نہ ڪو خون ڪيو هو. هندن جي لغت ۾ اهڙن مسلمانن جا لقب ”تنگ دل“ ، ”فرقي پرست“ ۽ ”متعصب“ رکيا ويا. پاڻ جيڪي ڪندا ٿي رهيا، سو عين ڪشاده دلي، تعصب کان خالي ۽ بلڪل قومي ۽ وطن پرستيءَ جي شان وٽان هو، ليڪن حق تلفيءَ تي يا حقن کي دستبرد ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪنهن مسلمان گهل گهوڙا ڪئي ٿي (جنهن ۾ هنن بہ اڪثر انتها ڪري ٿي ڇڏي)، تہ اُهو اجهو انهن لقبن لڳڻ جي لائق ٿيو ٿي! نفرت، حقارت بلڪ چٿجي تہ سندن جهالت ۽ ناعاقبت انديشيءَ جي حالت هيءَ وڃي ٿي هئي، جو هڪڙي ڪنهن انگريزي - سنڌي لغت لکي، ان ۾ اصطلاحاً ”مسلمان“ (Muslim) جي معنيٰ شايد تہ مسلمان اڪثريت جي اڻ پڙهيلائيءَ کي خيال ۾ رکندي، ”ڄٽ“ لکي ڇڏيائين. هندن اها بہ ڪوشش ڪئي تہ سنڌ جي تاريخ کي بہ مرضيءَ موجب بدلائين ۽ واقعن کي اهڙيءَ طرح پيش ڪن، جو انهن مان خود سنڌي مسلمان حاڪمن جو ظلم ۽ هندن جي مظلوميت معلوم ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترا ننڍا وڏا ڪتاب لکيا ويا، جنهن سلسلي جو هڪ ڪتاب ”ميرن جي صاحبي“ بہ آهي. سنڌي زبان جي رسم الخط کي بدلائي ظ ۽ ض، ذ ۽ ز جي هم آواز اکرن لاءِ هڪڙي ئي اکر ز جي ڪم آڻڻ، ط جو ڪم ت مان ڪڍڻ ۽ ص ، ث ۽ س جي بجاءِ رڳو س کي ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ” سنسار سماچار“ انهيءَ تحريڪ جي علمبردار هئي! ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڇاجي ڪري؟ مسلمانن جي نظر ۾، اهو سڀڪجهہ انهيءَ ڪري هو جو اهي زائد اکر عربيءَ ۾ ڪتب آيا ٿي! انسان جڏهن هوش ۽ عقل وڃائي ويهي ٿو، تڏهن ڪيئن نہ وچڙائيءَ ۽ سنجيدگيءَ جا ليڪا لنگهي وڃي ۽ ٻئي پار پئي ٿو! ان جو مثال ان دور جي هندن ۽ مسلمانن جي انهيءَ باهمي ويڇي ۽ دوئيءَ جي رخ ۽ روش کان وڌ ڀيو ڪو ٿي ڪونہ ٿي سگهي.

سنڌ ۾ اهو سڀڪجهہ اجڪلهہ کان نہ بلڪ ٿوريءَ يا گهٽيءَ صورت ۾ مدتن کان ٿيندو آيو ٿي، ويڇا پوندا ٿي ويا، دلين جي وچ ۾ حقارت ۽ نفرت جا ڪوٽ کڄندا ٿي ويا، اکين اڳيان لوڀ لالچ ۽ غرضن جا پردا چڙهندا ٿي ويا. مهاسڀائي هندو ۽ ليگي مسلمان تہ خير، ڪانگريسي هندن ۽ قوم پرست مسلمانن کي بہ ڪٿي درگذر ڪجي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي بہ سياسي خود

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

غرضيون هيون، ليڪن انهن هندو ۽ مسلمان بزرگن بہ انهيءَ ڏس ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪيو، جن جي لاءِ مشهور هو تہ هو عالم آهن، صوفي آهن ۽ پيد پاوَ، تعصب ۽ فرقي پريستيءَ مان اصل ڪونہ ڄاڻن. سنڌ جي هندو ـ مسلم جي انهيءَ بنيادي ويڇي ۽ دوئيءَ ۾ افسوس آهي تہ ڪاڪي چيتمل مرحوم، لعل چند امرڏني مل، دادي ڀيٽائيءَ، دادي واسواڻيءَ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، مرزا قليچ بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ، ۽ مولوي محمد صادق ڪڏي واري جهڙن وڏن درويشن، مهاپرشن، عالمن ۽ فيلسوفن، جن جي وات ۾ هر وقت شاهہ جي، سچل جي، جهوڪ جي، ۽ ڪنڊڙيءَ وارن ڪلتارن جي وائي ۽ واڪاڻ هوندي هئي، تن بہ ڪو ڦيرو يا تہ آڻي نہ سگهيو، يا وري مرڳوئي هنن ڪا سنڌائتي ۽ اثرائتي ڪوشش ڪانہ ڪئي ـ حالانڪ اخلاقي طرح مٿن وڏو بار هو.

بهرحال، هلندي هلندي، ڳالهہ اچي اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهتي، دليون ايتريقدر پرچي آيون، جو جي. ايم. سيد جهڙا " سڀ ۾ پرين پسڻ" وارا ماڻهو بہ بي صبر ۽ بيزار ٿي پيا. اهي جيڪي هميشه هندو ـ مسلم ايڪتا جي جهوليءَ ۾ جهلندا هئا، اهي جيڪي قومي خيالن وارا ۽ سراسر وطن پرست ۽ قوم پرست شمار ٿيا ٿي، نہ ڇڙو اسيمبليءَ اندر واڪو ڪري انهن چيو تہ "واٽين ڪي سنڌ مان ائين ڪڍنداسين جيئن جرمنيءَ مان يهودي نڪتا!" بلڪ سنڌ مان ڪَهي وجي، بمبئيءَ منجهان (1939ع ۾ )، جناح صاحب کي محمد بن قاسم بڻائي، ڪلهن تي کڻي آيا. هيڏان جناح صاحب مٿان هوائي جهاز گل گهورينـدا هلن. گهوڙا، گڏهہ، بگيون، ٽانگا، پڇاڙي ۾ ڪڏي جا ميربحر، مٿن تي رومال رکي، انهن مٿان رسا وجهي، اُنن تي ائين چڙهي نڪتا، ڄڻ هاڻي عرب جا "سوسمارخور" (١) سنڌ فتح ڪري دارالخلافہ ۾ فاتحانہ داخل ٿيا آهن! اوستائين قرار ڪونہ ڪيائون، جيسين سچو جهڳو جهڻ ڪرائي نہ بينا ۽ جيسين سمورو گهر ٻاري ـ ڏياري نہ ڪيائون ـ ڇاڪاڻ تہ هو انهيءَ حد تائين مجبور ڏسڻ ۾ ٿي آيا، جو هنن نہ دوراندیشي ڪئي نہ دليل ڊوڙايا، گهر

(١) فردوسيءَ جو مشهور شعر ۽ بشار بن برد يا متوڪلي شاعرجو عربي شعر يا انهيءَ دور جي ٻين شاعرن جا عربي توسيع پسنديءَ جي خلاف چيل شعر ڏسڻ گهرجن. (مناج اول ص 23 تا 30) انهن شعرن مان ظاهر آهي تہ جن ملڪن کي عربن فتح ڪيو، اتنهن مذهب ڪان زياده سلطنتي ڦهلاءَ جو جذبو ڪار فرما هو. ۽ مقامي ماڻهن سندن انهيءَ جذبي خلاف نهايت شدت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي تيلي ڏيئي بيهي رهيا. انهيءَ ڪري تہ ’گهر پلي سڙي تہ سڙي پر ڪوئن جو ضرور خاتمو ٿئي!‘ اهو سيڪجهہ ڇو ٿيو؟ محض هن ڪري جو وچ ۾ نفرت هئي، حقارت هئي - ماڻهو پيو سپڪجهہ سهي ويندو، پر اهو برداشت ڪري ڪونہ سگهندو تہ ڪيس انهيءَ حد تائين مليڇ ۽ پليت سمجهيو وڃي، جو ان جي ڪپڙن مان بہ پئي بڇان اچي ۽ ان جي ڏسڻ سان بہ پيو خارون لڳن. اِهي تہ اُهي ڳالهيون آهن، جيڪي انسانيت لاءِ آپگهات جو سبب ٿين ٿيون - قومون تہ پري رهيون، فرقا ۽ طبقا تہ بجاءِ خود رهيا!

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ذاتي واقعو يادِ اچي ويو آهي. پايان اندازي لڳائڻ لاءِ هتي بيان ڪرڻ موزون ۽ مناسب ٿيندو.

لاهور کان ڪراچيءَ ٿي آيس. انٽر ڪلاس ۾ جڏهن جاءِ پرجي وئي، ان وقت سکر جو هڪ هندو بسترو ۽ بدڪي (١) ڪڇي اچي در تي بيٺو. گهڻي ڪوشش ڪيائين، پر همراهن گاڏو کولڻ ڪونہ ڏنس. آخر هيڏي هوڏي واجهائي، مون کي سنڌي سمجهي، اچي گهٽ ۽ گهيٽر پڌائين:-

- مڱڻ! تون تہ پنهنجو آهين!
- پاڻ ۾ پائر آهيون نہ!
- ڳلِ پڌ نہ پاڙ!
- مان بينچ تي ڪونہ ويهندس!
- جيئن پائو مان چوان نہ !
- تون اصل ويچار نہ ڪر!
- مان بسترو رکي ان تي وقت ٽپائيندس!

ايتري ۾ گاڏي جي چٽڻ جو اچي وقت ويجهو پيو. پائي صاحب تکڙو تکڙو چوڻ لڳو :

- پائو سڄي واٽ موجان ڪندا هلنداسي!
- چار پاٽليون ساڻ اٿم!

ايتري ۾ بيري ماني آڻي مون کي ڏني. پائيءَ واڪو ڪري چيو:

- سجڻ پڌ تہ ! اهو خرچ ڇو ٿو ڪرين؟ مان وٽ مال گنج آهن. پائر آهيون ونڊي کائينداسي!
- فڪر نہ ڪر ، ڳل تہ پڌ، موٽائي ڏينس نہ !

(١) ”بدڪي“ انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن لٽي ۾ هندو پنهنجا ٽپڙ ٻڌندا آهن. بجاءِ بيگ جي ٿو بدڪي ڪڻندا هئا.

ايتري ۾ گاڏيءَ پهرين ڪوڪ ڪئي ۽ گارڊ جي سيٽي به ڪَنن تائين پهتي. پائيءَ جو حال ڏسڻ وٽان هو، ٻئي ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو:

- پائي پنهنجو تي ائين ته نه ڪر. سنڌي پاڻڙ آهيون! قرب ڪر نه پاڙ!

اهي پائيءَ جا نڪتا ۽ ملڪي ويچار ٻڌي، مون کي به رحم اچي ويو. سنگتن کان پنهنجي ذميواريءَ تي موڪل وٺي، در کولي پائيءَ کي مان اندر آندو. پهريون ته بسترو ڪاڪوس جي پڪ ۾ نهايت نوڙت سان رکي، ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان تي ان تي ويٺو. جڏهن پڪ ٿيس ته گاڏي ۾ اچي چڪو آهي ۽ بستري تي ويهجي به ويو آهي، ان وقت ڌوتيءَ جي پلاند سان منهن اگهيائين، پوءِ سامت جو ساهه کڻي، صدريءَ جي کيسي مان سيل جو پاڪيٽ ڪڍي، سپن کي سگريٽ آفر ڪيائين. مون کي به زور ڪري هڪ سگريٽ ڪٽايائين. ڪو ڳالهائيس نه ڳالهائيس، پر هي پائي هر هڪ جي ڳلي پوڻ لڳو. کلڻ، ٺهڪ ڏيڻ، سوڊا لمليتن جون صلاحون ڪرڻ. مطلب ته جيسين گاڏي هلي ۽ کيس خاطري ٿي ته هاڻي ڪوبه لاهي ڪونه سگهندو، تيسين برابر اهي ڪرتب ڪندو رهيو. جڏهن گاڏي پليتفارم ڇڏي، ٻاهريون سگنل به ٽپي، سڌي رستي تي رهوال ٿي هلي، ان وقت کلندي ڳالهائيندي بستري تان غير محسوس نموني ۾ اٿي اچي هڪ بينچ جي ڪنڊ تي ويهڪ جو هڪ ڪنون رکي، ائين ٿي ويٺو، ڄڻ ڪا خاص ڳالهه ويجهو ويهي ڪرڻي هيس، جنهن بعد وري وجي بستري تي جاءِ نشين ٿيندو - مٺيون ۽ قرباڻيون ڳالهيون به ڪندو وجي، کلندو به وجي ۽ آهستي آهستي سرڪندو ۽ سرندو به وجي، تان جو جڏهن گاڏي ٻيءَ اسٽيشن تي اچي بيٺي ته پائي پوري جاءِ وٺي چڪو هو. هڪ به دفعا اٿي، درن کان هيڏي هوڏي نهاري وري اچي ويٺو. جڏهن کيس يقين ٿيو ته ڪنهن کي به اعتراض ڪونه آهي، ۽ ويهڪ جي جاءِ به سندس قبضي ۾ اچي چڪي آهي ۽ ان تي سندس حق تسليم ٿي چڪو آهي، ان وقت نه ڇڙو ٽپڙن کي سوري پوري سوليءَ جاءِ تي ڪري رکيائين، بلڪ مٿين بينچن مان هڪ کي خالي ڏسي، اُت پڙ ڪري في الحال انگوشو به پٿاري ڇڏيائين. ڪجهه وقت واءُ سواءُ واڇي ڏنائين، جڏهن ڏٺائين ته ان تي به ڪنهن جا ڪن ڪڙا ڪونه ٿيا، تڏهن هڪ دفعو ٻيهر سگريٽ جي آفر ڪري انگوشي سان گڏ بستري جي هڙ به کڻي مٿي رکيائين. مطلب ته ڪاڪوس جي در تان اٿي، بينچ تي ويهڪ رکڻ واريون منزلون طئي ڪندي ، پائيءَ ڪلاڪ اڌ ۾ وجي مٿينءَ بينچ تي قبضو ڄمايو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان ماني کائي پوري ڪئي، ليڪن ڀائيءَ پنهنجي بدڪيءَ ۾ پيل ’جام مال‘ مان، جن ڏانهن هن انهيءَ وقت اشارو ڏنو هو جنهن وقت گاڏيءَ ۾ اندر داخل ٿيڻ جو مسئلو اجا زير بحث هو، پوري ڪچوري ۽ مٺاڻ ذرو نه ٿيو، پر ڪٿاڻ رتي به ڪڍي ڪانه ڏني.

گاڏي جڏهن راءِ ونڊ تي آئي، ان وقت ٿانون ڪڻڻ لاءِ بيرو اچي دريءَ وٽان بيٺو. مان پرينءَ بينچ تي هيس. بين اڻ واقفن ۽ ڌارين کي تڪليف ڏيڻ مناسب نه سمجهي، ٿانوَ ٿپائي ڀائيءَ کي ڏيڻ گهريم ته هو دريءَ کان بيري کي ڏئي، ڇاڪاڻ ته ڀائي پنهنجو هو، ’ڀائو‘ ڪوني چڪو هو ۽ هٿاسين به هڪ وطن جا ۽ مٿس تازو ٿورو به ڪيو هيم، ليڪن منهنجي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن ڀائيءَ ٿانون ۾ هٿ وجهڻ جي بجاءِ ڏند ڪڍي ڇڙو ڪلڻ شروع ڪيو - هين!هين! ! هين!!!

ميان اوهين ڀاڻ ڪٽي ڏيوس نه!

ڀائي ڇرڪ ڀري پاسي تي ويو ۽ مان ’ڀائوءَ‘ مان ڦري ’ميان‘ تي پيس.

- ٿورو اُتي باسڻ ڀاڻ ٿپائي ڏيوس.

هين! هين!! هين!!!

ڀاڻ کي هٿ لائڻ جو ڪينُ آهي!

هين! هين!! هين !!!

سڄي وات سنڌي هندن جي ڪردار جا اهي به پهلو منهنجي دماغ ۾ ڦرندا رهيا - ڪم ڪڍڻ لاءِ نماڻائي ۽ نوڙت، ۽ پوءِ نه فقط اُهائي بي پرواهي ۽ الغرضائي بلڪ اُهائي ڇوت ڇات، جا هونئن ته سندن ڌرمي ضابطي جي ڳالهه هئي ۽ ڀاڻ ۾ به ذات پات جي خيال کان اها ائين ئي رکندا هئا، پر منهنجي ذهن ان مان اهو تاثر ورتو ته مون ته ڪانئي چمچي سان کاڌو هو، ماني اسپينسر جي بورچيخاني مان پهچي آئي هئي، سڪڻ ٿانون کي هٿ لائڻ ڀائيءَ کي ان ڪري حرام ٿي پيو، جو هڪ مسلمان جا هٿ انهن کي لڳي چڪا هئا!

بس ائين ئي دلين ۾ هندو - مسلم جي ويڇي ۽ دوئيءَ جي نشان تي جڻ هڪڙو وڌيڪ گهڪو ڪنهن ڪڍي ڇڏيو.

٭ ٭ ٭

سنڌ ۾ هندو - مسلم پيد ڀاوَ جو اهو انفرادي مثال ڪونه هو، بلڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سموريءَ قوم جو ڪرداري پس منظر انهيءَ دوئيءَ ۽ انهيءَ ويڇي جي پردي تي چٽيلُ هو. جيسين هڪ ٻئي جو اچو منهن ڪرٽو هوندن تيسين جنسي مکڻ، جهڙا ماکي، گويا ٻاٽرن کان وڌ ٻاٽر، جيڪي چئو سو ڪن، جيڪي ڪُڇو سو پورو، اهڙا نرم جو موئي سوئي ڪٽي ڪن ۾ وجهون، مذهب ۽ ڌرم جو به پيد پاءُ ڪونه . ليڪن ڪم نڪتي ڪانپوءِ، هڪ جو ارڪو ترڪو ۽ اگرتگر اُگهي ۽ سڀ حق ۽ ذما ويڙهي، پيو پنهنجي گوڏي هيٺان ائين دٻائي ويهندو، ڄڻ منجهانئن ڪوبه واپاري واپاري ڪونهي، ڪوبه زميندار زميندار ڪونهي، ڪوبه انسان انسان ڪونهي، بلڪ جيڪڏهن ڪو آهي ته فقط هندو هندو آهي ۽ مسلمان مسلمان آهي - ائين ڦيرو ڪائي ويهندا ڄڻ واقف ئي ڪونه هئا. گويا ڪڏهن سندن هڪ ٻئي سان منهن موڪ ئي ڪونه هو، بلڪ الٽو ويري جهڙا واسينگ.

سنڌ جي سماجي خواه سياسي اسٽيج تي هندن ۽ مسلمانن جي سالن کان وٺي جنهن تماشي جي رچنا رچيل هئي، ان جي آخري سين جي ابتدا، مسجد منزلگاهه واري خوني معرڪي سان شروع ٿي، ۽ ان جو ڊراپ سين انهيءَ ٽريجڊيءَ تي ٿيو، جنهن ۾ هندو واپارين کي اباڻو وطن ۽ ست پشتو ماڳ ۽ مڪان ڇڏڻو پيو. اهو سڄو مال ۽ ارڪو ترڪو جنهن ۾ سنڌي مسلمان ڀاڱين ۽ هٽ هارين جو، جيڪي سندن ئي ٻاٽر هئا، نه ڇڙو رت ۽ پونءِ مليل هو، بلڪ ان ۾ سندن اکين مان نڪتل لڙڪ ۽ اندر مان اٿيل آهون ۽ پورهئي مان پيدا ٿيل پسينو به شامل هو، سو به ڪانئن ڪسجي مورڳو ئي وڃي انهن ست ڌارين جي حوالي ٿيو، جيڪي نه سندن مٽ هئا ۽ نه سنڌي مسلمانن جا ئي ٻاٽر ٿي سگهيا! جيتوڻيڪ هن سڄي پونچال ۾ سنڌي مسلمانن به ڪورڪي تڪڙ ڪئي، اڳ پوءِ انهن به ڪونه جاچيو، تاهم انهيءَ مامري جي وڏي ذميواري وڏيڪ هندن جي ڪنڌ تي آهي، انهيءَ ڪري جو هو پڙهيل ڪڙهيل هئا، ڀاڳ وارا هئا، ملڪ جي سياه سفيد تي سندن قبضو هو، سياسي سجاڳي به منجهن هئي، مسلمان جيڪڏهن تعداد ۾ وڌيڪ هئا ته ڇا ٿي پيو! هئا ته ڪانئن هر ڪنهن ڳالهه ۾ گهٽ. ڪين ئي سوچڻ کپندو هو ته جڏهن به ٻاٽر وڙهن ٿا ته ان مان نقصان هڪ کي ڪونه پهچندو آهي، بلڪ ٻنهي جو ئي جهڳو جهڻ ٿئي ٿو - سو آخر ٿيو به ائين!

اهو هو ٻئڪ گرائونڊ کهڙي صاحب جي متعصب مشهور ٿيڻ جو ۽ ان جي پلاند سان پلاند اٿڪڻ سبب آغا نظر علي خان افغان جي فرقي

پرستيءَ جو ۽ جي. ايم. سيد جهڙي صوفي منش انسان جي ليکي سياست جو.

* * *

سکر انهيءَ زماني ۾ هندن جو وڏو ڳڙهه هوندو هو. هر سياسي خواهه مذهبي تحريڪ ۾ اتان جا هندو سيٺ ڪان اڳرو حصو وٺندا هئا. سکر جي پهرين فسادن کان پوءِ ته ويتر سخت متعصب ٿي پيا. مهاشيه موتيرام، شريت ويرو مل بيگراج، مسٽر پمناڻي، شريت وليچا ۽ اسان جو عزيز بلڪ محبوب دوست آرت مل پنجابي - بس ڇٽي ڪٽي بس ڪيو. مسلمانن جو مسئلو آيو ته اکين مان رت لهي ايندن.

اهو سندن سياسي ڪردار هو. ليڪن سندن شخصي سياءُ نهايت شريفاڻو - مسلمانن سان ذاتي دوستيون، مرٽي پرٽي جا رستا. شاديءَ مراديءَ ۾ اٿي ويٺي، مسلمان دوست وٽن ايندو ته پاڻ ذري ۽ لمليٿ پيارڻ کان سواءِ اصل نه ڇڏيندس، آجيان ڪندس ته اٿي بيهي، ڀاڪر پائي، وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي. خود اسان جي آغا نظر علي خان سان به سندن شخصي رستو ڀائرن جهڙو هو. جيتوڻيڪ آغا صاحب جي لغت ۾ متعصب هندو ليڊرن لاءِ مخصوص لفظ هو "دَجال" ۽ جڏهن ڪنهن اهڙيءَ جنس کي پري کان ايندو ڏسندو ته ڪلي چوندو: " آغا منهنجا! اجهو اچئي ٿو دجال!" جڏهن اچي ڍهو ڍهه ٿيندو، ته آغا مرحوم وڏو ٺهڪ ڏيندو" اچو جناب ديوان پمناڻي صاحب!" "اچو سائين مهاشيه ويرومل صاحب!" "اچو سيٺ موتيرام صاحب!"وغيره وغيره. ملندا هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي، ڄڻ وڇڙيل ڀائر آهن - هئا به ته برابر وڇڙيل ڀائر، پر نلهن ڀاڪرن مان ڇا ورندو؟ دليون ئي ته ڦاٽل هيون ۽ ٽاڪن جي وچ ۾ ... تائين ملي ڪونه سگهيون! دلين جي آنڌ مانڌ ئي ته اهي طوفان ڪڙا ڪيا! واءِ قسمت، جي ڀاڪر پائيندي ڪڏهن دليون به ملي وڃن ها، ته هوند ههڙا هاڃا ڪيئن ٿين ها؟ ۽ نه پنيور کي باهه ئي لڳي ها؟ اڄ به اهي مورتون ياد پيون ٿيون، ته ڄڻ دل ۾ جهورائو وني ٿو وڃي. ڇا ته صورتون هيون، هاءِ هاءِ!

* * *

شريت ويرومل بيگراج، پراڻو قومي ڪارڪن، روزاني سنڌي اخبار جو مالڪ ۽ سمپادڪ، سکر بلڪ سنڌ جي هندن جو مهندار هوندو هو. سنهيون مڇان ڪينچيءَ سان ڪتريل، منهن مشين تي لٿل، چوٽي البت وڏي،

وار سڄا اڇا، پريو مڙس، نهايت شائستو پيو لڳندو هو. سڄي پوشاڪ هٿ جي اٽيل کاڌيءَ جي، گانڌي ٽوپي، ڪڙتو ۽ ڌوتي، پير ۾ اڇو سليپر ۽ ٻت تي چادر ويڙهيل، جنسي مهاپرش پيو لڳندو هو. ڳالهائيندو ته آهستي، مٺي آواز ۽ لهجي سان ـ "ادا"، "ڀائو"، "من" ڪري مخاطب ڪندو. پاڪستان ٿيو، تڏهن به وطن ڪونه ڇڏيائين. پڇاڙيءَ ۾ ڏک به سٺائين، ليڪن دل ڪٿي نه سگهيو . مان (1948) ۾ ڪيس آخري مرتبو "هاربلي هائوس" ۾ ڏٺو، جڏهن پير پاڳاري سان ملڻ آيو هو. هڪ هٿ ۾ لڪڻ، ٻيو هٿ رام جي ڪلهي تي، سڄو ڪُٻو، وڪ ڪٿي پيو، ته سهڪو پيو ٿئيس. سڪر وارا جوش ۽ جذبا، مانَ ۽ مرتبا ياد ڪري ۽ وري اهي ڏينهن ڏسي گهٽي گهٽي تائين مون کي ويٻورو وٺي ويو ـ!

اصل ۾ سيٺ، ليڪن قومي ڪم ڪندي مهاشيو، ٽلهو متارو موتيرام، پري کان لڏندو ۽ ڪلندو ايندو، ويجهو ايندو ته ڪٿي پاڪر وجهندو. جيترو وقت ويهندو ته کل چرچو پوڳ. مسلمانن جي چنچري لاهڻ جون ڳالهيون به خود مسلمانن کي ئي ڪلندي ڪلندي اهڙيءَ طرح چٽي ويندو، جو پنهنجو موت انهن کي به پيو وٺندو. آزاد ميدان وٽ اَن جي وڏي ڪوٺي هوندي هيس. ڪوٺيءَ جي طول وهاڻن ۽ اڇن گاديلن تان اٿي، سامهون آزاد ميدان ۾ پيل اسٽيج تي چڙهي جڏهن تقرير ڪندو هو، ته ڪيترا هندو جيل وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويهندا هئا. قومي تحريڪن ۾ ڪيئي دفعا قيد به ڪاٽي چڪو هو. ٽوپي بخمل جي ڪاري پائيندو هو ۽ ڪڏهن کاڌيءَ جي گانڌي ڪئپ. لٽا اُهي ئي، هٿ جي اٽيل جوڙيءَ جا. هيٺ تي ڌوتي، ٻت تي ڪڙتو. نظر علي خان مهاشيه ويرومل کان به وڌيڪ ويري ڪيس سمجهندو هو. پر هو مڙس لاکيٽون، لوڏ ئي لک لهندي هُيس. پاڪستان ٿيڻ بعد لڏي ويو. خدا ڄاڻي جيئرو به آهي، الائي سرڳواسي ٿيو.

شريئٺ وليچا، نوجوان وڪيل، قد جو بندرو، شڪل صورت جو ٺاهوڪو، مچان پوپٽ جي مثل هونديون هيس. شروع کان پڇاڙيءَ تائين ڪانگريس ۾ رهيو. ڪيترا دفعا جيل به ويو. شريئٺ ويرومل ۽ ڀائي موتيرام جڏهن نظر علي خان کي ڏسندا هئا، ته سندن اکين ۾ 'لوهو'، (١) تري ايندو هو ۽ دل "سنسار سماچار" جي محاوري مطابق "ڌڌڪو" کائي ويندي هين. ليڪن وليچا نيت ۾ ته هوندو ڪٿي الائي ڪيئن به هو، پر ظاهر ۾ هُنَ

(١) اهو سکر جي هندن جو اکر هو. 'لوهو' معنيٰ لهو، رت.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻنهي کان زياده مٺ ۽ محبت سان ساڻس ملندو هو، تنهن ڪري ان جي باري ۾ نظر علي خان جي راءِ هميشه "محفوظ" (١) رهي. اها ئي حالت هئي اسان جي دوست 'هندو ليگ گزيٽ' جي ايڊيٽر مهاشيه آرت مل پنجاپيءَ جي. متعصب مهاسڀائي ذهنيت ۽ ڪٽر آريه سماجي مذهب ۾. مسلمانن لاءِ اخبار ۾ ڪڏون ڪوٽيندو وتندو، ليڪن شخصي دوستي هندن سان نه بلڪ مسلمانن سان هوندي هيس. کائيندو پيئندو به مسلمانن سان هو. سندس وقت تن حصن ۾ ورهايل هوندو هو: صبح جو اخبار ۾ مسلمانن کي گاريون ڏيندو ، منجهند جو زناني ويمر گهر جي دروازي کي اکئين لايون معصوم شاهه جي مناري واريءَ چانوَ ۾ ڏوتيءَ جي پَلوَ کي پيو هيٺ مٿي ڪندو، ۽ شام کان پوءِ رات جي مانيءَ تائين اسان وٽ هوندو. دل جي درد جا داستان، ڪڏهن اکين ۾ ڳوڙها، ڪڏهن تڏا چوڪارا، ڪڏهن وصال جي ورق ورائڻ لاءِ رٿان ۽ اسڪيمان. بهرحال دوست منٺار هو. پربس پنهنجي هيس. اصل "جاڳڻ" جو هو. سردار خالقداد خان (٢) مرحوم سان دوستي هيس. پهريون اتان گڏجي هڪ هفتيوار اخبار ڪڍي هئائون، ليڪن جڏهن خالقداد رحلت ڪئي، تڏهن پائي آرت مل اتان لڏي اچي سکر ۾ وينو. قد جو ٿورو بندرو هو، ليڪن شڪل صورت ۾ جنسي مورت. اردوءَ سان خاص دلچسپي هيس. عبدالحليم شرر ۽ ٻين مسلمانن اديبن جا سمورا ناول پڙهيا هئائين، تنهن ڪري سندس زبان فارسي آميز ۽ نهايت شسته هئي. " نمڪدان ظرافت" نالي هڪ مزاحيه ڪالم لکندو هو، جنهن تي 'نمڪ' کي هميشه زبريون ڏئي چوندو هو "نمَڪَدان ظرافت". اسان جڏهن ڪلندا هئاسين ته ڏاڍو شڪي به ٿيندو هو، ليڪن اُچار پچاڙيءَ تائين سڌاري ڪونه سگهيو. جيتوڻيڪ رات ڏينهن اسان سان گڏ هوندو هو، ماني به گڏ کائيندو هو، تاهم جڏهن نظر علي خان ڪِيس پري کان ايندو ڏسندو هو، ته وڏي واڪي چوندو: " آغا منهنجا! اجهو اچيو

(١) مرحوم پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ نه گهرندو هو ته چوندو هو "منهنجي راءِ محفوظ آهي".

(٢) سردار جاڳڻ خان پٺي جو ننڍو ڀاءُ. جي عمر وفا ڪريس ها، ته سنڌ جي مسلمانن ۾ موتي ٿئي ها، پر 23-22 جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. نيڪ ۽ سلڇڻو نوجوان هو. حيرت هئي ته زميندارن جي آڪهه ۾ اهڙو امل ماڻڪ ڪيئن پيدا ٿيو! شايد اهو ئي سبب هو، جو آب و هوا راس نه آيس. مکڙيِ ٽڙندي ئي ڪومائجي ويئي ۽ ٽاريءَ مان ڇڻي اچي زمين تي پئي.

يه قول اپني لطافت کي داد پا نه سکا،
کلا ضرور، مگر کل کے مسکرا نه سکا!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٺو دجال، هندو جاتيءَ جو دلال!" آرت مل کي روبرو چوڻ ۾ به حجاب ڪونه ڪندو هو، چاڪاڻ ته بي تڪلفي جو هئي. اهي لقب ويچاري تان تڏهن لٿا، جڏهن سکر جي هندن آغا تي سوئي سان (۱) هندوءَ کي مارڻ وارو ڪيس ڪيو، جنهن ۾ هندو جاتيءَ جي مخالفت هوندي به آرت مل سچي شاهدي ڏني، نظر علي خان جي جند آزاد ڪرائي. مسين مسين ان کان پوءِ وجي ٿيو " برادرم ديوان آرت مل صاحب!"

نظر علي خان مرحوم جي پٽي ته "ڏرم وير" جي مالڪ ڀائي امرداس سان به ڪانه هئي، پر ان لاءِ چٽي ڪجهه ڪونه سگهندو هو. هڪ ته هو ماٺهو هو سانتيڪو ۽ مذهبي ـ قومي تحريڪن سان دلچسپي ضرور هيس، ليڪن ٻاهر نڪري حصو ڪونه وٺندو هو؛ ۽ ٻيو وڏو سبب ٽارو ڪري وڃڻ جو اهو هو، جو هفتي ۾ به دفعا نظر علي خان اوڏر تي ڪانئس اخباري پنو (۲) وٺندو هو. جڏهن ٽائيپ جو ڪو ڪيس وٺو هوندو هيس، تڏهن ته نظر علي خان به گهڙيون ويهي سائس ڪچهري به ڪندو هو ۽ ان وقت ڪيس اها به دعوت ڏيندو هو ته جيڪڏهن ڀائو صاحب ٻاڻ ميدان ۾ نڪري هندو ـ مسلم ناهه جي ڪوشش ڪري، ته هوند نظر علي خان سندس هٿ هيٺ انهيءَ ڪارج ۾ سائس ڏاڍي مدد ڪري! نظر علي خان هندو ـ مسلم اتحاد تي زور ڏيندي، ور ور ڪيون پيو ڪيس يقين ڏياريندو هو ته ڀائي صاحب جي سهٽي ۽ سانتيڪي سڀاءَ سبب مسلمان ڪيس ڏاڍو چاهين ٿا. هو سندس چيو هرگز نه موٽائيندا، خود ڪهڙو صاحب به انهيءَ ڪم ۾ اڻ پڇو سندس پوئلڳ ٿي پوندو ـ نه " سنڌ زميندار" ۾ ايترو پئسو ٿيو، جو روڪ روپيا ڏئي پنا وٺي سگهجن ۽ نه نظر علي خان ئي پيچاڙيءَ تائين انهيءَ قسم جي دعوتن ڏيڻ کان باز آيو، نه اڻ پڇو ڪهڙو صاحب ئي ڀائي صاحب جي

(۱) سکر جي پهرين فسادن ۾ هندن نظر علي خان تي ڪيس ڪيو هو ته هن ڳوٺين جي سبڻ وارو سوئو هٽي، هڪڙي هندوءَ کي ماريو آهي. سي. آءِ. ڊيءَ. ۾ جاچ هلي. جنرل لائبريريءَ جي لائبريرين مسٽر ماڪيجاڻيءَ، ريمگٽن ٽائيپ رائيٽر جي ايجنٽ مسٽر ٽنڊن ۽ آرت مل شاهديون ڏنيون ته جنهن تاريخ تي اهو قتل چيو وڃي ٿو ته ٿيو آهي، ان تاريخ تي ظر علي خان سکر ۾ هوئي ڪونه. هندن ڏاڍا زوريار آندن، ليڪن اهي ٽيئي هندو دوست سچ کان منهن موڙي نه سگهيا. انهن جي ئي شاهديءَ تي نظر علي خان جي جند ڇٽي.

(۲) اخبار جي پني جو هڪ ريم 0-14-1 ملندو هو. پريس ۾ ڪڏهن ته ايترا پئسا به ڪونه ٿيندا هئا، جو پنو وٺي سگهون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڍ لڳو. بهرحال جيسين مرحوم جيئرو هو، تيسين انهيءَ صورت ۾ پڻ ۽ ٽائيپ وارو ڪم واه جو ٽپائيندو آيو. پاپان پڇاڙيءَ تائين بائو صاحب اها رمز پروڙي ڪونہ سگهيو، ورنہ سڪر جو هندو ۽ مسلمان ڪي اوڏر ڏئي، سو بہ انهيءَ اخبار لاءِ جيڪا هندو جاتيءَ جي مخالف هجي، اها اڻ ٿيڻي ڳالھہ هئي!

* * *

افسوس آهي، جو سنڌ جي مسلمانن، باوجود مرده پرست هجڻ جي بہ، نظر علي خان جهڙي مخلص خدمتگار کي نہ ڇڙو جلدي وساري ڇڏيو، بلڪہ مرڳوئي دل جي ڦرهيءَ تان ڌوئي ڇڏيو. حالانڪ گهرئون پنهنجي ڪائي، سڄي عمر، مرحوم ڳڻ سندن ڳايا. سندس جذبو ۽ جدوجهد ڪجھہ ڪري سگهيا يا نہ، ليڪن هن وٽ جيڪا وٽ هئي، سا هميشه پيش پرين جي ڪندو آيو. مڙس هو مسڪين ۽ دوالي بند، قوم کي پيو چا تي ڏي سگهيو! هڪ زبان هيس، بہ هٿ بہ پير، سندس اهي ئي پنج عضوا هميشه مسلمانن جي خدمت ۾ متحرڪ رهيا. ڇهون هيس جسم، جيڪو پڻ ڏجها ۽ ڏاڪڙا سهي، آخر ايترو نجهري ويو، جو وقت کان اڳي ڪيس هتان وڃڻو پيو.

آغا نظر علي خان مرحوم جي شخصيت، خوبيون ۽ خصوصيتون، وضع قطع ۽ اُٿي ويٺي، قومي محبت خواھ ذاتي ڪردار ۽ گفتار، اهي سڀ ايتريقدر سُهائيندڙ ۽ دلچسپ هئا، جو هوند ڪيس اسان جي قومي تاريخ ۾ جاءِ ملڻ کپي. خير، پين تي ڪهڙو ڏوھ، خود -

جنين ڪاڻ مياس، سي ڪانڌي مئي جا ڪونہ ٿيا!

جڏهن انتقال ڪيائين، تڏهن ماڻهن جو خيال هو تہ خانبهادر صاحب کهڙو مٿانس ڇپر جهلائي رکندو - ڪفن دفن، پٽر پوتي، ڏنو ورتو، ملو موراٺو، جماٺو چاليهو، سڀ پاڻ ڪندو، ليڪن ميت سينگارجي سنوارجي، نماز لاءِ جڏهن وڃي جنازي گاھہ پيڙو ٿيو، تيسين ڪو اُنهيءَ طرف ڪان وانگي بہ ڪونہ وريو. ماڻهن سمجهيو متان 'صاحب' جن کي وقت جي خبر نہ هجي، سو ات پڇ ڪري، ڳاڙهي بنگلي ڏانهن ماڻهو بہ سيڙائي موڪليائون. ليڪن افسوس! کهڙو صاحب ان وقت جوڌپوري برجيس پائي، جناب ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سنڌ سان ڪڇي ۾ شڪار تي وڃڻ لاءِ بنگلي جي ٻاهرئين دروازي تي پهچي چڪو هو. نصيب جي ڳالھہ هئي، موقعو اهڙو ٿي پيو. مرحوم جي قسمت ۾ لکيل ڪونہ هو تہ جڏهن سندس مامرو مٽيءَ سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿئي، ان وقت جنازي نماز ۾ اهو ماڻهو شريڪ ٿي سگهي، جنهن کي سچي زندگي هو 'اسلامي اخلاق' جو پيڪر ظاهر ڪندو رهيو. ماڻهن ۾ ان تي چرير بہ ٿي، سرپات ، سَس پس ۽ ڪَن ـ ڳالهيون هليون، مرحوم جي گهر واريءَ کي بہ ڪن ماڻهن تڏي تي مهڻان ڏيئي ورتا. سندس يتيم ننڍڙن نينگرن کي بہ ڪن صاحبن مٿي تي هٿ گهمائيندي صاف چئي ڏنو. ليڪن اهو سيڪجهہ هو تہ سراسر اجايو ۽ صفا بيسود ـ ڀلا آسمان ۽ زمين جو ڪهڙو ميلاپ؟ عرش ۽ فرش جو ڪهڙو ميل؟ پست ۽ بلند جي ڪهڙي نسبت؟ غريب بہ ڪو امير جو دوست ٿئي ڇا؟ ننڍو ماڻهو وڏي ماڻهوءَ جو ڪو شاني شريڪ ٿئي ڇا؟ ڀل هزار خدمتون ڪري، ڀل رت بہ ڏئي، ڀلي ڪٽي سر جي بازي بہ ڪيڏي، پوءِ ڇا ٿي پيو! اهو تہ سندس مَرڪُ آهي، اها تہ سندس ڊيوٽي آهي، اهو تہ مٿس ڏاڍيءَ سرڪار طرفان فرض آهي، ان لاءِ تہ غريب هن دنيا ۾ خلقيو ويو آهي، نہ تہ امير جي خدائي هوند ڪيئن هلي سگهي! پنج آڱريون برابر آهن ڇا؟ سياڻن انهيءَ ڪري 'فرق مراتب' جو لفظ لغت ۾ آندو آهي!

* * *

"سنڌ زميندار جي آفيس سکر جي مارواڙي محلي ۾ ٽڪر تي هوندي هئي ـ مسٽر محمد ابراهيم سيلاتي جي جاءِ ڪان بہ ـ چار جايون اورتي ڏکڻ ڏي، نم جي لاهيءَ طرف، "الحق" پريس سان گڏ، ۽ سکر جي مدرسة الاسلام جي سامهون.

انهيءَ جاءِ ۾ ڪيئي لطيفا ٿي گذريا ـ پريس ۾ ايتري اپت هوندي ئي ڪانہ هئي، جو وقت سر ملازمن کي پگهارون ملي سگهن، يا ڪنهن ڏکئي سڪئي وقت ائڊوانس ڏئي سگهجي. "اٺيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا" وارو قصو هوندو هو. ڪنهن مت جي موڙهي خريدار چندي جا ڏهہ روپيا موڪليا يا ڪنهن سرڪاري نوٽيس جي ڇپائيءَ جو پنجاهہ ـ پنجويهہ اچي ويو، تہ واهہ، ورنہ مهينن جا مهينا پيو تنگ ٽپي تي ڪم ڪيڏبو هو. منهنجي پگهار پنجاهہ روپيا هئي، ليڪن پنجن سالن ۾ مون کي ياد نہ آهي تہ ڪڏهن کي ڏهہ روپيا بہ گڏ مليا هوندا، ۽ نہ اهو ئي ڪو چئي سگهندس تہ پگهارن جو حساب پڇاڙيءَ تائين چڪتو ٿي سگهيو. جڏهن سخت ضرورت هوندي هئي، تڏهن نظر علي خان مرحوم ربيو بہ هٿ تي رکي چوندو هو: "آغا منهنجا!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اجهو وٺ، وجي هاڻي اڏاءِ!“ واقعي مان بہ سمجهندو هيس تہ جڻ لک ملي ويا. مرحوم جو پنهنجو گذر بہ، خدا سان ڪم پوندو، اهڙيءَ طرح ٽڪ ٽنبڻ ۽ تير تڪلي تي هلندو رهندو هو. اسان ٻنهي جو تہ خير معاملو اور هو، پيو وقت ٽپائبو هو، ليڪن معرڪا تڏهن ٿي چڪندا هئا جڏهن ڪمپاڻزيٽرن کي وقت تي پيسو ڪونہ ملندو هو. ابوبڪر تہ خير عمر رسيدو ۽ سنجيدو بہ هو، ليلارام مشين مين بہ هندو هو. پٽ سٽ ڪيون پيو وقت ڪڍندو هو، نظر علي خان جي حالت دراصل خراب ڪندو هو خانيو ڪمپازيٽر - نوجوان، گرم خون، قومِ جو سيلاٽو، ڪاوڙ هميشه ڪن تي. مهينو - اڌ دم دلاسي تي گذاري ڇڏيندو هو، ليڪن جڏهن ٻئي مهيني ڪان بہ ڳالهہ مٿي چڙهي هلندي، ان وقت گار گند ڪان نوبت ٽپي ، لڙائيءَ جهڳڙي تائين پهچندي هئي. ڪمري ۾ اندر نظر علي خان بند ۽ ٻاهران در تي خانيو ڪمپازيٽر مع راجسي چاقوءَ جي، ڏاڍيان پيو چوندو-

”نڪر ٻاهر، تہ تون اسان جي خبر پوي! ڪيستائين اندر هوندين؟ غريبن جا گهٽا ڏينهن پئسا کاڌئي. اڄ ٻڙو ٻاهر، تہ ڇُرو هڻين پيٽ ڦاڙيندوسانءِ!“

اهي ٻول ٻڌي، نظر علي خان اندر ويٺو ”يا حفيظ يا حفيظ!“ پڙهندو هو. پنئين دروازي ڪان ٽپي، جڏهن ڪو ماڻهو وجي مسٽر محمد ابراهيم سيلاٽي کي وٺي ايندو هو، تڏهن وجي نظر علي خان جي جند ڇٽندي، ڪمري جا در کلندا، ۽ ٻاهر اچي تازي هوا کائيندو. عيد براد ۽ ننڍي وڏي ڏينهن تي جنسي ڪاري قيام ٿي ويندي هئي؛ سڄو پاڙو پنبو ڪنو ٿي، اچي تماشو ڏسندو هو. ان وقت ابوبڪر بہ متانت ۽ سنجيدگيءَ کي پنيءَ پاڏنهن اچلي چوندو هو،“ آغا صاحب، اها شرافت ڪانہ آهي! عيد سندي ڏينهن بہ اسان بک مرون!“ ڪڏهن تہ اهڙا موقعا بہ آيا، جو ليلارام، رامو ۽ گيلو جڏهن پٽ سٽ ڪري ڪجهہ روپيا ڪٺي آيا، تڏهن وجي آغا مرحوم جا ڇڪ ڇٻيڙ مان پلوَ آجا ٿيا. اهو نمونو سالن جا سال هليو. جڏهن حالتون سڌري نہ سگهيون، تڏهن اهي. مامرا ۽ مذڪور اسان جي عادت ۾ داخل ٿي ويا.

* * *

مون کي جيڪا ڪٿ سمهڻ لاءِ پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي هئي، ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو واڻ وچ مان چڳل هو. گهڻو ئي منجهانس ڪم ڪڍيم، ليڪن ڳالهہ وس کان انهي وقت نڪري وئي، جڏهن چيلهہ وچي زمين سان لڳي. نظر علي خان جي پنهنجي کٽ تہ اُها هئي، جيڪا مرحوم عبدالوهاب خان گهران ڪٽي آيو هو. انهيءَ تي احمد علي خان بہ سمهيو ۽ ان کان پوءِ نظر علي خان بہ استراحت فرمائي - گهريلو، مضبوط ۽ پائدار؛ ليڪن مان واري هئي بازاري، ڪچي واڻ جي، جنهن جي جوانيءَ ۾ جملي قيمت بہ روپيا مس هوندي. بهرحال هڪ ڏينهن نظر علي خان پنج روپيا هڙ ۾ وجهي اخباري پنا خريد ڪرڻ بازار ڏانهن هليو. مون کي چوندو ويو تہ " آغا منهنجا! ڪَٺائي يار، اڄ تنهنجي قسمت! جي دجال پنن جي اوڊر ڪئي، تہ هنن پئسن مان تنهنجي کٽ آڻبي! " - يعني،

جيڪڏهن پائو امرداس آغا صاحب جي ڏاڪي تي چڙهي آيو،
جيڪڏهن آغا صاحب جي ڪا تقرير دلپذير (١) کيس لڳي وئي،
جيڪڏهن ان کان پوءِ هن جي منهن تي مرڪ آئي،
جيڪڏهن ان کانپوءِ هن مئنيجر کي اشارو ڏنو،
جيڪڏهن مئنيجر بہ في الحال اڳيون قرض نظرانداز ڪيو،
جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ ريم آغا صاحب کي رکت تي ڏنا ويا-
مطلب تہ جيڪڏهن اهي سڀ مرحلا حسب منشا خوش اسلوبيءَ ۽

خير خوبيءَ سان طيءِ ٿي ويا ۽ آغا صاحب پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي ڊرم وير پريس مان ٻاهر نڪتو، تہ پوءِ! وچي اسان جي کٽ جو موڪ ٿيندو، ۽ پوءِ ان جي گويا معنيٰ اها هئي تہ منهنجو ڀاڳ کلي پيو! سو گهڙيءَ ڪانپوءِ ڏٺم تہ واقعي ڀاڳ پڙايو. نظر علي خان شادان ۽ خندان، ٽلندو، ٺهڪ ڏيندو، کٽ ڪٺائي اچي پهتو، چي، " آغا منهنجا! اجها هيءَ تنهنجي کٽ!" کٽ کي سلائي، ٺُڪائي، واٽائي اوڏنهن ئي ٺيڪ ڪرايون آيو: "آغل! واه جي کٽ آهي! پائدار، مضبوط، واٽيل ڏاڍيءَ ڪاريگريءَ سان؛ ۽ آغا منهنجا، ملي بہ ڏاڍي سبباٽتي وئي! ڪم خرچ بالانشين!" رات جو خبر پئي تہ هئي برابر بالانشين، ليڪن منهنجي سائيز کان گهٽي ڪجهہ گهٽ، يعني

(١) مرحوم ڳالهائڻ جو شوقين هوندو هو. جيڪا ڳالهہ هوند منٽ ۾ ڪري سگهجي، تنهن تي هو ڪلاڪ وٺندو هو. پنهنجي انهيءَ طويل ڳالهائڻ کي هو چوندو هو: "آغا منهنجا! ڏنئي اسان جي تقرير دلپذير: ڪيئن نہ دليلن سان ڳالهہ جا سيئي پهلو آٿي سندس آڏو رکيم!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڳ چيلهہ پٽ تي هوندي هئي، هاڻي پير پڻ تائين ڪٽ ڪان ٻاهر لڙڪڻ لڳا.
جڏهن نظر علي خان اهو رنگ ڏٺو، تڏهن چيائين، !" آغا! فڪر نہ آهي. اصل نازڪ جاءِ انسان جي چيلهہ آهي، پير لڙڪيا تہ پرواهہ ناهي."

"آغا! چيلهہ تہ محبوبن جي نازڪ ٿيندي آهي."

وڏو ٽهڪ ڏئي چوندو:" آغا منهنجا! تون بہ تہ اجا شڪر پشم آهين! ها! ها! ها!"

" آغا ! تو پٺاڻڪي ڪانہ ڇڏي. ها، هاڻي ڪو پشتو غزل ٻڌاءِ."

وُئي، وُئي، وُئي، وُئي –
الڪا نہ غي پزوڙ مان پزڙڪي الا!
الڪا نہ غي!
وُئي، وُئي، وُئي، وُئي –
الڪا نہ غي!"

– ٻنهي ڪان ٽهڪ نڪري ويندا. اهڙا چرچا پوڳ ڪندي، ڪل خوشيءَ ۽ ٽهڪن جي گود ۾ اڪيون ٻوٽجي وينديون. اڪ تڏهن ڪلندي، جڏهن پرڀات جو ڏسندس تہ آغا مصلي تي سجدي ۾ پنهنجي رب جي حضور ۾ جهڪيو پيو آهي.

سو خيتم و هيچڪس بر سوز ما واقف نشد،
چون چراغانِ شب مهتاب بيجا سوختيم.

* * *

سڪر سنهاري جي ڳالهہ ڪڻ مان اصل مقصد تہ پيو هو، ليڪن قصن مان قصا نڪري ويا - برسبيل تذڪره! ۽ ارتجالا! هاڻي بہ حاصل مطلب تي اچان، ان ڪان اڳ انهن ٻن اڪرن جو شان نزول ٻڌائڻ ضروري ٿي پيو. 'برسبيل تذڪره' ۽ 'ارتجالا' . اهي ٻئي اڪر اخباري دنيا ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندا پهريون دفعو مون سڪر ۾ ڏٺا.

'گانڌي - اِرون پيڪٽ' ٿي چڪو هو، گول ميز ڪانفرنس جي شروع ٿيڻ وارو زمانو مٿان هو (١)، هندو مسلمانن ڪي انگريزن اهڙو اٽڪائي

(١) پهرين گول ميز ڪانفرنس 5 نومبر 1930ع کان 19 جنوري 1931ع تائين.
(گانڌي ۽ ڪانگريسين هن جو بائيڪاٽ ڪيو)
ٻي گول ميز ڪانفرنس 7 سيپٽمبر ڪان پهرين ڊسمبر 1931ع تائين.
(گانڌي جيءَ ۽ ٻين ڪانگريسين هن ۾ شرڪت ڪئي.)
ٽين گول ميز ڪانفرنس 17 نومبر ڪان 24 ڊسمبر 1932 تائين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇڏيو، جو حقن حاصل ڪرڻ جي نالي ۾ هڪ ٻئي جا بر ميچڻ ۽ پوتيون ڪڇڻ لڳا. پاڪستان ان وقت ڪنهن ڪي خيال ۾ بہ ڪونہ هو، ۽ نہ جناح صاحب ئي مسلمانن ۾ مقبول ٿيو هو، سواءِ هن جي تہ ڳاهي ماهي سندس جوڏنهن نڪات پيا پڌبا هئا. اهو دور مولانا شوڪت عليءَ ۽ مولانا محمد عليءَ جو هو ـ جذبات ۽ هيجان جو دور ، دوان ڏار تقريرن ۽ تحريرن جو دور، جلسن ۽ جلوسن جو دور، پُر شوڪت لفظن ۽ پُرهيبت عبارتن جو دور. پنجاب ۾ مولانا ظفر الملت والدين يعني ظفر علي خان جي ڌاڪ هئي:

نرهء تڪبير!

الله اڪبر!

حضرت ظفر الملت و الدين!

زنده باد!

مولانا لٺ ڪٺي اٿندو. عربي عبا اچڪن مٿان، اڻ پڇو اچي ميدان تي پهچندو. انگريزن جي هِتئون گهڙي وجي هُتئون نڪرندو. هندن تي هڪ لهندي ہي چڙهندي . جوش جذبو، گرما گرمي ۽ هماهمي ايڏي ، جو ڪڏهن ڪڏهن تہ تقرير اڃا ختم ئي ڪانہ ڪندو هو، جو اتان ئي پوليس وارا ڪاهي وجي ڪاٺ ۾ وجهندا هئس، ۽ ڪڏهن جي پاڻ سلامت موٽندو تہ دفتر ۾ پهچي ”زميندار“ ۾ ڪجھ نہ ڪجھہ اهڙو لکي ڇڏيندو، جو پريس بہ ڇٽ تہ اخبار جي ضمانت بہ ضبط.

* * *

مولانا مهر جو قول آهي تہ جڏهن انگريز ڏسندا هئا تہ هاڻي مولانا جو ٻاهر رهڻ مفيد نہ آهي، تہ هو پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڇاڙتي کي اشارو ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪو گورنمينٽ ڪاليج جي چند مٿي ڦريل ڇوڪرن کي گهرائي چوندو تہ ”فلاڻي مسئلي متعلق ضرور مسلمانن کي جلسو ڪرڻ گهرجي ۽ مولانا کي ان ۾ تقرير ڪري انگريزن کي چِتاءُ ڏيڻ کپي، ورنہ مسلمان تباھ ٿي ويندا!“ ـ بس ايتري دير هوندي، ڇورا وڃي مولانا جي در تي پهچندا.

نعرہء تڪبير!

الله اڪبر!

مولانا ٻاهر نڪري ايندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مولانا ظفر علي خان! زنده باد!
زميندار اخبار! پائنده باد!
انگريز!مرده باد!

مولانا يڪدم انگريزن تي هلان شروع ڪري ڏيندو. سي. آءِ. ڊي ۽ نوٽ وٺندي. ٻئي ڏينهن مولانا شاهي قلعي جي جيل خاني ۾ هوندو. ”زميندار“ ۾ سرخي ايندي:

”حضرت ظفر الملت والدين ڪو گرفتار ڪيا گيا۔
مولانا ڪے فرمودے سے انگريز تلملا اٹھا“

واه ! واه ! ٿي ويندي ! 5-6 مهينن بعد انگريز ڏسندا ته مولانا کي هاٿي اندر رکڻ جي ضرورت نه آهي، تڏهن ٻاهر ڪڍي ڇڏيندس. مولانا جيل جي دروازي تي نڪري، مجمعي اڳيان وري هڪ تقرير ڪندو ۽ جلوس جي وچ ۾ هار پائي، وڏي وقار ۽ دٻدٻي سان اچي ”زميندار“ جي دفتر وٽ پهچندو؛ اتي به هڪ ڏوان ڏار تقرير ڪندو. ”زميندار“ ۾ خبر شايع ٿيندي.

”حضرت ظفر الملت ڪي رهائي۔اسلاميان لاهور ڪي طرف سے شاندار استقبال۔انسانون ڪا ٺاٺين مارتا هوا سمندر ! ’الله اڪبر‘ اور ’زنده باد‘ ڪے فلڪ شگاف نعرون ڪے درميان مولانا جيل سے دفتر تڪ تشريف لائے۔“

بهرحال مولانا مرحوم جي اخبار جون سرخيون انهيءَ زماني ۾ هي هيون: جلسه اور جلوس، الله اڪبر، زنده باد اور پائنده باد، ظفر الملت والدين، نيلي پوش، ٽوڊي بچا هاءِ ! هاءِ! خيبر سي راس ڪماري تڪ زلزله، هماليه ڪي چوٽيان لرز اٹهين ۔ وغيره وغيره . الغرض اسلام ۽ آزاديءَ جو پروانو سڀ ڪجهه سهي ويندو، ليڪن هندو ۽ انگريزن کي ڪڏهن معاف نه ڪندو. هندن کي البت ڪڏهن لٽ ڪڏهن چٽ. جي راضي ٿيندو ته چوندو:

.............................. باد بهاري هے،
صبا ڪے دوش پر آج جواهر ڪي سواري هے!

جي ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿيو، ته پوءِ الامان والحفيظ! چوندو:

ڪانپتے تهے اس ڪي هيبت سے زمين و آسمان
جب مسلمان گهر سے نڪلا بانده ڪر سر پر ڪفن
شيخ ڪي تهمد نے گانڌي ڪي لنگوٽي سے ڪها
مين پرستارِ خدا هون تو پرستارِ وطن.

بهرحال جي پرتل آ، ته آسمان تي پهچائي ڇڏيندو؛ جي رنل ته زمين کان ست گز هيٺ نهوڙي نيندو.

گول ميز ڪانفرنس تي جڏهن هندستاني نمائندن جو انتخاب ٿِي ٿيو، تڏهن مولانا بہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ بہ جنهن صورت ۾ مسلمانن جو رهنما آهي، تنهنڪري ضرور نامزد ٿيڻ کپي. تارون، پيغام، جلسا، ٺهراءَ، ايڊيٽوريل، مطلب تہ مولانا وس ڪري ڇڏيا. ليڪن انگريزن ڪيس ڇُهيو بہ ڪين. شايد نہ مولانا جي بالغ نظريءَ تي ڪين اعتماد هو ۽ نہ اهو ئي ڪين يقين هو تہ مولانا ڪانفرنس هلندي ڪو پنهنجي جذبات تي قبضو رکي، سنجيدگيءَ سان بحث ڪري سگهندو؛ ممڪن آهي تہ اوچتو اٿي بيهي ڪو خُلم ڪري رکي! تنهن ڪري پنجاب مان هنن سر شفيع، سر فضل حسين ۽ سر اقبال جهڙا اصحابِ فڪر و نظر ڪنيا. مولانا شايد اهو سور پي وڃي ها، ليڪن غضب هي ٿيو، جو هندستان مان سندس ٻين ڪيترن معاصرن سان گڏ مولانا محمد علي ۽ مولانا شفيع دائودي پارا بہ نمائندن ۾ شريڪ ڪيا ويا. ويتر جو وري ڪيون "ميلاپ" ۽ "پرتاب" چيڙون، سو چڻ پولي جي ٻچ کي اچي باهہ لڳي. مولانا صفا مَتجي ويو؛ چڻ برندڙ جبل ڦاٽي پيو، جنهن جا ٽانڊا هندستان کان وٺي لندن تائين ساڙ پار ڪرڻ لڳا. غضب، ڪاوڙ ۽ غصي سان ڀريل ايڊيٽوريل روز لکڻ لڳو. ايتري تي بہ اڪتفا نہ ڪيائين، جو جوش ۽ جذبي ۾ ايڏو بي قابو، جو عام سنهون اخباري خط ڇڏي، 'جلي حروف' يعني ٿلهن اکرن ۾ ڊبل ڪالم اندر انهن مضمونن کي ڇپڻ شروع ڪيائين. زبان، محاورا، ترڪيبون، جملا ۽ جوڙ، عنوان ۽ سرخيون ڏسڻ وٽان هونديون هيون؛ نثر ۾ نظم وارو رس آٽي ڇڏيندو هو، جوش ۽ جولان ايترو جو پڙهندڙن جا ماشا ئي ڦري ويندا هئا؛ سکر جي گرم گوديءَ جا پنجابي ۽ شهر جا چنيوٽي چرم فروش، پنهنجا حقا ڇڏي، ڪٽن تان اٿي ڪڙا ٿيندا هئا ـ پيو وس نہ پڄندن تہ پيڄاڙيءَ ۾ سکر جي هندن کي ئي بہ ـ چار بول ٻڌائي ڇڏيندا هئا.

مولانا پنهنجن اهڙن خاص نوشتن کي، جن کي جلي خط ۾ شايع ڪندو هو، 'ايڊيٽوريل' يا 'ليڊر' ڪو نہ سڏيندو هو، بلڪ انهن تي نالو رکيو هئائين، "مقالهء خصوصي" يا "مقالهء افتتاحيہ". "مقالهء خصوصي" اهو هوندو هو، جنهن ۾ ڪنهن خاص ڳالهہ يا ڪنهن خاص شخصيت تي بحث ڪيو ويندو هو؛ ۽ عام مسئلن تي لکيل ايڊيٽوريل "مقالهء افتتاحيہ" سڏبو هو. اهي ٻئي ترڪيبون درحقيقت مولانا مرحوم جي ذاتي لغت خاص جون آهن، جيڪي پوءِ اخباري دنيا ۾ عام طرح مستعمل ٿي ويون.

انهن ئي خصوصي مقالن ۾ جڏهن مولانا مسلمانن جي حقن تي قلم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪٽندو هو. تڏهن انگريزن جي اسلام دشمنيءَ ۽ هندن جي مسلم آزارين جا قصا انهن ۾ ”برسبيل تذڪره“ بيان ڪندي ڪندي، گول ميز ڪانفرنس ۾ ڪيس نہ چونڊي انگريزن جيڪا ’اسلاميان هند‘ جي جذبات سان راند ڪيڏي هئي، ان ڏانهن بہ ”برسبيل تذڪره“ اشارو ڪري ويندو هو.

خصوصي مقالن، ڊبل ڪالم ۽ جلي قلم کان سواءِ مولانا ٻيو ڪم هي ڪندو هو، جو روزانو هڪڙي معرڪي جي نظم ٺاهي، ٻهرئين پيج جي پوريءَ تختيءَ تي شايع ڪندو هو. اهي ئي ٿلها اکر، اهو ئي جلي قلم. ڪڏهن گانڌيءَ جي خلاف، ڪڏهن نهروءَ تي نوڪ، ڪڏهن مهاشيہ ڪرشن ۽ خوشحال چند خرسند تي ٽوڪ، ڪڏهن گول ميز ڪانفرنس تي هَجو، تہ ڪڏهن انگريزن جي اقتدار تي ضرب، مطلب تہ هلندڙ مسئلن تي، سچ اهو آهي، تہ سندس نظمون بي پناهہ هوندي هيون. زبان، رديف، قافيا، زمين، عجيب و غريب ترڪيبون، مطلب تہ ماڻهو جڏهن پڙهندو هو، تڏهن ائين پيو ڀانئبو تہ اهي بيت ۽ مصرعہ نہ بلڪ شڪرقند آهن، مصريءَ جون ڳڙيون يا ماکيءَ جون لاران. انهن نظمن مٿان نوٽ هوندو هو تہ”اڄ صبح جو حضرت ظفر الملت و الدين ناشتي کان پوءِ حقو ڇڪيندي هيٺين نظم ارتجالاً چئي، جيڪا ناظرين ڪرام جي ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجي ٿي.“ يعني، حضرت مولانا صاحب جن جو نظم چوڻ جو ارادو اصل ڪونہ هو، ليڪن حقي جي وزم کان پوءِ دونهين سان گڏ شعر بہ پنهنجو پاڻ ئي نڪ نڪ ڪندا ٻاهر نڪرندا ويا. اهو درحقيقت وڏاءُ بہ ڪونہ هو. مولانا نظم چوندو ئي ائين هو: هر وَزَمَ پٺيان هڪ شعر، جيترا وزم اوترا بيت. اهي نظمون، جن ۾ مسلمانن جي بهادريءَ ۽ فتوحات جو ذڪر هوندو هو، تن کي نہ رڳو جلي حروف ۾ بلڪ خاص اهتمام سان ڳاڙهيءَ مَسُ ۾ شايع ڪرائيندو هو، تاڪہ پُل انهيءَ کي پڙهي، ”پرتاب“ ۽ ”ميلاپ“ جي ايڊيٽرن کي خصوصي طرحَ ۽ عام هندن کي عام طرح پنهنجو حشر ياد اچي وڃي؛ پُل سندن جسمن ۾ سياندو ۽ دلين ۾ ڌڏڪو جاڳي، ۽ پُل تہ سندن اوسانُ خطا ٿين. بهرحال مطلب اهو آهي تہ ”ارتجالا“ جي اکرن جي ابتدا اُتنهن ٿي، جنهن کان پوءِ اردوءَ جو هر شاعر ’ارتجالا‘ ڪلام چوڻ لڳو. هاڻي تہ خير ماءُ پيٽان ئي ارتجالاً اردو غزل چوندا ٻاهر نڪرن ٿا.

مولانا کي شل مولا سائين جنت ۾ جايون ڏئي، عجيب و غريب ۽ عاليشان انسان هو. جي رڳو شاعري ۽ نثر نگاري ڪري ها، تہ هوند اردو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ادب جي خزانن کي هيرن جواهرن سان پُر ڪري ڇڏي ها؛ پر ندوريءَ سياست سان پاند اٽڪاياٺين، ۽ وريو به ائين ڪجهه ڪونه ۽ پاڻ کي به اجايو ڏتو ڪيائين ۽ ادب کي به نقصان پهچايائين. مولانا سياست جي ڏانءَ جو اصل ڪونه هو. محض عظيم شاعر ۽ بي مثل ليڪن جذباتي نثر نگار هو.

"رب ڪعبه ڪي قسم، راسڪماري سے ليڪر بندهيا چل ڪي چوٽيون تڪ ڪي سر زمين روند ڈالي جائيگي، تهه و بالا ڪي جائيگي، الٽ دي جائيگي، زير و زبر هو جائيگي، خون ڪي نديان بهه چلينگي، جن ڪا ڌارا فرنٽيئر ڪے پهاڙون سے نڪل ڪر همالیه ڪے دامن تڪ چلا جائيگا ــ اسلامي شهسوارون ڪے گهوڙون ڪي ٽاپين اپي تڪ هند ڪے واديون مين گونج رهي هين ــ ڪيا سمجهه رکا هے هند ڪے لنگوٽي بند نے؟ انگريز ڪون هوتا هے؟ ملڪ دراصل همارا هے ـ يه فرنگي ڪون هے جو تصفيه ڪرنے بيٺا هے؟ يه جاڪے قر مانچسٽر ۾ اپني ترازو سنڀالے ــ مين اعلان ڪرتا هون ڪه اسڪو ملڪ سے نڪل جانا چاهئيے! فرنگي استعمار ڪي ڌجيان فضائے آسمان مين بکير دونگا ــ"

وغيره وغيره. انهيءَ نموني جا دڙڪا ۽ دهمان هندن کي ڀڄائي، سندن ڏوتي پسائڻ جي پيو ڪوشش ڪندو هو، ۽ اهڙيءَ طرح للڪار ڪندو هو. جو گورن جي هٽي رهڻ جو سڄو دارو مدار جڻ فقط مولانا جي ذات گراميءَ تي وڃي ٿيو هو! انگريزن جڏهن مولانا کي گول ميز ڪانفرنس تي نه چونڊيو، ان وقت جيڪي چونڊجي ويا انهن تي مولانا فقرو چست ڪيو: 'تو دي بچه هاءِ ! هاءِ !' بس پوءِ ته سڄي ملڪ ۾ هوءِ هواءِ پئجي وئي: "تو دي بچه هاءِ ! هاءِ !"

جڏهن قاديانن سان وڙهيو ۽ قادياني تحريڪ شروع ڪيائين ان وقت فقرو مشهور ٿيو: 'مرزا ٽيچي ٽيچي!' (١) پوءِ ته قاديانن جو اُٿڻ ويهڻ بند ٿي ويو؛ جتان وڃن، جنهن محلي جو پاسو ڏئي لنگهن، ننڍو وڏو پڪاريندو:

"مرزا ٽيچي ٽيچي، هاءِ هاءِ!"

"مرزا ٽيچي ٽيچي، هاءِ هاءِ!"

الغرض مولانا جنهن کي ڪو لقب لاتو، بس ان جو ٻيڙو غرق، ستياناس. "زميندار" ان زماني ۾ گويا قوم جي زبان هئي. جيڪا ڳالهه ان ۾

(١) مرزا غلام احمد تي جيڪو وحي نازل ٿيندو هو، ان جو نالو 'ٽيچي ٽيچي' هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شايع ٿي، سا قوم جي زبان تي چڙهي.

* * *

مولانا جيڪي تقريرون ڪندو هو، انهن ۾ هندن کي تنبيهہ ڪرڻ لاءِ، انگريزن کي دڀائڻ جا، ۽ مسلمانن کي اڀارڻ جي ڪاڻ، نهيل نڪيل لفظ، فقرا، جوڙ ۽ جملا هوندا هئا، ۽ انهن تي سندس زبان اهڙو هري وئي هئي، جو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي موضوع تي تقرير ڪندو هو، تڏهن بہ هلي هلي، وچ مان ٿڙڪي، وري ساڳين انهن فقرن تي بيهندو هو. اها عادت انهيءَ زماني ۾ هر هڪ تقرير ڪندڙ جي هئي. عطاءُ الله شاهہ بخاري، احسان احمد شجاع آبادي، مولانا حبيب الرحمان لڌيانوي، مولانا ظفر علي خان جو فرزند مولانا اختر علي خان مرحوم، سڀني جون تقريرون گويا هڪ سانچي ۾ ڍليل هونديون هيون. پوئين زماني ۾ جڏهن ليگ زور ورتو، ۽ مولانا جي بقول حسن بن صباح جي پيالي مان گويا هندستان جي مسلمانن حشيش جو چُڪو چاڙهيو، تڏهن تہ گارگند، هلان ۽ هڪلن جي حد تي وئي؛ انگريز وچ مان نڪري ويو، روءِ سخن وري چڙو ٿيو هندوءَ ڏانهن، سالن جا سال، زبانون وري انهيءَ تي هري ويون!

مون کي ياد آهي، نهرو - لياقت پيڪٽ کان پوءِ، اخبار نويسن جو هڪ خير سَلهي وفد برادرم علي محمد شاهہ راشدي صاحب جي سرڪردگيءَ هيٺ دهليءَ ويو- اُن وفد سان اختر علي خان بہ شريڪ هجي. هندن سڪن ڏاڍيون مرحبائون ڪيون، هڪٻئي کي ڏسي، پاڪر وجهي اوڇگارون ڏئي رنا؛ هر ڪو پنهنجي ڪئي تي پشيمان ۽ نادم هو. هڪ ڏينهن دهليءَ ۾ سکن اتنهن جي وڏي گردواري ۾ سڀني ايڊيٽرن کي گهرايو. مرد عورتون، جوان پوڙها هزارن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا؛ تقريران شروع ٿيون؛ سڄي جلسي ۾ روح پئجي ويو. سکن التجا ڪئي تہ پنجابي زبان ۾ مولانا اختر علي خان تقرير ڪري. مولانا تقرير شروع ڪئي. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن مولانا جي تقرير جوش ۽ جذبي ۾ چوٽ چڙهي وئي، ۽ مولانا جذبات جي وهڪري تي اچي پهتو، ان وقت تقرير جو اصل موضوع دماغ مان نڪري ويس. وساري ويٺو تہ ڪو خير سَلهہ تي آيل آهي، پلي ويو تہ سکن جو جلسو آهي، اها بہ خبر نہ رهيس تہ هر ڪو روئي رهيو آهي؛ زبان هڪ دفعو وري ڪروٽ ڪاڏي، پاسو بدلايو، اهي سالن جا دهرايل فقرا بي اختيار زبان مان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نڪرڻ لڳا:

”ڪون هوتا هے سڪه اور هندو ـ گودا نڪال ڪے باهر رکدونگا“

اوچتو خاموشي ٿي وئي. ان ڪان پوءِ سس پس، جنهن بعد سڄي ايوان ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو. مولانا جي نرڙ تي پگهر نڪري آيو. دل جو صاف، نيڪ ۽ نيت جو کُنڊو ڪين هو، مجلس به اهڙي هئي، کِلي تقرير هلائيندي چيائين: مون کي معاف ڪجو، سالن جا سال هڪپٽي کي گاريون ڏيندي زبان هري وئي آهي؛ اڄ پهريون دفعو آهي جو مٺ محبت، پيار ۽ رس رهاڻ جي ڳالهه زبان کي ڪرٽي پئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن پراڻي عادت تي تقرير رستي تان ٿڙڪيو وڃيو پاهر پوي.

اهڙيءَ طرح تحريرن ۽ تقريرن جو رڪارڊ پربل هوندو هو. گويا سُئي چڙهي ۽ ساڳيو آواز، ساڳيا لفظ،ساڳيا دڙڪا، ساڳيا دهمان. اها حالت چڙو مسلمانن جي ڪانه هئي، بلڪ انهيءَ دور جا هندو ۽ سنک مقرر به پير پٺتي ڪونه هئا. فرق فقط هي هو ته مولانا کي خدا زبان ڏني هئي، ان ۾ قوت هئي، ان ۾ قدرت هئي، جملا، لفظ، فقرا ۽ بندشون، سندس پانهن پڌا ٻيلي ۽ خريد ٽيل خانه زاد هئا؛ تقرير ڪندو هو ته زمين آسمان جو سڄو وچ زير و زبر ٿيڻ لڳندو هو، لکندو هو ته دماغن ۾ هلچل اچي ويندي هئي، نظم چوندو هو ته زبان ان جي ملاوت ۽ شيرينيءَ جا مزا پئي ماڻيندي هئي.

خدا بخشيش، هر چند دماغ تي دل غالب هيس، عقل تي جذبو حاوي هئس، پر هو قوم جو سچو سپاهي. سپاهين لاءِ هونءَ به عقل کان زياده ٺٺي جذبي جي ضرورت ٿي. سڄي زندگي آرام نه ڪيائين، لڙندو رهيو، ڪڏهن هن ميدان تي ڪڏهن هُن ميدان تي، اڄ هڪ فرنٽ تي سڀاڻي ٻئي فرنٽ تي، بلڪ هڪ ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه جهيڙا به جوٽي وجهندو هو. هڪ ئي وقت انگريز، هندو، قادياني، احرار، شهيد گنج، پنهنجا، پراوا، ”انقلاب“، ”ميلاپ“، ”پرتاب“، گانڌي، نهرو، شوڪت علي، محمد علي، مسئلو ڪٿان جو به هوندو، اشرق جو هجي چاهي مشرق جو. مولانا سڀ جي اڳ ۾. نظام جي پٽ کي انگريز برار ڏين يا نه ڏين، ليڪن مولانا ان کي ”هز رايل هائينس پرنس آف برار“ ضرور لکيو وينو هوندو. هڪ طرف جيش اسلامي تيار ڪندو، ٻئي طرف اسلامي بازار ٺاهيندو. مطلب ته ايڏي عجلت، ايترو جوش، اهڙي بيچيني ۽ بيقراري، انهيءَ حد تائين جذبو ۽ ان سان گڏ حرارت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ حدت، جو تحريڪ مٿان تحريڪ پئي نڪاءِ ڪندي، ليڪن اسلام جو هر حالت ۾ بول بالا. الله جو پڪو پانهو، رسول عربيءَ جو شيدائي. الله، رسول، اسلام ۽ عرب جو نالو آيو تہ مولانا تاب جهلي نہ سگهندو، لونءَ لونءَ ڪاندارجي ويندس، اکيون ڳاڙهيون ٿي ايندس، مڇ پئي ڦڙڪندس. ڪا چڱي ڳالهہ ٻڌندو جنهن ۾ اسلام جي سرفرازيءَ جي اميد هوندي، تہ اکيون چمڪڻ لڳندس، چپن تي فاتحانہ مرڪ نروار ٿي ويندس.پوءِ جهل نہ ڏيندو. جهٽ اٽي يا تہ قلم کڻي ڪو ”خصوصي مقالو“ لکندو يا حقو ناهي وزم ويهي هٽندو ۽ شان اسلاميءَ ۾ شعر ناهيندو. مصلحت، دورانديشيءَ ۽ تدبر جا لفظ مولانا جي اڳيان بي جان ۽ بي معنيٰ هئا. وقت جي تقاضا ڇا آهي؛ ان کي بہ نہ ڏسندو. ڪندو فقط اهو هو، جيڪو دل چاهيندي هيس. گردن وڏ وڏيرن اڳيان بہ ڪانہ جهڪيس. جي جهڪيس تہ فقط پنهنجي خالق اڳيان. ٻين اڳيان هميشه لڪڻ هٿ ۾ کڻي، سينو ڪڍي هليو. اکيون نراڙ ۾ ۽ ڪياڙ آسمان تي . خدا جا سپاهي ٿيندا بہ ائين آهن، سواءِ پنهنجي مالڪ جي ٻين ڪان ڊڄن ئي ڪونہ.

ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو ـ انهيءَ ميدان تي، جتي هاڻي مولانا عثماني ۽ سيد سليمان ندويءَ جون قبرون آهن. مولانا وڏي طمطراق ۽ بلند آهنگيءَ سان، لاهور کان سيني پوئلڳن کي ڪڍ لائي، هلي اچي شامل ٿيو. پهرين ڏينهن ئي کليل اجلاس ۾ تڪرار ڪري وڌائين. چي، سڄو اجلاس نماز جي وقت بند ٿيڻ گهرجي. مسلمان فقط 4.3، ٻيو سڀ هندو عالم. گانڌيءَ جيءَ چيو تہ مسلمان بيشڪ وڃي نماز پڙهن، ليڪن اجلاس بند ٿيڻ نہ گهرجي، البت ان وچ ۾ معمولي مسئلن تي ڪم ٿيندو، اهم مسئلا تڏهن کڻبا، جڏهن مسلمان نماز مان فارغ ٿي ايندا. پر مولانا ڳالهہ ڪري ۽ اها نہ مڃي وڃي! گانڌي نہ هجي کڻي ڪير بہ هجي، ڪانگريس جو اجلاس نہ هجي ڪنهن جو بہ هجي، مسلمان پنج هجن يا پنج هزار، هتي سوال هو حق جو، اسلامي شان جو، ۽ مولانا ظفر علي خان جي سخن جو. مولانا اٿي بيهي ڌوان ڌار تقرير ڪئي، ان ڪانپوءِ مولانا جي ساٿين ڪيو:

نعره تڪبير!

الله اڪبر!

مولانا ظفر علي خان!

زنده باد!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسلام!

پائنده باد!

بس، مولانا ڏنبو ڪٽي اٿيو. صفان هٽائيندو، اجلاس ڇڏي، ڏو ريلوي اسٽيشن تي، اتان سڌو لاهور. پوءِ تہ هڪ طرف ڪانگريس ٻئي طرف مولانا، وچ ۾ غريب اسلام، ڪيئي ڏينهن رونشو هليو. جڏهن وري ڪو بيو مسئلو پيدا ٿيو ۽ مولانا جو توجهہ اوڏانهن ڇڪيو، تڏهن وڃي گانڌيءَ ۽ اسلامي جي جند ڇٽي.

مولانا جون اهي سڀ چلولايون اوستائين هليون، جيسين ليگ وجود ۾ ڪانہ آئي هئي. جڏهن هندستان جي مسلمانن اهو نئون راه ۽ رند تراشيو، تڏهن مولانا ماند پئجي ويو.

1940ع ۾ جڏهن ليگ جو لاهور ۾ اجلاس ٿيو، تڏهن مان سياسي سٽيج تي آخري مرتبو مولانا کي ڏٺو. ڪاري عبا پائي، نيلي پوشن جي ننگين تلوارن جي جلوي ۾ جلسي کي چيريندو، اچي اسٽيج تي چڙهيو. نہ ’ الله اڪبر‘ ٿيو، نہ ڪنهن ’زنده باد‘ ڪيو. اهي نعرا اڄ ڪنهن ٻيءَ شخصيت جي قبضي ۽ قدرت ۾ اچي چڪا هئا. مولانا تقرير،شروع ڪئي. جناح صاحب ڪرسيءَ تي فروڪش هو. پنجن منٽن بعد جناح صاحب جي نراڙ تي گهنڊ نروار ٿيو. ڇهين منٽ بعد مسلمانن ڪيو:

” بيٺ جائو! “

” بيٺ جائو! “

” نهين سنتے! “

” نهين سنتے! “

مولانا خاموشيءَ سان لهي هليو. نيلي پوشن ننگيون تلوارون ڪٽي ٻي وري ڪيس وچ ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن مولانا خبر نہ آهي ڇا سوچيندو، تڪڙي تڪڙي وک کڻندو، نيلي پوشن کان بہ اڳ پنڊال مان نڪتو هليو ويو. اسلاميان هند جي سياسي اسٽيج تي ”ظفرالملت والدين“ جي نمودار ٿيڻ جو اهو پويون ڏينهن هو. پاڪستان جڏهن ٿي ويو، پوءِ تہ مولانا ڪومائجي ويو. پويان ڏينهن بلڪل بيهوشيءَ ۾ گذاريائين. هوش ۽ حواس ـ ڇڪي ٿي رهيو هو يا جيڪي ٿي چڪو هو، ان کي ـ محسوس ڪرڻ کان جواب ڏيئي بيٺا هئا.

آخري دفعو مولانا کي مان لاهور ۾ ڏٺو، جڏنهن اخباري وفد هندستان ٿي ويو. لياقت ـ نهرو پيڪٽ کانپوءِ ”زميندار“ جي دفتر ۾ مولانا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان ملاقات ڪئي وئي. زار و نزار، جهور، اهو آواز جنهن جي گونج منيءَ صديءَ تائين هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچندي رهي، ان ۾ اهو زور ڪونہ. زبان جنهن سچي زندگي موتي ۽ لعل بخشيا، ان ۾ اها طاقت ڪانہ، اهي هٿ، جن سچي زندگي ادب ۾ رنگ پريا، انهن جون آڱريون نستيون. مطلب تہ يقين ڪونہ آيو تہ اهو مولانا ظفر علي خان آهي: جادو بيان مقرر، شيرين سخن شاعر ۽ عظيم الشان نثر نگار. اکين ۾ اها چمڪ ، تيک ۽ تيزي ئي ڪانہ رهي هئي!

* * *

سکر ۾ ”زميندار“ بہ ايندي هئي ۽ ”سياست“ بہ ۽ ”انقلاب“ بہ. ”سياست“ وقت بچندو هو تہ پڙهبي هئي. گرم گرم فقرا، رنگين بياني، لفظن جو شڪوه ۽ شوڪت، نظم جو لطف، دڙڪن ۽ دهمانن جو مزو ڏسڻو هوندو هو تہ ”زميندار“ اڳيان ڪبي هئي. پر جيڪڏهن ضرورت پوندي هئي تہ پيدا ٿيل مسئلي تي تدبر ۽ دانشمنديءَ سان بحث ٿيل ڏسجي . سياست ۽ سياسي شعور چاڪي چٽبو آهي، فراست جي تقاضا ڇا آهي، مسلمانن جو برو ۽ پلو ڇا ۾ آهي؟ تہ پوءِ هٿ وجهبو هو ”انقلاب“ ۾. ان جو لفظ لفظ ويهي غور ۽ فڪر سان پڙهبو هو. مولانا مهر جا سنجيده ۽ پرمغز ايڊيٽوريل دماغ ۾ اوجر آڻي ڇڏيندا هئا: سياسي سمجهہ ۽ سوچ جو شعور پيدا ڪري ڇڏيندا هئا: ۽ ملڪي مسئلن جي تهہ تائين ائين پهچائي ڇڏيندا هئا، جيئن تِڪا تارو سيڪڙاٽن کي هٿ مان ونئي تار ۽ تانگهو ٿپائي وجي توڙ رسائن. جي انهيءَ زماني ۾ ”انقلاب“ تہ هجي ها، تہ هوند مولانا ظفر علي خان سچي قوم جي دماغ ۽ شعور ڊانوان ڊول ڪري ڇڏي ها. ” زميندار“ جي مسهل جو ”انقلاب“ چڻ مصلح هئي. انهيءَ ئي اخبار ۾ مولانا سالڪ جا ’ افڪار و حوادث‘ پڙهي، ماڻهوءَ جي روح ۾ تازگي ۽ توانائي اچي ويندي هئي. پوءِ چراغ حسن ”حسرت“ ميدان ۾ آيو، ان سان گڏ جوڙيدار ٿيو حاجي لقلق. اهو پنجاب جي اوج جو زمانو هو ۽ اتهن جي ايڊيٽرن ۽ اخبارن جي بہ اقبال جو دور هو. هاڻي تہ نہ اهو مولانا ظفر علي، نہ سيد حبيب، نہ مولانا سالڪ. نہ چراغ حسن حسرت، نہ مرتضيٰ خان ميڪش ۽ نہ ”ميلاپ“ ۽ ”پرتاب“ . باقي هڪ وڃي رهيو آهي. غلام رسول مهر، جنهن جو سچو چهرو جُهريون جُهريون ۽ ڪسہ ايترو ڪَوَ ڪائي وئي اٿس، جو ڪرسيءَ تان اٿي ٿو تہ ”هاءِ هاءِ“ ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمر ڪي سڌي ڪرڻ ۾ ڪيس ڪيئي ڪشالا ڪرڻا پون ٿا (١).

هندو بہ ويا، جن سان مقابلو هوندو هو، انگريزن بہ ملڪ ڇڏيو، جن تي جهٽ ڪاوڙ وٺندي هئي، هاڻي تہ ملڪ سڄو ئي ملير ـ خودي بلند، جي ڪجهہ چئبو تہ موچڙا، جي ڪچبو تہ 'ڪلا ۽ ڪوسڙا'. تنهن ڪري مِٺي بہ ماٺ تہ مُٺي بہ ماٺ.

* * *

اڄهو وري اچي 'خوديءَ' جي ڳالهہ وچ ۾ ڪاهي پئي. اصل قصو ڪيئن ڪجي؟ اهڙا اکر ۽ اشارا جو اچي ويندا، پوءِ ڳالهہ ڪرڻ ڪيئن نہ ضروري ٿي پوندي!

جنهن زماني جو ذڪر پيو ڪيان، انهيءَ ۾ خودي تہ خير، خود علامہ اقبال مرحوم بہ سنڌ ۾ مشهور ڪونہ ٿيو هو. مان 'بانگ درا' سبق کان پهريون، مناري جي چاڙهيءَ تي، مستري محمدالدين وٽ ڏٺو هو، لوهہ تپائڻ واريءَ ڌمڻ جي پيڪ ۾، تڏي تي، حقي سان گڏ.

مستري مرحوم هو تہ پنجاب جو، پر رهيو سڄي عمر سکر ۾. چاڙهيءَ واريءَ انهيءَ جاءِ ۾، بندوقن جي مرمت ڪندي، ڦوهہ جوانيءَ مان ادڙڪ، ادڙڪ مان موٺ ڪائيندي اچي پوڙهو ٿيو، ۽ ان کان پوءِ جڏهن جهور ٿيو، تڏهن ڪمر ڇڏي ڪٽ تي آهليو، ۽ پوءِ اتان ئي هئي جهان لاڏاڻو ڪيائين. پنهنجي فن ۾ شاهہ ڪاريگر هو. بندوق جي مرمت ٿي، مستري مرحوم جو هٿ لڳو، جڻ بندوق ۾ نئون ساهہ پئجي ويو، گويا هاڻي 'هالنڊ ائنڊ هالنڊ'، 'پرڊي' ۽ 'گرينر' کان اچي نڪتي. اهڙو هٿ ـ ڪاريگر ان ڪم جو وري نہ ڄائو نہ ڄمندو، نہ ٿيو نہ ٿيندو. سنڌ جو ذات وڏيرو، جنهن کي شڪار جو شوق هوندو هو، جنهن وٽ هٿيار هوندا هئا، تنهن لاءِ مستريءَ جو در جڻ درگاهہ هو. هرڪو اتنهن جو پانڌيڙو. هرڪو پيو سلام ۽ ڪلام ڪندو. هر ڪو پيو ڏيج ۽ ڏن پريندو.

* * *

زمانو هو، اُهي اُهي شاهہ شڪاري، جو چئي ڪٿي بس ڪجي. جيڪب آباد وارو سردار عبدالرحيم خان کوسو، سوين هٿيار، سيڪڙا

(١) مولانا بہ پنج سال کن ٿيا تہ وفات ڪري ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هر قسم جو ڍنگ ۽ رنگ موجود هو: تتر اتي ـ بگڙا خواهہ ڪارا ـ ٻٽيرا بہ موجود تہ پٽ تتر بہ جام. اسناف اڪيچار، ۽ بدڪون، نيرگ، آڙيون، ڪارڙا ۽ ٻولاهيون بہ موجود. سرنهن ۽ ڪٽڪن ۾ ڪونجن جا بہ ولر اچي ويلا ڪن. واريءَ جي ڍڙن ۽ ٻٽن ۾ تلوريون بہ عام. هرڻ ڳاڙها بہ تہ ڪاريهر بہ. ڦاڙها بہ ملندا تہ ڀهاڙن تي سرهہ ۽ گڊ بہ اچي سر ڏيندا. مطلب تہ هر قسم جا چرند خواهہ پرند. دل جيڪي گهري سو موجود، جيڪي وٺي سو مار.

سيارو پوندو، ناتال جي موسم ايندي، ڪٽڪ صاحبلوڪن جا اچي ڪئنا ٿيندا: مِسيون ۽ مدمان بہ ساڻ، بٽلر، بورچي، پٽيوالا ۽ اردلي بہ ڪي، تنبو ۽ تولان ، شاميانا ۽ راتٽيون اچي ويندون؛ غيبي ديري ۾ منزلان لڳي ويندون، جهنگ جهر چانڊاڻ تي ويندو؛ اڄ ڪليڪٽر آيو، سڀان ڪمشنر آيو، پرينءَ آءِ. جي. اچي ٿو، پڇاڙيءَ بمبئيءَ مان ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان گورنر صاحب بہ مهمانن جا پرا ڪاهي اچي پهچندو: مطلب تہ جيسين شڪار جي سيزن هلندي، تيسين پيا گورا ڳاهٽ ڏيندا ۽ آفيسر ڪُتر ٿيندا. ڪڪڙ، ڇيلا، آنا، کير، مکڻ، ماکيون نہ ڪنهن کان ڪٿايا پڇن تہ ڪاڏا پهچن ـ سڄو راڄ ۽ تَرُ گهرن ڪي ڀهاري ڏيو اتي پيو پهچائيندو. صاحبلوڪ قاعدي قانون جا ڏاڍا پابند هئا. ليتيءَ ڏيتيءَ کان صفا پري. نہ ڪنهن کان وٺندا نہ ڪنهن جو بار کڻندا. پئسا ڏئي سيئي بل چڪتو ڪري ڇڏيندا. البتہ اها جدا شيءِ آهي، جو خرچ ٿيندو هو ڏهہ هزار تہ وٺبو هو ڪُل سؤ سوا! گهہ ملندو پنجين روپئي تہ بل ۾ ڏيکاربو سوا روپئي؛ کَتو مڻ تہ لکبو سير؛ آنا کپندا سو درجن تہ ٻڌائبا هڪ درجن. ڪٽي تعداد گهٽ تہ ڪٽي قيمت ڪم. اهڙي طرح هزارن جي خرچ ڪي سوري پوري وڃي سو کن جي شرعي انگ اندر ٻيهاربو. خير اهي تہ ٿيون خانگي ڳالهيون، پر رڪارڊ خاطر بل چڪتو ڪيون، پَلوَ ڇڏايون پوءِ پيا منزلان پٽيندا. ڪنهن جو احسان چو کڻن! اڄ ٿورا کڻن، تہ سڀان اڪ لڄي!

هر موسم ۾ منزل جو سامان نئون ايندو. ٽِي سيٽ، ڊنر سيٽ، ڪانٽا ڇريون، ٽوال، ٽيبل پوش، چيني ۽ چاندي سڄي اچي نئين نڪرندي. پڇاڙيءَ ۾ تنبو بہ "رولدوءَ" کان نوان نڪور اچي ويندا، ۽ فرنيچر بہ خالص ساڳوان جو نئون گهرائبو: قالين ايراني، ۽ ڪونچن ۽ صوفن تي ڪيمخوابن ۽ بنارسين جون ٽيپسٽريون، ڳاڙهيون، سايون، پيليون، زرديون، چلڪيدار ۽ چمڪندڙ. جڏهن منزلان پوريون ٿينديون تہ اڻ ڌوتل ٿانوَ پريل برتن ۽ اڻ صفا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيل ديڳڙا، چوسيل هڏا، ڇيلن جي رانن جون سڄون نرڙيون، ٻيل روٽن جا اڌ، نانن ۽ ناختائن جا مُنان ۽ چوتاڙ، گڏي سڏي سڀ هڪ ڪوني ۾ هڪ ٻئي مٿان اڇلي ڇڏيا. ڀچاڙيءَ ۾ غلاظت ۾ ڀريل ڪموڊ به اتي ئي ڪنهن پاسي ۾ رکي، انهن مٿان گلم ۽ قالين وجهي ڇڏيا. جيئن بدبوءِ هرو ڀرو ٻاهر نه نڪري. ٻئي ڪمري ۾ ٽيبل ۽ ڪرسيون، ٽپايون ۽ ڪونچ هڪ ٻئي تي چاڙهي ائين رکي ڇڏيا، ڄڻ غيبي خان نواب جو مهمان خانو نه آهي، بلڪ ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪباڙئيءَ جو دڪان آهي. هڪ دفعو، جو در ايندو ته وري کلندو تڏهن جڏهن سيارو اچي منهن ڪيندو ۽ منزلن جون تاريخان مقرر ٿي وينديون. انهيءَ وقت خبر پوندي ته سيئي ڪمائتا ٽپڙ ڪڇي ويا آهن، باقي وڃي ڀڳ ڀُرَ ڪنڊ پاسي بچي آهي. نواب صاحب کي پلا کهڙو يادگيرو. وڏا ماڻهو، سوين خيال . . واٽيا و ڪال ته هئا ڪين، جو هڪ هڪ شيءِ جي وچور ويهي ڪن ۽ ساهه ڏين. سونو خان عرض ڪندو:

" قبلا سائين! سائينجن جي سِر بخت جو خير، ڪجهه نوان ٽپڙ ڪاراچيءَ مان گهرائبا!"

"اڳئين سال به ته ڪي ٽپڙ ڳڌا هئاسي؟"

"جيئندا سائين! انهن مان جيڪي خاص هئا، سي ميمان ڪٽي ويون!"

"اهڙا سنا هئا ڇا؟"

" ڇا ڇئجي سائين! منڊمان ڏسي چريون ٿي پيون. مڙئي مالڪن جو اقبال آهي!"

"چڱو پلا، ڪو ڪاراچيءَ ماڻهو موڪليو. سيٺ ڏوسل جي چاپ تان به وني ۽ ٻين وٽ به ڏسي، پر وني سيبائتا ۽ سنا!"

"جيئندا قبلا! ائين منهنجا سردار!"

اهڙيءَ طرح هر سيزن ۾ ملازمن جي به پٽي سيزن ٿيندي، ۽ نواب صاحب به خوش ته جيڪي ٽپڙ اچن ٿا، سي اهڙا ته اڻ لڀ آهن جو منڊمان جنسي ڇتيون ٿي پون ٿيون. جيسين مرحوم خير سان حال حيات هو، تيسين غيبي ديري اندر اهي رنگ هر سال رسندا رهيا. پنهنجي سر به مرحوم شاهوڙ شڪاري هو، ۽ ٻين کي به شڪار ڪرائيندو هو. پر شڪار ڪرائيندو ڇڙو پورن کي، ٻگن کي، اچن کي - ديسين کي نه پر پرديسين کي - يعني ڪارن جي ڪاڻ ڪانه هيس.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقت هيءَ آهي تہ ٽالپر حڪمرانن کي انگريزن اجايو بدنام ڪيو هو (١)، ورنہ سنڌ ۾ انگريزن بہ ڪين گهٽايو. گرو گنجو انگريز، سيزن ٿيندي، زميندار وٽ اچي منزل ڪندو. خلق پاهہ، خرچن ۾ زميندار قرضي، پڪي پرنپ ڪينڪال. انهيءَ زماني ۾ زميندارن وٽ بہ حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو وڏو ذريعو شڪار هوندو هو. هر وقت ڪمر ڪشيون بيٺا رهندا هئا.

اهو مرض انگريزن جي وڃڻ ڪانپوءِ بہ پاڪستان اندر زور وٺي ويو. نئين سر شڪار جون مهاڙيون تيار ٿي ويون، پَرا ٺهي ويا ۽ ڏَنگا نڪري ويا. انهيءَ بدعت جي ابتدا خواجہ ناظم الدين پنهنجي گورنر جنرليءَ جي زماني ۾ ڪئي. بندوق لڳي نہ لڳي، شڪار ۾ پنڌ ڪري سگهي نہ سگهي، ليڪن خواجہ صاحب وڃي ضرور. ان ڪان پوءِ وري جناب ميجر جنرل اسڪندر مرزا، پريزيڊنٽ مملڪت اسلاميہ پاڪستان. هر وڏيرو چڻ جمعدار حَسوُ ٻڄي پيو. اڄ شڪار ڪٿي آهي؟ سجاول ۾. اڄ ڪٿي؟ مير سائٽن وٽ. اڄ سردار ... وٽ. اڄ ... صاحب وٽ. اڄ خانبهادر ... وٽ. مطلب تہ هڪ ٻئي جي ريس تي وڏيرن وسئون ڪين گهٽايو. سنيءَ بندوق جو پاڻ وٽ هجڻ ۽ شڪار جو سٺو بندوبست ڪري سگهڻ، صدر صاحب وٽ رسائيءَ جو واحد ذريعو ۽ شرافت خواهہ نجابت لاءِ خصوصي سند هئي. هتي آءٌ منيلا ۾ ئي هيس، جو هڪ زميندار جو خط پهتو، جنهن جو هي فقرو نہ فقط منهنجي لکڻ جي تصديق ڪري ٿو، بلڪ سنڌي زميندار جي غلامانہ ذهنيت جي پوري عڪاسي ڪري ٿو.

”گورنر جنرل صاحب جن مهرباني ڪري شڪار تي آيا. گوٺ گهٽي ٿي پر تتر اٺيو اڪيچار. مزمان بہ گڏ هيس سيئي گودر ستيا ويا. خدا جو شڪر جو دل گهريا پکي اٿيا. سيئي خوش ٿي ويا. پاڙي وارن کي سو ڳالهہ ڪانہ وڻي حالي تہ واہ واہ ٿي وئي پوءِ ڏنو ويندو.“

خير، اهو تہ هو جملو معترضہ. وري اچون ٿا شڪار جي شوقين تي.

* * *

(١) انگريزن پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ ٽالپرن سنيون زرعي زمينون شڪارن جي لاءِ جهنگل هيٺ آڻي ڇڏيون هيون، ۽ هو سڄو وقت شڪار ۾ گذاريندا هئا. حڪومت جي ڪاروبار ۾ دلچسپي ڪانہ هين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيڏانهن غيبي خان هو، تہ هوڏانهن انهيءَ ڪڙيءَ تي هوندو هو سردار واحد بخش خان پنو. غضب جو توپچي، هشيارن پنهوارن جو شوقين، شڪار جو خفتي. هو گورن ڪي اصل ڪونہ گهرائيندو هو. ديسي دوستن سميت پاڻ پيو مزا ماڻيندو هو. سيارو آيو، ڪڪڻ ڦوڙيءَ مان منهن ڪڍيو، سرنهن جي سَلن ڌرتيءَ مان جند ڇڏائي ڪَرُ متي ڪنيو، ۽ ڇٽن مٿرن جي پوکن ۾ پَلي ٿي، تہ ڪچي جي ڪيٽين ۾، ڇنائن اوطاقن پرسان آڇا آڇا خيما کُپي ويندا. ماڻهو درياءَ ٽپي هن پر ٿيندا، تہ بيٺ مان ئي ائين پيو معلوم ٿيندو، جڻ اڇن ڪونجن ڪر متي ڪنيان آهن. سيئي سمجهندا تہ بيلي پُٺي مئزل (١) ڪئي آهي. شام جو تترن تي پئي نڪا نڪي ٿيندي. جهنگن جا گودر ۽ پوکن جا پاسا پلو سنوان ڪري، اچي هڪل ٿيندي پوکن ۾. شام جو سج لٿي ڪان اڳ پکي پوکن ۾ سٿ ٿيو پيو هوندو. بس بچ شروع ٿي ۽ "آچي! آچي!" پئجي ويندي. بگڙا پڙڪا ڏيون پيا اٿندا. ڪارو تتر زمين تان ئي ذيل منجهان لاٽ ڪري آسمان ڏي اٿندو. اجا ستو ٿيندو ئي مس تہ نڪ ٿي ويندي. بُج اتي ئي آسمان ۾، پاڻ ويڙهبو سيڙهبو ڦهہ اچي پٽ تي ڪندو. "واه واه!" ٿي ويندي. ايتري ۾ وري ٿيندي - " اچي! اچي! اهو! اهو!" ولر اتي ڪڙا ٿيندا. نا! نا! جاڙيون پيون چُنديون ۽ ترا ائين پيا سٽڪا ڪندا، جڻ ڦلا تا پُجن. ڪنيورجي تتر ڪري، سو توبچيءَ جي شان وٽان ڪونہ هو، اُتان ئي گُد ٿيو ايندو، جڻ ڪينهونءَ اچي سٽڪو ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن باوجود تَڪَ جي، چيڙَن کي بہ اهڙو مزو اچي ويندو، جو پيا ڪندا - "واه خان، واهہ!" "واه سردار، واه! ڪينهون ٿي آيو؟"، "پر، گد ٿي ويو!" "پر، رومال ٿي ويو!" "واه سائين واه!" "ها سائين، توبچي اهي چئجن!"

صبح جو ڪنهن ڊنڊ تي آڙين مٿان ڏوڙيو هوندو ۽ وڏي اَسُر جو وچي ڪُڏڻ پيڙو ٿيو. پهرين اسُر جو جڏهن جانور گودرن ۽ پوکن مان چرڳ چري، چارئي ڪکيون سيون ڪري، اچي جهنگ ۾ پوندا. ان وقت چوڌاري ڪڙو چڙهي ويندو، گهٽ گهير وٺجي ويندا. قناتان لڳي ويندون، ۽ باهيون ٻري ويندون. جانور سڀ جهنگ ۾ مُوڙهہ. اهو گويا اوسرُ ٿيو. اجا اوندهہ هوندي، جو توبچي ڪڏڻ ۾ ويهجي ويندا ۽ ڪي ملازم بندوقان کڻي وچي مهاڙيون جهليندا. جڏهن دنگن ۾ اک سوجهرو ٿيندو. ان وقت "الاتهار" (٢)

(١) "منزل" جو دهقاني اچار.
(٢) "الله تو آهر".

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندي. جهنگ جهر ۽ ٻوڙي ڪانهن ۾ داسا هٽندا. هڪلان ڪندا. جانورن ڪي گاريون ڏيندا، چيڙا اگِتي وڌندا ايندا. پهريون ڪڙو چاڙهيندا، پوءِ ڏيندا جهنگ کي سيران ۽ هٽندا گهوبيون.

ان کان پوءِ جهنگ سنٿون ڪري، وڏيءَ هڪل کي وٺندا. رونشي لاءِ دهلاري بہ گڏ تہ شرنائن وارا بہ ساڻ. سڄي جهنگ ۾ هُڙُ بگهاڙيو ٿي ويندو. ٻَچ وارا هڪ ٻئي جا نالا ڪٽي پيا هڪ ٻئي کي "پيٺهان" "ماٺهان" ڪندا. چي:

"رگهو هڻ پيٺهان!"

"سست ٿي پيو آهين!"

"زور سان!"

"لڙُ ڪَر لڙا!"

"وِ ٿي نہ ڪيو وچ ۾ ڙي ! وِٿِي نہ ڪيو!! جانور نڪري ويندا!"

شڪار جو جمعدار سڏ ڪري سيني کي هوشيار ڪندو:

"اڙي انهيءَ ٿَمَ ۾ لڪو اٿوَ!"

"رگها هٽونِ! پيٺهان، رگها!"

"چڱيءَ طرح!"

"وارو ڪجانءِ!"

"اِهو! اِهو!"

"نڪتو ٿو وڃئي!"

"اولاهون ٿو اچئي!"

"اڙي عدلو (١) خبردار ٿجانءِ!"

"ايڏنهن تي ايڏنهن!"

بدو (٢) پيٺهان بگهاڙهو ڪر بگهاڙ هو!"

"چو ڊرا ٿيا آهيو!"

"ڪَن ونجانءِ ڪَن!"

جيئن هڪل سوڙهي ٿيندي ايندي، تيئن جانور پريشان ٿي ڀڄڻ شروع ڪندا. سڌا اچي دنگن ۾ منهن ڪيندا. جهنگ جي ويڪر مطابق ڪڏڻا هوندا ۽ هر ڪڏڻي ۾ هڪ ـ هڪ بہ ـ بہ توبچي، يفلان هٿن ۾ ۽ بارهين بور

(١) "عبدالڪريم" جو مخفف

(٢) "عبدالله" جو مخفف.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واريون دوناليون، ايس . جي . ڪارتوسن سان پريل پاسي ۾. نر ڦاڙها هڪبئي پنيان سهڻن سڱن جا تاج مٿن تي رکيون، سڌو اچي ڦهري ڪانن ۾ پوندا. دنگي مان منهن ڪڍيو ناهي ۽ ٻسڪو ٿيو ناهي -

ٺا!

سڄي جهنگ ۾ پرلاءُ پئجي ويندو، ڄڻ گولي سيني جي ڪن ڪان لنگهي وئي. گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويندي. جمعدار کي جهٽ معلوم ٿي ويندو تہ ڪهڙي ڪَنڊ تان ڪهڙي شڪاريءَ بندوق هنئين؛ نڪاءَ جي انداز مان سَهيو ڪري ويندو تہ جانور کي لڳي يا گولي گسي.

جڏهن هڪل جو پرو سوڙهو ٿيندو ٿيندو مورڳوئي اچي ويجهو پوندو، تڏهن تہ ڪتڪو پئجي ويندو. هيڏهن نڪاءَ پيا ٿيندا، هوڏنهن دهلن جو دڌڪو ڌم پاريندو. شرنائن وارا پنهنجي ليکي ليءِ کي چوٽ چاڙهي ڇڏيندا. هڪل جو هوڪرو جدا وڃي آسمان ڪڇندو. بس پوءِ تہ جهنگل ۾ منگل لڳي ويندا. الاهي رنگ، لکين مزا. جي ڪو ان وچ ۾ يارنهن اگرو مرون هٿ اچي ويندو ۽ ٿمَ مان نڪرڻ جي نہ ڪندو تہ ڪتائي لوڌ جون رسيون ڪڍي ڇڏيندا. 'باهو'، 'ڳولهو'، 'وُرائو'، 'ڪاڊو' ۽ 'وانو' (۱) سيئي اچي ٿم وٽ ڪنا ٿيندا. جڏهن سوئر ڪڍي ميدان تي آڻيندا، تڏهن باهڙ بند ٿيندي. سوئر، جي توبچين کان ڦٽجي نڪتو، تڏهن بہ ڪتا ڪڍ لائبس. جڏهن وڃي باهڙجي بيهندو، تڏهن ڏڦي وارو اچي پاسو وٺندس.

مطلب تہ نيرن مهل اوسر جو اهو مامرو مسين مسين وڃي پورو ٿيندو. ڪايءَ ۾ جانور ڪٽائي هر ڪو توبچي پنهنجي ڪَڏٺي تان اٿيو جهنگ کان ٻاهر ايندو. ڇيڙا بہ سيءَ ۾ ڪُرندا ٿيا. ماڪ ۾ سارا پسيا هُڙڪندا ۽ هُڙ هُڙ ڪندا، اچي پري کان پاسو ڏئي بيهندا، جيئن اُڇيءَ ذات وارن اڳيان مليڇ بيهن، ڇهڙا يا چمار بيهن! هونءَ بہ دستور آهي، غريب ماڻهوءَ کي وڏي ماڻهوءَ کان هٽي بيهڻ کپي. خدا پنج ئي آڱريون برابر ڪونہ ڪيون آهن - چڱن جو چوڻ آهي - انهيءَ کي ادب چئبو آهي. ان کان سواءِ سندن لٽن ۽ بت ۾ بہ تہ

---

(۱) اهي ڪتن جا قسم آهن. 'باهو' اهي، جيڪي ڇڙو پيا باهيندا. 'ڳولهو' اهي، جيڪي نوسي نوسي مِرونءَ کي وڃي ڳولي لهندا. 'ورائو' اهي، جيڪي جانور کي ورائي اچي وچ تي ڪندا 'ڪاڊو' اهي، جيڪي ٿم مان سوئر کي ڪڍي ٻاهر ڪندا. 'وانو' اهي، جيڪي مرونءَ کي امالڪ چڪ هڻي، ڪَنُ يا ڪَنڌُ وٺي، هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پگهر جي ڏپ هوندي آهي، جنهن جي ڇَٽَ، وڏن ماڻهن جي نازڪ حس کي وڃي ڏڪوئيندي آهي، توڙي هزار عطر عنبير وڏا ماڻهو ڇو نہ لائي اچن! اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو پگهر سندن ئي عيش عشرت جي ساز سامان مهيا ڪرڻ ۾ انهن کان نڪتو آهي، پر آهي تہ تنهن هوندي بہ پگهر، ڇٽ وارو ۽ بدبودار! اميرن جو پسينو تہ ڪونہ آهي، جنهن کي قصيده گو شاعرن عرق گلاب سان تشبيهہ ڏني آهي، ۽ جنهن ۾ ليويندر ۽ لوشن جا اجزا گڏيل هجن، خس ۽ مشڪ جي عطر جي آميزش هجي! هتي تہ ڪنهن کي ڦاٽل رلي لڳن تي، ڪنهن کي پهرينءَ لام جي ڪنهن مئل فوجيءَ جو نيلامي ڪوٽ بت تي، خاڪي رنگ جو ميرو ۽ ڪِنُ جميل، پتل جي بٽڻن سان، جن تي فوجي نشان چٽيل، جن مان ڪجهہ غائب تہ ڪجهہ اجا لڳل. ڪن کي ميم صاحبن جا لاٿل ولائتي ڪوٽ بدن تي، بجورا، وڏن ۽ رنگا رنگي بٽڻن وارا، هنڌان هنڌان ڪاڌل ۽ چٽين سان چٽيل؛ ڪن جي ڪياڙي ۽ ڪفن تي ڪٽور ہلن ۽ ولايتي لونبڙن جون کلون لڳل، نرم نرم ۽ گرم گرم، جي بٽڻ لڳل تہ انهن جي جاءِ تي سوراخن ۾ وٽيل سٽ جا ڏاڳا وڌل، جن کي وري اهي بہ نصيب ۾ ڪونہ هئا، تن کي نياڻين يا پنهنجن ننگن جون پوتيون ۽ روا مٿئين ڌڙ کي ويڙهيل - سيءَ اولو جو ڪرٽو ٿيو! ڪوٽ نہ پڳو تہ رئو پوتي ئي سهي! هيٺ تي اَلبت سيني کي گوڏيون، ڪي نيليون گهريون تہ ڪي هلڪيون، ڪي سايون تہ ڪي مونگيون، ڪن جو رنگ بنيادي طرح تہ اڇو هيو. ليڪن مسلسل استعمال ۾ رهڻ سبب رنگ متجي اهڙو ٿي ويو هو، جو انهيءَ جو نالو ٻڌائڻ ئي مشڪل آهي - اهڙي رنگ جو اجا نالو ئي رٿيل ڪونہ آهي. رنگن جا نالا بہ تہ وڏن ماڻهن جا رکيل آهن، انهن پلا اهڙو رنگ ڏٺو ئي ڪونہ تہ نالو ڪيئن رکن؟ خير اهي گوڏيون بہ هڪ جهڙيون ڪونہ. ڪي وڏيون تہ ڪي ننڍيون، ڪي سٿر تي تہ ڪي گوڏي تي، ڪن کي ويهڪ واريءَ جاءِ تي وڏي چتي لڳل تہ ڪن کي وچان چڙو ٿوپو ڏنل، سوبہ هڪ .ڪَرو نہ بلڪ تنگ ٽپو ڏنل، ڪا ورلي انهن عيبن کان خالي ، نہ تہ گهٽو ڪري ڪانہ ڪا لنجڻ مڙئي سيني ۾ هوندي. تازيون تہ ورتيون ڪونہ هونديون، ڪن سارن جي ٻار ڪٽي ورتي هوندي، ڪن سرءُ جي ٻار ڪٽي ڳنڍي هوندي، ڪنهن کي تہ چٽڻ مندن کان بہ اڳ جي هوندي - وچ ۾ ٻار جو اَنُ جو ليکي چوکي کان ڪونہ بچيو تہ ڪٽان وٺندو! ڪنهن ڪنهن جي پير ۾ ڪا پراڻي ڪٽل جتي هوندي، جيڪا استعمال ٿيندي ٿيندي، سڪي بانر ٿي وئي هوندي. ورنہ عام طرح سيني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جا پير اگهاڙا، جن جي کل تتيءَ تڏيءَ ۾ گهمي گهمي جنسي ڪاٺ ٿي ويل. اهڙن پيرن کي جُتيءَ جي ضرورت هئي به ڪانه. هي پير انهيءَ حد تي وڃي پهتا هيا، جتي نه سردي جو گذر نه گرميءَ جو، جنهن تي نه ٻاٻرو ڪنڊو اثر ڪري نه نانگ جو ڏنگ، جنسي ڇوڏو، جهڙو هڏو، سُڪو ڪٺي ٿنب، جي سيسراٽي اُيري! سومهياٽيءَ جو گهران پور وجهي هليا هئا ته وري هن مهل تائين نه اَن وات ۾ نه پاڻي پيٽ ۾.

وڏيرا صاحب ته پنهنجي معزز مهمانن سميت چانهن، آنن، حلون ۽ پڪوانن سان ٿورو گهڻو منهن اولو ڪري نڪتا هئا ۽ وري به ناشتي لاءِ ست رڇيون تيار هونديون. چاڻ وڃي پنهنجي الله جا احسان بجا آڻي واپرائيندا. سرديءَ جي انهن کي ڪهڙي ڪاڻ! اندر گنجيون، مٿان قميصون، انهن تي اوني سئيٽر، تنهن تي وري ڪوٽ ۽ ڪوٽن مٿان به اوور ڪوٽ. ڳچي ۾ مفلر ۽ هيٺ تي گرم گباردين جون برجيسان، جوراٻا، انهن تي لانگ بوٽ ۽ بوٽن تان جون پٽيون هليون ته سڌيون وڃي گوڏن تي نڪتيون. سيءَ جي ماءُ وياڻي آهي، جو اتي ايندو! مالڪ نيٺ مالڪ. ڇيڙا نيٺ ڇيڙا ڪنهن نه جهڙا! انهن لاءِ ديگ پٽ جي لڙيءَ ٻي ٻهريءَ تائين اچي لهندي، جنهن ۾ ڪانگڙي جو ڏارو ۽ ڏڪرو رڌل هوندو. تاهري ٿي ته عيدان ٿي ويندي ون ، ۽ جي چڙو مناٺيءَ جو ٻرڪو پيو ته به لک لائق، ورنه بنان گيهه جي گانبيءَ دار گارو اکين تي، جڻ سون آ. مڙئي مالڪن جون مهربانيون، نه ته هو انهيءَ جا لائق به ڪونه هئا! هنن کي پيٽ ٿورو پرٽو هيو! هنن کي ته مڙوئي بک جي باهه مارٽي ۽ سڙئي پيٽ جي آڳ اجهائٽي - جيڪا اميرن جي ته ماهين ڪيرن، چاهين ۽ شربتن سان وسامندي هوندي، پر هنن جي ته گانبيءَ جو گرهه ۽ مٿان پاڻيءَ جو ڍڪ به ٺاري سگهي ٿو. هنن وٽ سوال هيو وقت ٽپائڻ ۽ ويلي ٽارڻ جو. شام جو وري جو تنرن جي ٻچ سامنهن هئي، اسر جو ”سوپي جي پڙن“ وارو اوسر، پرينءَ ” ڏنون جي ڦير“ وارو شڪار، تنهن پرينءَ ”پنهونءَ واري“ هڪل. اهڙيءَ طرح ساندهه ڇهه ڏينهن صبح، شام ۽ اسر ڪين پنهنجي زميندار جي چيڙ ڏيٺي پئي هئي. رعيت ۽ راڄ جو ٿيو! ديهه ۾ وينل ڪڙمي ڪامي جو ٿيا! سڌ صلح اهي نه ڏيندا، ته ٻيا ڪير ڏيندا! شيل شڪار، اهي ئي جڏهن هوندا تڏهن ته رنگ رکي ٻيهندا.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪَنو ڪائيندو هو.

شل مرهيات کي بشت (١) نصيب هجي! ڏسؤن مير سائين ڇا ٿو ڪري؟

مير سائينءَ جي ڪانمپ (٢) جي ڪامڻ، باهہ جي مَچ تي سياري جو سيءَ لاهيندي اهوئي مذڪور ڪيو، جڏهن وٽن خبر پهتي تہ ڪالهہ سانجهيءَ جو جمعدار حسو ڪَٽسِ (٣) ۾ لاڏائو ڪري ويو.

* * *

اِهي هئا اُهي زمانا، جنهن ۾ شوقين توپچين جا هٿيار مستري محمد الدين وٽ مرمت لاءِ ايندا هئا. مستري مرمت ڪندو بہ دل سان هو تہ پيسو بہ ڪڙڪائي دل تي وٺندو هو. پورهيا ڪڙمين جا، ڪمايون سچيون زميندار جي کيسن ۾، پوءِ مَن گهريا پيسا مستري صاحب کي ڇو نہ پيا ملندا.

پتوان وار ڪياڙيءَ تائين، ٿلهيون مڇُان، ڏاڙهي فرينچ ڪٽ جي نموني تي ڇاپيئين، جنهن کي ڪاڏيءَ وٽ چير ڏنل، اهڙو پيو لڳندو هو ڄڻ فوج جو جمعدار يا صوبيدار ميجر آهي. ڪم ڪندي ڪندي جڏهن ساهي کڻندو هو، ان وقت حقي جو نڙ، جنهن کي چوڏاري واڻ ويڙهيل هو، وات ۾ وجهندو، ۽ پاسي مان ”بانگ دار“ کڻي، ان جو بہ مطالعو ڪندو. ’شڪوہ ۽ جواب شڪوہ‘ بہ سڄو ياد هيس:

دشت تو دشت، دريا ڀي نہ ڇوڙے هم نے،
بحر ظلمات مين دوڑا دئے گهوڑے هم نے!

جڏهن انهيءَ قسم جا بيت پڙهندو هو، تڏهن سندس خيال بندوقن جي ڪندن، ريفل جي ماشن ۾ دونالن جي جوهر دار نرين تان. بلڪ ڪٽي

(آندل) جٿري ٻاهر نڪري ٿي ڪوند. بيگر ۾ هر ڪو اٺو گهران ٻڌي هلندو. 5 ڏينهن 10 ڏينهن، جيسين بيگر پوري ٿئي. خاص طرح شڪار جي بيگر ۾ ماڻهن سان سخت آزار هوندو هو. سياري جي ماهہ پارن ۾ بنان لٽن جي ڪڇي جي سردين ۾ ماڻهو پيا پاهہ ٽيندا هئا. جيسين سرڪار جي منزل نہ پڄي، تيسين سڄو ملڪ ڪيڪال بلڪ اهو سڄو پاسو ئي ٿرٿلي. ڪڪڙ، ڇيلا، آنا، کير، سڀ زوريءَ وصول ٿين. نہ ڪنهن کي پائي ملي نہ ڪنهن کي مانيءَ اٽو. هر ڪو گهر جو ڪائي چيز وهي. اها چيز يا بيگر 1927ع ڌاري قانونا بند ڪئي وئي، تڏهن غريبن ڪلمون پڙهيو.

(١) ڪڇي ۾ ”بهشت“ جو اُچار.

(٢) Camp جو ٽالپري تلفظ.

(٣) تپ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چئجي تہ حال تان هتي وجي ماضيءَ جي ڪباڙخاني ۾ پهچندو هو ـ دمشق، بغداد، غرناطو، دهلي، اسلام جو غازي سلطان محمود غزنوي، محي الدين والملت عالمگير غازي! جڏهن ڪتاب پوتي، ذمڻ ۾ هٿ وجهندو، تڏهن ٿڏو ساهہ کڻي چوندو:

" هائي! هائي! اجي ڪيا دن ٿي!

ذمڻ منجهان نڪتل هوا سان گڏ مستري مرحوم جي ٿڌي ساهہ جو چوڪارو بہ تتل نَريءَ تي وجي ٺهڪو ڪندو هو.

" اسرارِ خودي" ۽ " رموز بيخودي" ڪڏهن شايع ٿيا، انهن جي خبر ڪانہ هئي. نہ ' خودي' ئي سموستو تپي سنڌ ڏي آئي هئي. اصل ۾ 'خوديءَ' جي ڪل تہ اسان کي تڏهن پئي، جڏهن ون يونٽ کان پوءِ پنجاب ۾ هر 'شاهين بچي' جي خودي ايڏو بلند ٿي وئي، جو نہ فقط يزدان جي ڳچيءَ ۾ ڪمند پئجي ويو، بلڪ خود خدا کي بہ پنجابي بندن جي رضا جوئيءَ کان سواءِ پيو چارو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. ڊاڪٽر صاحب جو "بال جبريل" سو انهيءَ زماني ۾ تازو نڪتو هو، جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن مرحوم محمد اسحاق (١) سٽي مئجسٽريٽ جي علمي خواهہ غير علمي مجلس ۾ شام جو بنگلي جي پٺئين اڱڻ ۾ بحث ٿيندو هو. علمي هن ڪري چيم، جو ڪي علم دوست بہ وٽس ايندا هئا ۽ غير علمي هن ڪري جو سرڪاري ڪامورن جو مڙهہ مقام بہ شام ڏاري اتي هوندو هو. اهو اُهو زمانو هو، جڏهن مرحوم شاعر نہ اجا 'حڪيم الامت' بڻيو هو ۽ نہ ساڻس مراسم هجڻ واريءَ ڳالهہ کي ڪنهن باعث عزت سمجهيو ٿي. اهي سڀ ڳالهيون هن جي هن جهان ڇڏڻ کانپوءِ جون آهن. پاڪستان جي مملڪت خدا داد جو قومي شاعر، خدا جنت نصيب ڪريس، تڏهن ٿيو، جڏهن مولوي شبير احمد عثمانيءَ کي بہ "شيخ الاسلامي" عطا ٿي.

* * *

(١) مرحوم پنجاب جو هو، ليڪن تعليم ختم ڪرڻ بعد ملازمت سنڌ ۾ شروع ڪيائين. مختيارڪاريءَ مان ترقي ڪندي ڪندي ڪليڪٽريءَ تي پهتو. پاڪستان ٿيڻ بعد ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر هو. اتان رٽائر ڪيائين ۽ فوت ٿيو. اردو ۽ فارسي ادب جو شيدائي، خوش ذوق ۽ ڏاڍو مجلسي، محب ۽ دوستن تي سر ڏيڻ وارو ماڻهو هو، رب ڪريم بخشيس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سکر ۾ لاڙڪاڻي جي مقابلي ۾ فضائي اور ڏنم. گرم گوديءَ، سکر براج ۽ ريلوي هيڊڪوارٽر هجڻ سبب پنجابين جو شهر ۾ چڱو تعداد هو. چنيوٽ جا چرم فروش به زماني کان رسوخ ڪري ويا هئا. پهريون دفعو مون اتي گهريتيون عورتون رنگا رنگي ۽ سهڻن پوشاڪن ۾ ڪلئي منهن رستن تي سيل سپاٽا ڪنديون ڏٺيون - پنجابين جون بلڪ سنڌين جون به. مسلمانن جو مڊل ڪلاس به اتي ئي پهريون پيرو ڏٺم. ورنه لاڙڪاڻي ۾ ته اڪيون هڪ وڏيري تان ٽڙي ٻئي تي پونديون هيون، ۽ ٻئي تان ٽڙڪي ٽئين زميندار يا جاگيردار تي چڙهنديون هيون (١). هونءَ ته ضلعي اندر هتي به ڪو گهٽ زميندار ۽ جاگيردار ڪونه هئا. ليڪن انهن جو شهر تي اثر ڪونه هو. ڪمين ڪارين ايندا هئا ته ائين جڻ مزمان ـ اهڙيءَ طرح جيئن مسافر، صبح آيا سانجهيءَ ويا. نه پتو ڪالونيون هيون نه وڏيرن جون محل ۽ ماڙيون هيون. فقط ٻن زميندارن جا بنگلا هئا ـ هڪ خانبهادر در محمد خان ڳڙهيءَ واري جو ۽ ٻيو خانبهادر جان محمد خان ڪوٽ سلطان واري جو. جڏهن پاڻ ايندا هئا، ته انهيءَ ۾ رهي ڪم ڪار لاهي، وري هليا ويندا هئا. زميندار جيئن لاڙڪاڻي ۾ شان شوڪت ۽ لاءَ لشڪر سان ايندا ۽ رهندا هئا، تيئن هتي ڪونه هو. نه ڪٽڪ ماڻهن جا ڪڍ، نه مانين جا دسترخوان ۽ نه نوڪرن جا ولر. ڪنهن ڪي ڪن نه جن. ڪو آيو ته ڇا، جي ڪو ويو ته ڇا. دڳ سير ۾ ڪنهن سان

(١) لاڙڪاڻو حسن ۽ حسن پرستيءَ ۾ هونءَ به برک ۽ مشهور هو. جهڙيءَ ريت ڪنهن واهڻائي شاعر چيو آهي:

لاڙڪاڻو سياه سيباڻو معشوقن جو مڪان آهه،
عاشقن لاءِ برهه جو بستان آهه.
ڪليون بازاريون حسن واريون، بندر بي بيان آهه.
محب موچارا وتن سينگاريا، شاهي ته جن جو شان آهه.
باغ بهاري چمن چوڌاري، گلن جو گلستان آهه.
عندليبن عاشقن سائين، تينهن جو نيشان آهه.
اهڙو شهر برهه بحر، ڪاٽين ڪونه عيان آهه.
صورت سيرت هلڻ چلڻ، صفت ۾ سلطان آهه.
امير بخش جاني ملڪ خدائي، جوڙيو ته جوڙ جوان آهه.
ڪل نفس ذائقة الموت جو پر جهان آهه.

ساوڪ، سبزو، واهه، وٽراهه، ماڻهو ڏسڻان وائسڻان، حسين ۽ شوقين، ڪمي ڪنهن ڳالهه جي ڪانه هئي: پر هر ڪنهن شهر کي وصف ۽ خصوصيتون پنهنجيون پنهنجيون آهن، تيئن سکر کي پنهنجون جدا خوبيون هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چار چشمي تي وٺي، تہ ”مابخير، شمابسلامت“ ٽيندي، ورنہ ٽيو پلو. هر ڪنهن ڏي خير.

* * *

منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ البتہ ڪن زميندارن جي آمدرفت گهٽي ٿيڻ لڳي، ليڪن شهر سان تڏهن بہ انهن واسطو وجهہ ڪونہ رکيو. مثلاً، مرحوم خانبهادر جان محمد خان پناڻ بمبئي ڪونسل جو ميمبر هو - نهايت نيڪ، ڏاڍو سنجيدو، پناڻڪي تيزي ۽ تک اصل ڪانہ، عقل ۽ سمجهہ سان بہ بهرور، اهڙين پانڻبو هو جڻ ڪوتائي پناڻن مان آهي ئي ڪونہ. قد جو بندرو، پٽ جي ٽوپيءَ تي پشوري لُنگي ڏاڍي سهڻي نمونيَ ٻڌل، قميص ۽ شارٽ ڪوٽ، سلوار ۽ سليپر. هڪ تہ ڪوٽ جي ماحول سان سندس مزاج مناسبت ڪانہ ٿي کاڌي. ٻيو ٻارن کي پڙهائڻ جو سک بہ سکر ۾ هو، تنهن ڪري پارسي ڪالونيءَ ۾، ڪليڪٽريءَ جي پٺيان، پنهنجي بنگلي ۾ اچي رهڻ لڳو. جڏهن ملندو هو، تہ ڏاڍي قرب ۽ محبت سان، ليڪن گهَري پوڻ جي طبيعت ڪانہ هيس، تنهن ڪري هميشه دور باش خوش باش تي عمل ڪندو رهيو.

* * *

خانبهادر محمد پناهہ خان ڊکڻ - رب شل جنت ۾ جايون ڏيس - وڏي اوج، اقبال ۽ طمطراق جو صاحب هوندو هو. سنڌ انهيءَ رنگ ۽ ڍنگ جو پٽ وري پيدا ڪري نہ سگهندي. هيو تعلقي ڳڙهي ياسين جي آخري ڪنڊ جو وچولو زميندار، ليڪن ڏاڪو سڄيءَ سنڌ تي هيس. ٿلهو متارو قداور سهڻو مڙس، هلندو تہ جڻ ڪنهن مملڪت جو مالڪ گلگشت ڪندو اچي ٿو. سهڻي ڪٽ تي سلوار، اعليٰ درجي جي جوارين تي ولايتي شو بوٽ، شارٽ ڪوٽ، قميص تي ٻو ٻڌل، ترڪي ٽوپيءَ کي پاسي تي موڙو ڏئي ڪجڪلاهيءَ جو شان پيدا ڪندو هو.

هر نازنين کہ بينم جلوه کنان براهي،
آهي ز دل برارم بر ياد ڪجڪلاهي.

خوش پوشاڪ، خوش خوراڪ، مجلس جو شوقين، يارن جو يار، ماڻهن کان سواءِ منت بہ رهي نہ سگهندو. کل چرچو، پوڳ نڪاءُ، مانيون چاهيون، ڪيڪ مٺايون، مطلب تہ جيڪو وٽس ويندو تہ موڪلائڻ مهل بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳوڙها ڳاڙي پوءِ جدا ٿيندو. جنهن ڏينهن وٽس ڪو مهمان ڪونہ هوندو، پنهنجي حياتيءَ جو اهو نياڳو ڏينهن ليکيندو. ماني هر ويلي تي ٻہ ـ ٽي قسم پچندي هئي. مهمان ڪونہ هوندو تہ ڳوٺ مان ڪنهن کي سڏي پاڻ سان گڏ کارائيندو. ٻئي کي کارائڻ ۾ جيڪا خوشي مان ان بزرگ کي ڏٺي، سا ٻئي ڪنهن کي ڪانہ ڏٺيم. ليڪن سندس ڪڙيءَ جو هيو ڪو درياه دل مهمان نواز ٿيو ٻہ تہ ڪونہ. رهڻ ڪرڻ، اُٿڻ ويهڻ، رک رکاءُ ۽ هلڻ چلڻ جو جيڪو کيس ڍنگ هو، سو لک خرچي ٻہ ڪنهن کي ڪونہ نصيب ٿيو. شان، دوستي ۽ مهمان داري، اهي ٽئي وصفون محمد پناهہ خان سان گڏ لحد ۾ لٿيون. جڏهن سندس قصيو ٿيو (١) ان وقت دوستن جي دلين کي تہ خير ڏڏڪو پهچڻو هو سو پهتو، ليڪن دشمن ڪان بہ دانهن نڪري وئي:

" محمد پناهہ خان!"

"دڪڻ وارو؟"

" سچ پڌاءِ!"

"گذاري ويو؟"

"ابوءِ!"

"مڙئي يَر ڪاريگر جا ڪم آهن!"

"الله سائين بخشيس، واه جو مڙس هو!"

"هائو ياٺو! وري ڪي اهڙا مڙس پيدا ٿيندا ڇا؟"

مرد اهي چئجن، مرن تہ دشمن ڪان بہ دانهن نڪري وڃي ۽ چئي تہ پيلي واه جو مڙس ويو.

چوندا آهن تہ سِرَ سِرَ ڪل آهي ۽ سڀي بخت جي بازي آهي، ماڻهن

(١) محمد پناهہ خان بيمار ٿي شڪاربور ۾ علاج خاطر رهيو، خانبهادر احمد خان ڀُٽو ۽ مان نو ديري مان گڏجي کيس ڏسڻ وياسين. جمعي ڏينهن 3 ـ مارچ 1950ع (13ـ جمادي الاول ١٣٦٩هـ) تي. اهو آخري ديدار هو. ڪلاڪ کن رهاڻ ڪري موٽي آياسين. اسان ڏسندي ئي حياتيءَ مان اميد لاٿي هئي. پوءِ دڪڻ ۾ آندو ويو، جتي 8 ـ اپريل 1950ع (ڇنڇر 19 ـ جمادي الثاني 1369هـ) جو هي جهان ڇڏيائين. سندس جنم آگسٽ 1894ع ۾ ٿيو. غلام قادر خان سندس والد جو نالو هو، جيڪو 1845ع ڌاري ڄائو ۽ سندس وفات 1899ع ۾ ٿي. خانبهادر جي وڏي ڀاءُ جو نالو خانبهادر شاهنواز خان هو. بي انتها حسين جميل ۽ نازڪ اندام، اهڙو جهڙو گلاب جو گل. ڏاڏي مرحوم سان سندس ٻنهي دليون هيون. مون کي سندس وفات وارو ڏينهن چٽيءَ طرح ياد آهي ـ 31 ـ جنوري 1918ع جو شام ڌاري ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊڪٽن جو ڳوٺ سندس هوندي بہ ڏٺو ۽ هاڻي بہ ڏسندا هوندا. جڏهن خير سان پاڻ جيئرو هو، تہ سڄو شهر ڄڻ جيئرو هو، ماڻهو ڇا، در ديوارون ۽ وڻ ٽڻ پيا ٻهڪندا هئا. هڪ تحرڪ ۽ هڪ چرپر هوندي هئي. انهيءَ زماني ۾ صبح تہ صبح پر ڊڪٽن جون سانجهيون ۽ راتيون بہ صبح کان وڌيڪ پيون تجلا ڏينديون هيون.

میر سد باد صبا، از یار یادم میدهد،

زان خرامان سرو خوش رفتار، یادم میدهد ( جامي)

اڄ تہ ڊڪٽن جي ٽاڪ منجهند بہ ڄڻ شام غريبان پئي لڳي، سڄو شهر اُداس، ڄڻ ڪنهن رَن جوءِ جو وٿاڻ آهي ـ ويران، گويا مڙسن جو مڪان نہ پر مُردن جو مقام آهي. هڪ ماڻهو هو ليڪن بختاور، اهو ويو تہ سڄي شهر جي قسمت، خوشي ۽ خرمي پاڻ سان ڪنيون ويو.

در دیار خوبرویان دلربائي یافت نیست،

یا بہ شهر عشق بازان هیچ صاحبدل نماند. (جامي)

ڪنهن زماني ۾ مرحوم وائسراءِ جي اسيمبلي جو ميمبر بہ هو. دهليءَ ۾ اهڙي شان شوڪت سان رهيو، جو هندستاني راجائون ۽ نواب ڪنڌ ڦيرائي بہ دفعا پيا پڇندا تہ هي ڪٿان جو مڙس آهي؟ سنڌ جو نالو حقيقت ۾ سندس انهيءَ هلت چلت دهليءَ ۾ مشهور ڪيو. لوڪل بورڊ جو ميمبر ۽ اسڪول بورڊ جو چيئرمين پڻ هو. سکر ۾ انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو اچڻ ٿيندو هيس. ڪجهہ مهمان پاڻ سان ورتيون ايندو هو ۽ باقي ميڙا چونڊي سکر ۽ سکر جي آسپاس مان ٿيندي هئي. بس جيترا ڏينهن رهندو، اوترا ڏينهن رونق لڳي ويندي. در تي بگيون، موٽران، بورچيخاني مان داڻن جا هڳاءَ پيا اٿندا ـ محلي جي ويشنو هندن جو بہ هڪ لڳا ساهہ گهرندو تہ هوند ماس ذرو واپرائي ڏسن! مطلب تہ :

خود داشت خویش را، دوسہ روزي کہ زنده بود!

* * *

ٽيون زميندار هوندو هو ڳڙهيءَ جو خان شمس الدين خان عليہ الرحمہ، جنهن کي اسان سڀ " خان وڏو" سڏيندا هئاسين. سنڌ جي زميندارن ۾ اهڙو عجيب و غريب ماڻهو نہ ٿيو نہ ٿيندو. اهو ئي ٻهريون زميندار هو جنهن آمدنيءَ ۽ خرچ جي بجيٽ ناهي، جنهن حساب ڪتاب رکيو، جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روانگيءَ جي هڪ هڪ پائيءَ تي نظر رکي، جنهن پئسا بچايا، جنهن خود هندن کي بہ وقت تي اوڌر پاڌر ڏني. اهو پهريون وڏو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي يڪسان ۽ بنان عيب جي گذاري ۽ ڏاڍي اطمينان ۽ آرام سان بسر ڪئي. مجلس جو مور، ڳالهين جو ڳهير، راڳ رنگ جو شوقين، سُرن ۽ سازن جو ڄاڻو ، واڄي ۽ وڄت جو پارکو. جوانيءَ ۾ تہ پاڻ بہ ساز سرود وڄائيندو هو، راڳ ڳائيندو هو، ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارن جي هڪ سنگت ناهي چوڪيون ڪندو هو. مون سان پاڻ ڳالھ ڪيائين تہ ڪيترا ڀيرا مرحوم مولانا عبدالغفور همايونيءَ ڪيس سنگت سميت گهرائي، ڏينهن جا ڏينهن پاڻ وٽ رهائي راڳ ٻڌو.

حاجي خانڻ شاعر سان پائيءَ جو رستو هيس. لاڙڪاڻي مان گهوڙيءَ تي چڙهي، وٽس اچي مهينن جا مهينا رهندو هو؛ اچي ڇاپئين سنهاري، جنهن کي مينڊي لڳل، لنگي مٿي سان، نيرو وڏو پيراهن، بہ تختي ڪاٺيچ ۽ سنڌي جُتي پير ۾؛ جڏهن ويهندو تہ چادر چيلھ ۽ گوڏن کي ويڙهي ڪانپ ڪڍي ويهندو - اهو حاجي خانڻ جو حليو خان وڏي پاڻ مون کي ٻڌايو. حاجي خانڻ جي ڳالھ ڪري خان وڏو هي ڪلام ڏاڍي مزي سان ٻڌائيندو هو:

چيٽ توڙي ڪتي، اسان داوَن تنهن جي وتي!

1 - ساريون، جوئر، آيون، ڳنان، پڪيون پوکان ٻڌن ٻنان،
لائيءَ لاباري هلن رَنان، انڌي ڪاٺي متي!
اسان داوَن.......

2 - سرنهہ، ڄانيو، مَتر، چٽان، اللهُ ڪندو سنڌ ۾ گهٽان،
پيسي ڪاري مچي ڪَتي، جهڙو چيٽ تهڙي ڪَتي -
اسان داوَن.......

3 - حاجي خانڻ هلندو هل تون، پلو ڪنڌئي پَلي،
جيڪو گري گنجي پلي، گڏهہ تنهن جي ڪانهين گتي -
اسان داوَن.......

حاجيءَ جي هيءَ ڪافي پڻ وڏيءَ لئي سان خان ٻڌائي موج ۾ اچي ويندو هو:

ڏک ڏولاوا ڏاج، ڏئي ويا ڏير مٺيءَ کي، الا!

1 - گهوريا گهر پنهور جا ٻيلا، وبهي گذاريان تنهن ۾ ڪيڻءَ ويلا،
مولا ڪندو محبن سان ميلا، ڪوڙين ڪنديس پوءِ ڪاج -

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏئي ويا ........

2 - سسئي پنيور ڪندس مون بيزاري، پنهل ڪندو پاڻهي مون پرتواري،
ڳل ڳچيءَ ۾ پائيندس ڳاري، جو هٿئون پيڙم هاج —
ڏئي ويا ........

3 - حاجي خانڻ انهن جي آهيان، چوريءَ ويا تيي نابر ناهيان،
آس اميد اجان نٿي لاهيان، ملندم يار ڪنديس معراج —
ڏئي ويا ........

خان وڏو اهلِ دل هو. سنو بيت پڙندو، سُرَ جو آلاپ سٽندو، وڄت جو سُر تال ڪن تي پوندس، بس روح ۾ جڻ تراوت اچي ويندس، سڄي منهن تي رونق اچي ويندس ۽ چپن تي مرڪ نروار ٿي ايندس. پيو چوندو:

"واه! ميان حسام الدين شاهه، واه !...

"واه ! واه !!...

"ڏسو تہ چا ٿو پيو چئي !...

"سبحان الله! سبحان الله !!"

وڄت جو پنهنجي سر پاڻ بہ ڪاريگر هو. انهيءَ جوانيءَ واري دور ۾ ساز سرود سان گڏ دلي، مردنگ، مِشڪ، سارنگي، ڍولڪ، يڪتاري ۽ طبلي کي بہ واه جو وڄايائين. ليڪن جڏهن اهي زمانا گذريا، اهي ماڻهو ۽ سنگتيون ويون، تڏهن پاڻ بہ صفا هٿ ڪڍي ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن موج اچي ويندي هيس، تہ ٽيبل تي وينئي وينئي چار آڱريون هلائي وٺندو هو. بس مزو اچي ويندو، گهڙي ساعت موج لڳي ويندي.

هڪ دفعي اسان ٻئي ڪراچيءَ واري ريواچند موتومل جي ڇاپ ۾ وياسين ( جنهن دڪان ۾ هاڻي ايچ. غلام محمد ائنڊ برادرس جو دڪان آهي). شام جو وقت هو ، ڪٻي هٿ تي ڊگهو شوڪيس اڄ بہ ائين رکيو آهي، جيئن انهيءَ وقت هو. انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ جو بہ اوج هو؛ حاجي ڏوسل جي زوال کان پوءِ اهو ئي هڪ دڪان هو، جتي هر شيءِ ملندي هئي. مندمان، صاحبلوڪ، پرديسي، ديسي ـ مطلب تہ سڄو دڪان خريدارن سان جهنجهيو پيو هو. خان جي طبيعت ۾ بہ ڪا اوچتو موج اچي وئي، شوڪيس جي هڪ طرف کان شيشي تي ٻنهي هٿن سان وڄت ڪندو وڃي ٻئي سري تي پهتو. اجا پنج ـ ڇهہ هٿ ئي مس کيان هيائين، جو دڪان ۾ بيٺل سڀني خريدارن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا، خريد فروخت بند. انگريز، ميمان، ديسي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرديسي جتي هئا، اتي جمي ويا. ڏهه - ٻارنهن منٽ سچو دڪان چڻ خان وڏي جي اڱرين تي نچيو ٿي! جڏهن وڃت کي وڃي توڙ ڪرائي، پويون هٽ هيائين، تڏهن سيني وٽي ڏاڍيان تاڙيون وڄايون. انهيءَ شام جو خان وڏي جي طبيعت تي ڪا خاص بهاري هئي. وري اهڙو موقعو نصيب ڪونه ٿيو.

اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي نه هئي، بلڪ عشق هو. ڏاڍو قرب ڏيندو هو، تمام گهڻو پيائيندو هو، جيڪا شيءِ وڻندو سان ضرور ڏيڪاريندو، لٽو چڱو ڏسندو صلاح ڪندو، سٺو سوٽ سبرائيندو، پائي پهريون اچي مون کي ڏيکاريندو. زميندارن ۽ اسانجن وڏن ۽ پڻن کان پوءِ هي ٻيو زميندار هو، جنهن انگريزي لٽا پائڻ شروع ڪيا. لٽي ڪپڙي جو ڏاڍو شوقين هو، لٽا ديسي هجن چاهي انگريزي - بت جو سنهون چڙڪ ۽ سرو جهڙو سڌو هوندو هو، تنهن کي پوشاڪ جسم تي ڏاڍو جوڙ ۽ جنسار رکي بيهندي هيس. شڪل، صورت، رنگ ۽ روپ جو به پنهنجو پاڻ هو - سهڻو، سفيد، ڳاڙهو- تنهن ڪري جيڪي پهريندو هو، سو چڻ ٻيو منهن تي پوندو هيس. ڏاڙهيءَ تي پاڪي گهميل، مڇان ڪينچيءَ تي ورتل. منهنجي جڏهن سائس واقفيت ٿي، ان وقت ئي وار اڇا جهڙا ڪير هيس.

پوئين زماني ۾ ڳڙهيءَ ۾ ڏاڍيون ڪچهريون ڪيونسين. منهنجو نوديري ۾ ٻڌندو ته هڪدم موٽر موڪليندو. هڪ طرف مون ڏي موٽر ايندي، ٻئي طرف مرحوم غلام صديق خان عيسانيءَ ڏانهن بگي ٻڌي ويندي. ٻئي وڃي ڪنا ٿينداسين. ڏينهن ته وڻيءَ گذري ويندا، پر راتيون به اڪين ۾ ڪاٽي ڇڏينداسين.

* * *

مرحوم عيساني به پنهنجو مٽ پاڻ هو. اهڙو ماڻهو ٻيو وري ڪونه ٿيندو. جيد عالم، ڪتابن جو ڪيڙو، وڏو مفڪر، صورت ۾ خواهه سيرت ۾ فلاسوفر، طبيعت جو، دل جو، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ اٿيءَ ويٺيءَ جو درويش ۽ ڏاڍو سير چشم، بلڪ سچو پچو ۽ صحيح معنيٰ ۾ اهل دل هو. هميشه خاڪي نِڪر پائيندو ۽ قميص به ٽوئيل جي خاڪي، جنهن کي به کيسا سيني تي ڊڪ سان ۽ ڪالر. اها هميشه جي عادت هيس. ماپ تي نه نڪر سبرائيندو هو ۽ نه قميص. قميص جي ڳچي چار آڱر کن وڏي هوندي هئي، جنهن کي پنيان سيفٽي پن هٽي ڇڏيندو هو، ٻانهان ڊگهيون، تن کي ڪلهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺ ور ڏئي پاڻ ئي اچي ڏاڍي سان ٿلهو توبو ڏئي ڇڏيندو. نڪر ايڏي موڪري، جو منجهس بہ عيساني اچي وڃن - تنهن ۾ هڪ پراڻو پٽو هوندو هيس. سو پڏي ڇڏيندو هو. پٽي هيٺان نڪر کي ايترا گنج ۽ وڪڙ اچي ويندا هئا جو نہ اڳ پُٺ جي خبر پوندي هئي. نہ شيپ ۽ شڪل صورت جي. چوندو هو:

”يائو! مڙئي اگهاڙي انسان جا عيب لڪائڻا آهن. ان لاءِ کهڙا ويهي اهتمام ڪجن. جسم ايترو لهي ئي ڪونہ، جو ان تي ايترو وقت ۽ ذهن ضايع ڪجي. اصل شيءِ اِتي روح! ميان روح!! جنهن جي پرَ گهورُ ڏاڍي ضروري آهي.“

تنهائيءَ ۾ رهڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ پسند ڪندو هو. ملندو فقط انهن ماڻهن سان هو، جن سان روح ريڊل هيس يا وري جن جي ڳالهائڻ مان کيس ڪتاب جو مزو ايندو هو، ورنہ عامي ماڻهن کان - پوءِ ڪيڏو بہ ڪٽي لاٽ ڇو نہ هجي - سخت پهلو تهي بلڪ هڪ معنيٰ ۾ نفرت ڪندو هو. چوندو هو:

”يائو! انسان خوفناڪ جانور آهي ۽ ساڳئي وقت فضول بہ. تنهنڪري ان سان ايترو وقت نہ وڃائجي. ملجي ڇڙو انهن سان جن مان ڪا حاصلات ٿئي، جنهن جي موڙيءَ ۾ ڪجهہ هجي، جنهن کان ڪجهہ پرائي سگهجي، يا جنهن جي فطرت جو مطالعو ڪري ڪنهن نئين نتيجي تي پهچي سگهجي.“

بدجنس ۽ خسيس مزاج ماڻهوءَ کان هميشه پاسو ڪندو رهيو. جڏهن رٽائر ڪري ڳوٺ آيو، تڏهن جدا ماڙي نهرائي، ان جي مٿئين طبقي ۾ رهڻ لڳو. چهل قدمي بہ انهيءَ جي اڱڻ ۾ ڪندو هو. پلويڙو ايڏو ڪيرايو هئائين، جو نہ مٿس ڪنهن جي نظر پئجي سگهي ۽ نہ سندس ڪنهن تي نگاهہ پوي. 6-5 سال پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو، ليڪن انهيءَ نوڪر کان سواءِ ڪنهن جو منهن نہ ڏٺائين، جيڪو وقت تي سندس ضرورت جو تيز آڻي سندس اڳيان رکي ويندو هو - سيرب جو سامان، ماني تڪي، لسي ۽ کير، انهن وقتن کان سواءِ نوڪر کي مجال نہ هئي تہ وٽس اچي، ڪڏهن ڪڏهن پٽ کي اجازت هوندي هئي تہ سخت ضرورت جي وقت ساڻس اچي پنج ڏهہ منٽ ملي وڃي؛ يا سندس ڀاءُ غلام مرتضيٰ کي موڪل هئي تہ ڪراچيءَ کان جڏهن اچي تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبح شام سائنس ملندو ڪري؛ يا راز هوندو هيس آغا شمس الدين خان سان، سو بہ جڏهن گهرائيندو هيس تہ ويندو، ورنہ ڇهہ ماهيون بلڪ سال بہ ٿي ويندو تہ ڏاڪڻ تان هيٺ نہ لهندو. ڪڏهن ڪڏهن روح گهرندو هيس، تہ ڏکڻ ۾ وڃي محمد پناهہ خان جي گهر ٻار جي خبر رکي، ماني کائي، شام جو موٽي ايندو هو. ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيائين. پهريون پگهار ۽ پوءِ پينشن، جڏهن ايندس تہ ڪاڍي، ڪتابن جي خرچ ۽ پنهنجي خاص ملازم جي تنخواهہ جا پيسا ڪڍي، باقي سڄي رقم مخفي طور رنن زالن ڏي، يتيم ٻارن ڏي، ۽ ڪن غريب عزيزن ڏي موڪلي ڇڏيندو. سندس پنهنجي کاڌ خوراڪ جو خرچ مشڪل سان پنجاهہ ڪن هوندو هو. گوشت ورلي، ورنہ هميشه ڀاڄيون کائيندو هو، لسي سڄو ڏينهن پيو پيئندو، سرنهہ جو منو تيل مٿي ۽ ٻت کي ايترو هڻندو ، جو پري کان ان جو جرڪات ڏسڻ ۾ پيو ايندو، فروٽ سالٽ جا ڪوڪا وٽي رکيا هئائين، ان جو استعمال صحت لاءِ ضروري سمجهندو هو.

ڪتاب، اخبارون جٿان ڪٿان هر مهيني پيو گهرائيندو. ڪتاب جو هر ورق ۽ هڪ هڪ حاشيو نوٽن ۽ لِيڪُن سان ڀري ڇڏيندو. اخبار پڙهندو، ضروري خبر ڏسندو تہ ڪٽنگ ڪري رکندو. انگريزن جو سخت ترين دشمن هو. ايڏيءَ شدت جي نفرت اسان ٻئي ڪنهن کي ڪانہ ڏٺي. خود انگريزن جي وڏن وڏن قومي مخالفن کي بہ سائنس ايڏي دشمني ڪانہ هوندي. عيساني صاحب سندن قومي تاريخ جو تمام چڱيءَ پر مطالعو ڪيو هو. هر هڪ انگريز گهرائي، بلڪ ان جي سٽن پيڙهين مان وقف هوندو هو. انهن جي قومي خصائلن جو، ڪردار ۽ فطرت جو، سندن سياست ۽ حڪمرانيءَ جي عيبن ثوابن جو. مطلب تہ ايڏو واقف خود انگريز پاڻ بہ پنهنجو ڪونہ هوندو، جيترو عيساني مرحوم هو. تنهن ڪري سوچي سمجهي ، وڏي تجربي، ذاتي مشاهدي ۽ گهري مطالعي بعد هن اها نفرت پيدا ڪئي هئي.

عيساني صاحب هندستان جي تاريخ جو بہ غور سان مطالعو ڪيو هو. سندس راءِ هئي تہ مغلن جو زوال عالمگير کان پوءِ نہ ٿيو، بلڪ ان جي شروعات عالمگير جي تخت نشينيءَ واري جدوجهد کان ٿي، ان جي ابتدا تڏهن ٿي، جڏهن هُن پيءُ کي تخت تان لاهي ڪاٺ ۾ وڌو ۽ برادرڪشيءَ جو آغاز ڪيو. ڪائنس پوءِ جيڪا شهزادن ۾ ڪشت و خون هلي، سا سندس انهيءَ پاليسيءَ جي صداءِ باز گشت هئي. جڏهن ڪيس ڪو ٻڌائيندو هو تہ عالمگير تہ هندي مسلمانن ۾ 'غازي' ٿو سڏيو وڃي، تڏهن ڏاڍيان ٺهڪ ڏئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلندو هو. چوندو هو:

” اسان جي قوم خواه اسان جا مورخ طبعاً شاهہ پرست آهن. ڏٺو ڪونہ اٿو تہ هر فاسق ۽ فاجر، ظالم ۽ بدڪردار بادشاهہ کي اسان جي مورخن ’ظل الله‘ سڏيو آهي!“

چئبو هيس تہ ” سائين! علامہ اقبال بہ سندس لاءِ چئي ويو آهي:

ترڪشِ مارا خدنگِ آخرين!“

چوندو هو: ” ير ميان حسام الدين، ڇڏيو! اوهان بہ شاعرن جي قول کي ڪٿي اهميت ڏني آهي. شاعر ڪڏهن رنگ ۾ تہ ڪڏهن پنگ ۾ !“ وڏا ٽهڪ ڏيندو، ان ڪانپوءِ سنهڙيون اکيون ڪجهہ ڀوتجي ويندس. انهن اڌ ڪليل اکين سان تکي گهور وجهي چوندو:

”يائو، ساڳي اقبال صاحب انگلنڊ جي بادشاهہ جي تعريف ڪانہ ڪئي آهي!“مون ڏي منهن ڪري چوندو:

” ير، ميان حسام الدين ! اهو بيت ڪيئن پڙهندو آهين؟ پر، پاڻ کي تہ اڙدو ٿڙدو ڪانہ ايندي آهي.“

اڙدوءَ کي هميشه زوال (١) جي دور جي زبان سمجهندو هو، تنهن ڪري جڏهن بہ اُڙدوءَ جو نالو ڪٺندو هو، تڏهن ’ٿڙدوءَ‘ جو اکر پٺيان ضرور لائي ڇڏيندو هيس.

”صاحب، ڪهڙو شعر؟“

” يار، هوا...

” ها سائين، ٻڌو خان وڏا!...

”يائو، هو ٻڌاءِ امان الله وارو!“

” اُهو جنهن ۾ امان الله جي تعريف ٿيل آهي!“

” ها، ها! يائو!“

” اي امير ڪامگار! اي شهر يار!نوجوان و مثل پيران، پختہ ڪار؟“

”اهو يائو! اهو!“

” جڏهن امان الله ويو تہ وري نادر خان جي بہ تعريف ڪئي اٿائين؟...“

”پير ! ٻڌائجانءِ تہ يار!“

(١) انگريزن جو اگرچ دشمن هيو، ليڪن انگريزيءَ جو عاشق ۽ تاريخي لحاظ سان محمد شاهہ رنگيلي ۽ لال ڪُنور نچڻيءَ جي دور جو چاٿون هيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڪڏهن هِن جي لائبرريءَ ۾ ويو آهين!“

” نه يرا!“

”سچ ته چئو!“

”ها! ها! ها!“

وري ٺهڪ ڏئي چوندو:

”پڌ سائين، هائي. جي عالمگير خدنگ آخرين، ته خنڪ شهباز چو، پنهي مان هڪ ته ڪوڙو هجڻ کپي. پر ڪهڙيون ڳالهيون ٿو پڇين! شاهه پرست قوم جا جهڙا مؤرخ بادشاهه تهڙا شاعر بادشاهه. سيئي شاهه پرست، مڙئي ديو گل آهي.“

پوءِ سيني کي ڪلي چوندو:

” يائو، شاعرن جي ڳالهين تي اعتبار نه ڪرڻ کپي. هنن جي فقط ڪاريگريءَ کي ڏسڻ کپي، ان مان لذت حاصل ڪرڻ گهرجي. هنن جي ڳالهين کي پڌبو آهي، انهن تي هلبو نه آهي.“

اهڙي طرح صاحب ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي ويندو هو ته پين سان گڏ علامه مرحوم مان به ٻستَ ٻاهر ٿي ويندو هو. انگريزي ادب جي واه جو ڄاڻ هيس، باقي مشرقي شاعريءَ جي مزاج جي پروڙ ڪانه هُيس.

عيساني صاحب سنڌ جي هر ضلعي ۾ رهيو. جتي رهيو، اتي هن پنهنجو وقت رائگان ڪونه وڃايو. انهن جي حالتن جو مطالعو ڪيائين، تاريخ جو مطالعو ڪيائين، ماڻهن جي رسم رواج ، عادتن، اخلاقن ۽ طبيعتن جو اڀياس ڪيائين. تنهن ڪري هن کي هر ڪنهن لاءِ پنهنجي خاص راءِ هوندي هئي. هڪ دفعو وڏي سوچ ويچار ۽ تجربي بعد جيڪا رءِ قائم ڪيائين، ان ۾ وري هڪ زير زبر جي بدل سدل جي به ڪيس ضرورت ڪانه پئي. جڻ پٿر تي ليڪو اچي ويو. اڻويهين صديءَ جي اختتام ۽ ويهينءَ صديءَ جي هن اڌ جو هُو وڏي ۾ وڏو ماهر ۽ ڄاڻو هو. سنڌ جا مشاهير ياد، انهن جي عيبن ثوابن مان واقف، انهن لاءِ مخصوص راءِ، پراڻن خاندانن جي شجرن ۽ مٿن مائٽن جي خبر، شخصن جي ذاتي ڪردارن جو ڄاڻو، سنڌ ۾ ٿيل سيني وڏن واقعن جي تفصيل جو ياد حافظ. مطلب ته مشاهدي ۽ مطالعي جي منجهس ڏاڍي قدرت ۽ قوت هئي. چوندو هو:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

” پائو! انسان کي سڄي عمر شاگرد ٿي رهڻ گهرجي، هميشه پيو پرائجي، هميشه پيو سکجي،. هن ڪائنات ۾ ايڏا اونهان اسرار آهن، جو ههڙيون سوين زندگيون هجن، تڏهن بہ پوري پروڙ پئجي نہ سگهندي. وقت ٿورو، معاملا وڏا، تنهن ڪري هڪ هڪ منٽ قيمتي سمجهڻ گهرجي. خدا ڪفر معاف ڪري ڇڏيندو، ليڪن وقت جي زيان جو گناهہ ڪڏهن ڪونہ بخشيندو.“

سنڌ ۾ ڪن خاص شخصن ۽ خاندان سان سندس دلبري هئي. تمام وڏي تجربي بعد هن اهي ماڻهو ۽ گهراڻا منتخب ڪيا هئا. اپر سنڌ ۾ محمد پناهہ ڍڪڻ جو گهر، آغا شمس الدين ۽ خانبهادر در محمد خان جو گهر، هيڏانهن اسان جو گهر، جڏهن انهن گهراڻن مان ڪنهن سان ويهندو ، تڏهن خوش بہ ٿيندو ۽ کُلي بہ ڳالهائيندو. مجلس ۾ جو وقت ويٺو هوندو، پاڻ گهٽ ڳڌائيندو، ٻين کان گهڻو ٻڌڻ گهرندو. ڳالهہ ڪبي، وڻنديس، دل کي لڳنديس، طبيعت کي آتڙجي ايندس، سندس پنهنجي راءِ سان ٺِڪي ۽ ٺهڪي ايندس، تہ ٺهڪ ڏئي کلي ويهندو. سندس سنهڙيون اکيون، جيڪي ٻن ننڍڙن ستارن وانگر هميشه پيون ٽمڪنديون هيون، ۽ جڏهن پنهنجا تمام سنها ٻئي چَپ پيڪوڙي ڪنهن ڏي غور سان گهور ڀڄائي ڏسندو هو، تڏهن ماڻهوءَ جي روح تائين اهي وڃي رسنديون هيون، ۽ خوشيءَ مان ٻوٽجي وينديون هيون. يڪدم ڪرسيءَ تان اٿي اچي ڀاڪر پائيندو، ڀِنيون ڏيندو، مٿي کي ٻنهي هٿن سان وٺي ڌوڻيندو، ٻئي ڪَن پٽيندو ۽ ڀڄاڙيءَ ۾ جوش ۽ جذبي منجهان جڏهن ڇهنبي پائيندو، تڏهن سمجهبو تہ اها ڳالهہ عيساني صاحب جي دل ۾ اصل گهر ڪري ويئي. چوندو:

” جهل پائو! جهل!...

” وري ڀڌائجانءِ !...

” هان ؟...

”سچ پچ ؟...

” ير، واهہ جو ڀڌايئي؟...

” واهہ پائو، واهہ!...

” شل خوش هجين!“

مون سان ڏاڍي محبت هيس. هڪ دفعي (١) خان وڏي مون ڏي

(١) هيءَ يادگار مجلس 7 اپريل 1955ع جو ڳڙهي ياسين ۾ ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موٽر موڪلي؛ ڏانهنس بہ جيپ موڪلي. وٽس جيپ صبح جو انهيءَ وقت پهتي، جڏهن خضاب لائي ۽ اڌ ڏاڙهي ڪوڙي ويٺو هو. بس هر شيءِ اتي. خضاب مٿي ۽ مڇن تي موجود، اڌ سنهاري صاف، اڌ جا ٻُج ٻاهر. جن تي صابڻ لڳل، سڌو، لڪڻ هٿ ۾، ۽ ڏُو اچي ڳڙهيءَ پهتو. مان شام جو ڏينهن ٺاري پهتس، ڏٺم تہ عيساني مرحوم اهڙي حال ۾ منتظر ويٺو آهي!

” اهڙي صاحب، هي ڇا؟“

” بس ميان حسام الدين، خان وڏي جي موٽر آئي، تنهنجي خبر پئي، ڇيم اهو وقت بہ هتي ڇو وڃايان؟“

” پر صاحب! هتي پهچي تہ سيرب لاهي تڙ ڪيو ها؟“

”پائو تنهنجو انتظار هو. مان غسلخاني ۾ هجان ۽ تون جو اچي وڃين، پوءِ ڇا ٿئي؟“

بس پوءِ تہ نہ خوش، نہ خير عافيت، نہ حال نہ احوال –

” ها پائو، پلا هيءَ ڳالهہ ڪيئن؟“

ڏڪڙ تي جڻ اتو لڳي ويو. ڪچهري شروع ٿي وئي – چميون، پاڪر، ڇهنديون، ڪن پٽڻ، مٿو ڏوٽڻ. خان وڏي ڪلي چوندو؛

” صاحب! نڪ تہ پٽڻُ ڏينس!“

” خان وڏا بس تہ ڪر، اهڙا موقعا ڪي روز ملندا آهن ڇا!“

اُنهي رات اسان ٻين ٻجي رات ٽائين ويناسين. جڏهن مٿو صفا خالي ٿي ويو، تڏهن عيساني صاحب کي عرض ڪيم تہ ’ باقي آئينده ڪري، هاڻ سمهڻ گهرجي.‘

ڳڙهيءَ جي رات ٿڌي هئي، ليڪن مڇر غضب جا. خدا پيو پناهہ ۾ رکي. آغا بدرالدين خان منهنجي کٽ تي مڇر داني ٻڌرائي ڇڏي هئي. مون کي ڪهڙي خبر تہ مڇرداني اڄ ٿي پنهنجي صحيح معنيٰ کي سمجهي، واقعي ’مڇرداني‘ ٿي پوندي. اجان ڳهِل اچي تہ نڪ چڪ، وري اک لڳي تہ ’ پون، پون‘ ... چڪ؛ ٿورڙو ننڍ جو گهيرت وني، تہ ڪن ۾ ’زان، زان، زان‘ ... تا تي ويو ڪن جي پاپڙيءَ ۾. الغرض ٻين ٻجي ٽائين تہ عيساني صاحب سان صحبت رهي ۽ ٻين ڪان وني صبح ٽائين مڇرن ۽ منهنجي مابين موازنو ۽ معرڪو ٿيندو رهيو. جڏهن روشني ٿي، تہ ڏٺم سوين مڇر اندر موجود . مڇرداني صحيح معنيٰ ۾ مڇرداني هئي – اهڙيءَ طرح جيئن ڪيرداني، کنڊ داني ۽ ڇانهہ داني. مان اجا انهيءَ ڪبيدگيءَ ۾ ويٺو هيس، اڄ امڇردانيءَ جي ’دان‘

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان ٻاهر نڪري ، هٽ منهن ۾ ڪونہ ڏوٺم، تہ اجهو ڏسان تہ عيساني صاحب موجود.

لڪڻ ، قميص، نڪر، چنگهان اگهاڙيون، جن تي سرنهن جي تيل جو جَرڪو، ڪالهہ واري اڌ ڪوڙيل سنهاري صاف، ۽ خضاب جا چُٽا ۽ ليوڙا بہ لٽل، منهن ۽ وارن تي بہ تيل جي چمڪ، اجا سچو صبح بہ ڪونہ ٿيو هو، ڇڙو پرهہ جي نور جي جاڏي ڪاڏي روشني ٿي هئي، ڪيترا ستارا بہ ڪونہ ٻڏا هئا.

" ها پائو! اٿيا آهيو؟"

" ڀلا هي تہ ٻڌائجانءِ!"

"ير عيساني صاحب، خدا جي نالي گهڙي کن تہ ڇڏ!"

"چڱو ڀلا، پوءِ تا ڳالهايون."

اهو چوندو صاحب اٿيو هَليو ويو. جڏهن ونهتس، اوجاڳي جي ٿڪاوٽ ٻت تان لٿي، تڏهن شرمندو ٿيس. انهيءَ انفعالي ڪيفيت ۾ وڏي هال ۾ جو وڃان، تہ خان وڏو ۽ عيساني صاحب هڪ ٻئي سان جوٽ لايون ويٺا آهن. مون ڏي ڏسي، صاحب کلي ويٺو:

"پائو، تڙ ٻڙ ڪيئي؟"

گهٽا ابوجهہ ڪيس ديوانو ليکيندا هئا، ليڪن هُو پاڻ - پنهنجي تجربي مطابق - سيني کي چريو سمجهندو هو ۽ سچ پچو تہ حقيقت بہ اها هئي. جي دنيا ديواني نہ هجي ها، تہ هو بيوقوف ٺورو هو جو در ڏئي ويهي ها؟

سنڌ جي سياست ۾ مجيد ، سيد، راشدي ۽ کهڙي کان سواءِ باقي ٻين سيني کي ڳنڍي ڪپ ۽ چاقو مار سمجهندو هو. ڪن لاءِ چوندو هو تہ اهي اڻ گهڙيا ڪاٺ آهن. شيخ صاحب جي سياسي فراست جو قائل هو، سيد جي سنڌ دوستيءَ تي عاشق هو؛ راشديءَ جي ذهن ۽ غربانوازيءَ تي راضي هو؛ ۽ کهڙي جي انتظامي قابليت وٽندي هيس. سنڌ کان ٻاهر بادشاهہ خان (خان عبدالغفار خان) سان بيحد دلچسپي هيس ۽ سندس مرتبو سيني کان اتاهون سمجهندو هو. مسلمانن ۾ قربانيءَ ۽ انگريز دشمنيءَ جي لحاظ کان ڪنهن کي سندس ثاني شريڪ نٿي سمجهائين.

جڏهن ملڪ ۾ حصا ٿيو، تڏهن بہ سال کن بلڪل خاموش رهيو. پڇبو هيس تہ نٽائي ويندو هو. آخر جڏهن کليو، تڏهن پڇيوسين:

" صاحب، ڪيو خبر؟"

" پائو حيران آهيان؟"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"چو صاحب؟"

" پاڪستان ان لاءِ ٺيو تہ انگريزن جي چند پراڻن پنن جو مڪو مچي ۽ ڪن ڪامورن لاءِ چرڳھ (١) ٿئي؟ ايڏو نقصان ۽ هي نتيجو؟ واه ڀائو واه!"

هڪ دفعي ڪراچيءَ کان ڳوٺ ايندي سندس ننڍو ڀاءُ غلام مصطفيٰ خان باقراڻي وٽ هلنديءَ ريل مان ڪري پيو. هَڏ گُڏ چڪنا چور ٿي ويس. لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ آڻي وڌائونس. مان بہ اتفاق سان اتي هيس. شام جو عيساني صاحب بہ اچي پهتو. ڀاڻس ڪٽ تي نيم بيهوشيءَ ۾ پيو هو. ڪٽ جي هڪ پاسي کان مان ويٺو هيس، ٻئي کان پاڻ اچي ويٺو. نہ ڀاءُ کي ڀورو ڏنائين، نہ سندس حالت دريافت ڪيائين. ويهندي سان چيائين:

"ڀائو، تون هتي ڪيئن؟...

"ير، ڏاڍو مزو ٿي ويو!...

"پوءِ يلا، ٻي ڪهڙي خبر؟"

مون کي لڄ وٺي ويئي، ڀاڻس جو ههڙو حال ۽ صاحب کي اچي خبرچار جي لڳي آهي! عزيز خويش ڇا خيال ڪندا. ڇهين شام کان اٺين بجي رات تائين مريض جي ڪٽ وٽ ويٺي ويٺي ڪچهري ڪئيسون ۽ ان کان پوءِ وڃي رايل هوٽل ۾ ويٺاسون. مان اڳ ئي اتي رهيل هيس. منهنجي سانگي پاڻ بہ اتي اچي رهيو. چيائين:

"ير، واه جو رنگ لڳي ويا!"

آيو ڀاءُ کي ڏسڻ هو، ليڪن بہ ڏينهن جيڪي رهيو، سو هوٽل کان ٻاهر نہ نڪتو، نہ مون کي ئي ڇڏيائين تہ غلام مصطفيٰ کي ڏسي اچان. ماڻهن جي ذريعي پيو پڇا ڪرائيندو هو. چوندو هو:

"مڙئي الله خير ڪندو!...

"حياتي هونديس تہ ڪاڏي ويندو؟"

ڪيس هڪڙو پٽ هو. ٻي ڪابہ اولاد ڪانہ هيس. ڀرين جوانيءَ ۾ جو گهر واري وفات ڪري ويس، تہ وري عورت ڏي ڪونہ تڪيائين. ڪتاب، اخبارون، ڪائنات جي اسرارن جو مطالعو، ۽ ڪن خاص يارن سان ڪچهري - بس کيس ڪنهن ٻيءَ سنگت جي سڄي حياتيءَ ۾ ضرورت ڪانہ پئي. چاليهن پنجيتاليهن جي ڄمار ۾ سندس اهو هڪ فرزند بہ اوچتو هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. مان ڏاڍي ڏک مان وٽس عذرخواهيءَ لاءِ ويس. در تي

(١) چراگاهہ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اچي پاڪر وڌائين. لتا اهي ئي ـ ٽوئيل جي ڪشادي خاڪي قميص، نڪر، انتي پراڻو پٽو، سرنهن جو تيل مٿي ۽ بت کي لڳل. ڪرسيءَ تي ويهي، دستور مطابق چيم:

"صاحب جيڪا مرضي ..........."

ڳالهه پوري ڪرڻ بہ نہ ڏنائين، چيائين:

"پائو، مڙئي خير آ، اهي ڳالهيون پيون ٿين، تون ٻي ڪا خبر ٻڌاءِ!"

چار ڪلاڪ ويٺو رهيس. مجال آهي، جو هن عظيم المرتبت شخص جي انداز مان ڏک ۽ صدمي جي ڪا لکا پوي. ايڏو صبر، ايڏو طبيعت تي قبضو ۽ اختيار! ـ اهي سيئي حادثا، ڳالهيون ۽ واقعا زماني جي دستور ۽ رسم کان زياده وٽس ڪا اهميت ڪانہ رکندا هئا.

سال 1957ع ۾ فيصلو ڪيائين تہ هاڻي مرڻو آهي. هن کان پوءِ مطالعو بہ اجايو تہ زندگي بہ بيڪار. يڪدم ڪتاب صندوقن ۾ بند ڪرائي، اخبار وارن ڏانهن بندش جا ڪارڊ لکي، پاڻ کٽ تي آهلي پيو. نڪا بيماري نڪا ڪٿس. مائٽ سمجھائي بيٺا، دوست زور ڏيئي ٿڪا، ڊاڪٽرن سوين يقين ڏياريا، ليڪن کٽ تان اصل ڪونہ اٿيو. پوين ڏينهن ۾ ڪراچيءَ اچي پنهنجي ڀاءُ غلام مرتضيٰ وٽ رهيو. مان ٻڌو تہ ماڻهن سان ملڻ بند ڪري ڇڏيو اٿائين. فقط هڪ سندس خاص ملازم ۽ ٻيو سندس ڀاءُ وٽس اچي وڃي ٿو. دوستن يارن کي بہ ڏسڻ نٿو پسند ڪري. ان هوندي بہ روح نہ رهيو، دل جهلي نہ سگهياسي. آغا بدرالدين خان ۽ مان هڪ شام جو وٽيس وياسين. گهرائي ويهاريائين. اڄ نڪر ڪانہ هيس. ان جي بجاءِ هڪ معمولي گوڏ. ليڪن قميص ساڳئي خاڪي ٽوئيل جي، بہ ڪيسا ڊڪ سان ۽ ڪالر جي پٺيان سيفٽي پن لڳل. کٽ تي ليٽيل هو. آدر ڀاءُ ڏنائين. جيترو وقت ويناسين ڪلي ڳالهائيندو رهيو. ليڪن پانيوسي ائين پئي، ڄڻ هي ماڻهو هاڻي هن دنيا جو آهي ئي ڪونہ ـ اوپرو، ڌاريو ۽ مسافر، ڄڻ هاڻي هن ماڳ مڪان جي سراءِ ۾ چڙو اچي شب باش ٿيو آهي، وڌو آسُر هوندو جو پلاڻيندو. جڏهن اٿياسي، تڏهن چيائين:

" ميان حسام الدين، وري تڪليف نہ ڪجو. هاڻي مون کان پورو آدرڀاءُ يار پڳو نٿو ٿئي. دل سٽ ڏيندي، تہ پاڻهين اوهان ڏي ماڻهو موڪليندس."

مان ڳوٺ هيس، جو اتي خبر پئي تہ عيساني صاحب جيڪو فيصلو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيو اهو پورو ٿيو، جيڪو قول ڪيو هئائين ان کي نڀايائين، يعني انسانن جي هن ڪائنات مان نڪري اڳتي هليو، ڏور ڪنهن اڻ ڏٺي ڏيهه تي، اتي جتي بيوفا ۽ اجاين انسانن جي بوءِ ٻڌاس بہ ڪانہ هوندي. اهڙيءَ طرح سنڌ جو اهو بلبل هزار داستان هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو (١).

* * *

عيسانين جي سڄي گهراڻي جو ڪردار عجيب ۽ غريب ۽ بلڪل نرالو رهيو آهي. اصل ذات جا سومرا، وڏن ڍڪاڻڪي ڪٺي تنهن ڪري آل ڍڪڻ. ملا عثمان جا فرزند (٢) جڏهن پڙهي پاس ٿيا (٣)، تڏهن 'سرَ نيمر' ڪيائون 'عثمان' مان 'عيساني'؛ ڳڙهيءَ ۽ ڍڪڻ جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو واهڻ "بڍو" آهي، جنهن ۾ جاوا نپنا ۽ اتي ئي سندن زمينداريءَ؛ ماءُ بسم الله ڪري سيني ڀائرن کي ٿڃ ڏني هئي، سندن نيڪ ۽ نمازي والد الله ڪان الاهان ڪري پنيا هئا، اهو ئي سبب هو، جو سيئي صالح، سيئي قابل، سيئي فطرت جا نيڪ ۽ دل جا پاڪ ۽ سيئي سيرت خواهہ صورت ۾ بي داغ، موچارا، جنسي مور.

غلام مصطفيٰ خان سيني ڀائرن ۾ وڏو، دل جو بادشاهہ، طبيعت جو شهنشاهہ، ڊاڪي وارو ڪليڪٽر، يارن جو يار ۽ محتاجن جو مددگار؛ ڪو منجهيل سنجهيل ڪهي ايندس تہ تيسين نندِ حرام، جيسين اها مونجهہ نہ سلجهائي سنئين ڪندو. جيسين رهيو، تيسين احسان ڪندو رهيو. دوست

(١) 22 . اپريل 1957ع رات جو 8 بجي فوت ٿيو. سنڌي مسلم سوسائٽيءَ جو قبرستان، ڪراچيءَ ۾ دفن ٿيل آهي. ڄاڻ پهرين آگسٽ 1887ع ۾ پيدا ٿيو. ملازمت مارچ يا اپريل 1913ع ۾ شروع ڪيائين.

(٢) ملا عثمان 31 جنوري 1906ع جو قريباً 53 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ڪيو.

(٣) سيئي ڀائر بي. اي، ايم. اي، ايل. ايل. بي. هئا.

غلام مصطفيٰ خان بي. اي؛ ايل. ايل. بي؛ ايم. اي. 1911ع جو فراغت حاصل ڪئي؛ نوڪري مان 1934ع جو نڪتو.

غلام صديق خان 1911ع ۾ بي. اي؛ ايل. ايل. بي. پاس ڪئي.

غلام مرتضيٰ بي. اي. 1921ع ۾ پاس ڪئي، پهرين سکر ۾ پريڪٽس شروع ڪيائين، پوءِ ڪراچيءَ ۾ آيو.

غلام مجتبيٰ ننڍو هو 1898ع ۾ ڄائو، علي ڳڙهہ ۾ بي. اي؛ ايل. ايل. بي. 1929ع ۾ پاس ڪائين، 7 مارچ 1957ع جو مديجي اسٽيشن تي دل جي دوري ۾ هلندي فوت ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دشمن جي نہ وچور نہ خيال، نہ واقف جو حساب نہ اڻ واقف جي سنڀال، در لنگهي جيڪو آيو سو سر جو سائين، ان جو ڪم ڪرڻ فرض تي پوندو. اهو وقت سندس لاءِ ڄڻ عيد جو هوندو هو ـ ـ عين راحت. ڏاڍو خوش، ڏاڍو فرحت ۾. جڏهن ڪم پورو ڪندو، تڏهن ان کان بہ زياده بهاري. جيسين وري ڪو ٻيو موڙهل هٽ نہ ايندس، تيسين ڄڻ ويڳاڻو، وتندو هر هر در ڏي تڪيندو. هڪ ماڻهوءَ جو ڪم ڪري گهر ڏي پيو موٽندو، واٽ تي ڪو ٻيو ملي ويس تہ وري اتهين ٿي انهيءَ سان الاتهار. مانيءَ جو ويلو اچي ويو يا بک لڳس تہ يڪدم ڪنهن دڪان ۾ گهڙي ويندو. نہ پڇا نہ ڳاڇا، جيڪي سامهن ڏسندو، سو بنان پڇي جي کائڻ شروع ڪندو. آچار جو ڪولو ملي ويس تہ اهو بہ نيڪ، جي پڳڙن ۽ لائيءَ جي ڪُني هٿ چڙهي ويس تہ اها بہ الاتهار. جڏهن بس ڪندو، تڏهن قيمت جي ڪٿ ڪرائيندو. ڪيسي مان بہ پيسا زيادهہ ڏئي، پوءِ ٻاهر نڪرندو. ڀاڙو، خرچ، مانيون ٽڪيون سڀ پنهنجي هڙان، بلڪ ڪم واري جا سڄا خرچ بہ پنهنجي سر تي.

هڪ دفعي سکر جي پليٽ فارم تي اچي روح سٽ ڏنس. چانهہ جي اسٽال تي بصرن جي آچار جي هڪ وڏي برني پئي هئي. ڍڪڻ لاهي بيهجي ويو. يڪيءَ ساهيءَ اڌ برني چٽ ڪري ويو. جڏهن زوريءَ مان ڇڪي پري ڪيو مانس، تڏهن مشڪي چوڻ لڳو:

"ميان، قيمت تہ ڏيڻ ڏي! ڏاڍو لسٽي آهي. تون بہ تہ وير ڪري ڏس." هڪ دفعي روهڙي تعلقي ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ ٻئي گڏ هياسي. عالي واهڻ ۾ جڏهن پهتاسي، تڏهن چوڌاري رڙ پئجي وئي:

"اڙي وڏو عيساني صاحب! پڇي اچو ڙي، صاحب اچي ويو!"

سيني سان آدر ڀاءُ ڪندو، هر ڪنهن کي کيڪر ڪندو، اچي هڪ هٽ تي ويٺو. ڀائيءَ ڪٽ ڪڍي، ان تي گندي ۽ وهاڻو اچي رکيو، ليڪن صاحب هٽ جي تڏي تي پلٽ ماري ويهي رهيو. هيڏي هوڏي ڏٺائين، سامهون بہ ـ ٽي ڪُنيون پيون هيون. ڀائيءَ کان پڇائين:

"سيٺ، هنن ۾ ڇاهي؟"

"ڏٺي، ڪنهن ۾ لائيءَ ذرو پيو آهي، ڪنهن ۾ پڳڙن مٺ آهي. مڙئي ٿيو جو پيٽ گذر ڪرٺو. ڏٺي منهنجا!"

"ٺورو هيڏي تہ ڪٽي وٺ!"

بس ڍڪڻ لاهي، اچي صاحب ويٺو لائي، سنگر ۽ پڳڙا کائڻ. پڳڙن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ٿڪ ٻه هٿڊو وجهي ۽ ماڻهن سان ٻه ڳالهائيندو وڃي:
"اڙي ڦادو ڪاٿي آهي؟"
"صاحب، زمين تي. تون جو مهرباني ڪري وئينس!"
"آئون (١) ُالهه وِرايو؟"
"مڙئي صاحب تنهنجون پلايون. نيڪا ڏئي پُر ڪري وئينس، نه ته لٽي لوڻ به ڪو نه هيس!"
"ڏنون؟"
"اهو به خوش آهي. اڄ ڪاڏنهن ٻاهر آهي. تو پيسا ڏنس، ٻه - ٽي ڳئون ورتائين. هاڻي ته چانگ جو ڏٺي آهي. کير مکڻ جام پيو وڪٽي."
ٻئي هڪ وراڻي ڏني:
"مڙئي صاحب تنهنجي سر بخت جو خير. اسان سيٺي کي لولي لائق ڪري وئين..." ماڻهو جنسي فدا ڏنم. صاحب ٻڳڙا ۽ لائي ڪائيندو رهيو، حال احوال به ڏيندو ونندو رهيو. جڏهن روهڙي ڊويزن جو ڊپٽي هو، تڏهن انهن سان پير پريا هٿائين. ڪنهن کي زمين، ڪنهن کي نيڪو، ڪنهن کي پئسا، ڪنهن کي نوڪري. ائين پئي معلوم ٿيو، ڄڻ سيٺي جي روح ۾ عيساني صاحب رچيل آهي. ڄڻ مڙني جي دل ۾ سندس ديرو آهي. مون کي چوندو هو:
"حسام الدين، هميشه غريبن تي ٿورو ڪجي."
"صاحب ڇو؟"
"اهي ٿوري کيٰ ٻه گهٽو ڪري پائيندا ۽ هميشه ياد رکندا."
"۽ وڏا ماڻهو؟"
"اهي ڪم ڪڍي، جڏهن چانئٺ ڇڏيندا، تڏهن اتي ئي وساريون ويندا. سمجهندا ته پنهنجي عقل جي آڏار تي ڪم ڪڍي آياسي."
جڏهن لائي، پڳڙن ۽ سنگر کان پوءِ ٻه - ٽي داٽا ڪتل جا ٻه وات ۾ وجهي بينو، تڏهن پائيءَ کي چيائين:"سيٺ، پاڻي آڻ!" مسلمانن گهٽو چيو: "اسان ٽا گهرئون ڪٽي اچون." ليڪن انڪار ڪندي، پائيءَ اڳيان ڪٽي ٻُڪُ جهليائين. سجو گڏو پي، پوءِ سيٺي ڏي منهن ڪري چيائين:
"اڙي ووٽ ڪنهن کي ڏيندؤ؟"
"صاحب، جنهن لاءِ تون حڪم ڏين!"

(١) 'ء' جو اُترادي اُچار.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"... ڪي؟"

"حاضر صاحب!"

"اڙي ! ياد رکجو متان وساري ڇڏيو."

جڏهن پيتيون کليون، تڏهن معلوم ٿيو تہ فقط اتنهن جا ووٽ مليا، جتان عيساني صاحب گهمي آيو هو. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ عيساني صاحب گهڻو گهمي ڪو نہ سگهيو، تنهن ڪري مقابلي ۾ سندس اميدوار هارائي ويٺو.

موڙهل جي موڪ کي چوندو هو 'خير جو ڪم'. ٻيچاڙيءَ ۾ انهيءَ ئي هڪ خير جي ڪم ڪندي پنهنجا هٿ بہ ساڙائي ويٺو، يعني هڪ ماڻهوءَ جو ڪم ڪندي، احمد آباد جي ڪليڪٽريءَ تان ڊسمس ٿيو.

زميندار هو، پرواهہ نہ ڪيائين. پاڻ ڳوٺ پهچي، نوڪريءَ جي پابندين کان آجو ٿي، سڄو وقت ماڻهن جي ڪم سان ماڻهن جي ئي پٺيان گهمندو وتيو. انگريزي سوٽ بت تي، صاحبلوڪي ٽوپلو مٿي تي، ۽ ٿلهو نيٺ جو لڪڻ ونگوڙي سان هٿ ۾، ڪڏ ولر سوالن جا. ڪڏهن ٽنگن تي، تہ ڪڏهن ٽانگي تي. ڪڏهن ريل ۾ هوندو، ڪڏهن رستي تي. ڏاڍو رعبائتو مڙس هو. انگريزي پوشاڪ سڄُ رکي بيهندي هيس. گهر ۾ هميشه وڏي ڪاري يا آسماني سلوار چٽن تي پائيندو هو، ان ۾ پہ لُڏڻُ پيو لڳندو هو. دل ايڏي مضبوط هيس، جيڏو جسم توانو؛ جگر ايڏو جيڏو شينهن جو. سڄي زندگي نہ ڪنهن جي پرواهہ ڪيائين نہ ڪنهن جي اڳيان سر جهڪايائين، ڳات هميشه اوچو. وڏن ماڻهن سان اصل ڪا نہ پيل هوندي هيس. وڏن اڳيان ڪنڌ ۾ ڪلي ۽ ننڍن جي سامهون ڪنڌ نويل. غريبن جو سو يار هو، جڏهن فوت ٿيو (۱) تڏهن ڪيترن مسڪينن جون واهون بند ٿي ويون. ڪانئس پوءِ موڙهن جي موڪ ڪرڻ وارو ڪو رهيو ئي ڪو نہ.

ٻئي ياٿر نيڪ ۽ نيڪيءَ جا پتلا. احسان ڪرڻ ۽ وک ڪٽڻ ۽ ٻَهر وَهڻ جو جذبو ٻنهي ۾ هڪجهڙو، بلڪ هڪٻئي کان ڪٽر. فطرت ٻنهي جي پارس، جنهن سان لڳي تنهن کي سون ڪيائون. ملڪ جا بادشاهہ تہ خير ٻيا هئا، ليڪن پنهنجي ڪائنات جا هي پاڻ ئي شهنشاهہ هئا؛ سندن مرضيءَ ۽ سندن ضمير ۽ راءِ تي ڪنهن جو زور هلي ڪونہ سگهيو. خود سندن بالا عملدارن کي بہ ڪڏهن جرات ڪانہ ٿي سگهي، جو ڪين ڪو ڪڏو ڪم

(۱) پئدائش 1885ع، ملازمت 1912ع ۾ شروع ڪيائين، وفات 9 سيپٽمبر 1943ع جو سکر ۾ ڪيائين، ٻانهن جو آپريشن ڪرائي فوت ٿيو، دفن بدي ۾.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چئي سگهن. پئي پائر طبيعت جا دهقان، دماغ جا خاقان، مزاج جا جاني ۽ ذهن جا لاثاني هئا.

جملي چار پائر هئا. انهيءَ سڄي ڇانگ مان هاڻي ڇڙو وڃي غلام مرتضيٰ (١) هڪ بچيو آهي. حقيقت ۾ سنڌ ڏاڍي سڀاڳي آهي: هن چوڏهين صديءَ ۾ به، جڏهن ماڻهن جو ايڏو ڏڪار آهي، منجهس اهڙا امل مائڪ موجود هئا.

* * *

قصو اصل خان وڏي جو ٿي ڪيوسين، جو وچ ۾ عيسانين جو مذڪور اچي ويو: اهو به هڪ ضروري داستان هو. سنڌ جو سينگار ته اصل اهڙا ڪردار هئا. سنڌ دراصل عبارت ته انهن ماڻهن سان هئي. مثلاً خان وڏي جو مثال وٺو -- پناڻن ۾ اهڙا سڀاجها سنوان ۽ سريلا انسان وري ڪٿان ليندا -- دلنواز، دلدار، روح پرور ۽ راحت رسان. پاڻ به خوش ته جڳ جهان به خوش. الله به راضي ته بندو به راضي. زندگيءَ جي سڄي سفر کي اهڙيءَ سبڪ سيريءَ سان طيءِ ڪري وڃي پار پهتا، جو منجهانِ ڪک کي به رنج ڪونه رسيو. ماڻهو ته ماڻهو پر جيت کي به ڪانئن جوکو ڪو نه پهتو. اهڙيءَ طرح دامن بچائيندا، گريبان سلامت رکندا، پاسو ڏيندا، پهلو تهي ڪندا، پير پير ۾ وجهندا، سمورو سير سهنجو ڪيون هليا ويا. حقيقت ۾ اصلي پلصراط ته خود هيءَ دنيا آهي، جيڪو ان مان خير سان ويو، تنهن جا جڻ سيئي ڪارج سِڌ ٿيا.

مان 15-16 سيپٽمبر 1958ع جو آخري مرتبو ڪيس ڪراچيءَ ۾ ڏٺو. 17 تاريخ تي خود مون تي دل حملو ڪري، چئين ڪندين چت ڪيرائي وڌو. ڊسمبر ۾ ڪٿ تان اٿي سڌو منيلا هليو آيس. مون کي ڪهڙي ڪل هئي ته ڪو اهو قيامت سندو وڇوڙو ٿيندو. تازو منيلا منجهه مون کي ڪراچيءَ کان هڪ ٻئي ڏينهن به خط پهتا. هڪ دوست لکيو ته ”اسان ڪالهه خان وڏي سان ملياسين، ڏاڍو خوش خورم هو، توڏي گهڻا گهڻا سلام

---

(١) پئدائش چنوري - فيبروري 1894ع، ڪراچيءَ ۾ وڪالت نومبر 1938ع ۾ شروع ڪيائين. بيحد دلچسپ، سچو، هڏڏوکي ۽ مجلسي ماڻهو هو. سموري زندگي اسان جي گهر سان نيبهه ڪيائين. آخر ۾ دل جي بيماري ٿيس، نيڪ ٿيڻ تي ڳوٺ ويو ۽ پهچڻ سان فوت ٿي ويو، پاءُ جي پهلوءَ ۾ آسودو ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏنائين." ساڳيءَ تاريخ جو لکيل ٻيو خط جو کٽي کوليان، تہ ٻئي دوست جو اطلاع هو تہ"خان وڏو مرحوم رات رحلت ڪري ويو. ان الله وانا عليه راجعون!" . شام جو خوش خورم، رات جو الاتهار! دل جا دستور اجهي ٽيندائي ائين آهن. پوءِ ڇا ڪجي! پاڻ بہ تہ دل جو ئي مريض هو!

ايڏو مهربان وڃائي ويٺس، جو وري ملڻ مشڪل، بلڪ ناممڪن آهي. مون سان ايڏو دل جو پرچو، جو پڌندو تہ صبح جو ايندس، بس آسُر ڏئي اٿندو. هٿ منهن ڌوئي، چانهہ پاڻي ڪري، ٻاهر اچي رستي کي اکئين لائي ويهي رهندو. دير ٿيندي، ڪيسي مان واچ ڪڍي، پيو وقت ڏسندو . هَر هَر حاجيءَ کان پيو پڇندو:

"او حاجي! او حاجي صاحب!! موٽر اجا سوڌي ڇو نہ آئي؟ اسٽيشن تي تہ گاڏي اچي وئي هوندي، پوءِ دير ڇو ٿين؟....

"خير، الله خير سان آڻيندن."

موٽر مان لهندس، پري کان کلي ڪو ڏوهيڙو ڏيندو، بيت پڙهندو، بهار بهار ٿي ويندو. جڏهن ويجهو ايندس، تہ ٻئي ٻانهون ڳچيءَ ۾ وجهي، سينو سيني سان لائي، چڱو وقت پيو ڪندو:

"هاءِ ! هاءِ !...

"ڀلي آئيو ! جيءُ آئيو!..

"واه صاحب واه !...

"لک ڀلايون، سوين قرب !"

هڪ دفعي موٽر مان اچي لٿس. سامهون صندل تي ويٺو هو. اٿي اٿان ٿي ٻئي ٻانهون کوليائين. چيائين:

اتـــي ئـــي آهـــين، جتـــي تـــوهـــان ڇڏيـــون،
شـابـس انـهـن اکـين کـي، جو مـاڳ نـہ مـٽـائـين،
ٻـئـي در واجهـائـين، تـہ ڪـڍي ڪـانـگـن کـي ڏيـان.

هڪ دفعي هڪبئي کي ڏئي ڏينهن تي ويا. پاڻ ڳڙهيءَ مان ڪراچيءَ چوارائي موڪليائين:

ننگر ۽ نازيون، پڳهہ کٽي پنڌ ٿيا،
بندر بازاريون، سُڄان ساموندن ري !

ڪڏهن طبيعت ۾ جولان ايندس تہ ڳالهہ ڳالهہ تي مثال طور ڏوهيڙو ڏيندو هلندو، ڪنهن ڪافيءَ جو بيت پڙهندو هلندو. ڪڏهن ڪڏهن تہ

پهرن تائين پيو گمنام سنڌي شاعرن جا بيت، ڏوهيڙا ۽ ڪافيون پڙهائيندو. پڙهڻ جو انداز ڏاڍو موزون ۽ مناسب، اڪر اڪر ۾ ساهه وجهي ڇڏيندو. ڪامان، فل اسٽاپ ڏئي، بيت ڪي اهڙيءَ ريت ٽڪرا ٽڪرا ڪري پڙهندو، جو نشو چڙهي ويندو. ڪافين جا سُرَ ياد، ڏوهيڙن ڏيڻ جا مقام ۽ موقعا ياد. مصرعي مصرعي پٺيان ڪندو هلندو:

"هاءِ ! هاءِ ! ميان حسان الدين شاهه سائين !...

"اڪر چونڊبا آهن، ٽڪتا ڳوليا آهن ! منهنجا منا !!...

"ڏس ته سهي، ڪاريگر ڇا ته چئي ويا آهن !...

"واه ! واه ! سبحان الله !"

جڏهن جذبو جهڪو ٿيندس، ان وقت ڪِلي، منهن ۾ منهن وجهي، چتائي ڏسندو ۽ چوندو:

"ڪو دل سان لڳئي، ميان حسام الدين؟"

خان وڏي مون ڪي مختلف وقتن تي سنڌي شاعرن جو گهڻو ئي ڪلام ٻڌايو، ليڪن وقت تي سرت ڪا نه پوندي آهي. اڄ ته سارو دفتر ئي پاڻ سيني ۾ سانديون هليو ويو. جي ان وقت ڪاٽئس لکي وٺجي ها، ته هوند اڄ پاڻ وٽ ڪيترن انهن ڪاريگرن جا ڪلام محفوظ ٿي وڃن ها، جن کي زماني سان گڏ اسان به وساري ڇڏيو آهي. ڪي بيت ياد اٿم، مثلاً:

مَڪَج ڍول ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهين ڪميڻيءَ جو، بغر تو ٻلو،
تنهنجو نام نِلو، وٺيو وينِي وندران.

هڪ دفعي چيائين:

اڪين ۾ ٿي وِبهه ته آءٌ واري ڍڪيان،
ٿوڪي نه ڏسي ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪو ٻيو.

28 جنوري 1957ع جي صبح جو ملياسين، چيائين:

چُپ ڪر چُپ نه چور، پوت اکيون ٻَڌ ڪَن،
صبر جي شمشير سان، مَرد ! مَري ٿيءُ رَن.

---

پاڻي پيج، ٿورڙو کاءُ ، اڏيڪو اَنُ،
پوءِ محب تنهنجي مَنَ، پيهي ايندو پاڻهي !

---

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ٻڌايائين:

لوڪان لڪي هر ڪو، تون لڪڻ ڪئون لڪيج،
ڳالهه پريان جي ڳڻن جي، ڪنن ريءَ ٻڌيج،
پنڌ پريان جي پار ڏي، پيرين ريءَ ڪريج،
اندو تي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

ڳوليانءِ ڦوليانءِ مَ لهانءِ، شل نہ ملين بلوچَ،
متان هئين سنڌي لوچ، ملڻ مئون ماني ٿئي.

حاڪم ٿيوان حڪم چلاوان، عشق اجاري سر پاوان،
جو ڪوئي عشق نہ جاڻي، سو سڀ قتل ڪراوان!

ڳڙهي ۾ هيس، 11 اپريل 1957 جو جيئن مون تي نظر پيس، ڪلي چيائين:

سَوَ هزارن تنان تؤن صدقي، دل جني جي هڪي،
لک ڪروڙ تنان تؤن صدقي، من جني جي جهڪي،
پَدَم نيل تنان تؤن صدقي، جيڪي مُکَ مون ٻولن نہ ڦَڪي،
ڏونهين جهان تنان تؤن صدقي، جيڪي هُوَن سونُ، سڏاون سِڪي.

خان وڏي وقت بوقت سوين ڪافيون يادگيريءَ مان ٻڌايون. هيئيون ڪافيون مون نوٽ ڪيون. انهن مان ڪيتريون ڪافيون خود منهنجو ڏاڏو ۽ والد بزرگوار بہ جهونگاريندا رهندا هئا ۽ انهيءَ دور ۾ اهي ڪافيون ڏاڍيون مقبول ۽ مشهور هيون:

مِنا مارو ! اسان ڪئون چو، مَتي مُنهڙو رهيا وبهي.
مِنا مارو ....!

1 - لوئي ٿيم لال هيءَ ليڙون، جهجي هِينئڙو ٿيم جيهڙون،
سوين ٿا سور ڏين پيڙون، تَنين جي ڪل پچو ڪيهي !
مِنا مارو ....!

2 - قضا جي قلم جون ڳالهيون، سَڙيءَ قسمت سِيئي پاريون،
جدا ٿا ڏينهڙا جاليِئون پرين ايندو پڪي پيهي !
مِنا مارو ....!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3 ـ قضا هت قيد قسمت ڪيس، مِنَن مارن ڪٿون وسري ويس،
پـچايـان روز ڏوٿِن ڏس، سَنـيـالـي دل سـڙي سـي هـي !
مِٺا مارو ....!

*

ڳٽتيون اباٺن جون ڳارن ٿيون، مون ڪي عمر ميارون مارن ٿيون!
1 ـ مَهيون پيتمر جن سان مَٺن ۾، چاريمر ڳهيتا تن سان ڳهَٺن ۾،
پنهور سدائين رهن پٽن ۾، سي ته سنگهارون سارن ٿيون ـ
مون ڪي عمر ميارون....!
2 ـ ساٿيهه سرتن ڪيا سرَ تي سيلها، ملي انهن سان ڪندي هئس ميلا،
ڇنَن ۾ چوڙي اچي ير ڇيلا، وڙڪي ولهارن ۾ وارن ٿيون ـ
مون ڪي عمر ميارون ...!
3 ـ ڪهڙيءَ غلط تي مارن جو غَمر، ڪوٽن سان ناهي منهنجو ڪمر،
حيف انهن جي حال تي هردمر، جيڪي ور ته پنهنجا وسارن ٿيون ـ
مون ڪي عمر ميارون ....!
4 ـ **صاحبڏنا** جڏهن وطن آءُ ويندس، پيڙي تاريلن سان تر ۾ ٿيندس،
ڏوراپا اتي انهن کي ڏيندس، پرت پکن ۾ جي پارن ٿيون ـ
مون ڪي عمر ميارون ...!

*

ڏاڍا لِڪڙ ڪيتئي لِئي پاوڻ دا، ڪيها غرض پيُئي اتي آوڻ دا!
ڏاڍا لڪڙا... !
1ـ ڏاڍي آدم دا باپ نه مائي، ڏاڍي حوا ول ڪيڏون آئي؟
بهشتان وچئون ڪنهن لوڏائي، پوءِ عذر ڪيتس دائي ڪاوڻ دا!
ڏاڍا لڪڙا... !
2 ـ ڪُن فَيَڪونُ، ايوين فرمايئي، زمين آسمان جوڙ بنايئي!
هر جاءِ اپنا حڪم هلايئي، بره نَه ٿيا ساڏي چاوڻ دا ـ
ڏاڍا لڪڙا... !
3 ـ شاهه منصور تون سوليءَ چاڙهايُئي، ذڪريا سرُ ڪَٽ رکايُئي،
شمس الحق دي کَلڙي ڪلايئي، سرمد سيس ڪٽاوڻ دا ـ
ڏاڍا لڪڙا... !

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

4 ـ اهي عثمان ڏيان اُلٽيان بازيان، وفي انفسڪم، ڳجهڙيان ڳالهيان،
نيڙي وسندا ورق وصاليان، الانسان سر الاوڻ دا ـــ
ڏاڍا لڪڙا... !

*

ڏاڍا ڏٺي ويا تم ڏير، او اوجاڳا مون اکين کي!
1. نانءُ سڏايئين سسئي، ذات نہ ڄاڻان آه ڪير؟
ڏٺي ويامر تَم ڏير...
2 ـ ڪُنگوءَ رتس ڪپڙا، ميندي‌ءَ رتڙس پير ـــ
ڏٺي ويا تم ڏير...
3 ـ واهَ مڪي جون ماڙيون، سرها سندن سير ـــ
ڏٺي ويا تم ڏير...
4 ـ هيڏي‌ءَ ويل وٽن ۾، هي‌ءَ چوڙيلي آهي ڪير!
ڏٺي ويا تم ڏير...
5 ـ اديون عبداللطيف چوي، گهت نهاريان گهيرـــ
ڏٺي ويامر تم ڏير....

*

پيرين پوندي سانِ چوندي سان، وو! رهجو رات پنپور ۾ !
پرين...
1 ـ مهارون مَيَن جون، مان واڳان وننڊي سان، چوندي سانِ ـ
وو! رهجو رات ...!
2 ـ پيجرو پاڪ رسول جو، مان پيهي پسندي سان، چوندي سانَ ـ
وو! رهجو رات ...!
3 ـ اديون عبداللطيف چئي، نئين ماڳين ملندي سان، چوندي سانَ ـ
وو! رهجو رات ...!

*

خوش ٿو گذارين منهنجا پرين، عاشق تنهنجو آ عذاب ۾!
1 ـ ٻَنِ پيو جدائي‌ءَ جو جيئڻ، آهي زهر جو پيالو پيئڻ،
پنهنجي يار کان دمر ڌار ٿيڻ، ليکو کهڙي آ ڪتاب ۾!
خوش ٿو...!
2 ـ جن کي لڳي جيءَ ۾ جَڙي، سڪ سوز ۾ ويڙا سڙي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وبندس آءُ محب مري، تنهنجي ميان درد فراق ۾!

1 ـ تنهنجي درد فراق ۾، چارئي پهر چري ڙي چري، ميان ـــ
تنهنجي درد...

2 ـ اڇي منهنجي سور جي، ڪولج دوست دري ڙي دري، ميان ـــ
تنهنجي درد ...

3 ـ پيرون چونديندس پاند ۾، ڪبڙن لام لڙي وو لڙي، ميان ـــ
تنهنجي درد ...

4 ـ اديون **شاهه لطيف** چوي، مندا محب وري ڙي وري، ميان ـــ
تنهنجي درد ـــ ...

*

لاڳاپا ويا لهي لهي ميان، شاهه حُسن واري شوق ۾!

1 ـ بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو، ڪوڙو آهي قبر جو ڪڙڪو،
ڊپ ڊاءُ ويا سڀ ڊهي ڊهي، ميان ـــ
شاهه حُسن واري شوق ۾...

2 ـ عزرائيل ڪان اڳ هواسي، موتو قبل مري جياسي،
سير ڪيو سڀ سَهي سَهي، ميان ـ
شاهه حُسن واري شوق ۾...

3 ـ **شاهه نصير** ميدان انهيءَ ۾، صوفن واري صاف صحن ۾،
خان ايندا ڪي کَهي کَهي، ميان ـــ
شاهه حُسن واري شوق ۾...
لاڳاپا ويا لهي...

*

عمر دير لائي الائي چو اباڻن، ڏسي ڏوهه کهڙو ڏمر ڪيو ڏاڏاڻن ـ
عمر دير لائي ...

1 ـ جدا ٿئي جيڏين ڪئون سڪندي سال ٿيڙا،
وڇوڙي وبچاريءَ جا هيٺان حال ڪيڙا،
پري ڪئون پونهاريون ساهيڙيون سڄاڻن ـ
عمر دير لائي ...

2ـ ڏکن ڪئي ڏهاڳڻ، جلي ويو آ جيرو،
مارو مائٽ مُئيءَ جا، ڪيئون ڪونه پيرو،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لُڇان روز روئي پڇان پيئي پيڪاڻن ــ
عمر دير لائي ...

3. وساري ولهيءَ کي چني چو چڏيائون،
ڪري ڏار ڏاري گولي نا گڏيائون،
آهيان ننگ انهن جو سچ ڪري ڄي ڄاڻن ــ
عمر دير لائي ...

4. لُلر ۾ لوٽڪ پيو مريڙو منو آه،
مڪڻ ۾ ماڪيءَ ڪئون، چڪي جنهن ڏنو آه،
ڪنپيون ڪاڄَ خاصا منا ڪئون مناڻن ــ
عمر دير لائي...

5. الله پاڪ پرور اميدان پڄائيندو،
ميلو **شير خان** سانگن ساڻ ٿيندو،
امانت سلامت پڄايو نماڻن ــ
عمر دير لائي...

*

سانگي سانگ ويڙا! اَلهُ تن کي آئي،
ناهي نندَ نيڻن کي نبي پاڪ جاتي!

1. پکي تي پربن ڏي وڄان جي اُڏامي،
سگهان ڪين اُڏري اندر بي آرامي،
سري ڪين ساعت ڳاري دل ڳاراٽي!
سانگي سانگ...

2. پڃري پائبند ٿيل قابو ڪوتن آهيان،
ڪيس قيد قسمت پنهنجي وس آنءُ ناهيان،
دونهان درد دڪن ٿا وس ڪين هاٽي!
سانگي سانگ...

3. **شير خان** دم دم آنءُ سانگين کي ساربان،
ڏکيا ڏينهن گوندر ۾ وِيني گذاريان،
ويا سور سرتيون سيد جي ساماٽي!
سانگي سانگ...

*

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪي سُهڻو پاڻ سڏايون ويا، اربيلون اکڙيون اڙايون ويا!
1. استاد اُهي جن پاڙهيو ٿي، درس محبت ڪاڙهيو ٿي،
سُتي سورن ۾ سيڪاريو ٿي، سِتون سورن جون سمجهايون ويا!
جيڪي سُهڻو پاڻ ...
2. عاشق اُهي اڙٻنگ هئا، دوست اُهي گلرنگ هئا،
وجهي واسينگ وارا ونگ ويا، سي تہ سر تي ورهُ وسايون ويا!
جيڪي سُهڻو پاڻ ...
3. جاتي دردن جا دڪان هئا، ڏک سورن جا سامان هئا،
وڏا عشق سندا اتي شان هئا، اُهي ماڳ هٽئون تہ مٽايون ويا!
جيڪي سُهڻو پاڻ ...

*

جنجل نينهن نباهيو مون، پاٽئون ڏاڍن سان نينهن لايون مون!
1. آءٌ چا چاٽان انهن ڏکن مٺون، سورن سات سمايو مون!
پاٽئون ڏاڍن . . .
2. آءٌ اياٽي عشق نہ چاٽان، عشق عجب سر آيو مون!
پاٽئون ڏاڍن. . .
3. ستي پئي هيس سيج پلنگ تي، جانب ڪين جاڳايو مون!
پاٽئون ڏاڍن. . .
4. **بيدل** سان اچي مل منڙا، تنهنجي طلب تپايو مون!
پاٽئون ڏاڍن. . .

*

اچ آرباٽي اچ ميان، پنهل جام پَهچ ميان، موٽ وچوڙو تو ماري!
1. آءٌ تان ڪوڙي آهيان، سيد آهين سچ ميان، لڳس تنهنجي لاري!
پنهل جام. . .
2. پنڌ اٿانگا پِنون پاٿان، ڪنيم ڪونہ خرچ ميان، پيڙس تنهنجي پناري!
پنهل جام. . .
3. آءٌ تہ پرچئون پاڻ ۾، ڪيئون ڳالهن ڳچ ميان، سب اندر جون ساري!
پنهل جام. .
4. ابڏو شهر پنيور جو ، چيم ڪنهن نہ سچ ميان، اهو مرم تو ماري
پنهل جام. .

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3. ڏکيا سکيا ڏينهڙا ميان، الا! گذري ويندا گذرـــ
آءُ ڙي عمر...
4. لاه اَلـهَ لگ لوهَ جا ميان، الا !نورالحق(١) چئي نِيرَ
آءُ ڙي عمر...

*

مارن ڏاران موت ووءِ، مون کي ماڙن ۾ آئيوــــ
ووءِ! ووءِ! ووءِ! مون کي ماڙن ۾...
1. مٿي جناز جڏيءِ جي، ماڻ هلي اڇي هوت ــ
مارن ڏاران ..... مون کي ماڙن ۾...
2. نجو مڙهه مليرِ دي. هت ٿان جي فوت ـــ
مارن داران.... مون کي ماڙن ۾...
3. **عبدالقادر** کيئن جيان، هت بان مون هوت ـــ
مارن ڏاران.... مون کي مارن م...

*

هن معذور مُئيءَ متا الا، پيرڙو هوت پيچي ويا!
1. وبني آهيان واٽ تي، ايندم هوت هتا، الاـــ
پيرڙو هوت...
2. چڙهي جبل چوٽئين، پاڻ کندس پرزا، الا ـــ
پيرڙو هوت...
3. درد منهنجي دل کي، آهن اهنج اپا، الاـــ
پيرڙو هوت...
4. ڏسي عيب عجيب ميان، وبو وبچاريءَ وٽا، الاـ
پيرڙو هوت...
5 **اشرف** چئي ان لاءِ، روئي نين رتا، الا ـــ
پيرڙو هوت...

*

چپر ۾ چوري الا، هوت چڏي ويا هيکلي!
1. اديون هوت پنهل جي، مون کي لڳي آه لوري، الاـ

(١) هيءَ ڪافي منهنجي چاچي پير نورالحق شاهه جي چيل آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوت چڙي ويا هيڪلي!

چپر ۾...

2. ڪارڻ هوت پنهل جي، گَهت گهمان گهوري، الاــ
هوت چڙي ويا هيڪلي!

چپر ۾...

3. بدي باروچو ويو، ڏکن جي ڏوري، الاـــ
هوت چڙي ويا هيڪلي!

چپر ۾ ...

4. اديون عبداللطيف چئي، هُني برهمڻ پوري، الا ــ
هوت چڙي ويا هيڪلي!

چپر ۾ ...

*

وئي وهامي رات، الا، جاڳڻ چو نه جتن لاءِ!
1. سات لڏيندي سڌ کَيئي، پنهل پنهنجي وات، الاـ
جاڳڻ چو نه...
2. مئي ماري هليا، کُهي ويا سان ڪات، الاـ
جاڳڻ چو نه...
3. توکي ڳَهر ڳرو ڪيو، سنجهي ڪياءِ سات، الا ـ
جاڳڻ چو نه...
4. اديون عبداللطيف چئي، جت زور آور ذات، الاـــ
جاڳڻ چو نه...

*

هوتن ذاران هاڻ، الا، ڪيئن جيئندس آءٌ جيڏيون!
1. ڏني جن کي ڏينهن تيا، الله سي ئي آڻ، الاــ
ڪيئن جيئندس آءٌ...
2. سڪندي مون سال ٿيا، ڪا ڪيون ڪيچن ڪاڻ، الاـ
ڪيئن جيئندس آءٌ...
3. صبر، سُک وڃائيو، رانول جي رهاڻ، الا ــ
ڪيئن جيئندس آءٌ...
4. اميدون اٿم احمد شاهه چئي، پرين آيندم پاڻ، الاـ
ڪيئن جيئندس آءٌ...

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مئي ڪري معذور، الا! ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا!
1. ڪوهيارو ڪانڌ ڪري، ڪيڏا پرايم سور، الاــ
ڪيچي ڪالهہ...
2 جانب جت ڪري ويا، مون سان ڪيس ڪلور، الاــ
ڪيچي ڪالهہ...
3. ساربو سپرين ڪي هتي، وجين تي وهلور، الاــ
ڪيچي ڪالهہ...
4. ويـــا سُک سيد چوي، سنگت تيڙم سور، الاــ
ڪيچي ڪالهہ...

*

آءُ ورتيا (۱) وجهہ فار، وو پوٿيدار،
منهنجي پرين دير چو لاتي!
1. آءُ ورتيا سائين توڪئون پچان ٿي، ايندو جانب ڪي هوندو اوڏاهين،
تن ۾ اتم ڏاڍي تار!
منهنجي پرين...
2. ڏور وجڻ جي ڪر نہ ڏاڍائي، جاڙ هٽي وٺين جيءَ ۾ جائي،
نيٽين وهايان نار!
منهنجي پرين...
3. انس فقير چوي آهيان اداسي، ساهہ سجڻ وٽ بت هت باقي
باري پيا سر بار!
منهنجي پرين...

*

سُـي پرام سور ڙيي. جاڳو! جاڳو! اَوهي جيڏيون!
جاڳو جاڳو...
1. جاڳڻ سان مون جار نہ ڪيڙو، پنهل مُئي جو تنهاسون ويڙو،
يار ملاقي جن سان ٿيڙو، ٿيو حاصل تن کي حضور، ڙيي!
جاڳو جاڳو...
2. اصل ڪان مان هيس اربيلي، سورن جنڌڙي ڪئي اڪيلي،

---

ورتيو = فال وجهندڙ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪل نہ لڌڙيم سُتيس سوبلي، آهي مون ڏاهن ڪل قصور، ڙي!
جاڳو جاڳو..
3. ننڊ نياڳيءَ وڏو نهوڙي، چوري چپر ۾ چڙي ويا چوڙي،
قلم رباني ڪير ٽو موڙي، ماربس انهيءَ مذڪور، ڙي!
جاڳو جاڳو...
4. **حاجي خانڻ** حق هڪوئي، مثل سيد جي پايان نہ ڪوئي،
حال اوربندس تن سان روئي، پل پل پون پرين جا پور، ڙي!
جاڳو جاڳو...

*

جوڳي بيا پي گهٽان الا، سامي بيا پي گهٽان، الا۔
منهنجو ليکو لاهوتن سان!
1. پورب ڪان پيدا ٿيا الا، جن کي منهن منجهہ مٽيان، الا۔
منهنجو ليکو...
2. سينَ هيائون سُج ۾ الا، جاتي گهرڙا گهٽان، الا۔
منهنجو ليکو...
3. اديون **شاهہ لطيف** چئي الا، اڱڻئون شال وٺان، الا ۔
منهنجو ليکو...

*

جوڳين هُئي ڪَل ڪا جا!
ڪيائون رمز سهي سندي رام ريجهائڻ!
1. وينا پڙهن "وفي انفسڪم" طرف چڙيائون طمعا جا۔
ڪيائون رمز...
2. پَهيون پنهي جهانن ڪئون، رهن آديسي آجا
ڪيائون رمز...
3. پايو منهن مونن ۾، وينا فڪر ڪن فنا جا۔
ڪيائون رمز...
4. گُرَ وٺان تن گودڙين، سبق پڙهيا "لا" جا ۔
ڪيائون رمز...

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

5. عبدالله عاشق عجيب اُهي ئي، سامي سليم سڀاجها۔ ڪيائون رمز...

*

عاشق نام سڏاوَڻ سؤکا، اؤکا اُس پر رهڻان، جِي!
1. عشق سراسر خوني خنجر، سدا سيني وچ سهڻان جِي!
عاشق ...
2. طعنا تهمت کُلَ جي ملامت، عاشقان دي ڳل ڳهڻان، جِي!
عاشق ...
3. باهہ بره دي ابراهيم والي، ٻلنديءَ وچ ۾ ٻهڻان، جِي!
عاشق ...
4. عبدالله ڪسڻ قبوليا، لاشڪ هي سر لهڻان جِي!
عاشق ...

*

مست پيالا محبت والا، پيوين تہ سر دا سانگا چوڙ!
مست پيالا ...
1. ڪات ڪنون ڪنڌ ڪڍڻ ڪچائي، مرڻ کَنون هڻ منهن نا موڙ!
مست پيالا ...
2. عاشقي چاوڻ سري لڪاوڻ، ورهَ دي وچ هئي وڏا وڳوڙ!
مست پيالا ...
3. تيغ عشق دي تيز تکيري، ڏئي ڄڱند عاشق تنهن نون چوڙ!
مست پيالا ...
4. ڏئي سر عاشق عشق بازيءَ ۾، تڳا دنيا جا سڀ تون توڙ!
مست پيالا ...
5. عبدالله صلاح اها ئي، لاوڻ نينهن نياوڻ توڙا!
مست پيالا...

*

عشق ڪيس عريان، صبر سيوئي سڪ وڄايو!

1. حنفي حنبلي عشق نہ ڄاڻي، شافعيؒ مالڪ فرق ڏي تاڻي،
ڪيا ڄاڻي نعمان!
صبر سيوئي...

2. ميم لٿي ير احمد چاهي، سڪ وارا ويا اوڏانهن ڪاهي،
قرب ڪيا قربان !
صبر سيوئي....

3. عرب عين ريءَ سمجهہ تہ چاهي، عبدالله(١) جڏ عبد کي لاهي،
ترڪ سنت طغيان!
صبر سيوئي ....

***

خان وڏي ڪي لطيفا، مثالي ٽوٽڪا ۽ قابليت جا قول پڻ سون مُنهن ياد هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙو ٽوٽڪو هٽي وجهندو هو، جو ويٺلن کان ٽهڪ نڪري ويندا. ارمان آهي جو انڌو ارواح هڪ لطيفو بہ ياد رکي ڪونہ سگهيس.

خان وڏي جي عمر جي سج نيرڙيءَ ٽيهريءَ تي اچي پهتو هو، ليڪن هن ڪڏهن اهو محسوس ڪو نہ ڪيو تہ صبح ويو، سج مٿي آيو، منجهند ٿي، پاچا لڙيا، پيهريءَ مان بہ ٽپي سج اچي لاڙون ٿيو آهي. هميشه خوش، هردم جوان، هر وقت شگفتہ، ڀائيندو هو تہ عمر جي اڃان هاڻ ٻاڪ ڦٽي آهي. ڳالهہ نڪرندي تہ چوندو:

”بابا! جسم جهريو تہ ڇا ٿيو؟ دل جوان هجڻ گهرجي. مزاج تي بهار رهڻ کپي. مايوسي بزدلي آهي. گوشه نشيني ڀاڄ Escape آهي. جيسين جٿرو رهجي، تيسين منهن ڏبو اچجي. موت اچي تہ بہ مرڪي منهن ڏجي. ميان حسام الدين! موت بہ آسان انهن جو ٿي تيندو آهي، جيڪي مڙس هوندا آهن، جن جي حياتي مرڪندي گذرندي آهي.“ خدا جو شاہ، پاڻ بہ اها منزل ڏاڍيءَ آسانيءَ سان ٽپي ويچي پار

(١) عبدالله فقير بابي مرحوم جي ناني پير سائين پاڳاري (پير حزب الله شاهہ تخت واري) جو مريد هيو. سندس تربت پير ڳوٺ ۾ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيو. دستور اهو آهي تہ گذريل زمانن کي ياد ڪيون هر.
کو ٿڌا شوڪارا ڀري پيو ڪندو آهي -
”هاءِ هاءِ! ڪهڙا ڏينهن هئا!“
ليڪن خان وڏو چوندو هو:

”ير، ڪهڙا ويهي شوڪارا ڀرجن ۽ ٿڌا ساهہ کڻجن. ماضي، حال، مستقبل، سڀ هڪجهڙا آهن. انسان ويچارو ويساري جو گهر آهي، يادگيريءَ جو ڪچو آهي، نہ تہ ميان حسام الدين شاهہ سائين! حال ۽ ماضيءَ ۾ ڪو فرق ٿئي ٿو ڇا؟ حال کان ڪو ماضي ڇگو هوندو آهي ڇا؟ ماڻهو اجايو حال کان بيزار ٿي ماضيءَ تي پيا شوڪارا ڀريندا آهن! نہ! نہ! ڪهڙو ڪم؟ اها بلڪل اهوجهائي آهي.“

مان چوندس:

”آغا سائين! يعني ڇئبو تہ اهو چوتياپو آهي؟“

کلي ويهندو:

”ير، ائين ڪو ڇئبو؟ ڪيترا سمجهہ جا صاحب بہ ڇُڪ ڪندا آهن!“

ڪيترن پاڻ جيڏن سان سنگت هوندي هيس، ليڪن پنهنجي سامنهن خان وڏو انهن کي بہ نہ ٿڌا شوڪارا ڀرڻ ڏيندو نہ گذريل زماني تي آهان ڀري ياد ڪرڻ ڏيندو. ويٺو انهن کي بہ کلائيندو، لطيفا ٻڌائيندو، عقلمندن جا قول ۽ نڪتا سڻائيندو. ڪوشش اها هوندي تہ پوڙهن جي دلن تي جيڪا مايوسي آهي، سندن طبيعت تي جيڪا ٿڪاوٽ آهي، هنن جي مزاج ۾ جيڪا بيزاري، ترشي ۽ نراساڻي آهي، ان جي اثر کي زائل ڪندو رهي.

سندس ننڍي فرزند صدرالدين خان جي شادي ٿي. مرحوم باغ باغ هجي. مون کي ڪراچيءَ کان خاص طرح گهراياڻين. ڏٺم تہ خان وڏو پنهنجي بنگلي جي وڏي ڪمري ۾ هڪ کٽ تي ڦٽ ڪديون ويٺو آهي. سندس چوڌاري پنج - ست سفيد ريش ڪٽن تي آهليا پيا آهن - ڪي آسيرا، ڪي پاسيرا، تہ ڪي شرط سنوان نوان، ڪن جون لٺيون پاسي ۾ رکيون آهن تہ ڪن جا لڪڻ ڪٽن جي ٽانگهن ۾ اڀا ٿيا پيا آهن. خان وڏو مون کي ڏسي در تي نڪري آيو:

”اچي ويٺو!...
”لک ڀلايون! سوين قرب !...
”ڏاڍو ڇگو ٿيو!“

عرض ڪيم:

"آغا سائين، ٽپهري ٿي وئي آهي، پاڇا لڙيا آهن. هلو تہ ٻاهر ويهون." ڪلي، منهن ڪَنَ جي ويجهو آڻي، چيائين:

"هي ڪونہ ٿو ڏسين، سڀ اڄ - سُپهن تي آهن. مان توسان هلان ۽ پنيان ڪو گهرڪي پوي؟ ڇا ڪجي يَرَ، آغا (١) جو چارج مِ ڏئي ويو آهي."

گل حسن خان (٢) اندران رڙ ڪئي:

"خان! ضرور اسان جي گلا ڪندو هوندين؟"

"ها! ها! ها!"

پٽ تي پرٽيس. دل جون مرادون تي پُنس، سو ان ڏينهن خان وڏو سچ پچ تہ جوان هو. پلا پوڙهن تي ڪيئن ٿي اک ٻُڏَس؟

* * *

ڪراچيءَ جي راڻي باغ مِ ڪيترن سالن کان ڪراچيءَ جا عمر رسيدا بزرگ شام جو اچي گڏ ٿيندا هئا. اصل مِ تہ پهريون هر ڪو گهران باغ مِ چهل قدمي ڪرڻ ايندو هو. گهمندي ڦرندي هڪٻئي سان واقفيت ٿي. پوءِ راهل مائل ٿيا. ان کان پوءِ واهپو وڌيو ۽ آخر مِ هڪٻئي جا سنگتي ٿي ويا. هاڻي چهل قدمي ڪرڻ جي بجاءِ باغ م هر روز گڏ ٿي، بينچن تي ويهي، پراڻي زماني جا قصا ڪتيندا هئا.

"ڇا تہ ڏينهن هئا!...

"هاءِ ڙي زمانا!...

"ها سائين، ويا ڏينهن گذري!...

"هاڻي ڇا ٿيندو!...

"اهي ڪي ڏينهن هئا!"

آهون...

ٿڌا شوڪارا - ۽

هاءِ ! واءِ!

اهي بزرگ شام جو ويهي جيڪا مجلس ڪندا هئا، ان جو اجهو اهو ماحول هو. اينڊز ويندڙ کي پيو ائين لڳندو هو تہ سڀئي جڻ پنهنجي ٻت مان

(١) آغا بدرالدين خان، سندس فرزند ڪبير

(٢) آغا صوفي شڪارپوريءَ جو والد.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. جڏهن ماڻهن ۽ چوڪيدارن کي کهل آئي ۽ هنن محسوس ڪيو تہ ايترو فاصلو وجهي ويهڻ بہ ويچارن جي هم آهنگيءَ ۾ بي ربطي پيدا ٿو ڪري، تڏهن هنن باغ جا دستور پاسيرو رکي، سيئي بينچان سوري، ڪين هڪ جاءِ تي ڪري ڏنيون. پوءِ تہ جڻ سندن لاءِ بهاريون ٿي پيون. نيٺ هو بہ تہ راڻي باغ جو جزو ٿي ويا هئا، ائين جيئن راڻي باغ جي "زو" جو حصو. ماڻهو جيڪي زو ڏسي، اتان اچي لنگهندا هئا. سي هڪ نظر هنن تي بہ وجهيون پوءِ پيا اڳتي وڌندا هئا.

ڪنهن کي زريءَ جي پراڻي بنارسي پڳڙي تہ ڪنهن کي زنگارنگي ٽوپي، ڪو ترڪي ٽوپيءَ ۾ ، ڪنهن کي ڪُلي تي پشوري پٽڪو، ڪنهن جو ڪوٽ چوغي نما ڪنهن جو شارٽ تہ ڪنهن کي خاڪي ڊرل جو فوجي نمونو، ڪنهن جي هيٺ تي پتلون، ڪنهنکي پاجامو، ڪنهن کي سٿڻ تہ ڪنهن کي پُليسي پينٽ. عينڪا گهٽو ڪري سڀن جي اکين تي چڙهيل. ڪنهنجيٰ نور کي گهٽ نقصان تہ ڪنهن جو صفا نِستُ، تنهن ڪري ڪنهن جا شيشا ٿلها تہ ڪن جا ٿورا سنهان. ڪن جي تہ موربڳو ٻنهي اکين جا شيشا هڪٻئي کان مختلف، هڪ اک ٻئي کان زياده ڪمزور جو ٿي! لٽا ڪپڙا سڀن کي، ڪٿل ڪونہ البتہ پراڻي وضع قطع جا. قميصان ۽ هيٺ جو لٽو هر جمعي تي بدلائيندا هئا. ليڪن ڪوٽ ۽ مٿي جي پوشاڪ کي هٿ نہ لاتائون. ڪن جا ڪوٽ تڏهن جا هئا، جڏهن هو نوان نوان صوبيدار برتي ٿيا هئا. ڪن رٽائر ٿيڻ کان ٿورو اڳ سبايا هئا. ڪن جي ڪوٽن کي ايڏو عرصو گذري چڪو هو. جو خود مالڪن کي بہ ياد ڪونہ هو تہ هنن ڪڏهن ۽ ڪنهن کان ٺهرايا. ڪي ڪوٽ تہ ايترو پراڻا ٿي لڳا، جو انهن جو اصلي رنگ -- زمانا ٿيا جو ڦٽي چڪو هو. ۽ استعمال ٿي ٿي ڪپڙو بہ ڳاٽ ڪري ويو هين. ڪالر ۽ ڪفن تي گهٽو ڪري ڌاريون چٽيون پيل هيون. بوٽ سڀني کي انگريزي نموني جا هئا، پر اهڙا اولڊ ماڊل، جن کي نئينءَ پوشِ تہ -- جڏهن کان سانپر ۾ آئي هئي تڏهن کان - بازار ۾ وڪامندو ڪونہ ڏٺو هو. ڪن جا منهن ٿلها بلڻاڪ جهڙا بدزيبا، جن کي پرين مڙسن 'گرگابي' سڏيو ٿي. ڪن جي ٿو سنهي، ڪي ڪَهنِ سان ٻڌل تہ ڪي ڪَهنِ جي بجاءِ ڪلپ سان بند ٿيل. ڪن کي ڪارو پيٽنٽ پمپ، جنهنجو بہ بو اُڏي ويل، تہ روغن جون بہ چٽيون چٽيون لٿل. ڪن کي لانگ بوٽ. ٿلهي چمڙي جا نہ بلڪ گليسڪڊِ جا. جيڪي جڏهن خريد ٿيل هئا. تڏهن تہ ڏاڍا نرم جهڙا ريشم هئا. ليڪن هاڻي ايامن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڇاڻا گهڻي قدر سخت ٿي ويا هئا ۽ ڪتان ڪٺان موچيءَ جا موٽا ٽوپا به ڏنل هين. بهرحال نمونا مختلف ليڪن سيئي هڪجهڙا عمر رسيدا ۽ سرد گرم چشيدا، ۽ حال ۾ به هڪٻئي کان ڪو ٿورو ڪَسُ ڪَسر، يعني نه صفائي نه رنگ روغن! ڪن ته سڄيءَ عمر ۾ رنگ جو منهن نه ڏٺو هو ۽ ڪن کي جيڪڏهن هڪ اڌ دفعو نصيب ٿيو ته به انهيءَ زماني ۾ جڏهن ڪوبرا پالش (Cobra Polish) اڃا نئين نئين ڪراچيءَ جي مارڪيٽ ۾ آئي هئي، جنهن جي چوڪنڊين شيشين تي لکيل هوندو هو 'ميڊ ان انگلنڊ'. خير، اهو ته ٿيو معاملو پهر پوشاڪ جو، جنهنجو اونو جوان ڪن، هي ويچارا عمر جي شام ۾، کهڙا وينا نت ٺانگر ڪن! مڙئي ٿيو ڪين انگ ڏڪٽو. انهن وڏ جُڳاين بزرگن جا جسم ته جهور هئا، ليڪن سندن منهن جي تختي به اهڙو بدلجي ويل هئي، جو چٽائي ڏسڻ کان پوءِ به پتو ڪونه پوندو هو ته جوانيءَ ۾ نڪ نقشو ۽ خط خال ڪهڙو هين! سڄو منهن گهنج گهنج. ڪل کي قدرتي روغن جيڪو نرم ۽ چمڪيدار ڪيون بيٺو هوندو آهي، سو ڪن ايامن کان ختم ٿي چڪو هو ۽ هاڻي ڪَلَ سڪي اُبڙٺ ٿي پئي هئي. مسام به ڪڏهن جا بند ٿي چڪا هئا، جنهن ڪري سردين ۾ منهن کي جيڪو تيل لائيندا هئا، اهو جذب ٿي ڪو نه سگهندو هو ۽ هميشه پيو سندن منهن تي جرڪندو هو. اکيون عينڪن جي اندران ائين ٿي لڳيون جڻ ڪڏهن انهن ۾ نه اوجر هو، نه نور ۽ نه نظر، جهڙيون مُرد يون، جڻ ڪنهن ساهه نڪتل ماڻهوءَ جون آهن - ويران، اڃيون ۽ پوائتيون. سندن سُنهارين ۽ مٿي جي وارن کي به ڪو شيپ ڪو نه هو. جن کي ڏاڙهيون هيون، انهن جي به سُڌ ڪا نه ٿي پئي ته اصل ۾ هنن جي طبيعت ڪهڙيءَ ڪَٽَ تي هريل آهي، ۽ جن تي صافي گهميل هئي، تن جا وار به هميشه ڪل کان ٻاهر پيا ڏسبا هئا ته ڪَرَ ڪڍيون بيٺا آهن. عمر ۾ به انهن بزرگن جي ڪو زياده فرق ڪونه هو. ڪو سال اڌ هيڏي يا هوڏي، ور نه گهڻو ڪري سيئي يڪ سَنان. جڏهن مولو مسافر خانو ٺهيو پئي، ان وقت ڪنهن کي شايد ريخ ٿي لٿي. جڏهن پورٽ ٽرسٽ واري جاءِ جڙي بيني هئي تڏهن ڪنهن اسڪول ۾ ستون درجو پاس ڪيو هو. جڏهن بندر روڊ وارا ٽرام پٽو نڪتو ۽ ٽرامون گهوڙن تي هلڻ شروع ٿيون، ڪو ان وقت ڪچ بالڪ هو. جهونا مارڪيٽ ۽ ڪڏي جي وچ ۾ جيڪي پاڙا آهن، سي اڃا ٺهيا ئي ڪ نه هئا، ته ڪو ان وقت ڏاڙهي مڇن جي ساوڪ ۾ هو. لارينس روڊ واري ايدلجي ڊنشا هاسپٽل جا اڃا ڪڏا ٿي ڪنيا. جو ڪنهن مس پاڪي ڪنئي هئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطلب تہ اهي سيئي صورتون انهيءَ نُور جون هيون، جيڪو انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ستت ئي مائن جي پيٽ مان نڪتو هو. منجهان ڪنهن کي ميريٽ روڊ تي لوهہ جو دڪان هو، جنهن ۾ هاٿي سندس پوٽو ويهندو هو. ڪو بيلجمي شيشي جو واپاري هو، ليڪن تقريباً ويهن سالن کان سڄو مال ملڪيت پٽن ۾ ورهائي، پاڻ ڏندو ڇڏي، گهر ۾ الله ڪري رهيو هو. ڪنهن سنڌ مدرسته الاسلامہ جي ماستريءَ تان مدت ٿي، جو پنشن ورتي هئي. ڪنهن کي پوليس جي سپريڊنٽيءَ تان رٽائر ڪئي 25 سال ٿي چڪا هئا. ڪو جواني ۾ فوج اندر ميجر صوبيدار هو ۽ ”پهرينءَ لامہ“ (۱) کان اڳ ئي پاڻ آن فٽ ڪرائي، اچي گهر ويهي رهيو هو. ڪنهن کي اصل تہ ڪپهہ جو وڏو ڌنڌو هو ۽ شروع ۾ ’راليءَ‘ وارن سان بہ ڀائيواري هيس، ليڪن پوءِ ستا هٽندي ڪُتي پيو هو ۽ بس ايترو بچايو هيائين، جنهن مان مرندي تائين لولو مکي کائي! انهن مان هڪ پوليس صوبيدار بہ رهي چڪو هو ۽ انهيءَ ئي سپريڊنٽ جي هيٺان رهي چڪو هو، جيڪو هاڻي ساڻن گڏ بينچن تي ويٺو ٿي. هن وقت سڀ هڪجهڙا هئا. منجهن ڪوبہ فرق ڪو نہ هو. انهن پرين مڙسن ۾ هڪ بہ ميمڻ بہ هئا، جن کي ڪنهن زماني ۾ صدر بازار اندر وڏيون وڏيون ڇاپان هيون، ۽ هنن سنڌ جي زميندارن کي جيڪو اوڌر تي مال ڏنو، ان جا پيسا وصول ٿي ڪو نہ سگهيا؛ جنهنڪري پاڻ قرضي ٿي، آخر ۾ ڏيوالو ڏيئي ويٺا هئا، ۽ انهن ڪنڌن جون بنديون ۽ لکي ڏنل پرامزري نوٽ اگرچ مدي خارج هئا، ليڪن بطور يادگار اجا بہ سانديون تي آيا. هاڻي فقط ايترو هين، جو مانيءَ ٽڪر پورو ڪري سگهيا ٿي.

انهن وڏ ـ ڄڄائن جي هڪٻئي سان ڏاڍي محبت ۽ خاطري هئي، ۽ هڪٻئي جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا، ۽ هڪٻئي کي جڏهن مخاطب ڪندا هئا، تہ اصلي عهدي جي لحاظ سان، يعني ’سيٺ صاحب‘، ’ماستر صاحب‘، ’سپريڊنٽ صاحب‘، ’صوبيدار صاحب‘، ’ميجر صاحب‘، ’سردار صاحب‘، ’خان صاحب‘ اهو تخاطب هنن کي هر وقت پنهنجي اقبال منديءَ وارو زمانو ياد ڏياري سرور پهچائيندو رهيو ٿي. ازان سواءِ وڏي ڳالهہ اها هئي تہ رٽائر ٿيڻ يا ڌنڌن بند ٿي وڃڻ بعد جيڪو منجهن احساس ڪمتري پيدا ٿيو هو، سو بہ انهيءَ طرز تخاطب سان زائل ٿي ويو ٿي، ڇاڪاڻ تہ اجا بہ هو پنهنجن اصلوڪن عهدن ۽ منصبن جي لحاظ سان مخاطب ڪيا ٿي ويا.

حاصل مطلب اهو تہ هن عجيب غريب سنگت ۾، ۽ پرين مڙسن جي

(۱) پهرين لڙائي 1914-1918؛ لڙائي کي ”لامہ“ سڏيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انھيءَ رنگا رنگي مجموعي ۾، سيٺي قسمن جا ماڻھو ھئا. سيٺي تجربي جا صاحب، سيٺي پڙھيل ڪڙھيل، ۽ مڙني زمانو ايترو طويل گذاري پار ڪيو ھو، جو ڪين پنھنجي عقل جي پختگيءَ تي پورو پورو بانور ھو. ايترو اعتماد ۽ يقين جيڏو ڪين انھيءَ آفريڪي چہري جي موجود ھجڻ تي ھو، جيڪو ڪانئن ٿوري فاصلي تي زوءَ ۾ ھڪ وڏي پڃري اندر بند ھو ۽ جنھن جو آواز پنھنجي وينئي تائين اھي بزرگ پنج ڏھہ دفعا روز ٻڌندا ھئا. بلڪ ھڪ ٻہ دفعو تہ سيٺي صلاح ڪري گڏجي وڃي ان کي ڏٺو بہ ھو، ايڏي ذوق ۽ حضور قلب سان، جڻ ٻنھي ڌرين ۾ ڪو روحاني تعلق آھي. آفريڪي چہرو، عجيب و غريب، ڪنڌِ ھيٺ، ھر وقت اڪيون بند، جڻ ڪنھن وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ لڳو پيو آھي؛ مٿو وڏو، جنھن ۾ گمان پئي ٿيو تہ سمورو عقلٌ ڀريل آھي؛

- ڇھنب جي ڳاٺ مان معلوم ٿي ٿيو تہ وڏي جڳ جو آھي، تنھن ڪري تجربو بہ اوڏو ئي ھوندس؛ ڪڏھن ڪڏھن فڪرات مان جڏھن ڪنڌ مٿي ڪٽي، اکيون کولي، ڏاڍيان وٺي ٿي ڪيائين 'گُھرڙُ.. گُھرڙُ.. گُھرڙُ.. گُھرڙُ، تڏھن نہ
- ڇڙو زوءَ جي سيني رھاڪن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ٿي، بلڪ اسان جي ھنن پرين مڙسن بہ گھڙي ڪن لاءِ زير بحث مسئلي کي نظر انداز ڪري اوڏانھن توجھہ ڪيو ٿي.

اھي سيٺي صاحب درحقيقت، سواءِ انھن چند بزرگن جي، جيڪي منجھند تائين بہ "ضروري حاجتن" کان فارغ ٿي نہ سگھندا ھئا. باقي سب گھر ۾ ٿورو وقت گذاريندا ھئا. چاڪاڻ تہ ڪين گھر ۾ ڪا بہ دلچسپي ڪانہ ھئي. اھا ئي ڳالھہ ھئي تہ گھر وارا بہ ڪين پاڻ تي بار سمجھي ھميشہ پيا سندن سامنھن اچڻ کان نٽائيندا ۽ ڪيٻائيندا ھئا. ھو سويرو نڪري وڃي فٽ پاٿن جي انھن بئنچن تي ويھي رھندا ھئا، جيڪي وڏن وڏن وڻن جي چانوھري ھيٺ پيون ھونديون ھيون ۽ منجھند تائين وينا خدا جي جھان جو رنگ ڏسندا ۽ دل وندرائيندا ھئا. اھڙيون بئنچون ڪي "سعيد منزل" وٽ پيل آھن، ڪي ماما پارسي گرلس اسڪول جي سامھون، تہ ڪي جانورن جي اسپتال جي قريب. ڪي صاحب وري صدر ۾ ڪنھن دڪان جي وڌاوڙن تي ويھڪ رکي پيا وندر ڪندا ھئا. انھن سيٺي کي ھلندڙ زماني جي دلچسپ واقعن سان بہ دلچسپي ھوندي ھئي، ليڪن اھڙن واقعن کي معلوم ڪرڻ لاءِ ھو اخبار ڪونہ خريد ڪندا ھئا. بلڪ انھيءَ ئي اخبار مان ڏٻيءَ اک سان ڏسي ڪم ڪڍي وٺند ھئا، جنھن کي ساڄيءَ بئنچ تي پاسي ۾ وينل ڪو اخباري شوقين پيو غو

سان پڙهندو هو؛ يا ڪن ڪي صدر جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ دڪانن جي اُنهن وڏاوڙن تي وينٺي ويني ئي، وڏا وڏا واقعا لنگهيندڙ پائيندڙ ڪان معلوم ٿي ويندا هئا. شام جو جڏهن سڀ سنگت گڏ ٿيندي هئي، تڏهن اُنهن واقعن تي پنهنجي عقل ۽ وسيع تجربن جي روشني ۾ ويهي غور ڪندا هئا، ۽ آخر ۾ گهڻو ڪري متفقہ راءِ تي اتندا هئا. هڪ اڌ ڪي ڪڏهن ڪڏهن اختلاف راءِ بہ ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ وٽن ڪي ئي دليل هوندا هئا ۽ اڳ ۾ بہ هو ڪيترن ئي واقعن کي ساڳين دليلن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي چڪا هئا! پر موجوده دور جي واقعن تي ڪين توجهہ ڏيڻ جو گهٽ موقعو ملندو هو. هنن وٽ تہ گذريل زمانن جا ئي ايترا داستان سانديل هئا، جو جڏهن ڪا ڳالهہ اچي نڪرندي تہ هر ڪو سو ڪندو:

"هائو سائين، هائو!"
"ڪاڏي اُهي زمانا، ڪاڏي هي!"
"اُهي ماڻهو ئي مري ويا!"
"مڙئي قادر جي قدرت آهي!"
"هاءِ! هاءِ!"

هر ڪنهن جي ذهن ۾ پراڻي زماني جا نقش ابري ايندا. ان وقت گهڙيءَ ڪن لاءِ ماٺ ٿي ويندي. هر ڪو ڪنڌ هيٺ ڪري گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويندو. جڏهن اوچتو سامهون آفريڪي ڊول چپرو وٺي ڪندو گهُرڙ .. گهُرڙ .. گهُرڙ، ان وقت سندن ڪنڌ ڏيري ڏيري مٿي ٿيڻ شروع ٿيندا، ڇڻ اوچتو ڪين ڪنهن ڏونڏاڙي ننڊ مان اٿاريو. ڪن ڪان تڏا شوڪارا نڪري ويندا، ڪي پنهنجي آهُن ڪي وات تي آڻي وري ڪائي ويندا، ڪن ويچارن ڪان تہ بي اختيار نڪري ويندو:

"ايس پي صاحب! چا ڪجي، هي ڏينهن بہ پاڻ کي ڏسڻا پيا!"

دراصل انهن بزرگن جون عمريون ضرورت کان زياده تجاوز ڪري چڪيون هيون، ۽ ڪابہ ڳالهہ جڏهن حد کان ٽپي ويندي آهي، تڏهن اها غير طبيعي ٿي پوندي آهي، سو هي پريا مڙس بہ هاڻي انهيءَ غير طبيعي دور مان گذري رهيا هئا -- ۽ اهو ئي دور آهي جنهن ۾ پنهنجا بہ ڪڪ تہ پرايا بہ بيزار هوندا آهن.

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان جي خان وڏي، راٿي باغ گهمندي، زوءَ مان ٿيندي، انهيءَ آنريڪي چهري کي تعجب مان ڏسندي، جڏهن هنن بزرگن سان اچي ’جهارچشمي‘ ڪئي، ان وقت سين تي استغراق جو عالم هو. ڪن جا ڪنڌ هيٺ، ڪن جون اکيون بند، ڪو آهستي جهوٽيو ٿي، ۽ سامنهن واري بينچ تي جيڪي ٽي جڻا وينا هئا، انهن مان ٻه متي کي هٿ ڏيون ڪنهن وڏي فڪرات ۾ محو هئا. مايوسي، اندوهه، ياس، حسرت تلخي، ڪرختگي، بيزاري، ۽ آخر ۾ سرد آهون، ٺڏا شوڪارا، ۽ هاءِ! واءِ ! اهي انهيءَ ماحول جا مختلف عنوان هئا، جنهن کي خان وڏي وجي ڏنو. خان وڏي انهيءَ سڄي مذڪور جو جائزو وٺي سڀ ڪان پهريون ته انهن بزرگن جي بينام مجلس کي نالو ڏنو:

’مجلس محققين!‘

اسان کي جڏهن سڌ پئي، تڏهن پڇيوسي:

”خان وڏا اهو نالو ڇو؟“

خان جيڪي دليل ڏنا، سي برابر دل سان ٺهڪي آيا. واقعي اهي سيئي محقق هئا. جڏهن ڪو به مسئلو درپيش ٿيو ٿي، ان وقت هر هڪ ايڏي Authoritative نموني سان بحث تي ڪيو، ڄڻ انهيءَ خاص موضوع تي هن سڄي زندگي پئي تحقيق ڪئي آهي ۽ سندس قول هن وقت سَنَدَ جي حيثيت رکي ٿو.

مستقل طرح جڏهن خان وڏي انهيءَ مجلس ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو، تڏهن ماحول ۾ وڏي تبديلي اچي وئي. سڀ کان پهريون لطيفا ٻڌائي انهن بزرگن جي رڳن ۾ نئون ساهه خان وڌو. سڪل جسمن ۾ جان ان ڪانپوءِ آئي. طبيعتن تي چڙهي ويل ڪٽ انهيءَ بعد ئي لٿي. دماغن تي جيڪو سُڪُر ۽ دلين تي جيڪا غنودگي هئي، اها تڏهن لٿي جڏهن خان قول اقوال ٻڌائڻ ۽ مثالي مصراع، بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيڻ شروع ڪيا. ذهنن ۾ شگفتگي تڏهن آئي، جڏهن خان وڏي جا دلچسپ فقرا ۽ ننڍڙا نڪتا، لفظن جون مزيدار معنائون پهريندا، ٽهڪن ۽ ٺهڪڙن جي جهوليءَ ۾ جهوٽا ڪائيندا، فضا ۾ منتشر ٿيا. انهيءَ کان پوءِ ئي ماضيءَ جي اندوهناڪ يادن جو نقش دماغن تان متجڻ لڳو، روح ۾ شگفتگي اچي وئي، جسم توانائي محسوس ڪئي ۽ گفتگوءَ جا نه فقط موضوع بدليا ۽ عنوانن جو دائرو وسيع ٿي ويو، بلڪ انهن ۾ اندلٺ جهڙا رنگ پرجي ويا. خان وڌو گويا سيني کي ماضيءَ جي اونداهن غارن مان، جتي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فقط ڇپرن جا گهر، ڇمڙن جون وٺيون ۽ انهن جون ويهڪاڻ هيون، ڪڏي، زوريءَ ٻاهر جهڻي آيو، جتي هاڻي روشني هئي، تازي هوا هئي، ان ڪان وڌ تہ زندگي ۽ زندگيءَ جون گهٽيون ئي رعنائيون ۽ رونقان اجا باقي هيون. ان وقت سيني ائين محسوس ڪيو جيئن ڪو نتهڻ اُس مان نڪري اچي ٻاڇي ۾ ڇيو - ڪنهن وڏي وڻ جي ڇانوهري هيٺ، جتي تذڪار هجي ۽ ٺڏي هير پئي هلي، جتي رڳ رڳ ٺري پوي ۽ لونءَ لونءَ ۾ للڪار اچي وڃي، جڻ سچي من جي مونجهہ لهي پوي ۽ ساهہ سامت ۾ اچي وڃي. هاڻي سيني قسمن جي ڳالهين، معاملن ۽ مسئلن تي منجهن " ڊسڪشن" ٿيڻ لڳو. سياسي معاملا، انٽرنيشنل مسئلا، ملڪي ڳالهيون، مذهبي ۽ شرعي مسائل، نہ فقط اسلامي بلڪ غير اسلامي مذهبن تي بہ تيڪا ٽپڻي ٿيڻ لڳي. مسلمانن جي ٻاهتر فرقن جا اختلاف بہ سامنهن اچي ويا. سني - شيعن جي اختلافن ۽ خلافت راشده جي چوندن ۾ ٽيل گهوٻين تي پڻ اظهار خيال ٿيڻ لڳو. مذهبي معاملن تي زياده تر رٽائر ٽيل پوليس جو سپرنٽينڊنٽ تفصيلي ۽ يقيني بحث ڪندو هو. خان وڏو چوندو هو:

" ميان حسام الدين شاهہ سائين! ايس پي صاحب جڻ شريعت جو صاحب پيو معلوم ٿئي! ڀائنجي پيو تہ سڄي زندگي پوليس ڪاتي ۾ نوڪري ڪانہ ڪئي اٿس، بلڪ مولوي صاحب همايونيءَ جي شاگرديءَ ۾ رهيو آهي!"

" آهي ڪٿان جو؟..."

؟ هائو! پنجابي آهي!"

"تڏهن تہ ...!"

"هائو يَرَ، سچ ٿو چئين. رٽائر ڪرڻ بعد حق تي دين جو ماهر ۽ اسلام جو مبلغ ٿي پيو آهي!"

" ايمان، ايمانداري، حق ۽ انصاف جي سلسلي ۾، آغا منهنجا، اُهي اُهي آيتون ۽ حديثان بيان ڪندو آهي، جو ڇئي ڪٽي بس ڪر! اسان جي مولوي محمد قاسم صاحب (۱) کي ياد هجن تہ نهيو، ٻئي کي ڪهڙي مجال آهي؟"

" ايمانداري ۽ ايس - پي؟"

(۱) ڳڙهي ياسين جو بزرگ عالم باعمل.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هائو، تڏهن تہ حيرت وٺندي آهي. پر ميان حسام الدين شاهہ سائين! خانصاحب (سنڌ مدرسي جو رٽائرڊ ماستر) منهن تي چئي ڏيندو اٿس، پوڙهن پوڙهن ۾، تہ ’ست ڪئا ڪائي هاٿي ٻلي حج چڙهي آهي‘!“

”يعني، آغا سائين! قحبه چون پير شود پيشہ ڪند دلالي!“

وڏو ٽهڪ ڏئي، خان وڏو کلي ويهندو ۽ چوندو هو تہ :

”دراصل رٽائرڊ سب انسپيڪٽر سندس افعالن کي چڱو سڃاڻندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس غير حاضر ڏسي کُلي پوندو آهي:
’الله جو شان آهي يَر، هاٿي ٿو ايمانداريءَ جون ڳالهيون ڪري! چڏيائين مئو ڪڪڙ بہ ڪين. اصل ۾ تہ گجرانوالا جي چڪ نمبر 110 جو معمولي ماڻهو هو‘!“

خان چوندو هو تہ اسان ڪائنس پڇندا آهيون تہ:

”يلا هي پاڻ کي ست پشتيو خاندان جو ٿو سڏائي، جي اهڙو معمولي ماڻهو هو؟“

صوبيدار کلي چوندو آهي تہ :

”خان وڏا، سمي سٽي کان اورتي جيڪو ٽپندو آهي، سو يڪدم سيد ٿي پوندو آهي! ٻڌو ڪونہ اٿو جو سياڻان چئي ويا آهن:
’ غله گر ارزان شود امسال سيد ميشوم‘!“

صوبيدار تہ هن جي سوانح عمري بيان ڪندي ڪندي، وڃي شهہ ۾ پوندو آهي. چي:

”مولوي صاحب جو پلو ٽئي، جنهن پاڻ سان پنجابي آڻي، سنڌ ويچاريءَ ۾ ڪنا ڪيا. هيڊ ڪانسٽيبل مان وڃي ايس پي ٿيو. سڄي زندگي غريبن جو حق ڪائيندو رهيو. هائو! هائو! چرندي آئٽ ڪانہ ڇڏيائين، هاٿي ٻٽيو آهي مولوي. تڏهن تہ ! رڻ ٻاري ڇڏيائين. ڪنهن جي هَڙَ ۾ پائي بہ نہ ڇڏيائين.“

خان وڏو چوندو هو تہ ” جڏهن ٻئي ڏينهن تي اسان ڪيس پري کان ايندو ڏسندا آهيون، تڏهن اچي صوبيدار صاحب واريون ڳالهيون ياد پونديون آهن ۽ دل ۾ پيا کلندا آهيون.“

* * *

اهڙي طرح انهيءَ مجلس ۾ شعر سخن جو چرچو بہ خان وڏي جي

شرڪت بعد ئي پيدا ٿيو. هن ئي اچي بيتن، ڪلامن، ڏوهيڙن ۽ مثالي شعرن جي ابتدا ڪئي.

خان وڏو جڏهن ڪُلندو هو، تڏهن ٻڌائيندو هو ته

”صدر واري ميمڻ سيٺ، ميريٽ روڊ واري بوهري واپاريءَ، جهونا مارڪيٽ واري خوجي ۽ جمشيد ڪالونيءَ واري پارسي صاحب تي شعرن جو ڪوبه اثر ڪونه ٿو ٿئي.“

مرحوم چوندو هو ته :

”ڪين هزار دفعا ور ور ڏئي معنيٰ سمجهائجي ٿي، ان هوندي به سندن دماغ م ڪانه ٿي ويهي. ميمڻ سيٺ آخر ۾ چوندو آهي:

’ڪرو باوا، پان کي معاف ڪجو، پان کي مغز ۾ نٿو ويهي‘!“

خير، اها ٻي ڳالهه هئي ته اهي چارئي بزرگ انهن قومن مان هئا، جن وٽ شعر و سخن جو خانو ئي خالي ٿيندو آهي، ورنه ٻيءَ حالت ۾ خان وڏي جي اچ وڃ بعد انهيءَ سموريءَ سنگت جي ماحول ۾ هڪ تازگي ۽ رونق ضرور اچي وئي هئي. ڪيترن بزرگن کي ته پنهنجي جوانيءَ جا ڪي رنگين ۽ الهڙ حادثا پڻ دل تي تري آيا، جن جي ڪري سندن سُڪي ويل رڳن ۾ هيڪر نئين سر ساهه پئجي ويو. بدن ۾ انهن يادن سبب سيسراٽيون اڀرڻ لڳن ۽ ڇڻ ڪين ڪنهن ڪتڪتاڙي ڏئي ورتي. اڳ فقط هڪ ٻئي جو لحاظ ۽ عزت ڪندا هئا، ليڪن هاڻي، جو منجهن روح از سر نو رواني اختيار ڪئي، ته ٿورا بيتڪلف ٿي، هڪ ٻئي سان چرچا پوڳ به ڪرڻ لڳا. ڪين به ڪيترا نڪتا ۽ لطيفا اچي ياد پيا، جيڪي سالن ڪان وِٺي ، سندن يادن، جي دفتر ۾ ائين ڪنداٽتا ٿي ويا هئا، جيئن سرڪاري آفيس ۾ ٻي واهن جون لڪيڙهون هزارن فائيلن جي بوجهه هيٺ دٻجي ويندڙيون آهن.

ماضيءَ جون يادگيريون ڪين هاڻي به ايندڙيون هيون، ليڪن فقط ان وقت، جڏهن ڪو بحث ڇڙي پوندو هو ۽ ڪين پنهنجن پنهنجن تجربن جا دليل پيش ڪرڻا پوندا هئا يا مثالن سان واقعي جي تائيد يا ترديد ڪرڻي پوندي هئي، ورنه هونءَ سمورو وقت کل چرچو، پوڳ شوڳ ۽ نڙو نڪاءُ پيو هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته اچي رونشي تي چڙهندا هئا ته. خان وڏي جي قول

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطابق - سپرنٽينڊنٽ صاحب جون جهَوِٽيون (١) لاهي ڇڏيندا هئا. هر ڪا لاهٽي پٺي مٺس لهندي هئي. ڪو چوندو:

"ادا تڏهن تہ سياڻن چيو آهي تہ 'پنجابي ايڪ تہ ڏون - ڪري پاڻ، جي هونَ ڏون تہ هي جهڳا ۽ تون!'"

ٺهڪ نڪري ويندا. گهٽي گهٽي تائين وري انهيءَ مثال جي نوعيت ۽ شان نزول تي پيو بحث هلندو، مثال پيا ڏبا ۽ تجربا پيا بيان ٿيندا. ڪنهن کي وري فارسيءَ جو مثال ياد ايندو. سپرنٽينڊنٽ صاحب ڏي منهن ڪري چوندو:

" ها! خان صاحب، هي ڪيئن؟...

' ... چشم نيڪي مدار! وارو پهاڪو'؟"

اتي خان وڏو وري لفظن جي تشڪيل جون موشگافيون ڪرڻ لڳندو هو. چوندو هو:

"پنجابي ... پنج آبي" - پيا وري ٺهڪڙو ڏئي چوندا هئا: " هائو، برابر." خان وڏي هڪ ڏينهن اهو بہ ٻڌايو تہ جڏهن هن انهيءَ لفظ جي مجلس ۾ تشريح ٿي ڪئي، تڏهن سنڌ مدرسي جي رٽائرڊ ماستر هڪ فارسي شعر بہ پڙهيو هو، ياد نہ آهي، پر انهيءَ ۾ "يڪ آبيند ۽ پنج آبيند" جا لفظ هئا.

اتي آغا بدرالدين پڇندو هيس تہ:

" بابا سائين! پوءِ ڪجهہ جناب ايس. پي. صاحب کي خيال ٿيندو آهي؟" خان وڏو مشڪي ڏاڍيون معنيٰ خيز نگاهون پٺ ڏي ڪٽي چوندو هو:

" آغا ڏاڍا زوراور آهيو!"

خير، ڪڏهن ڪڏهن چرچو چوٽ بہ چڙهي ويندو هو، پر دل ۾ ڪنهن کي ڪونہ ٿيندو هو. ٻي واهہ بہ تہ ڪانہ هين، تنهن ڪري هڪ ٻئي ڪان ڪاوڙجي جدا ٿيڻ سان سندن لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. جي ڪو اتان ڇڄي، تہ پيو ڪير ڪيس پاڻ وٽ ويهڻ ڏيندو! گهر وارا تہ اڳ ئي منجهان بيزار هئا. سين لاءِ جاءِ پناهہ فقط راڻي باغ جو اهو حصو هو، جتي مالهن جي مهربانيءَ سان ڪين ٻنچون هڪ ٻئي سان لڳو لڳ پئجي مليون هيون.

* * *

خان وڏي جي شرڪت ڪان پوءِ سيئي گهٽو ڪري بهاريءَ ۾ هوندا

(١) جهَوِٽ - ڇنڇري لاهڻ، چوڏا لاهڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. هر ڪو ڪلي، ڳالهائي، خوش ٿي، گهرن ڏانهن پيو موٽندو هو. انهيءَ ڏينهن البته سيني جا ڪنڌ وري جهُڪي ويندا هئا ۽ پيهر مٿن اها ساڳي غنودگي، اندوهه ۽ آلام ڇانئجي ويندو هو، جيڪو خان وڏي جي شرڪت کان اڳ دائمي طرح مٿن مسلط رهندو هو، جڏهن سندن ڪو سنگتي حضرت عزرائيل جي جَهٽ ۾ اچي ويندو هو. عمريون سين جون انهيءَ ڪڙيءَ تي آيل هيون، جتي موت ڪي بيماريءَ يا ڪنهن ٻئي سبب اسباب جو انتظار ڪرڻو نه پوندو آهي. بس اوچتو ۽ اڻ پڇو ست لڳي، دم نڪتو ۽ جنازو قبرستان طرف رجوع ٿيو. تنهن ڪري ڪين اها سُڌ ئي نه پوندي هئي ته ڪو بيمار آهي يا ان جي حالت خراب آهي. اڄ شام جو گڏ هو، رات جو ست آئي، صبح جو جڻ همراهه هيوئي ڪونه! پنجن ڇهن ڏينهن جي مسلسل غير حاضريءَ بعد خود ئي سمجهي ويندا هئا ته لاشڪ ته رب ڏي راهي ٿيو. هڪ ٻئي جي گهرن ۾ وڃي، هڪ ٻئي سان ملڻ جو، مزاج پرسيءَ جو، حال احوال جاچڻ جو، منجهن شروع کان وٺي دستور ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته هر ڪو پنهنجي دوستن کي گهر ۾ آڻڻ کان پيو نٽائيندو ۽ ڪيٻائيندو هو. ان ۾ گهر وارا ناراض ٿيندا هئا. نوجوان نُهَرُ ته پِٽڪا ڏينديون وتنديون هيون ـ '' آيا ٿي ماريا، جڻ هچائون آهن!'' شروع ۾ هڪ اڌ کي جڏهن اهڙو تجربو ٿيو، تنهن بعد سڀ ڪنهن پنهنجي راه رسم ۽ دوستيءَ کي راڻي باغ تائين محدود ڪري ڇڏيو. اهو به هڪ مکيه سبب هو، جو ڪين پنهنجي سنگتيءَ جي '' هالاڻي'' جي بروقت خبر پئجي نه سگهندي هئي. اهڙي حادثي ڪانپوءِ به ٿي ڏينهن مسلسل خوف، هراس ۽ مايوسيءَ جو وايو منڊل پيدا ٿي پوندو هو ۽ ٻين موضوعن کان هٽي فقط عبرت پيدا ڪندڙ عنوانن ۽ سبق آموز سرخين تي ٿوري گفتگو ٿيندي هئي، جنهن ۾ پڻ رٽائرڊ سپرنٽينڊنٽ صاحب سيني کان زياده حصو وٺندو هو ـ سهٽا اعمال، فاني دنيا، منڪر نڪير، علمن جا دفتر، فنا ۽ بقا، روزو نماز، فرائض ۽ سنتون، ايمان، ايمانداري، مظلومن جي داد رسي ۽ يتيمن جو خيال رکڻ، گناه ثواب، پل صراط، روز قيامت ...

انهن موضوعن تي هو معلومات افزا ۽ نهايت مستند ۽ مدلل يعني آيتن ۽ حديثن جي پهري هيٺ واعظانه رنگ ۾ تقريرون ڪندو هو، جنهن وقت اهي نصيحتن جا نڪتا ٻڌي ٻيا سڀ ٽڏا شوڪارا ڏيڻ شروع ڪندا هئا. ان وقت رٽائرڊ ضوبيدار ـ جنهن کي دعويٰ هئي ته هن ايس. پي. صاحب جي ماتحت گهڻو وقت گذاريو آهي ـ ڪيس ڏهيءَ اک سان ڏسي، منهن ڪٽي ٻئي پاسي

جا ڪنڪ وراندي ۾ وينا آهن. هڪ آرٽسٽ شرناءِ وڄائي، جنهن جي آواز ۾ سُر سان سڄو بنگلو ڄڻ پريو پيو هو. معلوم ٿيو تہ صاحب پاڻ بيڊروم ۾ لاهور جي ڪنهن طوائف سان ”خلاصو ويٺو“ آهي. تينگر لاءِ معلوم ڪيم ، خبر پئي تہ بئي بيڊروم ۾ اهو وري پنهنجيءَ آشنا کي ورتيون ويٺو، خدا جي نعمتن جا شڪرانا بجا آڻي. ٻاهر شهنائيءَ تي مومل راڻو ۽ اندر سينڌيون ۽ سريتان! صبح جا ان وقت ڏهہ ڪن هئا، يعني عين اهو وقت، جنهن مهل ڪڙمي وڏيري صاحب جي زمينن کي هر ڏئي رهيا هئا. پيشانيءَ تان پسيني وهي اچي سندن ڪڙيون ورتيون هيون. ڏاندن تي باتا تي اُنا ۽ گهر ڏياٽيون گهرن جا ڪم ڪار لاهي، زمينن تي مانيون ۽ دڪيون لسن جون مٽن تي ڪٽي اچا هاٽي اچي وڻن جي ڇانوهرن هيٺ وينيون هيون. ڪڙمين اچا جاتان پوريون ڪونہ ڪيون هيون، جو هر مان هٿ ڪڍي اچي نيرن ڳيو وات ۾ وجهن. بنگلو محل نما هو، سهڻو، وسيع ۽ ڏاڍو سينگاريل ۽ سنواريل، ليڪن منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. مان ائين محسوس ڪيم ڄڻ ساهہ ڪٽي نٿو سگهان، ساهہ ۾ اچي سوڙهہ تي آهي. شرناءِ جو آواز ماتمي معلوم ٿيڻ لڳو. منهنجو دماغ چڪر کائڻ لڳو ۽ اکين اڳيان ائين پيو پايان، ڄڻ سڄو بنگلو زلزلي ۾ آهي. ايڏو سامان، ايترو تزڪ ۽ احتشام، ليڪن مون کي بلڪل ويران ڏسڻ ۾ آيو. ايترا خدام ۽ ملازم ۽ خواجہ سرا، ليڪن منهنجي نظرن آڏو سيئي غائب تي ويا. مان تہ هليو آيس، ليڪن اهو واقعو سالن تائين منهنجي دل ۽ دماغ ۾ هيبت پيدا ڪندو رهيو. پيءُ پٽ جي سامهون، پٽ پيءُ جي آڏو سينڌين ۽ سريتن جي ڪڇ ۾! سوبہ ڏينهن ڏني جو، جڏهن سڄ سوا نيزي تي، ڏينهن جي ڏهين بجي، دهلن دمامن، سازن ۽ شرنائن جي وچ ۾، کلم کلا، بلڪل برملا، عام جي اڳيان، خدا جو خوف تہ نهيو، پر ماڻهن جي لڄ ۽ خلق جو لحاظ بہ ڪونہ! اهڙو ناحق، ايڏو انڌير! الامان والحفيظ.

* * *

” تنهنجي ماءُ کي ...“

(چُپ)

”تنهنجي پيڻ کي ...“

(چُپ)

”اڙي تنهنجي جوءِ کي ...“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(چُپ)

"هلان موٽي ... تنهنجي سڄي پار ضبط ڪندس!"

(چُپ)

"تون دلجاءِ ڪر ..."

لنگي لاهي، فسٽ ڪلاس جي سيٽ تي رکيائين - اهڙي ئي ساڳي پشوري لنگي، ريشمي، نرم نرم، جهڙي خانبهادر جان محمد خان پٺاڻ ٻڌندو هو. وار شرعي، وچ تي سينڌ. مُٺ جيڏي سنهاري، جنهن تي راولپنڊيءَ واري وسمہ مهندي اچا اڄ جي لڳل ۽ چمبيليءَ جي تيل جو منجهس چمڪو ۽ هڳاءُ. قداور، متارو، شينهن جهڙو مڙس. نالي جي اڳيان پويان " خان" جي جز ڳنڍيل.

" شاهہ صاحب جوڙ آهيو؟"

فوراً مون ڪان منهن ڦيرائي -

" تنهنجي ... ننڍڙي ڪي ..."

( ڪنڌ هيٺ چپ)

" ... جا پٽ، رک خدا تي !"

( ماٺ جهڙي پيت)

"هلان ڳوٺ!"

(چُپ - ٻانهون ائين ٻڌل، جيئن قيامہ ۾ نمازي ٻڌن."

" ڇڙو مان کي موٽڻ ڏي ..."

(خاموشي)

- " شاهہ صاحب جوڙ آيهو؟"

وري مون تان توجهہ هٽائي -

"اڙي سوئر جا تخم ...!"

( چُپ)

" اڙي ڪچين چو نہ ٿو؟"

"جيءُ سائين!"

"جيءُ سائينءَ جا پٽ، مان کي ڳوٺ هلڻ ڏي !"

(چُپ)

" تنهنجو ڄڻ ٻچو ٿو ٻڌرايان!"

(چُپ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”... تو سمجهيو ڇا آهي، ماءُ جا ...“

(ماٺ)

ڪٽل ۽ ميرو پٽڪو مٿي سان، قميص البت ڪار جي ڏوتل، جنهن کي سوٽيءَ سان دابڙي تي رکي ڪالهه جوٽس ڏوتو هو. ڳُليءَ جي ريک بہ ڏنل، پر هڪ ڪري نہ ـ ڪٿي تمام گهٽي ، ڪٿي ٿوري ۽ ڪٿي تہ اصل ڪانہ. هيٺ تي پوتڙو، پر اڻ ڏوتل. جُتي موچڪي، ليڪن اڌوراٽي ۽ سڄي مٽيءَ ۾ پريل. گاڏي جي ڪنڌ ۾ اُيو بيٺل، جيئن ڪورٽ ۾ مجرم. ٻَئي هٿ ائين ڏُن تي ٻڌل، جيئن خدا جا نيڪ ٻانها نماز جي قيام ۾ پنهنجي خالق اڳيان ٻڌي بيهندا آهن. ڪنڌ هيٺ جيئن بيگناهہ قاتل، پوليس ٿاڻي تي خوف ۽ هراس کان، صوبيدار صاحب جي اڳيان جهڪيل هوندا آهن.

”توکي ڏسي وٺندس...“

(چُپ)

”چڙو موٽي پهچڻ ڏي ...“

(چُپ)

ـ ”شاهہ صاحب ڪاڏي ٽا وڃو؟“

”تنهنجي ڙي...“

يا الله ! سوال جي پڇڙي ۾ اهڙيءَ طرح گار ڳنڍي ڇڏيائين، جو منهنجي منهن جو پنو لهي ويو. مان خيال ڪيو تہ شايد مان بہ آوه ۾ اچي ويس. پوءِ ڏٺم تہ سوال مون کان تي ڪيائين، پر سندس اکيون گاڏي جي ڪنڌ ۾ اُبي بيٺل ماڻهوءَ تي ائين ڪٽل هيون، جيئن بگهڙ جون ٻڪريءَ تي.

”رک الله تي ... تنهنجي ....“

(چُپ)

”تنهنجي سڄي آڪهہ ...“

(چُپ)

” تنهنجون ننديون وڏيون ...“

(چُپ)

منهن ڦڪو جهڙو هيڊ؛ چپن تي ڪَڪر؛ اکين ۾ پاڻي تري آيل، جنهن کي تمام وڏي جُهدَ سان ٻاهر نڪرڻ کان روڪي رهيو هو. مٿان قطرا ڪري فرش تي پون. وڏن ماڻهن جا خيال آهن. انهيءَ کان بہ زياده ڪاوڙ نہ چڙهي وڃي.

اهو ڊرامو جيڪب آباد تائين ٻڌندو ويس. واٽ تي هڪ اسٽيشن آئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جي هڪ طرف زميندارن جا ڳاڙها پڪ سرا محل ۽ ماڙيون اهڙيءَ طرح ڳات اوچا ڪيون ۽ ڪَر ڪڍيون بيٺا آهن، ڄڻ خدائيءَ ۾ ڪنهن کي پنهنجو شاني شريڪ ڪونه ٿا سمجهن. ڪنهن تي به سندن اک ڪانه ٿي ٻڌي. چوندا آهن ته عرش عظيم سڀ کان مٿي آهي، پر هي ان کان به چار آڱر ڪسر هيون. چوڻ آهي ته ڇڙو خدا کي چوٽي آهي پيو سڀ هيچ. ليڪن هنن جي هڪ چوٽي نه بلڪ ڪيتريون چوٽيون ان کان به اتاهيون هيون: ريلوي لائين جي ٻئي طرف زميندارن جون حد نگاهه تائين زمينان جن ۾ هاري هر ٻڌيون بيٺا جاتان ڏين. سندن اگهاڙن ۽ ڪارن پٺن تي نڪتل پگهر مٿان سج جا ڪِرڻا پئي، ايڏو چمڪو اتارن ٿا، جو ڄڻ شعلا ٿا نڪرن. ريل گاڏيءَ ۾ ويٺل پيسينجرن جي اکين ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ترورا وجهي ڇڏن ٿا.

* * *

سنڌ جي ڪيترن زميندارن ۾ اهو دستور هو، جو هو پگهاردار نوڪر ڪونه رکندا هئا. گهر جو سڄو ڪم ڪڙمين جون زالون واري تي اچي ڪري وجن، ۽ ٻاهر جو سمورو ڪم ڏنڊو ڪڙمين کان وٺن - واري وٽيءَ تي اج هڪ ڪان سُيان ٻئي ڪان. غلامن وانگر زالين مردين دروازن تي پيا دلا پريندا هئا. ان کي چئبو هو ”بيگر“. جڏهن زميندار ٻاهر هلندا هئا ته ان وقت به هڪ ٻه ڪڙمي بطور ملازم جي بيگر ۾ هيون هلندا هئا. انهن جي عزت ڪانه هوندي هئي. گار گند، تڪ بجو، لعنت ملامت ، صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين قسمت ۾، ۽ ڪڙمت سان گڏ اها بيگر به سندن سر تي.

هي غريب جيڪو جيڪب آباد تائين مسلسل ، هڪ ٻئي سان لڳو لڳ، سلسليوار، بلڪل تواتر سان ماءُ پيئڻ، جوءِ ۽ ڌيءَ تي صلواتون سٽندو ٿي هليو، سو به ڪو ڪڙمي ٿي ڏٺو جيڪو بيگر ۾ هيون ويون هو. قصور ڇا هو؟ اهو غصو ڇا جي ڪري هو ؟ نه اهو معلوم ٿي سگهيو، نه مون کي ئي پڇڻ جي جرات ٿي، ليڪن مان اهو ڏٺو ته انسانيت جي تذليل جي حد هئي ۽ انسان جي مظلوميءَ ۽ محڪوميءَ جي انتها هئي. ڏاڍي ۽ هيٺي، زبردست ۽ زيردست، حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ ڪهڙو فرق مراتب ٿئي ٿو، ان جي ننگ ڏڙنگ تصوير مان اُنهيءَ ڏينهن ڏٺي، اهڙو قهر ۽ ايترو ڪيسُ مان اُتهن ڏٺو!

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دادوءَ جي ڪڪڙ تعلقي ۾ هڪ زميندرا جي اوطاق ۾ ويٺو هيس. اليڪشن هئي، ووٽ گهربا هئا. ويني حال احوال ڏنم. ڏنم تہ هڏن جي آسري تي شهر جو رولاڪ ڪتو ۽ حويليءَ جي جنڊ ڪتي، جنهن جاءِ تي ڪيتري وقت کان زبان ڪدي سهڪي رهيا هئا. اسان کان اوترو ئي پري، اُنهن کان ٿورو پريرو سرڪي، پر انهن جي ئي سنوت تي، هڪ انسان اچي ڏرتيءَ تي ويٺو. گهٽي گهٽي کان پوءِ زميندار، جنهن کي انگريز سرڪار وٽان "خانصاحبيءَ" جو لقب بہ مليل هو، پاڻ بہ وڏو تجربيڪار ، سفيد ريش ۽ تعلقي ڇا بلڪ سڄي ضلعي اندر نهايت سمجهدار ۽ وڏي عقل جو صاحب ليکيو ويندو هو، ان ڏانهن متوجهہ ٿيو:

"اڙي ڏنون ڇو آيو آهين؟"

"سائين ياءُ مرٽينگ ٿي پيو آهي. هاٺي نياپو آيو آهي تہ اچي منهن ڏسي وڃ."

گار ڏئي: ".... رونبن جي وقت رُلبو آهي ڇا!"

"سائين لاچاري حالت آهي. اڪيلو ياءُ هڪ ابي امان جو !"

وري گار ڏئي: "....... چڱو وڃ، پر ........ سياٽي موٽجانءِ، نہ تہ رونبي ۾ مزور ڇڏيندا سي."

"سائين خرچ لاءِ پنج رپيا گهرجن!"

"..... هتي پٺهين خزانو ڇڏي ويو آهي!"

"سائين لاچاري آهي."

گار ڏيندي : "..... توتي اڳ ئي تقاوي گهٽي چڙهيل آهي. اجا تازو ڏاري جو مڻ ورتو اٿئي!"

پايان گار خانصاحب جو تڪيو ڪلام هئي. هر جواب جي بسم الله گار سان ٿي ٿئي. هاريءَ هٿ ٻڌي چيو:

"خاوند سائين! هي دفعو ايسان (١) ڪيو. ڏادي لاچاري آهي. وقت اچي مٿان پيو آهي."

"چل چل ..... ڇڏ لُڙُ. اجايو مغز نہ کاءُ!"

"سائين ڀلائي ڪيو. منجهي پيو آهيان. ڪاڏنهن سٽائي کانہ ٿي ٿئي."

"..... آسودي مل ڪَان ڇو نہ ٿو وٺين؟ اهو ماٺهين جو مڙس جو

(١) "احسان" جو ديهاتي اچار.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وينو آهي!"

"سائين منهنجا ، ان بہ جباب ڏنو."

"ڪنهن بي ڪان اوڌر ورتو!"

"سڄو اوڙو پاڙو هنيو اٿم، ڪاٿهون سؤلي ڪانہ ٿي. ڪنهن وٽان پائي ڪانہ لڌي."

".... ڪارو مٿو لاهہ !"

" سائين واسطي رب جي ! هڪڙو پاءُ اٿم!"

" اڙي نڪر ...... اجايو مٿو کاڌو اٿئي!"

غريب، جنهن کي ليڙان ليڙان پٽڪو مٿي سان ٻڌل، ڪاري صدري بت تي ۽ نيرو پوتڙو سٿرن تائين هو، سو چپ ٿي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪانئيءَ سان زمين کوٽڻ لڳو، جيڪا تمام گهٽي ڇٽڪار سبب سيڪجي وئي هئي. ڪڙميءَ جو ڪم ئي زمين کوٽڻ هو، سڪل هجي چاهي سيڪيل. گهٽي گهٽي ڪانپوءِ ڪنڌ مٿي ڪري، هن زبان کولڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏاڍيءَ ڪشمڪش بعد بہ ڪي اکر هئا، جو زبان جي نوڪ تي تہ آيا ٿي، ليڪن چپن کان چري نٿي سگهيا. آخر هبڪي هبڪي، همٿ ٻڌي، ڏاڍي نيزاريءَ منجهان هڪ دفعو هو چند لفظن کي هڪ ساهيءَ ۾ ٻاهر آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو:

"ٻلا سائين، ڇڙو ڏيڍ ريبو ٻاڙي لاءِ ڏيو!"

خان صاحب جي صبر کي آفرين هئي. ايترو وقت هن سيڪجهہ ويٺي برداشت ڪيو. هاڻي ڳالهہ زور تي وئي هئي. جٽ اصل چنبڙي پيو هو:

"غلام رسول! وٺي مادر چود کي ڏاڙهيءَ کان ڪڍ ٻاهر!"

هڪ در کان خومچا مانين جا بہ ٿي ماٿهو مٿن تي کڻي اندر آيا، ٻئي در کان غلام رسول جٽ کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪيو. جڏهن غلام رسول ٻانهن مان هٿ ڪڍيس، تڏهن هن ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ چيئاين:

"اي قادر، مڙئي تنهنجا ڪيڏ آهن!"

انهن اکرن جو اسان ڇڙو پٽڪو اندر وراندي ۾ ٻڌو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت نوڪرن تي خانصاحب جي گارين جو ڏوڙيو پئي پيو:

"مادر چودئو، ڏسو ڇا ٿا؟ رکو ماني!"

گارين جي انهيءَ انبوہ ۾ اهو پٽڪو بہ گهُنجي گم ٿي ويو. جٽ جي پٽ درحقيقت چيو تہ سچ! ٻلا جي اهي سيئي ڪيڏ قادر جا نہ هجن ها، تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوند هن کي ڏيڍ ربٽي لاءِ محتاج ڇو ڪري ها ۽ اسان لاءِ ست رڇيون ڇو؟ ڳالهہ غور ڪرڻ جي قابل آهي!

* * *

اهو هو ماحول انهيءَ طبقي جو، جنهن جو خان وڏو بہ هڪ فرد هو. اهو ئي سبب هو، جو منهنجي دل ۾ خان وڏي لاءِ نہ ڇڙو محبت هئي، بلڪ عظمت بہ هئي. هو پنهنجي دؤر جو عظيم ماڻهو هو، ان ڪري جو هن پنهنجي سڄي ماحول سان بغاوت ڪئي هئي، هن پنهنجي نفس سان جهاد ڪيو هو، هن پنهنجي هٿن ۽ پيرن، اکين ۽ ڪنن سان جدوجهد ڪيو هو، وڏن ڪشالن ۽ ڏاڍن رياضتن بعد خان وڏي انسانيت جي انهن سڀني دشمنن تي فتح حاصل ڪئي هئي. انهيءَ ڪانپوءِ ئي تہ هن زندگيءَ جو سڄو سفر اطمينان قلب سان ڪلندي، ٽهڪ ڏيندي، بيت ۽ ڏوهيڙا ٻڌائيندي، لطيفا ۽ نڪتا سڻائيندي، خوشيءَ ۽ خورميءَ سان طيءِ ڪرڻ شروع ڪيو. سندس دنيا ۾ روڳ ۽ رنج ڪونہ هو، رت ۽ پونءِ ڪانہ هئي، انڌير نگري ڪانہ هئي. هر وقت چاندوڪيون، هر وقت ستارن جون سيجون، هر وقت ٿڌيون هيران ۽ هميشه ماڪيون ۽ مصريون. هو هر وقت، هر حال ۽ هر هنڌ تي بهاريءَ ۾ رهيو.

هاڻي خان وڏو اڄ ڏٺي ڏيهہ تي آهي. الله ڪندو شل اتي بہ سدائين خوش ۽ خوشحال هوندو. قسمت تي تہ پيا ميلا ٿيندا!

لنگهيا لداڻون، ڪاڪ ڇڏياڻون پوئتي،
تاتي وڃي رسيا، جاتي مومل نہ راڻون،
نہ ڪا مسجد تڪيو، نہ ڪو تڪاڻون،
تاتي تين تاڻون، جاتي مون! تون! ناهہ ڪا!

3

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻچائي ٻِهاڻُ، جن رساٽيو رُڪَ ڪي،
تن سندو ڄاڻُ، آهي آڳُرين ڪي.
ـ شاهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قصو سکر جو شروع ھو. وچ ۾ جو داستان چيڙي پيو محمد پناھہ ، عيسانين ۽ خان وڏي جو، تہ ڪٿان جو ڪٿي وڃي پھتاسين.

بحرفي، ميتوان گفتن تمناي جهاني را،
من از ذوق حضوري، طول دادم داستاني را.

اھا ڳالھہ تي ڪٿيسين تہ اگرچ ڪن زميندارن جون سکر ۾ جايون بہ ھيون ۽ ڪن جي عام آمدرفت بہ ھئي، ليڪن سکر شھر تي شھر جي ٿي قديمي باشندن ۽ پرين مڙسن جي ھلندي ۽ ھٽ پُڄندي ھئي. جنھن دور جو ذڪر آھي، حقيقت ۾ سکر سونھاري جي جواني ان وقت جوڀن تي ھئي. ان جي جوڀن ۾ بھار ۽ بھار ۾ خوشبو ۽ خوشبوءِ ۾ ھڪ قسم جي اھڙي راحت ھئي، جيڪا ھر ڪنھن جي روح کي رام ڪري ڇڏيندي ھئي. سکر کي نہ خزان جي سٽ آيل ھئي ۽ نہ ان جي ڪائنات کي ٿي ڪنھن لُٽي ويران ڪيو ھو. ماڻھو سڀئي منجھس موچارا ھوندا ھئا، خوشباش ۽ خوشدل، ڪچھرن ۽ مجلسن جا مور، ڪوڏيا ۽ سڀئي ڪمائتا. سڀئي صورتون ڏسڻ وٽان. ھڪ کي ڏسي ٻئي ڏانھن ڏس! پھرن تائين دل نہ پرجي!

سائين ڪرم عليٰ شاھہ جيلاني مناري واريءَ اوطاق ۾ ھميشه ڦڻ ڪڍيو وينو ھوندو. چار چٽا ھر وقت چوڌاري، ھتان جون ھُتان جون ڳالھيون، قصا ۽ گفتا. صبح جو ساجھر بہ دوستن جي خبر لھندو ۽ شام جو بہ سيني جي گھرن ۽ درن تي وڃي خير سَلھہ جو سڌ سماءُ لھي، دلجاءِ ڪري، پوءِ اچي جائيتو ٿيندو. سکر جو قديمي زميندار ۽ پريو مڙس. سيني سان اُٺ ويھہ، سيني سان سلاماليڪي، سواءِ ھڪ ميان عبدالله شيخ شيھن واري جي، جنھن سان اصل پوٽ ڪانہ ھوندي ھيس (١). طبيعت جو نيڪ ۽ ھمدرد، شھر جي ميونسپل جو ميمبر ۽ شھر جي سڀن معاملن ۽ مسئلن جو مُکي ۽ مھندار.

خانبھادر ميان پير بخش ڊيٽي، سفيد ريش، عمر رسيدو. چوندا ھئا

---

(١) اڳتي اھو ذڪر ايندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ جيترو وقت نوڪري ڪيائين، ان کان زياده سال پينشن کائيندي ٿيا اٿس. مان جڏهن ڏٺو ان وقت بہ صحتمند، البت اِتي ويٺي گهٽ ڪندو هو. بندر روڊ تي، عين هندن جي ڳڙهہ ۾ صبح سانجهيءَ سندس ڪچهري لڳندي هئي. صبح جو اوطاق جي ٻاهرئين ڪمري ۾، وچ ۾ سندس آرام ڪرسي ڍِگهِن ٻانهن سان، جنهن تي ڄنگهان رکي ڇڏيندو هو. هڪ طرف کان هڪ بہ کٽ ۽ ٻئي طرف کان ننڍيون ڪرسيون. سندس منهن سڙڪ ڏانهن. لنگهيندي پائيندي کي پيو ڏسندو. شام جو اوطاق جي ٻاهران سڙڪ تي اها ئي وچ ۾ سندس ڪرسي، هڪ پاسي کٽان ٻئي پاسي ڪرسيون. ايندي ويندي، هر ڪو سلامي. سڄي شهر جي ائي وائي اتي پَئي معلوم ٿيندس.

ميان عبدالغفار پيرزادو، پراڻي سکر جو بنيادي زميندار ۽ باليشٽر(١) ڪورٽن مان ڪم لاهي، هر هڪ دوست وٽان ليئو پائيندو، سار سنڀال لهندو، پوءِ وڃي گهر ڏوپهرو ڪندو. شهر ۾ ڪو جلسو ٿيندو، مسلمانن جي ڪا تحريڪ هوندي، ڪو سياسي معاملو تي پوندو، تہ پرين مڙسن وانگر نهايت خلوص سان اچي شريڪ ٿيندو. ڏاڍو مخلص ۽ حد درجي جو شريف ۽ وضعدار هو.

ميان عبدالرحمان، پيرزادي عبدالستار جو والد. شاهہ خيرالدين شاهہ بادشاهہ جي درگاهہ جو متولي ـ صبح هجي خواهہ شام، روضني جو در جهليون، اکيون قبر ۾ اٽڪايون، ويٺو ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهندو، درود هجي يا سوره ياسين، چَپ هر وقت پيا چُرندس. "دوست بہ ڪار دل بہ يار" وارو معاملو هو. جيسين جيئرو رهيو، تيسين بادشاهہ جي دروازي جي چائٺ نہ ڇڏيائين. جنهن کي ملڻو هجي، سو اتي اچي: شهر جي سيني پرين مڙسن جو پريو مڙس پيو لڳندو هو. ٿلهو متارو، قداور، سفيد ريش، چولو سٿڻ، مٿي تي مهموديءَ جي اچي ٽوپي گهر ۾ سبيل.

خان عبدالحميد خان، سنڌ جي آخري مورخ خاندان خدا داد خان جو فرزند ـ اڄ تہ اچي باقي بچيو آهي، انهن ڏينهن ۾ اچا جوانيءَ اگرچ لاڙو ڪاڏو هو، پر تنهن هوندي بہ دل ۽ جسم تي اچا جوبن هيس. سُوٽ صبح شام، لڪڻ هٿ ۾ ڪٽي، ميان حسين شاهہ سان گڏ پراڻي سکر مان هلندو، بجلي گهر وٽان ٿيندو، منگل مالهيءَ سان ملندو، ليوڪس پارڪ جو پاسو

---

(١) 'بئريسٽر' جو عوامي اُچار.

ڏٺي، مناري واري لاهي لهي، سڌو غريب آباد ۾ پهچندو. ڪڏهن پنڌ ڪڏهن ٽانگي تي، سين دوستن يارن جي خير سَلھ لهي، تازي هلي چلي معلوم ڪري، نئون سنئون ٿي، پوءِ پنتي موٽندو. گل خان واري هوٽل ۽ عبدالرحمان واري اسلامي هوٽل، اهي ٻئي سندس مک اڏا هئا. سندس چا، بلڪ ان زماني ۾ گهڻو ڪري شهر جي سين مکِ ماڻهن جي، ايندي ويندي، اٽي ويني اتي هوندي هئي. شهر جي جيڪا هلي چلي هئي، ان جي ابتدا ۽ انتها انهن ٻن اڏن تان ٿيندي هئي. سڄيءَ پاليٽڪس جي نبيڙي نچيري اتي ٿيندي هئي. انهن ٻن اڏن تي جنهن جي رسائي هوندي، اهو ئي شهر جي چوندن ۾ ڪامياب ٿيندو هو. رستي تي چٽڪار ڪري، ڪرسيون ٽيبل وجهي چڏيندا. آيو ويو اتان ضرور ليٿو پائي، پوءِ اڳتي وک کڻندو. جيترو وقت وڻيا هوندا، چانھ پاڻي ۽ سودا لمليت خواه لسيءَ جا گلاس ٻه ٻيا هلندا، ۽ قصا رفتا ٻه پيا ٿيندا. 'هندو' 'مسلمان' پاڻي ريلوي اسٽيشن تي ٻڌبو هو، پر سفيد چانھ(يعني هندن جي چانھ) جو اکر هنن هوٽلن ۾ استعمال ٿيندو ٻڌم.

ميان عبدالله شيخ شيهن وارو، ميان يار محمد پٽو، ميان اسماعيل پٽو، محمد ابراهيم سيلاٽو، قاضي محمد سومر، ميان احمد علي خان عليگ، ڊاڪٽر محمد يامين، سيٺ اسماعيل ميونسپل ڪونسلر، ماسٽر محمد بخش مرحوم، ميان غلام نبي بروهي، حاجي شير محمد گارڊ، علي بخش گارڊ، سردار محمد طاهر خان ۽ سردار محمد علي خان (١)، هاءِ هاءِ ! ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽجن! سيئي صورتون، سبحان الله، ڏسڻ وٽان! ڪي تہ رحلت ڪري ويا؛ جيڪي هوندا، سي ٻہ سمجهان ٿو تہ اڄ نہ مئن ۾ هوندا نہ جيئرن ۾. زماني جو پلٽو ڪاڌو، آسمان جو گردش ڪاڏي، قسمتن جو ڦيرو ڪاڏو، پوءِ ڪنهن جو ڪهڙو وس! اڄ زندگي جڻ سندن ڳچيءَ (٢) ۾ اڇي پئي هوندي. جيڪو سکر هنن ڏٺو، جنهن سکر جا هو ڏٽي ۽ ڏنار هئا، اڄ اهو جو ڪونہ ڏسندا هوندا، تہ ڪهڙو منهن وٺي درن ڪان ٻاهر نڪرندا هوندا!

محمد ابراهيم سيلاٽو، سکر جو معزز باشندو، پنهنجي قبيلي جو

(١) اهي ٻئي افغاني شاهي قبيلي جا فرد هئا. جيڪي سردار محمد ايوب واريءَ لڏ پلاڻ ۾ لڏي، سنڌ ۾ اچي رهيا، ۽ آخر ۾ سکر ۾ مستقل بودباش ٿين. سرڪاري پينشن ملندي هين.

(٢) زندگي درگردنم افگنده 'صائب' چاره چيست،
شاد بايد زيستن ناشاد بايد زيستن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پريو مڙس ۽ سکر ميونسپل جو دائمي ميمبر. ترڪي ٽوپي ٽاٽ واري، سفيد ڏڪ جي پتلون ۽ هلڪي رنگ جو ڪوٽ، جنهن جا ٻئي کيسا پن جي ٻيڙين سان ڀريل. صبح جو گهر کان نيرن ڪري نڪرندو. ٻيڙي جيڪا اتي دکائي هليو، بس سڄو ڏينهن پوءِ ماچيس جي ضرورت ڪا نه. ٻيڙيءَ مان ٻيڙي ٻئي هلندي ويندي سومهياٽيءَ جو، جيسين وڃي ڪٽ پيڙو ٿيندو. سڄو ڏينهن ماڻهن جي ڪم سان. ڪڏهن هِتي ڪڏهن هُتي. ميونسپل آفيس، ايسرسنگ، پوڄسنگ، چيف آفيسر، ميونسپل انجنير، ٺيڪا، ميونسپل جا ميمبر، هوٽلان، دوست، شهر جا معزز، پنهنجا ووٽر، پرايا ووٽر. ايڏو متحرڪ ماڻهو مان ٻيو ڪونه ڏٺو. مٿي بيان ڪيل لٽا، ٻيڙن جو تسلسل ۽ ڪلڻ جو اڻ ٽٽ سلسلو، اهي ٽئي ٽريڊ مارڪ ميان محمد ابراهيم سيلاٽي جا هئا. جدوجهد ۾ سندس مڪمل اعتماد هو. ڪهڙو به مشڪل ڪم ايندو، نه پريشان ٿيندو نه مايوس. هلي چلي آخر وڃي ڪامياب ٿيندو. هو پنهنجي تقدير جو پاڻ مالڪ هوندو هو. سال ٿي ويا، جو هڪٻئي کي ڪونه ڏٺو اٿئون. خبر نه آهي جئرو به هوندو يا نه. جي اڃا حيات هوندو، تڏهن به يقين آهي ته سندس اها کِل جنهن سيني جي دلين ۾ شگفتگي پيدا ڪري ٿي ڇڏي، اها هاڻي بند ٿي وئي هوندي، ممڪن آهي ته اُن هاڻي زهر خند جو روپ اختيار ڪيو هجي، طنز جو ۽ تلخيءَ جو ڏارڻ ڏاريو هجي! اُهو سکر، جو نه رهيو!!

آغا حسن علي خان سيشن جج، چيف ڪورٽ جو جج پوءِ ٿيو. ان زماني ۾ سکر شهر ۾ وڪالت ڪندو هو. شڪارپوري روڊ تي ميان فضل محمد وٽ تاس کيڏندو هو ۽ شام جو واريءَ تڙ واريءَ جاءِ جي اڱڻ ۾ چٽڪار ڪرائي، غلام اڪبر، عبدالرحيم، ۽ نواب خان ٺيڪيدار سان ويٺو ڪچهريون ڪندو هو. جوان، زنده دل، جسم ۾ جان، روح ۾ تازگي، دل ۾ تقويت. شهر جي معززن ۾ سندس شمار ۽ پنهنجي پاڙي وارن لاءِ آخري لفظ. جڏهن ڪيس جج ڪيو ويو، تڏهن سڀني ائين سمجهيو ته اها سڄي سکر جي گويا عزت ٿِي، اهو آغا جو شخصي مانُ نه آهي، بلڪ سموري شهر جو مرتبو وڌيو. هاءِ هاءِ، مسلمانن ۾ ڪيترا نه ماڻڪ ۽ موتي انهن ڏينهن ۾ هوندا هئا. سکر مردم خيز شهر هو. قحط الرجال جو اُتهن گذر ئي ڪو نه هو.

”زبدة الحڪما“ حڪيم عبدالحق، سند يافته طبيه ڪاليج لاهور، جنهن کي سندس ڪي مخالف ۽ بي تڪلف يار ”عبدالڏڪ“ به ڪوٺيندا هئا! يا الله، عجيب و غريب ماڻهو، مسڪين پر دل جو غني، مارڪيٽ وٽ گل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خان جي هوٽل کان ٿورو اورتي ساڄيءَ لائين ۾ هڪ ڪمري جو دڪان هيس، جنهن ۾ هڪ طرف کان ڪتاب، اخبارون ۽ اشتهار رکيا هوندا هئا، ۽ ٻئي طرف کان تمام پرائڻ برڻن ۽ ڪٺ ڪاڏل دٻن ۾ دوائون رکيون هونديون هيون. مثانِ ڪاغذن جون چٽڪيون ۽ انهن تي لکيل ”سرمه ضياء الابصار حقي“، ”معجون مقوي حقي“، ”معجون برائي بادي بواسير“، ”قرص برائي معده“، ”چورن هاضمه حقي“. حقيقت ۾ حڪمت جو مٿس الزام ۽ اتهام هو ۽ خود بہ غلط فهميءَ ۾ مبتلا هو. اصل ۾ هو قومي ورڪر هو. وڏو خلافتي، الوحيدي اسڪول جو تربيت يافتو ۽ هر اسلامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن. ڪو خلافتي ليڊر آيو، ڪو اهل حديث مولوي آيو، ڪو قومي ڪارڪن آيو، بس سڄو انتظام پاڻ ڪندو. هو مڙس دوالي بند، پر دوستن جو حلقو وڏو هيس. جهٽ سيئي ڪارج سِڌِ تي ويندا هئا. سکر ضلعي جا قومي ڪارڪن، خواه شهر جا قومي ورڪر سندس دڪان کي پنهنجو سجده گاهہ سمجهندا هئا، ايندي ويندي وٽس سلام پريندا هئا. مولوي وفائي مرحوم جا گهڻو ڪري سيئي ڪتاب لاهور جي ليٿو پريس مان حڪيم صاحب ڇپائي پڌرا ڪيا.

چڪ جو مشهور خلافتي ۽ قومي ڪارڪن، مرحوم ابو شوڪت حمزو، پوءِ تہ گهرو دوست ٿي ويو، ليڪن سڀ کان پهرين ملاقات ساڻس اُتي ٿي. خدا بخشيس، سنڌ جي قومي ورڪرن ۾ اهو بہ امل مائڪ هو. نج سون، مَٽَ جي رتي بہ ڪانہ. چڪ جو وينل، ذات جو مهر ، ڊگهو مڙس، سرو جهڙو سڌو قد، شڪل صورت جو ڏاڍو موچارو، ڏاڙهي شرعي ۽ پور ڪاري، جوڙيءَ جا صاف اڇا لٽا سندس جڻ خصوصيت هئا. ڪاڏيءَ جي ڳوٿري نما اڇي ٽوپي، جيڪا سندس پنهنجي ايجاد هئي ۽ سندس تائين محدود رهي؛ هٿ ۾ ٿلهو بيد جو لڪڻ، لڪڻ نہ بلڪ داسو؛ ۽ زبان تي هميشه وڏن ماڻهن(زميندارن، پيرن ۽ ڪامورن) جي مخالفت ـ اها ان ڪري، جو اُهي قوم جا ويري ۽ انگريزن جا پَنو ۽ پشتي بان هئا. مرحوم جي محاوري مطابق اُهي سيئي ”لغور“ هئا، جن جي ڪد ڪٽو ۽ کريو ڪٽي پوڻ عين ثواب هو. مولانا شوڪت عليءَ سان خاص عقيدت هيس. پٽ ڄائس تہ ان تي اهو نالو رکي پنهنجي ڪُنيت ئي ”ابو شوڪت“ ڪري ڇڏيائين، جيئن مولانا جو نالو سندس نالي جي جز بڻجي وڃي، تقرير جو چست، ۽ قومي خبرن خواهہ زميندارن جي خلاف شڪايتي مضمونن لکڻ جو ماهر. سنڌ جي سڀني اخبارن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو نامه نگار بلڪ ’الوحيد‘ ۽ ان جي پيدا ڪيل دائري جو هڪ اهم بلڪ مرڪزي ڪردار هو. مرحوم هڪ زميندار جي مخالفت ۾ اليڪشن لڙندي، نمونيا جي سٽ لڳڻ سبب (۱) جڏهن فوت ٿيو، تڏهن سنڌ جي ڪامورن ۽ سکر ضلعي جي وڏيرن دل ئي دل ۾ ڪلما پڙهيا:

”يَرَ چڱو ٿيو، الله ڪٺي جند ڇڏائي!“

- هرڪنهن يڪ زبان چيو. ليڪن قوم ۽ ملڪ جي دل مان دانهن نڪري وئي. سيني جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڪيترن ڏينهن تائين ماتم هليو. پر اهو سڀ ڪجهه انهيءَ وقت ٿيو، پوءِ سڀني ڪيس وساري ڇڏيو -- حالانڪ هو اهڙو وطن دوست سنڌي هو، جنهن جي ياد کي هر سال ياد ڪرڻ گهرجي.

مولوي عبدالرزاق، سکر تعلقي جو ويٺل، نهايت قابل، ڏاڍو سنجيدو ۽ خوشخطيءَ جو وڏو استاد. نستعليق هجي خواهه نسخ، ٻَئي جڻ موتي. خلافتي هو. الوحيدي هو. ضلعي اندر جيڪي اسلامي تحريڪون ٿيون، تن سڀني ۾ هن ڪم ڪيو. حڪيم عبدالحق وٽ ساڻس پهرين ڏيٺ ويٺ ٿي. سيد محبوب علي شاهه وٽ گهٽو رهندو هو. اسان سان به دلچسپي هيس. اسان جي ساڻس محبت هئي. مولوي وفائيءَ جا جيڪي ڪتاب ليٿوءَ ۾ ڇپيا، انهن سڀن جي ڪتابت گهڻو ڪري مولوي صاحب جي ٿيل آهي. اسان جي زماني ۾ اڌيڪ عمر کان مٿي چڙهي هليو هو. سال ٿي ويا، سڌ نه آهي ته ڪٿي آهي، هِتي يا هُتي! بهرحال جتي به هجي، خدا ڪيس عزت ۽ مانَ سان رکي، ڇاڪاڻ ته ڪيس اهي ٻئي شيون ڏاڍيون عزيز هيون.

حڪيم عبدالحق جي دڪان کان پوءِ پيو مرڪز قومي تحريڪن ۽ قومي ڪارڪنن جي اچ وڃ جو هوندو هو. ميان محبوب علي شاهه وٽ، جنهن تي، خواهه مخواهه ڪڏهن چيڙائڻ خاطر راشدي صاحب اخبار ۾ مذاقي ڪالم لکندو هو. هيڏنهن توري تيڪا ٽپٽي اخبار ۾ ڇپبي ۽ محبوب علي شاهه باهه ٿيو. لڪڻ هٿ ۾، سٿڻ جا ور اڳتي، شارٽ ڪوٽ، مٿي تي ڪاري ٽوپي ٽورو ڪن ڏانهن لڙيل، سڀني دوستن کي شڪايت ڪري موٽي اچي رُسي ويهي رهندو. جيسين وري ايلاز منٿ ڪري ڪيس پرچائبو نه، تيسين رُسامي ۾ رهندو. پر خير سَلهه جي خبر چار هر وقت رکندو ايندو.

(۱) ورڪ تان موٽي، مرحوم سرديءَ ۾ شام جو اچي وهتو. نمونيا ٿيس. 4-5 ڪلاڪن اندر نوت ٿي ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تنقيد ڪان ڏاڍو ڪيپائيندو هو. نوجوان، خوبصورت، ڏاڙهي ڪوڙيل، سنهيون مُڇان. سندس والد سردار علي شاهه پنجاب ڪان آيو هو. پهريون ٻئي وٽ ملازم، پوءِ لوهه جو ننڍو دڪان، آخر مشينن ۽ پرزن جوڙڻ جو پنهنجو ڪارخانو کڏي، چند سالن اندر جاين جو هڪ جدا محلو تيار ڪري ويهي رهيو. محبوب علي شاهه وٽ رهڻ جي به جاءِ هئي، ماني به ڪارائيندو هو ۽ جلوس ڪيرائڻ جو به ڪاريگر هو، تنهنڪري اندريون باهريون قومي يا مذهبي ليڊر، خلافتي هجي يا احراري، شهيد گنجي هجي يا نيلي پوش، ظفر علي خان هجي يا عطاءُ الله شاهه بخاري، مولانا حبيب الرحمان لڌيانوي هجي يا ڪو ٻيو عالم، الغرض جيڪو به سکر ۾ ايندو ته ان جي جاءِ رهائش سردار علي شاهه جي ڪارخاني جو بالا خانو ٿيندي هئي. محبوب علي شاهه سکر جي مکيه قومي ورڪرن مان هو، ليڪن بعض سببن ڪري هو صاحب ڪڏهن به سياست ۾، باوجود گهڻين ڪوششن جي به، ڪامياب ٿي ڪونه سگهيو، سواءِ هڪ اڌ دفعي جي، جو اتفاق سان سکر ميونسپل ۾ اچي ويو هو. اهي قومي هماهميءَ جا ڏينهن گذري ويا، زمانو پلٽو کائي ويو، سياست جون واڳون ٻين جي هٿن ۾ اچي ويون، قومي ۽ اسلامي نظريا بدلجي ويا، تنهن ڪري ڪيترن سالن کان شاهه صاحب جو نالو ٻڌڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. وچ تي جڏهن سهرورديءَ پنهنجي پارٽي ٺاهي، تڏهن وري محبوب علي شاهه جي روح سٽ ڏني هئي، ليڪن ڏاميش مال، ڪٽ ڪاڏل يا مڏا اوزار چڙو ڪپاڙن وٽ رکجي سگهجن ٿا. خود سهروردي صاحب جي به سموري سياست پُون پُون ٿي وئي.

حڪيم عطا محمد مريڙي 'المتخلص به ٽيٽڪ' - هي غريب پوئين زماني ۾ سکر ۾ آيو. مشاهيرن مان ان وقت ڪو نه هو، البت سندس وجود سکر ۾، ڪم از ڪم اسان جي لاءِ، وڏين دلچسپين جو باعث هوندو هو. شڪارپوري روڊ تان جيڪا گهٽي ڦٽي، واريءَ تڙ تي ٿي وڃي، ان ۾ هڪ ننڍو دڪان ورتائين. ابتدا ۾ خالي شيشا ۽ سگريٽن جا پراڻا دٻا وٺي دڪان پريائين. جيسين اسان هٿاسين، تيسين انهن ۾ دوائن پوڻ جو موقعو ڪونه آيو ۽ نه وري ڪنهن بيمار ئي انهيءَ طرف لاڙو ڪيو. حڪيم صاحب سڄو ڏينهن اسان وٽ رهندو هو. ايڏو مهربان، جو ڪڏهن ڪڏهن ته ماني به پاڻ پچائي اسان کي کارائيندو هو. 'مريڙي' ۽ 'ٽيٽڪ' اهي ٻَئي خطاب راشدي صاحب کيس ڏنا هئا، جن کي هن بطيب خاطر قبول ڪيو. نالو سندس گهٽو ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن کي ياد ڪونہ هو، هر ڪو ڪيس 'حڪيم مريڙي' يا 'حڪيم، ٽيٽڪ' سڏيندو هو. ڪجھہ وقت بعد ٿورو ٿورو قومي ڪمن سان سندس دلچسپي وڌي، جنهن ڪري مسجد منزل گاھہ جي تحريڪ ۾ بہ . ٽي مهينا ٽيپ ۾ بہ رهيو، ليڪن اهو حادثو ڪانئس بيخبريءَ ۾ سرزد ٿيو، ورنہ حڪيم صاحب نهايت محتاط هو. هڪ دفعي حڪيم صاحب کي اچي شوق ٿيو تہ اخبار ڪڍي. راشدي صاحب سان صلاح ڪيائين. هن جهٽ ڪيس ڊڪليريشن 'هفتيوار ٽيٽڪ' جي نالي لکي ڏنو تہ ڪليڪٽر ڪان منظور ڪرائي اچي. ڪليڪٽر ان وقت ميرچنداڻي صاحب هو. نهايت سنجيدو ۽ شاندار. هن ڪڏهن اهو نالو ئي ڪونہ ٻڌو هو. حڪيم صاحب کان پڇيائين تہ 'ٽيٽڪ ' لفظ جي معنيٰ ڇا آهي. حڪيم صاحب کي خود خبر ڪانہ هئي. آخر ڪليڪٽر حڪيم صاحب کي دروازي کان ٻاهر ڪيرائي، ٻئي ملاقاتيءَ کي اندر سڏايو. جڏهن خواجہ ناظم الدين صاحب، گورنر جنرل ٿيڻ بعد حاجيءَ مان ڦري الحاج ٿيو، ان وقت حڪيم صاحب کي بہ اچي حج جو شوق ٿيو. حج ڪري آيو، ۽ اچي "الحاج" ٿيو. اگرچ حڪومت تان لهڻ بعد خواجہ صاحب الحاج تہ نهيو، پر حاجيءَ سڏجڻ تان بہ هٿ ڪنيو، ليڪن بفضل خدا حڪيم صاحب اڄ تائين پيو 'الحاج' سڏجي. اسان جي سکر ڇڏڻ بعد، بلڪ پاڪستان بنجڻ کان پوءِ، هن اخبار ڪڍڻ جي پراڻي آرزو بہ پوري ڪئي. ٻڌو اٿم تہ انهن شيشن ۽ دٻن ۾ -- جيڪي اسان جي زماني ۾ خالي رهندا هئا. -- دوائون بہ پرجي ويون آهن ۽ حڪيم صاحب هن وقت سکر جي مشاهيرن ۾ شمار ٿي رهيو آهي.

* * *

اهو دور هندو معززن جي بہ اوج جو هو. منجهن بہ ڪيئي لکيٽان لال هئا. ڏسٽا وائسٽا، شاندار ۽ وڏي مانَ مرجات وارا. اڄ جڏهن انهن جون صورتون ۽ سيرتون ياد پون ٿيون ۽ انهن پنهنجي دور ۾ جنهن ڪردار جو مظاهرو ڪيو، ان جي يادگيري اچي ٿي، تڏهن جڻ سچ پچ تہ ڪنهن دل ۾ چهنڊي پائي ورتي، سخت دک ۽ درد ٿئي ٿو! اگرچ انهن مان ڪيترا اسان جا سياسي مخالف هئا، ليڪن ان هوندي بہ اڄوڪن "دوستن" کان اخلاق ۽ عادتن ۾، مروت ۽ مرجات ۾، لڄ ۽ لحاظ ۾ هزار مرتبا اعليٰ، افضل ۽ ارفع هئا.

ديوان پوچسنگ پهلاجڙاءِ . شاندار مڙس، ڪينچيءَ سان ڪتريل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنھارو، مٿي تي ميرانٽي ٽوپي، ھيٽ تي انگريزي سوٽ، شڪل صورت ۾ نمڪ، اکين ۾ حياءُ ۽ حجاب، ٽالپري دور جي ڪنھن پرئي مڙس جي پيو ڏِک ڏيندو. مسلمانن سان اٿي ويٺيءَ ۾ پائرن ڪان وڌيڪ. دشمني بہ ڪڏھن ڪانہ ڪيائين. سنڌ جي پھرينءَ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ سنڌ جو نامي وڪيل. اسپيڪريءَ جي زماني ۾ سکر ۾ فوت ٿيو.

ديوان بھادر ايسرسنگ - ڊگھو، پورو ۽ ڏاڍو سھڻو، سفيد سنھاري نقط ڪاڏيءَ تي. وڏو وڪيل، ميونسپل جو پريزيڊنٽ، مسلمانن جو گھرو دوست، ڪو بہ پيد ياءُ منجھس ڪونہ. لٽا انگريزي پائيندو، ليڪن ڏاڍا قيمتي ۽ سھڻي سيبي جا. ڪراچيءَ ۾ ڪم سان آيو، رات جو دل جي دوري ۾ فوت ٿي ويو. صبح جو اطلاع مليو. سندس لاش تي وجي بيٺاسي.

ديوان صاحب سنگ آڏواڻيءَ جي ذڪر اذڪار لاءِ تہ نہ ستون نہ صفحا بلڪ دفتر درڪار آھن. ڊولڻ، ڏاڍو ناھوڪو مڙس. اٿي ويھڻي، لٽين ڪپڙي جنسي انگريزي لارڊ. جنھن طرز ۽ طريقي تي صاحب سنگ رھيو، جنھن نموني ۽ قيمت جا ھن لٽا چوڙيا ۽ ماٺيا، سکر تہ خير، پر سڄيءَ سنڌ ۾ ڪنھن کي مجال ڪانہ ھئي. ھندن سان گھٽ پيل ھوندي ھيس. دوستي رکندو ھو تہ فقط مسلمانن سان. مزاج جو ڏاڍو شگفتہ ھو. ويٺو ھوندو ھو تہ ويٺو کلائيندو، لطيفا ٻڌائيندو، ھر ڪنھن تي ويٺو لاھڻيون لاھيندو. معمولي ماجسٽريٽ تہ خير، انھن ۾ تہ اک ٻُڌ ڪانہ ٻڌندي ھيس، سيشن جج جي ڪورٽن جا قائدي دانيءَ ۽ آڏنِ پچائن ۽ تقريرن جي ذريعي ٽين ڪڙڪائي ڇڏيائين. انگريزي زبان تي نہ ڇڙو قدرت ھيس، بلڪ پردي جي اندر ويٺو ڳالھائيندو تہ ھر ڪو سمجھندو ڇڻ انگريز پيو ڳالھائي، ايڏو اچار صحيح ۽ سھڻو! ھندستان پھچي، ويچارو وقت کان اڳ فوت ٿيو.

ديوان بسنت رام، سکر ميونسپالٽيءَ جو آخري شاندار پريزيڊنٽ - نوجوان، دل جو سٺو، صورت جو نيڪ ۽ سيرت جو ڏاڍو سباجھو. پھريون فقط وڪيل ھو؛ پوءِ ديوان صاحب سنگ کي شڪست ڏئي ميونسپل اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمين ٿيو؛ ان ڪان پوءِ جڏھن ديوان بھادر ايسرسنگ صدارت ڇڏي، تڏھن ھي پاڻ پريزيڊنٽ ٿيو. ھندن جو ليڊر ھو، ليڪن مسلمانن جو يار غار. پريزيڊنٽيءَ جي زماني ۾ مسلمانن سان جيڪي وڪان بسنت رام ڪنيون، سي سکر جي تاريخ جو ڇا، بلڪ سڄيءَ سنڌ جي ھندو - مسلم ايڪتا جو سونھري باب آھن. دوستيءَ ۾ ايترو مستعد، سچو،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ سرگرم مان پنهنجي زماني ۾ هندو خواه مسلمان ڪونہ ڏٺو. دوستي ٿي، تن من ڌن لٽائي ڇڏيندو . ان ۾ تخصيص ڪانہ، هندو هجي تہ ڇا، جي مسلمان هجي تہ ڇا. دوست سيئي سندس اکين جو نور ۽ دل جو سرور هئا. جڏهن ميونسپل ڏي هلندو هو، تڏهن جيترا هندو سندس ڪڍ هوندا هئا، انهيءَ ڪان وڌيڪ مسلمانن جو تعداد ساٿس گڏجي هلندو هو. سيئي سوالي، سين جا منجهس ڪم. ’حاضر سائين!، ’حاضر بابُو!‘ سيني سان ڪندو هلندو. اخبار نويسيءَ جي زماني ۾ اسان تي ويهان ڪيسن جون ٿيون. دوستي هئي، تنهن ڪري ديوان جو فرض ٿي پيو تہ مفت وڪالت ڪري. ڀاڙا ڀتا، خرچ پکا سڀ پنهنجا. ڪيترا احسان ڪيائين، ليڪن پڇاڙيءَ تائين هڪ احسان جي لاهڻ جو بہ موقعو اسان کي نصيب ڪونہ ٿيو، ۽ آخر سکر ڇڏي هندستان هليو ويو!

راءِ بهادر ڪندن داس، قد بت جو مختصر ۽ نهايت نازڪ ۽ نفيس، طبيعت جو نرم ريشم جهڙو، دل جو سڀاجهو، ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏاڍو دلچسپ ۽ وڻندڙ. ڪڏهن سياست ۾ ڀاڱو نہ ورتائين. پنهنجي وڪالت سان ڪم ۽ دوستن سان ڪچهريون. پوڙهو هو، جو هندستان هليو ويو.

پراڻي سکر جو مکي هيرانند، ڊگهو جهڙو سرو، ٺاهوڪو موٽيل مڙس. انگريزي لٽا پائي، مٿي سان بنارسي پڳڙي، هر روز بگيءَ ۾ سکر پراڻي کان نئين سکر ايندو. گهمي ڦري وري موٽي وڃي جائيتو ٿيندو. انهيءَ زماني ۾ سکر ۾ بہ خانگي بگيون مشهور هيون: هڪ سائين ڪرم علي شاهہ جي ۽ ٻي مکي صاحب جي. ياد نہ آهي، ليڪن اسان واري زماني ۾ ئي گذاري ويو هو! مرٽي پرٽي، پٽ ڀاڄيءَ ۾ مسلمانن سان همدوش ۽ همرڪاب.

اهي بزرگ ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا جوان، اڌيڙ خواهہ پوڙها، انهيءَ دور ۾ سکر منجهہ موجود هئا. اگرچ اڄ سندن نالا دل تان لهي ويا آهن، ليڪن سندن ڳالهيون، سندن ڳڻ، سندن صورتون ۽ سندن ڪارناما اڄ بہ دل جي ڦرهيءَ تي لکيل ۽ ذهن جي خزاني ۾ محفوظ آهن.

* * *

سکر ۾ اهي ماڻهو ۽ مشاهير هئا، جن جي طفيل شهر تي جوڀن هو، بهاري هئي، ۽ سڄي سکر ۾ هڪ زندگي ۽ هڪ چرپر هئي. هرڪو ربان ڪيان، خوشحال ۽ خوش خيال، اهڙن فرحتن ۾ ڇڻ هميشه عيدان ۽ براتان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. رستن، سڙڪن، رندن ۽ راهن جي رونق ڏسي، ايندو ويندو خوش ۽ ڪلندو ڏسي، ائين پيو ڀانئبو هو ڳويا شادِن جون براتان آهن. جيڪي شهر جي چئن ئي ڪندن ۾ هلن پيون. شڪارپوري روڊ جي ڦوهہ جواني هئي. سيروءَ جو چونڪ ڇا چئجي! ٺلهي جي رونق ڏسي، روح ۾ ٻيَي تازگي ايندي هئي! آزاد ميدان، معصوم شاهہ جو منارو، ليوڪس پارڪ، نم جي لاهي، سٽي ڪورٽ جي لاهي، شاهي بزار، والس گنج، مارڪيٽ وارو ميدان، روهڙيءَ جي پل ۽ براج جي پل، اهو ڪهڙو هنڌ هو، جتي صبح سانجهيءَ مائهن جا ميلا نہ هوندا هئا! بندر روڊ، سکر جي لئنسڊائون برج کان وٺي براج جي پل تائين، شام جو ڏسڻ وٽان هوندو هو -- خاص طرح اهو حصو، جنهن ۾ سکر جا شاهوڙ ٻڌا واپاري، ٺلها پيٽ ڪڍيون، ڌوتيءَ جو پلؤ پاسي ڪيون، صندلن تي طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيون، پيا چلم جا ٻڙڪا بہ ڇڪيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن غير ضروري هوائون بہ پيا خارج ڪندا هئا. سڄي ڏينهن جي واپاري أني وائي، اگهن ڀاڙن جا نچيڙا نبيرا بہ اتي ٿيندا هئا. سامهون درياهہ جي ٻئي ڪناري تان روهڙيءَ جي باغن مان ڏکڻ جون هيران هلنديون، سنڌوءَ جي سير سان پاڻ کي ڇُهنديون، لهرنِ ۽ چولِن سان اک ٻوٽ ڪنديون، سڄي بندر روڊ کي اچي ناريندون. جيئن سج لڪندو ويندو، تيئن جهوتا جهولڻ لڳندا، تان جو سج لٿو ناهي ۽ سڄو بندر روڊ ڇا پر سمورو شهر يخ ٿي ويندو. هر ڪنهن حو روح ريان ڪيان، سيڪنهن جا لڱ نري پوندا، سڄي ڏينهن جي ڪـ ـام ڪري ويندي ۽ هر ڪو تراوت ۾ اچي ويندو.

* * *

جڏهنْ سکر ني جوڀن هو، تڏهن مرحوم "نياز" جي شعر و سخن تي بہ جواني هئي -- ڇڙي جواني نہ پر ڦوهہ جواني! پاڻ بہ جوان تہ شعر بہ جوان، خيال بہ جوان تہ نظر بہ جوان، سکر کي پنهنجي انهيءَ جوڀن واري زماني ۾ "نياز" جي جوان شعرن جي جوت جهڻ جو موقعو ميسر ٿيو.

پڑهندڙن کي.ضرور خيال هوندو تہ اصل قصو شروع ٿيو هو. "نياز" مرحوم جي قضيي جو، هي ٻيون سوين ڳالهيون وچ ۾ ڪٿان اچي ويون، ليڪن چوندا آهن:

خوشـــتـــران بـــاشـــد کـــه ســـر دلـــبـــران،
گـــفـــتـــه آيـــد درحـــديـــث ديـــگـــران.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سو جيسين ’حديث ديگران‘ نہ ٿيندي، تيسين ’سر دلبران‘ سٺئون ئي نہ ٿيندو. ازان سواءِ اهي سڀئي داستان بہ تہ پنهنجن جا ئي هئا! دوستن جا، شاعرن جا، ڏتلن جا، وائنلن جا، لاڙڪاڻي جا قصا، سکر جا داستان، انهيءَ دور جو سڄو ماحول، حال ۽ احوال، منظر ۽ پس منظر، جنهن ۾ ”نياز“ هو، جنهن ۾ ”نياز“ شاعري ڪئي، جتي ۽ جن سان ”نياز“ رهيو -- آخر جيسين انهيءَ سموري دور ۽ عهد تي نظر نہ ڪئي ويندي، تيسين سندس شعر جي محرڪات جو پتو ڪيئن پوندو! ”نياز“ جي شعر ۾ جيڪو رس ۽ راز آهي، جيڪا جواني ۽ امنگ آهي، ان جا اسباب ڪيئن معلوم ٿيندا! ڪهڙن سنگتن ۽ ڪهڙن ساٿين ۾ سندس عمر گذري! انهيءَ زماني ۽ انهيءَ دور ۽ انهيءَ سمي جو ڪهڙو رنگ روپ هو! اهي سڀئي تصويران ضرور ذهن ۾ وهارڻيون آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن ’سر دلبران‘ درڪار آهي، تہ ’حديث ديگران‘ کان سواءِ نہ چارو نہ چاڙهو آهي. ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ”نياز“ جي فقط سوانح بيان ڪرڻي هجي تہ هوند اها تہ چند سٽن ۾ بہ پوري ڪري سگهجي ٿي -- مثلاً:

’نواز علي نالو، ”نياز“ تخلص، والد جو نالو محمد آچر، اصل لاڙڪاڻي جو وينل، 18 آڪٽوبر 1892ع ۾ ڄائو ۽ 12 نومبر 1959ع جو نوت ٿيو. پهريون لاڙڪاڻي مدرسي ۾ ماستر ٿيو. انهيءَ وقت، جنهن وقت ڊاڪٽر دائود پوٽو اتي 3-4 درجي ۾ هو ۽ محمد ايوب کهڙو بہ ٽئين درجي ۾ هو. اها نوڪري ڇڏي، ”نياز“ پوءِ روينيو کاتي ۾ آيو ۽ ترقي ڪري وڃي مختيارڪاريءَ تي پهتو، جتان آڪٽوبر 1947ع ۾ رٽائر ڪري، اچي گهر ۾ مڪين ٿيو‘

بس اها نياز جي سوانح آهي. بلڪل معمولي ۽ عامي، جنهن ۾ ڪوبہ ور وڪڙ ڪونہ. بلڪل سنئين سڌي. جي شاعري نہ ڪري ها، تہ ڏانهس ڪير توجهہ ڪري ها؟ ڪنهن کي پَئي آهي، جو لاڙڪاڻي جي نواز علي ڏي ڌيان ڏئي؟ ڪيترائي آچر خان ٿيا هوندا، جن کي ڪيئي نواز علي ڄاوا هوندا! هزارين مختيارڪار ٿي مئا هوندا! ڪنهن کي ڳتي پئي آهي، جو انهن کي ويهي ياد ڪري! زمانو ڪنهن جو يار ٿورو ئي آهي. هي نواز علي ”نياز“ هو. سنڌيءَ جو شاعر هو ۽ اسان جي فنڪارن ۾ چوٽيءَ جو فنڪار هو، تنهن ڪري مون کي ضرورت پَئي آهي، جو سندس ذڪر وٺو ڪيان - سندس ڇا بلڪ سندس شاعريءَ جو، ۽ انهيءَ ڪري ئي لازم آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ سندس دور جو خاڪو پيش ڪجي، يعني سندس شاعريءَ جو پس منظر سامهون آڻجي.

* * *

الغرض، سکر جي اهڙي روح پرور ۽ راحت رسائيندڙ دور ۾، جڏهن تہ اڃا نہ ڪنهنجي دلين تي داغ رسيا هئا، نہ ڪنهن جي سيني ۾ سوزش پيدا ٿي هئي، نہ اڃا ڪنهن کي ڏک ۽ سور ئي رسيو هو ۽ نہ انهن ڏکن ۽ سورن ناسور جي شڪل اختيار ڪئي هئي - سيڪو خوش ، ريان ڪنيان، ڪنهن کي ڪنهن جي ڳڻتي ڪانہ - اسان (١) کي اڄي خيال ٿيو تہ ڪو وڏو مشاعرو ڪرائجي. محمد اسحاق خان مرحوم بہ هائو ڪئي. ڪن سنگتن بہ دل ڀڏرائي. البت نظر علي خان ٽپيءَ ۾ اچي ويو. هيو مڙس دور انديش ۽ دور رس. لاڙڪاڻي جا شاعر بہ اچڻا هئا. انهن جي رهائڻ، ماني ڪارائڻ ۽ خدمت چاڪريءَ جو بہ معاملو درميان هو، سو بنان سوچي سمجهي جي ائين هائو ڪرڻ سندس پاليسيءَ موجب سراسر ناعاقبت انديشي هئي. ڪيترن ڏينهن جي صلاح مشوري پڄاڻان جڏهن مهانن جي رهائڻ ۽ کارائڻ جو بار ٻين جي ڪلهي تي پئجي ويو، تڏهن آغا صاحب مرحوم وڏو ٿهڪ ڏئي فرمايو تہ:

”آغا منهنجا! واه جو ليءِ ٽينديءِ!“

بظاهر تہ مشاعري جي تحريڪ جو مجازي سبب اهو ئي هو تہ سکر جي ماحول ۾ مشاعرا ڪرائي، هڪ ادبي ذوق پيدا ڪجي؛ ليڪن در پردي جيڪو حقيقي سبب هو، سو ڪو اور هو. پڙهندڙ وري خيال ڪندا تہ وري وچ ۾ پيون گهوبيون لڳن! پر ڇا ڪجي، جيسين اصلي قصي جا سيئي پهلو بيان نہ ڪجن، تيسين ڳالهہ نہ مڪمل ٿئي ٿي، نہ رس رکي بيهي ٿي.

دراصل قصو هي آهي تہ انهيءَ زماني ۾ سکر جي خوجن واري پاڙي ۾ هڪ نهايت ئي حسين ۽ جميل جوانڙو رهندو هو. جنهن لاءِ نظر علي خان جي راءِ هئي تہ قبول صورت آهي ۽ اڃا ’شڪر پشم (٢)‘ ڪو نہ ٿيو آهي،

(١) جتي مون جمع جو صيغو استعمال ڪيو آهي، اتي مراد اسان ٻن ياٽرن مان آهي: راشدي صاحب ۽ راقم.

(٢) اهو اصطلاح نظر علي خان جي چوڻ مطابق نسلي لحاظ سان افغاني الاصل آهي، يعني نيٺ پٺاڻڪو. ’شڪر پشم‘ انهيءَ ڇوڪر کي چئبو آهي، جنهن کي اڃا ريخ نہ لٿي هجي، بلڪہ ڳلن تي ڇڙي ساول هجي، جنهن کي ايراني عاشق ’سبزه خط‘ چوندا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطلب تہ مجاز ڪمائڻ جي بلڪل مناسب ۽ موزون آهي. ”سنڌ زميندار“ جي دفتر ۽ ”سنڌ زميندار“ جي اداري سان انهيءَ ڇوڪر جا تمام گهرا تعلقات هئا. خدا بخشيس، نظر علي خان مرحوم جيتوڻيڪ سخت متقي ۽ پرهيز گار هو، تاهم طبيعت جو بہ ڏاڍو شگفتہ ۽ زنده دل هو. ڪنهن دلپسند ڇوڪر سان دوستي رکڻ يا ان ۾ دلچسپي وٺڻ ۾ ڪيس ڪوبہ اعتراض نہ هو، نہ ان ۾ ڪيس ڪا قباحت نظر ايندي هئي. باقي رهي لوڪ لڄا، سو جيڪڏهن نيت نيڪ آهي، تہ ان جو پڙ پولو نہ آهي. جڏهن نظر علي خان انهيءَ مسئلي جي جواز ۾ تقرير ڪندو هو، تڏهن تصوف جي سموري تاريخ آڏو اڳيان رکندو هو. ”مجالس العشاق (١)“ کان وٺي ”مونس جان (٢)“ تائين، ’لسان الغيب‘ جي ’ترڪ شيرازيءَ‘ کان وٺي مولانا جاميءَ جي:

بلوح اول، الف بي تا نخواني
ز قرآن درس خواندن کي تواني -

تائين وڃي پهچندو هو. مرحوم کي بلڊ پريشر جي شڪايت هئي. جڏهن اهو نوجوان دروازي کان ايندو هو، ان وقت جذبي ۾ خون جي حرارت وڌي ويندي هيس ۽ سڄو چهرو سرخ ٿي ويندو هيس. ان وقت مرحوم جي منهن تي جيڪا مرڪ نمودار ٿيندي هئي، سا سندس دل جي سچي نمائندگي ڪندي هئي.

* * *

’لسان الغيب‘ جو نالو اچي ويو آهي تہ پيو هڪ قصو بہ دل تي تري آيو آهي. جڏهن مجاز جي ساز تي تنهن لڳو آهي، تہ ڪجهہ پيو بہ پڌي وٺو. موقعو اهو ٿي آهي، ان کان پوءِ وري نوان سوان ٿي اڳتي الاتهار ڪنداسي.

”سنڌ زميندار“ جي دفتر مٿان هڪ هندو وڪيل رهندو هو، جنهن جو ڇوڪر بہ قيامت کان ڪم ڪونہ هو. ڏاڍو مليح چهرو، ڳالهائڻ ۾ ميناج، هلڻ ۾ هڪ ادا، نڪ نقشو سهڻو، وار ڏايا وٽنڊڙ. انهن جون ڪجهہ چڳان هميشه پيشانيءَ تي پيون لهر هٽنديون هيون. درحقيقت وارن جي انهن ٿي چند چڳن سڀ کان پهريون نظر علي خان جي نگاهن کي ڇڪيو، ورنہ

(١) شاهہ حسين بايقرا (متوفي 911هہ) سان منسوب ٿيل ڪتاب، جنهن ۾ صوفياءِ ڪرام جي معاشقن جا مزيدار قصا لکيل آهن.

(٢) حضرت ابوالمعالي لاهوري (متوفي 1024هہ) جو ننڍڙو رسالو، جنهن ۾ پڻ مجاز جاڪي قصا ڏنل آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيس ايڏنهن خواب و خيال ۾ ڪونہ هو تہ ڪو مجاز جي مارن پيو دام ۾ ٻنهي ئي وٽ پاسي ۾ وڃائي ڇڏيو آهي!

معاملو هندن جو هو، جن کي نظر علي خان سان دلچسپي تہ ڪانہ، پر مورڳو ئي ڪانئس پرهيز هئي. آخر وڏي جدوجهد بعد چوڪر جي ٻيءَ سان سنگت رکيائين. ان ڪان پوءِ ڪيس ان تي آماده ڪيائين تہ چوڪري کي انگريزيءَ سان گڏ فارسي بہ پڙهائي، جنهن جي ٽيوشن جو ذمو محض دوستيءَ ۽ پاڙي جي لحاظ خاطر نظر علي خان پاڻ تي هموار ڪيو. تير نشاني تي ويٺو، ڊاءُ پورو لڳو، بازي جيتجي وئي.

بمڪتب مير ود طفل پريزاد،
مبارڪباد مرگ نو بہ استاد.

درس جي شروعات حافظ جي هيٺئين بيت سان ٿي:

ڪي دهت دست اين غرض، يا رب! ڪه همدستان شوند،
خاطر مجموع ما، زلفِ پريشان شما.

"همدستان"، "خاطر مجموع" ۽ "زلف پريشان" جون معنائون مختلف صورتن ۾، ور ور ڏيون نظر علي خان پيو سمجهائيندو هيس. اڄ انهيءَ واقعي کي سال ٿي ويا. نہ اهو چنديرام رهيو، جنهن کي پيار مان اسان سڀ "چندو" سڏيندا هئاسي، ۽ نہ اهو آغا مرحوم ئي رهيو. اڄ جڏهن اهو منظر ياد پوي ٿو، ته دل جي ڳچ ڳريو تا پون - ڪهڙي نہ نادر نموني پيو سمجهائيندو هيس! پڙهائڻ ۾ ڪيتري نہ طوالت ڪندو هو، جيئن پل ڪجهہ وقت وٽس ويٺو رهي. ڪهڙي نہ مٺس ڪيفيت هوندي هئي؛ ڪيترو نہ سندس مٿان رعب ڇڙهيل هو؛ ڪيئن نہ تمنائن پريل اکيون مٿي ڪٽي وري جهٽ ۾ حجاب ڪان هيٺ ڪري ونندو هو. يڪساهيءَ چندوءَ جي چهري کي ڏسڻ جي نڪا سندس اکين کي توانائي هئي، نہ سندس دل کي همت هئي. مطلب تہ سندس عالم ڏسڻ وٽان ٿيندو هو. ان وقت تہ ڪلندا هئاسي، ليڪن اڄ چڻ ڏک پيو ٿئي. "حافظ" جي انهيءَ غزل جا شعر جڏهن مرحوم سُر ۽ سوز سان پڙهندو هو، ان وقت تہ نہ ڇڙو سندس دل ۾ محشر ۽ ماتم هوندو هو، ليڪن اسان بہ ان جي صداءِ بازگشت پنهنجن ۾ پيا ٻڌندا هئاسي. چوندو هو:

عزم ديدارِ تو دارد، جان برلب آمده،
باز گردد يا برآيد، چيست فرمانِ شما؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل خرابي ميڪند، دلدار را آگهہ ڪنيد،
زينهار، اي دوستان! جانِ، من و جانِ شما!
گرچہ دوريم، ازبساطِ قربَ همت دور نيست،
گرچہ دوريم، ازبساطَ قرب همت دور نيست،
بنده شاه شمائيِم و ثنا خوان شما.
دورداراز خاڪَ و خون دامن، چو برما بگذري،
ڪاند رين ره، ڪشته بسيار ند قربان شما.

نظر علي خان جي انهيءَ مجازي مڪتب مان چوڪر ڪي جيڪڏهن پٽس جلد اٿاري نہ وجي ها، تہ نہ ڇڙو 'مديرن' بلڪ "سنڌ زميندار" جي 'سر دبيرن (۱)' جو جهڳو بہ جهڻ ٿي وڃي ها.

خير اهو واقعو تہ پوءِ جو آهي، جڏهن جاءِ جي مالڪ ٽن سالن جي مسواڙ جي اسان تي دعويٰ ڪئي ۽ اسان سيلاٽن جي پاڙي واري جڳهہ خالي ڪري، انهيءَ جاءِ ۾ وڃي ويناسي، جتي وچين دروازي جي مٿان مرحوم "سنڌ زميندار" جو اهو ئي غالباً پراڻو بورڊ اڄ بہ لڙڪي رهيو آهي ۽ سالن ۽ ايامن پڄاڻا اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن هوا جي جهوٽن تي ڪڙڪي، ايندڙ ويندڙ جو توجهہ پاڻ ڏي ڇڪائي، زبان حال سان پيو پڪاري:

وه جو بيچتے تے دوائے دل وه دڪان اپني بڙها گئے

* * *

اهو قصو تہ موقعي جي مناسبت سبب وچ ۾ اچي ويو. اصل ڳالهہ مشاعري جي سلسلي ۾ ڇيڙي هئيسي انهيءَ چوڪر جي، جيڪو خوجن جي پاڙي ۾ رهندو هو. نظر علي خان جي ساڻس بہ ڏاڍي دلچسپي هئي. هڪ طرف ڪيس ڏسي، سندس دوران خون تيز ٿي ويندو هو، ۽ ٻئي طرف جيسين هو وينو هوندو هو، تيسين پاڻ نماز لاءِ بہ ڪو نہ اٿندو هو. اهڙن ئي وقتن تي اسلام جي ڏنل سهولتن مان مرحوم فائدو وٺندو هو. اها بہ تہ وڏي سهولت هئي، جو نماز قضا پڙهي سگهجي ٿي! نظر علي خان جي ايتري انهماڪ

(۱) انهيءَ دور ۾ مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش مرحوم ۽ مرحوم چراغ حسن حسرت پهريون "شهباز" پوءِ "احسان" ڪيءِ، جنهن تي بجاءِ ايڊيٽر جي لکندا هئا "مدير"، "سر دبير". "انقلاب" اخبار ۾ هوندو هو "اداره تحرير". اهي اصطلاح "الهلال" کان پوءِ انهيءَ دور ۾ هنن لاءِ مخصوص ٿي ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوندي به چوڪري جي پنهنجي اها دعويٰ هوندي هئي ته هن جي دوستي محض راشدي صاحب سان آهي ۽ هو پريس ۾ جيڪو اچي ٿو، سو فقط ساڻس ملڻ. ٻين سان سندس ڪلي ڳالهائڻ ٻوڙو اخلاقاً آهي. چوڪر جي انهيءَ دعويٰ کي جناب راشدي صاحب به رد ڪونه ڏيندو هو. دلين جو ڀارڪو ته آهي الله، ان کي خبر ته اصل معاملو ڇا هو.

اهو ڇوڪرو هڪ ته پنهنجي سر ٿي وڏو فتنو هو، ويتر ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو ۽ پڙهندو به ڏاڍو لِيءِ ۽ انداز سان هو. اهو ٿي ته سبب هو، جو ”الوحيد“ ڪان پوءِ مسلمانن جي نمبر ٻئي قومي اداري جا اهلڪار مجاز ۾ مبتلا ٿي پيا هئا. سکر ۾ مشاعري سڏائڻ جو حقيقي سبب هو اهو ڇوڪر. اصل ۾ هن کي ٿي پنهنجي حسن صورت ۽ حسن ڪلام جو مظاهرو ڪرڻو هو، جنهن ڪري اسان سيني آل سنڌ مشاعري جو وٽي مامرو مچايو.

تاريخ جو اعلان ٿيو؛ دعوتون ڏجي ويون؛ انتظاميا ڪميٽي ٺهي وئي؛ رهڻ ۽ کائڻ جو بلو ڪيو ويو؛ هڪ ڏينهن اوچتو نظر علي خان سڙان ڪامان ڪندو اچي مٿان بيٺو. ڇپن تي خشڪي، منهن تمام گنڀير، اکين ۾ سرخ ڏورا، ٽوپي هڪ طرف، ڪوٽ ٻئي طرف، جتي پيرن مان لاهي، آرام ڪرسيءَ تي ڪري پيو. چي:

”خدا جي مار پويوَ! ڇوڪر دوست اوهان جو، وچ ۾ ويل مان مسڪين سان ٿي ويو!“

اسان سڀ واٺڙا. جڏهن ٺريو، تڏهن معلوم ٿيو ته لاڙڪاڻي جا نه فقط سيئي شاعر ٿي آيا، بلڪ ڪيترا ٻيا معزز به اچي رهيا هئا. ڳوٺائي جو آيا ٿي، سو ٻيو نه، تڏهن به چانهه پاڻي ڪرڻ ته نظر علي خان کي ضرور جڳائيندو هو. جي نه ڪري ته عمر لاءِ ڪنڌ هيٺ، مهٽيهاب، اکيون سدائين لڄي! بس اِهو هو اُهو ويل، جنهن جي ڪري نظر علي خان آرام ڪرسيءَ تي پاڻ ڇڏي، سنئون ٺئون ٿي پيو هو. اها اصل شناخت هئي انهيءَ ڪنجوسيءَ جي، جنهن کي مرحوم اصراف نه ڪرڻ واري شرعي دفعي هيٺ آڻي، جائز بلڪ لازم ٻڌائي ڇڏيو هو. ڪنجوسيءَ جو قصو آيو ته ان جو تفصيل ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ واجبي آهي، پوءِ ٿا اڳتي وڌون.

اسان وٽ پريس ۾ بورچي ڪونه هوندو هو. ان جي ڳگهار جو مسئلو ته، پوءِ چڙي -- ڦريون ته اسان مانيءَ تي جڏهن ايترو خرچ ڪيون، جنهن لاءِ بورچيءَ جي ضرورت پوي! ڪڏهن تورن جي پاچي، ڪڏهن سائي پالڪ ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ هربو بہ گڏيل. ڪڏهن روح سٽ ڏئي تہ مربڙي جي مٺ -- انهن ڀاڄين سان ڪڏهن ماني تہ ڪڏهن چانور. مانيءَ جي انهيءَ مينو جو نالو آغا صاحب رکيو هو ”نيم نان صحت جان“. اهڙي مختصر معاملي لاءِ ڪهڙا ويهي بورچي رکجن! ڪڏهن آغا صاحب پاڻ ۾ تيار ڪري وٺندو هو ۽ ڪڏهن مان. ڪنهن وقت ٻئي ڪم ۾ هوندا هئاسي، تہ ڪنهن ڪمپازيٽر جي ذريعي سرانجاميءَ جي صورت نڪري ايندي هئي. دراصل روح تہ آخر انساني هو، پيٽ تہ نيٺ ٻين ماڻهن جهڙو هو، نفس ڪي بہ اهي ئي خواهشون هونديون هيون جيڪي ٻين جي نفس ڪي ٿين ٿيون، دل بہ اها ئي سڏَ ڪندي هئي جيڪا ٻين جي دل ڪندي هئي. ليڪن پئسو سچو آغا صاحب جي حوالي. اهو پاڻ ڪنجوس. مارڪيٽ ۽ اهو وڃي. بورچي شبي ڪونہ. گوشت ۽ ڪڪڙ ڪيئن اچن، ڪيئن پچن! دال جو نالو رکيو هئائين ”دعوت شيراز“. جڏهن دال پچندي هئي، تڏهن مرحوم ڪلي، ٺهڪ ڏئي، چوندو هو:

آغا منهنجا، سبحان الله! اڄ دعوت شيراز آهي. موجان ڪبيون“

منهنجي پگهار پنجاهہ رپيا، سا بہ ملي ڪانہ. تنهن ڪري لاچار ”نيم نان صحت جان“ واري نسخي تي عمل ڪرڻو پوندو هو. باقي رهيو آغا صاحب، سو دراصل تہ بخل سبب ڀاڄيون واپرائيندو هو ۽ بظاهر بهانو ڪندو هو بلڊ پريشر جو، حالانڪ اهو بلڊپريشر جيڪو پنهنجي خريد ڪيل گوشت کائڻ سان وڌي ويندو هو، انهيءَ وقت بلڪل نارمل ٿي ويندو هو، جڏهن سائين ڪرم علي شاهہ يا ڪنهن ٻئي دوست وٽان رڌل ماني ايندي هئي، جنهن ۾ پلاءَ جي پهلوءَ ۾ پونن ۽ شبين جا رڪاب بہ رکيل هوندا هئا. يا جڏهن ڪٿي دعوت تي ويندا هئاسي، ان وقت بہ گهران نڪرندي ئي نظر علي خان جو پريشر نارمل ٿي اچي ويندو هو.

چِٽو ياد نہ آهي، ليڪن زمانو گذري ويو رڌ پچاءُ ڪندي ۽ لوٽڪ مريڙو کائيندي. هڪ ڏينهن صبح جو ساجهر ڏسان تہ آغا صاحب لڏندو اچي ٿو. هڪ ماڻهو بہ سندس پٺيان آهي، جنهن جي هٿ ۾ چَلي آهي. آغا صاحب مارڪيٽ ڪري موٽي آيو، ۽ ايندي ويندي واٽ تان مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهيءَ جو هڪ مفرور ٽيل شاگرد بہ بطور بورچيءَ جي هٿ ڪيون آيو! اچڻ سان واڌائي ڏئي، چيائين:

”آغا منهنجا! هاڻي مٿي هينان وهاڻو ڏئي سُمهي رهہ!“

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهيءَ جي مناسبت سان ڪيئي ڳالهيون ياد اچي پيون آهن. سنڌ جا شهري مدرسا، ڳوٺاڻا مڪتب، ملا مڪتب، مسجدن جي نڪن تي ’آمد نامو‘ ’دوايو‘ ’توايو‘ پڙهائڻ، ڪريما، يوسف زليخا، گلستان ۽ بوستان، سڪندر نامو ۽ بهادر. دانش جا سبق، انهيءَ دور جا استاد، عالم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ڍنگ ۽ طريقو، مدرسن ۽ مڪتبن جو نمونو ۽ نظام، تعليم جو مطلب ۽ مقصد، اهي سڀ اهڙا عنوان آهن، جن تي ڪيئي واقعا ياد اچن ٿا .. ڪهڙا ڪري ڪهڙا ڪجن. انهيءَ لاءِ جدا دفتر درڪار آهن.

انهيءَ دور ۾ گهٽ ڪري سنڌ جي هر شهر بلڪ هر ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾ وڏا مدرسا ۽ ننڍا مڪتب هوندا هئا. جن جا استاد پنهنجي پنهنجي دور ۾ نه ڇڙو علم جا اڪابر هئا بلڪ عرفان ۽ طريقت جا صاحب به هوندا هئا. نهايت پاڪباز، پاڪ طينت، صحيح صورت ۾ ديني بزرگ ۽ نوراني خوبين ۽ خصلتن جا مالڪ جن جي ڏٺي ۽ جن سان صحبت ڪندي انسان کي الله ۽ رسول جي ياد اچي ويندي هئي. اڄوڪن مانر ملن کي ڏسي غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نه گهرجي، اهي ڪي سوڪڙيون ئي اور هيون. ڪيترا بزرگ هِن دور يا هن کان ٿورو اڳ واري زماني ۾ اهڙا ٿي گذريا آهن، هوند اُهي جيڪڏهن سنڌ کان ٻاهر هجن ها ته اڄ مولانا حسين احمد مدني، ابوالڪلام آزاد، شبلي ۽ سليمان ندويءَ کان به قدم اڳ ليکيا وڃن ها. ليڪن ڇاڪاڻ ته هو هن گوشائتي ۽ بدقسمت ملڪ ۾ رهيا، تنهن ڪري ”گهر جو پير چلهه جو مارنگ“ ٿي ويا. اڄ ڪن جا نالا دل تي تري اچن ٿا، سيائي انهن نالن ٻڌائڻ وارو به ڪونه ملندو. هيءَ سنڌ جو اگرچ زوال ۽ غلاميءَ جو دور آهي ان هوندي به سوين صورتون اهڙيون آهن، جن جي سيرت صحابن جهڙي پئي لڳي. ڪيترا جيئرا آهن، ڪي ڪجهه سال اڳ راهه رباني وٺي ويا، ليڪن آءٌ پاڻ کي خوشقسمت سمجهان ٿو، جو انهن بزرگن مان ڪيترن جي نه ڇڙو زيارت نصيب ٿي بلڪ سندن خدمت گذاري جي سعادت پڻ نصيب ٿي. انسان ويسر جو گهر آهي، ڪنهن کي ياد ڪري ڪنهن کي ياد ڪجي، تنهن هوندي به جيڪي نالا دل تي تري آيا آهن، تن ڀلارن جي فهرست خود ڪا ٿوري ڪانه آهي، مثلاً:

(1) مولانا حبيب الله ٻراٽي ديري وارو.

(2) حضرت مولانا خوش محمد صاحب ميروخاٽي، بزرگ عالم ۽ نهايت نيڪ ۽ شريف نفس انسان، منهنجو شفيق ۽ مهربان هو. تازو 1977ع ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فوت ٿيو آهي.

(3) حافظ محمد صديق پرچونڊي شريف وارو - پير سائين روضي ڌڻيءَ جي سلسلي سان تعلق هين، پيريءَ مريديءَ ۽ سجادي جو صاحب هو.

(4) مولانا حبيب الله ڪاٺين وارو - مشهور هو، مون ڪين ڪونه ڏٺو.

(5) مولانا غلام عمر جتوئن وارو - بيحد مشهور ۽ مدرسي جو صاحب هو.

(6) حضرت مولانا تاج محمد امروٽي - بزرگ، صاحب سنت، برگزيدو ۽ قومي درد رکندڙ، انگريزن جو ڪٽر دشمن ۽ انهيءَ دور جي مذهبي ۽ قومي تحريڪن جو روح روان؛ خلافت، عدم تعاون ۽ هجرت واريءَ تحريڪ جو علمبردار، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو پيشوا؛ 1934 جي قريب فوت ٿيو؛ اولاد ڪونه هين، سندن پاٽيجو ميان نظام الدين سجاده نشين ٿيو، جيڪو اسان جو شخصي دوست هو.

(7) حضرت قاضي عبدالرزاق ترائي وارو، اسان جي ڳوٺ جي پر ۾ وڏي پائي جو بزرگ، زبردست حڪيم، ۽ صاحب نسبت عالم ۽ عارف هو. سندس فرزند قاضي محمد رفيق سالن جا سال منهنجو رفيق، همراه ۽ همراز رهيو. حضرت قاضي صاحب جي تاريخ وفات آهي:

آه از رحلت بَليغ زمان صاحب شرع ورع ذوالاحسان
عالم بي نظير خائف حق زاهد و راست گو خليق لسان
جز خداوند خود نمي آورد روي دل را بخواهش انسان
در فضائل علوم دين هديٰ بيگمان بود ثانيءَ نعمان
عارف و زنده دل جميل صفات آمر العرف ناهي الطغيان
مولوي ذي علوم عبدالرزاق رکن اسلام فخر اهل ايمان
حاجي و حافظ و حدودالله غير حق از ڪسي نخواست امان
واي حسرت ز انتقال چنين عالم بي بدل فقيهہ زمان
نقد گنجينۂ علوم هدا رفقۂ بي عديل پر امعان
روز ترحيلش دوشنبہ بود سابع از مہ مبارڪ رمضان
از من وصل سر طرب ببريد مقدمش ڪرد حق درون جنان

اها تاريخ مولوي محمد صالح ڊکڻ واري جي چيل آهي. ٻي تاريخ آهي:

مولوي صاحب فضيلت عالمِ علمِ الهدا ڪاشف رمزِ شريعت جامع ورع وتقا
در علوم فقہ و منطق در تفاسير و حديث صدر علما، زيب فقها، مصدر جود وفا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**حاجي عبدالرزاق** اندر جهان مشهور بوددرْ فضائل ظاهر و باطن چو شمس اندر سما
درهمه اوصاف ديني برترو بي مثل بود کزهمه اهل زمان مستغنيش کرده خدا
در فنون علم تحرير مسائل، بي نظير گزر نعمان ثانيش خوانم کجا باشد خطا
در جهان از انتقالش صد هجوم آمد پديد اهل دين از فرقتش در گريه و اندوهها
روزيک شنبہ زرمضان هفتمين تاريخ بود کان بليغ از دهر فاني شد روان سوئي بقا
بي سر، حسرت برآمد ماده تاريخ او .... دنياز نقل اينچنين ميمون بقا
(1331هه)

قاضي محمد رفيق مرحوم جي قول مطابق قاضي صاحب مرحوم 60 ورهين جي عمر ۾ انتقال ڪيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽ ٿي، باقي تعليم جندي ديري جي مولانا محمد حسين پٽ وٽ، ۽ آخري سبق تبرڪاً حضرت همايونيءَ وٽ ورتائون. سندن مزار ترائيءَ ۾ آهي. مولوي خادم حسين جتوئي سندن ڪيترن شاگردن مان هڪ هو.

(8) مولانا مفتي محمد قاسم ۽ مولانا مفتي محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسين وارا. ٻئي صاحب پنهنجي دور جا جيد استاد ۽ صاحب فتويٰ عالم هئا. ٻويون بزرگ مون تي خاص مهربان هو. ڳڙهيءَ ۾ سندس خدمت ۾ ڪيترا دفعا حاضر ٿي، استفادو ڪري روحاني تسڪين حاصل ڪيم. مولانا محمد قاسم جي وفات 1349هه ۾ ٿي. سندن، والد جو نالو مولانا محمد هاشم هو. جو پڻ پنهنجي دور جو استاد زمان هو، 1322هه ۾ فوت ٿيو. مولانا محمد ابراهيم چند سال ٿيا جو وفات ڪئي.

(9) مولانا عبدالغفور همايوني (ولد حضرت خليفو محمد يعقوب متوفي 1336هه بن رئيس محمد مبارڪ) جو مذڪور اڳي چڪو آهي. همايون جو نالو ۽ انهيءَ شهر کي آبرو ۽ عزت سندن ذات سبب هئي. مولانا محمد قاسم ۽ مولانا عبدالغفور همايونيءَ جا ڪتب خانا اپر سنڌ ۾ مشهور هئا. مولانا شهداد ڪوٽيءَ جو ڪتب خانو بہ پنهنجي نالي سان هو. سڀ ڪجهہ غالباً برباد ٿي ويو. سنڌ جو ڪيترو سرمايو ڏسندي ڏسندي هليو ويو، ڪنهن سار ڪانہ لڌي، ڪنهن کي سماءُ ڪونہ پيو، ڪو ڏٺي ڏوري ڪونہ ٿيو. ساڳي حالت شڪارپور جي علوين جي ڪتب خاني سان ٿي. امروٽيءَ بزرگ جو ڪتب خانو بہ ويو.

(10) مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي (متوفي 1323هه). پنهنجي دور جو خدا رسيدو بزرگ هو، منهنجي سانير کان چند سال اڳ وفات ٿين. شاهہ سائين تراب علي شاهہ ۽ ميان حسين شاهہ سندن ذڪر ڪندي ڪندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪين مان هميشه لڙڪ وهائيندا هئا.

(11) مولانا محمد صادق کڏي وارو، مشهور عالم، اهل دل بزرگ ۽ قومي تحريڪن جو سربراهه، مولانا عبيدالله جو عقيدتمند. آخري دور ۾ مون سان خاص عنايت هين.

(12) مولانا عبدالڪريم درس ڪراچيءَ وارو. منهنجي سانپر کان اڳ فوت ٿيو. اسان جي دور ۾ سندن فرزند ڪراچيءَ جي بزرگن ۾ شامل هو.

(13) مولانا عبدالرحمان سڪر وارو ـ اهل الله، فاضل ، عالم، صاحبِ نسبت ۽ وڏي درجي جو بزرگ هو. منهنجي سانپر کان ٿورو اڳ هي جهان ڇڏي ويو.

(14) مولانا خدا بخش رتيديري وارو.

(15) مولانا عبدالرزاق ڍوري ناري وارو.

(16) مولانا خادم حسين جتوئي رتيديري وارو ـ مشهور قومي ڪم ڪندڙ ۽ هاري تحريڪ جي روح روان مولانا نذير حسين جتوئيءَ جو والد بزرگوار. مون ڪين ڪونه ڏٺو.

(17) مولانا محمد صادق راٺيپور وارو. حڪيم، عالم، ذهين ۽ ڪيترين خوبين جو بزرگ هو. مون تي مهربان رهيو.

(18) مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوري.

(19) مولانا مفتي صاحبداد صاحب سلطان ڪوٽي، اسان جو دوست، مهربان ۽ طبيعت جي لحاظ کان مکڻ ماڻهو هو.

(20) مولوي عبدالله مدئجيءَ وارو.

(21) مولوي عبدالله ڊڪڻ وارو.

(22) مولانا قمر الدين انيڙ.

(23) مولانا حمادالله صاحب هاليجيءَ وارو ـ صاحبِ نسبت ۽ صاحبِ طريقت بزرگ هو. تازو فوت ٿيو.

(24) مخدوم حسن الله پاٽ وارو.

(25) مخدوم مولانا محمود پاٽائي.

(26) مولوي محمد هاشم ملاح دادو.

(27) امير محمد شاهه صاحب اميناڻي وارو. مون ساڻن ملاقات ڪئي.

(28) مولوي غلام محمد صاحب ملڪاڻي وارو.

(29) مولوي محمد صديق سيتائي، مشهور اخبار نويس مولانا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عبدالغفور سيتائيءَ جو نانو.

(30) مولانا نثار احمد سيتائي، مولانا سيتائي موصوف جو برادر بزرگ.

(31) مولوي نبي بخش اوڍو، جيڪب آباد.

(32) مولوي عبدالنبي شاهه، جيڪب آباد.

(33) مولوي اميد علي صاحب، جيڪب آباد.

(34) مولوي عبدالمجيد لاشاري، جيڪب آباد.

(35-36) مولوي نبي بخش ۽ مولوي غلام مصطفيٰ ڪولاچي - ٻئي ڀائر اوستي محمد جا ويٺل هئا.

(37) مولوي عبدالوهاب ڪولاچي، مٿين بزرگن جو ڀائيجو.

(38) مولوي عبدالعزيز، مانجهي پور، جيڪب آباد.

(39) مولوي در محمد ٺل وارو.

(40) مولوي عبدالله نوناري، رتوديرو.

(41) مولانا عبدالله بنگلديرائي.

(42) مولانا مير محمد نورنگي.

(43) مولانا ڪريمداد، نوڙهي.

(44) مولانا غلام محمد صاحب ، نوڙهي.

(45) مولانا محمد عاقل "عاقل" عاقلي - شاعر، خطاط ۽ پير سائين حزب الله شاهه تخت واري جو مصاحب. اسان ڪيس آخري عمر ۾ ڏٺو ۽ سائن ملاقاتون رهيون. وٽن بهترين خطي ڪتاب هئا. زيب عاقلي سندس فرزند آهي.

(46) مولانا گل محمد صاحب شهداد ڪوٽي(متوفي 1306هه) حضرت مولانا محمد صديق جن جو ڀاءُ.

(47) مولانا محمد عظيم، نصير آبادي.

(48) مولانا عبدالڪريم، ڪور سليمان وارو.

(49) مولانا محمد سليمان، ٽرڙي محبت وارو.

(50) مولانا عبدالڪريم ڏوڪري وارو.

(51) مولانا حبيب الله نوناري، رتوديرو.

(52) مولوي غلام فريد، قمبر، سپڙيا.

(53) مولانا محمد اسماعيل ڏتل ابڙو، قمبر.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(54) مولوي عطا محمد ڏگائون، مهيسر.

(55) مولوي عبدالحليم پنڊ ڳوٺ.

(56) مولوي عبدالڪريم سيال وينل لڪ. بلوچستان.

(57) مولانا عبدالله پٽو، وسايو پٽو.

(58) مولانا محسن علي شاهہ، ميان جو ڳوٺ.

(59) مولوي محمد هاشم ڳڙهي وارو(متوفي 1322هہ) (شد اندرون بهشت).

(60) مولوي عبدالقادر رستم وارو.

(61) مولوي محمد عمر، دين پور وڪڙو.

(62) مولانا محسن شاهہ، گهوٽڪي.

(63) مولانا پير فخرالدين شاهہ، گهوٽڪي.

(64) مولوي شير محمد شاهہ، گهوٽڪي.

گهوٽڪي ۾ هن بزرگن جو مدرسو مشهور هو. مولوي نذير حسين جتوئي هن مدرسي ۾ پڙهيو. مرحوم پنهنجي شاگرديءَ واري دور ۾ مدرسي ۾ ملندڙ مانيءَ تي هينيون مذاقي شعر چيو، جيڪو بزرگن ٻڌي مانيءَ ۾ بہ اصلاح ڪئي ۽ نظم مان بہ حظ حاصل ڪيو:

**از غذاي دال روٽي ڪون ماشد ڍولڪي،**
**مي سرايد از تبرڪ سيدانِ گهوٽڪي.**
**سيدا! بهرِ خدا مسڪين هت نا مارجانءِ،**
**دال جي درياه مان پيڙو ٻڏن جو تارجانءِ.**
**پير فخرالدين ڪي پيغام هي پهچائجئين،**
**ڪٽڪ جي ماني ملي يل دال دڳ تي هارجانءِ.**

(مولانا پاڻ لکي ڏنو . تاريخ 17-3-1961، ڳڙهي ياسين)

(65) مولوي نور محمد عادل پوري.

(66) مولوي عبدالقادر، ڀهنواري شريف جو(حضرت امروٽيءَ جو استاد).

(67) مولوي عبدالعزيز، ترپچائي.

(68) مولوي محمد اسماعيل، گهوٽڪي.

(69) مولوي خدا بخش، پريا روڊ.

(70) مولانا شير محمد صاحب، خانڳڙهہ شريف.

(71) مولانا حڪيم فضل الله شڪاربور. هن بزرگ سان مراسم رهيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(72) مولوي قاضي محمد عظيم شڪارپور، بهترين ڪتبخانو هين، آخري عمر ۾ مون سائن ملاقات ڪئي، پوءِ سنت ٿي جهان ڇڏي ويا.

(73) مولوي عبدالحڪيم سومرو، شڪارپور.

(74) مولوي عبدالرحيم عباسي مفتي، خيرپور.

(75) مولانا محمد عثمان بلوچ، ڪراچي.

(76) مولانا نذير حسين جتوئي "جلالي" تخلص، منهنجو دلبر دوست، قومي ڪم ڪندڙ، بيحد ظريف الطبع، ذهين ۽ حاضر جواب، مجلس جو مور، بهادر ۽ هاري تحريڪ جو بنيادي ليڊرن مان هو. تازو وفات ڪري ويو. هيٺين "سي حرفي" هاري حقدار واريءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ سندس تصنيف آهي -

**الف - اٿي اڄ هاري تون، همت ڪر هڪ واري تون، بار ڪٿين ٿو ڀاري تون، تنهنجو عالم تي احسان - مرد مجاهد ڪر ميدان!**

ب - بک ڏک ۾ گهارين ٿو، ڳتين ۾ مَنُ ڳارين ٿو، ڪنهن سان ڪين پچارين ٿو، پنهنجي اندر جو ارمان، مرد مجاهد...!

ٻ - ٻاڪارين ٻار سدا، نيڻ وهائين نار سدا، پنهنجا پڌرا پار سدا، هر دم حيرت ۾ حيران، مرد مجاهد...!

پ - پالين جڳ سارو تون، پاڻ پيئين ڏڌ ڏارو تون، ڪين ڪرين واڌارو تون، هر ڪنهن جو تون رزق رسان، مرد مجاهد.....!

ڀ - ڀڄُ بت بيڪاري جو، خيال رکي خود داريءَ جو، نعرو هڻ نرواريءَ جو، ڀَڏ سندرو ساهي جوڌا جوان، مرد مجاهد ...!

ت - تَنَ کي تون تسيا ڏين، سختين ۾ شب روز رهين، سخت سدائين سور سهين، ساندين سورن جو سامان، مرد مجاهد...!

ج - جيئڻ جنجال چوان، هيٺون هاري حال چوان، پَروس تي پامال چوان، ويڙها ورهين ڪان ويران، مرد مجاهد...!

چ - چپ توکي ڪين ڪپي، چو نہ ٿي تنهنجي ديگ تپي، ماري ويندئي ڪنڌ ڪپي، مات ۾ تنهنجو آ نقصان، مرد مجاهد...!

ڇ - ڇڏ غافل غفلت کي، زائل ڪر تون ذلت کي، حاصل ڪر هر عزت کي، ملڪن ۾ ٿئي تنهنجو مان، مرد مجاهد...!

ح - حق پنهنجا حاصل ڪر: زور زبر کي زائل ڪر، ڪشتي سوري ساحل ڪر، پاڻ ٿي پنهنجو ڪشتيبان، مرد مجاهد ...!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خ ـ خرم خوشحال هجين، هر دم مالا مال هجين، هر ڪنهن جو رکپال هجين،
تنهنجو تابع جملي جهان، مرد مجاهد...!

د ـ دکن کان دور گذار، ڪاڻ نہ ڪڍ تي رہ خود دار، مور نہ پنهنجو پاڻ وسار،
آزاديءَ جو ڪر اعلان، مرد مجاهد...!

ذ ـ ذرو ويچار ڪيو، پاڻ نہ هينئن لاچار ڪيو، گڏجي سڀ آچار ڪيو،
آہ اوهان جو ملڪ مڪانُ، مرد مجاهد...!

ر ـ رهبر ٿيءُ تون پنهنجو پاڻ، ساٿي ٿي رهہ هڪٻئي ساڻ، منڪر نيٺ مڃيندو آڻ،
وبندس متجي نامر نشان، مرد مجاهد...!

ز ـ زنده ٿي زور ڏيکار، همت ذاري ٻوٿو ٻار، غيرت وارا غيرت ڌار،
وقت اچي ٿو جاڳ جوان، مرد مجاهد ...!

س ـ سلامت سک سان گهار، ماڻ مزا وڻ موج ملهار، واهہ وسي ٿي ٻوند ٻهار،
گجگوڙين ٿي آ مهراڻ، مرد مجاهد...!

ش ـ شهادت جو ڏس شان، منڪر موذي آ مروان، دائم قائم رک ايمان،
راضي رهندءِ رب رحمان، مرد مجاهد ....!

ص ـ صداقت تنهنجو شان، ش شهادت تنهنجو شان، س سعادت تنهنجو شان،
سورهيہ سوڀارا سلطانُ، مرد مجاهد...!

ض ـ ضرور ملهايو پاڻ، ڪوٽ ڪفر جا ڊاهيو پاڻ، سنڌ وطن کي ٺاهيو پاڻ،
پاڪ ڪيو هي پاڪستان، مرد مجاهد...!

ط ـ طالب رهہ تون راحت جو، پنهنجي عزت عظمت جو، شان شاهانہ شوڪت جو،
آهي شاهي تنهنجو شان، مرد مجاهد...!

ظ ـ ظالم جو ظلم نہ سَهہُ، ظلم ڪنان آزاد ٿي رهہُ، ڏينهن ڏکيا ٿي ٿي يا ٻهہ،
هردم هوندين تون شادان، مرد مجاهد...!

ع ـ عمل سان اڳتي وڌ، سندرو ساهي ٺاهي ٻَڌ، ڪين ڪجانءِ ٿي سڌڙيو سڌ،
هوندءِ هر مشڪل آسان، مرد مجاهد...!

غ ـ غريبي کان رهہ دور، ان جي ويجهو وڃ نہ مور، ٺاهہ دنيا جو نئون دستور،
قائم ڪر تون امن و امان، مرد مجاهد...!

ف ـ فرحت سان وقت گذار، گهر ٻر آن جا آڻ انبار، لَهہ هر ڪنهن جي سار سنڀال،
هر ڪو تنهنجو آ مهمان، مرد مجاهد...!

ڪ ـ ڪمال جو وقت آهي، وقت بہ نازڪ سخت آهي، جاڳيو تنهنجو بخت آهي.
بخت آ تنهنجو بي پايان، مرد مجاهد...!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳ ـ گذر اوقات ڏسو، هارين جي حالت ڏسو، مارين جا محلات ڏسو،
عزت تان ڪر سر قربان، مرد مجاهد...!
ل ـ ليـاقت ڌار هيـنـئر، آنـدو اوجار هيـنـئر، ٿيـندا ٻيڙا پار هيـنـئر،
برپا تنهنجو آ طوفان، مرد مجاهد...!
م ـ مجاهد مرد ٿيـو، هڪـبـئي جا همدرد ٿيـو، هردم فـاتح فرد ٿيـو،
جڳ ۾ جاري ڪر فرمان، مرد مجاهد...!
ن ـ **نذيرا** ! ناصح تون، ڳالهه ڪئي آ واضح تو، ٿيـندين آخر فـاتح تون،
چا هي ظالم جو زندان، مرد مجاهد...!
و ـ وڏايـو وڪ اڳي، ويـري ٿـو هـر وقـت وڳي، پاڙيـو پـڄـنـدو چوٽ لـڳي،
سَٽ نه سَهندو هي مَروان، مرد مجاهد ...!
هه ـ هاري حقدار چوان، مِلڪ سندو مهندار چوان، حاڪم خود مختار چوان،
جنهن جو آهي اعليٰ شان، مرد مجاهد...!
ي ـ يـڪدم تيار رهو، همت سان هوشيـار رهو ،آٽي خودي خود دار رهو،
دائم، قائم رک ايمان، مرد مجاهد...!(١)

(76-77) قلات رياست ۾ ڪتبارن جو ڳوٺ آهي، جتان جا عالم سڳورا مشهور ۽ ڪيترن سنڌي بزرگن جا استاد هئا. جهڙوڪ ميان محمد حسن (متوفي 1350) ولد حضرت ميان تاج محمد(متوفي 1310) ۽ ميان محمد پناهه(متوفي 1348) ولد ميان تاج محمد. شهداد ڪوٽي بزرگ ۽ ڳڙهي ياسين وارا عالم سندن معتقد ۽ شاگرد هئا.

(78) مولانا تاج محمد ساڪن تاج لاشاري، بلوچستان.

(79) مولوي محمد اشرف، بلوچستان.

(80) مولانا عبدالله رتيديري وارو.

(81) مولانا ڪريمداد ساڪن نوڙي.

(82) مولانا فقير محمد ڪارڙائي.

(83) مولانا محمد بچل، لاڙڪاڻو.

(84) مولانا جمال الدين صحت پوري، جيڪب آباد.

(85) مولانا عبدالوهاب ڪولاچي.

(86) مولانا عبدالرؤف، خانپور.

---

(١) 17 مارچ 1961ع جو مولانا پاڻ نقل ڪري، ڳڙهي ياسين ۾ مون کي ڏنو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(87) مولانا محمد اسماعيل صاحب، ڳوٺ شاهلي.

(88) مولانا محمد مبارڪ، ميان جو ڳوٺ.

(89) مولوي لطف الله، يوسف ڪوٽي.

(90) مولوي محمد عثمان، ڪرن

(91) مولانا عنايت الله آگرو.

(ميان محمد حسن ڪنباري کان وٺي 91 نمبر تائين مولانا محمد هاشم ڳڙهي ياسين واري جا شاگرد هئا.)

(92) مخدوم محمدصالح پاٽائي.

(93) مولانا محمد حسن صاحب حيدرآبادي.

(94) مولانا عطاءُ الله صاحب فيروز شاهي.

(95) مولانا عبدالستار رستم وارو.

(96) مولانا عبدالقادر صاحب پهنواري.

هيٺيان شاگرد مولانا محمد قاسم ڳڙهيءَ واري جا هئا:

(97) مولوي احمد صاحب مڪراني، شهر تبت، پنجگور.

(98) مولوي ولي محمد، منڙي.

(99) مولوي عبدالحليم، ڪڙڪ، سبي.

(100) مولوي محمد حسن مڪراني.

(101) مولوي صدرالدين صحبت پوري.

(102) مولانا نصيرالدين ڪنڊو.

(103) مولانا عبدالرؤف، ڪنڊو.

(104) مولانا محمد حسين صاحب کهاوڙ، مدير اخبار الحنيف"، جيڪب آباد.

(105) مولانا محمد موسيٰ، جيڪب آباد.

(106) مولانا محمد پناهه، جيڪب آباد.

(107) مولانا عبدالله ياندي قبي وارو.

(108) مولوي عبدالستار رتائي.

(109) مخدوم مولوي شفيع محمد پاٽائي.

(110) مولوي عبدالرحمان ناڙيءَ وارو.

(111) مولوي بدرالدين ڊڪڻ وارو.

(112) مولوي محمد هارون بلوچستاني.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسين واري جا هينيان عالم معاصر هئا:

(113) مولانا خادم حسين پليڊنو آبادي.

(انهي پليڊنو آباد لاءِ مولانا نذير حسين جتوئيءَ چيو هو:
پلينا باد جا ڪوڙا ڪريلا، ڏين ٿا تيل ۾ ساڙي سويلا)

(114) مولانا عطا محمد صاحب مهيري.

(115) مولانا عبدالرحمان صاحب ڏامراهي.

(116) مولانا غلام عمر، سونو جتوئي.

سندن برادر محترم جناب مولانا محمد هاشم جا شاگرد هينيان بزرگ آهن:

(117) مولانا عبدالباقي همايوني.

(118) مولوي جان محمد مهر، شڪارپور.

(119) مولوي عبدالعزيز مدرس مدرسه انوارالعلوم، شڪارپور.

(120) مولوي عبدالرحمان پنهور، خيرپوري.

(121) مولوي يار محمد چنو، سيوهڻ.

(122) مولوي محمد علي خطيب، جيڪب آباد.

(123) مولوي محمد صحبت خان، جيڪب آباد.

(124) مولوي امان الله شڪارپوري.

(125) مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو ـ بيحد ذهين، دلچسپ گفتگو جو صاحب، نهايت بذله سنج ۽ شاندار استاد هو، منهنجو دوست هو. ارمان آهي جو جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو ۽ سندس صحبت ۽ محبت جو گهڻو حظ حاصل ٿي نه سگهيو.

نيڙهيءَ جو نالو آيو ته حضرت مولانا حبيب الله صاحب ۽ سندس برادر خورد مولانا عزيز الله صاحب جون سهڻيون ۽ بزرگانه صورتون اکين اڳيان اچي ويون ـ هڪ وڏو بيو ننڍو، ليڪن علم ۾ ٻئي هڪجهڙا برک ۽ اڪابر، اخلاق ۽ محبت جا مجسما، شرافت ۽ نيڪيءَ جا نمونا ـ ـ پنهنجا بيحد مهربان، ۽ انهن جي عنايت ڪري دارالهديٰ نيڙهي گويا پنهنجو بيو مرڪز هو. مولوي سيد محمد علي شاهه ۽ حافظ عبدالحميد ٻئي اتهن جا فارغ التحصيل آهن، جن اپر سنڌ بلڪ سموريءَ سنڌ ۾ علم جي روشنيءَ سان گڏ قومي جاڳرتا به پيدا ڪري ڇڏي. حافظ عبدالمجيد صاحب اصل اروڙ جي خاڪ پاڪ ۽ تاريخي خمير مان پيدا ٿيو. مدرسي مان نڪتو ته علم ۽ قومي خدمت جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جذبو ڪٺي، ڪمال ڪٿپ مٿي ۾، ٿلھو ونگوڙي وارو لڪڻ، مٹ جيڏي سنهاري رکي، ڪاڏيءَ جا لٽا پايون، ڪلندو، ڏاڍيان ٺهڪ ڏيندو، اچي سکر ۾ پهتو. اچڻ سان جاگيرائي پاڙي ۾ پريس ڪڍيائين. عبدالرحيم ڪرل اگرچہ بعد ۾ انگريزي پڙهي وڪيل ٿيو هو، ليڪن پهريون انهي مدرسي ۾ عربي پڙهي هٿائين، اهو بہ سکر ۾ هو. اسان ٽنهي گڏجي ”المنار“ نالي ماهوار رسالو ڪڍيو، جنهن پوءِ هفتيوار اخبار جي صورت اختيار ڪئي. سڀ کان پهريون حافظ ٿي آهي، جنهن پنهنجي پريس ۾ منهنجون لکيل چوپڙيون (افسانن جون) شايع ڪيون، جن کي آءٌ انهيءَ زماني ۾ ”ڪتاب“ ۽ پاڻ کي انهن جي ڪري ”مصنف“ سمجهندو هيس.

حافظ مفتي حبيب الله ٻاهر گهٽ نڪرندو ھو، ليڪن مولانا عزيز الله صاحب قريباً هر مهيني اسان سان چهار چشمي ڪرڻ سکر ايندو رهيو. چند سال ٿيا جو ٻَئي بزرگ هڪبئي پٺيان رب ڏانهن راهي ٿيا. مدرسو موجود، ليڪن اهي صورتون هليون ويون.

مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي مدرسا انهيءَ وقت ديني خدمت ڪري رهيا هئا: همايون، سلطان ڪوٽ، سجاول، ملاڪاتيار، شهدادڪوٽ، ڳڙهي ياسين، رُڪ وغيره جا مدرسا، ديوبند، ندوي ۽ جامع ازهر جي ڪڙيءَ جا مدرسا هئا، جن مان نڪتل شاگرد پنهنجي پنهنجي فن ۾ سچ پچ تہ يگانا ۽ يڪتاءِ روزگار رهيا آهن.

* * *

دارالهديٰ ٺيڙهيءَ جي نالي سان اهو مذڪور ضمناً ڪرڻو پيو، ورنہ اصل قصو تہ اڌ ۾ رهيو پيو آهي، يعني مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهيءَ مان پڳل شاگرد جو، جيڪو بورچي ٿي اسان وٽ آيو.

آغا صاحب جڏهن واڌائي ڏني، اها بشارت ٻڌائي، تڏهن مان ڏاڍو خوش ٿيس. ڏاڙهيءَ جي اجا مس ريخ لٿل، شڪل شباهت جو نہ ڪوجهو نہ اهڙو موچارو، بس مڙئي ماڻهو ماڻهن جهڙو. هيٺ تي سٿڻ، جيڪا پيڏيءَ کان مٿي شرعي حد تائين کنيل. موڪرن ٻانهن ۽ وڏي ٻَرَ سان چولو. مٿي تي نہ دستار نہ پڳ، نہ پٽڪو، بلڪ پڳ جي لڳ ڀڳ. ان کي پڳڙي بہ نہ چئبو، چاڪاڻ تہ ڦيروين ٻڌل هئي ۽ پٺيان پوري وچ کان اُهڙو ٿي ترو چڏيل هو، جهڙو دستار ۾ ٿيندو آهي. پر جنهن صورت ۾ دستاربنديءَ کان اڳ ۾ ٿي

مدرسو ڇڏي پڳو هو، تنهن ڪري هيءَ دستار جي وزن کان قدري گهٽ، ليڪن خاندان انهيءَ ساڳئي مان هئي. آغا صاحب ڏانهنس اشارو ڪندي، چيو:

”آغا منهنجا! متقي پرهيز گار ڇوڪرو، پڙهيل ڪڙهيل. دراصل سچ چيو اٿن تہ دير بيايد درست بيايد.“

ڏوئي هوندي هئي طالب العلم جي هٿ ۾، ۽ هدايتون هونديون هيون وسيع تجربي جي بناءَ تي آغا صاحب جون، يعني فنڪاري ڇوڪر جي، هدايتڪاري نظر علي خان جي. حقيقت ۾ نہ خبر آغا صاحب کي، نہ سڌ نامزد ٿيل بورچيءَ کي. نتيجو اهو نڪتو، جو ڪڏهن لوڻ گهٽ، ڪڏهن مرچ وڌيڪ، ڪڏهن پاڻي وڌيڪ پيل، ڪنهن وقت ترو لڳل، ڪڏهن بصرن سان گڏ ساڳ بہ ڪچو، ڪڏهن سيئي لاڳ سڙيل. جڏهن دانهن ڪجي تڏهن چوي:

”شڪر ڪري کائو!...

”جيڪي الله ڏئي اهو شڪر ڪري کائجي!..

”روزي نور آهي !..

”وِڏ ڪڍڻ گناهہ آهي!...

”شڪر ڪري کائو، ميان ، شڪر ڪري کائو!“

”شڪر ڪري کائو“ جو معاملو آخر ايترو وڌي ويو، جو اسان مورڳو سندس نالو ئي ”مولوي شڪر الله“ رکي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن سائين ڪرم علي شاهہ وٽان ڇيلي جي سڄي جنگهہ آئي. آغا جي وات ۾ پاڻي پرجي آيو. چي:

”آغا منهنجا!ليلي جو گوشت ٿو پائنجي، ڏاڍو نرم ۽ سُپڪ!“

مولوي ’شڪر الله‘ وٽ اسان ٻئي پاڻ جنگهہ کڻي پهتاسي. ايلاز، منٿون، سمجهائيون، آخر مسالن جا بہ رتا ڪري وزن ڪڍي ڪيس ڏناسي. بصرن جو مقدار بہ مقرر ڪيوسي. آخر ۾ رب جو واسطو وجهي چيوسون:

”بيلي! واسطي ڏٿيءَ جي اڄ شڪر ڪرائي نہ کارائجانءِ!“

پلاءَ جو بہ آرڊر ٿيو ۽ ان سان گڏ شوروي واري ٻوڙ جو بہ. آغا چيو:

”هائو آغا! شوروو پلاءَ سان ملائي کائبو.“

جڏهن مانيءَ جو وقت ٿيو، تڏهن اسان جا بہ هاضما اچي کُليا! گهٽائي ڏينهن ميٺي پالڪ کائي کائي آندا ئي ساوا ٿي ويا هئا. اڄ چڙهہ هو، خوب وير ڪبو!

آغا چيو:

مولوي شڪر الله جي وڃڻ کان پوءِ اسان وٽ اچي پهتو امير جان.
اصل نالو هيس امير بخش، ليڪن نظر علي خان جو ڪيس امير جان سڏيو، ته بس پڇاڙيءَ تائين امير جان رهيو. ذات جو ميربحر هو. اسان جي ڳوٺ جو ويٺل ۽ والد مرحوم جو خاص ملازم ۽ اعليٰ درجي جو بورچي. جوانيءَ ۾ عشق جي سٽ اچي ويس. ڪنهن رقيب روسياه ڏاتورو پياري ڇڏيس. بس اتنهن نيم ديوانو ٿي پيو. ڪڏهن رنگ ۾ ته ڪڏهن پنگ ۾. راضي هوندو ته واه جو رڌي کارائيندو. جي ڪا جوجڪي اچي ويس، ته نه ڇڙو ديڳڙو وجي ديوار تي ٺڪاءُ ڪندو، بلڪ مالڪ کي به منهن چڙهي، به چار صلواتون سٽائي، وجي ٻاهر ويهي رهندو. اهڙن حادثن جا ڪيئي نشان ”سنڌ زميندار“ جي ديوارن تي ائبسٽرئڪٽ آرٽ جي پيا نمائندگي ڪندا هئا. اهڙي حالت ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي هيس ـ ـ يا ته پنگ جو ڇُڪو چاس تي ويندو يا پنگ جو پيالو پورو نه ملندو. بهرحال ماني خوب کارائيندو هو، بشرطيڪ ديڳڙي چڙهڻي کان وٺي منهن ۾ نوالي پهچڻ تائين جا مرحلا خير سلهه سان طي ٿي وڃن.
مسٽر ميمڻ (١)، انڪم ٽئڪس آفيسر، اسان جو دوست هو.
لاڙڪاڻي جو ويٺل ۽ نهايت نيڪ ۽ سٻاجهي سڀاءَ جو نوجوان. نظر علي خان کي جڏهن ضرورت پوندي هئي ته سندس ڪيسي مان وجي پئسا ڪڍندو هو. هڪ دفعي زياده پئسن جي ضرورت ٿي. نظر علي خان ريجهائڻ خاطر ڪيس منجهدن جي مانيءَ تي سڏيو. ڪنهن دوست کي سڏي ماني کارائجي، اهو پهريون واقعو هو، جيڪو نظر علي خان جي تاريخ ۾ درج ٿيڻ وارو هو. امير جان کي رڌيندي رڌيندي جڏهن ويرو ايندو هو ته ديڳڙو اڌ ۾ ڇڏي، در کان ٻاهر نڪري، دڪيءَ تي اوڪڙو ويهي، ويٺو جهونگاريندو هو. جي پَهُ پيس ۽ ڳالهه ياد اچي ويس، ته اچي چمچو گهمائيندو، ورنه داغ سان گڏ گوشت به سڙي ويو، ته ڪيس ڪنهن جي ڪاڻ ڪانه ٿيندي. اتفاق سان ان ڏينهن به متس حال طاري هو. مانيءَ کي دير ٿي وئي. ديڳڙا چلهه تي، امير جان دڪيءَ مٿان اوڪڙو. ميمڻ صاحب بي تڪلف دوست هو. بک ستايس، ته اٿي پاڻ امير جان وٽ ويو. هڪ دفعو، ٻيو دفعو، ٽئين دفعي ديڳڙيءَ چلهه ڇڏي، وجي پٽ تي ٺڪاءُ ڪيو! چي:
”اجهو هان، وجي.... لنگهايو، پئي نظر علي ۽ تون..

١) هي نوجوان انهن ئي سالن ۾ نوت ٿي ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”آئي آ حڪم ھلائڻ!..

”منهن ٻہ مانيءَ جهڙو اٿس!“

جڏهن امير جان ڪي جوش ۽ جلال ايندو هو، تہ تارا ڦوٽارجي ويندا هيس ۽ ان وقت مذڪر ڦري سندس اڳيان مونث ٿي پوندو هو. ميمڻ تہ ويچارو نفيس ۽ نازڪ هو، پر نظر علي خان جهڙو شينهن مڙس بہ ڪيس ڪاوڙ ۾ مونث نظر ايندو هو. چوندو:

”ڪير ٿيندي آ نظر علي خان؟...

”ڏاڏهنس بہ پلاءَ ڪاڏا هئا..

”آغا بڻي آ!“

ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ زور وٺي ويندي هيس، تہ ”سنڌ زميندار“ جي مئنيجر مان نڪرندو، مئنيجنگ ڊائريڪٽر منجهان وڃي پار پوندو هو. چي:

”چخي! ڪهڙن بہ زمينداري ڪئي آهي؟...

”زميندار آهن تہ پٽا. ليي در تي ڪُتي بہ ڪا نہ، بڻي آ زميندار!“

امير جان وٽ وڏا ماٺيپائي ۽ وڏ زمينداريءَ جو معيار هو ڪُتيءَ جو در تي هجڻ (١). هن پلا پنهنجي ڳوٺ جي پڪ ۾ ڏٺا هئا پٽا صاحب ، جن وٽ انگريز ڪتن جون لوڌيون هونديون هيون. ماٺهن ڪان وڌيڪ پٽي انهن جي نظرداري، پرورش ۽ پالنا ٿيندي هئي ۽ انسانن ڪان زياده پٽي انهن جي خدمت ٿيندي هئي. پٽن جي ڪتن جيڪا ماني ڪاڌي، سَدن راج ۽ ڪڙمين ڪي تہ خير خواب خيال ۾ ڪانہ ايندي، پر چڱا چوڪا وڏيرا بہ پيا سڪندا هئا. پٽن جا ڪتا گرمين ۾ ڪوئٽا ويندا هئا ۽ سرديون ڳوٺ ۾ گذاريندا هئا. سنڌ لاءِ ”هل اسٽيشن“ ڪوئٽا هئي، جتي ساوڻ ۾ شڪارپور ۽ جيڪب آباد جا پڄنديءَ ۽ سرنديءَ وارا پهچي سگهندا هئا يا وري پٽن صاحبن جا ڪتا وڃي ”سيزن“ ڪاٽيندا هئا ڪتا صاحبلوڪي هئا، جنهن ڪري لاڙڪاڻي جي ساوٽي ڪين پانءَ نہ بي پئي.

(١) حقيقت ۾ اها سنڌي چوٽي آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ ايڏو سچو ۽ سڪٽو آهي، جو در تي پهري جي ضرورت ئي ڪانہ اٿس، جو ڪُتي رکي. پرين پاڳين جي درن تي چونڪيءَ ڏيڻ لاءِ ڪتا هوندا آهن. سچا ماٺهو ڇاجي ڪري ڪتا پالن؟ ليڪن امير جان جي ذهن ۾ اها معنيٰ نہ هئي. هن جو خيال هو تہ ايترو پئسو بہ ڪهڙي وٽ ڪونہ آهي، جو ڪتو خريد ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ وڏ ماڻهپ جي واحد نشاني امير جان جي نگاہ ۾ ڇڙو ڪتي جو هجڻ ۽ پالڻ هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نظر علي خان ميمڻ صاحب جي معاملي کان علاوه ٻيءِ ڪيترا دفعا امير جان هٿان شڪست کائي چڪو هو، ليڪن ان هوندي بہ ڪيس جدا ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. سبب اهو، جو ايڏو سٺو بورچي ۽ ايترو سستو وري ڪٿان اچي ها؟ پگهار ڪانہ. ڪڏهن ڪڏهن رپيو اڌ لٽي ڪپڙي لاءِ، ورنہ فقط روزانو بہ آنا وظيفو ڀنگ لاءِ. اهائي امير بخش جي خوبي هئي، جنهن ڪري 'امير جان' تي پيو. انهن ٻن آنن مان نظر علي خان فقط ٽڪو پنهنجي هڙان ڀريندو هو، باقي ڇهہ پئسا منهنجي کاتي مان نڪرندا هئا. اهو ڇا جي ڪري؟ ان جو سبب ڪهڙو هو؟ اهو مان ڪڏهن ڪو نہ جاچيو، ڇاڪاڻ تہ نہ پگهارون ئي ڪڏهن چڪتو ٿي مليون ۽ نہ حساب ئي سامهون آيو. 'حسابِ دوستان در دل' واري عمل تي پيو ڪم هلندو رهيو.

* * *

مان تقريباً پنج ورهيہ (29-1933ع) "سنڌ زميندار" ۾ رهيس، ليڪن ياد نہ آهي جو ڪڏهن پنجاهہ روپيا گڏ ڏٺم يا يڪجاءِ ڪڏهن پگهار ملي. ڪڏهن رپيو، ڪڏهن ٻہ، ڪڏهن پنج، اهو ڏينهن عيد جو ٿيندو هو، جڏهن ڏهہ ـ ويهہ گڏ ملي ويندا هئا.

هڪ دفعي ياد آهي،آغا مرحوم پنج رپيا هٿ تي رکي، وڏو ٺهڪ ڏئي چيو:

"آغا منهنجا! اڄ تہ وڃي ڳوڻان ٺٺون سئون تي آءُ"

مٿي هڪ هنڌ اڳي ئي ٻڌائي آيو آهيان تہ آغا صاحب جڏهن راضي هوندو هو تہ "آغا منهنجا!" ڪري سڏيندو هو، ۽ جڏهن ناراض تہ ـ ميان! راشدي ميائون! سهگل! او خدا جي مار پيوَ! او شل ڪا ڇٽي پيوَ! دونالي بندوق اچي سيني ۾ هٽو.. ٺَس، ٺَسِ ـ بندوق جي نڪاون جو آواز تڏهن وات مان ڪيندو هو، جڏهن ڪٽ يا ڪرسيءَ تي جوش وچان ڦانءِ ٿي ڪري پوندو هو. جي هيڏنهن اچبو، تہ هوڏي ڪٽي منهن ڪندو، ۽ جي پريان اچبو، تہ هيڏي ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيندو. يعني ان وقت ايڏو بائيڪاٽ جو اسان جي صورت بہ ڪانہ وٺندس، ليڪن خدا بخشيس، اهڙو منو ۽ نيڪدل، جو ڪلاڪ اڌ کان وڌيڪ پاڻ جهلي نہ سگهندو. يڪدم ڪو فارسيءَ جو بيت جهونگارڻ شروع ڪندو، جنهن ۾ فراق ۽ وصال جا معاملا بيان ٿيل هوندا. اها گويا دعوت هئي تہ اچو هاڻي هڪٻئي جي ڳلي لڳون! جڏهن اسان "سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زميندار" کان جدا ٿي، "ستاره سنڌ" (١) ڪڍيسي ۽ هڪبئي جي خلاف لکڻ شروع ڪيوسي، تڏهن به پن ڏينهن کان وڌيڪ هڪبئي کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه سگهبو هو.

مان اهي پنج روپيا کڻي ريلوي اسٽيشن ڏانهن راهي ٿيس. اسٽيشن جي سامهون ڏٺم ته چوراهي جي پاسي ۾ رمون مڪراني تاس جا پتا زمين تي وڇايون ماڻهن کان پيو ٿو داوَ هڻارائي. پن ربين جو داءُ هٽي، ماڻهو پيا چار ڪٽن! پنجن جا ڏهه ۽ ڏهن جا ويهه پيا ملن! ايڏيءَ آسانيءَ سان ربيا ٻٽا ٿيندا ڏسي، مان به پنهنجي نوٽ ۾ هٿ وڌو. هٿ وجهي وري هٿ ڪڍي ورتم، ڪجهه سوچي وري نوٽ ڪڍڻ لاءِ هٿ وڌايم. هڪ دفعو وري دل سان هنڊايم. نيٺ نوٽ ڪڍي کڻي پٽ تي اڇليم. داءُ لڳو. ڏهه ته ڪونه مليا، الٽو پنج به چٽ! ڳوٺ وڃڻ جي بجاءِ مان موٽي اچي پريس ۾ پهتس. داءُ جو غلط پئجي ويو! ان ۾ رمون مڪرانيءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟

* * *

رمون مڪراني دراصل سکر جي عوامي مشاهيرن مان هو. اخبارن، ڪورٽن، عملدارن ۽ عام ۾ جيترو رمونءَ جو نالو وڳو ٿي، اوترو نه ميان پير بخش جو هو، نه سائين ڪرم علي شاهه جو، ۽ نه پيرزادي عبدالستار جي والد جو. هر وقت پَئي ڪاڏنهن نه ڪاڏنهن خبر پوندي:

رمونءَ اڄ فلاڻي جو ڪيسو ڪتريو...

رمونءَ اڄ فلاڻيءَ جي يار کي چاقو هڻي ڪڍيو..

رمونءَ جي جوا جي ٽڪري اڄ پڪڙي...

رمونءَ اڄ صوبيدار صاحب کي منهن تي چٽي چڙيو..

رمونءَ اڄ پوليس واري کي منهن جي لپاٽ هڻي ڪڍي...

رمونءَ اڄ ايڏو فساد ڪيو آهي جو 'بي' ٺاڻي جو سڄو پوليس گارڊ اوڏنهن ويو آهي...

رمونءَ اڄ پکي سر ويهن ماڻهن سان چڪري ڪاڏي آهي...

رمونءَ اڄ ايس. پي صاحب کي منهن تي چڙهي گاريون ٻڌائي آيو...

رمونءَ کي اڄ پوليس ٻڌيون ٿي وئي...

---

(١) روزانه "ستاره سنڌ" 1934ع ۾ سکر مان اسان ٻنهي پائرن ڪڍي. 1937ع تائين هلي. 1936ع کان 1937ع تائين هفتيوار هلائيسي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رمونءَ کي اڄ ماجسٽريٽ ٽيپ ڏني...

رمونءَ اڄ جيل مان ڇٽي ويو..

رمون جواري هو، پتي باز هو، ٽڪري باز هو، چاقو مار هو ـ سکر جي سڄي شهر تي سندس رعب هو. غريب آباد ۽ شڪارپوري روڊ تي جڻ سندس حڪومت ۾ هئا. نالو ڪن پيو، ڏڪڻي وٺي وينديءَ! لنگهندو ڏسبو، لونءِ ڪانڊارجي وينديءَ! مطلب تہ ايڏو خراب، ايڏو بدمعاش، ايڏو لوفر ـ ـ ليڪن ايترن سيہ ڪارنِ هوندي سندس ڪردار ۾ ڪيترائي روشن پهلو بہ هئا. واعدي جو پڪو، زبان جو سچو، دوستيءَ جو پختو ۽ وقت تي سر ڏئي ڇڪڻ جهڙو. يتيمن جو دوست، رنن زالن جو واهرو ۽ مددگار. رمونءَ هائو ڪئي ڇڻ پٿر تي ليڪو اچي ويو. ڪنهن کي اوَلي پئي، رمونءَ کان مدد گهرندو... رمون پئسا ڏيندو، گهر ٻار وڪڻندو ۽ سر بہ اچي ڏيندو. زمين آسمان هڪ ڪري بہ ضرور سَوليَ ڪندو. ڦريندو انهن کي هو جيڪي انهيءَ جي لائق هئا، چاقو انهن کي هڻندو هو جيڪي چاقو هڻڻ جا مستحق هئا. ڪيسا انهن جا ڪتريندو جن وٽ ناڻو هوندو. اهي ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون خوبيون هيس، جو اڄ انهن مان هڪ ـ ٻہ بہ جيڪڏهن سنڌ جي اميرن ۽ وزيرن ۾ هجن ها، تہ هوند اسان ايترو نہ خوار ٿيون ها، نہ خراب ٿيون ها، نہ محڪوم ٿيون ها، نہ محتاج ٿيون ها. اسان جا وزير جي 'رمون مڪراني' ٿي پون ها تہ ڪنهن کي طاقت هئي، ڪنهن کي مجال هئي، جو اسان ڏي اک کڻي نهاري سگهي! اُها اک نہ نڪري وڃيس ها!

***

پنهنجي وزيرن ۽ سياستدانن کان جو دل ڏکويل هئي تہ رمون مڪرانيءَ جو ڪردار بہ اکين اڳيان ڇي ويو، ورنہ ڪيڏانهن اسان جا وزير باتدبير ۽ ست ڪَلا سياستدان، ڪيڏانهن اسان جو رمون مڪراني، جيڪو ويچارو ٻوءِ بہ ڇڙو ”عامي ماڻهو“ ئي هو. بهرحال ڳالهيون ٿي ڪيونسي مرحوم نظر علي خان جون ـ ـ هڪڙي ٻچاڙيءَ جي ڳالهہ ٻي بہ ٻڌائي ڇڏجي ـ

سکر جي هر تڪائي ۾ روزانو شام جو ڪڻاهہ پرشاد تيندو هو. ڪيترائي غريب غربا اچي اُتان پيٽ ڀري ويندا هئا. انهيءَ خيراتي خوراڪ ۾ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪونہ هو. هندو بہ اچي ونندا هئا تہ مسلمان گداگر بہ. شري ساڌ ٻيلي جو ڪڻاه سڀ کان سٺو ۽ سيني کان لسني هو. دال، حلوو، پُوري

۽ ڪچڙي نهايت صاف ۽ سوادي. جيڪو ايندو، اڻ ميو ملندو، بلڪ هڪ اڌ پاپڙ ۽ ڪنڻ ذرو بہ مٿانس رکي ڏيندا.

سالن کان اهو دستور هليو ٿي، ليڪن اسان کي خبر ڪانہ هئي. هڪ ڏينهن امير جان شام جو پنگ پيڻ ساڌ ٻيلي ويو، ۽ موٽندي ڪٺاهہ پرشاد بہ پاڻ سان ورتيون آيو. رات جو نظر علي خان ۽ مان بسم الله ڪري ان کي واپرايو - نهايت لذيذ ۽ دلپسند! آغا ديؤ ڪري، بہ - ٽي اوڳرايون ڏئي، جڏهن الله جا شڪرانا بجا آندا، تڏهن پڇيائين:

"آغا منهنجا، ڪيئن ٿو پائين؟"

"آغا، واه جو ڪاڏوسي!"

"واهہ ڙي امير جان واهہ!"

بس اُهو ڏينهن اُهو ڏهاڙو - ان کان پوءِ اسان جو گذارو گهڻو ڪري شري ڪٺاه پرشاد تي ٿيندو هو. ماني بہ سٺي، پيسو بہ خرچ ڪو نہ ۽ بلڊ پريشر ۾ ڍسيل پرهيز جي بہ عين مطابق! علاوه ازين انهيءَ مينوءَ ۾ دعوت شيراز بہ شريڪ هئي، يعني دال سڳوري، جيڪا ڪاري مرچ جو ٻُرڪو ڏئي ڏيندا هئا! ان کان زياده نظر علي خان خدا کان ٻيو ڇا ٿي گهريو! -- ليڪن اهو معاملو دوستن احبابن کان بلڪل مخفي رکيو ويو. پڇاڙيءَ تائين ڪنهن کي خبر ڪانہ پئجي سگهي تہ سکر جي هنن "فرزندان اسلام" جو، جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيا پيا وسائن، زياده تر گذر شري ساڌ ٻيلي جي ڪٺاهہ پرشاد تي آهي!

اسان ٻنهي پائرن جڏهن "ستاره سنڌ" ڪڍي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پئسي پائيءَ جي ٻاڙائي هوندي هئي، تہ امير جان جو اهو ئي صدري نسخو اسان لاءِ بہ تير بهدف ثابت ٿيندو هو. هڪ دفعي تہ ساندهہ ڏيڍ مهينو ڪن انهيءَ روزگار ۽ رزق تي گذارو ڪندا رهياسي. انهيءَ ئي زماني ۾ محمد امين خان کوسو اچي اسان وٽ رهيو. چيائين ڪجهہ ڪو نہ، ليڪن دل ۾ ضرور حيران هوندو تہ هر روز رات جو دال، ڪچڙي، حلوو، پاپڙ، پوريون ۽ ڪنڻ! آهي تہ پڪ ڪا غيب جي ڳالهہ!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 4

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تو اَدب آهي، تا ٻنڌائن ٻَڌِي وَڌِين؛
ڪَلَ نہ پيڙءِ ڪَاءِ، اُصولي اِسَرار جي.

ـ سچل

ڳالهہ شروع ڪئي هئيسي سکر جي مشاعري جي، جنهن ۾ نظر علي خان جو بہ نالو اچي ويو ۽ بہ چار ڳالهيون ان جون ذهن تي تير آيون، جيڪي ڪري ورتيونسي. جنهن صورت ۾ ذڪر مشاعري جو آهي، تنهن ڪري اِن کي 'رعايت لفظي' سمجهڻ گهرجي.

مشاعري جي مقرر ڪيل تاريخ اچي وئي. سنڌ مان ڪيترن شاعرن پنهنجا غزل ٽپال رستي ڏياري موڪليا. سکر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جي شاعرن مان ڪيترا پنهنجي سر هلي اچي مشاعري ۾ شريڪ ٿيا -- خادم، فقير، نياز، سرور، ضامن، جوش ۽ ٻيا ڪيترا نوان پراڻا سخن سنج. سکر جي تاريخ ۾ اهو پهريون مشاعرو هو. ٽائون هال اندر ٻاهر صفا پرجي ويو. پير رکڻ جيتري جاءِ بہ ڪانہ رهي. شهر جا سيئي معزز، ميونسپل ڪائونسلر، سرڪاري ڪامورا، ۽ ڪي ٻڌڻ جا شوقين تہ جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي کان بہ اچي پهتا. ڪن ذاتي دوستن کي شاعر بہ پاڻ سان ورتيون آيا هئا. مطلب تہ ايترو انبوهہ، جو اسان کي قطعي ان جو وهم گمان ڪونہ هو. هال جون سيئي دريون کوليون ويون، تاڪ وراندي ۾ ويٺل ماڻهو بہ ٻڌي سگهن. لائوڊ اسپيڪرن جو رواج ڪونہ هو، تنهن ڪري پڙهندڙن کي پنهنجي آواز وڌائڻ لاءِ نڙيءَ ۽ ڦڦڙن تي ياڙٺو پوندو هو. بهرحال هرڪو منجهائنئن مستفيد اهڙي طرح ٿي ٿيندو هو، جهڙيءَ ريت هاڻي لائوڊ اسپيڪر ذريعا پيا ٿين.

سکر جي بزرگن لاءِ هي پهريون موقعو هو، جو مشاعرو ڏسي رهيا هئا. اڄيون سونهاريون ٿي ويون هين، ليڪن راڳيندڙن کان سواءِ شاعر جو ڪلام خود شاعر جي وات مان ڪڏهن ڪونہ ٻڌو هيائون. ڪين پڻ انهيءَ ڳالهہ جو اچرج هو. صدارت جي ڪرسي محمد اسحاق ستي ماجسٽريٽ والاري هئي. مشاعري جي مقبوليت جو اهو وڏي ۾ وڏو ثبوت هو، جو ڪرم علي شاهہ سائينءَ جهڙي عادتي صدر پهريون دفعو غير جي صدارت ۾ ويهڻ قبول ڪيو، ورنہ ڪنهن کي مجال جو سائين بہ هجي ۽ صدر ڪو ٻيو ٿي وڃي! نہ فقط اهو يزيد ۽ شمر جي اولاد ۾ اچي ويندو، بلڪ سڄو جلسو ئي سندس ياداشت ۾ ڪوفي جي قطار ۾ لکجي ويندو. سکر جي "انجمن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسلام" جو هڪ دفعي غلطيءَ سبب ميان پير بخش صدر چونڊجي ويو، تہ سائين يڪدم ان مان استعيفيٰ ڏئي "انجمن" جي "ن" کي زير اضافت ڏئي، "انجمنِ اسلام" تيار ڪري، ان جو صدر بڻجي ويهي رهيو! پاڻ مرحوم انجمن جي نالي ۾ زير اضافت جي بجاءِ "ي" لکندو هو، يعني "انجمني اسلام" جنهن کي ڏسي سندس مخالفن مشهور ڪيو هو تہ سائين ڪرم علي شاهہ واري 'انجمني' درحقيقت ميان پير بخش جي 'انجمن' جي گهر واري آهي. سائين ڪيترا ڏينهن سخت ڪاوڙيو رهيو، جنهن بعد ئي 'ي' ڪڍي، زير اضافت آندي وئي!

مشاعري جا آداب ڪهڙا ٿيندا آهن، دستور ڇا ٿين ٿا، مشاعرو ڇاکي چئبو آهي، سکر جي معززين کي ان جي ذرو ہيت ڪانہ هئي: البت ريلوي گوديءَ جا چند مکيہ ملازم سکر براج جا ڪي سروير ۽ انجنير، يا لاڙڪاڻي وارا اسان جا دوست چندان واقف هئا. باقي ہين سين لاءِ سڄو تڪساڏ بلڪل نئون هو. حيرت ۾ هئا تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي!

"سبحان الله! اَجي سبحان الله!"
"واه واه کيا کهنا جناب!"
"ارشاد، حضور ارشاد!"
"اجي مکرر فرمائيے! سبحان الله!"
"والله کيا زبان هے!"
"کيا تخيل هے!"
"کيا مِصرع کها هے، والله جان ڈال دي!"
"کيا اُٺان هے، سبحان الله! سبحان الله!"
"اجي وه واه! وه واه!"
"کيا کهنا، کيا کهنا!"
"غضب کرديا!"
"حضور يہ شعر ڦر عنايت هو!"
"سبحان الله! سبحان الله!"
"اجي مصرع کے تيور تو ديکهئے!"
"آسمان پر پهنچا ديا!"
"اجي کيا کهنا!"
"غضب ڍا ديا هے، غضب!"

انهيءَ هڙبونگ مان پلا سکر جا پلارا ڇا ڄاڻن. سيئي پريا مڙس، سبُ سنجيدا، مانيٽا، با وقار ۽ وضعدار، وڏي مان ۽ سومان سان ڪرسين تي ٺُڪ ڪڍيون وينا هئا. جڏهن ڪو شعر سمجهہ ۾ آين ٿي، يا " واهہ واهہ" جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شور ٿيو ٿي، تہ هنن جي چهري تي ان وقت چڙو مشڪ نمودار ٿي ٿي، گويا اهو سندن پسنديدگيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو اظهار بہ هو ۽ ساڳئي وقت اردو بازن جي انهيءَ هلڙ بازيءَ تي طنز بہ. ڪيڏو نہ سهڻو، سنجيدو ۽ شريفاڻو اهو اظهار هو! انهن ڪان هَٿَ متي ڪٽي " واهہ واهہ" ڪرڻ، يا ڪرسيءَ تان اٿي اٿي " مڪرر! مڪرر!!" پڪارڻ نہ پڳو ٿي، نہ هنن اُن کي آداب مجلس يا جلسي جي احترام جو سبب سمجهيو ٿي. هاءِ! هاءِ! ڪيترا نہ موچارا ماڻهو ۽ ڪيڏا نہ شاندار شخص هئا! وقار ۽ عظمت جا پيڪر، متانت ۽ سنجيدگيءَ جا مجسما. هر هڪ پنهنجي جاءِ تي جڻ شانَ، مانَ ، عزت ۽ آبروءَ ۽ خوديءَ ۽ خود داريءَ جو ٽَڪَرُ پئي معلوم ٿيو!

* * *

سائين ڪرم علي شاهہ ـ بوسڪيءَ جي سائي پڳ، جيڪا سنڌ ۾ سيدن جي نشاني آهي؛ چينا سلڪ جو گلي بند ڪوٽ، ويسٽ اينڊ واچ ڪمپنيءَ جي ٿهيل سني ۽ قيمتي گهڙي کيسي ۾، جنهن جي زنجيري ڪوٽ جي بٽڻ ۾ پيل ۽ انهيءَ جاءِ تان منجهس قطب نما پيو لڙڪندو، ڪوٽ اگرچہ گلي بند، ليڪن شيرواني نمونو نہ ـ اِهي شيرواني انهيءَ زماني ۾ اسان وٽ رائج ڪونہ هئا، اهي فقط انهن ميراثن يا طبلچِن جي بت تي ڏسبا هئا، جيڪي پنجاب يا لاهور مان پنهنجا طائفا وٺي، زميندارن جي وهانوَن وڏائن تي ايندا هئا! هتي اسان وٽ اصل پوشاڪ ۾ تہ ڪشادو وڏو پيراهن، ۽ ان جي هيٺان اچي محموديءَ جي صدري، جنهن ۾ کيسا، پيراهن مٿان ڪلهن تي چادر يا لنگي، سياري ۾ زريءَ پريل ٻانهن سان سرج، بخمل يا بانات جون صدريون. پوءِ جڏهن انگريز آيا، تہ شارٽ ڪوٽ جو رواج ٿيو. جڏهن ترڪن سان خلافت سبب محبت وڌي، تہ اهو ڪوٽ استعمال ۾ آيو، جنهن کي سلطان پهريندا هئا يا " شير پلونا" عثمان پاشا کي پيل هوندو هو. انهيءَ جو نالو ئي "ترڪش ڪوٽ" هو. ڪالر ڪليل، پنيان چاڪ ۽ چيلهہ تي پنيان پٽي. انهيءَ ۾ اڳتي هلي، ٿوري ڦير ڦار ڪري، سنڌ جي مسلمانن گلي بند ڪوٽ ٺهرايو، جيڪو هر خاندان ۽ شريف جڏهن ٻاهر نڪرندو تہ پائي هلندو هو. اهڙو ئي ڪوٽ سائينءَ کي بہ هوندو هو. وڏو ڳاڙهو رومال، چُرَ تي ـ ڪڏهن هٿ ۾ ڪڏهن ڪلهي تي ـ ان جي هڪ ڪنڊ ۾ سون جي ڏند کوٽڻي ۽ ڪن کوٽڻي ٻڌل. وار ٻَتوان، شڪل نوراني، سنهاري سفيد ـ جهڙو فرشتو پيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳي! هالن جو جنديءَ لٺل وڏو هاسو (عصا) هٿ ۾ ! پر خاص موقعن کان سواءِ هميشه هٿين خالي . شرفائن جو دستور اهو ئي هو. لڪڻ کڻڻ ڪسر شان ۽ وضع داريءَ جي خلاف سمجهندا هئا. لڪڻ فقط پوليس وارا کڻندا هئا يا اهي جن کي شرفا ٽَروُ سڏيندا هئا. مجلس ۾، عيدن تي، وڏي ننڍي ڏينهن، محفلن ۽ جلسن ۾ هميشه هاسو (۱) هٿ ۾. چنانچه سکر ۾ ٻيٽي پير بش مرحوم ۽ سائينءَ جو هاسو ايترو ئي مشهور هو، جيترو معصوم شاهه جو منارو.

عبدالغفار پيرزادو ـ ننڍي فرينچ ڪٽ سنهاري، ترڪي ٽوپي، بٽر فلاءِ ڪالر تي ٽائي، ڪوٽ سوٽ. بٽر فلاءِ ڪالر انهيءَ زماني ۾ گهٽو ڪري هاءِ ڪورٽ جا وڪيل استعمال ڪندا هئا. آخر ۾ ان جو استعمال فقط، خدا وڏي جمار ڏئيس، اسان جي آءِ. آءِ. قاضيءَ تائين محدود رهيو. خان عبالحميد خان، مسٽر محمد ابراهيم سيلاٽو، ۽ سيٺ محمد اسماعيل ميونسپل ڪائونسلر ـ خوجن جي پاڙي جو بزرگ صفت معزز، ترڪي ٽوپي، سوني فريم سان چشمو، رنگ جو پڪو، ڏاڙهي صاف، مڇن جي سنت ورتل، هيٺ تي پجامو، بت تي قميص ۽ شارٽ ڪوٽ، جنهن ۾ سوني زنجيريءَ سان واچ.

احمد علي خان عليگ ـ ترڪي ٽوپي، سٽڻ قميص، شارٽ ڪوٽ لڏڻ مڙس پيو لڳندو. سٽڻ جا ور چُٽيل. هلندو ته چڻ مور پيو معلوم ٿيندو. سٽڻ ڏاڍي نهندي هيس.

غلام نبي خان بروهي، شڪل صورت جو به جنسي بروهي، سفيد ۽ ڳاڙهو، جنسي گٺول ـ خوبصورت چهرو، ننڍڙيون سهٽيون مڇان، مٿي تي ڪُلي مٿان پشوري لنگي ڏاڍي سهٽي نموني ٻڌل، سٽڻ قميص، شارٽ ڪوٽ، لٽا هميشه سنا ۽ صاف. کلندو ته سندس موتين جهڙا اڇا ڏند، سندس دل جي صفائيءَ تي پيا گواهي ڏيندا.

غلام نبيءَ جو نالو اچي ويو، ته سندس وڏي ڀاءُ ۽ منهنجي محبوب دوست ۽ سنڌ جي مشهور مضمون نويس ۽ مصنف خان رحيمداد خان يعني

---

(۱) سنڌ ۾ هٿ جا اوزار هي هئا:

هاسو، عصا، لڪڻ (جنهن کي عام ماڻهو 'لهڪڻ' سڏيندا هئا)، لٺ، لوڙهه (باس جنهن تي لوهه جا ڇلا هيٺئين حصي تي چڙهيل هوندا هئا)، ڏنڊو (جنهن کي الائي جو، پر 'مولا بخش' به سڏيندا هئا)، ڏنڊي، سوٽو، سوٽي، داسو، ڏنڊڪي (جيڪا وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ لياقت علي خان هٿ ۾ کڻندي)، گهوٻاٽو، مترڪو، مترڪي، ڇاپڙي، ڇهبڪ، ڇهو ۽ ڪهاڙي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حضرت مولائي شيدائيءَ ڏي وجي خيال پيو ۽ يڪدم سندس مضمون اچي اکين اڳيان بيٺا، جن جي خاص خصوصيت فقط اها هوندي آهي، جو عنوان مضمون کان جدا ۽ مضمون بيٺن کان علحدو هوندو آهي! سندس مضمون جا اهي ٽي اجزاءِ ترڪيبي هڪ ٻئي کان ايترو دور ۽ غير متعلق هوندا آهن، جيترو ڪيترن سالن کان مولائي ۽ مان، يعني مان ڪراچيءَ ۽ هو سکر ۾، وچ ۾ ٽن سو ميلن جو مفاصلو.

* * *

سکر اسٽيشن جي سامهون ڪبي هٽ تي نگاهہ ڪبي، تہ ٽڪر جي اُتاهون سکر جو عيد گاهہ نظر ايندو. انهيءَ جي پاڇي ۾ ۽ سردار محمد علي جان (١) جي ڪوٺ سان لڳو لڳ، بروهين جو هڪ خاندان رهندو هو. نهايت شريف، معزز ۽ محترم. حاجي شير محمد خان گارڊ اسان جي زماني ۾ زنده هو. رٽائر بہ اسان جي اڳيان ڪيائين، حج بہ اسان جي وقت ۾ ڪيائين ۽ فوت بہ اسان جي هوندي ٿيو. نهايت نيڪ ۽ پرهيز گار شخص. انهيءَ جو پٽ علي بخش گارڊ، وجيهہ ۽ والد وانگر نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت. اجا بہ حال حيات آهي. انهيءَ جو ڀاڻيجو آهي اسان جو مولائي شيدائي. ڏاڍو مزيدار ماڻهو، ڏاو دلچسپ ۽ بيحد دلپسند شخص. جڏهن اسان جي شناسائي ٿي، ان وقت سندس جوانيءَ تي چوڏهينءَ جو چنڊ اپريل هو. مضبوط، صحتمند ۽ نهايت سرخ سفيد، ملازمت اهائي ماماڻن واري، يعني ريلوي گارڊ. گهر ۾ هوندو تہ بہ سڄو وقت کل ۽ خوشيءَ ۾ جي ريل ۾ هوندو تڏهن بہ نچندو ڪڏندو، بابُن

(١) سردار محمد علي جان ۽ سردار طاهر محمد خان افغانستان جي شاهي گهراڻي جا اهي بہ فرد، انهيءَ قافلي مان ڇڄي اچي سکر ۾ مقيم ٿيا، جيڪو خانہ جنگيءَ سبب سردار محمد ايوب جي سرڪردگيءَ هيٺ اچي انگريزن وٽ پناهہ گزين ٿيو هو. منجهانئن ڪي ديرادون ۾، ڪي لاهور ۾، تہ ڪي ڪراچيءَ ۽ سکر ۾: منتشر ۽ پکڙيل، سرڪاري پينشن تي گذارو. 1934ع تائين مرحوم محمد علي جان اسان سان ملندو رهيو. ڪوشش ۾ هو تہ خاندان سميت موٽي افغانستان وڃي. نادر خان سان لکپڙهہ ۾ هو. ياد نہ آهي وڃي پهتو، يا پڻ سکر ۾ فوت ٿيو. سردار طاهر محمد تہ سکر ۾ فوت ٿيو. مان ۽ نظر علي خان 29-1930ع ۾ وٽس ويندا هئاسين. (سردار محمد علي جان نيٺ افغانستان ويو، چند سال ٿيا سندس وڏو فرزند تهران ۾ افغاني ايمبسيءَ جي ڊنر تي مون سان مليو، پاڻ سڃاتائين، اچي قرب سان مليو، سنڌيءَ ۾ ويهي ڪچهري ڪئيسي، سيئي ايراني خواه افغان دوست اچرج ۾ پئجي ويا.)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان چرچا، پئسينجنرن سان لطيفا ۽ ڪوُلين سان يوڳ ڪندو، ٽڙا نڪاءَ هٽندو، هتان ڪوٽريءَ ۽ ڪوٽڙيءَ کان سکر جو پنڌ ائين کل خوشيءَ ۾ ڪاٽي ايندو، ڄڻ ڪنهن وهانوَ تي ويو هو! مطلب تہ سندس تنهن چوٽي جوان هئي ۽ جوانيءَ جي رڳ رڳ ۾ موج ۽ مستي هئي. ڏک، غم، رنج ۽ فڪر نہ خدا ڏيکاريو هيس ۽ نہ سندس طبيعت ئي اهڙي هئي، جو انهن جو تاثر قبول ڪري. مون کي ياد آهي، سندس والد وفات ڪئي، انهيءَ زماني ۾ اسان روزانو شام جو سئنيما تي ويندا هئاسي، انهيءَ ڏينهن بہ پروگرام هو، ليڪن اوچتو صبح جو پرئي مڙس رحلت ڪئي! ڪفن دفن کان پوءِ جڏهن شام جو پٽر تي وينا هئاسي، تڏهن سُري اچي ڪن ۾ چيائين:

”بابو تہ ويو الله ڏي!...

”وري تہ موٽندو ڪونہ !...

”توڙي اسان گلم تي وينا رهون، توڙي اسان امپيريل سئنيما جي ڪرسين تي هلي ويهون! ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي!“

”اڙي هي مهمان ڇا چوندا؟ تنهنجا عزيز ڇا چوندا؟ مون کي شرم ٿو اچي!“ کيل جو وقت ٿيو، تہ زوريءَ گهلي هليو. ٻئي ڏينهن غلام نبيءَ کلي چيو:

”ڏسين ٿو مولائيءَ جا ڪم!“

”اڙي، بابي جي پٽر ڪرڻ لاءِ تون ئي ڪافي آهين.“ مولائيءَ رڙ ڪري چيو، ۽ ياڪر پائيندي، مون کي چيائين:

”اڄ بہ هلنداسي!“

”هائو، اڄ بہ هلنداسي!“

ڏک ڏکڙا ڪونہ، ڪلهن تي نہ بوجهو نہ بار، زمانو سنو، سڀ سهولتون ۽ سهنج، تڏهن تہ ايڏيون الغرضايون هيون، جو پيءُ مري تہ بہ پرواهہ ڪانہ. ڏينهن چرچي يوڳ ۾، سانجهيون سيرن ۾ يا سئنيمائن ۾، ۽ راتيون رنگ محلن جي وچ ۾. سگريٽن لاءِ ڪاغذ ۽ ڪئپسٽن جي تماڪ جو ٽين خريد ڪري ٺاهيندو ياڻ هو. چوندو هو تہ جڏهن بازار ۾ ڪئپسٽن تماڪ ملڻ بند ٿي ويو، تڏهن سمجهبو تہ انگريز موڪلايو! آخر جنگ لڳي، مال اچڻ ۾ دقتون پيدا ٿيون، جنهن ڪري ڪيتريون شيون بازار مان غائب ٿي ويون، جن مان ڪئپسٽن تماڪ بہ هو. مولائي هر ڪئي نہ تر، يڪدم ريلوي جي جنرل مئنيجر کي تار ڪيائين، جنهن جو مطلب اهو هو تہ ـــ انگريز لڙائيءَ ۾ ختم ٿي ويو ٿو ڏسجي، سندس شڪست جا آثار ظاهر ٿي چڪا آهن،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئپسٽن جو تماڪ بازار مان ختم ٿي چڪو! جنرل مئينجر انگريز ۽ انگريز جنگ جي معاملي ۾ ڏاڍو ڪچو پريل ڦٽُ. هيڏانهن ريلوي ملازم، ۽ اها تار! ڪن ٻه ڳاڙها ٿي ويس. حضرت مولائي شيدائي فوراً سسپيند. ان ڪان پوءِ چارج شيٽ ۽ ان ڪان پوءِ ڊسمس ـ مابخير شما بسلام. اهڙيءَ طرح چرچن ڪندي نوڪري وڃائي ويهي رهيو (١).

اسان جي پاڻ ۾ جڏهن ملاقات ٿي، ان وقت مضمون نويس نه بلڪ ڪتاب بين ۽ اخبار بين هو. تاريخ ۽ ادب سان دلي دوستي هيس. اسان جو

---

(١) منيلا ڪان موٽي اچڻ بعد مون خط لکي ڪانئس ڪي سوال پڇيا، جن جو جواب پنهنجي انهيءَ اريبلي انداز ۾ ڏنائين، جنهن کي هوبهو هت ڏئي رهيو آهيان، جيئن بطور يادگار محفوظ رهجي وڃي:

23 ـ جولاءِ 1960ع ـ مخدومي و مرشدي پير صاحب، دامة فيوضه. گرامي نامو اڄ گهٽي عرصي کان پوءِ مليو، يارن جي يادگيريءَ لاءِ شڪريو... توهان سڀُورن جي سوالن جا جواب هن طرح آهن:

1 ـ شراب مان ڪونه پيئندو هوس پر بيئر پيئندو هوس.

2 ـ والد منهنجو مرحيات ڪامياب زندگي بسر ڪري فوت ٿيو، اسان جي پرورش ڪيائين، تعليم ڏيارئائين، جاءِ جوڙائي ڏنائين، اهڙي انسان جي فوت ٿيڻ تي خوشي ڪجي يا غم؟ ڇا منهنجي روئڻ رڙڻ سان جيئرو ٿي پوي ها؟ هرڪو اهائي واٽ ورتيون ويندو، فقط سمجهه جو فرق آهي.

3 ـ منهنجي مضمون ۾ بي ربطي واقعي آهي، پر سنڌ جي اديبن مان مولائيءَ کي ڪڏي ڦٽوڪندين ته ناانصافي چئبي. اهڙيءَ بي ربطيءَ هوندي، ريلوي جو ماڻهو ٿي ڪري، فيلوشپ حاصل ڪرڻ ـ توکي ته گهرجي ڪو طلائي تمغو انعام ڏي... مبارڪ چئبي بي ربطي... خود اوهان سڀُورن جو چوڻ آهي ته مولائي حيات جاويد آهي! توهين پاڻ قدرت جا جوهري آهيو. تو ته وڏو انعام ڏنو آهي يعني مولائي مسڪين کي محقق لکيو اٿوَ! ڇا؟ فخر ڪريان يا بي ربطيءَ جو ماتم ڪريان؟

4 ـ چلولائي مون ۾ ناهي، انداز رندانه آهي... گهر واريءَ تي "رتن بائي"(محبت ڪان) نالو رکيم... يارن جي فوت ٿيڻ تي روئڻ ڪري اڄ سندس اکيون بي نور آهن. پر مون لاءِ ساٿي آهي. مرندڙن لاءِ مان پڻ ڪونه روئيندو آهيان. زالن جي دل ڪمزور ٿيندي آهي. غرض ته روئيندي رهي. هن جو ڪهڙو ڏوهه! يار جوانيءَ کي پهچندا ويا ۽ الله گهرائين. دنيا ۾ بعض اهڙا صدما پيش اچن ٿا جن جو اثر رهي ٿو، قلندر الله ڪانسواءِ بيو ڪجهه نه جاڻي. هوالاول، هوالاخر، هوالظاهر، هوالباطن! وڌيڪ اوهين مرشد آهيو!

5 ـ جڏهن توهان ماستر محمد بخش جي فوٽوءَ لاءِ لکيو هو، هو ان سال گذاري ويو. سيٺ اسماعيل زندهه ـ "جو بيچ کاتا هے دلق بوذر اور چادر زهرا". احمد علي هن سال جي شروع ۾ گذاري ويو، ابراهيم سيلاتو به ـ چار سال ٿيا گذاري ويو، ڊاڪٽر محمد يامين اڳئين سال حج ويو مڪي ۾ گذاري ويو، حاجي شير محمد کي وفات ڪندي اڄ (هلندڙ)

تي ـ چار ٿهڪ ڏئي، پوءِ پيو گهر ويندو. 1934ع ۾ جڏهن اسان ”ستاره سنڌ“ ڪڍي، تڏهن مولائيءَ کي مان قاضي صائد اندليسيءَ جو ”طبقات الامم“ (اردو ترجمو ـ قاضي اختر مرحوم) سنڌي ترجمي لاءِ ڏنو. سندس ترجمي جون ٽي ـ چار قسطون ”ستاره سنڌ“ ۾ شايع به ٿيون، ليڪن اهو سلسلو جلد بند ٿي ويو. جيتري قدر مون کي ياد آهي، مولائيءَ جو اهو پهريون نوشتو هو. ان کان پوءِ آهستي آهستي تاريخ جي مختلف عنوانن تي هن مضمون لکڻ شروع ڪيا ۽ آخر ۾ اسان جي هوندي ئي هن پنهنجو پهريون ڪتاب ”تاريخ بلوچستان“ ڇپايو.

سالن پڇاڻان ڪجهه سال ٿيا ته ڪيس سکر وچي مليس. مرجهايل. ڪومايل، رنگ ڦڪو، صحت ۾ ڪمزور، اها توانائي ۽ تندرستي ٿي ڪانه جنهن جي آڌار ۽ آسري تي سکر جي انڌيرن راتين ۾ رنگ پرچي ويندا هئا!

”مولائي، هي ڇا؟“

”بس حسام الدين، زمانو آهي!“

اولاد فوت ٿي وئي، گهر واري پوڙهي ٿي چڪي ـ دائم المريض، قوت گذر ۾ ڪشادگي ڪانه، سڄو سکر ويران، سڄو محلو غير آباد؛ تکر جي بلنديءَ تي هڪ ڪنڊ ۾ ننڍڙي ڳاڙهي جاءِ، ان جي جنهن ڪوٺيءَ جو دروازو سڙڪ ڏي کُلي ٿو، ان ۾ هڪ کٽ ۽ هڪ ڪتابن سان پريل ڪٻاٽ، ٻٽ اگهاڙو، اڃا ليکر پنا رکيو، اسٽيل کي ڪاريءَ مس مان ٻوڙيو، وينو صبح کان سانجهيءَ تائين مولائي شيدائي قلم هلائيندو ـ متعلق غير متعلق موضوعن تي، دلچسپ ۽ غير دلچسپ عنوانن تي، بلوچ کان خاصخيليءَ تائين، سنڌ کان مراڪش تائين، مصر کان ايران تائين، هندستان کان جاپان تائين ـ پيو قلم جا گهوڙا ڊوڙائي ۽ مضمون لکي ـ جنهن جي مضمونن جي سؤ فيصدي خاص خصوصيت هيءَ آهي ته عنوان هڪ ته مضمون منجهن مرڳوئي ٻيو. شاهه جا

(آندل) انسانن ۾ اميدون رکڻ شيوه قلندريءَ جي خلاف آهي. خوشامد ۽ پڙوت ڪرڻ وارا اوهان کي خبر آهي ته اڄڪلهه سرمايه دار ٻڌجي ويا آهن. مان قناعت جي دامن کي هٿان نه ڇڏيو آهي. بهرحال اوهان جيڪي سوال پڇيا آهن ۽ فوٽا (تنهن لاءِ) ڪِرايو، سگريٽ، سئنيما، اهڙين ناز بردارين جي رقم مون ڏانهن موڪليو. بشرطيڪ پهريان هڪ قميص ۽ ڪانچ سبرائيندس پوءِ ٻاهر نڪرڻ جهڙو ٿيندس... شال خداوند ڪريم اوهان کي سدائين سلامت ۽ شاد آباد رکي، آمين. ميان ڪرم علي شاهه 23 ـ مئي 1942ع جو وفات ڪئي.

ـ تنهنجو شيدائي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيت پنج هجن يا پندرهن، انهن مان هڪ جو بہ ربط نہ عنوان سان نہ نفس مضمون يا ان جي ڪنهن گوشي سان ـ الله ڪيس ايڏي عمر ڏئي، جو مان ڪيس هزارين دفعا ڏسان ۽ سائس ڳراٽيون پائي ڳالهايان!(١)

***

قصو ٿي ڪيوسي انهن بزرگن جو، جيڪي ٿڻ ڪديو مشاعري ۾ وينا هئا. وچ ۾ مولائيءَ جو مذڪور بہ موقعو هٿ لڳو تہ ڪري ورتوسي.

ڊاڪٽر محمد يامين ـ خالق جڏهن سندس خمير تيار ٿي ڪيو، تڏهن اخلاص ۽ محبت جي جنس جيڪا بہ وٽس موجود هئي، ان ڪي هن تي استعمال ڪري ڇڏيائين. باقي جيڪو اگر تگر يا جيڪا مير سير بچيل هئي سا بئي هنِ هُن جي خمير ۾ ڪتب آئي. انهيءَ ڪري ئي تہ ڊاڪٽر صاحب سراپا اخلاص ۽ محبت هو، سچو سچ، سارو سون. دوستي تڪي توري نہ ڪندو هو ۽ نہ وري ڪنهن مقصد يا معاملي ڪي پيش نظر رکي پريت ڳنڍيندو. بس، دوستي ٿي، وري ان ۾ ڦير ڦند نہ ٿيندو نہ ايندو. ڏاڍو معصوم ۽ محبوب. ڪم سوال ۽ ڪم ڳو. حد درجي جو خوددار ۽ نيڪ ڪردار. هو ٻاهريون، پر پنهنجن ڪان بہ بہ قدم اڳتي. سچي زندگي سکر ۾ گذريس. دندان سازي، "دعوت اسلام" (٢)، اسلامي جلسا، قومي تحريڪون،ميونسپل معاملا ۽ شهر جا مسئلا ـ هر حال ۾ هر هنڌ ترڪي ٽوپي، شارٽ ڪوٽ ۽ پجامي ۾ موجود. پنهنجو مقصد ڪوبہ ڪونہ. محض خدمت خلق جي خاطر، اسلامي جي خاطر ۽ ذاتي دوستن جي خاطر. اسان سان محبت تيس. بلا ناغي هر شام جو ايندو، لڙيءَ سومهياڻيءَ تائين وينو هوندو. جيڪو ڪم شروع ڪبو، ان جي حسن قبح ڪي ڪونہ جاچيندو، اڻ پڇو وچ ۾. دوستن تي ايڏو اعتبار ۽ اعتماد! اسان جي هن مشاعري جو بہ مکيہ ڪارڪن پاڻ بڻيو هو. اسان فقط پولي جي پچ ڪي ٻاهہ ڏني هئي، ٻيا سڄا مٿا ڪٽا ڊاڪٽر پاڻ ٿي ڏنا. جڏهن مشاعرو ڪامياب ٿي ويو، تڏهن ڇڙيءَ شابس جي بہ خواهش ڪانہ. بس هش ۾ خوش، دوست راضي رهن، هن جي لاءِ جڻ سيڪجهہ ٿي ويو. هاڻي تہ غريب پوڙهو ٿي ويو هوندو. ڪيترا سال ٿي

(١) هاڻي تقريباً قريب المرگ ۽ بستري داخل آهي، هوش ۽ حواس ڪونہ اٿس. خدا ڄاڻي ڪيترا ڏينهن دم اٿس. (6 اپريل 1977ع)

(٢) پهريون هفتياور هئي پوءِ روزاني ڪيائين، جنهن بعد بند ڪري ڇڏيائين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويا ڪيس ڏني! اهي ڏينهن اهي شينهن، وري ميلو ئي ڪٿي ڪونہ ٿيو !(١)

عبدالرحيم ڪرل. نئون نئون وڪيل، آغا حسن عليءَ جي بساط جو مکيو مهرو ۽ اسان جو مٺو دوست (٢). ڊِڪ جي پينٽ، سلڪ جو ڪوٽ، مٿو اگهاڙو، ائين لوڏ ڪندو ايندو ڄڻ ڪو وڏو موالي ميخاني مان پيالا پيون پُر ٿيو پيو اچي. اڄ تہ توبهہ بہ ڪئي اٿائين ۽ مٺ ڪان وڌيڪ ڏاڙهي بہ اٿس، مڃن جي سنت بہ ورتل اٿس - انهن ڏينهن ۾ نہ فقط ڏاڙهي ڇٽ بلڪ هر شيءِ هيٺ مٿي هئي. آفيس " سنڌي" اخبار جي پر ۾، رهائش اسماعيل جي احاطي ۾ هڪ بالاخاني تي. آفيس ۾ يا گهر ۾، اصيلن کان گهڻا دوست ويهاريون ويٺو هوندو هو.

عبدالحميد مرزا - اسان جي سنگت جو وڏي ۾ وڏو رڪن، يارن جو يار، دوستن جو دوست، هر وقت خوشدل . مرزا ڇئي ڪٿي بس ڪر! ڪڏهن ڇڪو چاڙهيندو تہ جهٽ اکيون ڳاڙهيون ٿي وينديس ۽ ويٺو روئيندو، گناهن کان ويٺو توبهہ ڪندو، الله جي خوف کان ويٺو ڏڪندو. خمار لٿو، تہ ڄڻ ماڻهن جهڙو ماڻهو، نہ اکين ۾ لڙڪ، نہ توبهہ، نہ خوفِ خدا! بجلي گهر واري انجنير مسٽر ايرانيءَ جو اسسٽنٽ، رنگ جو پڪو سانورو، نڪ نقشي جو بيحد خوبصورت، خاص طرح اکيون غضب جون. سفيد ڊِڪ جي پينٽ، سفيد ٿولِ جي قميص، ان تي هلڪي ميٽائين يا گيڙو رنگ جو ڪوٽ، ترڪي ٽوپي بنان ٽاٽ جي. سڄي ڄمار هڪ ڪٽ ۽ هڪ وضع جي پوشاڪ ۾ ڏٺو ويو. ڪڏهن رنگين لٽو يا شوخ رنگ پسند ڪونہ آيس، ليڪن پنهنجي سر مزاج جو نهايت رنگين ۽ طبيعت جو ڏاڍو شوخ. موٽرسائيڪل هينيان، اکين تي اُس جي عينڪ، چروٽ وات ۾ - هر هيڏانهن پيو ايندو، هر هوڏانهن پيو ويندو. سڄو ڏينهن متحرڪ، جهٽ لڳندس تہ اچي چار چونڪ ڳالهين جا ڪري ويندو. سنگت جي حقيَ ناحقي ڪمن جو مهندار، پوءِ ڪم ڪهڙا بہ هجن، ڏينهن جا هجن خواه راتين جا. مرزا صاحب موجود. مشاعري ۾ بہ سڀن کان اڳ ۾ موجود. ائين ويٺو هوندو، ڄڻ شاعر جيڪي پڙهي رهيا آهن، سو درحقيقت ٺاهيل سندس هو ۽ شاعرن فقط سرقو ڪيو آهي!

محمد يعقوب صديقي - براج ۾ هيڊ ڪلارڪ، اصل شڪارپور جو،

(١) ڏسو گذريل صفحن ۾ شيدائيءَ جو خط.

(٢) جنهن وقت مان اهي اکر منيلا ۾ (20 جولاءِ 1960ع) لکي رهيو آهيان، هو ان وقت ڪراچيءَ جو سيشن جج آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليڪن ملازمت سبب رهيو هميشه ٻاهر. سال ٿيا ڏٺي. خبر نہ آهي تہ جيئرو آهي يا اهو بہ راه رباني وٺي ويو! سنگت جو مکڻ، دل جو نيڪ. سکر ۾ جيڪا اسان جي مخصوص سنگت هئي، ان جا چار رڪن هئا، ميرزا، يعقوب، قدرت الله، ۽ ڊاڪٽر محمد الدين. ڊاڪٽر يامين کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. قدرت الله وجيهہ جوان، هو رينج فاريسٽ آفيسر ، ليڪن مٿو لکن تي گسندو هيس. محمد الدين ريلوي اسپتال جو انچارج هو، سڀيءَ سنگت جو دوا درمل مٿس، ان ۾ اهڙو مستعد جڻ زر خريدو ٻانهو، هر وقت ٽيلهو هٿ ۾، ۽ اسٽيٿڪوپ ڳچيءَ ۾، ”السلام عليڪم“! جيسين بيمار چاڪ نہ ٿيندو، تيسين جڻ پاڻ بيمار هوندو. محمد يعقوب کي بہ ڇُڪي جي ڇُسڪي هئي، ان جو بہ اهڙو ئي حال ٿيندو هو، جهڙو ميرزا جو، ايترو خدا جو ڊَرُ جو وضوءَ تائين بہ ڪونہ ترسندو، اٿين ئي الله اڪبر ڪري نماز ۾ بيهي ويندو! ميرزا جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي پاڻ بہ روئي ويهندو. ڪڏهن ڪڏهن رقت زور وٺندي هين، تہ هڪ ٻئي کي ڳراٽيون وجهي، پاڻ ۾ ويهي پار ڪيندا هئا. مشاعري ۾ اِها سڀي سنگت موجود، بلڪ سڀي تمام کي جڻ مٿي ڏيندڙ ئي اُهي هئا.

قاضي محمد سومر ـ سکر جو عجيب و غريب ماڻهو، پنهنجي ڪردار جو واحد نمونو، وڏو تجربيڪار، عقل جو افلاطون، سرد گرم چشيده بلڪ گرگ باران ديده، دماغ ۽ اکيون هر وقت متحرڪ، ذهن ۾ سئو سال آئنده جي سوچ، اکين جي نگاهہ سئو ڪوهہ تائين پٺي مستقبل ڏسندي. زبان ڳالهائڻ ۾ مصروف هوندس، ليڪن اکيون ايڪس ري وانگر پيون اندر جي جاچا لهنديون! ماڻهو وک کڻندو، قاضي محمد سومر پرکي وٺندو تہ ڪهڙي پاڻيءَ ۾ آهي. اهو ئي ڪارڻ هو، جو سڀيءَ زندگيءَ ۾ ڪيس ڪنهن بہ ڌوکو ڪونہ ڏنو. سانس ڪوبہ چالاڪي ڪري ڪونہ سگهيو، پوءِ هو سياسي ليڊر هجي چاهي قومي ورڪر يا ڪو ڪامورو. اڃا وار، اڇيون مڇون ليڪن قينچيءَ سان ڪتريل، سونهاري صفا، بنان ٽاٽ واري نرم ترڪي ٽوپي مٿي تي، لڪڻ هميشه هٿ ۾. سياري ۾ هڪ قديمي مشهدي لنگي، ۽ مفلر ڳچيءَ ۾ پنهنجي پاڙي جو مک بلڪ سڀي سکر جو ايڏو ضروري فرد، جو تيسين ڪوبہ ڪم سُٽڙ نہ ويهندو، جيسين قاضي صاحب وچ ۾ نہ ايندو. جيسين جيئرو رهيو، تيسين ڪيس ميونسپل اليڪشن ۾ ڪوبہ ڪيرائي ڪونہ سگهيو. سول ڪورٽ، سيشن ڪورٽ، سٽي ڪورٽ، ميونسپل آفيس، اهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس جولانگاهہ هيون. سندس سموريءَ زندگيءَ جي وسيع تجربن جو نچوڙ هيءَ مقولو هو: ” بابا! شال هِنَ هٿ جو ڪم هِن هٿ ۾ نہ پوي!“ انڊين پينل ڪوڊ، ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ، ۽ سول لا جو ياد حافظ ـ ايتري مهارت، جڻ ناهيا ئي پاڻ هئائين! صلاح اهڙي ڏيندو، جو مرليڊر (١) جو بہ مٿو پيچي چڏيندو. انگريزن جي مخالف جيڪا بہ تحريڪ هوندي، ان کي حقارت سان ڏسندو هو. باقي سماجي يا اسلامي تحريڪ، جنهن ۾ جيل وڃڻ جو جوکو نہ هوندو، ان ۾ سڀن کان اڳ ۾ اچي شريڪ ٿيندو. اخبار پڙهندو هو، اهڙيءَ طرح جڻ قرآن جو دور ٿو ڪري، سرَ سان ۽ جهوٽي جهوٽي! شعر شاعريءَ سان اصل واسطو وجهہ ڪونہ، نہ وري ڪا پروڙ ٿي هيس. پر مشاعري ۾ اهڙيءَ طرح ڪانءِ ڪڍيون ويٺو هو، جڻ اهو سڄو سلسلو سندس سهاري هيٺ بلڪ سندس ئي اعزاز ۾ ٿي رهيو آهي.

مياں عبدالله شيخ شينهن وارو (٢) ـ قد جو بندرو، خضاب لڳل سنهاري، مٿي تي پشوري لنگي اچيءَ ٽوپيءَ مٿان ڏاڍي وٽندڙ نموني جي ٻڌل. پري کان ايندو، پاڻئبو تہ جڻ باغ ۾ پيو ٽلي، يا ڪو گهوٽ پيو اچي! آهستي آهستي، قدم قدم، وک وک. ميونسپل ڪائونسلر ۽ شهر جو مکيو ماڻهو، طبيعت جو ڏاڍو سٻاجهو ۽ بيحد خوددار ۽ عزت پسند. اتي هر گز قدم نہ رکندو، جتي سندس سبڪي ٿيڻ جو احتمال ۽ امڪان هوندو. سائين ڪرم علي شاهہ ۽ مياں صاحب اهڙا دشمن جهڙا چانڊيا مگسي، جتي هڪ هوندو اتي ٻيو پير نہ پائيندو، پر مشاعري ۾ ٻَئي موجود! انهيءَ کان وڏيڪ مشاعري جي ٻي ڪهڙي ڪاميابي ٿيندي!

* * *

مياں عبدالله ۽ سائين ڪرم علي شاهہ جو بيان ڪندي، چانڊين مگسين واري مشهور چوٽي سامُهن اچي وئي. ضرورت آهي تہ ان تي ٿوري روشني وجهي، پوءِ اڳتي وک وڌائجي.

چانڊيا ۽ مگسي سنڌي بلوچن جون بہ وڏيون قومون آهن. چانڊين جو سردار نواب غيبي خان هو ۽ مگسين جو قومي سردار نواب قيصر خان مگسي هو، جنهن جو هڪ فرزند گل محمد خان ”زيب“ فارسيءَ جو صاحب

(١) شڪارپور جو وڪيل، جنهن جو سڄيءَ سنڌ ۾ نالو ۽ ڏاڪو هو.

(٢) سکر جي مشهور ولي الله جي درگاهہ، جنهن جو متولي مياں عبدالله مرحوم هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ديوان شاعر تي گذريو آهي ۽ ٻيو فرزند مير يوسف علي مگسي مرحوم بلوچي تحريڪ جو رهنما هو، جنهن ڪوئيٽا جي زلزلي ۾ شهادت پاتي. چانڊين جي نواب جو وٿاڻ قنبر ڊويزن ۾ ديري غيبي خان ۾ آهي ۽ مگسين جو مرڪز شهداد ڪوٽ جي مٿان جهَل جو شهر آهي.

ويهين صديءَ جي پهرين ڇئن پنجن سالن ۾ ٻنهي قومن جي ماڻهن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. تڪرار وڌندي وڌندي، فردن مان وڌي وڃي قبيلي تائين پهتو، جنهن ۾ ٻنهي قومن جا سردار بہ شامل ٿي ويا. ٻنهي طرفن جا سوين خون ٿيا. آخر 1919ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر N. H. HAY سرحد تي منزل ڪري، صورتحال کي وڃي جاچيو. ان کان پوءِ سندس دفتردار شيخ غلام محمد شڪارپوريءَ تڪرارن جا سمورا جزئيات گڏ ڪيا. جنهن کانپوءِ ٻنهي سردارن مشير چونڊيا، جن کي ڪليڪٽر گڏ ڪري فيصلو ڪرايو. هڪ طرف جو مشير هو نواب سردار بهرام خان مزاري رونجهاڻ وارو ۽ ٻئي طرف جو مشير ٿيو نواب مير اعظم جان، جيڪو ان وقت قلات اسٽيٽ کان ٻاهر نڪتل هو ۽ پوءِ پيءُ جي مرڻ بعد تخت نشين ٿيو، جنهن جو پٽ نواب احمد يار خان قلات جو موجوده نواب آهي (١).

مشيرن جي فيصلي مطابق ڏوهہ مگسن ڏانهن ٿيو ۽ چانڊيا بيگناهہ ثابت ٿيا. حڪومت انهيءَ ڏوهہ هيٺ قيصر خان مگسيءَ کي سرداريءَ تان لاهي، سندس پٽ گل محمد خان کي ويهاريو ۽ ڪيس ملتان ۾ زندگيءَ تائين نظربند ڪري ڇڏيائون. انهيءَ تڪرار تي بلوچڪيءَ ۾ بہ ڪيترا نظم عوامي شاعرن چيا، جن منجهان مون کي سنڌي زبان ۾ ڪنهن سنڌي شاعر جي چيل نظم پراڻن دفترن کوٽيندي ملي آهي، جنهن ۾ مگسن جي گلا ۽ چانڊين جي تعريف ٿيل آهي. چند شعر نموني لاءِ ڏجن ٿا ـ

## چانڊين ـ مگسين جو تڪرار

1 - صاحب رب سميع ستار، سيد مڙني جو مهندار، جنهن جا آهن چارئي يار،
پنجتن تي آهہ پيار ـ ٻڌ چانڊيي ـ مگسيءَ جو تڪرار!

2 - غيبي خان نواب امير، صاحب رئيس خوش سرير، داتا آهي دلپذير،
قائم رهندو قربدار ـ ٻڌ چانڊيي ـ مگسيءَ جو تڪرار!

3 - سنڌ بلوچن جو سردار، نالي نرمل ٿيو نروار، مرسل سندس مددگار،

---

(١) هي واقعو مون سر پٽي کان ٻڌي لکيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد لهندو ان جي سار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
4 - السخي حبيب الله چون، بخيل لاءِ باهہ چون، تفسير مفسر ائين لکن،
دنيا آهي مڙهہ مردار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
5 - جيئن آهن جوڌا جوان، ڪمي تنهين آهي ڪانہ، موليٰ مٿن مهربان،
پرور جو ٿيو تن تي پيار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
6 - هڪڙا حاڪم هرجا آهن، پوڙ پلاوَ خورش کائين، سيد پير فقير نپائين،
موليٰ دشمن تن جا مار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
7 - مگسي بہ آهن مرد مولائي، دلبر آهن شير خدائي، ماني تن وٽ آهي اجائي،
مٺا مڙني منهن موچار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
8 - تڪر تڪر زمين وارا، لوڪ ساري پر همت وارا، اچا توڙي آهن ڪارا،
وہ واہ عجائب تن ڪينڪار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
9 - هاري آهن مرد خدا جا، مشفق آهن شاہ و گدا جا، داتا دان ڏنا تن واہ جا،
چانديا چوکا ٿيا چوڌار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
10 - اتر آرڙہ ہر هر جا حاضر، عقل فضيلت جا بہ اڪابر، ڪن تا سيڪنهن خاصي خاطر،
مهمانيءَ جا مرد مٽار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
11 - لچ پريا سڀ غيرت وارا، ڪم سندن سڀ طاقت وارا، سيئي آهن لياقت وارا،
پاڙي اڪا پرت پچار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
12 - لنب لغور کي ڪير تو پڇي، عجب ڪهاڻي ڪونہ ڪر ڪچي، سچ چوندي يار رسي،
تہ بہ سهٽا آهن يار سچار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
13 - چڏ تون پچر تنهين جي هاڻ، معروف آهن تن اهڃاڻ، سيڪنهن کي ٿي تن پڇاڻ،
ظاهر ڪر تون خبرچار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
14 - چانديي ۔ مگسيءَ جو تڪرار، مشهور آهي خبرچار، لکل ناهي هڪ لغار،
جهيڙو تازو ٿيو تيار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
15 - طرف پهريون غيبي خان، ثاني ڏر هو قيصر خان، ٻئي نواب امير جوان،
جرگوشروع ٿيو الهہ توهار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
16 - پري پري جا حاڪم آيا، سنڌ پنجاب مان صوبا آيا، امير امراءُ جوان سڏايا،
نواب هرڪو ناليدار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
17 - مسٽر غلام محمد جو، مقرر ڪارڻ جرگي ٿيو، فيصلو ساري رات هليو،
خلق ڪني ٿي بيشمار ـ ٻڌ چانديي ـ مگسيءَ جو تڪرار!
18 - پوليٽيڪل صاحب آيو، ديوي جنهن جو نام چوايو، بيشڪ هو سرت سوايو،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿتي چڪيون هيون، سي ايامن تائين جڙي نہ سگهيون. جيسين وڏا جٺرا هئا، تيسين دلين تان مير نہ لٿو.

چانڊين مگسن واري چوٽي سنڌ ۾ انهيءَ واقعي جو يادگار آهي.

جڏهن ٻن جي دشمني ٺاهہ جي حد کان مٿي چڙهي ويندي، تڏهن چئبو آهي - ” چانڊين - مگسن وارو وير اٿن!“ تڪرار تيندو آهي، ٺاهہ جي ڪوشش ڪندي، پريا مڙس اچي وچ ۾ پوندا آهن، چوندا، ”ميان، اوهان ڪي چانڊيا مگسي آهيو ڇا؟ نهو ڇو نہ ٿا؟“ ٻہ وڙهيل هوندا، وير ۽ عداوت جو بيان ڪبو تہ چئبو - ” ٻئي پاٽي ۾ چانڊيا - مگسي آهن.“ سنڌي ادب ڪي اها چوٽي سوَن انسانن جي ڪشت و خون ڏياري آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 5

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ سي وڙَن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هنئڙو مون لوڻُ ٿئي.
- شاهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گذريل صفحن ۾ ذڪر ڪيل ڪن بزرگن کان علاوه بہ ڪيترا مشاهير مشاعري ۾ موجود هئا، ليڪن سال ٿي ويا، اڄ ڪٿي ٿا سيئي نالا ياد اچن! خبر نہ آهي، هاڻي ٽائون هال جي صورتحال الاهي ڪهڙي آهي! ان زماني ۾ ڊگهي ميز وچ ۾ پيل هوندي هئي ۽ ان جي چوڌاري ڪرسيون ۽ ڪرسين پٺيان ڪرسيون - اهڙيءَ طرح سڄو هال مائٽن سان ٽمٽار.

مشاعري ۾ پهريون پيغام پڙهيا ويا، پوءِ ٽپال ۾ موڪليل غزل ٻڌايا ويا، ان کان پوءِ آيو مقامي شاعرن جو وارو؛ مهمانن کي پوءِ تي رکيو ويو. اهو ئي مشاعري جو دستور هو ۽ ان تي ئي عمل ڪيو ويو. جڏهن مهمانن جو وقت آيو، تڏهن پنهنجي واري تي حضرت "نياز" صاحب لاڙڪاڻوي بہ اُٿيو. اڄ سوٽ ۾ هو ۽ ترڪي ٽوپي بہ اها جيڪا راڪوين (١) هيس. پنهنجي خاص دستور مطابق پهريون کنگهڪر، پوءِ سيئي کيسا ڳولي آخر هڪ مان ڪاغذ ڪڍڻ، عينڪ اکين تي رکي، مشاعري تي هيڏي هوڏي نظر ڦيرائڻ، ۽ وري هڪ کنگهڪر ڪري ڪاغذ کي مٿان کان وٺي هيٺ تائين اچاتري انداز ۾ ڏسڻ - ان کانپوءِ صدر صاحب ڏانهن جهڪي ڪانئس اجازت طلب ڪرڻ. ڪنهن ڪونہ ٿي ڄاتو تہ ڪا قيامت برپا ٿيڻ واري آهي، ڪو طوفان ڪڙڪو ٿيڻ وارو آهي، ۽ ڪو اهڙو زلزلو اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ هال جي سڄي ڪائنات هيٺ - مٿي پئي ٿيندي، زير و زبر پئي ٿيندي. سيئي مطمئن هئا تہ ضرور ڪو عشقيہ غزل پڙهندو، زلفن جا پيچ ۽ فراق جا روڄا، جفائن جون ڳالهيون ۽ معشوق جي مظالمن جا داستان بيان ڪيل هوندا. ڪنهن ڪونہ ٿي ڄاتو تہ سيني جا وار ڪڙا ٿي ويندا، سيني جي ٻت مان سيسراٽيون نڪري وينديون ۽ سين جي اکين مان بي اختيار لڙڪ ڪري وڃي سندن جهولن ۾ پوندا. فارسيءَ ۾ قدسيءَ جي مشهور نعت آهي، جنهن تي فارسي ۽ اردوءَ جي ڪيترن ئي شاعرن مخمس چيا آهن. اها نعت ايڏي مقبول آهي، جيترو "بوصيريءَ جو "قصيدو بردو" يا ڪعب بن زهير جو "قصيدو بانت سعاد".

---

(١) يعني خاص موقعن تي استعمال ڪرڻ لاءِ رکيل شيءِ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها نعت ڏاڍي جذبي ۽ جوش مان چئي وئي آهي ۽ جن شاعرن ان تي مخمس چيا آهن، انهن بہ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو آهي - اچ ” نياز“ بہ ان تي مخمس ناهي آيو هو. مخمس چيا هو، جڻ هيجان پئجي ويو. پهرئين بند پڙهڻ سان ئي صبر ۽ سڪون جا بند ٽٽي پيا، هال جي هوا ئي بدلجي وئي، رنگ ئي اوور ٿي ويو، جڻ گهڙيءَ ننڊ مان ماڻهن کي ڪنهن ڏونڊاڙي اٿاري ڪڙو ڪيو. پڙهڻ جو انداز هونءَ بہ مرحوم جو سيني ڪان نرالو هو، ليڪن هاڻي تہ نمونو ئي اور اختيار ڪيو هئائين. ڏاڍو جانبدار ۽ جذبو آڻيندڙ. لفظ لفظ ۽ اکر اکر ۾ ساھہ وجهي ڇڏيائين. هڪ هڪ ترڪيب، هڪ هڪ محاوري، هڪ هڪ بندش کي چٻي چٽي، اهڙيءَ طرح بيان ڪيائين، جو ماڻهن جي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وئي. هڪ هڪ بند تي هنگامو مچي ويو. هڪ هڪ بند هر هر پڙهيو ٿي ويو. سنڌي تہ هينئر ياد ڪانہ اٿم، ليڪن فارسيءَ جا مصرع اجهي هي آهن، جن کي مخمس ڪيو ويو هو:

مرحبا سيد مكي مدني العربي دل و جان ياد فدايت چہ عجب خوش لقبي
منِ بيدل بہ جمال تو، عجب حيرانم الله الله ! چہ جمالست بدين بوالعجبي
چشمِ رحمت بکشا سوئي من انداز نظر اي قريشي لقب و هاشمي و مطلبي
نسبتي نيست بذاتِ تو، بني آدم را برتر از آدم و عالم، تو چہ عالي نسبي
ماهمه تشنہ لبانيمَ، و توئي آب حيات رحم فرما کہ زحد ميگزرد تشنہ لبي
نسبت خود بہ سگت کردم و بس منفعلم زانکہ نسبت بہ سگ کوئي توشد، بي ادبي
عاصيانيم، ز ما نيکيء اعمال مپرس سوي ما روي شفاعت مکن از بي سببي
سيدي انت حبيبي و طيب قلبي
آمده سوئي تو قدسي پئي درمان طَلبي (١)

پيو بند جڏهن ختم ٿيو، ان وقت اسان جا بزرگ جيڪي هن وقت تائين ڏاڍي وقار ۽ تمڪنت سان ويٺا هئا، ۽ دل ئي دل ۾ صلوات سگوري ويٺي پڙهيائيون، پاڻ جهلي نہ سگهيا. حبيب جي تعريف، مٺي مرسل جي واکاڻ، پياري پيغمبر جي ساراھہ، مديني جي مير جو مذڪور! ڪنهن جي دل پٿر هئي؟ ڪير دل جهلي سگهندو؟ اکين مان ڳوڙها، زبان تي صلواة - هڪ

(١) هيءَ نعت قدسي مشهديءَ جي نالي تي مشهور آهي، ليڪن درحقيقت اِها قدسي دهلويءَ جي چيل آهي (ڏسو معارف ڊسمبر 1976) ”حديث قدسي“ ۽ ”صحيفه، قدسي“ جي نالي سان ہہ مجموعہ ڇپيل آهن، جن ۾ 119 اردو، فارسي ۽ عربي شاعرن جون تضمينون شامل آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيجان برپا ٿي ويو. ايڏو طوفان مچي ويو، جو ماڻهو دريون ۽ در پڇي زوريءَ اندر گهڙي پيا، ڳاهٽ لڳي ويا، سڄو انتظام ۽ مشاعري جي ساري تنظيم درهم برهم ٿي وئي.

خود شاعر جو پنهنجو عالم بہ عجيب ٿي ويو هو. آواز گلو گير، ڳلن تي ڳوڙها، هڪ مصرعي پڙهڻ کانپوءِ رقت ۾ يڪساهيءَ پڙهي ڪونہ ٿي سگهيو، وڏا وقفا وجهي پڙهڻ لڳو، دل جهلي، سامت ۾ اچي، ڳوڙهن کي ٻي، وَرَ وَرَ ڪيون ٿي بند پڙهيائين، مٿس بہ هڪ نشو چڙهي ويو هو، سندس روح کي بہ ڄڻ راحت ٿي رسي، لذت ۽ سرور ٿي آيس، شاعر اهڙي عالم ۾ وڃي رسيو هو، جتي هن کي سامعين جي پرواهہ ڪانہ رهي هئي، ڄڻ پاڻ لاءِ ٿي پڙهيائين، ان مان پاڻ ئي مزو ٿي ماڻيائين، پنهنجي تصنيف مان پاڻ ٿي حظ حاصل ڪيائين! اِهو اُهو وقت ٿئي ٿو، جڏهن شاعر سڄي ڪائنات سميٽي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي وجود کان ٻاهر ڪابہ شيءِ موجود نٿو سمجهي.

مان پنهنجي حياتيءَ ۾ ان کان پوءِ هندستان جا سوين وڏا وڏا مشاعرا ڏٺا، ليڪن اهڙو رنگ رچيل ڪٿي ڪونہ ڏٺم.

* * *

”نعرهء تڪبير!“
”الله اڪبر!“

ٽائون هال سڄو متي تي ڪٽي ڏنائون. سکر جي ويچارن اڻ پڙهيلن کي ڪهڙي خبر تہ هي اسلامي جلسو نہ آهي، هي نہ سکر جي ’انجمن اسلام‘ جو اجلاس آهي، نہ ’انجمني اسلام‘ جي ميٽنگ، نہ ڪنهن خلافتي ليڊر جي تقرير آهي، نہ ڪنهن سياسي رهنما جي اسپيچ. ليڪن هو غريب ڇا ڪن؟ هو تہ انهيءَ تي هريل هئا. هنن کان تہ هميشه اهي ئي نعرا هڻايا ويندا هئا. هر جلسي ۾ انهن کي اهڙن ئي نعرن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هنن کي عادت پئجي وئي هئي. مشاعري ۽ جلسي جي فرق سان ڪهڙو ڪم، شاعر ۽ مقرر جي تفاوت سان سندن واسطو ڪهڙو؟ هنن تہ اهو ئي سمجهيو تہ جلسي کي گرم رکڻو آهي، ماڻهن جي اکين مان ننڊ جو غلبو وڃائڻو آهي، ۽ اهي نعرا هڻائي مقرر جي عزت افزائي ڪرڻي آهي - صدقو وڃان سندس نالي تان، اسان وٽ الله جي نالي جو استعمال فقط اهو وڃي رهيو آهي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”زنده باد“ ـ جو انهيءَ زماني ۾ اڃا نالو نشان ڪونه هو. اهو ” الله اڪبر“ جو نعرو بہ خلافت ڪميٽيءَ نهڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ آيو، جڏهن تقريرن جي بهاني سان غير سنڌي ليڊرن کي سرحد اسٽيشن کان اورتي ٽپڻ جو موقعو مليو. سکر ۾ گرم گوديءَ جي پنجاپين، براچ جي غير سنڌي خلاصنِ، ۽ شهر جي چنيوٽي چرم فروشن انهيءَ نعري هڻڻ جا موقعا، محل ۽ مقام سمجهايا، ورنہ اسان ماڻهو مارو اهڙن پاڻن مان ڇا ڄاڻون؟ اسان کي کهڙي خبر تہ الله سائينءَ کي انهن ڪمن ۾ بہ آسانيءَ سان، بلا ڪنهن حياءَ ۽ حجاب جي، استعمال ڪري سگهجي ٿو!

* * *

قومي ورڪر جلسن جي معاملي ۾ ڏاڍا مشتاق هوندا هئا. اُبوجهہ مسلمان اڃي گڏ ٿيندا، معززن کي اسٽيج تي ويهاريو ويندو. باقي عوام هيٺ زمين تي. جلسي جي اندر مختلف جاين تي ورڪر ويٺل هوندا. ليڊر تقرير ڪئي، ۽ هڪ ڪنڊ کان آواز ايندو: .

”نعرهء تڪبير!“

مختلف جاين تي ويهاريل ورڪر ڪندا:

”الله اڪبر!“

انهن کي ڏسي عوام بہ ڪندو:

”الله ـ اڪبر ـ ـ!“

وڏيءَ لانڊ ۽ ليءِ سان.

تقرير شروع ٿيندي، ورڪر ويٺا عوام جي نبض جاچيندا، توري جذبات ۾ سستي آئي، قدري ماڻهو ٿڪا، يا هڪ اٿي گهر ڏي هليو، بس يڪدم ٿي ويندو:

”نعرهء تڪبير!“

هاڻي عوام بہ هريل هوندو، تنهن ڪري ورڪرن سان هم آواز ٿي، فوراً ڪندو:

”الله اڪبر!“

جلسي ۾ وري هڪ وار گرمي پيدا ٿي ويندي. هزارُ ڪو ڪڪ ٿئي، ڪيترو بہ ڪو ٿڪل هجي، پل تقريرن مان ڪيس ڪو مزو ڪونہ اچي، ليڪن ڪنهن کي بہ جرات ڪانہ ٿيندي تہ ’الله اڪبر‘ جا نعرا ٻڌي جلسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان اٿي ٻاهر وڃي.

مقرر جي عزت افزائي مقصود هوندي، هندوءَ کي گار ملندي، سياسي مخالفن جو ذڪر ايندو، بس نڪ تي ويندو ـ” نعرهء تڪبير!“ ـ ”الله اڪبر!“ جلسو جڏهن ختم ٿيندو، تڏهن به ليڊرن کي ”نعرهء تڪبير“ جي ذريعي جلسي گاهه کان ٻاهر آڻيندا، ۽ جلوس ڪڍي جلسي ۾ آڻيو هوندو، ان وقت به اهو ئي نعرو هڻندا ايندا. غرض ته ’الله اڪبر‘ جو نعرو ۽ چانهه جو هڪ ”پوٺيان ڪوپ“ اسان وٽ ٻنهي جي حيثيت هڪ ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته ٿڪ لاهڻ، اوجاڳي قائم رکڻ، بدن ۾ چستي ۽ جسم ۾ حرارت پيدا ڪرڻ جون خاصيتون ٻنهي ۾ هڪجهڙيون هيون!

اهو نعرو ايستائين البته مفيد رهيو، جيستين ان ۾ ”زنده باد“ شريڪ نه ٿيو هو. 1937ع کان پوءِ جڏهن اُن جو ايجاد ٿيو ۽ ان سان ” پائنده باد“ به ملايو ويو، تڏهن البته جيڪي صفراوي مزاج هئا، تن لاءِ اهو مرڪب سخت مضر ثابت ٿيو. اسان کي اجا ياد هوندو ـ مسلمانن جي پنجهتر هزار زالن جو ڪچي وڃي سکن جي هٿان پوڻ، اسان کي اڄ به ياد هوندو ويهن لکن مسلمانن جو ٻنان مقابلي، ڪٺي شهيد ٿيڻ، دهليءَ جي عام ڪوس ۽ پراڻي قلعي جي اجتماع کي به اسان ڪونه وساريو هوندو، هندستاني مسلمانن جو فرار به اجا ڪالهه جو داستان آهي، حيدرآباد پوليس ايڪشن يا جوناڳڙهه جي جهروڪ ۾ جهانءِ پوڻ دلين تي اڄ به نقش آهي، معين الدين اجميريءَ کان وٺي خواجه باقي بالله ۽ حضرت محبوب الاهيءَ تائينءَ سان تعلق ٽٽي وڃڻ به اجا تازي ڳالهه آهي ـ لال قلعي کان وٺي فتحپور سِڪريءَ تائين، جامع مسجد دهليءَ کان وٺي بنارس جي عالمگيري مسجد تائين، همايون جي مقبري کان وٺي تاج محل تائين، عليڳڙهه کان وٺي ديوبند تائين، ۽ ندوي کان وٺي دارالمصنفين تائين جيڪي اسان ورثا وڃايا، انهن جا داغ به اجا تازا آهن ـ انهن سيني حادثن جا اجزاءِ ترڪيبي اهي ئي ٽي نعرا آهن: ـ

” نعرهء تڪبير“

” الله اڪبر“

....................

”زنده باد“

....................

”پائنده باد“

* * *

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهي نعرا سياسي جلسن ۽ جلوسن جي زينت هئا. اسلامي جلسن ۾ جوش ۽ جذبي جاڳائڻ لاءِ، ٻڌندڙن کي تازه دم رکڻ کاڻ، واعظي مولوين صلواة جو نسخو ايجاد ڪيو هو. ڏسندا ته جلسي ۾ مانائي اچڻ لڳي آهي، ماٺهو ٿڪا آهن، ٻڌندڙن جي دلچسپي گهٽجڻ لڳي آهي، ته واعظ هڪدم پنهنجي واعظ کي فل اِسٽاپ ڏئي واڪو ڪندو:

" پڙهو مسلمان ڀائرو، مني محمّد تي صلواة سڳوري!"

" ادا ڀائرو، مديني واري مرسل تي درود شريف!"

" هاءِ! هاءِ!"

"الهم صلي عليٰ سيد نا مولانا محمد و آله و اصحابه"

" وري پڙهو!"

"ادا ڏاڍيان پڙهو!"

"هاءِ! هاءِ!"

"پياري پيغمبر تي!"

"صل الله عليٰ حبيبِ سيد نا مولانا محمد و آلِه و اصحابه والسّلام"

"برادران اسلام!......"

جلسي ۾ رونق اچي ويندي، هرڪو تازه دم ٿي ويندو، هر ڪنهن تان اوجاڳي جو اثر لهي ويندو، ۽ هر ڪو وري واعظ ڏانهن متوجهہ ٿي ويهندو! اهڙيءَ ريت ٻڌندڙ ويچارا صلواة سڳوري پڙهندي پڙهندي، واعظن جي ياوهِ گوئي، سندن بي سروپا ڳالهيون، ستهتر حورن جي هنج، سون غلمانن جي جهرمر، بهشت جا دلاسا، ۽ دوزخ جا دڙڪا، ماکِن جي لار، کير جون نهرون ۽ شربت جا تلاءَ، قصص الانبيا مان ورتل روايتون، گناهن جي گراني ۽ ثواب جي سستائي، ڪمزور روايتون ۽ من گهڙت حديثون ٻڌندي ٻڌندي سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيندا ـ مَسلمانن کي جيڪو پنهنجي نبيءَ سان نينهن آهي، انهيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، واعظ اهڙي نموني پنهنجا جلسا ڪامياب ڪري ڇڏيندا هئا! حقيقت ۾ واعظي مولوي صلواة سڳوريءَ کان سواءِ جلسي کي ڪامياب ڪرڻ ۽ ماٺهن ۾ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ ٻہ ٻيا ٻہ هٿيار ڪتب آڻيندا هئا. صلواة سڳوري بار بار پڙهائي، مسلمانن جي دلين ۾ رقت پيدا ڪندا هئا. ان کان پوءِ واعظ ڪندي ڀهريائين پنهنجو آواز گلو گير ڪندا، پوءِ اکين مان ڳوڙها وهائي، اهڙيءَ ريت واعظ جا پنج ڇهہ فقرا ڪديندا، جڻ روئيندي سندن زبان مان اهي ڪلما ٻيا نڪرن. صلواة سڳوريءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سبب دلين ۾ نرمي ۽ رقت تہ موجود هوندي، ويتر اهو ڏسي، مسلمانن جون دليون پِرجي اينديون. عين انهيءَ موقعي تي واعظي مولوي مولانا روم جو ڪو شعر سُرَ سان پڙهي چوندو: .

”او پائرئو، او مومنئو! مولانا فرمائي تو.....“

بيت جي معنيٰ سوز ۽ سُرَ سان ڪري ويندا، ۽ ان ڪانپوءِ زور سان عصا اسٽيج تي هٽي، واڪو ڪري، لانڍ منجهان چوندا:

”او ادا پائرو! ڊڄو انهيءَ ڏينهن کان، ٻيلي ٻؤ ڪريو انهيءَ گهڙيءَ کان!...

جڏهن سوا نيزي تي سج هوندو!
جڏهن قيامت جو ميدان ڪڙو ٿيندو!
او پيارا پائرو!
ان وقت ڪو ڪنهن جو مددگار ڪونہ ٿيندو!
پيءُ پٽ کان، پٽ ماءُ کان جدا ٿي ويندو!
ادا ٻيلي مومنئو!
خوف رکو، انهيءَ روز کان!“

اهو چئي، پاڻ بہ اوڇگارون ڏيئي روئڻ شروع ڪندو، ۽ ٻڌندڙن جي قلب کي بہ هن تدريجاً اهڙو رقيق ڪري ڇڏيو هوندو، جو هو بہ يڪدم روئڻ شروع ڪري ڏيندا. جڏهن جلسو انهيءَ ڪڙيءَ تي پهچندو، ان وقت واعظي هر هڪ قسم جي گناهہ ۽ گناهگار جي سزا جو نقشو ڪڍي ڏيکاريندو:

”اي پائرو!
اي مومن مسلمانئو!
اي منهنجا سڄڻئو!
اتر پاسي ڪنئون...!“

جلسي ۾ ڪو نوجوان سامهون ويٺو هوندو، تہ انهيءَ ڏي متوجهہ ٿي چوندو:

”او منهنجا يارڙا!
او منهنجا جوانڙا!
اتر ڪنئون!
اڳهاڙن مردن ۽ عورتن جو هڪ ٽولو ايندو:
ڳچِن ۽ پيرن ۾ زنجير هوندن!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

او منهنجا ياڙئو!
ٻنهي جا منهن دانگيءَ سان ڪارا ٿيل هوندا!
عورتون مردن جي ڪلهن تي سوار هونديون!
منهنجا دوستؤ!
خيال ڌئي ٻڌو!
ڪَنَ کولي ٻڌو!
هاءِ! هاءِ!"
اِتي واعظِ ٻه ٽي دفعا توبهون پڙي وڌندو...
"عورتن جا اندام مان پاڻي وهندو ايندو!
اهو سڌو مردن جي وات ۾ پيو ويندو!
اي مومن مسلمانؤ!
اهي انهيءَ پاڻيءَ کي چٽيندا ايندا!
ياڙئو!
خبر اٿو، اهو گروهه ڪهڙن گناهگارن جو هوندو؟
ٻيلي يار!"
نوجوانن تي نگاهه ڦيرائيندي، تمام وڏي آواز سان اڃل ڏئي چوندو:
"ٻيلي، اهي زاني هوندا!
او جن هن دنيا ۾ زنا ڪئي هوندي!
او ٻيلي، انهن جو حساب ڪتاب ڪونه ٿيندو!
اڌ رستن تان ئي ملائڪ ...
مومن مسلمانؤ!
او مديني جي مير جا امتيو!
انهن کي دوزخ ڏانهن وٺي ويندا!"
انهيءَ جاءِ تي پهچي، واعظيءَ جو آواز وري گلوگير ٿي ويندو -
"ٻڌو اٿوَ، مولانا روم ڇا ٿو فرمائي؟
از زنا اندر جهان افتد فنا.
او ادا!
از زنا اندر جهان... افتد فنا ..."
بيت لانڍ سان چئي، معنيٰ ٻه ساڳيءَ طرح سر سان ڪندو:
"پوندي فنا ... پوندي فنا ... پوندي فنا، منجهه جهان جي ڪنان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زنا جي!...

او ڪن ڏئي ٻڌو ... ڪنان زنا جي!"

اهو سڄو واعظ تمام سوز واري سر سان ٿيندو، جيڪو مونولاگ مٿي ڏنو ويو آهي، ان جي هڪ هڪ سٽ اهڙيءَ ريت چئي ويندي، ڄڻ مولانا روم جا مصرعا ٿا پڙهجن. جڏهن ٻڌندڙن جي دلين تي گناهن جي جزا ۽ سزا جو خوف ۽ هراسُ پوريءَ طرح ڇانئجي ويندو، ان وقت واعظي وري پهلو بدلائيندو:

"پائرئو، پڙهو صلواة سڳوري!

مٿي مير محمد تي!

الهم صل ـ الخ!

خبر اٿو منهنجا مومن پائرئو؟

حديث قدسيءَ ۾ آيل آهي! او پائو! ڪن ڏئي ٻڌو حديث قدسيءَ ۾!

جيڪو هڪ دفعو صلواة پڙهندو...

او مومنؤ !

جيڪو هڪ دفعو درود سڳوري پڙهندو....

ڪن کولي ٻڌو، منهنجا پائرئو!

جيڪو هڪ دفعو سهڻي نبيءَ تي ...

او! صلواة سڳوري موڪليندو!

او! ان جا ستر هزار گناهه معاف ٿي ويندا!

او منهنجا پائرئو، ستر هزار!

اي دوستؤ، ستر هزار گناهه! ستر هزار گناهه!!"

اتي وري ثواب جي ايڏي سستائي ڏسي، سڀن جي چهرن تي تازگي اچي ويندي... ۽ ٻه ـ ٽي دفعا زور سان درود سڳوري جو ورد ڪيو ويندو. واعظي 'ادا!' 'او!' ۽ 'دوستو!' جي اکر تي زور ٻه ڏيندو ۽ لانڍ سان ٻه چوندو!

الغرض ٻڌندڙن کي بيم و رجا ۾ رکندو، اميد ۽ خوف جي عالم مان کين گهمائيندو، ڪڏهن روئاريندو، ڪڏهن ڏيڇاريندو، ڪڏهن ڪڏهن دوزخ جي ڏرڪن ۽ گناهن جي عذابن کي ٻڌي مايوسيءَ ۽ خوف سبب جيڪا مٿن اڪتاهٽ آيل هوندي، انکي لطيفن ۽ ٽوٽڪن ذريعي دور ڪندو، آڌيءَ ڪانپوءِ وڃي پنهنجي واعظ کي پورو ڪندو.

***

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏو واعظي اهو ليکيو ويندو، جيڪو زياده روئاري سگهندو، جنهن جو آواز سريلو هوندو، جنهن کي گهڻا بيت ياد هوندا، جنهن جيءِ اکين ۾ هر هر پاڻي ايندو، جنهن جو هر هر آواز گلو گير ٿيندو -- بس ان جي مقبوليت جي حد ڪانہ هوندي. 'فتوحات' بہ انهيءَ کي گهڻي ملندي.

پيشہ ور واعظن جي معيشت جو سچو دارومدار انهن واعظن تي هوندو هو. واعظ ڪرڻ بعد انهن کي چندو ڪري، جيڪا رقم ڏني ويندي هئي، ان کي سنڌن اصطلاح خاص ۾ "فتوحات" چيو ويندو هو. ان کان سواءِ کين واعظ ختم ٿيڻ بعد لُنگي پوتي بہ ڏني ويندي هئي. هونءَ تہ سڄو سال پيا سنڌ جي مختلف شهرن ۾ واعظ ڪندا هئا، ليڪن "رجبيءَ" جو مهينون واعظن لاءِ خاص طرح مخصوص هو. مهينن پاند اڳواٽ انهن جي واعظن کي رزرو ڪيو ويندو هو، تاريخون مقرر ڪيو وينديون هيون، ۽ ٽيهہ ئي راتيون جدا جدا هنڌن تي واعظ ڪري، چڱي چوکي "فتوحات" جمع ڪندا هئا. ڪن واعظن جا تہ نهيل تڪيل گراهڪ هوندا هئا. انهن وٽ ڪوبہ بيو واعظي وجي نہ سگهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪي مالدار وڏا جلسا ڪرائيندا هئا، تہ انهن ۾ سنڌ جي مختلف واعظي مولوين کي هڪ جاءِ تي بہ گڏ ڪيو ويندو هو. ڪن خاص خاص مولوين جي فتوحات جو تعداد مقرر ٿيل هوندو هو، ان کان گهٽ قبول ڪونہ ڪندا، چاهي واعظ ٻڌڻ وارا ڪيترائي غريب چو نہ هجن. انهن واعظي مولوين لاءِ مذهبي عالم هجڻ جي هرو ڀرو ضرورت ڪانہ ٿيندي هئي. انهن لاءِ "حڪايات الصالحين" ۽ قصص الانبيا" جهڙن چند ڪتابن جو پڙهڻ ڪافي هو.

* * *

"مولانا، ڏي خبر؟"

"ڳالهہ نہ پڇ، اصل پُنجَ ٿي ويا!"

"نيٺ؟"

" چار سو نقد، هڪ وڳو، هڪ وهڙي (١)!"

اک پٽي، پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ وٺي، ان کي زور ڏئي چوندو:

"ڳالهہ ڪجاءِ نہ ڪنهن سان!"

رنگ جو سانورو، قد جو منڌرو، پور ڪاري ڏاڙهي، سٺڻ هيٺ، بت

(١) ان لڳل ڳئون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي چولو، ڪلهي تي پوتڙو رکيون، سوتي پشوري بلو رنگ جي لُنگي هٿ ۾ لوڏيندو، ٽِڪڻ ڪڍيون، صبح صبح جو سويل ريل مان لهي، اچي ڪرسيءَ تي ويهي، ٻَئي ٽنگون بہ ان تي رکي چوندو:

”جهٽ ڪر، چانهہ پيار، تہ ڳالهہ ٻڌايانءِ!“

”ڀَلي ٻڌاءِ!“

”استاد بيهہ تہ. نَرَڙُ نُرَڙُ تہ ڏي!“

وري اک ڀڃي، هٿ کي زور ڏئي چوندو:

”ماٺ ڪر! اصل ڀَنُج تي ويا!“

”ڪاٿئون مولانا؟“

”ميرپور ساڪري منجهئون!“

”خدا جي مار پوئي، ايستائين بہ وڃي پهتين؟“

”اهي تہ پنهنجا ٻالڪا آهن!...

”ها! ها!! ها!!!“

ڏاڍيان وٺي ٽهڪ ڏيندو.

اهو هو مولانا مولي محمد قمر دين (قمرالدين) المعروف بہ حضرت ”واعظ الاسلام“ ساڪن منگي شريف (١)، جيڪو سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ واعظ ڪندو هو، ۽ سندس واعظن جا پروگرام ’الوحيد‘ ۾ ڇپبا هئا، جن کي پڙهي ماڻهن تي تمام گهڻو اثر پوندو هو، ۽ سندس مقبوليت ۽ اهميت کي محسوس ڪري هر ڪو ڪيس پاڻ وٽ گهرائي پيو واعظ ڪرائيندو هو. نهايت منو ماڻهو، خوش خلق، خوش مزاج، صاف گو، عالمن وارو ٺلهو مخرج ڪونہ. ماڻهن وانگر ماڻهو، سنگت جو ڏاڍو سچو، جنهن سان

---

(١) منگِن جو شهر تعلقي ڳڙهيءَ جي انهيءَ آخري اولاهين حصي ۾ آهي، جيڪو رتيديري تعلقي سان مليل تو، منهنجي ڳوٺ کان اتر طرف تقريباً 5 ميل ڪن پري. منگي قوم اتي ويٺل آهي، جنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. اتان جو زميندار فقير محمد پريل منگي وڏي ڏاڪي وارو ۽ سخي تي گذريو آهي. مهمان نوازيءَ ۾ سندس ثاني مشڪل سان ڪو ملندو: جيڪو اچي اوطاقي ٿيندو، انکي گهران ماني پاڻ کٽي آڻي ڏيندو، هٿ ڌوئاريندو، پاڻي ڏيندو، ۽ نوڪرن وانگر بيهي چاڪري ڏيندو. اڄ کان ٽيهہ ورهيہ اڳ فوت ٿيو. مان گهڻو ڏٺو. سندس فرزند فقير محمد حسن منگي موجود آهي ـ ساڳيون پنهنجي والد واريون خصلتون، شرافت ۽ نيڪ نفسيءَ جي مٿس حد آهي. مولانا پاڻ بہ منگي هو، ۽ سندس مائٽ. مولانا جي سڪونت سبب ”منگن جو ڳوٺ“ ’منگي شريف‘تي پيو. ڏورانهان ماڻهو جڏهن مولوي ڏانهن دعوت موڪليندا هئا تہ لفافي تي ’منگي شريف‘ لکندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل هوندس ان سان چرچو ٻوڳ، مذاق مسخري، ٺڙو ٺڪاءُ سڀ پيو ٿيندو.
پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ مولانا نئين شادي ڪئي. جڏهن ملندو هو، چوندو:
" ڳالهه نه پڇ، استاد!"
اک پيچي، هٿ کي زور ڏئي،
"جوان ٻٽائي چڏيو اٿائين!
"ڏاڍي خدمت ٿي ڪري!"
"ڀلا اڳين گهر واري؟"
پري منهن ڪري، ڪلي، ٺهڪ ڏئي، چوندو:
"يَرِ بس ته ڪر، نالو ته نه کڻُ!"
جڏهن کَڏبو، تڏهن چرچو ٻوڳ برجاءِ، دل جا سچا احوال به ويهي اوريندو.
"مولانا، ڏي خبر! ڪن کي رٺاريُئي به؟"
"يَرَ زوراور آهين، ڏاڍي ڳالهه تو ڪرين! ڇٽن کي روائربو نه، ته ڇٽندا ڪيئن؟"
"تون به ڪجهه رُنين؟"
آواز گهگهو ڪري، منهن روئڻ جهڙو ٻٽائي، واعظ جا به ٿي جملا سوز سان چئي ويندو، ۽ ان ڪانپوءِ وڏو ٺهڪ ڏئي، چوندو:
"پير، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين!"
مولانا منهنجي پاڙي جو هو، تنهن ڪري هڪ ٻئي سان تعلق هو، ليڪن ان ڪان وڌيڪ اسان جي پاڻ ۾ ياراني پڻ هئي.
مولانا اگرچه واعظن کي پنهنجو پيشو ٻٽايو هو ۽ ان مان ڪيس ڪافي اپت به هئي، ليڪن درحقيقت انهن واعظن جي ذريعي دين جي خدمت به ڏاڍي ڪيائين، مسلمانن کي صحيح دين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، بدعتن ، بد رسمن، بدعقيدن، ۽ ڪنِن عادتن کي روڪڻ لاءِ وڏو جهاد ڪيائين. اج ڪان 15 سال اڳ سنڌ جي مسلمانن ۾ واعظ ڪرائڻ ۽ واعظن ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، ۽ ڪن جاهل ملن کي ڇڏي، باقي جن عالمن اهي واعظ ڪيا، انهن دين جي سچي ۽ صحيح خدمت ٿي ڪئي. مثلاً انهيءَ دور ۾ مولانا قمرالدين سان چار ـ پنج ٻيا بزرگ به سنڌ اندر واعظ ڪندا رهندا هئا، جهڙوڪ مولانا محمد هاشم رڪن وارو مرحوم ـ ٺلهو متارو، قداور، وٽنڊڙ چهرو، سهٽي سونهاري، مخرج انهيءَ کي به ڪانه. خلافت جي زماني ۾ 'بلبلانِ سنڌ' جي نالي سان نوجوان ڇوڪرن جو هڪ ٽولو ناهيو هيائين،

جيڪو سياسي جلسن خواهہ ديني واعظن ۾ ڪنيو وتندو هو. اهي ’بلبلانِ سنڌ‘ ڏاڍا سهڻا ۽ سٺي آواز وارا هوندا هئا. جڏهن گڏجي مولود شريف يا قومي ترانا ڳائيندا هئا، تڏهن جلسن جي رونق دوبالا ٿي ويندي هئي. مولانا مشهور ٿي ويو هو. ”ڪهڙو؟“ چي، ’بلبلانِ سنڌ‘ وارو . ٻيو هو منهنجو محترم دوست ’سحبان السنڌ‘ حضرت الحاج مولانا مولوي حڪيم محمد عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، اهڙو نرم ۽ نازڪ جهڙو گلاب جو گل. اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ ، رهڻ ڪهڻ، چوڻ ماٺ ۾ هڪ انداز ۽ هڪ نزاڪت ۽ هڪ ادا. خلافت جي زماني ۾ جيل بہ ڪاٽيائين. ڪيترن اخبارن جو ايڊيٽر بہ رهيو (١)، ۽ مذهبي عنوان خواهہ بزرگانِ دين جي سوانح تي ڪيترا ننڍا ننڍا ڪتاب بہ سندس قلم مان نڪتا. مضمون تہ هزارين لکيا هوندائين، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپبا ٿي رهيا. سندس نثر ۾ بہ رنگيني رهي ۽ سندس زبان ۾ بہ خدا وڏو تاثير خلقيو هو، جنهن ڪري سندس تقرير خواه مذهبي واعظ ماڻهن تي ڏاڍو اثر ڪندا هئا. انهيءَ ڪري ٿي تہ ” ڪن دوستن“ کيس ’سحبان السنڌ“ جو لقب ڏنو!

اهي ٽي بزرگ پاڻ ۾ سنگتي هئا. ڪڏهن گڏ واعظ تي نڪرندا هئا، ڪڏهن جدا جدا . انهن ٽنهي عالمن دين جي، مسلمانن جي ۽ مذهب جي سنڌ اندر ڏاڍي خدمت ڪئي. سوين مسلمان انهن جو واعظ ٻڌي سنئين رستي تي آيا، ڪيترن شهرن مان سوين رسمون، غلط عقيدا ڪڍي ڇڏيائون. پهريان ٻہ وصال ڪري ويا آهن، پويون بزرگ زنده آهي، ليڪن زماني جو حال ڏسي، زبان تي قفل چاڙهيون ويٺو آهي. خدا کيس وڏي حياتي ڏئي، سنڌ ۾ پنهنجي شخصيت جو واحد مثال آهي. سندس جاءِ ڪوبہ پري ڪونہ سگهندو. مولوي چشتي هر هر چمي ڪونہ سگهندا. (٢)

چوٿون بزرگ هو مولانا عبدالڪريم ’ڪهاڙو‘ . هميشه ڏنڊو هٿ ۾، جهڙو شعلو، جهڙي باهہ، جهڙو اُلو. اسٽيج تي آيو، بس، بدعتن تي، دين جي رستي تان ابتڙ هلندڙن تي، انهن وڏيرن تي جيڪي شاني شريڪ نہ سمجهي نياڻين جا سڱ ويهاريو ويٺا هئا، نالا وٺي وٺي ڌوڙيا وسائيندو. پهريون جوش ۾ اچي ڏاڍيان ڏنڊو اسٽيج تي هڻندو، ان ڪان پوءِ خاص ماڻهن جا نالا

(١) ”پيغام“ هفتيوار پنهنجي هيس؛ خان بهادر الهہ بخش شهيد کيس ”آزاد“ اخبار جو ڪراچيءَ ۾ ايڊيٽر ڪيو.

(٢) آءٌ ”تاريخي ڪانفرنس“ ۾ پشاور ويو هوس، موٽي آيس تہ مولانا جو (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺندو، پوءِ اچي بيهندو گارين ۾ . هڪ هنڌان گهڙندو ٻئي هنڌان نڪرندو. رک رياءُ ڪنهن جو ڪونہ، توڙي ڪو پاڻ کي لاٽ سڏائي. سچ جي اکر اکر سان گار شامل هلي هلندي، جيڪي دل ۾ هوندس، سو برملا جلسي ۾ عام جي اڳيان وڏي واڪي چئي وجي مٿي چڙهندو. اهو ئي سبب هو، اها ئي سندس صاف گوئي هئي، اها ئي سندس بي ڊپائي هئي، جنهن ڪري عام مسلمانن کيس 'مولانا ڪهاڙو' سڏيو، ۽ اهو لقب اهڙو مشهور ٿيو، جو ماڻهن کان سندس اصلي نالو ئي وسري ويو. اڄ بہ مان وڏيءَ جستجو بعد سندس نالو هٿ ڪيو آهي. مولوي ڪهاڙو ٻڌندو تہ فلاڻي ڳوٺ ۾ فلاڻو ماڻهو پنهنجي نياڻي ويهاريو وينو آهي، فلاڻو زميندار ڪتا ڏاري شڪار ڪندو وتي ٿو، فلاڻي سينڌيون (١) ويهاريون آهن، فلاڻي ڳوٺ ۾ عام بدعت شروع آهي، بس مولوي ڪهاڙو نہ ڪندو هَمَ نہ تَمَ، ڌنڌو ڪلهي تي، الله توهار! ماڻهو سندس ٻڌي اچي ڪٺا ٿيندا، جلسو لڳي ويندو ۽ مولوي صاحب جو ڌوڙيو شروع ٿي ويندو. سَوَن ماڻهن پنهنجون نياڻيون مولوي صاحب جي گارين تتو اٿاريون، هزارن ماڻهن بدعتن ۽ خلاف شرع ڪمن کان توبهہ ڪئي. مولانا کي مان نہ ڏٺو، ليڪن واہ جو مولانا جو نالو وڄٽو هو. پانيان ويهارو سال ٿيس، جو فوت

---

(آندل) هيٺيون خط رکيو هو:

"18 مارچ 1964ع - سائين! سلام!! مثانہ ۽ غدود آهي، پيشاب ۽ پاخانہ ۾ شدت جي تنگي آهي، ٻہ - ٽي سال تڪليف ۾ گذريا آهن، تمام ڪمزور ٿي پيو آهيان. سوين علاج ڪيم ۽ سيون هٿايم، تہ بہ صحت حاصل نہ ٿي آهي، لاچار 19 - مارچ سول اسپتال شڪارپور ۾ داخل ٿو ٿيان. 21 - مارچ بروز ڇنڇر صبح جو آپريشن ٿو ڪرايان. دعا جي ضرورت آهي، دعا ڪندا رهندا، دعا کان نہ وساريندا. هن طرف اچو تہ ديدار ڪرائيندا. خاص تڪليف وٺي، وڏي سائين ڏي سڀ احوال جلد لکندا - عبدالڪريم چشتي."

آءُ ٻهرين اپريل تي جيئن ڪراچيءَ پهتس تيئن هيٺيون خط مولانا ڏانهن لکي رکيم:

"ٻهرين اپريل 1964ع - سائين! اڄ پشاور کان موٽي هتي پهتو آهيان، خط رکيو هو، پڙهي پريشاني ٿي. خدا خير ڪيو هوندو. آپريشن ڪامياب ٿي ويو هوندو. مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ لکي موڪليندا. مان ممڪن آهي تہ جلد اچان. والسلام اوهان جو حسام الدين."

خط شام جو لکي رکيم، صبح جو جيئن اخبارون آيون تہ حضرت مولانا جي رحلت جي خبر پئي. خط رکيو رهيو، مولانا تہ موڪلائي ڪري هليو ويو.

لنگهي ملڪ ملير جو، ويا پَرِئين ڏيهہ پنوهار!

(١) سنڌ ۾ پنهنجي نڪاح ٻَڌِن عورتن کان علاوه غير عورتون ويهارڻ بہ وڏ (هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيو. نوديري جي لڳ رتيديري واريءَ سٽڪ جي اولهہ ۾ پُٽن جو ڳوٺ ”ڪوٺ“ آهي، مولانا اتنهن جو هو، اتي فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. چوندا آهن ڏئي هينان اوندهہ. مولانا ٻاهر تہ سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن پنهنجي گرد و پيش اهي سپئي شيون ٿينديون رهيس. شايد اتي سندس ڪچڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. بهرحال رب رحمت ڪريس، ۽ سندس ديني ڪاوشون ٿل دين جي خالق وٽ اگهن، جنهن جي لاءِ چوٽي آهي تہ ’جي اگهئي تہ ڀاءُ، نہ تہ مٽن ڪي ٿي موت ٿئي!‘

* * *

جن بزرگن جو ذڪر ڪيوسين، سي تہ سمورا هئا نسورو نور؛ انهن سچ پچ تہ دين ۽ امت محمديءَ جي خدمت بہ ڏاڍي ڪئي؛ ليڪن انهنڪي ڏسي ڪيترا اڻ پڙهيا بہ واعظ ٿي ويا، جيڪي الله ۽ رسول جي نالي تي وتيا ٿي راڳا ڪندا. مثلاً، منهنجي ڳوٺ جو مولوي محمد عبدالڪريم جيهو، عليه الرحمته والغفران.

---

(آندل) ماٺهپ ۽ سورهيائيءَ جو نشان سمجهيو ويندو هو. زياده تر اها عادت پيرن، سجاده نشينن ۽ زميندارن وِڏي، جتان خليفن ۽ ڪامِن ڪمدارن ۾ بہ رائج ٿي، ۽ انهن وٽان عام طبقي ۾ اها مذموم حرڪت شروع ٿي. اهڙن ويهاريل عورتن کي مختلف نالن سان سڏبو هو:

1 ـ **سريت** چئبو هو پيرن ۽ سجاده نشينن جي ويهاريلن کي. دراصل اهو اکر عربي ”سُريہ“ مان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اها ٻانهي، جنهن کي مالڪ پنهنجي ”صحبت“ لاءِ مخصوص ڪيو هجي. انهن سريتن مان پيرن، سيدن ۽ سجادن کي ڪافي اولاد ٿيو، اُن جي الڳ الڳ نتيجن سبب سندن خاندان برباد ٿي ويا ۽ نسل خراب ٿي ويا. پير جنهن عورت کي پڄائيندا هئا، اها وري مالڪن کي موٽِي ڪانہ ملنديِ هئي، ڇاڪاڻ تہ اها سيد جي ٿي ويئي هئي، يعني نقل ڪفر ڪفر نباشد. انهيءَ کي نعوذالله، نبيءَ جي نُنهن سمجهيو ويندو هو، ۽ اها پوءِ نہ مائٽن جي ڪتب اچڻ جهڙيِ هوندي هئي ۽ نہ ڪنهن ’اُمتيءَ‘ جي نڪاح ۾ اچڻ لائق.

2 ـ **سينڌي** ان کي چئبو هو، جنهن کي ڪو وڏو ماڻهو يا وڏيرو ويهاريندو هو.

3 ـ **يار** وڏيرن جي ويهاريل کي بہ چئبو هو، ان جي تصغير ڪري **’يارڙي‘** چيو ويندو هو ڪمدارن ۽ ڪامِن جي ويهاريل کي.

4 ـ **ساهيڙي** خليفن ۽ پيرن جي ملازمن جي ويهاريل کي.

اهي عورتون گهڻو ڪري ٻين جون نڪاح ٻڌيون ٿينديون هيون، ليڪن غريبن کي ساهہ نہ ٿيندو هو، جو آڏو اچي سگهن. پير گهڻو ڪري مريدياڻين سان صحبت ڪندا هئا ۽ انهن مان ئي سريتان ڪندا هئا ـ پڄائيندا بہ اڪثري مريدن جون نياڻيون ۽ انهن جون زالون هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اصل نالو تِلو، ليڪن جڏهن مولوي محمد سومر مرهيات (١) وٽان ’گلستان‘ اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو، ان کان پوءِ پاڻ کي ملان محمد رمضان سڏائڻ لڳو. وري جڏهن واهڻن ۾ وڃي واعظ ڪرڻ لڳو، تڏهن مولانا مولوي محمد عبدالڪريم جيهو ابڙو ٿي پيو. هيو ڏاڍو ذهين، پڙهيو فارسي شُد بُد، ليڪن پوءِ مهارت ايتري حاصل ڪيائين، جو ’مثنوي‘ جا بيت انڌيءَ منڊيءَ معنيٰ سميت سُرَ سان پڙهي ويندو هو. روئڻ جي ڏاڍي اٽڪل هيس، آيت آئي، حديث پڙهيائين يا مثنويءَ جو بيت زبان تي آندائين، جهٽ ڏُنڊ ڪَرَ ڪري روئي ويهندو. ڪيس روئندو ڏسي، ڪن اپوجهن تي اثر به ٿيندو هو ۽ چوندا هئا:

”ير، واهه جو مولوي صاحب جي واذ (٢) ۾ اوٿر (٣) آهي!“

”ها سائين، علم جو زور اٿس!“

مُلان تِلو اڪثر انهن واهڻن ۾ ويندو هو، جتي مسجد جي بانگن کان مٿي پڙهيل ڪونه هوندو هو. جمعي ڏينهن پهچندو، نماز بعد ازخود اٿي واعظ شروع ڪري ڏيندو، پاڻ روئندو، ٻين جي اکين تائين پاڻي آڻي ڪيندو، ان بعد جهلڻدو جهولي. ڪڏهن ٻه روپيا، ڪڏهن چار روپيا، ڪٿان چولو، ڪٿان چادر، ڪاٿئون ڪاسو، ڪاٿئون ٽوپو، مڙئي ڪجهه نه ڪجهه پَلوَ ۾ پايو گهر ڏانهن موٽندو هو.

هڪ دفعي ڪوڏر ڪٽي گهر جي اڱيان چرا ڪڻ ويهي رهيو. ماڻهن پڇيس:

”تِلو، ڇا ٿو ڪرين؟“

”جمان (٤) مسجد جوڙائيندس!“

انهيءَ ڏينهن کانپوءِ سندس واعظن جي پڄاڻي جمان مسجد جي ذڪر سان ٿيڻ لڳي - چئي:

”او منهنجا مسلمان ڀائرو!

---

(١) مولانا محمد سومر ڏکڻ جو ويٺل، نهايت متقي ۽ خدا جو نيڪ ٻانهو. سموري عمر درس ڏيندي گذاريائين. منهنجي والد مرحوم به وٽس عربي فارسي پڙهي ۽ منهنجي ڀاءُ راشدي صاحب به عربي، فارسي خواه سنڌي وٽس پرائي. اسان جي تَرَ ۾ گهڻو ڪري سيئي سندس شاگرد هئا. مولوي يار محمد سومرو، ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ سندس شاگرد هئا.

(٢) ۽ (٣) واعظ ۽ اثر لاءِ ٻاهراريءَ جو اُچار.

(٤) ”جامع مسجد“ جو دهقاني اُچار.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شيخ سادي (١) ٿو فرمائي:
روز محشر ڪ جانگداز بود
اولين پرسشِ ناز بود
ڏهاڙي محشر جي
او منهنجا پائرو ڪن ڏئي ٻڌو:
ڏهاڙي محشر جي، جو هوندو ڳاريندڙ جان جو!
اومنئو، پائرئو!
شيخ سادي ٿو چوي!
ڇا ٿو چئي؟
او! ڏهاڙي محشر جي، جو هوندو ڳاريندڙ جان جو!
چوي ٿو!
ٿيندو پڇاڻو اتي!
ڪاٿي؟
او ڏهاڙي محشر جي، ادا منهنجا پائو!
ڇا؟
اولين پرسشِ نماز بود!
ياني! (يعني)
ٿيندو پڇاڻو اتي!
منهنجا دوستئو!
ڏنهن نماز جي سڀ ڪان پهريون!
ڪن ڏئي ٻڌو، منهنجا پائرؤ!
او، ڪو معمولي ماڻهو ڪونہ ٿو چوي!
شيخ سادي ٿو چوي،
وڏو وليءُ ۽ پيغمبر سائينءَ جو اصحاب سڳورو!
او منهنجا پائرو!
ڏنهن نماز جي."
مولوي مولانا عبدالڪريم جيهو، ڏادي سوز ۽ سُرَ مان ايڏيءَ لانڍ

(١) "سعدي". اُچار اهڙي نموني ڪندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسجد جي ڇت وارڻ سرن لاءِ - نبي بخش خان کي ڪيترن استادن جا هٿ لڳل هئا. هن سائس واعدو ڪيو تہ جلد ئي سندس پنهنجو مستري اچي مسجد ڏسندو ۽ نہ ڇڙو ڇت جون سران ڪٽي ايندو، بلڪ جيڪو ڪم رهيو هوندو، تنهن جي ڪٿ بہ ناهي ڪيس ڏيندو ۽ ان مطابق سڄو ڪم واسطي خداءِ جي پاڻ پنهنجي رازن هٿان ڪرائيندو - ملان ٽِلو وري نہ اوڏنهن لڙي لنگهيو. چئي:

"يَرَ، پُٺا زور آهن! دام ۾ نہ اچي سگهيا!"

هڪ پيري سندس پاءُ دادوءَ کي ريڇڪ اچي ويو. هٿ ۾ عصا ڪٽي، پٽڪي کي پڳ جي نموني تي ٻڌي، چادر ڪلهي ڪري، هڪ واهڻ جي جمان مسجد ۾ گهڙي پيو. چي -

"السلام عليڪم و رحمته الله برڪاته!

"آءُ مولوي محمد الهداد آهيان!"

واعظ ڪري، اهو بہ مسجد جي نالي تي بہ ٽي روپيا هٿ ڪري موٽي آيو. ملان ٽِلوءَ کي خبر پئي، لٺ ڪٽي پٺيان پيس. چي:

"پٺهان، ماتي تو چڙهت ڪرين؟"

اهڙيءَ طرح ملان ٽلو سڳي پاءُ کي بہ پسند نہ ڪندو هو تہ ڪو مسجد جي نالي تي بہ ٽي روپيا وٺي اچي. سندس خيال هو تہ جي هرڪو مسجد جي نالي تي چندا وٺندو، تہ ڳالهہ منجهان چسُ نڪري ويندو، يعني ماڻهو ڪڪ تي پوندا ۽ سمجهي ويندا تہ اهو سڀ ٺڳيءَ جو ناهہ آهي.

الغرض ملان ٽلو جيسين جٽرو رهيو، جمان مسيت جي چَرَن کي قائم رکندو آيو: مِٽي پئجي ويندي هئي، تہ ڪوڏر ڪٽي ڪڍي ڇڏيندو هو؛ ڳئون مينهون سئونٽان لاهي ويندون هيون، تہ اهي يڪدم ڪڍي ڇڏيندو هو؛ ٻار اچي ايتي ڏڪر ڪيڏندا هئا، تہ انهن کي گاريون ڏئي ڊوڙائي ڪيندو هو، چي: "جمان مسيت جي جاءِ سڳوريءَ جي، پيٽهان! بي ادبي ڪيو ٿا؟" مطلب تہ جوانيءَ ۾ جامع مسجد جي بنيادن جا چرا پٽيا هئائين، لڙيءَ عمر ۾ جڏهن فوت ٿيو، تيسين انهن جي سنڀال ڪندو رهيو. ليڪن جنهن وقت فوت ٿيو، تنهن ڪانپوءِ انهن جي ڪنهن سنڀال ڪانہ لڌي. هوڏنهن سندس لحد لٿي ۽ هيڏنهن انهن بنيادن لٽجڻ شروع ڪيو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ زمين سنئين نئين ٿي وئي - ڪنهن کي هاڻي ڇت جي سرن لاءِ چندو ٿورو ئي ڪرڻو هو، جو انهن کي قائم رکن! شهر جون زائفان تہ اڳ ئي انهن مان ڪڪ هيون، چي:

پنيان هوندس:

"السلام عليڪم!"

" شاهہ صاحب خوش آهيو؟"

"اخبار ۾ هيءَ خبر تہ شايع ڪندا!"

" ڇا هي؟"

"مدرسي جي چندي لاءِ؟"

"گورو ڀوڙ؟"

ڪجهہ منهن تي جهَڪائي اچي ويندَن، جيئن ڪنهن کي شرم کان ٿئي. پوءِ تہ سندن نالو ئي - 'گورو ڀوڙ' - ٿي ويو.

"ڪير آهن؟"

"گهورو ڀوڙ!"

"عبدالغني شاهہ جن؟"

"نہ تہ ٻيا وري ڪير!"

"اڇو سيدن ڏيو خبر؟"

"شاهہ صاحب، هيءَ خبر تہ اخبار ۾ ڏجو، سؤ روپيا چندو مليو آهي!"

"گوري ڀوڙ لاءِ؟"

هيٺ ڪنڌ ڪري ٻيئي کلي ويهندا، ڄڻ ڪين انهيءَ سوال تي لڄ پئي اچي، شرم پيو وٺي، ڪين شايد گمان هو تہ ماڻهن کي مٿن اعتبار ڪونہ ٿو اچي تہ ڪو هو سچ پچ خدا ڪارڻ مدرسة الاسلام گوري ڀوڙ لاءِ چندو پيا ڪن.

گوري ڀوڙ جي چندي ڪنهن بہ چرندڙ پرندڙ انسان کي ڪونہ ڇڏيو. جيڪب آباد جو ميلو ٿيندو، اجهو اسٽيشن تان لٿا تا اچن، ڪير؟ گوري ڀوڙ وارا! هڪ کي مٿي تي پڳ ۽ ڳچيءَ ۾ پوتڙو، ٻئي کي شارٽ ڪوٽ ۽ مٿي تي تُرڪي ٽوپي، ڀيريون مولوي عبدالغني شاهہ ٻيو مولوي صدرالدين شاهہ. لوڪلبورڊ جي ميٽنگ تي، الائي ڪيئن خبر پئجي ويندن، ٻئي حاضر هوندا؛ ڪراچيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي ٽيڻ واري هوندي، ٻيئي اڳ ۾ اچي موجود ٿيندا. ڄن ڇڏي پُوت ڇڏي، پر مولوي عبدالغني شاهہ ۽ مولوي صدرالدين شاهہ نہ ڇڏين. هر وقت، هر مهل ۽ هر موقعي تي حاضر ناظر.

گوري ڀوڙ واري مدرسي جو ڪهڙو حشر ٿيو، اها سُڌ اڄ تائين پئجي ڪانہ سگهي. البت ڪيترن سالن کان سائين صدرالدين شاهہ اڪيلو گهمندو پيو نظر اچي. يا تہ ٻنهي جو هڪ ٻئي تي اعتبار نہ رهيو، يا وري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهن گوري پهوڙ لاءِ چندو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو. بهرحال مطلب هيءُ آهي تہ ـ ملان تِلو، شهزادو دوراني، مولوي عبدالغني شاهہ، ۽ سيد صدرالدين شاهہ سيئي هڪ ٻئي جا همعصر هئا ۽ هم مشرب بہ، فقط عنوان جدا جدا هُين!

***

مولانا قمرالدين واعظ الاسلام جو قصو وچ ۾ ڇڏي، وجي ٻين واعظن ۾ ڀياسين ـ مرحوم چوندو هو: " واعظ جي ڀچاڙيءَ ۾ هميشه شهر جي وڏي جي تعريف ڪجي ۽ ان جي ڀلائيءَ لاءِ دعا گهرجي!"

"اڙي مولانا! اهو ڪيئن؟"

"چپ ڪر! توکي ڪهڙي خبر ؟"

هٿ کي ڏاڍيان زور ڏئي، اک ڀڃي چوندو:

"ان ۾ ڪا مام آهي!"

"مولانا ٻڌاءِ!"

"يَرَ سيئي ڳُرَ توکي ٻڌائي ڇڏيان؟"

"جڻ مان بہ واعظ ڪندس، جو ڊڄين تو!"

"چشتيءَ وارن سان جو ڳالهہ ڪرين؟ اهي يَرَ، واعظ جون رمزان آهن! ڪنجون آهن ڪنجون!!"

"نيٺ؟"

"پوڙ پلاءُ جت ڪٿي ڪارائي سگهندا؟ سني ماني ۽ وڳو لٽن جو وڏيري تي! تون سمجهين ٿو اسان جي دعا سبب بينهان بچي ويندا؟ مڙئي وينو رنگ ڏس. اسان جو مطلب پنهنجي ڪم سان!"

هڪ دفعي ڊڪڻ جي مسلمانن رجب مهيني ۾ ڪانئس واعظ ڪرايو. مرحوم محمد پناهہ خان ڊکڻ جلسي جو صدر ٿيو، ۽ مان بہ سندس پاسو ونئي وجي ويهي رهيس. مولانا پاڻ بہ رُنو تي ۽ ماڻهن کي بہ رئاريائين ٿي. جلسو ڏاڍو ڪامياب ٿيو. آخر ۾ چيائين:

"ادا ڀائو، هٿ مٿي کڻو!

"محمد پناهہ خان کي الله وڏي حياتي ڏي!

"سندس پٽڙي مان گنج ٿين!

"ان کي رب وڏي ڄمار ڏي!

"ان مان شل ڪيچ ٿين!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

” اي مسلمان ڀائرو!

” اهو سڀ ڇو؟

”اڄ رات هِنَ بندي کي ٻوڙ پلاءَ کارائيندو!“

سيني ماڻهن کان ٺهڪڙا نڪري ويا. اهڙيءَ طرح سين کي کلائي، ٺهڪ ڏياري، دِلينُ تان روئڻ واري ڪٽس لاهي، سيني کي گهر ڏانهن اماڻيائين.

”ڏٺئي پير، ڪيئن ڇٽن کي رڻاريم؟ ير، مڃيندو ناهين پير!“ جڏهن محمد پناهه خان جي بنگلي تي اچي مولانا ٻَئي ڄنگهان ڪرسيءَ تي رکي اوڪڙو ٿي وينو، تڏهن چيائين.

اجا بہ ڪجهہ کُلي ها. ليڪن محمد پناهہ خان مرحوم جي پلاءَ ، چاشنيءَ ۽ پوني سندس توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.

* * *

هڪ دفعي سکر ضلعي ۾ هڪ هنڌ جلسو هو. واعظ هو پير پرستيءَ جي خلاف ۽ قبرپرستيءَ جي مخالفت ۾. ڪيترا علماءَ سڳورا اچي گڏ ٿيا هئا. انهيءَ ڳوٺ جي ويجهو هڪ وڏي درگاهہ هئي، جنهن جي سجاده نشين جلسي ٿيڻ جو پَهہُ پچايو هو. مولوي صاحبن کي اها خبر ڪانہ هئي. مولانا قمرالدين جو قول آهي تہ گرمين جي موسم هئي - سانجهيءَ جي نماز بعد، تاڏل پاٿي ڪري، ٿَري ٿَري مس واعظ تي اٿيا هئاسين، اجا پهرئين جهاڪي جي صلواة شريف پڙهائي، مولانا قمرالدين روميءَ جي هڪ شعر جي معنيٰ ڪندي، پاڻ بہ روئي رهيو هو ۽ جلسي کي بہ روئاري رهيو هو، عين انهيءَ وقت مخالفن جو هڪ انبوهہ کهاڙيون، لٺيون ۽ لوڙهيون کڻي، اچي مسجد شريف منجهہ پهتو. مولانا چوندو هو تہ ان کان پوءِ هڪ ڏوڙ ڏڪاءُ تي ويو، ڄڻ قيامت اچي وئي، ڪنهن کي ڪنهن جي خبر ڪانہ هئي، هر ڪو جان بچائي وٺي ڀڳو، مولانا پاڻ مسجد جي هڪ دريءَ مان گهُتَ هٽي، سڌو وڃي هڪ ڪَنڊيءَ جي وڻ تي چڙهيو. چوندو هو:

”پير! سڄي رات ڪنڊيءَ جي چوٽيءَ تي وينو رهيس ۽ مڇرن ۾ پٽبو رهيس.“ صبح جو جڏهن پوليس اچي واردات تي پهتي، تڏهن مولوي صاحب هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪنڊيءَ ۾ ڪنڊا ايترا هئا، جو مولانا لهي نہ سگهيو. آخر جڏهن وڻ ڇانگيو ويو، تڏهن مولانا هيٺ آيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”مولانا! پوءِ چڙهئين ڪيئن؟“

”يَرَ، ڏاڍو زوراور آهين! مڙئي ڌڪ، دڪ ۾ خبر ئي نہ پئي! ان وقت ڪنڌن جو ڪنهن کي سماءُ ئي پيو؟ پر اڃا ٻُڌُ تہ سهي! ٻڌ تہ سهي!!...“هٿ کي تمام ڏاڍيان زور ڏئي، اک هٽي چيائين:

”اڃا ٻي ڳالهہ تہ ٻڌ! تون ڪنڌيءَ جو ٿو پڇين؟ هوءَ مسجد جي دريءَ جي تہ ٻڌ!“ صبح جو جڏهن پولس جاچ شروع ڪئي تہ مولانا پنهنجو بيان ڏيندي ٻڌايو تہ:

” مان مسجد جي هِن دريءَ مان ٽپي ٻاهر نہ وڃان ها، تہ مون کي بہ کهاڙيون لڳن ها!“

پوليس چيس تہ ”مولانا صاحب، دريءَ مان ٻاهر نڪري ڏيکاريو!“ مولانا هو بت جو تمام پريل، ۽ دري هئي بلڪل ننڍي. پوليس حيرت ۾ هئي تہ هِن مان مولانا ڪيئن ٻاهر نڪتو! واقعي، مولانا بہ حيلا هلائي بيٺو، ليڪن ٻاهر نڪري نہ سگهيو ۽ منهن ورائي ڊپٽي سپريڊنٽ کي چيائين:

” مڙئي صاحب، موچڙا! ان مان اندازو ڪيو تہ رات ڇا ٿي گذريو آهي!“

پَوَ ۽ خوف ۾ مولانا جو بدن ايترو نرم ٿي ويو، جو ڪيس ننڍِيءَ وڏيءَ دريءَ جي بہ خبر ڪانہ پئي، ڌو دريءَ مان سڌو وڃي ڪنڌيءَ جي چوٽيءَ تي پهتو! مولانا کلي چوندو هو:

” يَر، علماءِ ڪرام جي جُتيءَ کي بہ جُتڙي نہ سڏجي! ڏئي ڪيڏي نہ اسان سُنهارن جي شان ۾ گستاخي ٿي چڪي؟“

”مولانا وري انهيءَ طرف وڃبو؟“

”توبهہ ڪر توبهہ! ها! ها!! ها!!!“

مرحوم زور زور جا ٽهڪ ڏيئي وٺي کلندو هو، ۽ جڏهن مولانا چشتيءَ ۽ مولانا محمد هاشم سان جيڪا واردات ٿي گذري، ان جا قصا پنهنجي خاص انداز ۾ بيان ڪندو هو، تڏهن کلندي کلندي پيٽن ۾ سور پئجي ويندا هئا!

وفات کان اڳ مولانا ٻہ ـ ٽي مهينا بيمار هو. مان ڪانئس مزاج پرسي ڪرڻ ويس. عصا ڪونيءَ جي ڪنڊ ۾ اُڀي ٿي پئي هئي؛ ديوار ۾ ڪلي لڳل هئي، جنهن ۾ مولانا جي دستار سڳوري ٽنگي پئي هئي؛ مولانا پاڻ بستري داخل هو. بيماريءَ پاهہ ڪري ڇڏيو هوس، ليڪن منهن تي اُهائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مشڪ، طبيعت جي اُهائي خوش مزاجي. چي:
”پير، ڏي خبر رجبيءَ تي ويو هئين؟ مولانا چشتي آيو هو؟ قسم ٿي رب جو يرَ، سچ چئہ!“
”..............................“
”ايترو ملين؟“
گوڏن تي هٿ هڻي چوڻ لڳو:
”هاءِ ڙي نياڳي بيماري! نرهہ ڪري رکيئي.“
مولانا نہ حياتيءَ مان آسرو لاٿو هو نہ ڪيس اهو ئي گمان هو تہ ڪو اجل اچ - سينھہ اچي رهيو آهي. ڪلي ڳالهائي، يوڳ چرچا ڪري، ڪانئس موڪلايم. اجا ٻہ - ٽي ڏينهن مس گذريا، تہ هڪ ڏينهن ”الوحيد“ ۾ آيو:
حضرت واعظ الاسلام جو الوداع! (١)
سوچيم يرَ ڪهڙا ماڻهو پيا اٿندا وڃن! پر اوڏنهن بہ تہ چڱن جي ئي گهرج آهي.

---

(١) مولانا جي رحلت 7 وڳي شام جو تاريخ 4 شوال 1371هہ بروز جمع مطابق 27 جون 1952ع جو ٿي. انالله وانااليه راجعون!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 6

محبت جي مهراڻ مان، جي ملا! چاش چکين
تہ ڪنز قدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين
رحل سپ سٽين، ملا مسجد ڪنڌ ۾
- سچل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مذهبي جلسن، واعظن ۽ چند عالمن جو مٿي قصو اچي چڪو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ دل گهري ٿي تہ جيڪر ذڪر هيٺ آيل دور ۾ سنڌ اندر جيڪي مذهبي تحريڪون هيون، انهن جو بہ ٿورو گهڻو احوال آڻي ڇڏجي تہ غير موزون ۽ نامناسب نہ ٿيندو. ڪنهن شاعر چيو آهي:

حسن جذباتي هے اور عشق خراباتي هے
بات سے بات نڪلتي هي چلي آتي هے۔

سو تنهن وانگر داستان مان داستان، قصي مان قصو، ٽُڪ سان ٽُڪ پئي ملندي اچي ۽ ڳالهہ مان ڳالهہ مڙئي پئي نڪرندي اچي. ڏسون قصو ڪٿي ٿو وڃي دنگ ڪري.

سنڌ ۾ اصل تہ مذهبي جهڳڙا هئائي ڪونہ. عقائدن جا اختلاف البت هئا، ليڪن سين ڪي دل ۾. ڪو ڪنهن جي پٺيان ڪونہ، ڪنهن ڪي ڪانہ پئي هئي، جو ٻئي جي عقيدن تي حملا ڪري، مناظرن جا ميدان ڪڙا ڪري ۽ مذهبي مناقشن ۽ مباحثن جي بازار گرم ڪري. سنڌ جا ٽالپر حاڪم خود شيعا هئا، ليڪن ڪڏهن هنن پنهنجي عقيدن جي اشاعت ڪانہ ڪئي. زور زبردستي، تعصب ۽ تنگدلي اصلِ ڪانہ، هرڪو ريان ڪيان، سيني جي ڀائپي ۽ برادري. اسان وٽ مذهب معاش جو ذريعو ڪونہ هو، نہ اسان ان کي بازار جو وکر سمجهي دڪان سينگاريا هئا. اسان ان کي دنيا ۽ عاقبت جو وسيلو چاتو هو، ۽ ان کي انهيءَ لاءِ سيني سان لايون وتياسي تہ انهيءَ جي ذريعي اسان جي هيءَ دنيا بہ سڌرندي ۽ آخري دنيا جو بہ اوجر ٿيندو. اسان جو مذهب سادو، ساديون ان جون ڳالهيون، نہ وڪڙ نہ ور، ۽ نہ پيچ ۽ نُڪتو، ڦند نہ ڦير، نہ سؤبت نہ سؤ خدا. هڪ خدا، هڪ رسول، بس ٿيو پلو. وڌ ۾ وڌ تہ معمولي مسئلا مسائل يا الله ۽ رسول جي واڪاڻ، تنهن لاءِ صبح کان شام تائين اسان جي عالمن سگهورن جي مجلس ئي ڪوڙ هئي. سندن سڄي اٿي ويٺي ئي قال الله و قال الرسول هئي. پوءِ ڇا جا جهڳڙا، ڇاجا مناظرا، ڇا جا وير ۽ ڇا جا وڌ؟ هر ڪو پنهنجي حال تي مست، هرڪو پنهنجي قال تي قائم.

اسان وٽ گذريل صديءَ جي آخر ۾ هندستان جي مذهبي تحريڪن ۽ مذهبي گروهه بندين جو اثر پيو، ورنه انهيءَ کان اڳ هو هميشه سنڌ جي علمي اثر هيٺ رهيا. حديث جي سَندَ جا جيڪي به سلسلا هندستان جي اندر موجود آهن، چاهي شاهه ولي الله هجي چاهي صديق حسن خان هجي، سڀن جي سلسلي ۾ جيڪا مکيه ڪڙي هوندي، ان تي ضرور ڪنهن نه ڪنهن سنڌي عالم جو ٺپو لڳل هوندو. پوءِ ابوالحسن ڪبير هجي چاهي صغير، محمد حيات هجي چاهي عبدالله ۽ رحمت الله. بهرحال ڪونه ڪو سنڌي لازماً موجود هوندو.

انگريزن پنهنجي تسلط بعد جڏهن ڇاٽي واٽي هندستان جي مسلمانن سان گڏ اسان سنڌي مسلمانن کي به زبون رکڻ گهريو، تڏهن جتي اسان وٽان ثروت وئي، اقبال مندي وئي، ملڪ ۽ ملڪ جي واڳ وئي، اتي اسان جي گهرن مان، اسان جي اوطاقن مان، اسان جي مدرسن ۽ اسان جي مسجدن مان علم جي روشني به اجهامي وئي. اقتصادي طرح هڪ ڪرايائين اسان تي هندوءَ جو قبضو ۽ انهن پنجابين جو جيڪي ساٿس وفادار هئا ۽ سندس فوج جي زيب ۽ زينت هئا. ٻيو سڄيءَ قوم کي ڪڙي ڇڏيائين انهن ڳاٺون نوابن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي غلاميءَ ۾، جن کي هن سنڌ ۾ بي انداز زمين ڏئي، خدا جي ڌرتيءَ جو ڪرد گار ڪري ڇڏيو هو. جڏهن اهي سيئي عقوبتون اسان سان ٿيون، تڏهن انهن جي نتيجن طور جيڪي شگوفا نڪتا، انهن مان هڪ اهو به ٿيو، جو اسان مان مذهب جو سچو روح فوت ٿي ويو ۽ اسان جا عقيدا ائين تزلزل ۾ اچي ويا، جيئن هوا جي جهوٽي تي وڻ جون ڪمزور شاخون پيون هيڏي هوڏي لوڏا کائين، ۽ ڪٿي به هڪ هنڌ تي پاڻ جهلي نه سگهن. عين اهڙيءَ حالت ۾ اسان تي سياسي هجي خواه مذهبي، هر انهيءَ تحريڪ جو اثر ٿيڻ لڳو، جيڪا هندستان اندر يا پنجاب اندر شروع ٿي. اهي تحريڪون افرادن ڪهڙن ذاتي يا اجتماعي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڙيون ڪيون، انهن جي تهه ۾ قومي غرض غايت هئا يا انفرادي خود غرضيون، اهڙي ڪنهن به نقطي تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ کان سواءِ اسان پنهنجي ڏاڙهي ٻين جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيسي. اسان کي فائدو ڪو جزوي ٿيو، ليڪن نقصان اهو پهتو جو اسان پنهنجي قومي انفراديت يا قومي وقار، جيڪو هن وقت تائين جداگانه قائم رکيون ٿي آياسي، تنهن کي ٻين ۾ جذب ڪري پنهنجي اصليت وڃائي ويناسين ۽ اسان مان خودشناسيءَ وارو جذبو ختم ٿي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويو. انهن ئي غلطين جا نتيجا اسان اڄ تائين پيا ڀوڳيون ۽ خبر نہ آهي تہ اڃا اڳتي ڪيتري لوڙ لوڙينداسين.

غدر کان پوءِ جڏهن هندستاني مسلمان تي زوال آيو ۽ ان جا بہ افعال بگڙيا، تڏهن هن واندڪائيءَ جي ورونهہ خاطر مذهب سان راند ڪيڏي، پنهنجو روح رينجهائڻ شروع ڪيو. سُني وهابي (١)، مقلد غير مقلد، شيعہ سُني، تبرا ۽ مدح صحابہ، ديوبندي بريلوي، اهل قرآن ۽ اهل حديث، علماءِ ڪرام ۽ علماءِ سوءِ، اهي هئا اُهي فتنا، جيڪي هندستان جي زوال پذير مسلمانن شروع ڪيا هئا دل وندرائڻ خاطر. ليڪن ان مان ايڏو مَمڻ مَتو ۽ ايترو خُلمُ ٻريو، جو ان جي باهہ اندر سارو هندستان وڪوڙجي ويو. گهر گهر، محلي محلي، شهر، شهر ۽ صوبي صوبي ۾ حسد، بغض، عناد پيدا ٿيو ۽ مناظرا ۽ مناقشا ڪڙا ٿي ويا.

انهن تحريڪن جا وڏا مرڪز هئا بريلي، ديوبند، سهارنپور، ٿانہ ڀون، لکنو ۽ امرتسر. بريليءَ جو مولوي احمد رضا خان، ديوبند جو مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ سندس هم مشرب، ٿانہ ڀون جو مولانا محمد اشرف علي صاحب، سهارنپور جا ڪي عالم سڳورا ۽ لکنو جا فرنگي محلي بزرگ ۽ اتنهن جا سني شيعا، ۽ امرتسر جو مولانا ثناء الله، جنهن جي اخبار هئي " الحديث" ۽ جنهن جا هم عقيده هئا مولانا دائود غزنوي ۽ مولوي اسماعيل غزنويءَ وارا — اهي سڀ بزرگ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي لک لهندا هئا. ليڪن وڏو ٻارڻ بريليءَ جي عالمن ٻاري چڏيو هو. ڪفر سازيءَ جي ڪارخاني مان ٿوريءَ گهڙيءَ ڳالهہ تي ٺڪ ڪفر جي فتوي، ڪنهن ڪيو ناهي ۽ ڪافر ٿيو ناهي! انهيءَ ڪفر سازيءَ جو دائرو هندستان کان نڪري، نجد جي سرزمين تائين بہ وڃي پهتو هو. جيئرن تي تہ جلهون رهيون، ليڪن مئن کي بہ قبر ۾ آرام سان سمهڻ ڪونہ ٿي ڏنائون. انهيءَ قسم جي بزرگن راهہ رباني ورتي، ورنہ اڳين پوين کي ڪافر بڻائي ويهي رهن ها. مولانا اشرف علي صوفي ماڻهو هو، تنهن زياده توجهہ پيريءَ مريديءَ تي رکيو. اهڙيءَ طرح مولانا مرحوم قاسم نانوتوي ديوبند جو مدرسو قائم ڪري پنهنجي مشرب جو پرچار شروع ڪيو. البت مولوي ثناءَ الله امرتسري ٻَڙُ هو. اخبار " الحديث"، چوپڙن، خواهہ مناظرن ۽ مجادلن جي ذريعي، هن واهہ جو پنهنجي عقيدن جي بازار گرم رکي، ۽ واهہ

(١) وهابي عقيدا نجد جي هڪ عالم محمد عبدالوهاب جي نسبت سبب آهن. اهو بزرگ اسان جي سنڌي عالم حضرت شيخ محمد حيات محدث سنڌي مدنيءَ جو شاگرد هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو هن بريلوِن يعني مقلدن جا چوڏا لاٿا! سچي زندگي انهيءَ ڏنڌي ۾ ختم ڪيائين. پير پرستي، قبر پرستي، ٻيءَ معنيٰ ۾ جيڪا بت پرستي هندي مسلمانن ۾ تنزل ڪان پوءِ، ذهني پستيءَ ٿيڻ ڪري ۽ سندن روحاني صحت مندي (١) ختم ٿيڻ سبب، پيدا ٿي هئي، ان کي ختم ڪرڻ ۾ هن وڏو جهاد ڪيو. خدا مٿس رحمت ڪري ۽ کيس جزاءِ خير ڏئي! اهڙي مومن جو امرت سر ۾ پيدا ٿيڻ واقعي هڪ معجزو هو.

جڏهن هندستان ۾ انهيءَ قسم جا مذهبي اختلاف پيدا ٿيا ۽ چئن ئي طرفن کان مولوي موراڻا اٿي کڙا ٿيا، ان وقت مذهب جتي فساد ۽ بغض عناد جو سبب بڻيو، اتي معاش پيدا ڪرڻ جو ذريعو به پيدا ٿي پيو. چندا چوُريون، نذر نياز، خرچ پڪا، ڪرايا راهه خرچ، جلسا جلوس، مناظرا ۽ مباحثا، مطلب ته سوين رستا پيسن پيدا ڪرڻ جا کلي پيا. ۽ ڪن لاءِ ته مذهب اصل مستقل طرح ذريعو آمدنيءَ جو بڻجي پيو ۽ هنن واهه جو جاوا ڪري پنهنجي زندگي نَٽَ سان گذاري. سندن اهو نٽ نانگر حقيقت ۾ اڻوجهه عوام جي جهالت ۽ حماقت تي هڪ مسخري، هڪ طنز ۽ هڪ تمسخر هو، پر افسوس جو ان کي ڪو پروڙي ڪونه سگهيو.

سنڌ به هندستان ۾ پيدا ٿيل انهن تحريڪن مان ڪِي قدر متاثر ٿي، جنهن جا ٻه سبب هئا:

(1) هندستاني اخبارن جو مطالعو.

(2) ديوبند مان پڙهي آيل شاگرد.

تنهن هوندي به سني - شيعن جو تنازعو هتي ڪونه هو، نه تبرو نه مدح صحابه. جڏهن لکنو ۾ مسلمانن هڪ ٻئي جا گريبان چيهون چيهون ڪيا، ان وقت به هتي ڪو اثر ڪونه ٿيو. بلڪ انهيءَ زماني ۾ به سنڌ اندر سني خواهه شيعا پاڪر ويجهون گڏ گهمندا وتيا. هتي سنين هميشه شيعن

(١) جسماني صحت خواهه روحاني صحت، تنزل پذير قوم ۾ ڪانه ٿيندي آهي. وهم، وسواس، بزدلي ۽ خوف، ايماني قوت ۽ صحيح عقيدي کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن؛ پوءِ جيئن لاعلاج بيمار پيو ويڄ ۽ طبيب پچائيندو آهي، تيئن مٿئي قسم جو انسان به وتندو آهي دعائون تعويذ وٺندو، هٿ ڏيکاريندو ۽ قسمت پڇندو، قبرن تي سڪائون باسيندو ۽ پير پڃائيندو، ڪرامتون جاچيندو ۽ ولي ڳوليندو. جڏهن اوج ۽ اقبال هوندو آهي، ان وقت جسماني قوت به قائم ته ايماني صحت به سالم. ان وقت پنهنجي تقدير پنهنجي هٿن ۾ هوندي آهي، تڏهن مومن جو ڀروسو هڪ خدا تي ۽ ٻيو پنهنجي قوت بازوءَ تي هوندو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان هڪجهڙو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ٻئي ڌريون ڪنڌ ڪير پئي رهيون آهن، بلڪ تعزين جي جلوس وارِي جلو ۾ جيڪي رنگينون هونديون هيون، انهن ۾ سني نوجوان بہ برابر جا ڀاڱي ڀائيوار رهيا.

ڪفر بازي ۽ ڪفر سازي بہ هتي ڪانہ هئي، ۽ نہ علماءِ ڪرام هڪ ٻئي جي ريش مبارڪن ۾ هٿ وجهون وينا هئا. عقيدن جي اختلاف هتي ايترو ممڻ ڪونہ مچايو، جو ان ۾ سڄي سنڌ سلهاڙجي وڃي. ٿورو گهڻو اختلاف، اهو بہ مقامي دائري کان ٻاهر اصل نہ نڪرندو. هتان جا عالم سڀُورا ڪي هرو ڀرو سيئي اصحابي بہ ڪونہ هئا. منجهن هم ـ پيشگيءَ جو حسد ۽ تنهن ڪري ذاتي ضد ضرور هو، ليڪن اهُو نہ برملا ٿيو نہ پڌر پيو. شان علم جو هر حالت ۾ هو قائم رکندا آيا، چاهي ان ڪري پنهنجي نفس تي هٿن ڪي ڪيترو بہ ضابطو ڪرڻو پيو.

هتي ٿورو گهڻو سنين ۽ وهابين جو چلتو ٿيو، جنهن ڪي هڪ تہ سنڌ جي پير پرستيءَ ۽ پيرن ۽ سجادن جي بداعماليءَ وڏڻ جو وجهہ ڏنو ۽ ٻيو چند اُنهن شاگردن جيڪي ديوبند مان پڳون ٻڌي موٽي ماڳين آيا هئا. ليڪن اهو هنگامو بہ گهڻي تائين هلي ڪونہ سگهيو. ٿوري گهڻي " تون چا ! تون چا !" تي، تنهن ڪانپوءِ هر ڪو ٺري ويهي رهيو، عوام دلچسپي ڪانہ ورتي ـ سنڌن پُٺي جو ڪنهن نہ ٺپي، ازانسواءِ چندي چُوريءَ جو بہ اميد آسرو جو اصل ڪونہ رهيو!

سنين ۽ وهابين جي اختلاف جا فقط بہ مضحڪ انگريز واقعا مونکي ياد آهن. جن جي حيثيت لطيفي کان مٿي ڪانہ آهي ۽ هتي بيان ڪرڻ منجهان منهنجو مطلب بہ اهو آهي تہ يڪي خشڪ مضمون کان پوءِ انهن ڪي ٻُڌي طبيعتن ۾ ٿوري گهڻين شگفتگي پيدا ٿئي، جيئن اِڳتي وري تازا توانا ٿي وک وڌايون.

***

"سنڌ زميندار" ۾ نظر علي خان ۽ مان چانورن جي مٿان هُربي پالڪ جي خودساختي پاڄي پرتي، ويٺي گرهن کي ڳِتو (١) تہ اوچتو هُلُ ٿي ويو:

"تہ ڪافرَ هو!"

(١) دل کي جيڪا ماني نہ وڻي، ان جي لاءِ اهو اکر ڪتب آڻبو آهي. 'ڳِتي' جون بہ معنائون آهن ـ اُڳرڻ، ڳِهڻ؛ يا اها سوڙهي جاءِ، جتان ڪو ماڻهو لنگهي ٻي طرف وڃي مثلاً ڪو ڳِتو ملي تہ ٻاهر نڪرون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”تہ ڪافر ابن ڪافر هو !“

”تمهاري سات پشتين ڪافر هين !“

”تمهاري سو پشتين ملحد، زنديق اور ڪافر هين!“

در ڪولي جو ڏسون تہ مدرسہ بورڊنگ هائوس ۽ پريس جي ديوار جي وچ ۾ جيڪو رستو هو، ان تي عاليشان اسلامي جلسو آهي. ٻہ عالم سڳورا هڪ ٺي اسٽيج تي چڙهيا بيٺا آهن ۽ پيا هڪ ٻئي کي ڪافر، ملحد ۽ زنديق سڏن.

منجهانِ هڪ هو مولوي عبدالله پنجابي گامر حاطي واريءَ مسجد جو پيش امام ۽ عقيدن جو ڪٽر وهابي، ۽ ٻيو هو حافظ مولانا مولوي محمد حبيب الله. هٿا ٻئي عالم ڪونہ، پر سکر جي درزين ٻنهي کي ٻيچ ٻڌي مهري ڪيو هو. پهريون صاحب سڪي سازيءَ ۾ پنجاب اندر جيل ڪاٽي، ملڪ ڇڏي، اچي سکر جي گامر حاطي واريءَ مسجد جو پيش امام ٿيو هو، جيڪا سکر جي پنجابي پوليس وارن چندا ڪري ٺهرائي هئي ۽ اڄ تائين موجود آهي. ٻيو اصل تہ هو وينل چڪ پرڪڻ جي پڪ جو ۽ نج سنڌي، ليڪن اوچتو گهر کان نڪري ڪنهن سانگي بهاني وڃي مصر پهتو. اتي غالباً حبيب الله بڻيو. جڏهن سالن پڇاڻان موٽي ماڳ تي آيو، تڏهن ترڪي ٽوپي مٿي تي، ڪارو چشمو اکين تي، ۽ ترڪش ڪوٽ بت تي، لڪڻ هٿ ۾ — چي، حضرت الحاج مولانا مولوي حافظ (١) محمد حبيب الله فارغ التحصيل جامع ازهر دارالاسلام مصر.

پنهنجي مادري زبان اگرچہ ياد هيس، ليڪن ان ۾ تڪلم فرمائڻ عالمانہ نقطهء نگاهہ سبب ڪسرشان تصور (٢) ڪندو هو، تنهن ڪري عربي مخرج سان اردوءَ ۾ ارشاد ڪندو هو. سکر جا درزي جيڪي اصل ۾ ڪوري هٿا، سي بہ ڏينهن کان ٻاڙيا وينا هٿا (٣). انهن، جو اهڙو شاندار ماڻهو

(١) قرآن جو حافظ هو يا اکين کان چونڪ وينل هو، تنهنڪري حافظ سڏائيندو هو، اهو يادگيرو نہ آهي.

(٢) ڳالهائڻ ۾ هو اهڙيءَ طرح عربيءَ فارسيءَ جا ڳرا ڳرا اکر استعمال ڪندو هو جو ائين ڀانئبو هو تہ عربي ٿو ڳالهائي.

(٣) سکر جي درزي سخت ڪمزور عقيدي جا هٿا؛ بيهد توهم پرست، سڀڳي ڏاڳي ۾ مبتلا ۽ پير فقير جا مطيع؛ جيڪو عالم هٿ ايندو هُين تہ ان کان واعظ ڪرائيند هٿا؛ هر ڏڻ وار کي ملهائيندا هٿا. ڏاڍي عقيدي ۽ نياز نوڙت سان. ويچارا مذهبي لحاظ سان سخت مظلوم هٿا.

ڏنو، جنهن جو ڳالهائڻ بہ اهڙو چڻ قرآت سان قرآن جو تو دئونر (١) ڪري، سو هنن سندس خورڪا پوشاڪ ۽ رهڻ ڪرڻ جا سچا خرچ پڪا پاڻ تي هموار ڪري، وٺي ڪيائون واعظ ڪرائڻ شروع. حضرت مولانا جن پنهنجن واعظن ۾ پير پرستيءَ، قبر پرستيءَ پيريءَ مريديءَ ۽ انهن عقيدن جي ٻين سينٽي لوازمن کي خوب ساراهڻ شروع ڪيو. هڪ تہ درزين جي دل وَٽئون اهي ڳالهيون هيون، ٻيو خود مولوي صاحب جي آئينده گذر گذران جو بہ انحصار انهن عقيدن جي استواريءَ تي هو، جنهن ڪري محلي محلي ۾ هن ٻارڻ ٻاري ڏنو. انهن عقيدن جو سچو الزام حضور جن جي ذات پاڪ تي، پير پرستيءَ ۽ ڪرامتن جو سچو سلسله نسب حديث شريف تي، سچا دليل قرآن مان ۽ سمورو بار اسلام تي ! جڏهن مخالف عقيدي وارن کي اهي آواز پهتا، تڏهن ڪين ٻيو تہ سر دست ڪو عالم سگورو هٿ ڪونہ چڙهيو، سڏو مولوي عبدالله کي وٺي اچي اسٽيج تي ٻيهارِيائون. بس سڪر ۾ هڪ رونشو مچي ويو. جواب سوال، سوال جواب ـ ڪيترا ڏينهن تہ پئي غائبانہ هڪ ٻئي تي جهلون ٽيون! آخر آواز اٿيو:

”مرد ڪا بچہ هے تو ميدان ۾ ڪيون نهين آتا؟“

حضرت مولانا مولوي حافظ محمد حبيب الله صاحب فارغ التحصيل جامع ازهر للڪار ڪئي:

”تم اگر مرد ڪے بچے هو تہ آجاؤ؟“

بس ٻنهي ڌرين ملاڪڙي جو ميدان انهيءَ جاءِ تي ڪيو، جتي جو ذڪر ابتدا ۾ ڪري چڪا آهيون. مناظري جو عنوان هو تہ:

رسول ڪريم جن کي شفاعت جي اجازت مليل آهي يا قيامت واري ڏينهن وٺڻي پوندي؟

مولوي عبدالله وارن جو چوڻ هو تہ ”قيامت جي ڏينهن بارگاهہ ايزديءَ مان رسمي طرح اجازت وٺڻي ضروري آهي“. مولوي حبيب الله جو فرمائڻ هو تہ ’انهي اجازت جي ضرورت نہ آهي، حضور جن پاڻ مختار ڪل آهن.‘ انهيءَ عنوان طيءِ ڪرڻ جي لاءِ ٻنهي علمائن سگورن جي وچ ۾ عربي زبان ۾ پهريون لکپڙهہ هلي هئي، جنهن ڪانپوءِ اهو عنوان ۽ مناظري جا قاعدا ۽ ضابطا مقرر ڪيا ويا.

ٻنهي جماعتن پنهنجي طرفدار لئن ۽ لڪڻ سان آئي ڪنا ڪيا،

---

(١) بمعنيٰ ’دور‘.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ طرف کان هڪ ڏُر وڃي هئي ۽ ٻئي طرف کان آمهون سامهون ٻي ڏر.
اچا مناظري جو آغاز نہ ٿيو هو، جو مولوي عبدالله اٿي اعتراض ڪيو تہ
مولوي حبيب الله پاڻ کي جامع ازهر جو فارغ التحصيل سڏائي ٿو، ليڪن
کيس صرف و نحو جي بہ ٻيٽ ڪانہ آهي، هن جيڪو خط لکيو آهي، ان ۾
فلاڻو اکر مذڪر ڪري لکيو اٿائين، حالانڪ فلاڻي قاعدي مطابق اهو مؤنث
هجڻ کپي! بس ان ڪانپوءِ جنگ جدال شروع ٿي ويو ۽ اصل موضوع تہ ويو
وچ ۾ رهجي! اچي هنگامو ٿيو مذڪر ۽ مؤنث جو، يعني فلاڻو نر آهي يا مادي!

”تم جاهل هو!“
”تم اجهل هو!“
”تم عربي کا عين تک نهين جانتے!“
”تم دوکيباز هو!“
”تم دوکيباز کے بچے هو!“
”تم جس طرح آنکون سے اندهے هو اسي طرح علم سے بهي کورے هو!“
”تم جاهل تمهاري سات پشتين جاهل!“
”تم کيا جانو عربي زبان؟“
”تم کفر بکتے هو!“
”تم ملحد کے بچے، زنديق اور کافر هو!“
”تم بي ايمان هو!“
”تمهاري سزا موت هے!“

جنهن وقت اهو هنگامو ٿيو، اسان در کولي ٻاهر نڪتاسي، ان
وقت ٻئي عالم سڳورا اسٽيج تي بيٺا هئا ۽ ٻنهي جا هٿ هڪ ٻئي جي
سنهارن جي قريب پهچي چڪا هئا. ٻنهي جا طرفدار لکڻ ۽ لٺيون سڌيون
ڪري، هڪ ٻئي جي مٿن ڦاڙڻ لاءِ قدم وڌائي رهيا هئا. جو نظر علي خان
ٽپو ڏئي وڃي اسٽيج تي پهتو.

في الحال تہ جهيڙو ٽري ويو، ليڪن ڪيترا ڏينهن درزين جي دڪانن
تي ٻَئي ٿيل مقال هلندي هئي. سندن قينچيون پيون ڪپڙن کي ڪترينديون
هيون ۽ سندن زبانون پيون اسلامي عقيدن جي چير ڦاڙ ڪنديون هيون:

”يرِ، ڏاڍ زوراور ماڻهو آهيو! اجازت ڪيئن نہ وٺي پوندي؟“
”استاد! ميراج (۱) واريءَ رات اِهي سڀ ڳالهيون فيصل ٿيل آهن!“
”اجايو پيا مٿو هڻو. رسم ضروري پوري ٿيندي! ڏسندا ناهيو

---

(۱) معراج.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميونسپل ميمبر پريزيڊنٽ کان اجازت وٺي پوءِ نهراءَ پيش ڪندا آهن؟ بس اهڙيءَ ريت فقط دستوري اجازت ورتي ويندي!"

جڏهن استاد الهڏني، ديوان ايسرسنگ جي پينٽ جي ٻَچي ڪترڻندي، قينچي جهلي، عينڪ جي مٿاهون اکيون ٿپائي، انهن سيني ڪاريگرن کي مخاطب ڪري چيو، جيڪي سنگر مشين تي استاد جا ڪٽي ڏنل ڪپڙا سبي رهيا هئا. تڏهن پهريون ته گهڙي کن هرڪو ماٺ ۾ اچي ويو، پر پوءِ اوچتو، هڪ مشين هلندي هلندي بيهجي وئي -

"استاد! معاف ڪجو، يَرَ وڏا آهيو! جي ديوان ايسرسنگ موڪل نٿو ڏئي ته پوءِ ميمبر رڻ پيش ڪري سگهي ٿو؟"

ٻئي ڪاريگر جي مشين به بيهجي وئي -

" نه يار! پوءِ ته ميمبر کي مجال ئي نه آهي!"

"تڏهن ته چوان ٿو، جي اسان جي پيغمبر سائينءَ کي موڪل نه ملي، ته پوءِ؟"

"چو نه ملندس؟"

"هڪ ڳالهه تي ڪجي، جي نه ملي ته پوءِ؟"

ڪنهن کان جواب ڪونه پڳو . استاد جي قينچي به تيزيءَ سان ڪپڙي تي هلڻ لڳي ۽ سنگر مشينون به زور سان چالو ٿي ويون – مولوي عبدالله ۽ مولوي حبيب الله، شفيع المذنبين واري خلعت خاص ۾، معاذ الله ، جيڪو چير ڏئي چڪا هئا، ان کي وري ڪوبه سبي ڪونه سگهيو.

* * *

" يار يلي آيئو !"

" يائو خير هُجئي !"

" جيءُ !"

"ڏيئون!"

"الاتُهار !"

" منو ڪير پيءُ، سپ خير جون خبران. هرڪو پنهنجي جائِن تي پيو وسي رسي، گهرين ترين سپ خير، مال رزق به ريان کيان. ٻڌو اتسي ته جندي ۾ ملان ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿي پيو آهي. ٻنهي ئي عالم ڪنا ڪيا آهن. ٻنهي طرفن کان خيراتن جو به سڏو مليل آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻنهي ڪلم ڪلا هڪ ٻئي کي ڪافر، ملحد ۽ ملعون چوڻ شروع ڪيو، پيءُ پٽ کي عاق ڪري ڇڏيو، پٽ پيءُ جي خلاف بغاوت جو جهنڊو کڻي بيٺو. اوڙي پاڙي ۾ پچار پئي، ڇگن منن وچ ۾ پئي تپ ٺار جي ڪوشش ڪئي، ليڪن سڀ بيسود. ٻنهي هڪ ٻئي جو ڪاڌو پيتو پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو. ڪجهه عرصي بعد مناظري ۽ مقابلي جو پروگرام رٿيو ويو، هر ڪنهن پنهنجي عقيدي وارن عالمن کي سڏو ڏنو.

مناظرو غالباً ٻه ڏينهن هلئو هو. مولوي صاحب پير پرچونديءَ واري کي سڏو ڏنو، ته سندس صاحبزادي پير جهنڊي واري کي گهرائي ورتو. مطلب ته مناظري ڪان اڳ ئي جهنگ جهر ۾ چار پچار ۽ چوءِ پچوءِ ٿي وئي، ڪجهه خيرات ۽ ڪجهه رونشو، مطلب ته هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا، ڌريون ورهائجي ويون، هڪ ٻئي جي آمهون سامهون منزلن جا ميدان تيار ٿيا؛ مولون موراٿن پنهنجي پنهنجي ثابتيءَ ۾ ڪتابن جون هڙون، بدڪون ۽ پريون آٿي ميدان ۾ لاٿيون. اهڙيءَ طرح ٻنهي طرفن ڪان اُٺ ڪتابن جا ڪٺا ٿي ويا.

معرڪي جو ميدان مچي، ان ڪان اڳ ئي طعنو تنڪو، الزام بهتان، ٺوڪ ٺهول، ۽ آخر ۾ گار گند شروع ٿي وئي. سڪر جا درزي ته هئا ڪونه، جو چڙو دڙڪا داب ڏئي، هڪ ٻئي کي هيسائن. هتي ته جهنگ جا ماڻهو ٻه هئا، وڏين وڏين ڏاڙهين سان، جن جي مٿن جا وار جي پڳ مان نڪرن ته وڃي پٺي سٽر ڪٽن، ڏسڻ وائسڻ ۾ جهڙا جُنگ جوان، جهڙا شهونگ، اُنن جيڏا قد، چمڪندڙ ڪهاڙيون ۽ لوهائيون لوڙهيون هٿن ۾. نه طعنو سهن نه تنڪي تي طبيعت هريل. ڪهاڙي هٿ آئي يا لٺ اُپي ٿي، ته مڙس جڻ جائو ئي ڪونه هو. ٻيو وري هو دين مذهب جو معاملو، سڀ سهي وڃن، پر نه خدا تي گٿو اکر سهن نه رسول جي شان ۾ معاذ الله ڪو وار پيو وسهن. جيڪي پاٿيءَ جي آواندي تي ماڻهو ماري رکن، تن جي اڳيان ويهي مناظرا ڪرڻ گويا باهه سان کيڏڻو هو! تَر جي عملدارن کي سنجهي ئي سرت اچي وئي، جنهن ڪري هنن يڪدم سيني کي تيز ٻڌائي پهرينءَ گاڏيءَ ۾ پنتي موٽائي ڇڏيو.

”ادا، ڏيو خبر ؟“

”ير، پوليس اچي وچ ۾ پئي، نه ته واهه جو لئي ٿي ها !“

”ٻڌو سي پرچونديءَ وارو بزرگ به اچي لٿو هو؟“

”پيٽي آ! ذات ملو موراٿو ۽ پير فقير اچي گڏ ٿيو هو !“

” بس ير قيامت اچي وئي !“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

” هاڻو يار !“

”پٽ ٿئي پيءُ جو ويري، ڪنڌ نہ ڪبي ڇڏجيس !“

” چوين سچ ٿو ياڻو !“

” ڇا ڪجي، انگريز فيل مست آ !“

ٻاهراريءَ جي سامعين ڪرام کي اختلاف جو اصل نُڪتو تہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو ۽ نہ ان کي هنن ڪا اهميت ئي ڏني ٿي. هنن وٽ سيئي مسلمان ٻائر هئا، سُنيءَ وهابيءَ جو ڦير ۽ ڦند سندن ڪائنات ۾ دخل ڏئي ڪونہ ٿي سگهيو. انهن کي فقط هڪ تہ تماشي ۽ رونشي جو خيال هو ۽ ٻيو ڪين اهو ويسورو هو تہ پٽ ڪيئن پيءُ جو ويري ٿيو آهي!

بهرحال مهيني ماسي تائين اها ٿيل مقال هلي، ان ڪان پوءِ هر ڪنهن انهي واقعي کي وساري ڇڏيو، ۽ اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ پيءُ پٽ بہ پاڻ ۾ وري ڪير ڪنڌ ٿي ويا. فتني ۽ فساد جي اصل جيڪا جڙ هئي، ان کي ختم ڪيو ويو، يعني ڪفن دفن جي جيڪا آمدني هئي سان پيءُ ڪٽي، ۽ شهر جون جيڪي ٽِڪيون (١) هيون سي پٽ جي حصي ۾ آيون! لاٻي لائيءَ کي ٻنهي اڌو اڌ ڪري ڪنيو.

* * * *

اهي بہ تہ ڪيا ويا لطيفا بيان. ليڪن ٿيون هڪ واقعو اهڙو ذهن ۾ اچي ويو آهي، جنهن جي ابتدا تہ ڏاڍي ’سيريس نيچر‘ جي ٿي، ليڪن جڏهن پڇاڙيءَ تي پهتو، تڏهن سيني ڏٺو تہ در حقيقت اهو معاملو لطيفي کان مٿي نہ هو.

سال 1925ع ۾ نجد جي علاقي مان اوچتو ڇوهي وانگر ابن سعود اٿيو، جنهن سڄي عربستان تي اکيوٽ ۾ قبضو ڪري، حرمين جي حاڪم شريف حسين کي اتان ڀڄائي ڪڍيو: ” شريف“ ان ڪري هو، جو حرمين جي حرمت سبب اتنهن جي حاڪم کي حاڪم نہ سڏيو ويندو هو، بلڪ ”شريف“ ڪوٺيو ويندو هو، پيءَ حالت ۾ سندس شرافت جا افعال اجهي هي هئا . بَدُن رڻ ٻاري ڏنو آهي!... حاجين سڳورن سان ڏاڍا ظلم ڪن ٿا، نہ اُنهن جو مال سلامت آهي نہ جان سلامت آهي!... قافلي مان حاجي سونهارو وڪ

(١) شهر جي مولويءَ وٽ شام جو گهر مان خيرات جي ماني ايندي آهي، ان کي چئبو آهي ’ٽِڪي‘.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاسي ٿيو تہ ويو، نہ سِپي ساڻ نہ ڌڙ مالڪين ملندو!.... مطلب تہ حج جو سچو وقت حرمين جا حاجي ساهہ مُٺ ۾ ڪيون وتن ٿا !... حرم پاڪ ۾ بہ پيون ڏاڍايون ٿين ـ نہ داد آهي نہ فرياد !... حڪومت ملڪ ۾ آهي ئي ڪانہ!... شريف حسين جهڙو آهي تهڙو ناهي!

سُني هجي چاهي وهابي، علماء سُوءِ هجن چاهي علماء حق، سڀني جي اهائي شڪايت هئي،. 'شريف' جي نااهليت ۽ بدوين جي آزار ۾ سڀئي يڪ آواز. ليڪن جڏهن شريف کي ابن سعود پڇائي ڪڍيو، تڏهن هندستان اندر سمورا مسلمان ٻن طبقن ۾ ورهائجي ويا، هڪ سعودي ٻيا شريفي. اهل حديث، جن کي وهابي سڏيو ٿي ويو، سي سعود جا طرفدار هئا، ۽ اهل سنت و الجماعت وارا، جن کي علماء سُوءِ سڏيو ٿي ويو، تن طرفداري شروع ڪئي شريف حسين جي. انگريز جي پشتي پوين کي هئي ۽ پهرين وٽ سعود جو پئسو پهتل هو. مطلب تہ عربستان ۾ سک سلامتي بہ ٿي وئي، ليڪن هتي ڏاڙهيءَ پَٽ جاري! لعنت ملامت، تقريرون ، تحريرون، جلسا جلوس، بيان مضمون، اخبارون پمفليٽون ۽ آخر ۾ گارگند ۽ ڪفر جون فتوائون.

انگريز اُن ڪري دخيل هو، جو شريف حسين سندس ٻالڪو هو، اُن جي خاندان جي ذريعي انگريز وچ مشرق ۾ پنهنجو اقتدار قائم ڪرڻ ٿي گهريو، ترڪن جو زور هُن مسين مسين ٽوڙيو هو، وري جو حجاز تي قبضو ٿيو سو بہ عبدالعزيز ابن سعود جهڙي جري جوان مرد ۽ اوالعزم امير جو، تنهن اُنهيءَ سڄيءَ راند کي ٿي وڃايو، جيڪا هُن مشرق وسطيٰ جي بساط تي شريفي خاندان جي مُهرن ذريعي کيڏڻ ٿي گهري. عربن جي وحدت ٽوڙڻ ۽ ترڪن جي قوت کي ختم ڪرڻ لاءِ انگريز جدا جدا ننڍيون ننڍيون سلطنتون قائم ڪري شريف حسين جي پٽن کي ڏنيون، ۽ هو بطور سندس ايجنٽ جي سندس دل گهريءَ پاليسيءَ مطابق شاهہ شطرنج ٻڌيا رهيا. بغداد امير فيصل کي مليو، جنهن جو پوٽو فيصل ثاني 1958ع ۾ عبدالڪريم قاسم هٿان شهيد ٿيو، حجاز ۾ پاڻ شريف حسين، ۽ شام، فلسطين ۽ شرق اردن سندس ٻئي پٽ امير عبدالله کي مليا، جنهن جو پوٽو حسين هن وقت اُردن جو بادشاهہ آهي.

بهرحال انهيءَ جنگ جدال جو سنڌ تي بہ اثر پيو. هتي بہ ٻہ فرقا ٿي ويا. "الوحيد" انهيءَ سڄي معاملي کي انگريز دشمنيءَ جو رنگ ڏئي ڇڏيو، جيڪو در حقيقت صحيح بہ هو. انگريزن سنڌ ۾ بہ گهٽڻ کي سرچائي، ميدان منجهہ آندو، ليڪن "الوحيد" جي آڏو انهن جي هڪ بہ هلي ڪانہ سگهي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهندو جلد ٿي ابن سعود جي سرڪار ڪان ڪن ڏي حج جون دعوتون به اچي پهتيون ۽ ڪن ڏانهن سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ ڪجهه نذر نياز به اچي ويو. سيني جي چهرن تي شگفتي پيدا ٿي وئي، مخالفت جي جيڪا تلخي هئي سان هلي وئي ۽ منهن تي طمانيت ۽ خوشنوديءَ جي مرڪ ظاهر ٿي آئي. بس معاملو اهڙيءَ طرح وڌي وڌي، آخر ۾ انهيءَ طرح لطيفو بڻجي ويو.

امرتسر جو غزنوي گهراڻو هندستان اندر ابن سعود جو ڄڻ مشير خاص هو، جنهن ڪانپوءِ نه ڇڙو ويسٽرن فرنٽ تي خير شير ٿي ويو، بلڪ خود غزنوين جي اٽڻ ويهڻ، رهڻ سهڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ روزگار ۽ رزق ۾ به هڪ رونق اچي وئي.

سنڌ ۾ بهرحال انهيءَ قسم جا معمولي واقعا ٿيندا رهيا. جن کي فقط مقامي حيثيت هئي، ان ڪان مٿي ڪڏهن به معاملو وڌي اهڙيءَ ريت ڪونه هليو، جنهن ۾ اسان جو سمورو ملڪ وڪوڙجي وڃي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 7

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُوَنهان چائين، سڌ نہ پئين، سسئي پُڄ مَ سي،
مـتـان تـوئـي كـي، مـنـجهـانـئـينِ مـارڳَ ۾.
ـ شاھ

جو نالو رکي، درگاهون پيدا ڪيون ويون. ڪن تہ مورڳوئي وٽن جي ٿامن ۽ لامن ۾ اڳڙن ٽڳڙن جا ٽڪر ٽوٽا ٽنبي، ڪپڙن، لوَنَ ۽ ڪَنڍن کي " ٽڳڙيال پير" بڻائي، پنهنجو روزگار چالو ڪيو. انهيءَ حد تائين دين کان دوري ۽ اسلام کان انحرافي ڪئي وئي، ايستائين عقيدن جو ضعف، ايمان جي ڪمزوري، ۽ توهمات جو زور ٿي ويو. جو قبرن جون باسون باسيون ويون، پيرن جون ڪُنيون ڪيون ويون، مزارن تي سُکائون آنديون ويون، درگاهن تي ميلا لڳايا ويا، مٽن جي نالي ۾ درگاهن تي ڳئون ۽ سانهہ ڪُنا ويا. ماڻهو بيمار تہ سڌو ڪنهن مٽي جي مقام تي، ڇي اتانئ شفا ٿيندي، اڙي موڙهي ٿي، جهٽ ڪنهن قبر تي سلامي، ماهہ پهريون سومر، ماهہ پهريون جمعو، ماه پهريون آچر، مطلب تہ ست ئي ڏينهن هفتي جا ڪنهن نہ ڪنهن پير جي نالي مخصوص. اڄ هن پير جي سڪ آهي، سڀنهن هُن قبر تي ميلو، پَرينءَ هن جي مِني ڪُني. پُٽ بہ پير ڏيڻ لڳا ۽ اولاد جو جيئڻ بچڻ بہ انهن جي وجي هٿ ٿيو. عورتن ۽ مردن کي جن ڀوت وٺڻ لڳا، ۽ انهن جو نيڪال بہ ڪنهن نہ ڪنهن پير يا مرشد جي درگاهہ تي ٿيندو رهيو. ڇي حساب (١) ٿيو آهي، فلاڻي پير کي اُن جو هُدو (٢) آهي، هلو تہ اوڏانهن هلون! قبرن اڳيان سجدا، مٽن اڳيان رڪوع ۽ سجود! مزارن جي چوڌاري صدقا، هٿ ٻڌي ڳچيءَ ۾ ڳارا وجهي، ائين حاجت بيان ڪرڻ جيئن ڪو جٿري جي اڳيان پنهنجو حال ڪري. مطلب تہ سنڌ جي سيني جٿرن جي سموري اٿي ويٺي وجي مُن جي حوالي ٿي، يا انهن جي مجاورن، سجادن ۽ پيرن جي. هر قبر ولايت ماب ۽ هر مٽيءَ جو ڍير ڪرامت جو مرڪز بڻجي ويو. قبرون تہ قبرون ، پر وٽن ٽٽن جي پوڄا ٿيڻ لڳي. انهن تي بہ سوالي پنهنجون حاجتون وٺي وڃڻ لڳا.

انهن سيني غير شرعي ڳالهين جو جڏهن عام رواج ٿيو، جيڪو تنزل جي دور جو خاصو ٿئي ٿو، ان وقت سنڌ جو ڪوبہ اهڙو شهر باقي ڪونہ رهيو ، جنهن لاءِ ٻڌڻ ۾ نہ آيو تہ منجهس سوا لک اولياءَ ستل آهن . روهڙي سوا لک پير، سيوهڻ سوا لک پير ، ٺٽو سوا لک پير، ۽ مڪلي سوا لک پير! انهن ’اجتماعي مرڪزن‘ کان علاوه هر ڳوٺ ۾ هر واهڻ کي پنهنجون جدا مزارون ۽ درگاهون هيون. هي جمن شاهہ آهي، هي ڦتن شاهہ آهي، هي لالڻ گهوٽ آهي، هي ڀورل بادشاهہ آهي، هي پير پنجو آهي ۽ هي

(١) "حساب" معنيٰ هن کي جن ڀوت جي سٽ آيل آهي.

(٢) "هدو" (عهد) معنيٰ اختيار مليل آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پير چندام آهي. شهيد ۽ شاهه کان گهٽ ڪوبہ مِٽي جو ڍير سنڌ ۾ ڪونہ هو ــ ڪنهن ماڻهوءَ کي گهڙ گهاٽ ڪونہ هوندو. ڪمائڻ ڪرڻ کان گوساڪڙ، نڪمو ۽ ٺوٺي هوندو. جهٽ ڪنهن جاءِ تي پراڻي قبر ڏسي يا قبر ناهي، پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري ويهي رهندو، چي : "فقير آهيون، مڙئي پيا عاشق جي در جي چاڪري ڏيئون ۽ رياضتڙي ڪيئون!" مهيني اڌ ۾ پن ٽن ايڪڙن کي ولو (١) چاڙهي، چوڌاري پيهر بہ اڇي ويندو، ۽ رتن جوت، نازبوءِ ۽ ڪنوار ٻوٽيءَ جا ٽڏا بہ لڳي ويندا. هڪ سنو مَنهَن بہ اڏجي ويندو، جنهن ۾ ٽڏا، مٽ ڪُپيون، يڪتارو ۽ پنگ گهوٽڻ جو ڏنڊو ڪونڊو موجود ٿي ويندو، بس جمن شاهہ شهيد جي درگاهہ تيار، نہ پيسو خرچ نہ پائي خرچ، درگاهہ مڪمل، زمين تان دخل نہ سرڪار پٽرائي سگهي ۽ نہ چگو منو. اولياءَ جو آستان جو ٿي ويو! ٻهريون پِني سنِي پاڻ ماهہ ٻهريون سومر ملهائيندو. ان کان پوءِ باقي معاملو پنهنجو پاڻ چالو ٿي ويندو ـ سُکون، باسون، ڪُنيون، خيراتون، ختما ۽ ميلا ملاکڙا، چڻ ٻر ۾ بازاريون لڳي وينديون. جيسين مجاور جئرو، تيسين فقير بہ پيو سڏبو ۽ سنڌس سيئي لايو سجايو. مرندو، تہ پاڻ بہ پير ٿي پوندو! مطلب تہ جيڪو ايڏو ٺوٺي ۽ نڪمو هو جو ڪک ڀڃي سنئون ڪري نٿي سگهيو، سو انهيءَ ترڪيب سان جڏهن مئو، تہ اوڏو وليءُ ٿي پيو! چي:

"پر، واه جو فقير سائين هو !"
" هائو سائين، ذري وارو مڙس هو!"
" هائو ادا، تڏهن تہ ايڏيءَ مٿيزل (٢) رسيو !"
" سنڌس ٻالڪو بہ گهٽ نہ ٿيندو !"

" ٻالڪو" معني جيڪو پيو ٺوٺي ۽ رولاڪ چورو پينو فقير پنهنجي ٽانڊي ٽوپيءَ ۽ اڳ پوءِ لاءِ رکيو هو. ماڻهو ايترا مجهول، جو مٽيءَ ۾ اعتقاد، اکين ڏٺي ٺوٺيءَ ۾ ايمان ۽ رولاڪ چوري ۾ خوش فهمي!

* * *

(١) "ولو" معنيٰ ناجائز قبضو. "وڪڙ چاڙهڻ" بہ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. ان جون پيون مختلف معنائون بہ ٿين ٿيون. مثلاً:
وڪڙ چاڙهڻ: ٻئي کي ڳالهين ۾ ڦاسائي، ڪنهن ڳالهہ جي سچي ڪرائڻ.
وڪڙ ڏيڻ: رسيءَ کي چوڌاري ڦيرائي ٻڌڻ.
وڪڙ آهي: رستي ۾ اتان گولائي آهي، يعني رستو مُڙي ٿو.
(٢) منزل جو بگاڙ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو عالم هو سنڌ جي توهم پرستيءَ ۽ قبرپرستيءَ جو، ۽ اهو هو جئرن تي مئن جو ڌاڪو، جيڪي يا تہ سالن کان وٺي پاڻ بہ مٽيءَ سان گڏجي مٽي ٿي ويا هئا يا مرڳوئي انهن جو مڙهہ مُهڙ کان ئي مشڪوڪ هو، ليڪن جيڪي پير مرشد، خانقاه نشين يا سجادا ۽ سيد انهن درگاهن جا متولي هئا يا پاڻ پنهنجي سر پيري مريديءَ ۽ ڪاني ڪرامت جا دعويدار هئا، سي تہ سڄيءَ ڳالهہ جا مالڪ ئي پاڻ هئا.

سنڌ جو سَٽ لک آدم انهن جي سڳي ڌاڳي ۾، انهن جي دام ۾، انهن جي اختيار ۽ اقدار ۾، ڪو ڪنهن جو مريد، ڪو ڪنهن جي در جو ڪتو، ڪو ڪتن جو پاريءَ ڍويو (١)، تہ ڪو ڪتن جو چڳ وڍيو (٢). جي :

"مرشد سڳورا، مان خاڪ پاءِ!"

"قبلا سائين، گولن جو گولو !"

"در جو ڪتو !"

"چڳ وڍيو مريد!"

"رحم جي نِگهہَ!"

"دعا جي نظر!"

اهنجي سهنجي ايندي، تہ

"مرشد ملهندو!"

"شل اُهو سولي ڪندو!"

"اُهو واهرو ٿيندو!"

"شل انهيءَ کي تنگ پوندو!"

"شل اهو سٺائي ڪندو!"

خوش اعتقاد مريد گڏ ٿيندا، تہ چوندا:

"ها سائين، وڏيءَ ڪانيءَ ڪرامت وارو آهي!"

"شل پيو سَئين ٻولي !"

"زبان مان اکر نڪتو، جڻ گولي لڳي! اصل نَہ ڦهہ!!"

"اسان سائينءَ جون پاڻ ڪرامتون ڏٺيون !"

---

(١) معنيٰ اهو ماڻهو جيڪو اٽي، ان، کير ۽ مکڻ جي پاري مٿي تي نذراني طور کڻي، ٿوري ٿوري وقفي بعد پيو مرشد جي درگاهہ سڳوريءَ تي پهچائي.

(٢) ڪي جاهل مرشد مريد ڪرڻ وقت ماڻهوءَ جي وارن جي چڳ وڍي ڇڏيندا هئا. بيعت واري مريد کان اهو چڳ وڍيو مريد زياده پختو ۽ مخلص سمجهيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هنن گنهگار اکين لقاوَ ڏٺا!“

”هائو سائين، ست پشتو وليءُ آهي!“

”وڏو سائين بہ اهڙو هو، بلي! يَرا! ڇا ڳالهہ ڪجي؟“

انهن قيل مقال ۽ ڳالهين ٻولهين هلندي مجلس جي وايو منڊل تي ويسورو ڇانيل هوندو. انهيءَ پيريءَ مريديءَ واريءَ ڪائنات ۾ نہ خدا جو گذر هوندو نہ رسول جو نالو. انهن جا سڄا اختيارات ( نعوذباالله ) سلب، ۽ پيرن جي پنهنجي هٿ ۾ - جي مخلوق پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ٿئي، تہ هيءَ سڄي دنيا هوند بک مري!

* * *

سنڌ جي مسلمانن جي ڪمائيءَ جو وڏو حصو اهڙن مذهبي حرامڪارين ۾ صرف ٿيندو. سُکن، باسُن، ڪُنين ، قبرن جي نالي ۾ ڍورن کُهڻ بعد جيڪو بچندو هو، سو مرشدن جي نذراني ۽ دعوتن جي ٻلي. مثلا .

(1) ڪٽڪ جي ناڙي ٿيندي، تہ سيد فقير اچي گڏ ٿيندا. انهن کي ڪارايو ويندو ۽ ڏنو ويندو.

(2) لابارو پيو تہ ول مُٺ سيدن ۽ پيرن کي ڏني ويندي.

(3) ٻنٺيءَ تي پيراٺو توپو پھريون ڪڍيو ويندو.

(4) اَنُ نئون آيو، تہ مرشد وٽ وَٽَ وِٽس لاءِ ضرور پهچائبو.

(5) درگاهہ تي ننگر لاءِ سال ۾ هڪ بہ دفعو ان ڪان علاوه اَنُ موڪلبو.

(6) مرشد سفر ۾ چڙهي جڏهن گهر ايندو، تڏهن سندس اُنن گهوڙن کي جَوَ، چڻا، ڪٽڪ داڻي طور ڏبا.

(7) مرشد گهر ايندو ۽ جڏهن بہ جيترا دفعا ايندو، تڏهن نهايت ڪشاده دليءَ سان ڪيس ۽ سندس خليفن ڪڙن ۽ ڪامِن ڪڙنِ کي اُٺراڻا ۽ پلاءَ کارائبا - جي گهر ۾ ڪجهہ نہ هوندو تہ ڪٺان اوڌر ڪبي.

(8) روزانو صبح جو يا هر جمعي تي، جيڪو سيد فقير در تي ايندو، تنهن جي ڪِشتي يا گودڙيءَ ۾ اَن يا اٽو وجهبو.

(9) مرشد جي پيءُ ڏاڏي جو جڏهن عرس ٿيندو تہ اُن جي لاءِ ڪٽڪ، چانور، چڻن ۽ جَونَ جو، ڦاندٽيءَ مطابق جيڪو حصو پوندو، سو ڏبو.

(10) مرشد جو ڪو ڀاتي مرندو، تہ ان جي ستن جماڻن تي جيڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خيراتون ٿينديون، ان ۾ اَنُ پهچائبو.

(11) مرشد جي پنهنجي پٽن يا نياڻن جي شادي ٿيندي، ته اُن وقت به دعوت جي خرچ ۾ انَ جو حصو ضرور ڏبو.

(12) مرشد کان علاوه سندس خاص خليفن يا حاضريءَ جي نوڪرن يا پيارن ملازمن جي گهرن ڏانهن به ضرورت وقت اَنُ موڪلبو.

(13) سُکُن، باسُن، پُن مرادن جي سلسلي ۾ جيڪي درگاهن تي وڃي ديڳيون لاهيون، انهن ۾ سڀداسي چانوَر ڪتب آندا ويندا.

(14) شام واريءَ مانيءَ وقت ڪنهن مماتيءَ واري پير جي نالي تي ماني پچائي، ملان جي گهر موڪلبي، جنهن کي ”پيرائو لولو“ يا ”پيرائي ٽڪي“ سڏجي ٿو.

اهي چوڏنهن عنوان آهن انهيءَ اَن جي، نه راه خدا نه راه رسول وڃڻ جا. جنهن کي سنڌي مسلمان رت پونءِ هڪ ڪري، زميندارن جي سوين سُهمان ۽ طرحين طرحين جنيون سهي، پارهن مهينن جي ٻن موسمن ۾ پيدا ڪري ٿو. جانورن جي سلسلي ۾ ڪيس هيئينءَ طرح قرباني ڪرڻي پوي ٿي:

(15) سکُن، باسن، پُنن مرادن تي ڍورن کي ڪهڻ.

(16) مرشد جي درگاهه تي جيڪي رڌ پچاءَ جون ضرورتون پون، اُن لاءِ ڳئون، وهڙا، سانهه يا ڪونهٽ ڏيڻ.

(17) پيرائو ڍور: مرشد جي نالي تي جيڪو ڍور ڪجي.

(18) ٻُڳَر: ڪا تمنا پوري ٿيندي، ڪو ڪارج سڌ ٿيندو، ڪا مشڪل آسان ٿيندي، ته پُنيءَ مراد پاران جيڪو ڍور مرشد کي ڏبو، تنهن کي ٻُڳَرُ چئبو.

(19) ڪير لاءِ درگاهه تي پَلي سُوا مينهن يا پهرئات ڳهٽي ڪير سان ڳئون پهچائڻ لازمي آهي.

(20) سال ۾ بلا ضرورت ۽ طلب جي به، بطور نذر جي، ڏاند، ڳئون، وهڙو، مينهن، سانهه، وڇير يا ڪونهٽ، بهرحال ڪانه ڪا جنس هڪ به دفعو ضرور ڏني ويندي.

(21) مرشد جڏهن سفر تي مريد جي گهر اچي لهندو، ان وقت نقديءَ سان گڏ پلو گهوڙو يا پلو ڏاند يا پلي ڳئون يا پلي مينهن به ضرور ڏبي. خالي هٿين بنان ڍور جي مرشد کي موٽائڻ معنيٰ قيامت ڪاري ۽ منهن ڪارائي آهي. جي ڪنهن خليفي ڪڙي کي به ڪا ڍڳي اکين چڙهي وئي ، ته اها الڳ چٽُ .

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مال رزق جي انهيءَ نقصان کان پوءِ گهرو اسباب ۽ ٿپڙ ٽاڙي هن طرح مرشد جي ور چڙهي ٿو:

(22) سڀني جنڊيءَ لٺ ڪٽ.

(23) سڀني رلي يا ريشمي چادر يا سوڙ.

(24) ٿڻي جي لُنگي، نصرپور ۽ گمبٽ جو کيس.

(25) پيو ڪو اهڙو گهر جو ناهوڪو ٿپڙ جنهن تي مرشد جي اک پوي ۽ سندس دل سٽ کائي.

(26) جنهن هنڌ تي پير اچي ويهندو. اهو هنڌ مريد تي حرام ٿي ويندو. جڏهن منزل پٽي، تڏهن اهي ڪٽي خليفا سائينءَ جن جي ٿپڙن ۾ وجهندا!

(27) خليفا ۽ ڪامي، جن جو گذربسر به مريدن مان پٽ سٽ تي هوندو هو. چاڪاڻ ته پير وٽان کين ڪاٻه پگهار ڪانه ملندي هئي، انهن کي مريد جي گهر ۾ جيڪو ٿپڙ وٽيو، ته اهو بنا موڪل جي خرجين (١) ۾ وجهندا، مثلاً وٽو، ڏوئي، مانڌاڻي، رلي، چادر، وهاڻي جي ڇوَ، چمچو، پنڊي، پکو، وچڻو، چڪو، وغيره وِغيره.

(28) گهر جا برتن، ديڳڙا، پنڊيون وغيره به پير جي حاويليءَ لاءِ ڏبا.

گهرو اسباب کان پوءِ وارو اچي ٿو ملڪيتن جو:

(29) ڪي مريد لا ولد مرن ٿا، عقيدي جا ازحد ڪمزور آهن ۽ مذهب جي کين رَتيءَ پر به خبر نه آهي، ته اهي پنهنجي سموري ملڪيت زرعي زمين، سڪني عمارتون ۽ متحرڪ مال پنهنجي متعلقين يا ڪنهن قومي ڪارج جي بجاءِ مرشدن جي نالي ڪري وڃن ٿا!

(30) ڪي ماڻهو پنهنجي جئري به ملڪيتن جا ڪجهه حصا مرشد جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا!

انهن سڀني هرجن مرَجن بعد وارو اچي ٿو نقديءَ جو:

(31) مرشد جي درگاهه تي جڏهن وڃبو، تڏهن ڪجهه نقدي سندس ڪٽ تي بطور زيارتاڻي جي رکبي. سال ۾ جيترا دفعا به وڃبو، ته انهيءَ اصول تي عمل ڪبو.

---

(١) خرجين سوٽي يا اُن جي يا ڏاس جي سنڌ ۾ ڏاڍي سٺي ۽ مضبوط ٺهندي آهي. انهيءَ کي به کيسا هوندا آهن. سفر ۾ انهن ۾ سامان وجهي هلبو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(32) مرشد جي درگاهہ تي جيڪو بہ خرچ ٿيندو، ان ۾ حصي رسد، يا پنهنجي پچنديءَ آهر بعضي تہ حصي ۽ حيثيت کان بہ وڌيڪ ، نقدي ڏبي.

(33) مرشد تي اوچتي ڪا مصيبت پوندي، سندس بدعملن ڪري متس ڪي ڪيس ٿيندا يا هرجن خرچن ۾ پوندو، ان وقت بہ حصي رسد نقدي مريد کي ڏيڻي آهي.

(34) جڏهن مريد جو مرشد ۾ زماني جو ڪم پوندو ۽ مرشد کي کنهن ڏي سفارشي وٺي هلڻو هوندو، ان وقت ڀيٽا خرچ پکا، ڀاڙا ڀتا، پنهنجا ۽ پنهنجن چئن پنجن خليفن جا، ڪاٽس ورتا ويندا.

(35) درگاهہ تي جڏهن وڃبو، تہ نقديءَ کان سواءِ ڪانہ ڪا سوکڙي سوغات يا وَٽ وِٽس بہ ضرور کڻي وڃبي، مثلاً گهہ، مکڻ، ماکي، کير، ڪارڪون، انب يا ٻيو منڌائتو ميوو.

(36) انهن اوچتن يا ريزڪي خرچن کان سواءِ مقرر ساليانو نذرانو جدا آهي: اُهو مرشد ۽ مريد جي حيثيت تي مدار رکي ٿو. جي مرشد تمطراق وارو آهي، تہ نذر بہ وڏو، جي مرشد موچارو سوچارو، تہ نذر بہ اوترو ڪم . گهٽ ۾ گهٽ بہ روپيا ۽ مٿي هزارن تائين. ان جي وصولي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن مرشد سڳورا ساليانی " سفر" تي چڙهندا آهن.

اهي نقد نذرانا، ساوڻ جي ڏينهن ۾ درگاهہ تي ويٺي پيا وصول ٿيندا. جڏهن موسم نري ۽ سرديون آيون، ان وقت سڄيءَ سنڌ مان ڪٿڪ پيرن جا ڪاهي پوندا. اُٺ، گهوڙا، توبرا، جهنڊا، گهنڊ، گهڙيال، خليفا، مولود ۽ ذڪر، وڏيون دستارون، ڊگها چولا، ڀٽوان وار، سينڌ سرمون، تيل جي مک چک، هڪ هٿ ۾ عصا ۽ ٻئي هٿ ۾ تسبيح، رومال ڳاڙهو ڇُرَ وارو ڪلهي تي، جنهن ۾ ڪَن ڪوٺي ۽ ڏند ڪوٺي ٻڌل!

خانقاهي اصطلاح ۾ ان کي سڏبو آهي"سفر" ، يعني مريدن کان ساليانی ڏنُ (١) وصول ڪرڻ لاءِ چڙهائي.

" ادا هي ڪَٽڪُ ڪنهنجو ؟"

" گلڻ شاهہ سائين سفر تي چڙهيو آهي !"

" ها سائين، ها، نيٺ تہ بادشاهہ پير جو پوٽو آهي !"

---

(١) نذرانو . جيترو سَري سگهي، اهو ڏجي . مريد ۽ مرشد جي حيثيت تي آهي.
٢ . ٻانڌاڻ . ڪن مريدن تي ساليانو مقرر هوندو آهي، ان کي چئبو آهي ٻانڌاڻ ٻڌل.(هلندڙ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

" پائو، سوا لک گهر مريد اٿس !"
" ها ادا، چو نه؟ نيٺ ته ڪمائي ٽيل آهي !"
" نور آهن، سائين نور !"
حالانڪ گلڻ شاهه سائينءَ ۽ رسولي ڇُهڙي جي رنگ روغن ۽ شڪل شباهت ۾ ڪو واجبي فرق هوندو، ان هوندي به اڀوجهه مسلمانن لاءِ نور ئي نور بلڪ نورٌ عليٰ نور.

* * *

ميهڙ تعلقي ۾ ووٽن جي ڪڍ هيس. هڪ هنڌ بينا هياسي ته پري کان ڏٺوسي ته ڊوڙ اڏامندي اچي ٽي. معلوم ٿيو ته پنهل سائينءَ (۱)جو پوٽو سفر تي چڙهيو آهي. پير اُٺ تي ، گهوڙي سوار اڳ ۾ ، وڏي لٺ ايي، ان ۾ گهڙيال (۲) پڌل، جيڪو گهوڙي جي چال تي وڄندو هلي. ان جي پنيان ويهارو کن وهٽن جو، جن تي ڪامي ڪڙا ۽ خليفا ڪڙا سوار.
"هيءَ آفت ڪنهن جي گهر تي ؟"
"مڙئي ڪنهن اُمتيءَ تي بار هوندو!"
"جهڳو ته غريب جو جهڻ تي ويندو!"
"وهٽن جا ڳڙ داڻا، گاهه ۽ هيڏي ڪٽڪ لاءِ؟"
"ڪڪڙ، چيلا، کير، مکڻ، ٿوٽا، دالچينيون - ان کان پوءِ نذرانو!"
"هائو، جيڪي جهڳي ۾ لهندا، سو کڻندا!"
"ان کان پوءِ ؟"
هر ڪنهن کلي ڏنو.
پير سائين ڏنو جوان ٽي، اکين ۾ ڪجل جي ريک ۽ سنهاري کي تيل لڳل هيس.
پير سائين جڏهن درگاهه تي هوندو ته هر شيءِ جائز - حقو، سگريٽ، شراب، پنگ، چرس؛ ليڪن سفر تي هلندو ته مريد جي ڳوٺ وٽ پهچي

---

(آندل) ۳ - پڳر - پنيءَ مراد پنيان جيڪي باس هجي يا پڇي سگهي، سو درگاهه تي آڻي ڏجي - اهو آهي پڳر.
(۱) دادو ضلعي جو مشهور پير ٿي گذريو آهي.
(۲) هر هڪ درگاهه جي پنهنجي نشاني ٿيندي آهي. سفر ۾ ڪو جهنڊو ساڻ کڻندو، ڪو گهڙيال وڄرائيندو هلندو، ڪو ذڪر ڪرائيندو هلندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهوڙن جون ريٽان جهلي بيهي رهندو! خليفو پڇندو، سڄي شهر مان حقا ۽ چلمون ڪٺائيندو! ان کان پوءِ پير سائين شهر ۾ قدم رکندو. سواريءَ تان لهندو، تہ مولودن جي وچ ۾ تي، اڳتي وڌندو . قدم آهستي آهستي، وڏي وقار ۽ شان سان. مريد جي اوطاق يا جي مريد دل گهريو هوندو، تہ ان جي سڌو گهر اندر گهڙيو ويندو!

اهڙيءَ طرح اهو سفر ٿيندو رهندو. ڪٿي رات ڪٿي نيرن، ڪٿي ڏيهرو، جي ڪو سٺيو مال هوندو يا ڪا ڇوڪر وٽي وئي تہ بہ تي ڏينهن بہ لڳي ويندا. هر هر مريد جي پٺي پٺي ٽپبي، سائس ڳلي پيو ڳالهائبو، خليفا ڪڙا سندس اخلاق ۽ ايمان جا ذڪر اذڪار ڪري پيا ڪيس چاڙها ڏيندا ۽ سندس پير ڪيندا. مطلب تہ اهڙيءَ ريت مرشد سڳورا ساليانيِ نذراني جون وصوليون ڪيون پيا درگاهن تي موٽندا هئا.

ايمان جي خرابيءَ، عقيدي جي برائيءَ ۽ اسلام کان سراسر انحرافيءَ کان علاوه سنڌي مسلمان مٿي بيان ڪيل ڇتيهن مَدَنَ ۾ مبتلا رهيو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ، جو جيڪا آمدني يا دولت هن کي پنهنجي معاشرت ۽ معيشت جي استحڪام تي صرف ڪرڻ گهربي هئي، سا هُن پيريءَ مريديءَ واري انهيءَ گورک ڌنڌي ۾ ضايع ڪري، پاڻ کي هميشه بکيو ڏکيو رکي ڇڏيو، ۽ ان جي مقابلي ۾ درگاهون ۽ پير مرشد هميشه آباد ، هميشه سرسبز ۽ تازا توانا. بنا مشقت، بنا ڪمائيءَ ۽ سواءِ ڪنهن زحمت جي سيڪجهہ گهر ويٺي کين ميسر ۽ مهيا، جڳ پيا ڏرن ۽ سوين پيا سلامي تي سجدا ڪن! هالن جي جنديءَ لنل کٽن تي گمبٽ جا کيس وجهون، پاون کي سبج بند بڌيون، پُٺين کي طول وهاڻا ڏيون وينا هوندا. انهن ئي کٽن تي ويٺي کين هر ڪو پيو پيرين پوندو ۽ انهن ئي کٽن تي هر ڪو پيو نذرانو رکندو. اهي ئي سندن کٽون هونديون، جن تي هٿ رکي مريد پيا قسم ۽ ساکون کڻندا، چي:

" رک سائينءَ جي کٽ تي هٿ !"

" اتي ڪوڙ ڳالهايئي تہ ٻئي جهان وڃايئي !"

ڪي پير تہ ايڏا فرعون بي سامان، جو ماڻهو پيرن پيو، هٿن کي چمي ڏنائين، تہ ڪيڪاربندس بہ ڪونہ، جڻ گرُ ورتل ڪتو سندن پاڪ پيرن کي نوسي ويو!

خير، اهي تہ ٿيا اقتصادي نقصان ۽ مذهبي هاڃا، ليڪن ان کان زياده ڀيانڪ نتيجو اهو نڪتو، جو انهيءَ دنيا ۾ اخلاقي اقدارن جو بلڪل ڏيوالو نڪري ويو. خانقاهون، درگاهون ۽ مرشدن جا مڪان گناھہ ۽ سياهڪاريءَ جا اڏا بڻجي ويا. مريدن جي گهرن ۾ مرشدن اکيون وڌيون ـ پلا هرڪو، جو پيو ڪندو:

”جيئندا قبلا!“

”قبلا سائين!“

”ٻنهي جهانن جا وارث!“

”هن جهان جو وسيلو بہ تون!“

”بسملاهيون، بسملاهيون!“

”ائين سائين!“

”ائين منهنجا حاڪم!“

ايڏو اقتدار، ايڏي محبتا، اها آمدني، ان تي وري چوويھہ ڪلاڪ ئي واندڪائي، پوءِ شيطنيت جو آستانو اتي ڪيئن نہ ٿيندو؟ گناهن جي دنيا ڪيئن نہ آباد ٿيندي؟ روسياهي ڪِندي ڪهڙو شرم ايندو؟ جڏهن تہ مريد جي گهر ۾ ايندي ويندي جهل پل بہ ڪانہ. مرشد جي منهن پوڻ، ان کي زور ڏيڻ، ان کي هٿ ڏيارڻ، ماني کارائڻ عين ثواب، عين قيامت جو ڇوٽڪارو ۽ عين دين مذهب. منهن ڪارائي (١) ڪندي، اتي ڪهڙي دير لڳندي؟ نتيجو اهو نڪتو جو مرشدن پاڻ ملهائڻ شروع ڪيو. ڪنهن جوءِ پڄائي، ڪنهن نياڻيءَ تي هٿ رکيو، ڪنهن وينل وياءَ کي وَلو ڏنو. جن کي پيرن پنهنجو ڪيو، اهي نبيءَ جون نُهَرُ (٢) (نعوذبالله) بڻجي پيون، ساداتن جي حاويليءَ ۾ اچي ويون، پير جو هٿ لڳو، اُمتيءَ مٿان حرام ٿي وئي! انهيءَ قسم جي پڄايل عورتن سان يا تہ نڪاح ڪيو ويندو هو يا انهن کي بطور سريت جي ويهاريو ويندو هو. اهڙي طرح مرشد کلم کلا گهرن ۾ سريتان ويهاري، پنهنجن ئي زالن ۽ وياون اڳيان پيا زناڪاري ڪندا هئا. لڄ، حجاب، حياءُ، شرم، لحاظ جا اکر قطعي بي معنيٰ ٿي چڪا هئا. گادي نشين پير مرشد تہ

(١) انهيءَ منهن ڪارائيءَ جو خانقاهي محاورو آهي ”هَڏ پاڪ ڪرڻ“ يا ”هَڏ پاڪ ڪرائڻ.“

(٢) جنهن عورت کي سيد پڄائيندو هو، ان لاءِ چئبو هو تہ ميان هائي نبيءَ جي ننهن ٿي، ڪيئن موٽي اُمتيءَ کي ملندي؟ سيد جي صحبت ڪانپوءِ ٿي اُمتيءَ لاءِ حرام ٿي پئي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ مالڪ هئا، ليڪن انهن جا صاحبزادا، نينگر (١)، خليفا خواه ڪامي ڪڙا بہ سِرن جا سائين هوندا هئا. مطلب تہ انهن انسان نما حيوانن مذهب جي آڙ ۾ اُمتِ رسول الله جي اڻ پڙهيل، اڀوجهہ ۽ گگدامر افرادن جا جهڳائي جهڻ ڪري ڇڏيا.

انهيءَ سڄي گورک ڌنڌي جو سنڌ اندر نتيجو اهو نڪتو، جو (1) ساداتن جا نسل خراب ٿي ويا. ڪمذات، ڪسبياڻيون ۽ ڪمينيون عورتون (بازيگريون، ڪوچڙيون، پيلاڻيون، ڪولهاڻيون، ماچاڻيون ماڙيچڻيون) سندن حاويلين نڪاحن ۾ آيون، جنهن ڪري انهن جي سلسلي ۾ اها نجابت ۽ شرافت نہ رهي، جيڪا اهل بيت جو خاصو هئي. آخر گهوڙي ۽ ڪتي جي نسل ۾ بہ خون ۽ بڻ بڻياد جو اثر ٿئي ٿو، هي تہ انسان هئا.

راهوجن واري سائين علي شاهہ جي اک هڪ اهڙي قسم جي عورت سان اڙجي وئي، جيڪا جهنگ ۾ سڄو ڏينهن نہ ڇڙو وتندي هئي مال چاريندي پر جهنگ جهر جهٽيندي وتندي هئي ۽ سيني ڌنارن لاءِ چڻ هڪ دعوت هوندي هئي. مالڪن سگَ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مائي هئي وات وڪيل، سائين علي شاهہ پڄائي وجي ساڻس نڪاح ڪيو. مائي بيبي بڻجي وئي، نبيءَ جي ننهن ٿي وئي، ”پاڪ“ يا ”صاحب“ (٢) سڏجڻ ۾ آئي ۽ ان کان پوءِ:-

”سائين علي شاهہ ڪاڏي ٿو وڃين!؟“

”ڊاڪٽر ڏي !“

”خير تہ آهي !“

”پاڪن کي راتاڪون ڪِٽس (٣) ٿي پئي آهي!“

”سائين علي شاهہ ڪاڏي ؟“

”ادا پساريءَ ڏي!“

”خير؟“

پاڪن کي مٿي ۾ سور آهي!“

(١) پير جو پٽ جيسين نابالغ هوندو، تيسين ان کي ”نينگر“ سڏيو ويندو؛ جڏهن اٺڻ ويهڻ هلڻ چلڻ جهڙو ٿيندو، يعني پرائيءَ عورت کي ڏسي مڇن کي مروٽڻ جهڙو ٿيندو، تڏهن کان وٺي ”صاحبزادو“ سڏبو.

(٢) سيد جي گهر وارن کي ”بيبي“ يا ”صاحبَ“ سڏيو ويندو هو. اهو اکر ٽالپرن ۾ بہ مروج آهي. ان کان سواءِ ”ديري“ جو اکر بہ ٽالپر انهيءَ مقصد لاءِ ڪتب آڻيندا آهن.

(٣) يعني بخار يا تپ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”سائين علي شاهہ ڪاڏي؟“

”حڪيم ڏي!“

”ڇو ؟“

”صاحبن جي طبع ناچاڪ ٿي پئي آهي!“

مطلب تہ ”صاحب“ جيسين وتيا ٿي جهنگ جَهرُ جهتيندا، ۽ ڇيڪ ڇڙائيندا تيسين ڪٽس نہ متي جو سور ۽ نہ پيٽ جي تنگائي، تيسين سندن صحت کي جوکو ئي ڪونہ هو، وتيا ٿي ربان کيان گهمندا گهتندا! هاڻي جڏهن ”صاحبي“ ملين، تہ مزاج بہ نازڪ ٿي پين!

الغرض انهن پست ۽ ذليل عورتن جي اچڻ ۽ نسلن ۾ خون جي انهيءَ مسلسل غلط ملاوت سيدن جو سڄو معاشرو تباهہ ۽ زبون ڪري ڇڏيو. خاندانن ۾ زوال ۽ انحطاط اچي ويو، اولاد جون عادتون ۽ اطوار بگڙيا، انهن جي صحت ۽ صورت ۾ فرق آيو، شڪل ۽ شباهت ۾ تبديل ٿي. اهڙيءَ طرح سمورو نسل ڏسٽيءَ وائسٽيءَ بہ ڪوجهو ۽ قبيح تہ افعالين ۽ پرڪارين بہ ڪريل ۽ ڪمينو.

”هي ڪير ؟“

”بخاري بادشاهہ!“

”۽ هي؟“

”جيلاني بادشاهہ!“

”هي جو پيو وڃي؟“

”اهو لڪياري هوندو يا متياري!“

مطلب تہ آل عليءَ جي نسل ۽ رسولي باليشاهيءَ جي بُڻَ ۾ شڪل شباهت ۽ افعالين عادتين ڪوبہ فرق باقي نہ رهيو.

(2) سيدن ۽ پيرن کي مفت ۾ ماني جو ملندي رهي، تہ منجهان محنت، ڪمائي، ڪارآمدگيءَ، ڪشاڪش ۽ جدوجهد جون جيڪي انساني خوبيون ۽ شريفانہ خصلتون ۽ وصفون ٿين ٿيون، سي سيئي مفقود ٿي ويون. بيڪار، بدڪار، سست، ٽوتي ۽ اتي تي چٽي، نہ ڪنهن ڪم جا نہ ڪار جا، سڄو ڏينهن وتن اوباسيون ڏيندا، يا ڪٽن تي وهندا ۽ سمهندا. ڪوبہ صحيح مشغلو ڪونہ ـ ڀنگ، چرس، شراب، جوا، شڪار ۽ ڪتا.

جيڪي وڏا سيد، وڏين درگاهن جا ڌڻي ۽ اتالي وارا مرشد، انهن جو اهو حال، جيڪي ننديءَ موڙيءَ وارا ۽ ڇڙا سيد، سي سڄو ڏينهن هل هلان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾. هتان ريپو ورتو. هُتان اَن جي ڳوڻ ورتي، هِتون ٻارِ ٻني، هُتئون ٻنون ورتو. بس اهڙيءَ ريت گداگريءَ تي گذران. هئا ٻئي گداگر - هو وڏا هي ننڍا!

"شاهه، نوڪري ڇو نه ٿو ڪرين؟"

"مڙئي اُمتي! پيو وقت خير جو گذري!"

سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو انهن جي پرڪارن کان بيزار ٿيل هئا، انهن مٿن ڪيتريون لاهٽيون به لاتيون، مٿن ڪيترين چوٽيون به ناهيون، تڏهن به هي سيد ۽ مرشد پنهنجي کان ڪونه رهيا . چي:

"سڪو گهوڙو، سيٺ گهٽي، سمجهه ته سيد ٿو اچي!"

---

"شاهه، گهوڙي کي مکڻ ذرو کاراءِ، لهڪارجي ويو آهي!"

"امتي! اهو به پاڻ ڇو نه کائون جو اڙيون ڏاڍيان هٽي سگهون!"

---

"جنداٿي سيد مُئو ککڙ به ڪونه ڇڏي!"

---

پير هجي، سيد هجي، سجادو هجي، خانقاهه نشين هجي، ننڍيءَ موڙيءَ وارو هجي، چاهي وڏي اتالي وارو، سيني جي حالت اها، سين جو شغل اهو، سين جي ذهنيت گداگرن واري. ٻني کاءُ، مفت جو مليو کاءُ، ليڪن ڪمائي حق حلال جو کائڻ حرام!

(3) انهن مفت جي ڪماين سبب انهيءَ طبقي مان تعليم صفا نڪري وئي. هر ڪو جاهل بلڪل اجهل. چون:

" نوڪري ڪنداسين ڇا، جو پڙهون؟ بابي ڏاڏي جو گهٽو ئي ڏنل آهي، ويٺا کائينداسين."

تعليم جو مفهوم وٺن وٽي نوڪري رهيو. انسانيت جي اوجَر واري معنيٰ ئي مفقود. نتيجو اهو نڪتو ، جو نه فقط قوم جو هڪ کائيندڙ پيئندڙ طبقو جاهل رهجي ويو، بلڪ انهن جي جهالت ڪري، سندن درگاهون يا مرڪز غلط مذهب جا وڏي ۾ وڏا اڏا بڻجي ويا، جتان سڀ ڪنهن قسم جي خرابيءَ جِي، مذهب جي نالي ۾، درويشيءَ جي غلاف ۾ ۽ تصوف جي عنوان سان، نشر و اشاعت ٿيڻ لڳي، جنهن سنڌ جو سچو مذهبي ڍانچو تهه و بالا ڪري ڇڏيو، ۽ خلق خدا جو وڏو حصو اتان خراب ٿيو.

(4) خدا رسول سان خلق خدا جو واسطو ٽٽي، وچي انسانن سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيو، ۽ اُهو به اهڙن انسانن سان، جيڪي انسان ذات لاءِ خود عذاب هئا. عبادت جيڪا الله لاءِ ٿيڻي هئي، سا درگاهن اڳيان مئن جي قبرن کي سامهون رکي ٿيڻ لڳي، سجدو جيڪو محض باري تعاليٰ لاءِ مخصوص هو، سو به انسانن کي ٿيڻ لڳو. ڪفارن جي بت پرستي ۽ مسلمانن جي قبرپرستيءَ ۽ پير پرستيءَ ۾ رتيءَ ماتر فرق ڪونه رهيو. انسان پنهنجون ضرورتون ۽ طلبون، اولاد، زندگي، صحت، عزت ۽ آبرو هن دنيا خواهه ايندڙ دنيا لاءِ خدا جي بجاءِ ماڻهن کان گهرڻ لڳو. قيامت جي عذاب ثواب، دوزخ بهشت جو سڄو معاملو به پيرن ۽ مرشدن جي اختيار ۾ سمجهيو ويو، خود شفاعت جو مسئلو به حضور جن جي حوالي نه رهيو بلڪ اهو به مرشدن - جن کي پنهي جهانن جو وسيلو سمجهيو ويو ٿي - هٿ وس وڃي ٿيو.

(5) ميلن، عرسن، سُکن، خيراتن، زيارتن تي سخت سيه ڪاريون ٿيڻ لڳيون ۽ ماهه پهريان جمعا ، سومر، آچر ، غير مسلمانن جي ڏڻن وارن وانگر، نهايت مقدس سمجهيا ويا. عرس، سکائون ۽ شخصي نالن تي خيراتون ڪرڻ ۽ صدقا ڪڍڻ مذهبي فريضي طور تصور ڪيا ويا.

(6) پيريءَ مريديءَ، قبر پرستيءَ ۽ توهم پرستيءَ مسلمانن جي ذهن کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ منجهن جيڪي صلاحيتون هيون، سي صحتمند ماحول نه هجڻ سبب پرورش حاصل ڪري نه سگهيون. درگاهن، قبرستانن ۽ پيرن جي آستانن جي مايوس ڪندڙ ماحول، طبيعت تي انقباض ڪندڙ فضا، انساني ذهن کي لُٻي لُڙاڻي گند ڪري ڇڏيو. سوچڻ سمجهڻ ۽ سچ ڪوڙ کي پرکڻ واري قوت منجهانئن هلي وئي، ۽ سنڌ جو ماڻهو انهن سيني زهري اثرن ڪري ملول ۽ نستو ٿي پيو، قوت ارادي ختم ٿي وئي، فڪر جي آزادي هلي وئي، خود شناسي خواهه خدا شناسي ٻئي ختم ٿي ويون. نه پنهنجي انفراديت باقي بچي، نه خدا جي وحدانيت قائم رهي.

(7) اغوا جي مسلسل واقعن، مرشدن جي ڏاڍاين، ۽ عام زناڪارين، مريدن جي ننگن سان هٿ چراند، سنڌي سوسائٽيءَ جي اخلاقي اقدارن کي صفا ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو. عفت ۽ عصمت جا سربمهر خزانا، جيڪي اسان جي مانَ ۽ آبروءَ جا ضامن هئا، سي سرِ راهه راهزنن جي ور چڙهي ويا ۽ بي حيائيءَ ۽ بي غيرتيءَ وڃي غيرت ۽ حياءَ جي جاءِ ورتي.

(8) مذهبي آڙ ۾ انسان انسانن جي هٿ ۾ ائين اچي ويو، جيئن غلام آقا جي اختيار ۾. مريد کي ڇا مجال آهي، جو مرشد جي مرضيءَ يا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪم ڪان منهن موڙي سگهي! انفرادي خواهہ اجتماعي معاملا سڀا مڙي سڙي اڇي مرشدن جي حوالي ٿيا. ٻيءُ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڪنهن کي ڏيڻ گهري، مرشد کي سؤ بہ نذراني (١) ۾ مليو. مريد آهي ڪهڙي وٽ جو انڪار ڪري ويندو؟ چي:

ڏٺي منهنجا!
حاضر!
حاضر! منهنجا مالڪ، حاضر!
تون اسان جي سِرن ۽ سڱن جو بہ مالڪ آهين!
تون اسان جي ٻارن ٻچن جو بہ وارث آهين!
ٻنهي جهانن جا وسيلا!
حاضر!
گوليءَ کي ڇا مجال!

* * *

انهيءَ اختيار ۽ ايتري اقتدار بلڪ ٻيءَ معنيٰ ۾ عام مسلمانن جي جهالت ۽ بي علميءَ کي ڏسي، سنڌ جي "سياسي حوارين" وڏيون وڏيون رشوتون ڏئي، پيرن کي بہ آڻي سياسي ميدان ۾ لاٿو. اليڪشن ٿي، مرشدن جو مڪو مڇي پيو. بزاري عورتن وانگر سندن بازار بہ گرم ٿي ويندي، اگهہ پيا چڙهندا ۽ لهندا.

" خليفا، ڏي خبر؟"
" سائين وس ٿا ڪيون، پر مالڪ اڃا مڃن نٿا!"
" ٻي ڌر پنج هزار نذر رکي وئي آهي!"
" ير ڪو وارو ڪر!"
" رک الله تي!"
" توکي بہ خليفا خوش ڪنداسي!"
" خير، ڪم ٿئي، پوءِ ڏسي وٺبو!"

اميدوارن جي بنگلن تي مرشدن جا لامارا هوندا:

(١) مرشدن کي جيڪا اهڙي رشوت ڏبي هئي، انکي بہ نذرانو چئبو. اهڙيءَ طرح نذرانن جي نالي ۾ مرشد جيتري بہ رشوت وٺندو، اها ان کي جڻ شير مادر آهي - نہ ڏوهہ، نہ لڄ، نہ شرم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هي ڪير آهي؟“

”سچي شيخڪيءَ جو مرشد آهي!

”هي هيءُ ؟“

”ذات راهوجن جو پير !“

”هي؟“

”آبڙڪيءَ جو ڏاڏا پير!“

اميدوار ڪٿا نہ پيا پچندا. هر شيءِ حاضر، متان پير سائين ڪاوڙجي نہ پوي. اهڙن موقعن تي مرشدن جو مزاج ڏاڍو نازڪ تي پوندو هو، ڪڪ پيو بہ سهي ڪونہ سگهندا هئا. توريءَ گهٽيءَ ڳالهہ تي تپڙن ٻڌ ۽ جا پيا دڙڪا ڏيندا، جيئن اميدوار وڏي رقم ڪان پوءِ بہ تورو گهٽو روزانو ڳڙندو رهي. اهڙن موقعن تي پاڻ سان پير تهس خليفا ۽ ٺٺڪ ڪامي ساڻ ڪٽندا هئا، جيڪي رقمن ڪڍڻ ۽ ڳالهِين ٻولهِن ڪرڻ جا پَڙَ ۽ پختا هوندا هئا. ڪي بزرگ تہ هڪ ڪان وٺي، وري وجي ٻئي ڪي جهت هٽندا، ۽ ڪم آخر ۾ وجي ان جو ڪندا، جيڪو ڪين پوئين رقم ڏيندو هو.

هڪ دفعي اليڪشن ۾ هڪ بزرگ کي آڻڻ جي ضرورت پئي. رقم آچي وئي. خليفي چيو:

”مالڪن کي ٻي ڌر ان ڪان مٿي چئي وئي آهي، پر ورتئون ڪونہ ، اوهان سان ابي ڏاڏي جو رستو هين!“

”نيٺ خليفا؟“

”توهان سان تہ ليکو ڪونہ اٿن“

”خير اسان تہ درگاهہ لاءِ نذرانو ڏينداسين!“

”ڪٽي في الحال ڇهہ هزار نذرانو رکو، مالڪن جو بہ شان اوهان جو بہ شان!“

اسان ڇهہ هزار ڏناسي، ليڪن پوءِ معلوم ٿيو تہ ٻي ڌر آيل ئي ڪانہ هئي، بلڪ اسان جي وڃڻ بعد خليفي اندرئون اندر اطلاع ڏئي انهن کي گهرايو، تہ پيسا اوهان بہ ڏيو ورنہ پير سائين جن ورڪ تي خير سان اسرن (١) ٿا.

اتنهن جي ئي هڪ ٻئي بزرگ جو بہ معاملو اهڙيءَ طرح ٿيو -

”پنج هزار زوريءَ ڏئي ويا! اسان بہ روضي شريف جي مرمت ۾

(١) پيرن ۽ مرشدن جي وڃڻ کي ”اُسرڻ“ يا ”اسهَڻ“ چئبو آهي. سندن غيرموجودگيءَ لاءِ اکر ڪتب اٿبا: ”سائين جن خيرڪي“ يا ”پاڻ خيرڪي آهن“!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪپائي ڇڏيا!" خليفي ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو:

"ڏٿي، پولو ڪونهي! خانصاحب جن کان وٺي، ڪٿي انهن کي واپس ڏينداسي." پير ڪنڌ هيٺ ڪيو، ٻئي خليفي وراڻي ڏني!

" پر خليفا وڏا، واه جا ڳالهه ڪئي اٿي! اسان کي پاڻ خيال هو تہ خانصاحب جن سان سائين جن جو پيءُ ڏاڍي جو رستو، مخالف سان ڪيئن وڃن!"

"اها صلاح واه جو ڪڍيئي!"

اسان پنج هار ڪيسي مان ڪڍي ڪٿي اڳيان رکياسين، حالانڪ معلوم هو تہ پيسن وٺڻ جو اهو بہ هڪ طريقو آهي. پي ڏر اجا پهتي ئي ڪانہ هئي. پيرن جون اهي حرامزادگيون هر ڪنهن کي معلوم هونديون هيون، ليڪن مريد جو مجهول، انهن تي سندن اثر، پوءِ پلا اميدوار ڪاڏي وڃن!

اليڪشن جڏهن بہ ٿي، ڪٿي بہ ٿي، ۽ ڪنهن جي بہ ٿي، مثال شاذ و نادر ملندو تہ ڪڏهن ڪنهن سيد پير بنان پيسي ورتي جي، ڪنهن جي مدد ڪئي، ڪنهن پيسن وٺڻ ۾ عار سمجهيو تہ ٻئي طريقي وصول ڪري ويو. سوڪڙي پاڪڙيءَ جي نموني، موٽر، اٺ، گهوڙو، وغيره وغيره. بهرحال بنان اجوري ورتي جي، سواءِ قيمت وصول ڪئي جي، بطور شرافت جي، بطور خاندان جي، يا لائق ۽ نالائق جي تميز ڪري، ڪنهن جي مدد ڪانہ ڪئي.

ڪي مرشد تہ اليڪشنون ٻڌي، گهر ڇڏي، اچي مريدن ۾ ويهي رهندا هئا. اميدوار ورڪ تي اچن، تہ پهريون مرشد سان چڪائن پوءِ مريد کان ووٽ جي گهُر ڪن. هڪ پيٽي صاحب جي اليڪشن هجي، بهاولپور مان پيٽن جي هڪ قبيلي جو مرشد چڙهي، اچي وٽن ويهي رهيو - چي:

"پهريون اسان راضي ٿيون، پوءِ ووٽ!"

"اڙي سائين، اميدوار پٺو، اسان بہ پٺا!"

"چا بہ هجي!"

ماٺهو پڇندو آيو - چي، "سائين! مرشد اچي ويو!" جڏهن نذرانو ڏئي، پيءَ ڏر جي خوف کان ڪيس ٽيڪيتان ڏئي، بهاولپور موٽايوسين، تڏهن پٽي صاحب کي پٺن جا ووٽ مليا. اهڙيءَ طرح اليڪشن سنڌ ۾ ٿئي، مرشد ڪي اُچ کان پيا ايندا، ڪي ملتان کان پيا ايندا، ڪن جو مڙهہ مقام ديري اسماعيل خان ۾ هوندو!

هڪ دفعي پاليشاهين جي مرشد سان اچي پالو پيو - چي:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هي سجو ٻاليشاهي عالم اسان جو ڇڳ وڌيو مريد آهي، جاڏي چئبو، تاڏي ويندا!“

مرشد جي پنهنجي صورت ۽ سيرت بہ پنهنجي مريدن جهڙي هئي، تنهن ڪري اسان کي بہ يقين هو تہ برابر ڇهڙڪو عالم سائينءَ جي سڳي ڏاڳي ۾ هوندو، ليڪن ساڳئي وقت اهو بہ خوف هو تہ متان اسان کان پيسا وٺي، وري وجي ٻيءَ ڌر سان گڏجي. تنهن ڪري رقم جي آسري ۽ دلاسي تي رهائيندي رهائيندي، اچي اليڪشن جو ڏينهن ڪيوسين. پوئين ڏينهن ڪنهن ملازم شرارت ڪري ٻوڙ ۾ سنان مڪي ملائي ڇڏيا. صبح جو جڏهن اليڪشن شروع ٿي، تڏهن شاهہ صاحب جن کي گهٽائي ايلاز ڪياسين تہ ”قبلا سائين، نذرانو حاضر آهي، هلي مريدن کان ووٽ ڏياريو!“ ليڪن افسوس، جو ڪين غسلخاني مان ٿي واندڪائي تي نہ سگهي، جو مريدن ڏي هلي سگهن!

اها تہ خير اسان ڪئي تڏهن مذاق، جو هڪ نڊڙڪو مرشد هٿ اچي ويو هو، ورنہ مرشدن جي شان ۾ اليڪشن جي ڏينهن ۾ ڪنهن کي طاقت آهي، جو چپ چوري سگهي، يا ڇڙي آگر بہ ڏانهن ڪو سڌي ڪري سگهي! سندن حضور ۾ پيو تہ نهيو، پر اميدوار يا اميدوار جي مددگار کي ڪلي ڳالهائڻ جو بہ ساهہ نہ هوندو هو. متان ٿهول يا ٿئول جو پهلو نہ نڪري پوي.

اليڪشن ۾ پيرن جيڪو ڪردار ادا ڪيو، جنهن بي حيائيءَ سان هٿن رشوتون ورتيون - جنهن بي ايمانيءَ سان هڪ ڌر کان وٺي، وري وجي ٻيءَ ڌر کان وصول ڪري، اُن سان مليا. ان سندن وقار کي جيتوڻيڪ ڪافي ڌڪ هنيو، بلڪ هڪ ڳالهين تي ماڻهن کي ڪانئڻ عام نفرت ۽ حقارت ٿي پئي، ليڪن تنهن هوندي بہ ضرورت پوڻ تي اميداورن يا حاجتمندن کي وٽن وڃڻو ٿي پوندو هو. پر اهو هو ائين، جيئن ضرورت پڄاڻان ماڻهو بازاري عورتن وٽ ويندو آهي.

الغرض انهيءَ طبقي منجهان متي بيان ڪيل، بلڪ ان کان بہ زياده ڪيترن ئي قسمن جا نقصان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پهتا. معاشرتي، اقتصادي، اعتقادي، مذهبي، خواهہ سياسي. اهڙيءَ طرح سنڌي زندگيءَ جو اهڙو ڪوبہ پهلو ڪونہ هو، جنهن تي انهيءَ طبقي جون حرامڪاريون اثر انداز نہ ٿيون هجن - انهن پيرن ۽ خانقاهي نظام جون حرامڪاريون اجڪلهہ جون نہ آهن، اهي هر زماني ۾ ۽ هر انهيءَ جاءِ تي جاري رهيون آهن جتي نظام جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ابتريءَ ۽ استبدادي قوتن عوام کي پيڙا ۾ آڻي ان جون متيون منجهايون آهن ۽ واٽون بند ڪيون آهن. مولانا جامي خود صوفي هو پنهنجي دور جي انهيءَ نظام جي رکوالن جون دانهون هن ريت ڪري ويو آهي:

حذر از صوفيان شهر و ديار همه نامردمند و مردم خوار
کارشان غير خواب و خوردن نه هيچ شان فکر روز مُردن نه
ذکر شان صرف در وجوه معاش فکر شان صرف پهر، سفره و آش
هر يکي کرده منزلي ديگر نام آن " خانقاه" يا " "لنگر"
ديگران کنده ديگ بنهاده کرده آلات مطبخ آماده
چشم بردرکه، کيست کزده وشهر؟ بافته از طريق مردان بهر!
گوشت يا آرد آورد دو سه من تا نشيند بصدر، شيخ زمن

---

بهر آش است آشنائي او و آتشِ ديگ روشنائي او

---

اين نہ صوفي گري و آزاديست بلکہ کيدي گري و قواديست (١)

سو سنڌ جا پير ۽ خانقاهہ نشين چڱا مڙس ڪونہ هئا، بلڪ دستوري طرح مڪار (ڪيدي) بي حياءَ (قواد) هئا.

* * * *

سنڌ جي پيرن، خانقاهن، ۽ سجاده نشين جا اهي حال هئا. مذهب ۽ اسلامي عقائدن جي اهڙيءَ طرح زوال ۽ زبوني هئي، اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ عوام ۾ اِنهيءَ حد تي لاديني پهتي هئي! انهن حالتن سنڌ ۾ وهابيت کي زور ونرايو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ انهيءَ عقيدي جي بزرگن سنڌ ۾ مذهب جي واقعي وڏي خدمت ڪئي، بلڪ لادينيت جي خلاف عظيم جهاد ڪيو ۽ گهٽيءَ حد تائين مومل جي ماڙيءَ وانگر عوام کي گرفتار ڪرڻ ۽ منجهائي مارڻ جو جيڪو پيرن تڪساد ڪڙو ڪيو هو، ان کي ڊاهي رکيائون. اهي انهيءَ جدوجهد جا ئي نتيجا آهن، جو اڄ عوام گهٽي حد تائين سنڌن سڳي تاڳي مان نڪري چڪو آهي.

سڀ کان پهريون سنڌ اندر انهيءَ جهاد في سبيل الله جو جهنڊو مولانا دين محمد وفائي بلند ڪيو. خدا جون مٿس رحمتون هجن، ڏُڻالي بند هجڻ جي باوجود بہ انهيءَ مقصد جي سرانجاميءَ خاطر هن پنهنجي هڙان خرچ ڪري، "توحيد" جي نالي سان هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو ۽ تقريباً

(١) از سلسلة الذهب.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بنجويھ ـ ٽيھ سال مسلسل انهيءَ رسالي جي ذريعي سنڌ جي پيرن، خانقاھ نشينن ۽ رياڪار مرشدن جون ٽڳيون ڪيندو رهيو ۽ صحيح عقيدن جي نشرو اشاعت ۽ غلط اعتقادن جي مذمت ڪندو رهيو. ”توحيد“ رسالي جي ذريعي مولانا جي مضمونن ماڻهن تي وڏو اثر پيدا ڪيو ۽ سنڌ ۾ هڪ وڏو گروھ سندس همنوائيءَ ۾ نڪري پيو. مولانا چشتي، مولانا محمد هاشم، واعظ الاسلام مرحوم وغيره ، مولانا مرحوم جي انهيءَ جدوجهد جو نتيجو هئا. جن اڳتي هلي پنهنجي زندگيءَ جو بہ اهو ئي مقصد بڻائي ڇڏيو. پنهنجي انهيءَ تحريڪ جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ خاطر ۽ مسلمانن کي رسول پاڪ جي صحيح احڪامن سمجهائڻ خاطر ئي هن پهريون دفعو صحيح بخاريءَ جو سنڌي زبان ۾ نهايت صحيح ۽ سهڻو ترجمو ڪيو. ازان سواءِ سندس قلم مان انهيءَ سلسلي ۾ ٻيا بہ ڪيترا مفيد ڪتاب نڪتا.

”توحيد“ سان گڏ ”الوحيد“ اخبار پڻ انهيءَ ڏس ۾ عظيم الشان خدمت ڪئي. پيرن جي غلط اثرن کي زائل ڪرڻ ۾ انهيءَ اخبار جون خدمتون بہ وسارڻ جهڙيون نہ آهن، ليڪن ” الوحيد“ چونڪ سياسي پرچو هو، تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ان جي اداري کي مصلحت بينيءَ کان بہ ڪم وٺڻو ٿي پيو، پر”توحيد“ اڳيان نہ ڪا سياسي مصلحت هئي نہ ڪا غير سياسي مصلحت، هن جي مصلحت اول کان آخر تائين فقط سچي پچي دين جي پرچار ڪرڻ هئي. اهو ئي سبب ٿيو، جو سندس انهيءَ تواتر ۽ يڪسان پاليسيءَ مسلمانن جي ذهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

”توحيد“ ليٿو ۾ ڇپبي هئي، ڪي سال ٽائيپ ۾ بہ ڇاپي ويئي. اهو مدار هوندو هو دراصل مولانا جي مالي حالت تي. جي خريدارن چندا موڪلي ڏنا، تہ ”توحيد“ ٽائيپ ۾ ڇپي، جي چندن جي وصوليءَ ۾ هيٺ مٿاهين ٿي تہ ”توحيد“ ٽائيپ مان لهي، اچي ليٿوءَ تي بيهندي. بهرحال ”توحيد“ جي ظاهري حسن ۽ بيهڪ ڏي انهيءَ زماني جي مذاق مطابق ڪنهن جو بہ توجهہ ڪونہ هو. رسالي جي جيڪا معنوي حيثيت هئي، ماڻهن جي دلين تي ان جو ڌاڪو هو.

”توحيد“ جي ذريعي مولانا ٻين اعليٰ عنوانن کي بہ ڇيڙيو، مثلاً علمي مضمون، اسلامي تاريخ تي مضمون، اسلامي مشاهيرن ۽ سچن پچن بزرگن جون سوانحون، سنڌ جي تاريخ تي مقالا. غرض تہ هر مفيد مضمون ”توحيد“ پنهنجي دامن ۾ ڪٺي مسلمانن جي اڳيان پيش ڪندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مولانا سنڌ جي علمي دور جديد جو عالم هو، جنهن اسلامي علومن، اسلامي تاريخ ۽ اسلامي عقيدن جو صحيح مطالعو انهيءَ ڪڙيءَ تي ڪيو، جنهن تي هندستان اندر مولانا شبلي ڪري رهيو هو. اسان جو مولوي صاحب سنڌي اديبن ۾ پهريون عربي دان اديب ۽ عالم هو، جنهن سنڌ سان متعلق عربي زبان جي تاريخن ۽ ادبي ڪتابن جو جائزو ورتو، ۽ اسان جا قديم سنڌي عالم عربي دنيا اندر جيڪي علمي ڪارناما ڇڏي ويا هئا، انهن مان پاڻ به واقف ٿيو ۽ سنڌين کي به هن پهريون مرتبو انهيءَ "توحيد" جي ذريعي واقف ڪيو. ميان مير سنڌي، مولانا محمد حيات سنڌي، مخدوم عبدالله ۽ رحمت الله سنڌي، ابوالحسن صغير ۽ ڪبير سنڌي، ابو عطا سنڌي، ابو رجا سنڌي، وغيره سڀ مولانا جا دريافت ڪيل آهن. انهن سان اسان جي پهرين آشنائي مولانا جي قلم ڪرائي ۽ سندس رسالو "توحيد" ان جو ذريعو بڻيو. اڄ انهن يا اهڙن بين بزرگن تي اسان جيڪي ڪجهه لکي رهيا آهيون، سو درحقيقت مولانا مرحوم جو ئي ڏس پتو سمجهڻ گهرجي.

مولانا ڏاڍو ذهين هو. منجهس سوچڻ ۽ سمجهڻ جي به صلاحيت حد هئي. نظر به گهري ۽ دور رس ته دماغ به اعليٰ ۽ رسا هيس. تنهنڪري هن جيڪو مطالعو ڪيو، اهو نه ٿلهو هو نه سطحي، بلڪ ان مان هن پنهنجي ذهانت جي زور تي نوان نتيجا ڪڍيا ۽ مضمونن ۽ معاملن جي تهه تائين پهچي، انهن مان موتي ۽ مرواريد ٻاهر ڪڍي آيو. اهو ئي سبب هو، جو هن جن جن عنوانن سان اسان کي آشنا ڪيو، سي خود سندس معاصر عالمن لاءِ به غير مانوس هئا، بلڪ ڪانئس ٿورو اڳ جي عالمن جي به انهن تي نظر پئجي ڪانه سگهي هئي.

مولانا جي "توحيد" واريءَ تحريڪ سنڌين جي دلين تي ان ڪري به گهرو اثر ڪيو، جو سندس سنڌي تحرير ۾ هڪ دلڪشي ۽ دلنشيني، هڪ ربط ۽ بي پناهه فصاحت هئي، جيڪي خوبيون عام طرح سندس معاصرن جي تحريرن ۾ مفقود هيون، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي عالمن جو فارسيءَ ۽ عربيءَ تي ايترو زور هوندو هو، جو ڪين سنڌي لکڻ موزگوئي ڪانه ايندي هئي، ۽ ٻيو جيڪو ڪٿي سنڌي نثر لکندا هئا، ته اهو نهايت ئي بي ربط، فتوائن جي انداز ۾، نه عبارت ۾ تسلسل ۽ نه لکڻيءَ ۾ سَنوت - ان اپراند انهن جي تحريرن ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جي غير مانوس ۽ ڦوڙاڻ اکرن جي ڏَٻ ڦُس. مولانا مرحوم پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن عربيءَ ۽ فارسيءَ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسلم مهارت جي باوجود سنڌي نثر کي سولائي ۽ صفائيءَ سان نهايت روان لکيو. مولانا جي تحرير ايتريقدر باربط ۽ پورن پُنن لفظن ۾ هوندي هئي، جو ان ۾ هڪ اکر به زائد يا غير ضروري ڪونه ليندو ۽ ايتري ضبط ۽ نظم سان، جو جيڪڏهن ڪنهن اکر کي هڪ جاءِ تان ڦيرائي ساڳي ئي جملي ۾ ٻئي هنڌ تي آڻبو، ته اهو اتي سونهين ئي نه سگهندو، ۽ جملي جي سڄي ساخت ٽٽي پوندي.

خير، اهي ته ڳالهيون ٿيون مولانا جي علم، فضل، نثر ۽ انداز تحرير جون، ليڪن حقيقت ۾ انهن سمورن خداداد صلاحيتن کي مولانا خدا جي ئي رستي ۾ ڪتب آڻيندو رهيو ۽ خدا جي خدائيءَ اندر پيرن جيڪا پنهنجي خدائي ۽ خداوندي ناهي هئي، ان جي مسمار ڪرڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ صرف ڪندو رهيو.

”توحيد“ 1947ع تائين هلندي رهي. آخري زماني ۾ جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي جلاوطنيءَ جا ايام پورا ڪري سنڌ ۾ آيو (١)، ان وقت ابتدا ۾ ته مصلحتاً پير پرستيءَ جي خلاف مولانا لکڻ ”في الحال“ ڇڏي ڏنو، ليڪن پوءِ ڏنو ويو ته مولانا گهٽيءَ حد تائين پنهنجن عقائدن تان به رجوع ڪري ويو. آخري زماني ۾ مولانا پيريءَ مريديءَ جو قائل ٿي ويو ۽ انهيءَ سانحي جي سڄي ذمہ داري تنها مولانا عبيدالله سنڌيءَ تي آهي.

(١) مولانا 1919ع ۾ جيئن انگريزن جي خلاف تحريڪ شروع ڪري سنڌ مان نڪتو، ته وري انگريزن ڪيس اچڻ نه ڏنو. 1937ع ۾ الله بخشيس الله بخش شهيد پنهنجي وزارت جي زماني ۾ انهيءَ حڪم کي رد ڪري، مولانا کي گهرايو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 8

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منجهان پيئي مڪڙيءَ، ڪا جا پاٽيءَ پڪ،
وڪرُ هٽي وٽڪَ، ڪنجي ڪارو ٿيو.
ـ شاهہ

" ڪون ھوتا ھے يو پي ڪا مسلمان ؟
انگريز ڪا غلام!
اسے ڪيا خبر ڪه آزادي ڪسے ڪھتے ھين ؟
جو آزادي ڪي ڪوشش ڪرے اس ڪي مخالفت ڪرنا ڪفر ڪے برابر ھے!
اس وقت ڪانگريس ڪے آڑے آنا جھالت او وطن دشمني ھے! "
" اور جناب يہ جو ظلم (١) .....!
" ڪون سے ظلم؟
يہ سب انگريز ڪي سڪائي ھوئي داستانين ھين! "

جلال ۾ چهرو لال، اکيون سرخ ڄڻ شعلا پيون ڇڏن، هيون اگرچہ سنهيون ليڪن معشوق جي آهو چشمن کان بہ سو دفعا سرس، حسين ۽ جاذب. انٽر ڪلاس جي محدود ديگهہ ۾ هڪ پوڙهو شخص جوش ۽ جذبي وچان هڪ سري کان ٻئي سري تائين تيز تيز قدم کڻي رهيو هو. سندس مخاطب هڪ ٽڪيٽ ڪليڪٽر هو، جيڪو يو پيءَ جو باشندو ٿي ڏٺو. سيٽ تي هڪ ٻيو سفيد ريش بہ اجرڪ ٻت ڪي ويڙهيون، اخبارن جو بنڊل ڪڇ ۾ ڪيون ويٺو هو. ٻنهي بزرگن جا مٿا اگهاڙا ۽ ڪوڙيل، سنهاريون وڏيون ۽ اڇيون جهڙيون ڪير، لٽا ڪاڏيءَ جا ٽلها، اڇا ۽ ڪار ۾ ڌوتل. سيٽ تي ويٺل بزرگ جي چهري تي هڪ اطمينان ٿي ڏٺو. هلڪي مشڪ منهن تي، جوشيلي پوڙهي مڙس ڏي هن ائين ٿي ڏٺو، جيئن ڪو عاشق معشوق کي ڏسي پيو نرندو آهي.

" يو پي ڪے مسلمانون ڪو شرم نھين آتي!
يہ لوگ خدا سے نھين ڈرتے!
دائمي غلام رھنا چاھتے ھين!
انگريز ڪي ھوتے ھوئے، ھمارا مذھب پي قائم نھين ھے.
ھندو اگر دشمن ھے تو وه مقامي ھے!

---

(١) 1937ع ۾ حڪومت جي واڳن وٺڻ بعد سي پي ۽ يوپيءَ ۾ مسلمانن سان جيڪي ڇيو ٿي ويو تہ هندن زيادتيون ڪيون هيون، انهن ڏانهن اشارو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اس سے ھم نپٹ لینگے،
لیکن انگریز!
وہ تو پوري دنیائے اسلام کا دشمن ھے،
ھم معمولي دشمن کو تو دیکتے ھین، لیکن!
لیکن ! لیکن! لیکن!
ھم اس دشمن کي غلامي قبول کرتے ھین!
جو ھر محاذ پر مسلمانون کا پتا کاٹتا رھتا ھے!
شرم نھین آتي!
یہ نھین سمجھتے کہ انگریز اگر ھندوستان سے گیا، تو پھر مڈل ایسٹ مین. اس کے پائون کھین ٻي نھین تک سکتے!
ھندستان کي آزادي دنیائے اسلام کي آزادي ھے! "
" ـلیکن جناب .......!"
" لیکن میکن ھم نھین جانتے!
ھم صاف بتائے دیتے ھین!
ھم قطعي آپ لوگون کو، جو غلام ابن غلان ھین!
کھہ دیتے ھین کہ انگریز کا جو دوست ھے، وہ مسلمان کا دشمن ھے،
وہ اسلام کا دشمن ھے، وہ رسول اور اس کے الله کا دشمن ھے!
انگریز کے شہ پر مظالم کے جھوتے قصے گھڑلئے گئے ھین!
انگریز کے تنخواہ بردار غلام!
تنخواھہ بردار غلام! تنخواہ بردار غلام!....."

جوش ۾ اچي سندس زبان وچڙي تي پئي. هڪ هڪ فقري ۽ لفظ کي ٻه ٽي ڀيرا دفعا کيس دهرائڻو ٿي پيو.

" بے شرم، غلام، جاسوس، تنخواہ خور، نمک خور!...."

پوڙهي تي جلال جي سخت ڪيفيت طاري هئي، سندس سنهاريءَ جا وار به ڪڙا ٿي ويا هئا.

" خدا سي نھین ڈرتے، اسلام کي لاج نھین ھے!..."

ايتري ۾ باڳڙجي اسٽيشن تي گاڏي اچا پوريءَ طرح بيٺي به نه هئي، جو ٽي ـ ٽِي گاڏي مان ٽپو ڏيئي هليو ويو. جنهن وقت هن ٽپو ڏنو، ان وقت سندس چهري تي هراس ٿي ڏنو.

اهو هو حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو سترنهن ورهيہ، انگريز دشمنيءَ جي ڏوهہ ۾ جلاوطني ڪاٽي، هاڻي وطن پهتو هو، ۽ سندس ٻيو سنگتي هو مولوي عبدالله لغاري، جيڪو سندس قديمي ساٿين مان هو ۽ سالن پڇاڻان وڇڙيل ساٿي پاڻ ۾ مليا هئا.

* * *

جنهن وقت مولانا سنڌ ۾ پهتو، ان وقت مسلم ليگ پنهنجي نئين دور ۾ نئين نئين ظهور ۾ آئي هئي. اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد ڪيترن صوبن ۾ ڪانگريسي وزارتون ٺهي چڪيون هيون. جن صوبن ۾ ڪانگريس کي اڪثريت ڪانہ هئي، اتي ان جا ميمبر قومي خيال رکندڙ مسلمانن جي حمايت ڪري رهيا هئا. مثلاً سنڌ ۾ الله بخش وزارت کي سنڌن امداد حاصل هئي. ليگ، جناح صاحب جي قيادت ۾، هندستان جي مسلمانن کي يڪمشت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئي ۽ تقريباً سيئي سرڪار پرست ۽ خطاب يافتہ مسلمان، جن سڄي زندگي انگريزي اقتدار جي پشتي باني تي ڪئي، ان ۾ داخل ٿي چڪا هئا. ۽ مسلمانن جي اڳيان جيڪو نعرو بلند ٿيڻ لڳو، سو انگريزي دشمنيءَ جو نہ، بلڪ هندو دشمنيءَ جو. اهو ئي سبب هو، جو مولانا عبيدالله سمجهيو ٿي تہ ٿورائيءَ وارن صوبن جي مسلمانن، ڪانگريسي وزارتن جي بعض ڪوتاهين ۽ ڪن غير اهم انفرادي غلطين کي وٺي، ڳالهہ مان ڳالهوڙو بڻايو آهي. ازانسواءِ هو انگريز دشمنيءَ ۾ ايترو وڌيل هو ۽ سرڪار پرست مسلمانن جا ڪيس ايترا هٿ لڳل هئا، جو ان کي ليگ واري انهيءَ سرڪار پرست مجموعي ۾ يقين ئي نہ ٿي آيو تہ اُهو پنهنجي قديمي روايتن جي خلاف وڃي، ڪو انگريزن کي ڪڍڻ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو معاون ثابت ٿيندو. سرڪار پرستن جي اجتماع جي ڪثرت کي ڏسي، ليگ تان مولانا جو ايمان کڄيو ٿي ويو. تنهن ڪري هن هر قيمت تي في الحال ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ ضروري ٿي سمجهي. انهن تاثرات سبب مولانا جيئن ڪراچيءَ جي بندر تي آيو، تيئن ڪانگريس جي حمايت جو اعلان ڪيائين.

مولانا جي ذهن ۾ قومي بنيادن تي آزاد هندستان جو نقشو هو. هن نئي گهريو تہ طبقاتي ۽ مذهبي منافرت کي پکيڙي هندستان اندر ايترو انتشار آندو وڃي، جو ان جي ڪري انگريز جا پير هتي مضبوط ٿي وڃن. مولانا جن سنگتن سان گڏجي، اڄ کان ويهہ سال اڳ، آزاديءَ جو تحرڪ شروع ڪيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو، سي سيئي ڪانگريس ۾ هئا، جنهن ڪشش پڻ مولانا جي دل ۾ ڪانگريس جي وقعت وڌائي ٿي ـ مولانا ابوالڪلام، مولانا حسين احمد مدني، مولانا ڪفايت الله، مولانا احمد سعيد، ڊاڪٽر ڪچلو، رفيع احمد قدوائي، وغيره وغيره،

مولانا اچڻ سان هندستان جو گشت ڪيو. ساٿين سنگتن سان مليو، سياسي سماچار هر طرف ۽ هر طرح ڪنايائين. جنهن بعد هن سنڌ اندر ازسرنو جدوجهد شروع ڪرڻ جو پَهُ پچايو. سڀ کان پهريون هُن سنڌ ۾ عالمن جي طبقي کي ـ جيڪو فالج زده عضوي وانگر بلڪل بيڪار ۽ معطل ٿي چڪو هو ـ سجاڳ ۽ منظم ڪرڻ شروع ڪيو. هنن کي آماده ڪيائين ته هو سياست ۽ ملڪ سان به دلچسپي وٺن، نئين دنيا سان روشناس ٿين ۽ گوشه نشينيءَ جي زندگي ترڪ ڪري، مراقبن ۽ چلن مان نڪري، مدرسن جي نُکن تان اٿي، اچي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو وٺن، ۽ ملڪ جي سيني مسئلن ۾ ٻين طبقن وانگر دخيل ٿين. مولانا جي تحريڪ هئي ته علماءِ ڪرام عبائون ۽ قبائون ترڪ ڪري ڪوٽ پتلون پائن، دستار مبارڪ جي گنبد مان نڪري مٿي تي ٽوپلا رکي گهمن، جي ٽوپلا نه پائن ته ڪم از ڪم دستار جي پابندي ڇڏي ڏين ۽ اگهاڙي مٿي ڪان ڪين عار اچڻ نه کپي. حقيقت ۾ اهي ته هئا مولانا جا استعارا. دراصل هن عالمن سڳورن کي سندن محدود ۽ اڌوهيءَ ورتل دنيا مان ڇڪي، ٻاهر ڪڍڻ گهريو ٿي:

زڪُنج صومعہ، حافظ! مجوي گوهر عشق
قدم برون نہ اگر، ميل جستجو داري

علمائن سان گڏ مولانا پيرن، مرشدن ۽ سجادن کي به سندن غير شرعي ۽ عفونت آميز عالم مان ڪڍي شائسته دنيا جو باشندو بنائڻ گهريو ٿي.

ٿيون ته مولانا هڪ دارالعلوم ٺاهڻ گهريو، جنهن ۾ جديد تعليم جي ذريعي نوجوانن کي اهڙي طريقي تي تيار ڪرائي، جو اڳتي هلي اُهي ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪمائتا ثابت ٿي سگهن.

مولانا هڪ سياسي پارٽي به ٺاهڻ گهري ٿي، جنهن جو نالو هن "نربدا سنڌو ساگر جمنا پارٽي" رکيو هو. نالو هر چند بي ربط ۽ بي جوڙ ۽ غير شاعرانه هو، ليڪن ڏسڻو آهي مولانا جي نيت کي، جيڪا ملڪي وحدت کي ٽوڙڻ لاءِ هرگز تيار نه هئي.

انهيءَ نئين دنيا ٺاهڻ جو آغاز مولانا پير جهنڊي جي ڳوٺ مان هڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرڪز ناهي ڪرڻ گهريو ٿي، جنهن لاءِ زمين جو هڪ پيَل ٽڪرو تہ پير صاحب جهنڊي واري ڏنو هو. مرڪز هلائڻ لاءِ باقي چند هزار روپين جي ضرورت هئي، جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ مولانا هر انهيءَ ماڻهوءَ سان ذڪر ڪندو هو، جيڪو ساڻس ملڻ ويندو هو.

مولانا جي آخري زيارت مون کي ان وقت نصيب ٿي، جڏهن آءٌ ۽ پير الاهي بخش ڪڏي جي مدرسي واري ٻالاخاني ۾ سندس مزاج پرسي ڪرڻ ويا هئاسين. مولانا کي اسهالن جو عارضو هو. ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو هو. جوش خروش ساڳيو. مرڪز کولڻ جي آرزو ڏاڍي ۽ چندي گڏ ڪرڻ لاءِ خواهش اها ئي. ان وقت مولانا چندي جي انگ کي گهٽ هيٺ لاهي چڪو هو، يعني رپيا جملي ست هزار سردست کيس گهربا ها، جن جي ذريعي في الحال هو مرڪز کولي ڪم شروع ڪري سگهي.

انهيءَ ئي ملاقات ۾ مولانا مون کي ارشاد ڪيو تہ جيڪڏهن آءٌ ساڻس شامل ٿي ڪم ڪريان تہ هوند سندس سيئي مشڪلاتون آسان ٿي پون. انهيءَ وقت مون کي معلوم ٿيو تہ مولانا وٽ سندس تحريڪ لاءِ نہ فقط ست هزار رپيا ڪونہ آهن، بلڪ وٽس ماڻهن جو بہ ايڏو ڏڪر آهي، جو مان جهڙي ماڻهوءَ جي شموليت کي بہ هو اهميت ڏئي رهيو آهي. مون کي جهٽ اُنهيءَ مائيءَ وارو قصو ياد اچي ويو، جنهن جي ڀاءُ کي جڏهن ڳوٺ وارن چڳَ مڙسي جي پڳ ٻڌائي، تڏهن ٻئي هٿ گوڏن تي هڻي روئي ويٺي - چي: 'روئان ٿي تڏهن، جو اسان جي شهر مان، جي ماڻهو هئا، سي سڀ مري ويا، ورنہ ڪنهن کي لاچار پيو هو جو ادي کي پڳ ٻڌائن ها!'

بهرحال مولانا جي طبيعت بہ نجهرندي وئي. نہ ست هزار جمع ٿي سگهيا، نہ مرڪز ٿي سگهيو. مولانا آخر هڪ ڏينهن وصال ڪري ويو. سندس جدوجهد جي نتيجي طور هيٺيون ڳالهيون ٿيون:-

1 - پنجاب جي هڪ نوجوان پروفيسر سرور مولانا جي عنوان تي پنج ڇهہ ڪتاب لکي بازار ۾ آندا.

2 - پنجاب ۾ "سنڌو ساگر نربدا جمنا اڪاڊمي' ٿي، جنهن اهي ڪتاب ڇپايا.

3 - دارالمصنفين وارن اعظم ڳڙهہ مان مولانا جي سوانح ۽ تعليمات تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو.

4 - سنڌ جي مولوين مان فقط ٻن نوجوان مولوين، مولانا جي سنت ۾، پنهنجا مٿا ڪوڙايا ۽ مٿو بہ اگهاڙو ڪري گهمڻ لڳا. سندن ڳالهائڻ جو رنگ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ ڍنگ ۾ مولانا جي ڳالهائڻ جهڙو ٿي ويو: جدا جدا ، بي جوڙ جملا، جن ۾ فقط اشارا، موضوع هڪ هجي ليڪن گفتگو وقت سڄي دنيا جا قصا گڏي، اهڙيءَ طرح مسئلو منجهائي ڇڏجي، جو ان جي شرح ۽ تفسير لاءِ هر وقت هڪ شارح جي ضرورت ٿئي.

5 - شاهه ولي الله ۽ شاهه ولي الهيٰ تحريڪ.. راقم الحروف اهي نالا ٻڌندو رهيو ٿي. ليڪن ماهيت معلوم ڪرڻ جي پنيان ڪڏهن ڪونه پيو.

6 - چند اڻ پوريون تصنيفون ۽ قرآن مجيد جو هڪ نامڪمل شرح، جنهن تي پڻ هڪ شرح جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي وئي.

7 - هڪ نيم ديوانو پاٽيجو، جنهن کي خيال آهي ته (١) مولانا مرحوم جيڪي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ويو آهي، تن کي هو توڙ رسائيندو. پهرياڻين سنڌ جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ رهندو هو، اتان ٽپڙ ڪٽي اچي ڪڏي (ڪراچيءَ) ۾ رهيو. هڪ ڏينهن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ وٽ آيو - چي:

”اسان کي پنهنجي اوطاق ۾ رهڻ ڏيو!“

”بابا، تون مسڪين آهين، ڪراچيءَ ۾ ڪٿان گهر گهاٽ جا خرچ پورا ڪندين؟“

”اسان کي مولانا جي رٿيل پروگرامن کي هٿ مرڪزي شهر ۾ رهي پورو ڪرڻو آهي!“

”منهنجو ته خيال آهي ته تون جيڪر سنڌ ۾ هليو وڃين.“

”اسان جي زندگيءَ جو مقصد اُتي رهي پورو ٿي نه سگهندو.“

”ڪڏي مان ڇو ٿو لڏين؟“

”جاءِ وارا مسواڙ لاءِ تنگ ٿا ڪن!“

”جي تون مسواڙ به ڏئي نٿو سگهين ته ٻيا خرچ ڪٿان ڪندين؟“

”اوهان فقط اسان کي اوطاق ڏيو، باقي خرچ جڏهن پروگرام شروع ڪياسي ته پاڻهي ٻيا پورا ٿيندا!“

”سدا اچي رهو، مولوي صاحب! جاءِ ته اجها هيءَ حاضر آهي!“

ڪڏي جي جاءِ مان مسواڙ جي طاقت نه هجڻ سبب بزرگ ٽپڙ ڪٽي اچي شيخ صاحب جي انهيءَ مسواڙي جاءِ جي هڪ حصي ۾ ويٺو، جيڪا سول اسپتال جي سامهون آهي. اوطاق کي پلويڙو ڏئي گهر لاءِ پردو ڪيائين، پلويڙو آهستي آهستي راتين جو ويو سرندو، ڪشادو ٿيندو ۽ جاءِ والاريندو، ۽ آخر اچي انهيءَ حد تائين ويڪر ۾ وڌيو، جو شيخ صاحب جي اڌ ميدان کي

(١) اهو بزرگ به چند سال ٿيا وفات ڪري ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سوري ڪٽي اندر ڪيائين. ڇهن مهينن بعد معلوم ٿيو تہ اها اوطاق مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي پائيجي نہ فقط مخفي طرح پنهنجي نالي الاٽ ڪرائي ڇڏي، بلڪ حفظ ماتقدم جي طور تي شيخ صاحب ۽ سندس فرزندن تي ڪورٽ ۾ بہ هڪ بہ ڪيس داخل ڪري ڇڏيائين ۽ اهڙيءَ طرح هن مولانا مرحوم جي ڇڏيل پروگرامن کي پوري ڪرڻ جي بسم الله فرمائي، ۽ اهو ڏسڻ ۾ آيو انهيءَ اخلاق جو نمونو جنهن کي مولانا پنهنجي صحبت ۾ ـ جيڪا اڪسير جو اثر رکندڙ ڇئي تي وئي ـ تربيت ڏئي تيار ڪيو هو!

8 - مولانا عبدالله لغاري، جيڪو (١) نهايت پُر مذاق ۽ شگفتہ مزاج ماڻهو هو: ان کي بہ اهائي خواهش هئي جيڪا مولانا جي پائيجي کي هئي.

9 - مولانا مرحوم دين محمد وفائيءَ جي عقائدن جو سانحو، ۽ سنڌ جي مسلمانن جي مذهبي عقيدن واريءَ اصلاح جي تحريڪ جو خاتمو.

مولانا جو خيال هو تہ سنڌ ۾ پيرن جو اثر تمام گهڻو آهي. سندس پنهنجو تعلق بہ دوستيءَ خواهہ عقيدت جي صورت ۾ اسان وارن پيرن، درگاهن ۽ خانقاهہ نشينن سان هو. هن گهريو ٿي تہ عام مسلمانن کي ڏانهن متنفر ڪرڻ جي بجاءِ خود پيرن کي درست ڪيو وڃي، تاڪ سڌري وڃڻ بعد سندن اثر رسوخ ۽ اقتدار مان صحيح ڪم وٺي سگهجي. انهيءَ ڪري مولوي دين محمد وفائيءَ واريءَ تحريڪ کي هن بند ڪرائي ڇڏيو.

حقيقت ۾ مولانا سنڌ ۾ ان وقت پهتو، جڏهن ذهني طرح سان بلڪل ختم ٿي چڪو هو، سندس قوتون ڪمزور ۽ ساٿيون تي ويون هيون، ۽ صحت جا پويان پساهہ هئا. بلڪ سندس زيست عملي طرح پوري ٿي چڪي هئي. دماغ رڳو خيالن سان پريل، زماني جي رفتار جو اندازو ڪونہ ، تنهن ڪري ايڏا طويل ۽ مختلف نوعيت ۽ عنوانن جا پروگرام وٺي رٿائين، جيڪي ناممڪن هئا تہ سندس خواهہ ڪنهن بئي جي زندگيءَ ۾ پورا ٿي سگهن. مولانا پڪن گهڙن کي ڪنان وجهڻ ٿي گهريا:

ڪار دنيا ڪسي تمام نکرد

هرچہ گيريد مختصر گيريد

باقي بچيل مختصر حياتيءَ ۾ 'مختصر گيريد' تي عمل ڪرڻ جي بجاءِ مولانا سڄي ' ڪارِ دنيا' کي هڪ ئي وقت پورو ڪرڻ گهريو، جيڪو ناممڪن هو.

---

(١) اهو بزرگ بہ چند سال ٿيا وفات ڪري ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذرِي،
لڳي ماٺَ مروئڻِ کي، ڏونگر پَون ڏِري،
وجن وڻ ٻرِي، اوڙُ اُپَري ڪينڪي.
- شاهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گذريل صفحن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جي مسلمانن کي سندس مرشدن ۽ انهن جي خانقاهن ڪيتري قدر ۽ ڪهڙيءَ طرح نہ ورغلايو ۽ سندس جهالت ۽ ابوجهائيءَ مان فائدو وٺي ڪيئن نہ کيس پنهنجي اثر ۽ اقتدار هيٺ رکي بنهي جهانن کان ڪڍي ڇڏيو.

درحقيقت جيڪڏهن سنڌي مسلمان جي تباهيءَ جو پوريءَ طرح جائزو وٺبو ۽ ان جا سڀئي ڪارڻ ويهي جاچبا، تہ ان حالت ۾ مذڪوره طبقي سان گڏ ٻيا بہ ڪيترا اهڙا عنصر نظر ايندا، جيڪي انهيءَ گناهہ جا ڏوهاري ۽ مجرم آهن ، ۽ پنهنجي پنهنجي طريقي ۽ نموني سان سڀني يڪمشت ٿي، سالن جا سال ويهي مسلمان کي پيڙيو ۽ ان جو رت چوسيو آهي، ان کي ذليل ۽ تباهہ ڪيو آهي، ان کي بزدل ۽ ڪم همت بڻايو آهي. ان کي سست، ۽ ان جي قوتن کي ساڻو ۽ نِستو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جا مسلمان جو هيڻا، سست، زندگيءَ کان خالي، جدوجهد کان عاري، پنهنجي جيءَ کان بيزار، پست همت، ڊيڄو ۽ بدحوصلي ڏسجن ٿا، سي ڪو فطرتاً يا اصلاً ۽ نسلاً ائين ڪونہ آهن، بلڪ اهي سڀئي مرض منجهن انهن طبقن جي بالادستِن پيدا ڪيا آهن، جيڪي انگريزي حڪومت جو سنڌ لاءِ ڏاج هئا، مثلاً پيرن فقيرن کان علاوه هينيان طبقا بہ انهيءَ سلسلي ۾ ذميدار آهن:

(1) **هندو** ( تاجر يا واپاري طبقو)

سنڌ جي اقتصاديات تي سڄو قبضو هندن جو هو. راقم هن ڪتاب ۾ ڪيترن جاين تي ان جا مختلف پهلو بيان ڪري چڪو آهي. مختصر طرح واقعو هي هو تہ سنڌ جو عوام چوٽيءَ کان پيرن تائين هندوءَ وٽ گروي هو. زمينون انهن وٽ گروي، سنڌ جي ڪڙميءَ جي ڪمائي سڄي انهن جي گهر ۾، هر ڪنهن قسم جي تجارت انهن جي قبضي ۾ ، شهر، تعليم، ادارا، ملازمتون، مطلب تہ سنڌ جا حقيقي مالڪ اهي ئي هئا ۽ باقي مخلوق محض سندن رحم ڪرم تي هئي، جنهن تي افسوس آهي تہ هنن ڪڏهن بہ رحم ۽ ڪرم ڪونہ ڪيو، جنهن جو نتيجو نہ ڇڙو ياڻ لوڙيائون بلڪ سندن ڪرتوتن جي بلا وري بہ مستقل طرح سنڌي مسلمانن کي ئي لوڙڻي پئي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(2) **مسلمان** ( زميندار ۽ جاگيردار طبقو)

ٻيو طبقو هو سنڌ جي زميندار جو. جيڪو اگرچه پاڻ به سنڌ جي هندن وٽ گروي هو. ليڪن سڄو سنڌون سنڌ جي مسلمانن (هاري ۽ پورهيت طبقي) تي ان جو قبضو هو. سنڌي عوام جي جسم ۽ وقت جو اهو مالڪ ۽ مختيار هو. هر زميندار پنهنجي پنهنجي حدن اندر نه ڇڙو ڪڙمين لاءِ بلڪ سموري راڄ لاءِ ڪال هو. ماڻهو سندن اڻ ملهيا غلام هئا. عزت آبرو، ننگ شرم، زمينون، روزگار، جسماني آزادي يا آزار، مطلب ته سنڌي عوام جي سڄي اٿيءَ ويٺيءَ جو مرشد کان پوءِ ٻئي نمبر تي، بلڪ ڪيترين حالتن ۾ مرشدن کان به وڌ، سنڌ جي وڏيري تي دارومدار هو. حقيقت ۾ صحيح هيءُ ٿيندو ته سنڌ جو عوام انگريز جو ماتحت فقط نالي ماتر هو. سچو پچو محڪوم وڏيري جو هو. وڏيرو جي ناراض ٿئي ته سندن زمين کسي سگهيو ٿي، کين ڳوٺ مان لڏائي سگهيو ٿي، سندن ننگ کڻائي سگهيو ٿي، کين خون ڪرائي سگهيو ٿي، 110 يا فرنٽيئر ريگيوليشن ايڪٽ يا انهيءَ قسم جي ٻين قانونن ۽ قلمن هيٺ کين اڙائي سگهيو ٿي. مختصراً هيءُ ته جي وڏيرو پنهنجيءَ تي آيو ٿي، ته ماڻهن جو ـ هيڏي وسيع گرهه ۾ ـ نه فقط ساهه کڻڻ مشڪل ٿي پيو ٿي، بلڪ انهن جو هيڏيءَ ساري ڪشاديءَ دنيا ۾ جيئڻ به جنجال جنسي جنجال هيو. انهيءَ حد تائين وڏيرو بااختيار ۽ بالادست هو ۽ عوام ايستائين محڪوم ۽ زيردست هو.

(3) **ڪامورو** (هندو ۽ مسلمان ٻيئي) .

ٽيون طبقو هو ڪاموري ڪلاس جو، جيڪو نه فقط وڏيري ۽ واپاريءَ جي دست درازين لاءِ جوابدار ۽ انهن جو پشتيبان هو، بلڪ سڏيءَ طرح به ڪيس هر طرح جو سنڌ جي مظلوم عوام تي اختيار هو.

ڪامورن ۾ سڀ کان وڏو زور ۽ ڌاڪو هو پوليس جو، ڇاڪاڻ ته انسان جي غزت جو سچو دارومدار ان جي راضپي ۽ غصي تي هو. جي گهُرن ته چور کي ساڌ بڻائن، جي چاهن ته ساڌ کي چور بڻائي ڇڏنِ. سچ کي ڪوڙ، ڪوڙ کي سچ سندن ڏائي هٿ جو ڪم هوندو هو. پوليس وٽ مختلف قسم جا ڇاڙتا هوندا هئا، جن کان پيئي ڪم وٺندي هئي. مثلاً.

(الف) **زميندار:** پوليس ۽ زميندار هڪ ٻئي جا پشتيبان هوندا هئا. زميندارن جي ڪڌن ڪمن تي پوليس چشم پوشي ڪندي هئي، ۽ جيڪڏهن پوليس واري تي ڪا رشوت وغيره جي عريضي ٿيندي هئي، ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زميندار ان ۾ شاهد ڦيرائي، ڪيس ڇڏائي ڇڏيندو هو. زميندار، جنهن کي آزارڻ گهرندو هو تہ پوليس سائس ان ۾ پانهن ٻيلي ٿي بيهندي هئي، ۽ جيڪڏهن پوليس کي ڪنهن ڪان عيوض ونڻو ٿيندو هو، تہ زميندار ان لاءِ گهربل اسباب ڪيس مهيا ڪري ڏيندو هو. عوام زميندارن ڪان ان ڪري زياده تر خائف رهندو هو، جو هو پوليس جي دوستيءَ سبب ڪين هر قسم جو آزار پهچائي سگهيا ٿي.

(ب) **پيري (پيرادو)**: پوليس وٽ پيري سرڪاري طرح مقرر هوندا هئا، جيڪي چورن جا پير سڃاڻي پاهر ڪيندا هئا. انهن کي گهڻو ڪري پوليس پنهنجي مقصدن تي هلائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو سچ جو ڪلمون چوندا هئا، ورنہ هميشه ان جو پير ڪيندا هئا. جنهن لاءِ پوليس جو ڪين اشارو هوندو هو. پير سڃاڻڻ جو فن بہ سنڌ ۾ واهہ جو هو. ناممڪن هو تہ پيراڊوءَ جو سڃاتل پير غلط نڪري وڃي. گهڻو ڪري پري پري جي ڪاٽڪن، چورن ۽ ڌاڙيلن جي پيرن جا نمونا ڪين ياد هوندا هئا. پنهنجي ترَ جو تہ ڪوبہ چور ڪانئن گٽل نہ ٿيندو هو. سون ماڻهن ۾ گڏيَ، جيڪڏهن گهربل چور کي گهمائبو، تہ پيرادو سندس پير ڪڍي پاهر ڪندو. انهيءَ حد تائين جو وِڪَ وڌيل کي بہ سڃاڻي ويندا هئا، ۽ جُتيءَ ۾ پيل پير جو نشان بہ پرکي ويندا هئا. چوري ٿيندي، تہ پيرادو وڃي واردات تي پير ڏسي ايندو. جڏهن شڪي يا ڏوهي پڪڙجي ٿاڻي تي ايندا، تہ پيراڊوءَ کي لڪائي، 15-20 ٻين ماڻهن سان گڏ ڊاپ تي شڪيءَ کي گهمائيندا، جنهن بعد وري انکي لڪائي ڇڏيندا. پيرادو سيني پيرن مان جهٽ اچي ان جو پير ڪڍي پاهر ڪندو. هنن کي ايترو يادگيرو هوندو هو، جو جيڪڏهن ڪٿي ڪو پير واردات تي ڏسندا، تہ اهو بہ ٻڌائيندا تہ هي پير انهيءَ چور جو آهي، جيڪو 4 سال اڳ فلاڻيءَ چوريءَ ۾ بہ هو.

(ڀ) **شاهد**: پوليس وٽ اهڙا جڙتو شاهد بہ هميشه رهندا هئا، جيڪي هٽرادو ڪيل ڪيسن ۾ پوليس يا زميندار جي چئي تي شاهدي ڏئي ويندا هئا. اهڙن ماڻهن جو گذر گذران ڦرمار تي هوندو هو، ۽ پوليس هنن جي پٺڀرائي ڪندي رهندي هئي.

(پ) **مشير**: ڪوڙن شاهدن سان گڏ پوليس وٽ هٽ ٺوڪيا مشير بہ رهندا هئا، جيڪي هر وقت پوليس سان جاچ ۾ گڏ هلندا هئا ۽ مشير نامي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي صحيح اهي ڪندا هئا ۽ ڪورٽ ۾ شاهدي بہ اها ئي ڏيندا هئا، جيڪا پوليس جي ٺاهيل ڪيس کي سچي ڪرڻ ۾ معاون ٿئي. اهي مشير گهڻو ڪري ننڍا ڪاتيدار يا وڏيرا هوندا هئا يا ڳوٺن جا اهي چڱا مڙس، جيڪي طبعاً شرير، چالاڪ ۽ شربسند هئا.

(ب) **چاڙتا:** اهي ماڻهو جيڪي وچ ۾ پئي پوليس کي ڪيسن ۾ رشوت وٺي ڏين. اهي مختلف طبقن مان هوندا هئا: وڏيرا، زميندارن جا ڪمدار، شهرن جا چڱا مڙس، يا اهي ماڻهو جيڪي چالاڪ هوندا هئا، ۽ انهن کي ڪوبہ مستقل ڌنڌو ڪونہ هوندو هو. انهن جي گذر بسر جو ذريعو اهائي پٽ سٽ هوندي هئي. جڏهن پوليس کي پيسي جي ضرورت ٿيندي هئي، تڏهن انهن چاڙتن کان ماڻهن تي ڪوڙيون عريضيون ڪرائي ۽ پوءِ انهن عريضين جي جاچ مان بيگناهہ ماڻهن کان رشوت وٺي، عريضين کي دفتر داخل ڪندي هئي.

(ت) **ڪاٽڪو:** پوليس جو سنڌجي وڏن وڏن ۽ پنهنجي حد جي مکيہ ڪاٽڪن سان رستو هوندو هو. مکڻ، کير، ڪڪڙ مستقل طرح اهي پيا پهچائيندا هئا: ايس پيءَ کان وٺي هيڊ ڪانسٽيبل تائين کير لاءِ مينهون ۽ ڳئون بہ اهي ڏيندا هئا: ۽ جيڪڏهن پوليس کي ڪنهن جو گهر لٽائڻو هوندو هو، تہ انهن جي ئي معرفت انهن جون چوريون ڪرائيندي هئي. اهي ئي چور بعض وقتن تي کن ڌوهن ۾ پوليس جي مدد ڪندا هئا: ڪين پتو ڪڍي ڏيندا هئا تہ اهو ڌوهہ ڪهڙي چور جو ڪيل آهي، چاڪاڻ تہ چورن کي يڪدم هڪبئي جي ذريعي خبر پئجي ويندي هئي تہ فلاڻي چوري ڪنهن ڪئي، فلاڻو ڪاٺ ڪهڙي ڪاٽڪوءَ هنيو، فلاڻو مال ڪهڙي چور ہڏو، فلاڻو ڌاڙو ڪهڙي ڌاڙيل هنيو. اهي چور ڪيترن موقعن تي پنهنجن مخالفن جو نالو ڏئي، انهن کي ہَڏائي ڇڏيندا هئا، ۽ پاڻ جيڪي پيا ڪندا هئا، اهو انهن کي نيبَهہُ هوندو هو. ڪو سندن نالو وٺي ڪونہ سگهندو هو.

(ث) **چغل خور:** جن کي سنڌ ۾ چغل، چغلي خور، يا چغل ٽويو سڏيو ويندو هو ـ انهن ماڻهن جو پيشو هوندو هو تہ هِتان جي هُتي، هُتان جي هِتي پيا هڻندا، چواتيون ۽ چوچڙيون دکائيندا وتندا هئا: ڪابہ راج ۾ اؤلي سؤلي ٿيندي، گهڻيون ئي پيون زماني ۾ هيٺ مٿاهيون ٿين، چغل هميشه چاري هوندا: خبر پئي ناهي، تڪ وجي پوليس وٽ پهچائيندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوليس اهڙن حالتن ۾ پاڻ به رشوت وٺندي ۽ چغل خورن کي به ورسارائيندي. ماڻهو ويچارا انهن کان هر وقت پيا ڪنبدا هئا ته ڪٿي ڪا چغلي هڻي، اجايو سجايو پنڪو نه لهرائي وجهن!

الغرض، اهي ست هئا پِيل پاوا پوليس جي اڏاوت جا، جن جي آڌار تي سنڌ جي عوام تي پوليس جو آزار قائم هوندو هو. درحقيقت سنڌ جي پوليس ان لاءِ نه هئي ته هو ماڻهن لاءِ سک ۽ آرام، امن ۽ امان پيدا ڪن، جيئن هر ڪو سک جي ننڊ سمهي سگهي، بلڪ اُن جو اعمال نامو فقط آزار، ظلم، تشدد، زبردستي، ڪوڙ، رشوت ۽ ڦرمار سان ڀريل هو. ماڻهن جو آرام ان ڪري ڦٽل نه هو ته ڪو ملڪ ۾ ڏوهي آهن يا چور آهن، بلڪ انڪري عوام جي ننڊ ڦٽل هوندي هئي ته ملڪ ۾ پوليس جي رات آهي، متان اوچتو نه ڪو 'گهوڙو چڙهي'.

'گهوڙي چڙهڻ' جي اصلاح به پوليس جي ڪري ئي سنڌ اندر وجود ۾ آئي. پوليس جاچ ۾ گهوڙن تي چڙهي هلندي هئي؛ ماڻهو چوندا: "خبر نه آهي ڪنهن تي اهو گهوڙو آهي!" صوبيدار، جمعدار، سپاهي، پيري، مشير، وڏيرا، چاڙتا، چغل خور، مطلب ته ڪٽڪ گهوڙن تي چڙهي پوندا؛ جتي وڃي لهندا جڻ ماڪڙ اچي پئي. جهڙا پيا ٻوڙ پُلاءَ پاڻ کائيندا تهڙا مال مليدا پيا سندن گهوڙا کائيندا ـ ڳڙ، مکڻ، داڻا، ساوا گاهه، غرض ته جڻ تر ۾ اچي ماڪڙ پئي! فرياديءَ جو ته جهڳوئي جهڻ، پر اوڙي پاڙي جي به ستياناس. چوريءَ يا ڦيل ڏوهه جي قيمت کان سوين حصا زياده جاچ تي خرچ اچي ويندو. مار، موچڙو، ڏاڍ ۽ زوري ان کان آپراند. اهو ئي سبب هو، جو هر ڪو ڦيل نقصان برداشت ڪري ويندو هو، يا خانگي ذريعن سان ان کي واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو؛ پوليس ۾ رپورٽ 75 في صد ڪانه ٿيندي هئي.

پوليس ڏوهن جي جاچ ڪندي، ماڻهن تي جيڪي ظلم ڪندي هئي، انهن ۾ گهٽو ڪري سڪن کان زياده ساوا سڙي ويندا هئا. انهن جا چند نمونا هي هئا: ـ

(الف) **ڏاڙهي پٽ:** ڏاڙهيءَ جون چڳون پٽائڻ. بعضي ته ڏاڙهي مچون ٻَئي انهيءَ ڏاڙهيءَ پَٽ ۾ صفا ترِي ئي وينديون هيون.

(ب) **اوجاڳو ڏيڻ:** جيسين پوليس جي مرضيءَ مطابق بيان نه ڏئي، تيسين ماڻهوءَ کي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندا هئا؛ واري وٽيءَ تي سپاهي مٿس مقرر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(ڇ) **ٽيڪب ٽيڪو:** انهيءَ چيچٽي بازيءَ ڪرائڻ وقت خاص سُرَ ۾ رِدَم ۾ چورائبو هو: "ٽيڪب ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! اندر ٽيڪو! ٻاهر ٽيڪو!هيٺان ٽيڪو!مٿان ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! جوٺهين ٽيڪو! ماٿهين ٽيڪو!پيٽين ٽيڪو!ٽيڪب ٽيڪو!ٽيڪب ٽيڪو!" اها هڪ خاص صوبيدار جي ايجاد هئي، جنهن جو ايڏو ڌهڪاءُ هو، جو نالو ايندو ته ماڻهن کان ڇرڪ نڪري ويندو.

(ڪ) **ٻليون وجهڻ:** عورتن جي سٿڻن اندر ٻليون وجهرائڻ، جيئن اهي ڪين نازڪ هنڌن تي رهندبون پائن.

(گ) **وير وٺائڻ:** عورتن سان سندن مردن جي سامهون ٻين کان زنا ڪرائڻ.

اهي ته چند نمونا بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي ظلم جا رائج هئا، ليڪن ڪن خاص صوبيدارن ۽ جمعدارن سزا ڏيڻ جا مخصوص طريقا ايجاد ڪيا هئا، مثلا عبدالله خان صوبيدار يا غلام رسول شاهه ناظم پوليس خيرپور جا پنهنجا نرالا نمونا هئا (١). الغرض پوليس وٽ ظلم زبردستيءَ، ڏاڍ ۽ زور جا سوين شرمناڪ، انسانيت سوز ۽ دل ڏهلائيندڙ رستا ۽ طريقا هئا.

ڪاموري ڪلاس ۾ پوليس کان پوءِ ٻئي نمبر تي خلق مٿان اثر ۽ آزار هو ٻيلي کاتي وارن جو.

سنڌ جا ماڻهو گهڻو ڪري سيئي مالوندا ٿين ٿا. ڳئن جي ڇانگ، مينهن جو ميهاڳ، ۽ ٻڪرين جو ڌڻ ته خير مڪيه مالدارن(٢) وٽ ٿئي ٿو، ليڪن غريب غربي جو ڪِلو ۽ مَنهُن به پنجن پندرنهن ڏورن کان خالي ڪو نه

---

(١) انهيءَ دور جا نامر ڪنيا پوليس عملدار گهڻا ئي هئا، جن مان هيٺين جا نالا ياد اچن ٿا: نارائڻ داس، تيجومل، ٿهلرام، مولانا ضياءُ الدين احمد، غلام اڪبر خان، ديوان ساجن سنگ، حافظ محمد سليمان، واليءَ ڏنو خان، عبدالستار خان، محمد بخش خان لغاري، الهه بخش خان ڪوسو، مير الهه ڏنو خان، محمد صالح ڏهراج، قادر بخش ڪلوڙ، نياز محمد خان، تاج الدين انسپيڪٽر، خان محمد بروهي، دلاور حسين شاهه وغيره. انهن مان ڪي صاحب بلند ڪردار جا ۽ شاناٿتي طور طريقي جا مالڪ هئا. اجا به وقت آهي، جيڪڏهن ڪو صاحب انهن ۽ اهڙن ٻين شخصيتن جو احوال ۽ سندن واقعا ويهي گڏ ڪري.

(٢) مالدارن جي سلسلي ۾ سوين لفظ سنڌ ۾ آهن: ڌنار، ڌراڙ، ميهار، ڳنوار، ٻڪرار، ريڍار، اٺينهوار، ايلينوار، واڙو، ٿانُ، مَنهن، واڙ، پاڳيو، سوين متعلق اکر آهن، جيڪي گڏ ڪرڻ گهرجن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوندو آهي. ڪو اصل نياڳو يا ٽاڪ سُجو هوندو تہ اُها ڳالهہ اور آهي.

انهن مالوندن ماڻهن جي سڀي اٿي ويٺي جهنگ سان آهي؛ پر جن وٽ مال ڪونہ آهي، انهن جو بہ مُنهن جهنگ ڏي ٿئي ٿو. ڀاڳين جو مال جهنگ ۾ چري، ۽ جن وٽ مال نٿو ٿئي، انهن کي بہ گهر گهاٽ لاءِ ورو، ٽوٽي، گاڏيءَ جي سرائي، هر، پانجاري، چُلهہ جي ڪاٺي، سياري جي سيءَ لاءِ ٻُنڍي ۽ ٻارڻُ مڙئي جهنگ مان گهربو آهي. تنهن ڪري عملي طرح گويا ٻاهراريءَ جو ماڻهو ٻيلي کاتي جو پوليس کان پوءِ ٻئي نمبر تي مطيع ٿئي ٿو. انهيءَ کاتي جا مکيہ ڪاردار هي آهن:

**ڪنزرويٽر:** سڀ کان وڏو عملدار ٿئي ٿو. سال ۾ هڪ دفعو گشت تي ايندو؛ منزل جي سڀي اٿي ويٺي عام تي؛ چيڙ، ڪُڪڙ، آنو، کير، مکڻ، گيهہ، ڇيلو، ماڻهن وٽان مفت مهيا ڪيو ويندو.

**ڊويزنل فاريسٽ آفيسر:** ٻئي نمبر تي اچي ٿو. ضلع ۾ سندس هيڊڪوارٽر ٿيندو هو. سال ۾ ڪئين دفعا منزلون ٿينديون ۽ ان جي منزلن جا انگ اسباب ماڻهن وٽان پورا ٿيندا هئا.

**رينج فاريسٽ آفيسر:** هر هڪ رينج تي جدا جدا عملدار مقرر ٿئي ٿو، جيڪو مهيني ۾ هڪ بہ چڪر پنهنجي حد جو پيو هڻندو هو. ان جي کاڌي پيتي جو خرچ پکو بہ سڄو مالدارن ۽ حد جي عوام تي هو.

**جمعدار:** هر هڪ ٻيلي تي جدا هوندو هو. ان جي سڀي پڳهار ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ڪڍندو هو، تنهن ڪري هنن جو پنهنجو گذارو ڦرمار ۽ پَٽ سَٽ تي هوندو هو. مون کي ياد آهي، سيوهڻ جي طرف جو هڪ جمعدار اسان جي حد تي هوندو هو۔ قداور، ٿلهو متارو، ٿلهيءَ مشين تي ڪتربل سفيد ڏاڙهي؛ مڙس وڏي ڪڙڪي ۽ ڏاڍي ڏاڪي وارو جمعدار هو. چوٿين پنجين ڏينهن ڳوٺ جي وڏيءَ نم جي ڇانو هيٺ اچي منزل ڪندو هو:

"اڙي پيٺاڻ رسولا! او رسولا!! حرامي، ڪاڏي مري وئين؟"

"حاضر سائين، پهتو!"

جيئن گهوڙي تان لهندو، تيئن مالدارن ۾ ٻاڪر ڪٿو پئجي ويندو. پهريائين کٽ ايندي، ان تي رلي ۽ وهاڻو پوندو؛ هڪ ماڻهو دلو کنيو ايندو، ٻئي کي هٿ ۾ ڪونرو هوندو، ٽيون تڏو مٿي تي کنيون ايندو، چوٿين کي وٽو ۽ ڏڌ جي دکي هوندي. ڪوٽ لاهي وهاڻي هيٺان رکندو، پٽڪو مٿن کان ۽ نيت جو لڪڻ (١) کٽ جي ٽانگهہ ۾. هٿ منهن ڌوئي، پوءِ ويهندو کٽ تي

(١) عوامي لفظ "لَهَڪَڻُ" آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڙهي. وڏيڪ مار رسولي ٻڪرار تي هوندي هئي، ڇاڪاڻ تہ ٻڪرين جو وڏو ڌڻ ان وٽ هو:

”اڙي ننڍو ڪڪڙ ڪهرائجانءِ!
مکڻ ڦٽي سرس!
سڪائي لاهجو!
اتو چڱيءَ طرح گيچڻ مان ڪيرائجانءِ!
ماني اٿيي تئي تي نہ وجهرائجان.
ڏهيءَ زرو بہ آڻجانءِ ۽ گهاٽي لسي بہ...
اڙي پر ڏهي ۽ ڏڌ بدوءَ وٽان ونجانءِ ماهيو، متان پيٽهان ٻاڪرو آڻين!
گهہ جڙئي وٽان ڳائو ونجانءِ.
مکڻ ڦٽي ڪٽي عالم جي گهران وٺ، پر ماهِي...“

اِهي پيون فرمائشون پوندس، جيسين خير سان نيرن ۽ ڏيهرو ڪري، خرچيون ڪڍي، شام ڌاري ڪنهن ٻئي پاسي رخ نہ رکندو. جڏهن ڪنهن وڏي خرچ جي ضرورت پوندي هيس، تہ پوءِ جهنگ مان گهمندي، جنهن جو مال نظر ايندس، اهو ڪهرائي اچي ڳوٺ پهچندو. ڌنيان مالوندا قرآن مٿي تي کڻيون پڄندا اچي پهچندا:

”اڙي جمعدار، لڳ هن قرآن جي، واسطو تِي رب جو، اچا هاٿي پاس ورتي اٿسي!“

جمعدار جو لُڙُ پيو پوندو، ڇي:

”بابا، سرڪاري حڪم نڪتا آهن، اسان جو ڪو وس؟ اڳيون سڀ پاسون رد!“ ڪيسي مان ڪاغذن جو ٿهو ڪڍي ڪٽي تڏي تي اڇليندو:

”ڏسو نتا ڪيترا حڪم اچي ويا آهن؟ اوهان ماڻهن کي خبر ڪا نہ ٿي پوي. وڏي صاحب کي گهرج پئي آهي، اُها بہ تہ پوري ڪرڻي آهي!“

**پٽيوال:** هن جو ديرو حد جي ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ ۾ هوندو هو. روزانو جهنگ مان گهميون، حد جي مختلف ڳوٺن مان ڦريون ماريون اچي پنهنجي ديري تي پهچندو هو. سندس پڳهار ڊويزنل آفيس وارن جي حوالي هوندي هئي ۽ سندس پنهنجو گذارو جهٽ سٽَ تي پيو ٽيندو هو. انهيءَ پٽيوال کي ”راڪو“ بہ چوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ جهنگ جو رکوال هوندو هو.

**جهنٽيوال:** پٽيوال جي خانگي نوڪر کي، جيڪو سندس ديري تي چلم پاڻي ۽ ٽاندو ٽوپي ڪندو هو، ان کي ”جهنٽيوال“ چيو ويندو هو --

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهتيوال ان ڪري، جو هُو نہ سرڪاري ملازم هو نہ ڪيس ڪو پگهار ڏئي ڏيندو هو. سمورو گذارو جَهتَ تي ٿيندو هيس، تنهن ڪري 'جهٽ' مان 'جهتيوال' بڻايو ويو.

**سٽيوال:** جهتيوال جي نموني جو بنا تنخواهہ جي ملازم - ان کي ڪٽان سَٽَ لڳي ويندي تہ ڪجهہ پاڻ کائيندو ڪجهہ آٽي پٽيوال کي ڏيندو. ورنہ وتندو اوباسيون ڏيندو.

انهن ستن عملدارن کانسواءِ مالدارن کي آفيس جي انهيءَ ڪلارڪ سان بہ منهن ڏيڻو پوندو هو، جنهن جي ميز تان پاسيون جاري ٿينديون هيون.

عملدارن جي انهن ٻن طبقن جو عوام تي ۽ ٻاهراريءَ تي خاص ڌاڪو ۽ اثر هوندو هو. انهن کان علاوه انجنيري کاتي مان سروير، داروغا ۽ بيلدار، ۽ روينيو وارن مان سپروائيزر، تپيدار ۽ ڪوتار بہ پنهنجي پنهنجي نموني ۾ ماڻهن مٿان جنسي ڪاري قيام هوندا هئا.

مطلب تہ سنڌ جو عوام هندستاني مغلن جي جبري حڪومت کان پوءِ دوباره گذريل سؤ سوا سؤ سالن اندر مٿي ذڪر ڪيل چئن چَڪِين ۾ پيڙبو پئي رهيو آهي - مرشد، واپاري، وڏيرو ۽ ڪامورو.

* * *

رشوت، رسائي، لاپو ۽ چيڙ - اهي چار آزار ٻڻ سنڌ اندر انهيءَ حد تائين هئا، جو سنڌ جي عوام جو سچو رت ۽ ست صفا پيچي ويو.

**رشوت:** هر معاملي ۽ مسئلي تي ورتي ويندي هئي. بنا رشوت جي ڪو بہ ڪم ڪونہ نڪرندو هو. پوليس کي جيڪا رشوت ڏبي هئي ان کي 'وِدَي' چئبو هو. باقي رشوتون خرچيءَ، خرچ، پاڙي پَتي، دعوت يا 'منزل خرچ' جي نالن ۾ شمار ٿيندو هيون. 10.8 آني کان وٺي 8.7 هزارن تائين رشوتون هلنديون هيون. تپيدار واريءَ رشوت کي 'آنڪي' چيو ويندو هو - چاڪاڻ تہ جريب پنيان هن جو هڪ آنو ٻانڌاڻ هو. ڪامورن کان علاوه زميندارن کي بہ رشوت وٺڻ جي عادت هوندي هئي.

**رسائي:** نقديءَ کي بہ چئبو هو، ۽ جڏهن آفيسرن جي منزل ٿيندي هئي ۽ ان تي جيڪو گاهہ جو داڻو، ڪٽ ڪنولو، ٻُندي ٻنجهر، آنو ڪڪڙ، چيلو ميچي، ڪير مکڻ، ڏُڌ ۽ ڏهي پهچائبو هو، ان کي 'رسائي' سڏيو ويندو هو.

**لاپو:** ساليانی مقرر ٿيل رقم يا اَنَ کي 'لاپو' چئبو هو. مقرر رقم يا

بدل اَنُ سال پڇاڻيءَ تي هينئين طبقي جا ڪامورا اچي اڳاڙي ويندا هئا ـ مثلاً، پيلي جو جمعدار ۽ راڪو، پوليس جو سپاهي ۽ هيڊ ڪانسٽيبل، انجنيريءَ جو سرروير ۽ داروغو، روينيو جو تپيدار ۽ ڪوٽوار.

اَنَ جي سلسلي ۾ ڪڙمين سان سنڌ جي زميندار جو ديري ۾ بٽئيءَ وقت ڏاڍو ظلم ٿيندو هو، جنهن کي زمينداري زبان ۾ ”انگَ اسباب“ چيو ويندو هو؛ جيڪي بٽئيءَ وقت ڪڙميءَ جي حصي مان هن ريت ڪٽيا ويندا هئا ـ مثلاً:

**پيراٽو ٽويو:** سڄيءَ ٻار مان هڪ ٽويو سڀ کان پهريائين بادشاهہ پير جي نالي تي ڪڍيو ويندو.

**راڄ خرچ:** خرار تي ٻہ ٽويا يا چار ٽويا، جيڪي زميندار عملدارن جي رسائيءَ تي خرچ ڪندو هو، اَنَ مان ونبا هئا.

**اوطاق خرچ:** خرار پنيان اڌ ڪاسو انهيءَ خرچ ۾، جيڪو زميندار راجوٽي ڪمن لاءِ ڪامورن يا ٻين مهمانن کي اوطاق ۾ ماني کارائڻ تي ڪندو هو.

**ڏنڊ:** چيڙ نہ وهڻ، سڌ صلح ۾ گسائڻ، يا ڪنهن ٻئي زمينداري ڏوهہ ۾ وڏيرو ڪڙميءَ مٿان جيڪو نقد ڏنڊ وجهندو هو، ان جي حساب ۾ اَنُ ڪڍندا هئا. ڪي تہ ڪڙميءَ جي سڄي ٻار بہ ضبط ڪري ڇڏيندا هئا.

**خرچي:** وڏيري جي نينگرن جي خرچي سڄيءَ ٻار تي هڪ يا ٻہ ڪاسا.

**ڪاسباٽون:** ڪاسبن لاءِ مقرر ڪيل اَنُ، مثلاً لنگهن (١) لاءِ، ميربحرن لاءِ، حجم لاءِ، ڪنير لاءِ، دائي لاءِ، ملان ۽ لوهر لاءِ.

**زمينداري:** ڪڙميءَ جي حصي مان زميندار خالص پنهنجي لاءِ ادائي ڪاسا في خرار تي ونندو هو.

**تقاوي:** ڪاڌ خوراڪ لاءِ ڪڙميءَ جيڪو اَنُ يا نقدي ورتي هوندي، ان جو حساب ڪري اَن ڪٽبو ـ اهڙيءَ طرح، جيئن ڪڙميءَ جي اَن جو اگهہ گهٽ ٻڌجي ۽ پنهنجي ڏنل اَن جو اگهہ وڌيڪ هجي.

**ٻج:** جيڪو ٻج ڪڙمي وٺندو، اُن مان ڪٽڪ، سارين، جوئر ۽ ٻاجهر جو ٻج جنسي وصول ڪبو. باقي تيلي ٻج يا دالين لاءِ نقديءَ جي صورت ۾ حساب ڪري اَنُ ونبو.

---

(١) لنگهو شاديءَ تي سڏ ٻڌائيندو هو ۽ غميءَ جو اطلاع بہ اهو ڏيندو هو. ميربحر شاديءَ غميءَ تي پاڻي پريندو هو. دايو بہ سڏو ٻڌائيندو هو ۽ مانيءَ جي ديگن هيٺان ڪانيون سوريندو هو. ڪنير اهڙن موقعن تي نکر جا ٿانوَ پهچائيندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**ٿوهڪي:** ديري جي سنڀال، ٽپي جي هٽڻ ۽ ديري جي پاڻي ڀرڻ لاءِ هڪ ملازم رکيو ويندو، جنهن کي ”ٿوهو“ چئبو هو. ان کي اڌ ڪاسو في جوڙي تي ڪڙميءَ کان ڪڍي ڏبو هو.

**تيل تماڪ:** ديري ۾ ڪمدار ۽ ڪارائي جي عام خرچ لاءِ تيل تماڪ جي نالي ۾ ڪڙميءَ کان جوڙي پٺيان اڌ ڪاسو ونبو هو.

**ترو تر اڙو يا ڪڍي پاڍي:** بار جي پرجي وڃڻ بعد زمين تي ڪجهه داڻا اَن جا متيءَ ۾ گڏيل بچي ويندا هئا، جنهن کي ترو ترارو يا ڪُڍي پاڍي سڏبو هو. اُن جي ڪَٽَ ڪري، اوتري حساب جو اَنُ زميندار ڪڙميءَ جي حصي مان ڪڍي وٺندو هو(١).

اهي ’انگ اسباب‘ جڏهن زميندار ڪڍي بيهندو هو، ان وقت وارو ايندو هو ڳوٺ جي هندو هٽ واري جو ـ ڪلهي تي انگوچو، ڪڇ ۾ بندي يا ليکي چوکي جي ڦرهي(٢)، هٽ ۾ ’تاراجي‘ جنهن جا نہ وٽ سچا هوندا نہ ڪاني سڌي ـ دل گهرئي اگهہ تي اَن ڪڍي پوءِ چوندو:

”ميان مسلمان، ٻڌئي! وياج لٿو، باقي رهيو مور! شام اچجانءِ تہ ليکو سڌو ڪري ڇڏيون!“

اهڙيءَ طرح سَسُئيءَ جا ياڳا ڪرائي، ڪيترائي ڪڙمي گهٽو ڪري ڇڙو پوتڙو ڪلهي تي رکي، ديري مان نڪرندا هئا؛ ۽ جن کي ڪجهہ اَنُ بچي پوندو هو، سي بہ مهيني اڌ بعد وري قوت گذر لاءِ قرض ۽ تقاويءَ پٺيان پوندا هئا.

**چيڙ:** راڄ خواه ڪڙمين کان طرحين طرحين چيڙ ورتي ويندي هئي، جنهن کي ’بيگر‘ بہ چوندا هئا ۽ ’سڏ صلح‘ بہ چيو ويندو هو. مثلاً هيٺين ڳالهين لاءِ:

(1) آفيسرن خواه وڏيرن کي شڪار ڪرائڻ؛
(2) آفيسرن جي منزل تي ڪم ڪار ڪرڻ؛
(3) زميندار جي اوطاق ۾ اگ پوءِ ڪرڻ؛
(4) حاويليءَ ۽ بورچيخاني يا سياري جي باهہ لاءِ ڪاٺيون ڪري اچڻ؛

---

(١) جڏهن زمانو ڦريو، بلڪ سڌريو، ڪڙمين ۾ سجاڳي آئي ۽ ”هاري ڪميٽيءَ“ سنڌ اندر زور ورتو، تڏهن انهن انگن اسبابن مان ڪيترا سرڪاري طرح بند ڪيا ويا.

(٢) ديال مان ڦرهيون ٺهرائبيون هيون؛ جنهن جي ٻنهي پاسن تي ميٽ هئي، ان تي هندو (هٽ واڻيان) ڪچو ليکو لکندا هئا. ۽ مدرسن ۾ شاگرد انهن تي صورتخطي ۽ اکر پڪا ڪندا هئا. ان کي پٽي بہ چئبو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(5) زميندار جي شادَن غمن تي ڪم ڪار ڪرڻ؛

(6) زميندار جون جايون ٺاهڻ؛

(7) جهنگ ڪپڻ، واهه جي ڪاٽي، زمينن کي سڌو ڪرڻ، کوهه کٽڻ، يا زميندار جا خالصا (١) پوکڻ؛

(8) زميندار جا نياپا، پيغام يا خط ٻين شهرن ڏانهن کڻي وڃڻ ۽ آڻڻ، وغيره وغيره.

اهي هئا سنڌ اندر رشوت، رسائي، لاپي ۽ چيڙ جا طريقا، جيڪي نتيجو هئا انگريز شاهيءَ جي اوصاف هيٺ ڪامورا شاهيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي گڏيل ڀِٽ جوڙ جو، جنهن جي بوجهه ۽ بار سنڌ جي عوام جي سوا سؤ سال تائين چيلهه نوائي رکي.

* * *

ابتدائي زماني ۾ منظم جماعتون يا سياسي تحريڪون ڪونه هيون جيڪي انهن قوتن خلاف احتجاج ڪن، مخالفت ڪن يا پنهنجي اختلاف جو اظهار جماعتي رنگ ۾ ڪن. ليڪن جذبو ۽ دلين ۾ تحرڪ موجود هو، عوامي شاعرن ان جو اظهار وقت بوقت پئي ڪيو آهي، هتي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ عوامي شاعر ميان حسين ديدڙ جو نظم مثال طور ڏجي ٿو، جنهن ۾ مٿن طبقن خلاف نفرت جو اظهار طنزيه انداز ۾ ڪري، عوامي بيزاري ڏيکاري وئي آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ سنڌ انهن طبقن جون ڏاڍايون خاموشيءَ سان برداشت نہ پئي ڪيون آهن. بلڪ احتجاج ۽ اعتراض جو اظهار مختلف صورتن ۾ ٿيندو رهيو آهي. درخواستون، زباني داهون، گمنام (گونگيون) درخواستون، ڪيس، فرياد، اخبارن ۾ مضمون ۽ آخر ۾ جڏهن شنوائي ڪا نہ ٿي ۽ سياسي شعور، اظهار جون نيون صورتون اختيار ڪيون، ان وقت"هاري ڪميٽي" وجود ۾ آئي يا ٻيون مختلف صورتون عمل ۾ آيون، ڪامريڊ عبدالقادر(خدا بخشيس، جنت ۾ جايون ملنس) يا ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي يا مولوي نذير حسين جلالي بعد ۾ جلال منجهه آيا. ليڪن عوام پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار توڙ ڪان ڪندو آيو. هيٺيون نظم 1923ع ڌاري مون ٻڌو ۽ انهيءَ دور ۾ نهايت مقبول هو، جتي ڪٿي هر ڪنهن جي وات تي هو.

(١) "خالصو" ان کي چئبو هو، جو زميندار زمين کي چيڙ تي نهرائي، هر کَهرائي، ٻج وجرائي، اُن جو اَن ٻنهي سَرين پاڻ کڻندو هو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انـــڏن آخوندن، نـــيــٺ نـــهــوڙيـــو ديـــن کـــي.

2. ملان تـــيـــا مـــردود، پـــيـــر پـــوڄاري پـــيـــٽ جا،
درد نـــہ تـــن کـــي ديـــن جو، نـــپـــاڳا نـــامـــسـعـــود،
کـــفـــر ۽ کـــمـــيـــنـــپ جا تـــا دل ۾ دکـــائـــن دود،
غرض خاطر غريب تـــيـــو، ســـوين ڏيـــن سـجـود،
انـــڏا هـــي آخونـــد، دشـــمـــن اتـــئـــي ديـــن جا.

3. پـــــوڄو جن پيرن کـــي، بـــيـــڙي تـــن بـــڏي،
آجا تـــيـــا اســـلام کـــان، کـــفـــر پـــيـــو کُڏي،
ملان جي مـــنـــهـــن پـــيـــا، وبـــل تـــين وڏي،
کـــيـــو کـــســـب قـــرآن کـــي، مـــيـــڙن مـــال مَڏي
جن وحـــــدت وات چڏي، اڳڻ نـــــہ وَڄُ اُنَ جي.

4. ملو ۽ پيـــر، بـــيـــائـــيءَ کـــٽـــي بـــہ کـــيـــا،
مـــوتـــي مـــنـــو نـــہ تـــئـــي، کـــري پـــيـــو جو کـــيـــر،
اصـــل هـــئـــا اکـــســـيـــر، وحـــدت چڏي وهـــہ تـــيـــا.

سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ پاڻ کي سوين بيت رياڪار پيرن جي اڏنگاين ۽ مُلن موراڻن جي دين فروشيءَ متعلق ملندا: جن مان اهو ئي محسوس ٿئي ٿو تہ انگريز جي اچڻ کان اڳ ئي ماڻهو ملن ۽ پيرن مان بيزار هئا. انگريزن اچڻ بعد، جو وڏيرن ۽ ڪامورن جو طبقو بہ عوام تي مسلط ڪيو، تنهن تہ هيڪاري هاڃا ڪري ماڻهن جا رانگا لاهي ڇڏيا.

* * *

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ بند ٿيڻ بعد انگريزن کي جڏهن هوش آيو، تڏهن هن هندستان اندر انتظامي سڌارن آڻڻ ۽ ڪاروباري خرابين ڪڍڻ لاءِ حڪمرانيءَ جي سيني مصلحتن ۽ رمزن کي سامهون رکندي، ڪوشش شروع ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن ضرورت پٽاندر مختلف ڪميٽيون ٺاهيون، جن جي حوالي جدا جدا ڪم سپرد ڪيا ويا. انهن مان هڪ ڪميٽي سنڌ اندر بہ مقرر ڪئي وئي، جنهنجي حوالي ڪم هو تہ رشوت، رسائي، لاپي ۽ چيڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيڙيءَ متعلق مختلف ماڻهن کان بيان وٺي، حقيقتون گڏ ڪري، ۽ رپورٽ پيش ڪري ته انهن خرابين کي بند ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ورتا وڃن.

انهيءَ ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جي مشهور اديب، اخبار نويس، ظريف ۽ اصلاحي شاعر، رئيس شمس الدين "بلبل" 25 اپريل، 1918ع جو جيڪو بيان ڏنو هو، سو راقم الحروف جي سامهون آهي. انهيءَ بيان جا ڪي خاص ٽڪرا (١) هيٺ ڏنا وڃن ٿا، جن مان اڄ کان تقريباً اڌ صديءَ اڳ جون ڪي دلچسپ حقيقتون سامهون اچن ٿيون.

رسائيءَ (٢) لاءِ رئيس مرحوم لکيو آهي ته 'رسانيدن' مان نڪتل آهي، معنيٰ پهچائڻ. ميهڙ جي فقط هڪ تعلقي ۾ انهيءَ زماني ۾ هيٺين جاين تي آفيسرن جون منزلون ٿينديون هيون - راڌڻ اسٽيشن، ٽرڙي مَحَبت، ميهڙ، نئون ڳوٺ، شاهه پنجو، بالي شاهه، اگهاماڻي، قاضيءَ جو ڳوٺ، منجڻ، فريد لُهار، شاهه گودڙيو، منگواڻي، گرڪڻ ۽ ڪولاچي.

انهن جاين تي هيٺيان ڪامورا منزلون ڪندا رهندا هئا - مختيارڪار، اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر(٣)، ڪليڪٽر، ڊسٽرڪٽ سپريڊنٽ، سپريڊنٽ انجنير، ايگزيڪيوٽو انجنير، سب ڊويزنل آفيسر، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج، جڊيشل ڪمشنر، مئنيجر انڪمبورڊ اسٽيٽس، سول سرجن لاڙڪاڻو - - شايد ميهڙ ۾ پيلا ڪونه هئا يا رئيس مرحوم کان فاريسٽر، ڊويزنل ۽ ڪنزرويٽر جون منزلون دل تان لهي ويون.

منزلن جي سلسلي ۾ جيڪا رسائي ٿيندي هئي، ان جي سلسلي ۾ هيٺين فقرن ۾ رئيس صاحب لکي ٿو: -

نمبر 10. نه رڳو آفيسرن جي سر لاءِ پر سندن ساري عملي - منشين، پٽيوالن، جتن وغيره لاءِ به سامان ڏيٺو پوندو آهي، جهڙو ته، ڪٽون ڪٽولا، دلا، گوشت، ڪڪڙ، آنا، مکڻ، کير، ڪاٺيون، گاهه، شراب، ميوا ۽ ياڇيون.

(١) انهيءَ بيان جي ابتدا ۾ رئيس مرحوم پنهنجي لاءِ هن طرح لکيو آهي:شمس الدين ولد بهادر خان ابڙو، زميندار، ايڊيٽر"آفتاب - سنڌ"، ميمبر تعلقو لوڪل بورڊ، آنرري ماجسٽريٽ - انهيءَ ئي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته رئيس مرحوم ٿيهه ورهيه ايڊيٽري (1918ع تائين) ڪئي، پهريائين "الحق"جي پوءِ "آفتاب سنڌ" جي.

(٢) رسائي رهائي، رس رساوت، رس رساءُ، رس رهاڻ، ڪس رس، رسيل، رسيو آهي (معنيٰ پڪو آهي)، 'واهه جو رس رکي بيٺو آهي'، رسڻ (پچڻ ياڪنهن شيءِ جو پهچڻ)، وغيره وغيره - اهي سڀ اکر ۽ ترڪيبون انهيءَ هڪ اکر جون آهن.

(٣) انگريز کي 'اسسٽنٽ ڪليڪٽر' ۽ ديسيءَ کي 'ڊپٽي ڪليڪٽر' چوندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مصريون، انگوڇا، ڌوتيون(١)، سڀ ان خرچ ۾.

نمبر 21 - دلا ڪٽولا(٢) زميندار ڏيندا آهن ۽ شهرن ۾ پنچات ڏيندي آهي، ليڪن هر منزل تي ڪٽولا بدلجي ويندا آهن، گم ٿي ويندا آهن، سنيون واڏيون(٣)سوٽيون (يا ڌاس جون) جت يا پٽيوالا ڪڍي ويندا آهن، يا منشي مٿن سنان ڪري تيل ميٽ سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن.

گهوڙن جي طبيلن يا پين لانڍين ناهڻ لاءِ توا، ڇپريون، ڪاٺيون(۴)، زميندار يا شهر جا مکيہ ماڻهو ڏيندا آهن. انهن جي ناهڻ لاءِ چيڙا بہ زميندار ڏيندا آهن.

نمبر 23. رسائيءَ جو خرچ تپيدار بہ ڪندا آهن، جيڪو هو لاپن مان وصول ڪندا آهن.

نمبر 24 - زميندار جيڪو بہ خرچ رسائيءَ تي ڪن ٿا، سو اڪثر ننڍن ڪاتيدارن کان وصول ڪن ٿا؛ ڪي هارين کان اهڙن خرچن لاءِ بٽئيءَ مان اَن ڪڍي وٺندا آهن. ڪي جزوي زميندار هوندا، نہ تہ اڪثر بار سڀ غريبن تي آهي.

نمبر 27، 28 - سامان ڍوئڻ لاءِ بيل گاڏيون بيگر ۾ هٿندا آهن، جن کي سرڪاري نرخ موجب بہ آنا في ميل ڀاڙو ڏيندا آهن. گهٽو ڪري ڪاتيدار

(١) انگوڇا هندو ڪلارڪن لاءِ هوندا هئا، صبح جو ڏندڻ پاڻي ڪري، ٻت کي ڪوڙو تيل مکي، ميٽ لائي، انگوڇا يا ڌوتي هيٺ تي ڪري. ڪٽ تي ويهي يا ڊِڪي تي ويهي، مٿان ٿڌي پاڻيءَ جا دلا پرٽيندا هئا. عام هندو منجهند جي مانيءَ کان اڳ وهنجندا هئا؛ اهي گهمندا بہ ويندا هئا ۽ مٿان گهڙو بہ پرٽيندا ويندا هئا؛ ان کي هو "سنان" چوندا هئا. پوءِ ڌوتي ٻڌي، ساڳئي ٿي انگوڇي کي نپوڙي، ان سان بدن اگهندا هئا. مسلمان اُن کي تڙ، غسل يا وهنجڻ چوندا هئا.

(٢) زميندار دلا ڪنير کان مفت وٺندا هئا، جن کي لاپو ڪڙميءَ جي حصي مان ڏيندا هئا، ۽ ڪٽون راڄ مان گڏ ڪري ڏيندا هئا.

(٣) واڏڻ يا تانگ ڪٽ جي پيرن کان واڻ ۾ پوندي آهي، جنهن سان ڪٽ جو واڻ چڪجي بيهندو آهي. واڏڻ مُڃ مان بہ ٺهندي آهي، ليڪن ڪي شوقين سٺين ڪٽن لاءِ ڌاس، سُٽَ يا سوتليءَ مان ٺاهيندا آهن. انهيءَ قسم جون واڏيون، پٽيوالا، منشي، هندو ڪلارڪ ۽ آخر ۾ جت ڪڍي ويندا هئا. اهو دستور راقم جي زماني تائين بہ هو.

(۴) ٿُوا سَرَن مان زميندار مفت ڪڙمين کان ٺهرائيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪاٺيون وغيره بہ ٻيلي مان ڪڙمي ڪپي، اچي منزلن تي پهچائيندا هئا! زميندارن جو نالو هو، حقيقت ۾ نڪرندو سيڪجهہ غريبن جي هڏ مان هو.

پاڙو بہ ڪو نہ ڏيندا اٿن، ۽ اڻين ٿي واٽهڙو مسافرن يا ڇاڙهاڪي(١) وارن جون گاڏيون بيگر ۾ هڻندا آهن. جا دکدائڪ ڳالهہ آهي.

نمبر 34۔ 35 زميندار يا مقاطعدار ڪان رسائي ٿيڻ مشڪل آهي، نہ ڪي ٿي سگهندي، ڇو تہ زميندار عملي جي ايتري پورائي ڪري نہ سگهندا. هو نہ بل پيش ڪندا، نہ ڪين قيمت ملندي، نہ تہ عملي جي پڪار ڪان آفيسر مٿن ناراض ٿي ويندا ۽ سندن آبرو خطري ۾ رهندي؛ اهڙيءَ طرح مقاطعدار بہ ڇاڙهي اگهہ وٺندا ڇو تہ ڪين نفعو بہ گهرجي، سو وري عملي وارا ڏئي نہ سگهندا، جيڪي قيمت ڏيڻ تي هريل ئي نہ آهن.

نمبر 36۔ رسائيءَ جا باني اصل مختيارڪار آهن. سندن خواهش هوندي آهي تہ ساليانو ڇڪاس ۾ سندن عيب ثواب لڪا رهن، تنهن ڪري هو اهي خرچ ڪرائن ٿا.

ساليانو نقدي، شرح (٢) لاءِ هي آهي: ۔

**بالا آفيس**

| | |
|---|---|
| هر هڪ بالا آفيس جو هيڊ منشي | 15-00 |
| هيڊ ڪلارڪ ۽ سرشتيدار | 60-00 |
| بيا منشي | 40-00 ڪان 30-00 ۽ 15-00 تائين درجيوار. |

**تعلقي آفيس**

هيڊ منشي، هر هڪ تپيدار ڪان 11-00

(ميهڙ ۾ 17 تپيدار آهن، جملي 187 رپيا ٿيا)

| | |
|---|---|
| خزانچي، هر هڪ تپيدار ڪان | 6-00 |
| سيڪنڊ منشي، هر هڪ تپيدار ڪان | 3-00 |

سپروائيزنگ تپيدار، هر هڪ تپيدار ڪان 40-00 ۽ 45-00

ڊويزنل تپيدار هر هڪ تپيدار ڪان 11-00

عملدارن جي خانگي نوڪرن جا شرح 5 ڪان 10 روپين تائين آهن. تعلقي آفيس يا سپروائزنگ يا ڊويزنل تپيدار جو ساليانو شرح تپيدار جدا پريندا

(١) بيل گاڏيون ڪاهي، جيڪي غريب پنهنجي ڪمين ڪارين اڇي منزل وٺان لانگهائو ٿيندا هئا، يا شهر ۾ ايندا هئا، اهي تپيدار يا پوليس وارا بيگر ۾ هڻندا هئا. پنهنجو ڪم ڪار ڇٽو، غريب اوچتو آوه ۾ اچي ويو. 'ڇاڙهاڪو' ڇئبو آهي، جو گاڏرن ڪي ويندي ڪنهن شهر ۾ رات پٽجي وڃي، ۽ ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ گاڏي ڇوڙي رات پجن. بگڙن تترن جو ڇاڙهاڪو بہ ٿيندو آهي.

(٢) ساليانو رشوت کي 'ساليانو شرح' چيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن، باقي بالا آفيس جا سالیانا"وچ خرچ(١)" مان پربا آهن، جو اهو خرچ تر جي ٽپيدار وٽ رهندو آهي ۽ مختيارڪار يا تعلقي هيڊ منشيءَ جي مرضيءَ ۽ اختيار تي هلندو آهي. ان جو حساب نہ ونبو آهي.

اهي(شرح) تہ منزل ڪندڙ عملدارن جا آهن. جيڪي ضلعي جي بالا آفيس ۾ مقيم عملدار آهن، سي بہ وٺن ٿا. مثلاً حضور ڊپٽي. اهي جڏهن ڪاغذ تپاس لاءِ گهرائيندا آهن، تہ ڪين 250 روپيا ساليانو شرح ٽپيدار ڏئي ايندا آهن - - انهيءَ وچ خرچ مان.

رئيس صاحب مرحوم، زميندارن جي سلسلي ۾ پنهنجي بيان اندر لکي ٿو تہ -

وڏا زميندار بہ خوشيءَ سان ۽ چاٽي واٽي خوشامدون ڪندا آهن، تہ آفيسر راضي رهن، ڪو سندن ڪم اٽڪيو نہ رهي. انهن کي هر وقت پنهنجي آبرو وڌڻ ۽ ڪم ڪڍڻ جا غرض رهن ٿا، جنهن ڪري سندن آبرويون بہ وڌن ٿيون، 'درٻارن' ۾ ڪين انعام اڪرام بہ ملن ٿا (٢) ۽ زمينون بہ.

انهيءَ رسائيءَ ۽ رشوت جا ذريعا بيان فرمائيندي، رئيس مرحوم لکي ٿو تہ -

مختيارڪار يا زميندار، جيڪو بہ خرچ رسائيءَ تي ڪن ٿا، سو سارو بار آخر ننڍن ڪاتيدارن ۽ هارين تي پوي ٿو. نہ مختيارڪارن کي ڪَسُ نہ زميندارن کي نقصان، ڦرجن وچان ٿي غريب ٿا. جن مان اهي پيسا وصول ٿين ٿا.

رئيس مرحوم بيان ۾ هڪ منزل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ -

2 . اپريل 1918ع تي سپريڊنٽ انجنير ٽرزي محبت ۾ منزل ڪئي. عملي سميت چار ڏينهن اتي رهيو، پٺي ڏينهن پاڻ ويو، پر عملو اتي رهيو. رسايون خرچ پڪا خوب هليا. وري عملو يعني منشي پٽيوالا بہ گهرائي ورتائين،

(١) تعلقي آفيس ۾ هر ڪامورو حصي رسد رقم جمع ڪرائيندو هو ۽ اها بالا عملدارن جي رسائيءَ ۾ ڪتب ايندي هئي، انهيءَ رقم کي "وچ خرچ" چيو ويندو هو.

(٢) سنڌ ۾ ساليانی 'دربار' گورنر جي ٿيندي هئي ۽ ڪمشنر بہ ڪندو هو. انهن دربارن ۾ ڪرسي نشين زميندارن کي ويهاريو ويندو هو؛ جن کي خطاب ملندا هئا. انهنکي انهيءَ موقعي تي انهن جا ٻلا ۽ پروانا ڏنا ويندا هئا. ۽ جن کي انعام اڪرام مثلاً ترارين، لونگيون ۽ آفرين ناما ڏيٺا هوندا هئا. انهن کي بہ انهيءَ ئي موقعي تي اُهي شيون ڏبيون هيون. زميندار اُهي سڀ انعام ۽ عزتون عملدارن کي راضي ڪري، انهن جون ناجائز خوشامديون ڪري، ڪانئن سفارش ڪرائي، حاصل ڪندا هئا. اهي خطاب ۽ درٻاريون سن 1938ع ۾ الله بخش شهيد بند ڪري ڇڏيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ جت ۽ خلاصي سامان سميت اتي رهيا. 26 اپريل 1918ع تائين تہ اجا اتي آهن، اڳتي جي خبر پوي.

انهيءَ باقي عملي جو خرچ بيان ڪندي رئيس لکي ٿو تہ -

عملو خلاصي ۽ جت روزانو چار سير گوشت ۽ هڪ دلو کير جو، ۽ هڪ ڳوڻ جوئر جي... اُنن جي دائي لاءِ وٺن ٿا. ان منزل جو خرچ داروغا ۽ مقدم پريندا، جي وري زميندارن کان وٺندا، ۽ اهي وري ننڍن ڪاتيدارن يا ڪڙمن کان.

رئيس مرحوم کي خدا جنت نصيب ڪري، پٽيوالن جي رشوت ستانيءَ جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو تہ -

آفيسرن جا بٽڙيل (١) ان بهاني تي وڏيڪ رسائي ۽ روزينا ۽ ساليانا شرح وٺن ٿا، جو هو، "نہ رسائيءَ جي صورت" ۾ آفيسرن کي چغليون هڻندا آهن تہ 'کير خراب مليو چانهہ تيار نہ ٿي'، 'بيضا ڪنا نڪتا'، 'سامان برابر نٿو ملي'. ان ڪري آفيسر رسائي ڪندڙ ڪامورن تي ناراض ٿيندا آهن، ڪن کي تہ مارون بہ ملنديون آهن؛ اهڙيءَ طرح پٽيوالا تنبو دير سان هڻندا آهن تہ 'چيز نہ ملي'! جنهن تي پڻ تپيدارن ۽ مختيارڪارن تي ڪاوڙ ٿيندي آهي(٢).

---

BUTLER (١)

(٢) صاحبلوڪن جا بٽلر حقيقت ۾ ضلعي جا مالڪ مختار ٿيندا هئا. جيڪي چون موڪري ڏيکارن. منديون ۽ صاحب سندن مٺ ۾. تنهنڪري عملدار خواه زميندار پيا سندن خوشامديون ڪندا هئا، ۽ سندن ناجائز گهرجون پيا پوريون ڪندا هئا. منهنجي سانير ۾ (1919ع) لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر N.H.HAY هوندو هو، ان جو بٽلر محمد الدين - الامان و الحفيظ! "خانصاحب محمدالدين خان" پٺي پوندي هئي؛ اونڌي سنئين سڄي ان جي هٿ ۾ . جيئن وڻيس تيئن ڪري؛ زميندار سان مشڪي ڳالهائيندو تہ زميندار جي چڱ قسمت کلي؛ جي محمد الدين توجهہ پورو نہ ڏنو تہ جڻ قيامت اچي وئي، زميندار کي پڪ ٿيندي تہ ڪا آفت اچڻ واري آهي!

صاصبلوڪن جا ٻہ خانگي نوڪر هوندا هئا. بٽلر، جنهن کي 'بٽريل يا بٽڙيل' چوندا هئا، ۽ اينگلو - انڊين بورچي. سرڪاري نوڪر هن طرح هئا: پهرين حوالدار، ٻيو نمبر نائڪ، ان کانپوءِ حسب ضرورت پٽيوالا. حوالدار جي سفيد پٽڪي تي زريءَ جو پٽو ۽ چيلهہ سان زريءَ جو ڪمربند هوندو هو؛ ڪوٽ، پٽڪو ۽ ٻيا لٽا سي اڇا. نائڪ جي ڪمر ۾ ڳاڙهي لٽي جو ڪمربند ۽ پٽڪي ۾ بہ ڳاڙهو پٽو. پٽيوالن کي فقط سفيد ڪوٽ ۽ پٽڪو. حوالدار ۽ نائڪ جيڪي زميندار سان ٺهيل هوندا، ان کي صاحب سان اڳ ۾ ملاقات ڪرائيندا هئا؛ اها وڏي عزت سمجهي ويندي هئي. ملاقات وقت هر ڪو زميندار حيثيت آهر حوالدار کي ڏيندو هو ۽ اهو سيني کي، پاڻ سميت، ورهائي ڏيندو هو. گهٽ ۾ گهٽ 5، وڌ ۾ وڌ 20 رپيا. منزلن تي البت ڪين حد جو مکيہ زميندار هڪ سئو ڏيندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رئيس مرحوم عملدارن جي گشت جو مفهوم ۽ مطلب لکندي چوي، ٿو تہ ـ گشت جو وڏو مطلب تہ هي آهي تہ عملدار عام رعيت سان ملن جلن ۽ انهن جا اهنج ايذاءَ معلوم ڪن، سو بلڪل ڪونہ ٿو ٿئي.گشت ۾ فقط وڏا زميندار ڪرسي نشين آفيسر کي ملن ٿا، جي رڳو پنهنجي غرض تي احوال ڪين ڏين ٿا. اهنجايل ماڻهو عرضدار جي صورت ۾ اچن ٿا، مگر جڏهن تہ ان وقت تعلقي جا مختيارڪار روبرو اچي ويهن ٿا، تہ انهن جي دال نٿي ڳري، ڪين اُبتو سبتو جواب ڏياري ٿا ڇڏن؛ تنهنڪري وري وڌيڪ ستايل ماڻهو گمنام طرح عريضيون ٽپال ۾ موڪلن ٿا، تہ انهن تي بہ خيال نٿو ڪيو وڃي. نالي لکڻ مان هيٺيان عملدار ۽ وڏا زميندار انهن کي ڌمڪائي سندن ثابتي گم ڪري ڇڏن ٿا.

’ڏاليءَ‘ جي باري ۾ رئيس لکي ٿو تہ ـ

زميندار عملدارن کي ميوو ڏين ٿا ۽ پئنچات مصري(١).

لابي جي سلسلي ۾ رئيس مرحوم لکي ٿو تہ ـ

اهو اکر”لاپ“ يا ”لوپ“ مان نڪتل آهي ـ زميندار ي ڌنڌي ۾ ڪاسبي ماڻهن يا پيرن فقيرن ساداتن کي جو ساليانو اَنُ محنت يا خير خيرات

(١) سنڌ ۾ انهيءَ قسم جي ڏالِن جو زياده ۽ خوفناڪ رواج هڪ تہ جيڪب آباد ضلعي ۾ هو ۽ ٻيو ميرپورخاص ضلعي اندر. جيڪب آباد ۾ بلوچ سردار رهندا هئا ۽ ميرپورخاص ڏانهن اڻ پڙهيل ۽ اڻ سڌريل زميندار. اهي ڏاليءَ جي بهاني عملدارن کي هزارين روپيا پيش ڪندا هئا. نئون عملدر بدلي تي ايندو تہ هر هڪ سردار ۽ هر هڪ زميندار ميوي سان گڏ بہ ـ ٽي هزار بہ دعوت جي بهاني پيش ڪندو هو. هندن ۾ البت چڙي مصريءَ جو رواج هو: عملدار منزل ڪندو، مکي پنچات جا مک ماڻهو ساڻ ڪري پئنچاتي رسوئي کان مصريءَ جو ٿالهہ مٿي تي کڻائي، وڃي منزل تي پهچندو؛ اندر سڏ ٿيندو تہ سيٺي هندو انگوڇا ڪنڌ ۾ ڪندا، جتيون ٻاهر در تي لاهيندا، اندر سلام ڪري وڃي قطار ۾ ويهندا. صاحب پڇندو: ”مکي صاحب، ڇا خبر آهي؟“ مکي ٻانهون ٻڌي، عرض ڪندا: ”سڀ خير آهي. حضور جن جي سر بخت کي ويٺا دعائون ڪيون. ڏاڍو امن امان آهي“ . ”چڱو، سلام ٿيو!“ ساري پئنچات صاحب ڏي منهن ڪيون. پٺيءَ پير ٻاهر نڪرندي، جيئن پٺي ڏيڻ سان صاحب جي بي ادبي نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن تي چغلي هڻڻي هوندن، تہ مکي، صاحب جي تعريف ڪندي، نموني سان ڇئي وٺندو تہ ”حضور، ٿورو گهڻو فلاڻي جو آزار آهي، اوهان مالڪ آهيو، نگهہ ڪندؤ تہ مڙئي لهي پوندو“. ٻيا هندو هٿ ٻڌي چوندا: ”حضور سائين جي مهر گهرجي؛ مڙئي فلاڻو ڏاڍو مڙس آهي. هٿ لڳندس تہ سِڪي ويندو.“ انهيءَ ماڻهوءَ جي آفت اچي ويندي، جنهن تي پئنچات انهيءَ نموني سان شڪايت ڪئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ڏبو آهي، تنهن کي ”لاپو“ چوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪامورن جي انگن ۽ ساليانہ شرحن نقدي ۽ اَن ڏيڻ کي بہ لاپو چئبو آهي.

لاپي جا شرح بيان ڪندي مرحوم لکي ٿو تہ -

روينيو کاتي ۾، تپيدار پهرين ڍل تي في جريب هڪ آنو يا ٻن آنن تائين وٺندا آهن، وڏن زميندارن کان في سيڪڙو 3 يا 5 روپيا، پبلڪ ورڪس ۾ سب ڊويزنل آفيسر مقاطعدار کان في سيڪڙي تي ڏهہ رپيا وٺندا آهن؛ سب اوورسيئر ۽ داروغا 2 کان 5 تائين يا ڏني سارو. داروغا، ’راڄوٽي‘ هر ڪيءَ موريءَ تي 3 کان 5 رپين تائين، ۽ ڪڙمين کان في کُهاڏو(۱) هڪ رپيو، مقدم لابارن(۲) ۾ ان جي وَلِ وٺندا آهن. يا ٻتاين ۾ اَنُ. مالدارن کان سدائين کير، ڇيلا گهرج سارو، ۽ منزل تي زميندارن کان نقدي. فاريسٽ وارن مان رينجر مالدارن کان ۽ زميندارن کان، ۽ پوليس کاتي ۾ سب انسپيڪٽر ۽ ٿاڻيدار رسائيءَ جي بهاني تي هر هڪ زميندار کان سندس حيثيت مطابق وٺندا آهن. جُڊيشل کاتي ۾ بہ بالا آفيس ۾ ساليانا شرح ٻڌل آهن. هر هڪ سبارڊينيٽ ڪورٽ جا سرشتيدار ۽ ناظر ۽ تعميل منشي(۳) ۽ ٻيا بيلف دعويٰ جي في سيڪڙي رقم تي اٺ اٺ آنا. اُن کاتي جي بالا آفيسرن جي رسائي تپيدار، ۽ عملي جي رسد ۽ رسائي بيلف ۽ ناظر ڪندا آهن.

زميندارن جي عادتن تي روشني وجهندي، مرحوم هڪ جاءِ تي

---

(۱) ڪنهن بہ سرڪاري واهہ جي ڪنڌيءَ تي ڪوهہ ڪٽي، ان تي نار چاڙهجي، ان کي چئبو آهي ’کهاڏو‘. انهيءَ کوهہ ۾ پاڻي سرڪاري واهہ مان پهچائبو آهي. گهٽو ڪري آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ خريف ۾ جوئر ٻاجهر لاءِ اهي ’نار‘ چاڙهبا آهن.

(۲) ’لاب لهڻ‘ يا ’لوب ڪرڻ‘ - يعني پوک جڏهن پچي ۽ ان کي لڻجي، ان کي چئبو آهي لابارو. لاب يا لوب جي موسم - ’لايارا‘ لاب وارن کي چئبو آهي. ’لائيءَ وارا‘ چئبا آهن اُهي مزدور، جيڪي روز تي يا ول جي ونڊيءَ تي لاب لاءِ بيهاريا آهن. مارچ، اپريل ۽ مئي ۾ گهٽو ڪري ربيع جي لابن لاءِ بروهي ٺڪر تان ايندا آهن؛ اهي لاب جي مزدوريءَ ۾ ول وٺندا آهن؛ اهي زمين جي پير ۾ ڏاس مان ٺهيل تنبو هٽي ويهندا آهن. اهو رواج جيڪب آباد، لاڙڪاڻي، سکر ۽ دادوءَ ڏانهن آهي. لوئر سنڌ ۾ ڪهڙيون قومون پوکن جو لاب مزدوريءَ تي ڪنديون آهن، انهن جي راقم کي خبر نہ آهي. اهي بروهي ڪن حالتن ۾ پنهنجون ڇوڪريون سنڌين کي وڪڻي ويندا آهن، شاديءَ لاءِ - قيمت وڌ ۾ وڌ هڪ هزار روپيا. هڪ دفعو ڏئي وري انهيءَ ڇوڪريءَ وٽ ڪونہ ويندا آهن.

(۳) ’تعميل منشي‘ اهو چئبو هو، جيڪو ڊگري نڪرڻ بعد بيلف موڪلي، اُن جي تعميل ڪرائيندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فرمائي ٿو تہ -

زميندار کير(منزلن لاءِ) ڏين ٿا تہ اهو زور تي پنهنجي حد جي مالدارن کان وٺن ٿا.

انجنيريءَ ۽ پوليس جي سلسلي ۾ رئيس هڪ نهايت ئي دلچسپ نقرو لکيو آهي. چوي ٿو:

**انجنيري ڪاتو پاڻيءَ جو سيلاب آهي ۽ پوليس ڪاتو باهہ جو شعلو.**

انهن ٻنهي مان ايترو سهنج بہ آهي جيترو پاڻيءَ ۽ باهہ مان ماڻهن کي پهچي ٿو. مگر جڏهن اهي ٻَئي حد کان لنگهن ٿا تہ هو ملڪ ٻوڙي ناس ٿو ڪري، هو جهڳا ساڙي چٽ ٿو ڪري.

ڇيڙ جي سلسلي ۾ رئيس صاحب پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ -

”ڇيڙ“ جي معنيٰ آهي تہ بيگر ۾ بنا اجوري ڪنهن بہ ڪم لاءِ ماڻهو موجود ڪري، هڪلي وڃڻ - جيئن مال کي ڏنار ڇيڙيندا آهن. ڪندن ٻڌڻ، منزلن تي ٽٽڻ ڪوڙڻ ۽ پٽڻ، سامان لاهڻ چاڙهڻ، رستن جي مرمت، منزل گاهن جي صفائيءَ لاءِ ۽ منزل جا ڏينهن پاڻي پرڻ ۽ ٻئي ڪم ڪار لاءِ اِهي ماڻهو ڏبا آهن.(١) ڇيڙن يعني هارن کي پوکڻ لاءِ زمين ڏيڻ وقت زميندار اهڙو شرط تقاويءَ جي دستاويز تي لکرائي وٺندا آهن، يا زباني شرط ڪندا آهن تہ ’ڇيڙ ڇيري، بند ڪندو، سڏ صلح ۾ انڪار نہ ڪندس‘! عملدارن جي منزل تي بہ 20 کان 30 تائين ڇيڙا، رستن جي مرمت يا منزلگاهن جي صفا ڪرڻ لاءِ ڪم سارُو 50 کان 100 تائين ڇيڙا، هر هڪ زمنيدار ڏيندو، يا ڪم زميندارن کي ورهائي ڏيندا، جيڪي معياد اندر ڇيڙن کان پورا ڪرائي ڏيندا. شڪار جي ڇيڙ ناتال ۾ ٿيندي آهي. ڇيڙ زميندار جي سڏ تي اچڻ لاءِ ٻڌل آهي - خوش هجي يا ناخوش.

رئيس مرحوم اهو بيان 25 اپريل،1918ع جو لکيو آهي، جنهن تي انگريزيءَ ۾ عهدن جي فهرست سميت دستخط ڪيا اٿائين، يعني اڄ (25. 8. 60) کان ٻائيتاليهہ ورهيہ چار مهينا ۽ هڪ ڏينهن اڳ اهو بيان ڏنو ويو آهي، جنهن اندر جيڪا انهيءَ زماني ۾، انهيءَ سمي جي اگهن مطابق رشوت، رسائي، لابي يا ڇيڙ جي حالت هئي، سا بيان ٿيل آهي. جنهن ڪميٽيءَ اڳيان اهو بيان ڏنو ويو، ان ضرور حڪومت کي ڪا رپورٽ پيش ڪئي هوندي، ۽ انهن آزارن

---

(١) رئيس ڇيڙ جي سلسلي ۾ نقط اُهو ڪم ڄاڻايو آهي، جيڪو ڇيڙَن کي منزل تي ڪرڻو پوي ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي بند ڪرڻ لاءِ ڪي اپاءُ بہ رٿي ڏنا هوندا؛ ليڪن رشوت، رسائي، لاپو بند ٿيڻ تہ خير، گهٽجڻ بہ خير، پر الٽو وڌندا ويا، ۽ اڳهن سارو انگن اکرن ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد (1936)، يا ائين ڪٿي چئجي تہ سنڌ اندر جڏهن انتظام درهم برهم ٿي ويو، تڏهن کان تہ نهايت جبر، ظلم ۽ زور تي کلم کلا رشوت، لاپو ۽ رسائي وٺجڻ شروع ٿي. اڳ اهي شيون مانَ مرجات ۾ ملنديون هيون، هاڻي بي شرميءَ؛ بي حيائيءَ ۽ ديده دليريءَ سان ورتيون وڃن ٿيون؛اڳ ڏني ورتي (۱) بعد لڄ حياءُ رکبو هو، ننگ ۽ لحاظ پوندو هو، ڪم ڪار بہ پورو ٿيندو هو؛ ليڪن هاڻي تہ انهيءَ حد تائين سيني زوري وڏي وئي، جو دل گهري رقم ملڻ بعد بہ ڪم ڪونہ ٿيندو؛ اڳ پڻ هوندو هو، هاڻي پڻ پولو تہ جدا رهيو پر وڏي واڪي، ظاهر ظهور، تڪي توري، ٺڪي ٺوڪي رشوت رسائي وٺڻ ۾ آئي؛ اڳ وڏا عملدار خال خال وٺندا هئا، بلڪ سَونَ ۾ ڪو هڪ، ليڪن هاڻي ڦرمار تي وڏن کان ننڍن تائين پَٽَ ڪاءُ تي چڙهي پيا، جيئن صبح جو بکين ٻڪرين جو ڌڻ واڙ مان نڪري پوندو آهي. طوائف الملوڪيءَ جو عالم هو. نوڪريءَ جو مطلب ڪاموري ڪلاس اهو سمجهيو تہ ٿوري ۾ ٿوري عرصي اندر گهٽي ۾ گهٽو پيسو گڏ ڪجي، ۽ ھنن ڪيو بہ ائين. اها ڪيفيت رهي 1931ع کان وٺي 1947ع تائين، جنهن کي انگريز جو آخري دور چئجي ٿو. ان کان پوءِ جون حالتون هن کان پوءِ جو لکندڙ ويهي لکندو.

---

(۱) سنڌ ۾ چوٽي آهي "جٽُو پٽ ڏِني جو".

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# 10

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَجن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوَل جي ڪُڪَ،
ولولو ۽ ووڪ، اِي ذان آهہَ عشق جي.
- شاهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اما بعد، آمديم برسرِ مطلب ـ اهي ٻئي اکر عربيءَ ۽ فارسيءَ جا آهن، جيڪي اُن وقت استعمال ٿيندا آهن جڏهن لکندڙ وچ ۾ مطلب کان هٽي، ڪي ٻيا قصا ڪُٽي، وري موٽي پنهنجي اصلي مقصد تي ايندو آهي، سو اسان بہ وچ ۾ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ٻولهيون ڪري، وري اچي سکر جي انهيءَ مشاعري پيڙا ٿيون ٿا، جتي جناب ” نياز“ کي قدسيءَ وراي‍ءَ نعت جي سنڌي تضمين پڙهندي ڇڏيو هيوسين.

شاعر پنهنجي دور جو عڪاس ٿئي ٿو، هو جيڪي پنهنجي گردوپيش ڏسي ٿو، جيڪي محسوس ڪري ٿو، جيڪا ڳالهہ کيس ڏک ڏئي ٿي يا سک رسائي ٿي، سندس دل ۽ ذهن ۾ جيڪي تاثر پيدا ٿين ٿا ۽ مٿس جيڪي وهي واپري ٿو، پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ جو هو عڪس ڪڍي ٿو. راقم گذريل بابن ۾ جيڪي لکي آيو آهي، سا آهي روئداد حضرت ”نياز“ جي گردوپيش جي، ماحول جي، ۽ زماني جي ڏسڻ وارا مٿي بيان ڪيل حقائقن جي روشنيءَ ۾ هڪ ڏينهن ضرور ڏسندا تہ اسان جي هن غزل گو شاعر جي اک پنهنجي دور جي وهيءَ واپريءَ کي ڪيتري قدر ڏٺو، سندس دل ان جي ريب ۽ کريب جو ڪيتري قدر اثر قبول ڪيو، سندس شعور ڪيستائين حالتن کي محسوس ڪيو، سندس ذهن حقائقن کي ڪيتريءَ حد تائين جذب ڪيو، ۽ سندس زبان ڪهڙيءَ ريت انهن تاثرات ۽ محسوسات کي بيان ڪيو، يا مورڳوئي اسان جو شاعر پنهنجي ماحول کان صفا غافل رهيو، ۽ سندس دل دماغ، حس ۽ شعور، خواهہ ذهن ۽ زبان تي اهڙا ڪلف چڙهيا رهيا، جو حسن و عشق، گل و بلبل ، شمع ۽ پرواني ، فراق ۽ وصال، ابرو ۽ مزگان، خال ۽ خط، قد ۽ بت جي مفروضن کان سواءِ هو پنهنجي آرٽ ۾ ڪنهن بہ حقيقت کي پيش ڪرڻ کان قطعي عاري ۽ غافل رهيو. هڪ آرٽسٽ جي وڏي ۾ وڏي پرکا اهي آها ـ جڏهن سنڌ جي ماڻهن جا مزاج پختا ٿيندا، تڏهن ضرور ادبي تاريخ جا جوهري انهن ڳالهين جي ويهي جاچا ڪندا.

الغرض سکر واري مذڪوره مشاعري ۾ ڏيڍ ڪلاڪ کن حضرت نياز صاحب جو مخمس هليو. هر هڪ بند ور ور ڏئي کانئس پڙهايو ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڌندڙ انهيءَ حد تائين متاثر ٿيا، جو ان کان پوءِ ڪين ٻين شاعرن لاءِ ڪا به ڪشش ڪانه رهي، خود شاعرن مان به خود اعتمادي انهيءَ حد تائين ختم ٿي وئي، جو هنن کي پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ ئي دلچسپي ڪانه رهي، هنن غزل پڙهيا، ليڪن اهڙيءَ طرح جيئن ڪو بيگر لاهي وٺي.

آغا نظر علي خان ۽ جناب راشدي صاحب کي اگرچه پنهنجي نوجوان شاعر جو غزل ضرور پڌٽو هو، ڇاڪاڻ ته مشاعرو دراصل ڪرايو ويو ئي ان جي مظهر لاءِ هو، ليڪن " نياز" کان پوءِ اهڙي ڪايا ڇانئجي وئي هئي، جو خود ڪهنه مشق شاعر ئي پاڻ ڪُترائي ويا ته هي ڇوڪر، جيڪو عمر ۾ به الهڙ ته شاعريءَ ۾ به نويلو ، تنهن کي ڪٿي جرئت ٿيندي، جو ميدان ۾ اچي منهن ڏئي! وارو جڏهن آيو تڏهن سندس نالو پڪاريو ويو، ليڪن ' صداءِ برنخواست!" در حقيقت حضور جن جي نعت سڳوريءَ بعد خود آغا صاحب جن به مجاز جون منزلون طيءِ ڪري وڃي حقيقت جي واديءَ ۾ پهتا هئا. تنهن ڪري مشاعري کان اڳ سندن نظر ۾ جيڪو معاملو اصل مقصود هو، سو هاڻي ٿري فروع ٿي چڪو هو، تنهن ڪري ڇوڪر ته انهيءَ طرح وچ ۾ ئي غائب ٿي ويو!

ايامن تائين سکر جا ماڻهو انهيءَ مشاعري کي ياد ڪندا رهيا. ان کان پوءِ ٻه ٽي دفعا مشاعرا ٿيا، جن ۾ ٻين مکيه شاعرن سان گڏ نياز صاحب به شرڪت ڪئي ۽ ڏوهر ڏامر سان پنهنجا غزل پڙهيائين. ليڪن اهو رنگ ۽ اهو وقت ڪو اور هو. سندس انهيءَ مخمس کي سکر جي بزرگن پنهنجي هڙان هزارن جي تعداد ۾ آرٽ پيپر تي ڇپايو ۽ ثواب خاطر سڄيءَ سنڌ اندر ورهايو. مخمس ڇپيو ' سنڌ زميندار' پريس ۾، جنهن ڪري ڇپائيءَ جا پيسا معه نفعي جي نظر علي خان جي حوالي ٿيا. ابوبڪر هيڊ ڪمپازيٽر، گيلي مشين مٿن، ۽ خانئي ڪمپازيٽر کي سندن بقايا مان به ڪجهه مليو ۽ خدا نه ڀُلائي ته ڳوٺ جو ڪرايو ۽ ٻه-ٽي ربيا ٻيڙي ماچيس لاءِ مون کي به نصيب ٿيا.

* * *

نياز مرحوم ٻهريون شاعر مون کي ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو نه فقط غزل ۽ نظم جو بادشاهه هو، بلڪ ٺيٺ سنڌي ڪافيءَ مٿان به ڪيس ڪمال جي قدرت حاصل هئي - اُهائي ٺيٺ مٺي زبان، اُهي ئي محاورا، اُهي ئي لفظ، نازڪ ۽ پَٽَ پٽيهر جهڙا نرم استعارا سي به پنهنجي ماحول جا. ترڪيبون اُهي ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪي شاهه ڪتب آنديون، ڳالهيون اُهي ئي جيڪي ڪافيءَ جو ڏاج آهن.

مون کي ياد آهي، اڄ بہ اهو نظارو جڏهن اکين اڳيان پيو ڦري جيئن ڪالهہ تي گذريو آهي؟ براج نئين نئين ٺهي هئي. اوربنءَ پر تي باغ ۽ لان، جن تي اڄ ڪلر چڙهي ويو آهي، جن تي اڄ نہ اها بهاري آهي نہ منجهن اها گلزاري ، جڏهن متن سالن جي اداسي ۽ درماندگي ڇانئجي، وئي آهي، اُهي ان وقت تازا ٺهيا هئا. مٿان انگريز جو حڪم، هيٺان مالهين جي ايمانداري ۽ ڪاريگري، ٿاميءَ ٿاميءَ ۾ ساهہ ۽ مکريءَ مکريءَ ۾ شگفتگي ۽ چهر جي هر ٿڏي ۾ تازگي ۽ توانائي. انگريز بہ طبعاً باغن ۽ ٻوٽن جا شوقين ۽ مالهي بہ ٻوٽن ۽ وڻن جي پگهار هوتي نہ پر پنهنجي اولاد وانگر پيا پرگهور لهندا هئا. جهڙا مالڪ خبردار ۽ شوقين، اهڙا ئي هئا ملازم اورچ ۽ ايماندار. پوءِ باغ ۾ بستان رنگ رکي ڇو نہ ٻيهندا؟ ڇا مجال، جو انهيءَ زماني ۾ ٻوٽن ۾ ڪو سُڪو پن هجي، چهر تي ڪو ڪک پن پيل هجي، يا ڪو ٻارو سڪل هجي! جيئن براج تي چڙهبو، تيئن شادابي ڏسي اکيون ٺري پونديون، روح ۾ تازگي اچي ويندي، طبيعت تي سرهاڻ پٿجي ويندي. عليهر جي ديوار سهٽيءَ ڪٽ تي پاسن کان بيٺل، وچ وچ تي گلاب جا ڳاڙها ۽ شِير ڇاهي گل، موسمي ٻوٽا ان کان علاوه گلزاري ڪيو بينا هوندا هئا.

شام جو سکر جا سيٺي شوقين يَلن بگِن تي چڙهندا. سهٽا، سنا ۽ تکا تنومند گهوڙا، جن تي ميان غلام نبي (١) زين ساز جا ٺاهيل سنج پيل، جڏهن سنج نہ آهن بلڪ گهوڙي کي ڳهہ پيل آهن. ڳچيءَ ۾ گلن جون ڳانيون ۽ چانديءَ مان ٺهيل چمڪيدار دعائن جي ڪنڍي، اکين مٿان موڙ ۽ نرڙ تي سَري پيل، مٿي تي مور جي کنڀن جو هڪ گلدستو ، ريٺان سچيءَ سيمہ جون، جن تي گلن جون لڙهيون لڳل، جوتن خواهہ پٽي ۽ ڪمر بندن تي نڪل جا چنڊ ستارا ۽ سهٽيءَ طرز تي ٽُڪيل گل لڳل، نيٺ جو چهبڪ لڏندو ايندو، جنهن جي پيچڙيءَ ۾ وٽيل ڏاڳو ۽ ڏاڳي ۾ رنگارنگي پشم جا گل پوتل، پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌل. دعائن جي چمڪي ۽ گهنگهرن جي وڄت تي گهوڙو مست ٿيو، ناچ ڪندو هلندو. بگي گويا شاهجهان وارو تخت طائوس پئي

(١) غلام نبي اصل پنجابي هو. ليڪن سڄي عمر سکر ۾ گذاريائين. سنهو، ڊگهو، اڇي ڏاڙهي، ترڪي ٽوپي. پنهنجي محنت ڪري مالدار ٿيو، ۽ جڏهن مالدار ٿيو، ان وقت شهر جي معززن ۾ سندس شمار ٿيو. سنجن ۽ بگن ٺاهڻ جو شاه ڪاريگر هو. سندس دڪان برف چاپ جي لڳ هوندو هو. سکر ميونسپل جو ميمبر بہ هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳندي. مختلف قسم جا رنگ پريل، ضروري جاين تي نڪل جو ڪم، ڳاڏيون ڳاڙهيون يا ڪاريون، جن تي رنگا رنگي ٻٽڻ لڳل. ڪي شوقين وري انهن تي اڇيون چوان چاڙهائي چڙهيندا هئا. ٻگي هلي جڻ واءُ مينهن تي، گويا ڇوهو ۽ واڇوڙو هو جو جهٽ ڏئي اکين اڳيان لنگهي ويو. اڄ وانگر مرضيل ۽ مٺل گهوڙا ڪونہ هوندا هئا. موٽرون هيون ڪونہ، جو هر ڪو انهن تي چڙهي. گهوڙا ۽ ٻگيون مانَ ۽ شانَ جي سَنَدَ هئا.

سکر جي شهر ۾ ٻگين جا هونءَ تہ ڪيترائي مرڪز هئا جن کي "ٻگي اسٽان" (Stand) سڏيندا هئا. ليڪن چار اسٽان زياده مشهور ۽ مکيہ هئا: ٽڪر تي ليوڪس پارڪ اڳيان سٽي ڪورٽ جي سامهون، بازار ۾ ٿلهي وٽ، غريب آباد ۾ مارڪيٽ واري ميدان ۾ مسافرخاني جي ٻاهران، ۽ چوٿون هوندو هو جتان براج جا بنگلا شروع ٿين ٿا. مڪراڻن جي پاڙي وٽ.

انهيءَ زماني ۾ لٽو ڪپڙو بہ سستو هو. اڄ وارو ڪلور ۽ ٺهر ڪونہ هو. وائل نئين نئين آئي هئي، سادي تي آني وال، جهڙو رنگ گهرجي تهڙو وٺ! زالون چولا ۽ روا ڪنديون هيون، شوقين جوان ان مان قميصون يا چولا ۽ پٽڪا ڪندا هئا. شَبَن (شبنم) ململ جو وال بہ چئين آني هوندو هو، جنهن مان پڻ چولا ۽ پٽڪا ٺهندا هئا. سٿڻ لاءِ بہ ٽي قسم محمودي ملندي هئي: راڻي ڇاپ، گٽيش ۽ سِي ـ چاليهہ هزار سٺي ۾ سٺو هرڪ هو ـ چئين آني ڪان ڇهين آني تائين وال ملندو هو. محمودي، لٽو ۽ هرڪ اهي ٽيئي ٽالا هئا سٿڻ جي لٽي جا. ليڪن لٽو سادو، هرڪ ۽ محمودي سٺي نموني کي چئبو هو. مثلاً راڻي ۽ سي ـ چاليهہ هزار کي هرڪ سڏبو هو يا محمودي.

شوقين جوانڙا، وڏن پاچن سان سٿڻ ٺهرائي، ان کي ڪلف لائي پائيندا هئا ۽ ور اڳتي ڪري چڙهيندا هئا. لاهور کان جيڪي طوائفون سکر ۾ اچي مقيم ٿيون، انهن جي ميراثين ۽ ٻڙي ميائُن انهيءَ قسم جي ڪلف لڳل وڏ پاچيءَ سٿڻ جو رواج اچي وڌو ۽ ور اڳتي ڪري هلڻ بہ انهن کان ڏانءِ آيو، ورنہ سنڌ ۾ سٿڻ کي ڪلف نہ لڳندو هو، پاچا ننڍا ۽ وَرَ سپ پنتي چٽين چڙيا هئا. سليپر رنگين سچي بخمل جا شڪارپور ۾ ٺهندا هئا. جن تي سنهن رنگارنگي موتين سان چٽساليءَ جو جڙاءُ ڪيو ويندو هو. قيمت بہ وڏي ڪانہ، چڙو چوڏهن آنا جوڙي جو ملهہ هو. پٽڪا گهٽو ڪري نوجوانڙا ڪَن تي ڪري چڙهيندا هئا. طُرن کي ٻئي ڪَن وٽان ڪڍي، ڪلهي تي پٿاريندا هئا. پيراهن جي ڳچيءَ ۽ سيني جي چير کي اڃو ڪَنڍو لڳل، ڪلهن وٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪِناريون، ٻِڇي چولي(١) جي ڪولي چڙهيندا هئا. ڪي جوان چڪن جا چولا بہ ٺهرائيندا هئا ۽ چڪن جا گُل شوقينن جي جوانيءَ مٿان ڏاڍو جوبن ڪري بيهندا هئا.

مِيان فضل محمد خان سومرو غريب آباد وارو ـ الله بخشيس ـ حال حيات هو. هر ڪو سَرنديءَ وارو ۽ لٽي ڪپڙي جو شوقين، اتان پنهنجا لٽا ڊٺاريندو هو. شاهہ ڪريگر هو. لٽو اهڙو ڪُنب تان لاهي ڏيندو، جو پائيندي پيو ڪهڪاءُ ايندو ـ ڪيئن اهڙي اڇي لٽي ڪي پائي ميرو ڪجي! سڪر جي جوانن کي نہ فقط لٽي خريد ڪرڻ ۽ ان جي ڪٽ ۽ پهرڻ جو شوق هو، پر ڌوتل لٽو چاڪي چئجي، ان جي پروڙ بہ واهہ جو هئي، فضل محمد خان سٽڻ تي ابرق جي بوند بہ ڪلفَ سان گڏ هٽي ڏيندو هُيو، ۽ ڪن جي لٽي کي وري گُليءَ جي هلڪي هواءِ. ميان فضل محمد لٽي کي ائين هٿ لائيندو هو، جيئن پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ڪو لائي. ڌوپڻ بعد لٽو ڪولي ڏسندو، استريءَ بعد ان جي بيهڪ کي ڏسي وائسي، چڪاسي، پوءِ ڏاڍي انداز سان ويڙهي ٺاهي رکي ڇڏيندو. جڏهن مالڪ کڻڻ ايندو ، تہ ان کي بہ تاڪيد ڪري ڇڏيندو تہ فلاڻا خيال سان ڪٽي وڃ! ڪاريگر کي جڏهن ايترو خيال ٿيندو تہ پوءِ سندس فن ڇو نہ آسمان تي پهچندو؟

انهيءَ فضل محمد خان جا لٽا شوقين پائي، سهڻا ريشمي رومال يا هٿن ۾ کڻندا هئا يا ڪلهن تي رکي هلندا هئا. رابيل، موتئي ۽ ٽانگر جون ڪَنديون پيسي ۾ تي ملنديون هيون، ڏزنن جي منهن ٻِڇيءَ ۾ وجهي، ۽ ڪي هٿ جي مُري ۾ بہ هڪ اڌ ٻَڌي، هلندا هئا. ڪي خاص شوقين تہ گلاب جو پاڻي بہ لٽن تي ڇڙڪائي پوءِ گهر کان ٻير ٻاهر وڃهندا هئا ـ ڀلا سڪر جو سانوڻ، تڪر جون گرميون، شام جي اُٻس، اهي سڀئي اهتمام اُنهيءَ لاءِ تہ ڪيا ويندا هئا!

الغرض، اهڙي ڪمام ۽ اهتمام، تياريِن ۽ تجويزن کان پوءِ شوقين ٻگين ۾ چڙهي ، لاڙوين ٻيهريءَ کان ٽورو اڳ براج جي پل تي اچڻ شروع ڪندا هئا. ڇٻن وارا طرحين طرحين جا ڪاچ ڪنيو اڳ ئي حاضر هوندا. ڪٽي پڪوڙا پيا پچندا، ڪٽي سنگر پيو تربو، ڪٽي ڇٽا پيا پُڇندا، چولا گرم الڳ پيا ڪُنن ۾ تڙڪندا، ڪٽي ٻِهہَ رڌل ڪُنيءَ ۾ موجود، ليمي جي لغار ۽ مرچن

(١) "پيراهن" چئبو هو موڪرن ٻانهن واري کي، جيڪو بت تي ڪشادو هجي ۽ گوڏن ٽائين پيو پوي. "چولو" چئبو هو ننڍي پيراهن کي. ٻنهي جون ٻِڇيون يا تہ پاسي تي هونديون هيون يا قميص وانگر وچ تي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ٻُرڪي سان، سيرو ـ پُوري گرمر گرمر جدا پيو ٻاڦون ڇڏيندو، دهي ٻڙا الگ، رڌل دال ڪاري مرچ جي ڇٽڪي سان ليسوڙيءَ جي پَن تي تيار هوندي، آچار ۽ ڪٺاٽيون ۽ چٽڻيون پاپڙن سميت پاسي ۾ پيل، سيخن تي چڙهيل ڪباب، ڪَندي جا ٽڪر، چاپ، ميچالو الگ، ٻصرن جو ڪچومر، جنهنۡ ۾ سائي مرچ جي ڪاتر ۽ ليمي جو چنڊوُ تيار، گرمر گرمر ڦلڪا ٻه ڍابڪي (١) ۾ پيل ، جيڪو وجي وٺي ته ويرمر ئي نه لڳي، ڪديو ۽ ڏنو، پٽاٽي چاپ قيمي پيل يا پاچين پريل ٻه موجود، دل ٿي ته دير ئي ڪانه، جهٽ پٽ آڏو اچي پهچندي، جليبي، پڪي مٺائي، پڳڙا، ڪند پڳڙا، گُبت، لائي، سُڪو سنگر، ڳڙ ۾ پڳل سنگر ننڍن ٻارن جي ريجهه لاءِ جداريءَ ڪُنڊ ۾ موجود هوندو. روهڙيءَ جون ڪارڪان، ڪتل، ڏوڪا، ڏنگ، ڏنگي ڪارڪان، ڪس ڏوڪا، ڪسرو، لوٽيون ڪارڪان، ڦڪا ڏوڪا، ڳاڙها ڏوڪا، چونهارا، آڏيا، خرمان ـ ڪي ننڍن ننڍن ٽوڪرن ۾ وجهيون، مٿان لٽو رکيون ويٺا هوندا، ۽ ڪي لوهن ٿالهن ۾ رکيون مٿان مکيون ويٺا هڪليندا، چانهه وارا الگ گاڏا جهليو بيٺا هوندا، سوڍا لمليٽ وارا برفن جون دنگيون زمين تي رکيون، ٻاٽليءَ ۾ گلاس وجهيون ۽ گاڏي تي رنگا رنگي ٻاٽليون سينگاريون، اجايلن جي تاڙ ۾ هوندا، پان بيڙيءَ وارا ڪاٿ مان ٺهيل ننڍن ڪٻٽن ۾ هاٿي

(١) ڪبِن جي نَون پوٽن مان، جن کي پَچَ چٺجي ٿو، جيئن پِنڊيون نهنديون آهن تيئن گول ديوار ۽ ڊِڪ سان ناهيندا هئا، جنهن ۾ مانيون وجهيبون هيون. گاهه ۽ پوٽن مان سنڌ اندر ڪيترا ٽيڙ نهندا هئا. مثلاً:

**ڪجيءَ** جي ٻَچَن مان وڃٽان، پڪا، پنڊيون، ڊابڪا هر قسم جا.

**ڪجيءَ جي پوٽن ۽ پيس مان** تڏا، تنٽوريون ۽ نُڪون.

**سڙن** مان ٿُوا ـ اولن لاءِ هيٺ وجهڻ لاءِ يا جاين جي ڇتِن ۽ منهن ۾ وجهڻ لاءِ؛ ۽ ڪوهه جي ماٻهه.

**ٻوڙي جي ڪانن** مان پترون ۽ مُوڙا.

**تِيلن** مان ٻُهارا، چڃ ۽ ٽوڪريون.

**ڪجيءَ جي پوٽن** مان ٻهاريون، ڪوهه جي مالهه ۽ لوٽن ٻڌڻ جون نوڙيون.

**ڪانهن** مان ڪلڪون لکڻ لاءِ ۽ ڪاري مس، ۽ پترن اولي لاءِ.

**ٻوڙن جي مُڃ** (يعني ڪانن جي مٿان جيڪو غلاف ٿئي ٿو) مان رسيون، واڻ، نوڙيون ۽ رسا.

**ڏٻ** مان مالهه ڪوهه جي، نوڙيون ۽ رسيون.

**پلال** مان وِهڻ لاءِ پنڊا.

**لنيءَ جي ڇهن** مان ٽوڪرا ۽ نوڪريون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇاپ، سيل ، بتي ڇاپ، ۽ پاسنگ شو (١) سگريٽن جا پڙا وڄهيون، ۽ هڪ ڪنڊ کان پان جو سامان رکيون، چانهه ۽ سوڍا وارن جو پاسو جهليو بيٺا هوندا. هر ڪو ڪوپ چانهه جو پيون، هڪ سگريٽ هڪ پان وٺائن ورتيون، پوءِ اڳتي وڌندو. هر ڪنهن ڪنڊ کان هوڪن جا هوڪرا لڳا پيا هوندا. ڪو ڪهڙي پيو لاٽ لوندو ته ڪو ڪهڙي پيو ٻولي ٻوليندو:

*

ٿَلي (٢) جو بادام !
موٽئي جي بهاري!
سچڻ! لمليٺ ۽ راسبري!
ٺڌي ٺڌي ڪُلفي!
سُهٽان ! هلي اچو!
ڪُش بوءِ (٣) ۽ ڪٿوريءَ واري!
شوقين ! هلي اچو!

*

ڪتل او! روهڙيءَ جا ڏنگ !
دوست رَئي پڪل ڏوڪا!
ڳاڙها ڏوڪا!
جوانڙا! هلي اچو!
ڦڪي رنگ جا ڏنگي ڏوڪا!
او لوڻ پيل ڪارڪان!

(١) هاٿي ڇاپ جي پڙي جو رنگ ڦڪو ۽ ان تي هاٿي ڇپيل ٿيندو هو. ٺورو پوءِ سائي رنگ تي به پڙو نڪتو، جنهن ۾ سگريٽان به سنهيون هونديون هيون. اهي ٻئي قسم اڌائي آني پڙي جي حساب سان ملندا هئا. 'سِيل' ڇٻو هو ڪينچي ڇاپ سگريٽن ڪي، سادي تي آني پڙو هو. بتي ڇاپ، جنهن کي 'لالٽين' به چوندا هئا، تمام گهٽ درجي جا سگريٽ هئا؛ عام ماڻهو اهي ڇڪيندا هئا. ٽڪي ڏهن سگريٽن جو پڙو ملندو هو. 'پاسنگ شو' ان وقت نئون مارڪيٽ ۾ آيو هو. بيڙين ۾ 15 نمبر مدراسي بيڙيون مقبول هيون. ان کان پوءِ سکر ۾ هٿ جون ٺهيل بيڙيون تمام ننڍيون، جن کي 'لونگائي' سڏيندا هئا، زياده چالو هيون.

(٢) سکر جي شاهي بازار ۾ ٿَلهي تي بادام جو مشهور شربت ملندو هو، سوڍا وارن باٽلن ۾ بند.

(٣) خوشبوءِ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پائو! ڪاڏي مڪياري!

*

شوقين هلي اچو!
چهر ٻهر چٽڻيءَ سان !
گرم چٽان!
چهردار چٽان!
چٽان دوست چٽان!
چٽان يار چٽان!

*

ڪواب ! (۱)
ادا ! شيڪ (۱) ڪواب !
گرم گرم !
ڏاڍو لءِ دار !
ڏاڍو سوادي !
ڪَندو پڪل!يارڙا !
چاپ جو ٽُڪڙُا!
جوانڙا ! چاپ!
چهرَ سان چاپ!
گوشت جي چاپ!
قيمي جي چاپ!
آلوءَ جي چاپ!
دلبر دوست، وَٺُر ڪيون وڃ، وَٺرُ!
ڏاڍا گرم گرم مال!
آچارن جا، چٽڻِين جا ميل!
بصرن جا ڪچومر!
مرچن جي ڪاتر!
پاپڙ ٽُڪُر مٿان!
چُٽڪو وٺو، چُٽڪو!
او يارڙا، چهري چٽڪو!

(۱) سيخ ڪباب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دلبر، لئي دار چٽڪو!

جليب!
سنگر پڪي مٺائي !
ڳائي گيهه جي !
سون جهڙي سچي !
جوانڙا، هليو اچ !
دلبر ، هليو اچ !

ڏهي بڙا !
تازا تازا !
ڏاڍا سوادي !
ڏاڍا چهردار !
ڏاڍا لءِ دار !
دلبر يار !
هليو آءُ ڀائو!
هليو آءُ دادل ؟

بيهہَ !
او بيهہَ !
ڏاڍا نرم !
ڏاڍا چهرا !
ليمي جي لغار !
مرچن جي ڦوڪ !
لوڻ جي ڇِهندَ!
ڪاءُ تہ خبر پوئي !
هبڪ نہ ڪر، دوست !
اٽڪي نہ بيهہ، يار !
بي فلڪو هليو آءُ !
گرم گرم بيهہَ !

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سوادي بيهہَ !
لست وارا بيهہَ!
چهرا بيهہَ!

*

شربت !
شربت پائو، شربت !
بادام وارو شربت !
بادام !
بادام يار، بادام !
مٺو يار، چٺو !
سٺو يار، سٺو!
مگز (١) جي تراوت !
هيان وَ جي ڪاڪَت !
موتيو !
آڏوءَ (٢) وارو موتيو !
موتيو يار موتيو !
هينئين جو ٺار !
ساهہ جو سينگهار !
پيءُ تہ پتو پوئي !
گلاسڙو پي ڏس!
هيانءُ ٺاري ڏس!
پيتيءَ مکيار !
پيتي مکيار!

پيسي ۾ ٽي !
ٽي ويا ٽي !
پيسي ۾ ٽي !
هلي آءُ !
پڄندو آءُ !

(١) مغز . مطلب دماغ. (٢) آڏو پساري شاهي بازار ۾ مشهور واپاري هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هليو اچ نندڙا !
هليو اچ نندڙا !
پيسي ۾ ٿي !
گُبتَ !
کنڊ جا گُبت !
منا گُبتَ !
ستا گُبتَ!

تکي ۾ !
چڙو تکي ۾ !
سڃو پاءِ!
پريو پاءِ!
هيانءَ ٺاري ڏس !
کاڏي مُکيار!
کاڏي مُکيار!
او پڳڙا يار ! جوانڙا ! پڳڙا !

*

تکي پاءِ !
دلبر، تي ويو تکي پاءِ!
دوست، تي ويو تکي پاءِ!
پڳڙن جو تکي پاءِ!
پڳڙن جو تکي پاءِ!
پرڪٺان پڳڙا !
چلڪيدار پڳڙا !
جرڪيدار پڳڙا !
بنا کل پڳڙا !
مگز ئي مگز !
پلي اچي وٺ !
پلي اچي ڏس !

*

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لائي!
مٺي ڳُڙ جي لائي !
نرم لائي!
سٺي لائي!
مٺي لائي!
پيسي ۾ بهاري!
پيسي ۾ بهاري!
اڇي جهولي پر !
اڇي جهولي
لُٽ تي، يار !
ڦُرِ تي، يار!
ڏُڪندو آءُ تنديڙا !
ڀَڄندو آءُ جوانڙا!

***

جو جاتي سو تاتي رڌل. ولر ماڻهن جا چوڌاري، سودو ڏيندي ڪٿا نہ پيا پڇندا. سڄو شهر مڙي اچي براج پيڙو ٿيندو هو. ڀلا ڪليل جاءِ، ٺڏڪار، ڇپر جي ساوڪن تي هير پئي هلندي، گلن جي بهاري جدا، تہ درياهہ شاهہ جو نظارو الڳ. ٻنهي پڪن تان واهن جا وهڪرا، گڙڪاٽ ڪيون پيون پُلين هينان پاڻي نڪرندو، لوهائن درن سان ٽڪر هيون ڇوليون مستن ۽ مجذوبن وانگر گُڦ(١) پيون ڪيندون. ساڄ ٻيلو هڪ طرف تہ روهڙيءَ جي باغن جي وٺڪار ٻئي طرف. جاڏي اک ڪڇندي، تہ هيانءُ پيو ٺرندو ! جاڏي منهن ڪبو تہ بهاري وٺي ويندي! ماڻهو ڇڳَٺَ ڪيون وتندا هواءِ جهٽيندا. ڪي ڇپرن تي ويٺا هوندا، تہ ڪي هٿ هٿن ۾ ڏيون ڏاڍيءَ لوڏ سان پيا چڪر ڏيندا. مطلب تہ شام کان پوءِ سڄيءَ خدائي جو ڇڻ جنسار اچي سکر براج جي پُل تي ڪٺو ٿيندو هو.

* * *

سکر جي مسلمانن ۾ بي پردگي ڪانہ هئي، بلڪ سڄيءَ سنڌ جو

(١) ڪف.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اھو حال ھو. اسان جون عورتون بيگمات ڪونہ ٻٽيون ھيون، بلڪ صحيح معنيٰ ۾ مستورات ھيون. ساداتن ۽ معززن جون عورتون ڪيڏانھن وينديون تہ برقعن پائڻ بعد بہ، پلويڙن ۾ ، ۽ گھٽو ڪري سج لٿي بعد، ھئو مئو تري ڪان پوءِ. وچولي طبقي واريون مايون بہ ساڳئيءَ طرح حجاب ۽ حياءُ سان اڇي محموديءَ (١) جو برقعو پائي، ڪنھن اھڙي ويلي وقت سان جڏھن رستي تي مردن جي پيڙ نہ ھجي. خيرپور يا حيدرآباد جي طرف جيڪي غريب عورتون بلڪ ٻانھيون ھونديون ھيون، سي بہ رئي مٿان اجرڪ ويڙھي يا اڇي چادر ويڙھي، ان سان منھن ڍڪي، فقط ھڪ اک ظاھر ڪري ھلنديون ھيون. انھيءَ ڪان ٿورو اڳ ماناڻيون مايون سٿڻ مٿان پڙو پائي، پوءِ ڪاڏنھن وينديون ھيون، جيئن برقعي جي ھينئين پڇاڙيءَ ڪان عورت جي سٿڻ تي بہ ڪنھن جي نگاھہ نہ پوي.

موٽر ڪونہ ھئا، تنھن ڪري سفر يا آمدرفت لاءِ بيل گاڏي، جنھن کي چوڏاري ڪيس جو پلويڙو ڏبو ھو، بگيون، جن کي پڻ پنيان چادر پڌبي ھئي، يا ڏوليون اُٺن مٿان محمل جنھن کي سنڌيءَ ۾ "ڪجائو" چئبو ھو. جي ڏولي لھندي، گاڏي بيھندي، يا اُٺ ويھندو تہ اتان ڪان جاءِ جي دروازي تائين ٻنھي طرفن ڪان نوڪراڻيون چادران جھلي بيھنديون، تنھن ڪانپوءِ عورت اندران نڪري، پير پٽَ تي رکندي. گھٽيءَ جي ٻنھي منھن تي بہ ماڻھو بيھاريا، جيئن مرد ماڻھو نہ لنگھي اچي. انھيءَ پردي داريءَ سبب ئي سنڌ ۾ چيو ويندو ھو تہ نَرَ پکيءَ کي بہ حاويليءَ مٿان اڏامڻ جي اجازت نہ آھي. ڪن ساداتن جي حاويليءَ ۾ تہ پيرين پاري مائي بہ وڃي نہ سگھندي ھئي، اھو ان ڪري تہ مٿان سندس پيٽ ۾ ڇوڪرو ھجي! مطلب تہ پردي لاءِ ايڏو اھتمام، ايڏو بندوبست، ۽ ايتري زيادتي ڪئي ويندي ھئي. انھن حاويلين ۾ ٽڻ وارو ڪير پياڪ ٻار بہ ماءُ کٽي نہ ويندي ھئي. پردي ۾ ايڏو غلو ھو. جيترو افراسياب جي ڌيءُ منيزه پنھنجي سلسلي ۾ بيان ڪيو آھي:

منيزه منم ، دخت افراسياب

تنم را برھنہ نہ ديد آفتاب

جڏھن عورتن جو انتقال ٿيندو ھو، تہ لحد ۾ انھن کي پنھنجا عزيز،

---

(١) برقعو ھميشه اڇي رنگ جو، گھٽو ڪري محموديءَ جو، استعمال ٿيندو ھو، وڏي گھيري سان. رنگين برقعو اسانوٽ استعمال ۾ پاڪستان ڪان پوءِ آيو. ۽ انھيءَ ڪان پوءِ ئي برقعو پردي داريءَ لاءِ نہ بلڪ بي پردگيءَ کي جاذب بنائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بلڪ عزيز بہ اهي جيڪي محرم هوندا هئا، لاهيندا هئا. عورتن جو قبرستان بہ گوشائتو ٿيندو هو. قبرون پڪيءَ ديوار جي اندر، يا قبرستان کي وڏي اوڏڪي يت ڏياري چڏبي هئي.

سنڌ جي هندن ۾ البتہ نئين زماني اچڻ بعد پردو گهٽ ٿي ويو، يعني اهو بہ فقط عاملن ۾. ٻائي ٻندن ۾ ۽ ٻاهراريءَ جي هندن ۾ وري بہ پردو قائم رهيو، ليڪن ايترو سخت نہ جيترو مسلمانن ۾ هو. پردي نہ هجڻ واريءَ حالت ۾ بہ اهي پنهنجن نياڻن سياڻن کي اٿين چڙواڳ چڏي ڪونہ ڏيندا هئا. حياءَ ۽ حجاب، ننگ ۽ ناموس، اک جو شرم، سينڌ جي لڄ، منهن جو مرم مردن ۾ بہ هو ۽ عورتن ۾ بہ. مرد ٻاهرين ڪمن کي پيا متو ڏيندا هئا ۽ مايون گهرن جا چپر جهليون، گهر کي بهشت بڻايون ويٺيون هونديون هيون. ٻاهران هتَو تتَو، ٽڪو ٽتو، مرد گهر ۾ آيو، در کان پير اندر وڌائين، تہ سيئي ٽڪ لهي ويندس، جڻ اتي اچي پهتو جتي فقط محبت ئي محبت آهي. اطمينان ۽ خوشي آهي، مسرت ۽ مزو آهي. اڄ وانگر گهر ڪونہ هوندا هئا، جو گهر نوڪرن جي حوالي، ٻار آيائن جي هنج تي، ۽ ٻيبين کي لٽو ڪنڌ ۾، سڄو ڏينهن وتن غرارا لوڏينديون ۽ گهٽن سيرن ۾ جاتا هٽنديون ۽ چاڪوڙ ڪنديون. اڄ مرد گهر کان ٻاهر رهڻ ۾ اطمينان ۽ عافيت سمجهن ٿا، ليڪن انهيءَ دور ۾ ڪم ڪار لاٿي ڪانپوءِ مرد گهرن ڏي ائين منهن ڪندا هئا، جيئن جهنگ چري مال وٿاڻ ڏانهن وري. اڄ گهر ائين پيا لڳن، جڻ مسافرخانا آهن يا سراءِ، جتي هرڪو هلي اچي، چڙو رات جا چار پهر آجهاپ ڪري . صبح ٿيو ۽ وري لٽو مٿي تي، الھہ واهي ! بلڪ هاڻي تہ الھہ واهي بہ ڪانہ. جنهن کي جاڏي وڻي ، ٻنان جهل پل پَٽي پاڻ وندرائي. گهر کان ٻاهر جيڪا زندگيءَ ، تنهن جو نالو 'پرائيويٽ لائيف' ٿيو. جنهن جي پچڻ جو اختيار موجوده تهذيب مطابق مرد کي بہ ڪونہ آهي. ۽ جڏهن عورت ' پرائيويٽ لائيف' شروع ڪئي تہ مردن بہ بہ وڪون اڳتي وڌائي پنهنجي "پرائيويٽ لائيف" جا خيما کوڙيا. ۽ اهڙي طرح اسان جو سڄو معاشرو تباھہ ۽ برباد ٿي ويو، سک، راحت، آرام ۽ آسائش ڪانہ رهي، سڄو نظام ٽٽي پيو. ۽ گهرن سان گڏ سڄي معاشري ۽ معاشرت جون تيليون مُنج ڏار ٿي ويون.

سو مٿي ڳالھہ ٿي ڪئيسي تہ انهيءَ دور ۾ سکر اندر اگهاڙي منهن گهٽو ڪري گهرٻتي عورت ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي هئي. مرد ڪيترو بہ خراب هجن، ليڪن اندر ويٺيون عورتون عزت ۽ ناموس جون نگهبان هونديون هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عصمت جا نيلام ائين ڪو نہ ٿيندا هئا، جيئن اڄ ٿا ٿين. عفت جو تين واڪ ائين نٿي ٿيو، جيئن هاڻي پيو ٿئي، عورت پنهنجي جسم کي ايڪ - ٻه - ٽين ائين ڪونہ ڪيو هو، جهڙيءَ ريت اڄ هن ڪيو آهي. حقيقت ۾ عورت جڏهن پنهنجي عزت پاڻ لاهي هٿ ۾ ڪئي، تڏهن مردن بہ ان کي وڻج ۽ واپار جو وکر سمجهيو. عورتون ائين سينا ساهي، ڊنائيءَ سان اکيون سڌيون ڪري چشمن جا چالا ڪونہ ڪنديون وتنديون هيون، جيئن اڄ. ائين پيو معلوم ٿئي، ڄڻ جرمل (۱) جي فوج جو ڪو جرنيل ٻڙچيون ۽ پلا ڪنيو مٿؤن چڙهندو پيو اچي - اجهو ڪي اجهو اچي سيني جي سپرد ڪيائين. اُنهن ڏينهن ۾ ڊاريون تہ دور رهيو، ليڪن اسان جون عورتون پنهنجي مردن اڳيان بہ اک کٽي ڳالهائڻ بي حيائي ۽ بي ادبي سمجهنديون هيون.

* * *

براج جي پل تي شام جو نقط کي ٻاهريون طوائفون (۲) ڏسبيون هيون، جيڪي سورنهن سينگار ڪري، ٽانگن تي سوار ٿي، شڪاربوري رستو ڏئي، ٺڪر جو چڪر هڻنديون، ليوڪس پارڪ کان پراڻي سکر وجي يا لينسڊائون برج کا وجي بندر وٺنديون، يا وري موٽي اچي معصوم شاهہ جي لاهيءَ کان لهي، فوجداريءَ جي اڳيان لنگهنديون ۽ سائين ڪرم علي شاهہ جي باغ وارو رستو ڏيئي، قاضي محمد سومر ۽ قاضي فقير محمد جي ڪٽر مشين وٽان ٿينديون، سردار علي شاهہ جي ڪارخاني واري موڙ کان اسماعيل جي حاطي جو پاسو ڏئي سڌو وڃي براج ۾ پونديون، ۽ اتان اچي پل تي پهچنديون هيون. انهن سيني رستن تان گهورن سان گهائينديون، ماڻن سان مارينديون، ايندڙ ويندڙ سان چار چشمي ڪنديون، مرڪنديون، مشڪنديون، اکيون پٽينديون، گويا پنهنجي حسن جا هٿنبل (دستي اشتهار) ورهائينديون،

(۱) سنڌ ۾ پهرينءَ لڙائيءَ بعد جرمن جي فوج جو وڏو ڌاڙو هو. ٻاهراڙيءَ ۾ ان کي "جرمل" جي فوج سڏيندا هئا.

(۲) سکر يا سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ ڪچريون، يا رنديون ٻاهر کان آيل هونديون هيون. سکر ۾ پنجاب ۽ پشاور کان، ۽ حيدرآباد ۾ گجرات جون جنکي "ماڙيچڻيون" چوندا ها. ڪراچيءَ ۾ هندستان جي مختلف شهرن ۽ صوبن مان آيل هيون. قمبر، ڏوڪري، لاڙڪاڻي ۽ ڪن ٻين ننڍن شهرن ۾ چند سنڌي ڪسبياڻيون پيدا ٿيون، جيڪي گهڻو ڪري سنڌي زميندارن جون "ويهاريل" ۽ "سينڌيون" هونديون هيون. انهن کي مقامي حيثيت حاصل هئي، عام ڪسب نہ ڪنديون هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايندڙيون هيون. رنگين لٽا (شوخ رنگن سان)، لپ اسٽڪون لبن کي لڳل، اک ڪجل سان ڪڪڙي، ڳهن سان جهنجهيل، پان وات ۾، سگريٽ آڱرين ۾، ۽ رومال هٿن ۾ ڪيون، تجلا ڏيندڙيون ايندڙيون هيون.

اُهي سيئي رستا اُهي هئا، جن تي شام ڌاري 'برادران اسلام' جي هلچل زياده رهندي هئي. بندر روڊ ڏئي، گهٽو ڪري گهٽ هلندڙيون هيون: اتي وينا هوندا هئا وڏا وڏا هندو سيٺيون. تلها پيٽ پٽاريون، ۽ وٺن چلمن جا ڊگها نڙ ٻڙڪن لاءِ وات ۾ ڏيون. انهن کي اها مسلمانن واري "حسن پسند نظر" ڪٿي هئي؟ اها اک ئي ڪانہ هين، جيڪا حسن پرکي ۽ پروڙي سگهي، نہ ايڏي دل هين، نہ ايترو مضبوط جگر، جنهن ۾ ڪنهن جي پنبڻن جا پيڪان پيوستُ ٿي سگهن. پوءِ اهڙي لاحاصل رستي تان لنگهڻ ئي چڻ سينگار جو زيان، بلڪل فضول ۽ بيسود. البت ڊپٽي پير بخش، سو ڪچهري لايون ويٺو هو، ليڪن اهو بہ تہ پينشن ۾ هو، ۽ ان لاءِ اهو ئي مشهور هو تہ نوڪريءَ واري مدي کان بہ زياده عرصي تائين سرڪار جي پينشن کائي چڪو آهي.

* * *

شام جو پنجين کان وٺي لڙيءَ سومهياڻيءَ تائين براج جي پل تي ڇهڇٽو هوندو هو. سکر جا ڏينهن سانوڻ ۾ اگرچ دوزخ هئا. ليڪن راتيون اهڙيون جهڙيون بهشت. سج لڙندو تہ هير هلي پوندي، لوڻ لوڻ کي ٺاري ڇڏيندي. سير سپاٽا ڪري، روح وندرائي، ديدن سان ديدن جا مقابلا ۽ معرڪا ڪرائي، ڪم ڪار جا ٿڪ پيچي، ۽ سڄي ڏينهن جو اوبر لاهي، هر ڪو دير دير سان پيو اتان گهر موٽندو هو، جتي سندن لاءِ کير جا ٿڌا وٽا، مٺا انب (۱)، تازيون ڪارڪان (۲) ۽ اچن چانورن سان پريل رڪابيون اڳ ۾ ئي

(۱) اپر سنڌ ۾ ٻن قسمن جا باغ ها: انبن جا باغ ۽ ڪجين جا باغ. لاڙڪاڻي، شاهہ جي ڳوٺ، روهڙي، خيرپور، پريان لوءِ، نيڙهيءَ، ڪوٽ مير محمد ۽ پير ڳوٺ ۾ انبن ۽ ڪجين جا باغ عام جام ها. خيرپور ۽ ڪوٽ مير محمد خان جا ٽالپر انبن جا شوقين هئا ـ انهن جي انبن تي خاص نالا رکيل هئا ـ مثلاً:

خيرپور جي سيد عابد علي شاهہ جي "**باغ غلام فريد**" ۾ هيٺيان قسم هئا: **روح افزا، راحت روح، هريڙ وارو، گلابي، طوبي**.

نيڙهيءَ ۾ مير واري باغ جا مشهور انب هئا: **وزير وارو حبيب، بمبيءَ وارو، بادشاهہ پسند، پٽاشو.**

خيرپور جي لال بنگلي واري باغ جو انب **پاپي**.

پير صبري واري باغ جو **ڏونگهي**.

پٺاڻن واري باغ جو **شير و شڪر**.

ڳوٺ چونڊري جي باغ جو **نيڙي**.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موجود هونديون هيون، ڪنهن جي چهرَ تي دل تيندي هئي تہ پنهنجي دسترخوان تي عبدالرحمان جي هوٽل تان 'پڳيلا' جي 'هاف پليٽ' گهرائي وٺندو، ورنہ ساوٽي رات ۾ ڪاڏي جو اُهوئي دستور هوندو هو، جنهن تي "بسم الله!" ڪري هرڪو گوڏا پيچي اچي ويهندو.

* * *

مان "نياز" مرحوم جي سلسلي ۾ جنهن مجلس جو مذڪوره ڪرڻ

---

ڪوٽ مير محمد خان جو **جهنگ سيال**.

پير ڳوٺ جا انب ۽ باغ بہ مشهور هئا. پير جيئل شاهہ مرحوم جو هوائي باغ مشهور هو. پير علي محمد شاهہ جا باغ. ڪوٽ پير حسام الدين شاهہ جي پاسي ڏانهن. پنهنجي زماني ۾ عالم آشڪار هئا جيڪي پوءِ برباد ٿي ويا.

ڪوٽ مير محمد خان جو مالڪ مرحوم مير محمد خان اسان جي ڏاڏي مرحوم ڏانهن موسم ۾ انبن جي ٽوڪرن جون ٽيڙيون پرائي موڪليندو هو ۽ انب جي هر داڻي تي نالو لکيل هوندو هو تہ هي ڦلاڻو انب آهي.

هن وقت خبر نہ آهي تہ اُهي باغ آهن يا برباد ٿي ويا، مالڪ ڪاڏي ويا، انبن جو بنياد رهيو يا ختم ٿي ويو. خيرپور ۾ لال بنگلي وارو باغ بہ مشهور هو، ڏيوڍيءَ جو انب مشهور هو. خاص انبن جي پاڙن ۾ ماکيون، کير، گلاب جا پاڻي ۽ ٻيا عرق خوشبودار پرتيندا رهندا هئا. جيئن اها خوشبوءِ ۽ اها لذت ڦر ۾ پيدا ٿئي.

ٻاهران آيل انب انهيءَ دؤر ۾ مشهور ٿيا.

**سهارڻ پوري** - گهڻو ڦر ڏيندڙ، اڌ پاءُ، ڪان ڏيڊ آنو تور داڻو.

**پير وارو**: مير صاحب وڏي جي باغ جو داڻو آنو سوا تور، بيحد مٺو.

**مهدي**: گهڻو ڦر ڏيندڙ، ٽيڪي ۽ پال جي لائق.

**ڪريلو**: ننڍو ڊگهو ڪريلي جي نموني تي.

**بمبئيءَ وارو**: بمبئي جو تخم ورتل، داڻو اڌ پاءُ، خوشبودار.

**نيلم بمبئيءَ وارو**: ٻاڇاٽو، لذيذ.

**بمبئيءَ جو خوشبودار**: ڪاٽڻ بعد پهر پاڇو اوڳرائيءَ ۾ خوشبو پيئي ايندي.

**لاهوري**: مير صاحب جي باغ ۾ هو، داڻو منو پاءُ تور، لذيذ شيرين.

**دسهري**: ٻاهران آيل، ڳردار، ٻاڇاٽو، داڻو منو پاءُ.

**سنڌي**: گول داڻو، ڳردار، ٻاڇاٽو.

**جهونا ڳڙهي**: جهونا ڳڙهہ جي لال باغ مان چڪي آندل، آڳاٽو وڏف جهڙي خوشبو.

**جهونا ڳڙهي**: هي بہ لاال باغ مان آيل، گهڻو ڦر ڏيندڙ ۽ آڳاٽو لهندو هو. ڳاڙهي ٽيڻ تي يڪدم ڪاٽڻ سان ٿورو ترش لڳندو، بہ ڏينهن رکي ڪاٽبو تہ نارنگيءَ جهڙي خوشبو ايندي.

**قلمي**: ٻاچاٽو، داڻو منو پاءُ.

**لال پنو**: تخمي، گهڻو ڦر ڏيندڙ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهران ٿو، سا لڙيءَ سومهياٽيءَ بعد، هائو مائو ٿرئي، پُل ڪان بہ پرينءَ پر بچل شاهہ جي مياٽيءَ ڪان ٿورو اورتي، درياءَ شاهہ جي نريءَ ڪنار تي ٿي هئي. اسان انهيءَ زماني ۾ " سنڌ زميندار" ڇڏي " ستاره سنڌ" پهريان باءِ ويڪلي ۽ پوءِ روزاني ڪڍي هئي، ۽ بجلي گهر جي پڪَ ۾، منگهن مالهيءَ واري باغ ( شرڏانند پارڪ) جي سامهون ديوان پوجسنگ واري بنگلي ۾ رهندا هئاسين.

لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ دوست، جيڪو سنڌ جو بهترين ڪافي گو شاعر بہ هو، پنهنجي نئين گهر واريءَ سميت اچي سکر ۾ رهيو هو. گهر

---

**ڪٿوريو:** هي انب شهزادي مير غلام حسين خان جي باغ ۾ هو، خوشبودار، ڪائيندي يؤ نہ ٿيندو.

**شاهہ پسند:** هي بہ موصوف جي باغ جو آهي، ڳردار، مٺو. پر سيد عابد علي شاهہ جي باغ واري **روح افزا** جو جواب نہ هو.

(2) ڪارڪن جا باغ خيرپور، روهڙيءَ ۽ لاڙڪاڻي وغيره ڏانهن مشهور هئا ۽ اجا بہ آهن، پر اها پرگهور، هندن جي وڃڻ بعد، شايد نہ رهي آهي. ڪارڪن جا هيٺيان قسم خاص هئا:

**اصيل:** هن جا ڏنگ، ڪتل، چونهارا، قطيفيون، آڏيا ٿيندا ها. بمبئيءَ تائين هن جي ڪتل ويندي هئي.

**ڪڙهہ واري:** خيرپور ۾ ڪڙهہ ۾ خود رو ٿي هئي. ڏوڏي نرم، شرين ۽ نهايت لذيذ. ان جا ڏنگ ۽ ڪتل بہ ٿين ٿا پر ڏوڏا مشهور هئا.

**اوطاقڻ:** مير صاحب جي اوطاق وٽ خود رو پيدا ٿي، ڏوڏو وڏو، لذيذ شيرين، آڏيا، چونهارا ٿين ٿا.

**ڏيڍيءَ واري:** مير صاحبن جي ڏيوڍيءَ (حويليءَ جي دروازي) وٽ خود رو پيدا ٿي. ڏوڏو وڏو، رنگين، ڪاڏي ۾ دل پسند، خوش ذائقہ، آڏيا، چونهارا ۽ ڪتل سٺا ٿيندا هئس.

**ڪر نوئر:** خوبصورت، رنگين، ريشہ کان سواءِ، سبزي مائل، آڳاٽي لهندڙ، ڏنگ سٺا ٿيندا هئس.

**ناريل:** ڏوڏو ۽ ڏنگ اڌ آنو تور ٿيندو هوس، پاڇاٽي لهندي هئي.

**گجر:** هنجي رڳو ڪتل ٺئي ٿي. نهايت مٺي.

**بيگن:** ڏوڏو، ڏنگ وٽندڙ، ڪتل ٺئيس ٿي، وڏي سائيز جي ٿيندي آهي.

**فصلي:** آڳاٽي لهندڙ، ڏوڏا ڏنگ نهايت نرم، هن جا ہہ - ٽي قسم ٿيندا آهن - ساوڙا، ننڍو ڏوڏو، ڏنگ، وڏو ڏوڏو، هيڊو رنگ.

**بصري واري:** اصيل، ڏنگ، ڪتل، قطيفيون جڏهن ڏنگ ٿين تہ ان جو بوهارو پاڙون وڍي، اس ۾ رکي چڏجي. عراق کان آيل. نيڙهيءَ جهڙي خشڪ ۽ نرم ٺئي ٿي، قطيفيون ۽ آڏيا پڻ ٿينس ٿا. هيءَ بنا نر وجهڻ جي ڦر ڏئي ٿي.

**وڏي ڪربلائي:** ڏوڏو وڏو، رنگين، ڪتل مٺي ٺهس.

**ننڍي ڪربلائي:** گهٽو ڦر ڏيندڙ، ڏوڏو ننڍو، ٿورو ڪڪوربو ۽ رنگين ٿيندو تہ روڙي ڪائجي، نهايت لذيذ ۽ مٺو، پيٽ تي بار نہ ڪندي، نهايت هلڪي، هاضم.

**نوري:** ڏوڏو وڏو، گول، ۽ موچارو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارن جي سلسلي ۾ هن جو اهو ئي نظريو هو، جيڪو حضرت شيخ سعدي عليه الرحمه جو، يعني:

زني نوکند مرد، درهر بهار
که تقويم پارين، نيايد بڪار

هر سال نئين جنتري گهر ۾ آڻيندو هو ۽ پراڻي سال جي جنتري يا ته دفتر داخل ڪندو هو يا رديءَ ۾ هلي ويندي هئي. اگرچه مون کي سندس انهيءَ عمل کان سخت نفرت هئي، ليڪن سندس فني عظمت ايڏي وڏي هئي، جو هميشه سندس اڳيان منهنجو ڪنڌ جهڪيل رهندو هو. هن دفعي جڏهن سکر آيو، ته نئين ڪنوار ڪڇ ۾ ڪيون آيو، جيڪا اصل ته هئي ڪا ڳائڻ وڄائڻ واري، ليڪن تازو منهنجي دوست سان نڪاح وجهي، ۽ انهيءَ نڪاح کي وري مستقل ۽ دائمي سمجهي، گهرٻار ٻڌجي ويئي هئي.

اسان ٻئي ياڙ ۽ مهمانن جو اهو جوڙو، ماني تکي کائي، هڪ لڙيءَ سومهياڻيءَ جو مٿينءَ جاءِ تي وڃي پهتاسين. خيال هو ته گهڙي پلڪ تفريح ڪري، ٿوءِ اچي ننڊ ڪجي. آدم نه آدمزاد. نه وري ڪا آدم بوءِ ئي ويجهيءَ جَڳَهَ ۾ هجي. بلڪل سانتڪو سنسو. چانڊوڪي چوڏهينءَ جي، ڏکڻ به چوي ته اڄ نه گهلان ته ٻيو ڪڏهن گهلان، وڻن ۾ هواءِ جا واڪا. پن هڪ ٻئي سان ٺهڪي، ائين پيا آواز ڪن، ڄڻ معصوم ٻارڙا خوشيءَ منجهان پيا تاڙيون وڄائن. ڏکڻ تي دريا شاهه جي موجن کي به مستي، اٿي اٿي پيون هڪ ٻئي سان ڳراٽڙيون وجهن، گويا ڪي حسين عورتون رات جي ڊَڪيءَ ۾ تڙ ڪندي، پاڻ ۾ کيڏي رهيون آهن ۽ پاڻيءَ مان ڇيلهه تائين ٻاهر نڪري، هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڇنڊا هٽي ڪچڪار ڪري رهيون آهن.

ويٺي ويٺي، مائيءَ ڀريون ته پاڻ هرتو جهونگارڻ شروع ڪيو، ليڪن سٽت ئي ڪن تي هٿ رکي اچي الاپ ۾ پئي:

دل منهنجي دوست ڏُتاري، ڙي اديون! ٻاهه ته ٻروچل ٻاري، ڙي اديون!
چو تيون منهنجو جيڏيون جگر جلايو!

---

**عيدن شاهه جو کيڙو:** وڏو ۽ گول دائو، پچڻ بعد رنگ جو ڪارو ٿئي ٿو.

**اشرفي:** نجف مان هڪ ٿالهر آندي هئي، ڏوڏو ڊگهو، ڳرو ۽ ڏنگ يا ڪتل تعريف کان ٻاهر.

**خدائن:** هن جا گهٽا قسم ٿين ٿا، هڪ قسم اهڙو آهي، جو ڀريون زرد پيلو ۽ جڏهن ڏنگ ٿئي ته ڳاڙهو ٿيو پوي، کائڻ ۾ عمدو، ڪتل بي ريشه، سبزيءَ مائل.

خيرپور، سکر، روهڙي ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ کارڪن جا گهٽ ۾ گهٽ 90 قسم ڪن ٿيندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل منهنجي ........................
جنِ ڪان جانبُ ٿئي جدا، تن کي ڏجي ڪا دلداري، ڙي اديون!
اَوهين ويتر طعنن ساڻ تپايو.
دل منهنجي ........................
پَلپَل پايان پرت مان، پاندُ ڳچيءَ ۾ ڳل ڳاري، ڙي اديون!
مون کي هيڪر پنهنجو محب ملايو.
دل منهنجي ........................
سهسين سڪائون ڏيان، هوتُ اچي هِڪواري، ڙي اديون!
رکيو ويٺي آهيان روح منجهه رايو.
دل منهنجي ........................
ڏيندسِ عجزَ "نياز" سان، سورن جي هيءَ سُڌ ساري ڙي اديون!
سڄڻ منهنجو سرتيون اڱڻ جڏهن آيو.
دل منهنجي ........................(١)

مرحوم "نياز" جي ڪافيءَ، مائيءَ جي سريلي ۽ سوزيلي آواز ۾ رچي، اهڙو رنگ رکي بيٺي، جو لونءَ لونءَ ڪاندارجي وئي. اڄ پورا 26 ساوڻ انهيءَ واقعي تي لنگهي ويا، اُها مائي به خبر نه آهي ته جيئري آهي يا وڃي اڳئين ڏيهه پهتي، انهيءَ دوست جي جوانيءَ ۾ پڻ جهريون پئجي ويون، اسان کي به اچن اچي منهن ڏنو. سڪر ويو، سڪر وارا ويا، ديسين ديس چڙيو، آديسين اچي آستان ڪيو، نه اهي ڏينهن رهيا، نه اُهي راتيون رهيون، اُهي ميڙاڪا ۽ اهي مجلسون به ختم ٿيون، ڪيترا دوست ڪيترا يار ڪيترا ساٿي

(١) اها ڪافي پوءِ برادر معظم جناب پير علي محمد راشدي صاحب ڏانهن حضرت "نياز" هيٺئين خط سميت پنهنجي هٿ اکرين موڪلي هئي:

لاڙڪاڻو 26-7-57

جناب بنده نواز،

نيازن بعد عرض ته آءٌ سخت بيمار آهيان، ان هوندي به جيئن تيئن ڪري حڪم جي تعميل ڪري ٿو موڪليان.

بنده نواز علي جعفري

To, Pir Ali Mohammed Sahh Rashdi, Esq.
170/D P.E.C.H Society
Near Nursery, Karachi.

مان هيءُ خط نقل ڪيو منيلا ۾ بتاريخ 18-7-1960 رات جو اٺ لڳي ڏهن منٽن تي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ سنگتي زندگيءَ جا سفر طيءِ ڪري منزلون مٽي ويا، زماني جي گردش
فتبال جان اڇلائيندي اڇلائيندي خود اسان کي به ڪٿي اچي ڪٽان جو ڪتي
پهچايو، ۽ خود اهو "نياز" به نه رهيو ... ليڪن اڄ به جڏهن خيال اچي ٿو، ته
جڻ ڪَن 26 ورهين اڳ جي بدل انهيءَ آلاپ کي پيا سُڻَن:

دل منهنجي دوست ڏتاري ڙي اديون! باهه ته باروچل باري، ڙي اديون!
چو ٿيون منهنجون جيڏيون جگر جلايو!
دل منهنجي ......................(الخ)

---

ختم ٿيو
28.8.60
ڏيد بجي منجهند جو
شروع ڪيم 8 فيبروري ۰ 1960ع، جو.

23, Santa Rosa Street,
Son Francisco, Del Monte,
Quezon City Manila (Philippines).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿـي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئـي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪـتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book